# آمريڪا جا سنڌي

(قديم آمريڪا ۾ آباد ٿيندڙ آمري تهذيب جي ماڻهن جو احوال
ريڊ انڊين/ ڳاڙهن سنڌين پاران اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ قديم تهذيبون
مايا، ٽولٽيڪ انڪا، ازٽيڪ وسائڻ سنڌن رهڻي ڪهڻي
۽ پنهنجي وجود جي بقا لاءِ ورتل ڪوشش بابت نئين تحقيق)


ليکڪ
**جان ڪوليئر**

سنڌيڪار
**عطا محمد ڀنڀرو**



Sindhica
سنڌيڪا

# فهرست

**مهاڳ** ........................................ 5

باب پهريون

**اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ سنڌين جون قديم تهذيبون** ........................................ 19

باب ٻيون

**آمريڪا ۾ سنڌين جو ابتدائي دور** ........................................ 40

باب ٽيون

**انڪا شهنشاهيت** ........................................ 53

باب چوٿون

**قديم ثقافتي ۽ مذهبي اهڃاڻ** ........................................ 81

باب پنجون

**اسپيني فتح** ........................................ 103

باب ڇهون

**اسپيني حڪمراني ۽ لاس ڪئساس** ........................................ 132

باب ستون

**آمريڪا جا سنڌي ۽ جمهوريتون** ........................................ 136

باب اٺون

**يونائيٽيڊ اسٽيٽس جا قديم سنڌي** ........................................ 152

باب نائون

**ريوگرانڊي جي اترئين علائقي جي فتح** ........................................ 175

باب ڏهون
اروڪيوئس ۽ چيروڪي نسل جا سنڌي............................186
باب ٻارهون
ڪيليفورنيا ۽ ميدانن جا سنڌي......................................220
باب تيرهون
پهرينءَ هلچل جي ابتدا ۽ ڪاميابي .................................245
باب چوڏهون
سنڌين سان نئون معاهدو..............................................267
باب پندرهون
سنڌين جي زندگي بابت اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا جي پهرين ڪانفرنس .297
باب سورهون
اختصار ۽ اڳڪٿي..........................................................315

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

# مهاڳ

اوهان جي هٿن ۾ 1947ع ۾ شايع ٿيل، جان ڪوليئر جي ڪتاب ”آمريڪا جا سنڌي“، جو ترجمو آهي جان ڪوليئر آمري ڪا (آمريڪا)۾ 1919ع کان 1933 تائين سنڌين جي حقن جو وڪيل رهيو بعد ۾ 1933ع کان 1945ع تائين سنڌين جي معاملن جو ڪمشنر رهيو.4 مئي 1884ع ۾ ڄاول هن ڏاهي شخص، آمريڪا جي اصلي سنڌين جي ڀلائيءَ لاءِ وسان نہ گهٽا يو. هن ٻارنهن سالن جي مختصر عرصي ۾ سنڌين جي زندگين ۾ ڏسڻ ۾ ايندڙ مثبت تبديلي جي شروعات ڪئي توڙي جو گهاءَ گهڻا هئا مرهم معمولي، ساڍين چار صدين جي تباهي ءَ ۽ بربادي ءَ جو تدارڪ ٻارنهن سالن ۾ ممڪن نہ هو پر پوءِ بہ هن ڳاڻ ڳٽيي مڙس سنڌين لاءِ نوڪرين جا موقعا،زمينن جي رک، زمين جي ڪاٽ کان بچاء ۽ ضابطو. زمينن جي مالڪيءَ جا معاملا ، ٻيلن جي بحالي،روڊ رستن جو ڄار، ٻارن لاءِ گهربل اسڪول، صحت ۽ ٻين عام ڀلائيءَ جي معاملن لاءِ پاڻ پتوڙيو . جان ڪولئير کي نہ صرف سنڌين جي تاريخ جو ادراڪ هو ،پر ان سموري تباهيءَ ۽ بربادي جي رڪارڊ تائين پهچ بہ حاصل هئي، جنهن جي بنياد تي هن پنهنجي ڪتاب کي ٻارنهن بابن جي تاجي پيٽي ۾ ساڍين چئن صدين کي قلمبند ڪيو آهي جان ڪوليئر 8 مئي 1968ع ۾ 84 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.

جان ڪوليئر باب پهرئين ۾ اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ سنڌين جون قديم تهذيبن مايا، ٽولٽيڪ انڪا، ازيڪ ۽ ٻين جو تذڪرو ڏاڍو جامع ۽ گهڻ رخو ڪيو آهي تنهن ڪانسواءِ هڪ ڪُليل وضاحت هيٺن بيان ڪئي آهي تہ:

”انڊيا معنيٰ ڀارت يا هندستان نہ پر سنڌ آهي. چاڪاڻ تہ هي لفظ انڊس يعني سنڌو۔ درياهہ تان ڪنيو ويو آهي. ان جو مطلب اهو

ملڪ جنهن مان سنڌو وهندو آهي. پوئين دور جي ٽالمي ۽ ائرين ساري هندستان ۽ پاڪستان کي انديا (سنڌ) جي نالي سان سڏيو هو. يورپ جي ٻين ماڻهن به سندن پيروي ڪئي آهي. اهڙيءَ ريت انڊين جي اصلي معنيٰ هندستاني يا ڀارتي نه پر سنڌي آهي ريڊ انڊين جو مطلب به ڳاڙها هندستاني نه پر ”ڳاڙها سنڌي“ آهي. قديم آثارن جي جڳ مشهور آمريڪي عالم والٽر اي. فيئر سروس (Walter A. Fair Service) پنهنجي ڪتاب Harappan civilization) (and its writing ۾ لکيو آهي ته ريڊ انڊين سنڌي آهن. جيڪي موهن جي دڙي جي عروج واري زماني ۾ سنڌو- تهذيب وارن علائقن مان هجرت ڪري يورپ کان ٿيندا الاسڪا اسٽيٽ کان ڦري ڏکڻ ۽ اتر آمريڪا (آمري- ڪا) ۾ پکڙجي ويا هئا “

باب ٻئي ۾ آمريڪا جي سنڌين جي پورهيي جي واڪاڻ جا ڏِک پريل آهن جنهن ۾ وضاحت سان بيان آهي ته مايا، ٽولٽيڪ انڪا، ازيڪ ۽ ٻين تهذيبن جي سنڌين زراعت کي ڪيئن اوج تي پهچايو پيوندڪاري ۽ ٻين ڪوشش ذريعي پٽاٽن (Potato)، شڪرقند (Sweet Potato) ولايتي گجر ۽ ڪساوا (Manioc) ۽ ٻين اناجي جنسن کي متعارف ڪرايو . ڪساوا جي جنس مان ٽئپيوڪا (Tapioca) جي جنس پيدا ڪئي وئي، جيڪا هاڻي اوشينيا (Oceania) ۽ خط استوا (Tropical) وارن ملڪن ۾ ٿيندي آهي. اهڙيءَ ريت اناس (Pineapple)، اووڪئڊو (Evocado)، آٽيچوڪ (Ortichoke)، ٻوهي مڱ (Peanut)، ليمون (Lem)، فرائجول (Frijol)، راهن جو قسم (Kinney)، ٽوئڪا ڦري (Tonkabeans)، ڪدو (Pumpkin)، پينو (Squash)، چاڪليٽ (Choclate)، ڪوڪين (Cocain)، ربڙ، ڪونين (Quininue) ۽ تماڪ جهڙيون نيون جنسون ڪيئن متعارف ڪرايون

ٽوڙي جو هن ڪتاب ۾ مايا، ٽولٽيڪ انڪا، ازيڪ ۽ ٻين تهذيبن جي آرٽ ، ڪلچر ثقافتي شين جهڙوڪ تيرن ۽ ڏڪن جون پٿر جون آٽيون، ڇريون ۽ ٻيون گهڙيل شيون، جيڪي ٽيڪساس (Texas)، نيو ميڪسيڪو (New Maxico)، آريزونا (Arizona)، ڪئليفورنيا (California)، اٽا (Utah)، ۽ نيواڊا (Nevada)، اوريگون (Origon)، ويومنگ (Wyoming)، نيبراسڪا (Nibraska)، مينسوٽا (Minnesota)، ڪولو رئڊو (Colorado) ۽ ڪئناڊا جي سسڪاچيون

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(Saskatchewan) جي غارن ۾ ڌرتي ۾ هيٺ پورهيل مليا آهن. انهن جا نمونا نہ ڏنا ويا هئا پر مون ان سان لاڳاپيل ڪتابن ۾ ويب سائيٽن جو سراسري ۾ جزوي مطالعو ڪيو آهي جيڪي تهذيبي شاهڪار آهي مون جزوي طور ان جو پورائو ڪيو آهي

باب ٽيـــون انڪـــا شهنشاهيت جي قدامت ،وسعت، ريساســـتي ڪاروهنوار جو احاطو ڪري ٿو جيڪا انڪا تهذيب موجوده دور جي ايڪئا ڊور،پيرو،چلي، بوليويا ۾ ارجينٽئينا ملڪن تائين پکڙيل هئي

باب چوٿين ۾ ازيڪ تهذيب ۾ سنڌين جي معروضي خوبين ۾ خامين جو تذڪرو آهي آرٽ، مذهب ،۾ڏنڌي ڏاڙي ڪان ويندي ان جي اهميت ۾ ڪارج جو بيان تفصيل سان آهي فن جو ذڪر اجهو هيئنئ ٿيل آهي تہ

“ڪاريگر جو فن بہ ڪنهن لاءِ مخصوص نہ هوندو هو. اهڙيءَ ڏات ڪي هڪ تعميراتي خوبصورتيءَ جي شڪل ڏني ويندي هئي يا ان ڪي ڊرامائي شڪل ۾ پيش ڪيو ويندو هو. جنهن ۾ عام ماڻهو حصو وٺندا هئا. اها ڇڻ انساني زندگيءَ جي همگيريت جي شڪل ۾ هوندي هئي، پر ازيڪ تهذيب ۾ ڪي اوڻايون هيون، جيڪي اسپيني فتح کان هڪ صدي اڳ منجهن موجود هيون اهڙين خامين ئي دشمن ڪي فتح جو رستو ڏيکاريو هو.”

باب پنجون اسپين جي فتح بابت آهي جتي سنڌي پورڙائپ ۾ مهمان نوازي جي ڪري ڪين مليل شڪست تي بچان ٿي وني

باب ڇهين جو موضوع “اسپيني حڪمراني ۾ لاس ڪئساس” آهي جنهن اسپيني حڪمرانن سان گڏ ڪليسا جو جوڙيوال وارو ڪردار نمايان ٿيل آهي

باب ستون آمريڪا جا سنڌي ۾ جمهوريتون بابت آهي جنهن ۾ سنڌين لاءِ ٺاهيل قانون جي مت پيد ۾ سندن ئي ٺاهيل قانون تي عمل نہ ڪرڻ ،قانون تان ڦري ويڃڻ ،زمينن جي ڦرلٽ جو تاريخي دستاويز جي شڪل ۾ هي باب موجود آهي

” يونائيٽيڊ اسٽيٽس جا قديم سنڌي“ باب انين جو حصو آهي جنهن ۾ ڏهہ لک سنڌين جي ڇهن سون کان بہ وڌيڪ مختلف سوسائٽين جي شڪلين ۾ رهندڙ اهڙي جاگرافيائي خطي جو تذڪرو آهي جنهن ۾ ڪنداه بيلا ،برفاني پهاڙ ۾ رڻ پٽ شامل هئا(Wounded Knee Massacre) جي نالي سان سنڌين جي قتل عام جي ڳالهہ هيئنئ بيان ٿيل آهي

” . اسان هڪ خشڪ گهاروڏئي اتي پهتاسون تہ هڪ هيانءُ ڏاريندڙ پيانڪ ڏيک ڏٺو تہ اسان جي پيرن هيٺان زمين کسڪي وئي، اتي لاشن جا ڍير گهايلن جون چيخون هيون، مردن، عورتن، ٻارن، ٻڍن، ابهم معصومن جا لاش پکڙيا پيا هئا. شايد هنن بہ گهارو وٺي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. سندن ڪڍ فوجي سپاهي لڳي پيا هئا جن کي جتي پهتا قتل ڪري ڇڏيائون، ڪٿي وري هڪ جاءِ تي لاشن جا ڍير لڳا پيا هئا، ڪي وري هڪ هڪ ٿيا گهاري جي پيٽ ۾ پکڙيا پيا هئا. ڪٿي چئن ۽ پنجن جي ٽوليءَ کي وري انهن جا عضوي عضون کان ڌار ڪيا ويا هئا. شايد انهن کي گاڏي تي رکيل توبن ماري ڇڏيو هو. مان اتي هڪ ابهم ٻارڙو ڏٺو جيڪو ماءُ جا ٿڃا چوسي رهيو هو. جيڪا رت ۾ وهتل هئي ۽ مري چڪي هئي“

باب نائين ۾ ريوگراندي جي اترئين علائقي جي فتح (قبضي ۽ والار) جان ڪوليئر پنهنجي نقطہ نظر ۽ تاريخي رڪارڊ جي بنياد تي ڪئي آهي هن باب ۾ پيڊرو ڊي ڪاستينادو نالي ليکڪ جو تذڪرو آهي سندسن لکيل اهو دستاويز آمريڪا جي فتح (قبضي ۽ والار) واري دور سان لاڳاپيل هڪ پروسي جوڳي تصنيف آهي. ڪاستيناڊو هتان جي وسيع کليل ميدانن جو دل کولي ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن سنڌين جو بہ ذڪر ڪيو آهي جيڪي انهن ميدانن جا اصلي رهاڪو هئا هن اهو بہ ٻڌايو آهي تہ هتي جهنگلي مينهن جا وڏا ڌڻ چرندا هئا. ان سان گڏ هن علائقي جي سفيد رنگ جي بگهڙن جو بہ ذڪر ڪيو آهي.

مان مارڳ تنڌل جي نظم“اڇي مينهن” اوهان جي سامهون پيش ڪيان ٿو جنهن ۾ سنڌين کان ڦريل زمين جي درد جو اولڙو نمايان نظر اچي ٿو نج زرعي سماج جو عڪس محسوس ٿئي ٿو

ماندي دل سان
ساه ڪڍان ٿو
هڪ ٻئي مقصد جي ياد
جڏهن اڇي مينهن ايندي
گاه گڏو گهرندي
کنوڻيون چمڪار ڪنديون
گجگوڙ چوڌار ٿيندي
جڏهن سڀ ڪجهہ ختم ٿيندو


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سانت جي شروعات ٿيندي
جذبا واپس ورندا
ماڻهو جاڳي وٺندا
ڪا پڇاڻي ناهي
هر پاسي هڪ جيتري جاڳرتا ايندي
سموري ڌرتيءَ تي پکڙجي ويندي
اڇي مينهن جو قرڙو ظاهر ٿيندو
قبيلي ۾ شامل ٿيندو
اسين ڌرتيءَ تي اٿي کڙا ٿينداسين
جا ڌرتي ڪڏهن اسان جي هئي
جا هاڻي واپس ٿي آهي
اڇي مينهن کي قرڙو ڄائو آهي
ٿيو اسان جو سپنو سجايو آهي

باب ڏهون ”اروڪيوئس ۽ چيروڪي نسل جا سنڌي“ تي لکيل آهي ڇهن سنڌي قبيلن موهاڪ (Mohawk)، سينيڪا (Seneca)، اوسينڊا (Oncida)، ڪيوگا (Cayuga) اونونڊاگا (Onondaga) ۽ ٽوسڪا روراس (Tuscaroras) منجهان جيڪڏهن چيروڪي قبيلي کي ڪڍي ڇڏجي تہ اها سڄي تاريخ ۽ جدوجهد اڻ مڪمل ٿي پوندي مون گوگل بڪس تي چيروڪين تي لکيل ڪجهہ اهم ڪتابن جو جزوي مطالعو ڪيو آهي چيروڪي لکت بہ ڏٺي آهي جيڪا موهن جي دڙي مان مليل سنڌو لکت جي جڙ سڌريل شڪل ٿي لڳي هتي مان

مارڳ تندل جو 1999ع ۾ لکيل نظم ”مان چيروڪي آهيان“جو سنڌي ترجمو پيش ڪيان ٿو

رت، جيڪو منهنجي رڳن منجهان ڊوڙي ٿو
اهو هڪ اصل چيروڪي جو آهي
مان پنهنجي ماڻهن جو خون آهيان
مان چيروڪي آهيان
هي پيچرا جن تان منهنجا وڏڙا هليا
سي سندن لڙڪن وسيلي جڙيا آهن

هاڻي اهي پنڌ پيچرا منهنجا پنهنجا آهن
مان سندن ڪنن سان ٻڌان ٿو
منهنجي ڪنن ۾ چيروڪين جون اوچگارون ۽ اوسارا ٻجهن ٿا
مون کي سندن نمڪين ڳوڙهن تي فخر آهي
مان چيروڪي ڳوڙهن سان روئان ٿو
ڪيترن سالن پڄاڻان
مان انهن پيچرن تان هلان ٿو
جيڪي روئن ٿا
مان سندن ڪمزور آواز ٻڌان ٿو
مون ۾ چيروڪي رت آهي
مان هنن خصيص رستن کي پاراتو ڏيان ٿو
اهي چيروڪين جي لڙڪن جا پيچرا آهن
اهي ڏکيون يادون شرمنده آهن
منهنجي رڙ ٻه چيروڪي آهي
منهنجو نالو نج چيروڪي آهي
مون کي وڏي واڪي ٻڌ
۽ چئو ٻڌ
ڏک ۾ مٿو نه هڻ
ان لاءِ ته مان چيروڪي آهيان
مان سياڻ جي انتظار ۾ آهيان
مان ٻيهر اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪندس
جيڪو منهنجي وڏڙن وڃايو آهي
مان فخر مان اٿي کڙو ٿيندس
اهي سمورا حوصلا ۽ جذبا جيڪي چيروڪين وڃايا
اهي منهنجي پاسي هوندا
مون کي پنهنجي چيروڪي سڃاڻپ تي فخر آهي
اهو تنهنجي لاءِ ڀلو ٿيندو ته
تون منهنجو نالو ياد رک
سمورن چيروڪين جا نالا ياد رک

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

منهنجا حق ياد رک
جن تي مان ٻيهر دعويٰ ڪندس
مان چيروڪي آهيان
مان چيروڪي آهيان
مان چيروڪي آهيان

باب ٻارهين ۾ ڪيليفورنيا ۾ ميدانن جا سنڌي ,باب تيرهين ۾ پهرينءَ هلچل جي ابتدا ۾ ڪاميابي، باب چوڏهين ۾ سنڌين سان نئون معاهدو ,باب پندرهين ۾ سنڌين جي زندگي بابت اتر ۾ ڏکڻ آمريڪا جي پهرين ڪانفرنس جو تذڪرو آهي جنهن مان هيءُ ٽڪرو غور طلب آهي "هاڻي تازو ايڪئاڊور (Ecuador)، بوليويا، پيرو ۾ گوئيٽالا ۾ انقلاب شروع ٿي چڪو آهي. هنن ملڪن جي ٻه حصا آدمشماري سنڌي ۾ ٽيون حصو گورا آهن. پر معلوم ٿئي ٿو ته انهن ملڪن جي سنڌي آدم شماري 2/3 کان به گهٽي ٿيندي. اهڙي ريت "ال سلوا ڊور" ۾ به انقلاب اچي چڪو آهي جنهن جي اڌ کان به گهٽي آبادي سنڌي آهي. "۾ آخري باب سورهين ۾ اختصار ۾ اڳڪٿي جهڙا موضوع شامل آهن جنهن ۾ پيرو ۾ جائوجا نالي علائقي جو به جو تذڪرو ٿيل آهي جائوجا ۾ جوڻيجا ۾ ڪيترو فرق آهي اهو پڙهندڙن تي ڇڏجي ٿو پر چوڻ وارا چون ٿا ته ان زماني ۾ جڏهن سنڌ جي اڳوڻي وزيراعليٰ مرحيات ڄام صادق ۽ سنڌ جي ڪلاسيڪل وڏيري مرحوم شاهنواز جوڻيجي ۾ رنجشون ايتريون ته چوٽ چڙهي ويون جو شاهنواز جوڻيجي کي جيل ياترا ڪرڻي پئي، ڄام صادق ساڻس ساري ساري پلاند ٿي ڪيا حالتن جي نزاڪتن کي سمجهندي ان وقت جي پاڪستاني فوجي سربراه جنرل آصف نواز جنجوعه ,ڄام صادق وٽ لڙي آيو کيس چيائين ته " جوڻيجا ۾ جنجوعه پاڻ ۾ پائر آهيون نسلي طور به هڪ آهيون اوهان ٻن جوڻيجن ۾(ڄام صادق۾ وڏيرو شاهنواز) جهيڙو ٿوهلي ,مان اوهان جو ناه ڪرائڻ ٿو چاهيان" پر ڄام صادق کيس مخصوص انداز ۾ ٽاري ڇڏيو

آمريڪا ۾ واشنگٽن ڊي سي جي آسپاس رهندڙ سنڌين جي ماڪا قبيلي تي تحقيق ڪندي ايلزبيٿ ڪولسن پنهنجي تصنيف " ماڪا قبيلو جديد آمريڪي سماج جو هڪ مطالعو" ۾ لکيو آهي ته پهرين مئي 1886ع تي شڪاگو جي پورهيتن جي بغاوت پٺيان به اهي سنڌي ئي بيٺل هئا جن جي ياد ۾ اڄ سڄي دنيا پورهيتن جو عالمي ڏهاڙو ملهائي ٿي

لاطيني آمري ڪا جي ملڪن جا نالا بہ ڏاڍا دلچسپ آهن ،منهنجي خيال ۾ انومان موجب هسپانوي حملي آورن جي صوتيات ۾ ” ڳ “ جي نمائندگي نہ هئڻ ڪري ان صوتيي جو نعم البدل “ڪ” رکيو ويو آهي مثال ميڪسيڪو ميڳ سيڳو(ماڳ ساڳيو) ارجنتائن(ارجن تائين) بوليويا (ٻولي ويا)چلي(چلي يا هلي) ڪولمبيا(ڪول مَ ٻيا)گوئٽيمالا(گوءِ يا گوئي نہ پر جوءِ معنيٰ ملڪ يا علائقو سو وڃي ٿيو ڳئون تي مالها) پيرا گوئي( پرين جُوءِ ) يورا گوئي( اوريان جُوءِ) پيروُ يا ويسٽ انڊيز تہ سنئين معنيٰ رکي ٿو“ اولاهين سنڌ“، چو تہ آنديز(Andes) يا (indies) جيڪو سنڌيز جو بگڙيل اُچار آهي ٿورو سوچيو جيڪڏهن رومن لکت(Roman Script) ۾ مختصر جملو “يو روپ” لکجي تہ ڇا اهو “بيوروپ” ڪان ٿيندو يا بگڙجندو وڃي “ يو رپ” نہ بيهندو؟؟

لوشيا الواريس دي توليدو (Lucía àlvares de Toledo)پنهنجي تصنيف “ چي گويرا جي ڪهاڻي” (Story of Che Guevara)جي صحفي 8 تي لکيو آهي تہ اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ۽ تازين تحقيقن بہ ثابت ڪيو آهي تہ ارجينٽينا ملڪ اصل ۾ نسلي طور گورن جو ملڪ ناهي جيئن اڪثريت ماڻهو سمجهن ٿا ارجينٽينا جي تاريخدان رڪارڊو هيرين موجب جڏهن هسپانوي حملي آور لاطيني آمريڪا پهتا تہ ساڻن گڏ عوتون نہ هيون ،هنن مقامي سنڌي عورتن سان شاديون ڪيون چي گويرا جو پيءُ بہ اهڙو ئي ٻار هو جنهن جا ناناڻا سنڌي هئا” ساڳيو ورجاءُ ليکڪ ڊينس ابرام پنهنجي ڪتاب ارنيسٽو چي گويرا جي صحفي 42 تي، ليکڪ فرانڪ نائيس(Frank Niess) پنهنجي ڪتاب چي گويرا (Che Guevara)جي صحفي33 تي، ، ليکڪ جون لي اينڊريسن (Jon Lee Anderson)پنهنجي ڪتاب چي گويرا جي انقلابي زندگي (Che Guevara: A Revolutionary Life)جي صحفي79 تي، ۽ محقق ڊينيئل جيمس (Daniel James)پنهنجي تصنيف چي گويرا اي بايوگرافي (Che Guevara: A Biography)جي صحفي 79 تي، ڪيو آهي مٿي ذڪر ڪيل لکيڪن جي راءِ موجب چي گويرا جي زيتوني چمڙي، چيرايون اکيون ،ڳلن جا وڌيل هڏا ،ڪارا وار سندس سنڌي هجڻ جون ساکي نشانيون آهن

سڄي دنيا لاءِ همت جو نشان بڻيل وينزولا جي اڳوڻي صدر هگو شاويز لاءِ وري دنيا جا عالم ۽ محقق هي راءِ رکن ٿا جيئن ايما بروسرڊ ( Emma Brossard) پنهنجي ڪتاب طاقت ۽ پيٽرول(Power and Petroleum) جي

صحفي 156 ۾ جان پرڪنس(John Perkins) پنهنجي ڪتاب "آمريڪي سلطنت جي ڳجهي تاريخ" ( The Secret History of the American Empire)جي صحفي 109تي لکيو آهي تہ هگو شاويز جا ناناڻا سنڌي ۽ ڏاڏاڻا آفريڪن هئا

جن ڊي متلوڪ پنهنجي ڪتاب" سنڌ ڪڏهن آمريڪا تي حڪومت ڪئي"( India once ruled on americas ) اتر ۾ ذڪر آمريڪي سنڌي قبيلن جي وضاحت ۾ لکي ٿو تہ موهيڪن قبيلو سنڌ جو مهاڻو قبيلو ئي آهي مهاڻا بنيادي طور "مها ڳڻا" (عظيم ڳڻن وارو قبيلو)مان بدلجي مهاڻا ٿيو آهي

هن ڪتاب جي باب ڏهين ۾ هڪ وڏيڪ سياڻو ۽ سچيت ڪردار ڊيگانا ويڊا (Degana wida)جو ذڪر ٿيل آهي اهونالو "ڏڳاڻا وڏا" تہ ناهي ڇو تہ مان اوهان سان بدليل ۽ بگڙيل اُچار ونديان ٿو مثال منهنجي ڳوٺ لڪي(تيرٿ) شاه صدر ۽ سيوهڻ شريف (سيوستان) جي وچ ۾هڪ ننڍڙي ريلوي جي ٽيشڻ جي تختي (بورڊ) تي اردوءَ ۾ نالو لکيل آهي"بگا تورا" جنهن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ تہ هر سنڌي ڄاڻي ٿو اصل سنڌيءَ ۾ نالو هو ٻڳو ٿوڙهو.جنهن جي لفظي معنيٰ بيهي ٿي "ٻڳل ٿنل" هاڻي ڪٿي ٻڳل ٿنل ڪٿي "بگا تورا" رومن لکت ۾ صوتيات جي سمورن صورتن جي نمائندگي ۾ اهليت نہ هئڻ ڪري اهڙيون صوتي غلطيون عام ٿين ٿيون ،هتي مان شهري سنڌ جي ساچاه وند والدين کي گذارش ۾ وينتي ٿو ڪريان تہ پنهنجي ٻارڙن ۾ نئين نسل کي سنڌي ٻولي لاءِ مروج پرسو عربڪ (perso_arabic script)يا ديوناگري (devanagari) لکت جي ڄاڻ ضرور ڏين جنهن سان هو پنهنجي مادري زبان جي حسناڪي سان آشنا ٿيندا ٻي صورت ۾ سندن ذهنن ۾ ٻڳو "بگا تورا" هوندا

مان محترم مترجم سائين عطامحمد ڀنڀري سان گڏ هن ڪتاب جي پڙهندڙن ۽ پبلشر سائين نوراحمد ميمڻ سان نهايت ادب سان معافي ٿو وٺان ڇو تہ هن ڪتاب جي ايڊٽنگ ۾ مهاڳ لکڻ ۾ ذري گهٽ هڪ سال جو ڊگهو عرصو لڳي ويو ان جو مک سبب منهنجي ڪمپيوٽر جي ڪمرشل پروجيڪٽس جي هڻ وٺ هئي، هيڏي ساري گيسر جو ٻيو اهم ڪارڻ ،موضوع سان انصاف بہ هو. توڙي جو لکين ڪوشش جي باوجود مان "آمريڪا ۾ قديم سنڌي " جهڙي اهم موضوع سان تر جيترو بہ انصاف نہ ڪري سگهيو آهيان وري انصاف نہ ڪري سگهڻ جا جيڪڏهن مان ويهي سبب ڄاڻايان تہ بلڪل هينئن چوندس

هڪ ته منهنجي گهٽ تعليم،محدود ادراڪ،وسلين جي ڪوٽ آهي مون ڪوشش ڪئي آهي

موضوع ۽ تصور جي حق ۾گهربل دستاويز مهيا ڪيان ،غلام قوم ۽ غلاميءَ جي نفسيات سامهون پلي ڪوئي آسمان تارا لاهي اچي پر ميتا مڙئي گهٽ ملندي ،خاص طور ذهني طور غلام سنڌ جي شعوري منڊيءَ ۾ هڪ چالو سڪو اهو به آهي ته ڪجهه ڪتابن ۾ مضمونن جا نالا اوهان کي ملندا“سنڌ جي فتح” مون جهڙي گهٽ پڙهيل ماڻهوءَ کي اصل سڌ ئي نه پوندي آهي ليڪ سڳورو ڪنهن جي پاسي آهي؟ راجا ڏاهر جي پاسي يا محمد بن قاسم جي پاسي،همراه هوشوءَ جو پرجهلو آهي يا چارلس نيپيئر جو قلمي توبچي آهي؟ جيڪر ليڪ ڌرتي ڌڻين پاسي هجي ها ته يقينن نالي جي چونڊ “سنڌ تي والار يا قبضو” هجي ها پر مان ڪوشش ڪندو آهيان صدين جي دز کي هڪ ئي سهي پر فوڪ ضرور ڏجي تازو مون روزاني ڪاوش جي مڊ ويڪ ميگزين ۾ به مضمون لکيا هڪ جو موضوع هو“ سنڌي ، ڪرد ن جو اهم قبيلو” ٻئي مضمون جو عنوان هو“ ڪترزينا پولوڪ” جيڪا يورپ جي سنڌي مصوره آهي موٽ ۾ مون کي عجيب غريب رايا پڙهڻ لاءِ مليا نيٽ مون فيس بڪ تي اسٽيٽس اپ ڊيٽ ڪيو ته “ڪرد پاڻ چون ٿا ته اسين سنڌي آهيون اسان کي وري سنڌي سڏائيندي شرم ٿو اچي نتيجي ۾ ڪنهن نه ڪنهن جي پڇ ۾ اٽڪيو پئون ڪنهن تاتاريءَ،عرب ازبڪ ۽ منگول کي اها دعوت ڏيندا آهيون ته ”اچو اسان نسلي طور لاوارث وينا آهيون اچي اسان جي مالڪي ڪيو“ موٽ ۾ نامياري ليکڪ عمر سومري لکيو ته“ڪراچيءَ ۾ گهر جو ڪم پئي ڪرايم، هڪڙي مزدور ماربل جي رڳڙائي ۽ پالش جو ڪم پئي ڪيو. ٻولي افغاني ۽ پشتو ٿي ڳالهايائين. هرويرو پڇي ورتومانس: ٻڌو اٿم ته افغانين سان گڏ اُزبُڪ، تاجڪ، ڪِرغِز ۽ چيچن وغيره به هتي اچي ويا آهن. مون ڏي نهاريائين ۽ ڏاڍي پر اعتماد لهجي ۾ وراڻيائين: مان به ته اُزبُڪ آهيان. مون ماٺ ڪٽي ڪئي. ان ڳالهه کي ڪجه ڏينهن گذري ويا. هڪ ڏينهن سنڌ تي ڪجهه صدين کان ”سيد“ جي چوغي ۾ راڄ ڪندڙ هڪ مشهور بخاري گهراڻي جي هڪ شخص سان ملاقات ۾ ڪنهن حوالي سان اهو قصو ذهن تي تري آيو ۽ ڳالهه ڪري وڌم. مون اجا ڳالهه پوري مس ڪئي ته بخاري صاحب چئي ورتو: مان جو تنهنجي سامهون اُزبُڪ وينو آهيان.”


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اهڙي ماحول ۾ ۽ محدود وسيلن جي ڪري مان ڪهڙا دستاويزي حوالا مهيا ڪيان جو منهنجي غلام قوم مڃي تہ اسان جي ماضي شاندار هئي، سڄي دنيا کي اسان ئي لکايو پڙهايو آهي! اسان سنڌين جي سوچن، ڪوشش شعور انگ اگهاڙي دنيا کي اوچو اوڏايو آهي، لڇڻ سيڪاريو آهي . اسان يورپ اتر ۽ ڏکڻ آمري ڪا (آمريڪا) ڏور اوير ۽ وچ اوير ۾ پکڙجي تهذيبون اڏيون آهن توڙي جو موضوع ۽ مواد جي حوالي سان هي ڪتاب انتهائي شاندار ۽ پروقار آهي پر دستاويزي حوالن ۽ عڪسي مواد ڪانسواءِ هي پيار جو پورهيو ٻسو ٻسو ٿي لڳو مون مايا ،انڪا، ازيڪ، ٽولٽيڪ تهذيبن جا قديم آثار،نقشا،چارٽ،لکتون،هڪ هڪ ڪري سنڌي قبيلن جا الڳ الڳ ڦوٽا، ناچ (ناچ ۾ وري 13 مختلف نمونا شامل هئا)،هٿيار،مختلف دورن ۾ وڙهيل جنگين جا نقشا ۽ ٻيو عڪسي مواد شامل ڪيو آهي جيڪو ڏري گهٽ 200تصويرن تي محيط آهي جن لاءِ مون کي ڪتاب ،ويب سائيٽ. وڊيوز ۽ موويز ڏسڻيون ٿي پيون

ڄامشوري ۾ رهي ان موضوع تي ڪتاب ڪٿان آڻيان؟ گوگل بڪس ان جو پورائو ٿي ڪيو يا وري مختلف آنلائن لائبريريون ٿي ڏسڻيون پيون، سنهي ڪتڻ جي پاڻ ۾ سگهہ نہ سهي رنڊيا روڙڻ جي ڪوشش ڪيم،موويز جي حوالي سان ارجنٽائن جون17،بوليويا جون70،برازيل ال قريبي جون 10،چلي جون 32 ،ڪولومبيا جون 12،ايڪا ڏور جون 56 ،گوئٽيمالا جون 18، پيرا گوئي ۽ يورا گوئي ،18ميڪسيڪو هزارين پيرو جون 50 ،وينوزولا جون 40 فلمون جزوي طور ڏسڻ ۽ پرکڻ جو موقعو مليو ڪافي موويز جا تہ رڳو نالا ئي پڙهي سگهيس ڪٿان بہ سندن رڳو ٽريلر بہ ملي نہ سگهيو هڪ سو کان مٿي ڪارٽون فلمون لاطيني آمريڪا جي مختلف ملڪن ۾ جڙيل آهن جن جو ذڪر نہ ڪرڻ سندن پورهيي سان زورآوري ٿيندي . موضوع جي لحاظ سان فلمن جي ترتيب هن اندازسان بيهندي ايڪشن ( 28 فلمون) علم بشريات ( 11 فلمون) قديم آثار ( 8 فلمون) مزاح ( 22 فلمون) نيم افسانا (31 فلمون) ناولن تان ڪٽيل ڪهاڻيون ( 29 فلمون) ڊرامن تان ڪٽيل ڪهاڻيون(5 فلمون) شاعري (13 فلمون) سچيون ڪهاڻيون (22 فلمون) آدم خوري (6 فلمون) ٻارن جا موضوع ۽ ڪردار (32 فلمون) عيسائي نقطہ نظر (12 فلمون) وڏا شهر (32 فلمون) ناچ (23 فلمون) ماحولياتي تباهي (20 فلمون) ويج طبيب (26 فلمون) دستاويزي (16 فلمون)

سنڌي يورپ ۾ (8 فلمون) يورپين جو ڪاهون (15 فلمون) خانداني معاملا (50 فلمون) انساني قرباني (12 فلمون) رومانس (50 فلمون) سفر (22 فلمون) مقامي زبانون (15 فلمون) قانون (27 فلمون) ان کان ريپ، جنسيات، بغاوت ،خزاني جي ڳولها،ڏند ڪٿائون،ٽوٽا ٽيٽا،انتقام،تعليم۽ لوڪ ريتن رسمن جي موضوع تي شاندار فلمون جڙيل آهن جن ۾ اڪثر ڪردار ۽ فلمن جا نالا سنڌيا،سنڌو ،روپا،جنگووير،ويرو ملندا. جڏهن ته سندن قبيلن جي نالن جي پٺيان “جو”۽ “ريو” ملندو ،جيئن سنڌ ۾ سميجو،جوٽيجو،ٿھٽيجو۽ ساريو ،ڪيريو،منگريو ملن ٿا جيئن مشهور هارجو قبيلو آهي ڪجهه نالا ۽ ڪردار مان هتي ان قبيلي جا پيش ڪيان ٿو مثال جوۓ هارجو ،چيروڪي زبان جو مشهور موسيقار ۽ ليڪڪ ، بينجمن هارجو شاني قبيلي جو مشهور مصور، چِٽو هارجو مشهور جنگي جوڌو جنهن آميريڪي سينٽ ڪاميٽي آڏو 1906ع ۾ شاندار تقرير ڪئي هئي ان تقرير جو مڪمل متن انٽرنيٽ تي موجود آهي دل ته چيو ته چِٽو هارجو جي ان تقرير جو ننڍڙو ٽڪرو هتي پيش ڪيان پر طوالت ڪان بچڻ لاءِ ائين نه ڪري سگهيس،البرٽ هارجو مشهور آرٽسٽ بوليويا جو بدنام آمر مڪل گاريجو ساڳي ترتيب ۾آهي سائين علي نواز انڙ (ناز باغ قاضي احمد جو خالق۽ سنڌي ثقافت جو امين) هي جهان چڏي ويو آهي چوندو هو(سچ به آهي) ته سماٽ جي جنهن به قبيلي جي نالي جي آخر ۾ “جو” اچي ٿو مان انهن سمورن سماٽ قبيلن جو سردار(جام) آهيان ڪيس اها جاڻ پوي ها ته خوش ٿئي ها ته سندس سرداري اترۓ ذڪڻ آمري ڪا تائين پکڙيل آهي

متي ذڪر ڪيل فلمن جا مڪمل تفصيل ڏسڻ لاءِ هيٺئين ويب سائيٽ جو دورو ڪجي ته بهتر ٿيندو

http://www.nativeamericanfilms.org

تنهن کان سواءِ انٽرنيٽ جون آنلائن لائبريريون ،ويب سائيٽ، بلاگ، فورم پڻ لاپائتا ثابت ٿي سگهن ٿا . يوٽيوب ،وائمو ڊيلي موشن،بلپ ٽي وي سميت دنيا ٻيا وڊيو ويب سائيٽن جي ذريعي آمريڪا اندر سنڌين جي ڪلچر، ٻولي ،ثقافت جو اولڙو پسي سگهجي ٿو اها رڳو ٻهرين وک هوندي چو ته آمريڪا اندر قديم سنڌين جي ٻولي ۽ کي هٿ وٺي هڪ وڏي خوفناڪ منصوبا بندي جي ذريعي تباه ڪيو ويو فلمن جي اندر به ڪمال فن سان

حقيقي ٻولي ۽لهجا شامل ڪرڻ بجاءِ جڳاڙي ۽ هٿرادو ٻولي ۽ لهجا جوڙي شامل ڪيا ويا آهن

جنهن ڪري بهتر ته ائين ٿئي ها ته هي موضوع ۽ مهاڳ جو ڪم هٿ ۾ کڻڻ واري کي آمريڪا جي قديم سنڌين سان گڏ گذارڻ جو تجربو هجي ها جيئن سنڌ جي نرالي ڪردار خورشيد قائمخانيءَ پنهنجي ڪتابن ۾ يورپ جي سنڌين سان انصاف ڪيو آهي توڙي جو سائين خورشيد قائمخانيءَ سنتي (سنڌيءَ جو يورپي لهجو)۽ روماني زبان ۽شاعري ته پنهنجي ڪتابن ۾ شامل ڪونه ڪئي آهي پر ساڻن هڪ عرصو ضرور گڏ گذاريو هو.

**علي حسن ملاح**
انڊسليڪان سافٽ ويئر ۽ اڪيڊمي
ڄامشورو، سنڌ
www.indusilicon.com
+923003440426

باب پهريون

# اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ سنڌين جون قديم تهذيبون

انڊيا معنيٰ ڀارت يا هندستان نه پر سنڌ آهي. ڇاڪاڻ ته هي لفظ انڊس يعني سنڌو- درياهه تان کنيو ويو آهي. ان جو مطلب اهو ملڪ جنهن مان سنڌو وهندو آهي. پوئين دور جي ٽالمي ۽ ائرين ساري هندستان ۽ پاڪستان کي انڊيا (سنڌ) جي نالي سان سڏيو هو. يورپ جي ڀين ماڻهن به سندن پيروي ڪئي آهي. اهڙيءَ ريت انڊين جي اصلي معنيٰ هندستاني يا ڀارتي نه پر سنڌي آهي ريڊ انڊين جو مطلب به ڳاڙها هندستاني نه پر ”ڳاڙها سنڌي“ آهي. قديم آثارن جي جڳ مشهور آمريڪي عالم والٽر اي. فيئر سروس (Walter A. Fair Service) پنهنجي ڪتاب (Harappan civilization and its writing) ۾ لکيو آهي ته ريڊ انڊين سنڌي آهن. جيڪي موهن جي دڙي جي عروج واري زماني ۾ سنڌو- تهذيب وارن علائقن مان هجرت ڪري يورپ کان ٿيندا الاسڪا اسٽيٽ کان ڦري ڏکڻ ۽ اتر آمريڪا (آمري- ڪا) ۾ پکڙجي ويا هئا ۽ اتي مايا، ٽولٽيڪ انڪا، ازيڪ ۽ ڀين تهذيبن جو بنياد رکيو هو. اهڙي ريت آمريڪا بنيادي طور سنڌي ماڻهن جو ملڪ آهي. يورپ جي وحشي ماڻهن هن تي نيو ورلڊ (New World) نالو رکيو هو جيڪو ٺڪي ڪونه سگهيو. پندرهين صديءَ ۾ ڪولمبس جڏهن هتي پهتو هو ته هتان جي سنڌين جي آبادي هڪ ڪروڙ ٽيهه لکي هئي. جيڪا ان دور جي ساري هندستان جي آدمشماري کان گهٽ هئي. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته اهي ماڻهو منگوليا جا به ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن هي منگول هجن ها ته سندن رنگ ڳاڙهي بدران زيتوني هجي ها ۽ جيڪڏهن سندن واسطو سائبيريا سان هجي ها ته سندن رنگ سفيد هجي ها.




هنن ماڻهن وٽ هڪ وڏي وٿ هئي,جيڪا ساري دنيا وڃائي چڪي آهي، پر اڄ اها شيءِ وٽن موجود آهي. دنيا جيڪا شيءِ وڃائي چڪي آهي سا ان کي وري حاصل ڪرڻ گهرجي. انهيءَ لاءِ تہ متان اها شيءِ هميشہ لاءِ ختم نہ ٿي وڃي. اهڙي اهم شيءِ کي وري حاصل ڪرڻ واسطي نهايت مختصر وقت وڃي بچيو آهي. هن وقت اهو سوچڻ ويچارڻ نهايت ضروري آهي تہ اهڙي اهم شيءِ هجڻ کپي يا نہ.

هيءَ ڳالهہ دنيا جي ٽين جنگ عظيم يا ائٽم بم واسطي ڪو اڻ جتادار ۽ سطحي حوالو نہ آهي توڙي جو هن حوالي سان جنگ يا ائٽم وسيلي موت کي بہ شامل ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن هن قسم جا موت لفظي طور اچن ٿا يا اهڙن انساني موتن کي انسان پاڻ تي لازمي طور مڙهي ڇڏيو ٿو تہ اهڙي قسم جا موت ان انساني نسل لاءِ حتمي پڇاڙي سمجهڻ کپن. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ اسان وندر جي واٽ وڃائي چڪا آهيون ۽ جيئرو رهڻ جو اڏمو اتساهہ ۽ سگهہ مري چڪي آهي.

انسانن جي هن دنيا ۾ جيئڻ جي سگهہ ۽ ڏاهپ ختم ٿي وڃڻ جو مطلب ۽ معنيٰ ڇا آهي؟ ان جي معنيٰ هيءَ آهي تہ انسان پنهنجي ماضيءَ ۽ قديم ورثي کان ويڳاڻو ۽ اڻ ڏريو بڻجي ويندو آهي. ان قديم ورثي ۽ پنهنجي ماضيءَ جو احترام وڃائي ويهندو آهي، انسان ذات لاءِ اڏما ۽ اتساهہ ٽڏا ٿي ويندا آهن. جڏهن انسان پنهنجي ماضيءَ ۽ قديم ورثي کي ٿُو ڪَنا ڇئي منهن موڙي ڇڏيندو

آهي تہ هو جڻ ڌرتيءَ کان ڌار ٿي چڪو هوندو آهي ۽ زندگيءَ جي تاڃي پيٽي (Web) کان الڳ ۽ اڪيلو ٿي ويندو آهي، پر آمريڪا جي قديم سنڌين کي پنهنجي ماضي ۽ قديم ورثي سان اٿوٿ احترام هو ۽ انسان ذات لاءِ آڪيچار اڏما ۽ اتساهہ هئا. اها آمريڪي قديم سنڌيءَ جي هڪ مجموعي سوچ هئي. اهڙي سون ورني سوچ اڄ جي آمريڪي سنڌيءَ جي بہ آهي.





اڄ جي قديم آمريڪي سنڌي ۾ جيئڻ جي منفرد قوت موجود آهي، جڏهن ته جيئڻ جي هيءَ خاص منفرد خوبي باقي دنيا ته وڃائي چڪي آهي.

هنن وٽ خود شناسي، دنيا شناسي، پنهنجون منفرد روايتون، ادارا ۽ عملي فلاسافي موجود آهن. هنن جي اهڙين خوبين ۽ خاصيتن مختلف معاشرن کي گهڻو متاثر ڪري ڇڏيو آهي. جيئڻ جو اهو هڪ فن آهي، جيڪو ٻين سيني فنن کان اعليٰ ۽ اوچو آهي. هنن وٽ جيئڻ جي اها نرالي قوت هئي ۽ اڄ به وٽن اها ساڳئي اڏول سگهه آهي، جيڪا باقي ٻي دنيا وڃائي چڪي آهي.



جان ڪوليئر ساڄي پاسي کان

هن جيئڻ جي قوت جي خوبيءَ جي آثار تي گهڻيءَ آدمشماري واري انڪا (Inca) رياست جي ماڻهن پنهنجي قومي پاليسيءَ ۾ ڌرتيءَ جي آمدنيءَ جي وسيلن کي وڌائڻ تي باهمي اتفاق ڪري ورتو آهي. دنيا جي ڪنهن به قوم انڪا رياست جي ماڻهن جهڙو نه اڳي ڪو ڪارنامو سرانجام ڪيو هو، نه وري ڪا قوم پوءِ ئي سرانجام ڪري سگهي ٿي.



جان ڪوليئر سنڌين سان گڏ

اڄ کان پنجويهہ سال اڳ نيو ميڪسيڪو (New Mexico) جي بي رحم ۽ ڪنور سرڪار ٽيڪس (Tesuque) جي هڪ ننيڙي وسندي (Pueblo) کي ڏاهي پٽ ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني هئي، جيڪا مٽيءَ جي ننيڙن ڪچن گهرن تي مشتمل هئي تہ مان ۽ مريادا وارن ماڻهن جي جيءَ کي اهڙو تہ جهٽڪو لڳو جو هنن لاءِ ڪائڻ پيئڻ وهہ ٿي ويو هو. هنن شخصي وقار جي صاحبن ۽ لڄادارن پنهنجي سفيد چمڙي وارن دوستن کي اهو ڪونہ ٻڌايو هو تہ هو لس لنگهڻ تي آهن، ڪين اهو محسوس ٿيڻ بہ ڪونہ ڏنو هو تہ هو ڪافي عرصي کان بک تي آهن. ٻين کي سهائتا لاءِ سڏڻ بہ گُريت سمجهي رهيا هئا. هنن مانيٽن ۽ مٽيادار ماڻهن پنهنجي روحاني سگهہ، ارادن ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جو پڪوپهہ ڪيو هو. جيڪا هنن لڄپال ماڻهن واسطي نهايت مقدس هئي.



جان ڪوليئر

جيڪڏهن اسان جي جديد دنيا اهڙي سگهه حاصل ڪرڻ جي جاکوڙ ۾ جتن ڪري ته هن ڌرتيءَ جا قدرتي وسيلا ۽ فطري زندگي جو تاجي پيٽو ناس ٿيڻ کان بچي وڃي، جيڪو تباهه ٿيڻ لاءِ ويهين صديءَ جي جديد دنيا جي آڏو بيٺو آهي. جڏهن ته جديد دنيا جو نقط نظر به اهو آهي، پر وارن ملڪن ۾ لوڪ راڄ (Democracy) جو بنياد رکجي چڪو آهي جيڪو باقي دنيا ڏانهن وگهرندو ۽ پکڙبو پيو وڃي. ٿوري وقت اندر ساري ڌرتي سرڳ سمان بڻجي ويندي. ان کان پڻ جنگين جي وچ وارو ماڻار وارو دور نه پر امن امان ۽ اهنسا وارو مستقل سونهارو سمو اچي ويندو.

منهنجو هيءُ تحقيقي ڪم آمريڪا جي قديم سنڌين سان سڌو اسطو ڪونه ٿو رکي، نه وري ان جو تعلق انسان کي نئين بڻائڻ واري ڪوشش سان آهي. منهنجي هن تحقيق جو اهم مقصد اهو آهي ته اقوام متحده انهن اهم مسئلن ڏانهن ڏيان ڏئي جن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيس وجود ۾ آندو ويو هو. ڏکن ۾ ڏجن واريءَ هن دنيا ۾ اسان جي ڪوشش آهي ته جيئن ناڪاري عنصرن کي مڙسيءَ سان منهن ڏئي سگهجي. اهڙن ڳنڀير مسئلن کي مڙسي سان منهن ڏيڻ لاءِ مضبوط ادارا جوڙڻا پوندا ۽ اقتدار جي حوس ۾ طاقت جي پنيان انڌو ٿي ڊوڙڻ وارن ماڻهن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ته ملڪ جي نظم ۽ نسق لاءِ ڪين سياسي مدبر بڻجڻو پوندو. اهڙي سٺي ڪم جي تڪميل لاءِ اسان جهڙن ماڻهن جي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته اسان جو نسل جيئڻ جا قدر وڃائي چڪو آهي، پر سڀ نه. اجا به وٽس جيئڻ جا قدر موجود آهي. اهو نسل پنهنجو پاڻ کي تباهه ڪرڻ واري به واٽي تي وائڙو ٿيو بيٺو آهي ته ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي.

اها هڪ حقيقت آهي تہ اسان جي دنيا جو چنتا جوڳو ڳنڀير مسئلو اهو آهي تہ اسان انسان ذات لاءِ اتساهہ ۽ احترام وڃائي چڪا آهيون. اسان وٽ پنهنجي زندگي جي تاجي پيٽي سان ڪو پيار نہ آهي. سيني کان وڏي ڳالهہ تہ اسان ڌرتي ماتا کي مقدس سمجهڻ جهڙي پلي ڳالهہ تان هٿ ئي کڻي ويا آهيون. پر آمريڪا جا قديم سنڌي ماڻهو اهڙين ڳالهين کي مرڪزي حيثيت ڏيندا آهن ۽ ڌرتي سان بہ انتها پيار ڪندا آهن ۽ ڪيس مقدس آگ جيان پوڄيندا آهن. سندن اها پوڄا پٿر دور (Stone age) کان بہ پراڻي آهي. اسان جي ڏکهي آس ۽ اميد بہ اها هئڻ گهرجي تہ اسان پنهنجي وجود اندر ئي هڪ نئين مقدس آگ پيدا ڪريون. اها ئي اسان جي اڪيلي ۽ واحد ڏکهي آس ۽ اميد آهي. اسان جا سڀ ٻاهريان ديوتا گهوڙي جي هني (Saddle) تي رکيل آهن. اسان کي سلجهائڻ لاءِ شديد نوعيت جا مسئلا آهن پيو تہ اسان جي مزاج ۾ کوٽ ۽ اهليت ۾ کوٽ آهي، تنهن ڪري اسان کي اهڙين ڳالهين تي ضابطي رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

مان آمريڪا جي قديم سنڌين تي ڪتاب لکڻ لاءِ جاکوڙ ڪري رهيو آهيان تہ ٻئي طرف دنيا جي تباهہ ڪن مسئلن کان چڱيءَ ريت واقف آهيان. ڇاڪاڻ تہ هي انهن سچن ماڻهن بابت اهڙيون بنيادي اُگريون حقيقتون آهن جو ماڻهو ٻڏي اڇرج ۾ ٻڏي وڃي ٿو. اهي جتي بہ آهن ماضيءَ ۾ بہ پنهنجي تڪميل لاءِ جاکوڙي رهيا هئا ۽ اڄ بہ پنهنجي تڪميل لاءِ جاکوڙي رهيا آهن ۽ اها تڪميل ڌرمي ۽ سماجي گرو جي هدايتن تحت حاصل ڪندا آهن. جيڪو پنهنجي معاشري جي هڪ باڪمال شخصيت هوندو آهي. پيو تہ هنن وٽ پنهنجي زندگي جو تاجي پيٽو هوندو آهي.

هنن ۾ سڀ کان اهم ڳالهہ هيءَ هوندي آهي تہ سندن معاشري ۾ تخليقي سگهن سان لاڳاپيل ڪجهہ اتحاد (Unions) هوندا آهن جن جو ڪم هڪ نئين شيءِ تخليق ڪرڻ هوندو آهي. انهن سيني جو ڌرتيءَ ۽ زندگيءَ جي تاجي پيٽي سان اٽوٽ ڳانڍاپو هوندو آهي. يعني سندن تعلق هن ڪائنات سان گڏ خدا سان بہ هوندو آهي. اسان کي گهرجي تہ قيامت جهڙي ڏچن واري دنيا ۾ رهندي هنگامي ۾ اهم ڪم ڪندي ان دائمي اميد کي حاصل ڪرڻ لاءِ بہ هٿ پير هڻون. جيڪڏهن اسان دائمي اميد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش سان هنگامي نوعيت جا ڪم ڪنداسين تہ اهي وڌيڪ سگهارا ثابت ٿيندا.

هن ڪتاب جو پهريون حصو منهنجي شخصي خيالن جو اظهار آهي. ان ڪان پوءِ مان اوهان ڪي پڏائيندس تہ آمريڪا جي هنن قديم سنڌين ڪان دائمي اميد جو سبق ڪهڙي طريقي سان سکبو آهي. ان منهنجي حياتيءَ ۾ ڪهڙي نواڻ آندي. ان ڪان پوءِ مون سمجهڻ شروع ڪيو هو تہ اهو هڪ ڏکهي مستقبل جو هڪ خواب آهي. منهنجي عمر پنجتيهہ سال هئي. ان وقت تائين مان نيويارڪ ۽ ڪئليفورنيا ۾ هڪ استاد طور پڙهايو بہ هو ۽ ان سان گڏ سوشل ورڪ (Social work) ۽ ڪميونٽي ڊولپمينٽ (Community Development) لاءِ ڪي تنظيمون بہ جوڙي چڪو هوس. ان وقت تائين مان معلومات حاصل ڪرڻ جي عزم سان ڪجهہ آزمائشي ڪم ڪري چڪو هوس. جهڙوڪ انساني زندگيءَ تي مشين ٽيڪنالاجي، ماس پراڊڪشن (Mass production) ۽ ماس ڪميونيڪيشن (Mass Communication) جو ڪهڙو اثر پوي ٿو. ان ڪان سواءِ مان صنعتي يونين سازي، صنعتي مال جي ڪپت لاءِ (Distribution co_ operation)، تعليم، بالغان، عوامي تفريح (Public Recreation) ۽ نسلي تعلقاتن جو ڪافي مطالعو ڪري ورتو هو. ان وقت تائين مان پهرين مهاپاري (World war) ڪانپوءِ پيدا ٿيندڙ اجائي خيالن ۽ وسوسن جي مانڌاڻ ڪان گذري چڪو هوس.

ان وقت تائين آمريڪا جي سنڌي ماڻهن بار بار گذارشون ڪيون. پر مان هر ڀيري ڪين انڪار ڪري ڇڏيو هو. ان ڪان گهڻو پوءِ مون ڪي احساس ٿيو هو تہ منهنجي سون ورني عمر تہ گذري چڪي آهي.

۽ سون ورني عمر گذري چڪي هئي...! اسان جي ان دور ۾ اهڙي صحيح سوچ تہ موجود هئي ڪانہ. هتي ماڻهو ماڻهن جي هڪ نيات (Group) سان گڏ رهي گهڻو سکي سگهي ٿو. منهنجي سوچ ۽ ويچار هڪ صحيح رخ اختيار ڪري چڪو هو. اها منهنجي دور جي هڪ بيزاري هئي، جنهن مان نجات حاصل ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ هئي. ماڻهو ظاهرداري ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺي رهيا هئا. هنن لاءِ دنياوي عيش عشرت وڏي ڳالهہ بڻجي وئي هئي. ماڻهو انسان ذات جي گهڻ_ رنگي هئڻ ڪان نفرت ڪري رهيا هئا ۽ ماڻهو هر شيءِ جي معيار کيرائڻ لاءِ چريائي جي حد تائين ڳت ڏئي ببهي رهيا هئا. ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ جي استحصال ڪرڻ لاءِ گهڻو تنگ نظر ٿي ويو هو. دنيا ۽ گهر لاءِ ماڻهو فاشي

نظريي جو قائل ٿي ويو هو. هر ڪو عدم تحفظ جو شڪار ۽ ذاتي غرض جو مريد بڻجي ويو هو.

ان سان جڏهن منهنجي عمر پنجٽيهه ورهيه هئي. مون پنهنجي هر ڏنڌي مان هٿ ڪڍي ورتو هو. ان وقت مان ڪئليفورنيا جي ”ڪميونٽي آرگنائيزيشن“ جو ڊائريڪٽر هوس. ان وقت مون سمجهيو هو ته مان سماجي ڪم ڪري ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان ۽ مون کي ان مهل هڪ آخري فيصلو ڪرڻو هو ۽ مان پنهنجي ونيءَ، ٽن پٽن ۽ سندن ڪتن سميت گهر کي الوداع چيو ۽ ميڪسيڪو جي سونورا (Sonora) جبل ڏانهن روانو ٿيو هوس. اسان هڪ سال يا ڪجهه وڌيڪ عرصي لاءِ ڪٿي ترسي پوندا هئاسون. پنهنجو گهر اتي وڃي قائم ڪندا هئاسون، جتي چوطرف ويراني هوندي هئي، پرپاسي ۾ ڪير به موجود نه هوندو هو. ان اڪيلائيءَ مان ڏاڍو لطف ايندو هو. اسان مهينو کن اهڙو سفر ڪيو ۽ ڏکڻ ڪئليفورنيا جي سامونڊي ڪناري سان اڳتي وڌي رهيا هئاسون. ان وقت اسان کي نيو ميڪسيڪو جي ٽئوس (Taos) واري جوءِ جي مئبل ڊاج (Mable Dadge) ڳوٺ جي ماڻهن جي هڪ گذارش اچي پهتي هئي (هاڻي مئبل ڊاج کي مئبل لوهان (Mable Luhan) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي) اهڙي گذارش ڪندڙ عورت مون کي هن کان اڳ ڪيترا پيرا سندس علائقي ۾ اچڻ جي نينڊ ڏني هئي. ان عورت جا خط به تصوراتي ۽ ڏند-ڪٿائي نوعيت جا هئا. اهڙيون ڳالهيون هن هڪ قديم سنڌي وسندي بابت لکيون هيون، جيڪا چيڪيءَ مٽيءَ جي نن‍ڍڙن گهرن تي مشتمل هئي. عورت لکيو هو ته اهڙيون اچرج جهڙيون ڳالهيون ان ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ رونما ٿي رهيون آهن. هن وڌيڪ اهو به لکيو هو ته ”ٿوري وقت لاءِ هيڏانهن اچ، پوءِ پلي نيو ميڪسيڪو جي سونورا جبل ڏانهن هليو وڃ.“ جيڪو هتان سولو آهي. مان سندس اهڙيون ڳالهيون پڙهي وسوڙجي ويو هوس. پوءِ اسان جو ننڍڙو قافلو اوڏانهن روانو ٿيو. جيڪو پورن ٻارنهن سالن کان پوءِ ميڪسيڪو ڏانهن وڃي سگهيو هو. ٽئوس روهه ۽ ڪوهه واري مٿانهين جابلو جوءِ هئي. جنهن وقت اسان ان پوني تي مٿي چڙهڻ شروع ڪيو ته برفاني طوفان به واڪو ڪري اچي لٿو هو. اهو ڪرسمس کان ٿورو اڳ جو واقعو آهي. برف به چوي ته اڄ نه وسان ته ڪڏهن وسان، برف جا ذرڙ اسان جي منهن ۾ چپي رهيا هئا. ان وقت جهونهڪڙي جهڙي روشني هئي ۽ اسان شمعن جي روشني ۾ هڪ ڪنواريءَ

ماءُ ڪي هڪ پٽ چمندو ڏسي رهيا هئاسون. ان سمي ڪافرن جي ڳائڻ جا آواز يا پڙاڏا بہ ٻڌجي رهيا هئا. ان ڪان بہ ڏينهن پوءِ ريڊ ڊيئر ڊانس (Red deer dance) شروع ٿيو هو. ان مقدس جبل جي اتر– اولهہ ۾ ٽئوس واري پاسي ڪان هڪ ٽڏو پرندڙ (Flaming) ڪڪر جنهن سج ۾ پوءِ ستارن ڪي ڍڪي ڇڏيو هو. اهو منظر مون ڪي ايئن ئي نظر آيو هو. اها هڪ اهڙي سچائي هئي جنهن جو وجود ئي سچائي جي تصديق هئي. اهو وجود گهڻ– رخو ڊيڄاريندڙ جذبن سان ڀرپور ۾ گهٽين شين جو هڪ مجموعي اظهار هو محسوس ايئن ٿي رهيو هو ڄڻ قبيلي جو ڪو روح اڏامندو جبل ڏانهن بلڪ هر شيءِ جي ذريعي (Source of things) ڏانهن وڃي رهيو هو. هن ڪان هڪ پيرو اڳ– اٽڪل ويهہ سال اڳ مون ڪي برفاني طوفان سان منهن ڏيڻو پيو هو. بلڪل ايئن جهڙيءَ طرح ٽئوس واري پوٺي چڙهڻ وقت منهن ڏيڻو پيو هو. انهن ڏينهن ۾ منهنجي ڄمار سترهن سال هئي ۾ اهو موقعو والٽ وائٽمين (Walt Whitman) ڪي دريافت ڪرڻ جو هو. ان برفاني طوفان لوڏي رکيو هو ۾ منهنجي اکين آڏو اهڙيون شيون اچي رهيون هيون جن جو ڪو حقيقي وجود ئي نہ هو. سمجهہ ۾ ايئن اچي رهيو هو ڄڻ تہ ڏرتي ڏڏي رهي آهي. دل ۾ بي انتها خوف پيدا ٿي ويو هو. افق بہ ڄڻ گهٽو پوئتي هٽي ويو هو. ٿوري وقت ڪان پوءِ جسماني طور صحيح سمجهڻ لڳس ۾ ٻاهرين دنيا بہ صحيح نظر اچڻ لڳي هئي. وري محسوس ٿيڻ لڳو تہ جبل جي چوٽيءَ تي ٻينو آهيان. اونهاري جي موسم آهي ۾ چوڌاري ساوا ۾ گجگاهہ ٻيلا ڏسجي رهيا آهن، جيڪي ڏاڍي سهٽي نموني سان ناچ ڪري رهيا آهن. اهو منهنجو اڪيلائي وارو دنياوي شعور هو ۾ اهو دائمي تنهائي جو هڪ ٻيو نمونو هو. پر ٽئوس جي پوٺي تي طوفاني برف وسڻ وقت مان اڪيلائي محسوس ڪري نہ رهيو هوس، پر منهنجي آڏو سارو النهاني نسل موجود هو جيڪو منهنجي سوچ ۾ فڪر مطابق وجدان ۾ اچي نچي رهيو هو نهايت شاندار ۾ نهايت خطرناڪ طريقي سان. مان ان ڪي سندس اصلي جذبي سان ڏسي رهيو هوس. اهو منظر هڪ هزار يا ڏهہ هزار سال پراڻو هو. اهو ڄڻ ايڏو قديم جو ڄڻ مان انهن ڪي پيدائش واري پهرين ڏينهن تي ڏسي رهيو هوس.

مان هتي زندگي جي سرچشمي وٽ پنهنجي راض خوشيءَ سان پنهنجي سماجي ڪارڪردگي ۾ تجربن سميت ۾ مختلف فنن جي مجموعي سان گڏ پهتو هوس. هتي هڪ طبعي نفسياتي تجربيگاهہ هو جنهن ڪي ڏسي ماڻهو

دنگ رهجي ٿي ويو. منهنجي خيال ۾ اهو جڳ تہ يوناني ڊرامو هو جيڪو 400 ق. م ايٿنس ۾ سرانجام ڪيو پئي ويو. ان ڊرامي ۾ ساري نيات (Community) موجود هئي. ان کي چڱيءَ ريت خبر هئي تہ اهو ڊرامو نہ پر حقيقت آهي. اهي سڀ ڪنهن جوش جذبي کان وانجهيل (Unsentimental) ماڻهو هئا. نہ لکي سگهندا نہ پڙهي سگهندا هئا. مسڪين هئا ۽ سخت قسم جو پورهيو ڪري پيٽ گذر ڪندا هئا. انهن سيني ماڻهن کي ڏهاڙي هيءَ ڳالهہ ياد ڏياري ويندي هئي تہ کين هڪ ڏينهن اوس بہ مرڻو آهي. اهڙن لفظن ۾ ڪنهن همدرديءَ جو تاثر موجود نہ هوندو هو. منجهن جواب ڏيڻ جي روايت نہ هوندي هئي. ڇاڪاڻ تہ اهي ماڻهو ديوتائن سان گڏ هئا. مان اهو سال ۽ ان کان پوءِ پورا پنجويهہ سال سنڌي قبيلن سان گڏ رهيس. مان ڪيترائي ڀيرا ڏٺو تہ هو روح کي طلب ڪري اندروني جسماني قوت ۽ ٻاهران ڪائنات مان طاقت حاصل ڪري وٺندا هئا. مان پنهنجي شخصيت جي تڪميل لاءِ سبق سکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن مان پنهنجي زندگيءَ ۾ ۽ پنهنجي دور ۾پنهنجي شخصيت جي تڪميل ڪري سگهان ۽ منهنجو اهو ئي خاص مقصد هو. مان ڏٺو تہ اهو سنڌي قبيلو دنيا سان گڏ هو تہ ڪائنات سان بہ گڏ هو. جنهن جو زور فنا جي شعور تي هو. اهڙي قوت ارادي قبيلي جي ماڻهن جي دلين ڏانهن منتقل ڪري رهيا هئا. سندن اها خواهش بہ هئي تہ قبيلي جا ماڻهو اهڙي مضبوط ارادي جو اظهار بہ ڪري ڏيکارين. پنجويهہ سال ٿيندا جو تئوس جي تجربي منهنجي زندگيءَ جي منصوبن کي ئي تبديل ڪري ڇڏيو هو. پر اهڙو اثر جلديءَ ۾ نہ ٿيو هو ڇاڪاڻ تہ انساني نسلن جي عالمن (Anthropologists) جو چوڻ آهي تہ سنڌي قبيلن يا ٻين اصلي باشندن جي اها روحاني طاقت ختم ٿي ويڻي آهي، سندن اهڙو نقطہ نظر منهنجي دماغ ۾ گهر ڪري ويهي ويو هو. سال ٻن کان پوءِ مان سنڌين جي ڳوناٺي زندگي جي ويجهو ٿيڻ شروع ٿي ويس ۽ انهن ماڻهن جي طاقت جي حقيقت کان بہ واقف ٿيندو رهيس. ان کان پوءِ مان تقدير واري نظريي جو قائل ٿيندو ويس. ان وقت مان سمجهندو هوس تہ سنڌين جي ڳوناٺي شهري رياست (City State) هڪ جدا معاملو آهي. اهي پنهنجي وجود ۾ بي مثال آهن. اهي ”نيو ورلڊ“ جي اسپيني شهنشاهيت جي سرحد سان آباد آهن، انهن کي پنهنجي حال تي ڇڏيو ويو آهي، جيڪي پنهنجي حال تي گهٽ وڌ پر خوش آهن. انهن وٽ هي ڳالهہ سکڻ لاءِ امن بہ آهي تہ وقت بہ آهي

تہ بهتر قدامت کي کهڙي طريقي سان محفوظ ڪري سگهجي ٿو ۽ کهڙي طريقي سان بهتر نئين عهد جي جوڙجڪ ڪري سگهجي ٿي. سنڌين جي گهڻن قبيلن ۾ زندهہ رهڻ جي اها خوبي ۽ خاصيت موجود نہ آهي.

ڪيترن سالن تائين مان هن ڳالهہ جو قائل رهندو پئي آيس تہ سفيد چمڙيءَ وارن ماڻهن جي ڏاڍ ڏمر ۽ ڪنورتا سنڌي قبيلن جي ماڻهن کي قتل ڪري ناس ڪري تہ ڇڏيو هوندو پر انهن کي پنهنجي روحاني ملڪيت ۽ طاقت تان هٿ کڻڻ لاءِ بہ مجبور ڪيو هوندو. مون کي پوري پڪ آهي تہ هڪ ڏينهن اسان جي بيمار دنيا کي سنڌين جي ان روحاني طاقت جي ضرورت پوندي. سنڌين جي اها ملڪيت سادگيءَ سان زندگي گذارڻ جو هڪ طريقو آهي. اهو منظم طريقو آهي جيڪو جامع بہ آهي، ان ۾ عالم مشهود جو نقطہ نظر بہ آهي تہ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ جو اتساهہ بہ آهي. ان ۾ اهڙيون روايتون آهن جيڪي اداري جو ڪم ڏئي رهيون آهن. وٽن علامتي نوعيت جو روحاني اعتماد بہ آهي، جنهن ۾ اندرئين ۽ ان سان گڏ ٻاهرئين نقطہ نظر کان اهو سمجهيو ويندو آهي تہ انسان هن زندهہ دنيا جو جوڙيوال (Co_partner) آهي. انسان ۽ فطرت هڪ ٻئي سان گڏجي هلن ٿا ۽ هڪ ٻئي تي دارومدار رکن ٿا. اهو زندگي جو طريقو هوندو آهي جنهن مان فرد ۽ معاشري جي لاڳاپن جو پتو پوندو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي ٻئي ڌريون هڪ ٻئي کان هڪڙيون شيون وٺندا ۽ ٻيون شيون ڏيندا آهن. اهي ٻئي ڌريون انساني نسل ۽ ماضيءَ واري دنيا کان قدر (Value) ۽ قوت (Power) حاصل ڪندا آهن. اهي ساڳوين ڌريون اهي ساڳيا قدر ۽ قوت ايندڙ انساني نسل ۽ مستقبل جي دنيا کي منتقل ڪندا آهن. ماضيءَ ۽ مستقبل لاءِ اهو نہ سمجهيو وڃي تہ اهو هڪ ڊگهي قطار ۾ بيٺل وقت جو سلسلو آهي، جيڪو اڳي بہ موجود هو ۽ اڃا بہ رهندو. پر اهي طاقتور ۽ اڳتي وڌڻ وارو سلسلو آهي، جيڪو هڪ زندهہ حقيقت آهي. اها اڄ بہ هينئر بہ موجود آهي.

دنيا بابت نقطہ نظر ۽ خود پنهنجي پاڻ بابت تصور انسان کي اهڙيءَ گهرائي ۾ وٺي وڃي ٿو جنهن جي پيمائش ڪرڻ ممڪن ئي نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو انسان پاڻ کي هن وسيع ڪائنات سان گڏ ڏسي ٿو. هيءَ ڪائنات هڪ انباس گهرائي آهي، جيڪا فنا ٿيڻ جي نہ آهي ۽ اها روح سان گڏ آهي.

ڊبليو ايڇ هڊسن (W. H. Hudson) پنهنجي ڪتاب 'For Away and Long Ago' ۾ مظاهر پرستي (Animism) جو ذڪر ڪيو آهي ۽ چوي ٿو تہ هو پاڻ بہ ان

عقيدي جو قائل آهي. حقيقت اها آهي تہ ان عقيدي هن جي سيني احساسن کي ڍڪي ڇڏيو ان کان پوءِ سندس زندگي آسان ۽ بهتر ٿي وئي. سندس شعور مظاهر پرستي واري عنصر جو انڪاري هو. پر ڪين اها چڱيءَ ريت خبر هئي تہ مظاهر پرستي انساني فطرت ۾ شامل آهي، جنهن کي ماري ختم ڪري نہ ٿو سگهجي.

هن جو شعور ظاهر ۾ نظر ايندڙ هن دنيا کي ڏسي رهيو هو تہ اهو حقيقت ۾ ڇا آهي، هيءَ دنيا ڊرامي جو اهڙو هڪ اسٽيج آهي، جتي انسان کي پنهنجي تيچ سمان ۽ واهيات ڪردار ادا ڪرڻ جي نيند ڏني وئي آهي. جنهن جي پسمنظر ۾ ساوا ۽ نيرا نظارا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. شايد موجوده دور جا ماڻهو ڪارٽيسن (Cartesean) (فلاسافر) واري صديءَ کان آزاد ٿي رهيا آهن، جنهن انسان کي ٻن اڌن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. شايد ايئن نہ بہ ٿئي، ڇاڪاڻ تہ جنهن شيءِ کي اسان فاشيزم (Fascism) سڏيندا آهيون، تنهن کي انسان جي فطرت ۽ انساني معاشري پاڻ تہ پيدا ڪيو آهي. فاشيزم فقط تڏهن ختم ٿي سگهي ٿو جڏهن انسان کي اندروني يا جذباتي طور تبديل ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ اندروني طور هو پنهنجي روح کي پاڻ ئي ٻُڙڪائي ڪائي ويو آهي ۽ ٻاهرئين نقطہ نظر کان هن مشينن جي زور تي فطرت جو بيجاءِ استحصال ڪيو آهي هن کان وڌيڪ هو ٻيو ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهيو آهي.

مون کي يقين آهي تہ اهو سوال اسان جي تقدير سان واسطو رکي ٿو. سنڌين پاران متوقع جواب اهو هوندو تہ اهي اڃا تائين پنهنجي سنڌي معاشري جي حدن ۾ رهن ٿا. ڪين پنهنجي اصولن تي پڪو يقين آهي. منجهن حد درجي جي خودي (Selfhood) موجود آهي، قوت ارادي (Selfwilled) جا مالڪ، هر ڪم پنهنجي هٿن سان ڪرڻ وارا، پنهنجي شخصيتن ۾ نهايت اعليٰ ۽ شاندار (Personality excellence) هوندا آهن. انهن جي هڪ فرد کي ساري قبيلي جي سماجي اداري جي طاقت حاصل هوندي آهي، بلڪ ساري نسل جي حمايت حاصل هوندي آهي. اها ڳالهہ عملي حقيقت کان بہ وڌيڪ اهم آهي. اهڙيون ڳالهيون سندن خودي، سماج ۽ وسيع دنيا جي نقطہ نظر مطابق هونديون آهن. اهو ڪائنات جي باقي رهڻ ۽ فتح جو اصلي جوهر آهي.

هنن کي فتح ڪرڻ واري دور کان وٺي اڄ تائين جيڪڏهن هنن سنڌين جي تاريخ جو مطالعو ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ هن نسل جا ماڻهو پنهنجي ڪردار

۾ ڏاڍا مثبت رهيا آهن. هن نسل پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏاڍ ڏمر، ڪيس ۽ ڪلور به ڏٺو آهي. هن ڪتاب جي مصنف هنن ماڻهن جي مثبت ڪردار کي هوريان هوريان سمجهيو هو. جيڪو سندن تاريخ ۾ موجود آهي. آمريڪا جي هنن سنڌين جو بي رحميءَ سان قتلام ڪري سندن لاشن جا ڍير لڳايا ويا. هنن جو قتل عام ڄڻ معاشري جو قتلام هو. هنن جي زندگي جي قدرن کي لتاڙي ناس ڪيو ويو هو. جيڪي حملہ آورن جي نظر ۾ اوپرا ۽ اچرج جهڙا هئا. پر انهن قدرن تي سنڌي ماڻهن جو وڏو ويساهہ هو. اهي قدر جن جو واسطو اندر سان- بلڪ روح سان هو. جيڪي پيچيده ۽ گوناگون هئا، انهن قدرن ۾ ڪيئي رنگ سمايل هئا، سي پنهنجي اصلي رنگ ۽ ڍنگ ۾ زندهہ آهن سدائين زندهہ رهندا.

جيڪڏهن اهي قتل تي نہ سگهيا آهن تہ اهي ڪڏهن بہ قتل تي نہ سگهندا. اهي ماڻهو بہ زندهہ آهن، سئو سال پوءِ بہ زندهہ رهندا. بلڪ هزارين سال زندهہ رهندا. ايستائين زندهہ رهندا جيستائين انسان زندهہ آهي. اهي قدر سنڌين طرفان انسان ذات لاءِ سوکڙي آهن.

چا اسان انهن سون ورنن قدرن کي پنهنجائي سگهون ٿا. جيڪڏهن اسان انهن کي پنهنجي ڪرڻ ۾ ڪامياب وياسون تہ پوءِ ڌرتي ماتا اڻ ٽڪ ۽ اڻ کٽ ٻڄي ويندي. امن ۽ آشتي انباس هوندي ۽ فنا جو طوفان امن اهنسا جي ورڻ کي ڪڏهن بہ لوڏي ۽ ڌوڏي نہ سگهندو.

معاشرا زندهہ رهندا آهن، اهي انساني مزاج جي تخليق ڪندا آهن. پنهنجي فردن جي شخصيتن ۾ ڪيئي رنگ ماڻيندا آهن ۽ عظمتن جي آسمان تي پهچائي ڇڏيندا آهن، اهي ماڻهن کي ڏاڍو گهرو رڱي ڇڏيندا آهن. ماڻهو بہ لامحدود رنگ بہ لامحدود. موجوده دنيا ۾ هر جاءِ تي نيارو ۽ نرالو آهي. تاريخ دور ۾ ماڻهو ڪنهن بہ جاءِ ساڳئي مزاج وارا نہ رهيا آهن. ان جو ڪارڻ اهو آهي جو هر معاشرو ٻئي کان مختلف آهي. معاشرو ماڻهوءَ جي تعمير ڪندو آهي. اهي فردن کي نپائيندا، پاليندا ۽ انهن جي تقدير بہ اهي ٺائيندا آهن.

معاشرا حياتيءَ کي پنهنجو ڍب ۽ ڍنگ ڏيندا آهن، حياتي کي ۽ ان کي پاليندا آهن، پر اسان کان اڳ واري دور زندگي کي ڪجهہ بہ نہ سمجهي ٿو ڪاري ڦٽو ڪري ڇڏيو آهي. ڪيس يقين آهي يا ڪنهن تصور کان متاثر آهي پر هي دور هن بي حس تبديلي کي صنعتي انقلاب جو نالو ڏئي ٿو. ٻين لفظن ۾ هن ريت بہ چئي سگهجي ٿو تہ اٺويهين صديءَ ۾ اسان جي خيالن کي خاص

سانچي ۾ وجهي اسان جي سوچ ۽ فڪر جو نئون ڍانچو مرتب ڪيو آهي ۽ اهو اسان جي آڏو آهي. ان جا عملي نتيجا هڪ يا ٻه نه پر لامحدود آهن. جيڪي براين ڏانهن ڇڪي رهيا آهن. ان ڪري نه رڳو وڏي ماڻهوءَ جي سوچ بدلجي وئي آهي پر اڻويهين صدي ان تصور ۽ نئين سماجي سائنس وڏي صنعتڪار ۽ سياستدان وانگي پورهيت جي تصور کي به بي شعور ۽ متعصب بڻائي ڇڏيو آهي. اهي تصور (Assumptions) ڪهڙا آهن؟ جيڪڏهن انهن کي مختصر بيان ڪبو ته اهو اختصار تمام نندڙو ٿي پوندو. پر انهن مان ڪجهه بيان ڪجن ٿا.

آزاد تجارت (Free Market) ۽ لئسيز جو انصاف پسند اصول (Laisseze Fair Docture) انساني دنيا هن نقطه نظر سان ڏٺو هو ته اها انساني دنيا شخصن ۽ فردن جي مختلف ايڪاين جو هڪ مجموعو آهي ۽ آزاد تجارت ۽ لئسيز (Laisseze) جي انصاف پسند اقتصادي عام اصول مطابق انهن شخصن ۽ فردن مان هر هڪ تي ضابطو رکي سگهجي ٿو. تنهن ڪري اهي اقتصادي شخصي دنيا لاءِ ڪنهن متاسٽا جي لائق (Interchangable) ۽ مناسب آهن. آزاد تجارت جي قانون کي انساني زندگيءَ جو قانون سمجهيو ويو هو. تنهن آزاد تجارت جو قانون جو هر شيءِ سان حڪم هلڻ لڳو هو. معلوم ايئن ٿي رهيو هو ته آزاد تجارت انساني معاشرن، ورثي، اخلاق، خوبصورتيءَ جي قدرن، گهرو ۽ نيات (Community) جي زندگي ويندي ذرتي جي قدرتي وسيلن لاءِ هڪ آفت بڻجي اچي ڪڙڪي هئي. ان جا قائم ڪيل ڪارا قانون ۽ انياءَ وارا اصول سيني جي مٿان جاري ۽ ساري هئا ۽ هر انساني چرپر ۽ ڪارڪردگي مٿان حاوي هئا ۽ وڏي واڪ نجات جو يقين ڏياري رهيا هئا. اهو ويساهه ڏياربو هو ته اهو هر انساني ناسور لاءِ آب ـ حيات هوندو.

صنعتي انقلاب مختلف انساني قدرن جي مجموعن جي تحفظ جي يقين دهاني ڪرائي هئي. دنيا ۾ موجود سيني انساني اخلاقي قدرن کان صنعتي انقلاب جي حيثيت اعليٰ ۽ ارفع هئي، جنهن مطابق بي انتها دولت حاصل ڪرڻ واري مقصد جي تڪميل اعليٰ اخلاقي قدر هو ۽ دولت سياسي اقتدار حاصل ڪرڻ جو هڪ اهم ذريعو بڻجي ويو هو. هنن قدرن لاءِ تصور ايئن ڪيو پئي ويو ته انهن وجودن اندر انسان ذات جي بي پناهه حرڪت موجود آهي. اهي قدر بذات خود هڪ معاشرو آهن. بنا خرچ جي وڏي فائدي حاصل ڪرڻ جي

جذبي تحت ساري انساني معاشري کي فقط هڪ فرد جو معاشرو سمجهيو ويو هو. ايئن سمجهڻ کپي ته اها طبعي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ دولت گڏ ڪرڻ جي يا دولت وسيلي سياسي اقتدار حاصل ڪرڻ جي بک هئي. هڪ مفروضي وسيلي انساني فطرت کي جاچڻ پرکڻ بہ هڪ حقيقت سمجهڻ کپي. اهڙا اصول انهيءَ لاءِ موجود آهن تہ انهن کي استعمال ڪري حقيقتون ڏٺيون وڃن ۽ سوچيو وڃي تہ ان حڪمت عملي کي ناڪام ڪرڻ جا جتن ڪيا وڃن يا ان کي ٻڪ هٽي چنبڙي پئجي. اهڙي صورتحال ان وقت تائين قائم رهڻ گهرجي، جيستائين صنعتي انقلاب جي لڪل اندروني قدرن جو چڱيءَ ريت پتو نہ ٿو پوي يا اهي قدر هر جڳهہ تي عام نظر نہ اچن يا انساني حالتن وسيلي يا انساني حالتن کي نئين ترتيب ڏيڻ وسيلي انساني فطرت ۽ سوچ ۽ فڪر بابت قائم ڪيل مفروضن کي صحيح نہ ٿو ڪري سگهجي. اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ ضرورتن جو پورائو ڪرڻ بہ ضروري آهي. ڏٺو اهو ويو آهي تہ آزاد تجارت انهن ضرورتن پورين ڪرڻ ۾ بلڪل ناڪام ثابت ٿي آهي، پر حقيقت اها آهي تہ آزاد تجارت انسان لاءِ اجا بہ وڏيڪ ڏچو پيدا ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جو ازالو ٿيڻ گهرجي، پر ان لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهو انسان دوست ۽ خدمت_ خلق جهڙن ادارن ۽ وقت جي حڪومت جو مٿي جو سور آهي. اهو بہ تصور ڪيو پيو وڃي تہ اهڙن انساني مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ انسان دوست اداري ۾ ۽ وقت جي حڪومت وچ ۾ ضروري شين جي سڌي آمدورفت هئڻ گهرجي. اهڙي ريت، تعليم، صحت، تفريح ۽ ٻين خيراتي ڪمن لاءِ بہ انسان دوست ادارا ۽ وقت جون حڪومتون ذميوار هئڻ گهرجن. انهيءَ ڪري آزاد تجارت جي هڪ رنگي ۽ گهٽجي ويل اقتصادي ڪارڪردگي، انسان دوست ادارن ۽ وقت جي حڪومت جي اختيار ڪيل خطرن کي ناس ڪرڻ واري حڪمت عمليءَ سان گڏجي وئي آهي.

مان هتي اٺوهين صدي جي صنعتي انقلاب جي تصور تي تنقيد ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪري رهيو آهيان، پر منهنجو مقصد هن ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ آهي تہ انساني يا گهڻ انساني معاشرن جي دانشورن ڪهڙي طريقي سان ان کي غير اهم سمجهي دل تان لاهي ڇڏيو آهي. ٿو ڪُتا ڇٽي ٿوڪاري ٻري ڦٽي ڪري ڇڏيو آهي. ان لاءِ ڪي ٻيا بہ عنصر بہ ذميوار آهن ۽ اضافي عنصر هڪ مجموعي جي شڪل ۾ هڪ مڪار ۽ عيار طريقي سان انسان ذات خلاف


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پنهنجي ڪم ۾ جُتَلَ آهن.

انهن مان هڪ عنصر ”حالت“ آهي جنهن جو عقلي دليل واري نظريي سان ڪوبه واسطو نه آهي. اهو عنصر صنعتي انقلاب جي پيداوار آهي. جنهن ويچاري انسان جون پاڙون پٽي ڦٽي ڪيون هيون، پاڙيسري هجڻ واري تصور جون ڌجيون اڏائي ڇڏيون هيون، گهر جو تصور ۽ هٽ جو هنر پاڙئون پٽجي چڪو هو. ماڻهوءَ مٿان مشين حاوي ٿي چڪي هئي. وڏڙن جو نئينءَ ٽهيءَ کان واسطو ٽٽي ويو هو. فرد جي پيرن ۾ تيز رفتاري اچي وئي هئي. انساني تفريح ۾ تجارتي وسعت اچي وئي هئي. ماڻهو اخبارن پڙهڻ لاءِ آتا هئا. جيڪي نهايت گهٽي انداز ۾ ڇاپجي رهيون هيون. مووي ۽ ريڊئي جو استعمال به عام ٿي ويو هو. هنن سيني ڳالهين انساني معاشري کي واڙو ڊانواڊول بلڪ تباهه ڪري ڇڏيو هو.

ڇاڪاڻ ته آزاد تجارت ۾ دلچسپي رکڻ وارو ماڻهو معاشي طور مفاد پرست (Self_ interested) ٿيندو آهي. هي انساني نسل جو هڪ ذري جيترو حصو هوندو آهي، جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي بهتر انساني معاشرو نه ملندو آهي ته اهو هڪ گندي معاشري ۾ رهڻ لاءِ مجبور هوندو آهي. ان نموني گندو معاشرو وجود ۾ اچي ٿو، جيڪو انسان يا فرد جي اندر ۾ موجود ذهني انتشار کي استعمال ڪندو آهي. اهڙي ذهني انتشار کي دٻائڻ واسطي ٻي مهاڀاري لڙائي لڳي هئي. ڇا جنگ يا ڪنهن ٻئي اهڙي طاقت وسيلي ضرورتن جي اهڙين خواهشن کي دٻائي سگهجي ٿو جن جي حاصل ڪرڻ واسطي ماڻهو نفسياتي طور بي صبر ٿي ويندو آهي، جن جو ملڻ دنيا جي تنگ نظري ۽ ڪن حالتن ڪري ناممڪن ٿي پوندو آهي، پر ماڻهو ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ جذباتي ٿي پوندو آهي.

مان اهڙن ٻن عنصرن جو ذڪر ڪندس جيڪي هڪ ٻئي سان لاڳاپيل آهن، جن اڻويهين صديءَ کان وٺي اڄ تائين هڪ معاشري يا گهڻ انساني معاشرن کي ٽُو ڪتا ڇئي ٽوڪاري ڦٽو ڪري ڇڏيو آهي.

انهن مان هڪ عنصر اهو هو ۽ اڄا تائين به آهي، سو آهي مشيني سائنس جي ضرورت ۽ ايجاد ۽ ان جي سبب ۽ اثر (Cause and Effect) ۽ نتيجو ۽ اهو نتيجو جنهن جو تصور هجي ته هي ڪائنات ننڍڙين ننڍڙين ۽ جدا جداد چرندڙ پرندڙ شين جي نهيل آهي ۽ اهي شيون هڪ ٻئي کي چوري اڳتي

وڏنديون رهن ٿيون. زندگي جي سلسلي جي سائنس حياتيات ۽ ڪيميائي سائنس (Chemistry) آهي، جنهن جو مقصد ثانوي مظهر (Epiphenomenal) آهي، جنهن مطابق خيال لڪل خواهشون آهن. معاشرا هڪ جڳهه تي بيٺل يا اهڙيون هلندڙ شيون آهن، جيڪي مختلف جزن جون ٺهيل آهن، جن ۾ مختلف خوبيون ۽ خاصيتون آهن، جيڪي هڪ ماڻهوءَ کان ٻئي ماڻهوءَ تائين هلنديون رهنديون آهن. توڙي جو استعاري طور اندر واري حياتي کي نئين تخليق ۽ پنهنجي شخصيت ڏانهن منسوب ڪري وٺس آمدني جا گهڻا ذريعا به هجن، جتي معاشرا پنهنجي حيثيت وڃائي ڇڏيندا آهن. پر زمانو اهڙن ماڻهن تي ڪلندو آهي ۽ مٿن ڪاوڙ جو اظهار ڪندو آهي. جڏهن ڪائنات ۽ ايٽم، گفتگو ۾ خطري ۽ خطرناڪ اڳڪٿين جو موضوع بڻبو آهي ته آئن اسٽائن (Einstein) وائيٽ هيڊ (White head) ۽ ان جي نسل مٿان پيل سائنس جو دٻاءُ ڊرو ٿيڻ بلڪ پوئتي پرکڻ شروع ڪري ڇڏيندو آهي، پر اڳين صديءَ جي بک جڻ هن صديءَ جي سياسي سوچ ۽ سماجي سائنس جي بک بڻجي وئي آهي.

سچائيءَ وارو تصور ۽ بهادراڻي اظهار خيال ڪري مختلف معاشرن ۾ موجود بي پناهه تخليقي قوت، شين جو سوداءُ ناڪام ٿي چڪو يا شديد قسم جي اقتصادي بک جڻ ته ختم ٿي چڪي آهي. انهيءَ ڪري هر جڳهه تي اسان جي سياسي مدبرن ۽ تعليمي اڪابرن جي سوچن کي وڏي طاقت حاصل ٿي وئي آهي. اهڙيون ڳالهيون اسان کي اميدن ۽ خوشين جي نيڪ راهه ڏانهن وٺي وڃن ٿيون. سيني کان آخري عنصر هيءُ آهي ته اٽڪل صدي سوا صدي اڳ مغرب جي سڃاڻ ڏرين، عالمن، اڪابرن هن ڳالهه کي مڃيو هو ته انسان اڪيلائپ ۽ ويڳاڻپ جو شڪار ٿي ويو آهي. پر هنن ۾ نه قديم معاشري سان گڏ ويهڻ جي سگهه هئي، نه وري منجهن نئين سماج جهڙو پورهيت، انهن ۾ ساٿ ڏيندڙن ۽ يقين ڏياريندڙ ماڻهن جي تحريڪ سان گڏجي هلڻ جيتري طاقت موجود هئي. اهڙن ماڻهن نه حالتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي نه وري ڪا اهڙي ڳالهه ڪئي هئي، جيڪا وقت جي لحاظ کان مناسب هجي، يعني ان ئي دور اندر موجود تباهه ٿيندڙ روحن کي بچائڻ لاءِ ڪنهن به قسم جو هٿ پير نه هنيو هو جنهن ۾ اسان سڀ موجود هئاسون. اهڙي بي حسي ۽ بي رخيءَ ڪري اسان جو ۽ مغرب جو معاشرو انهيءَ ڪاري ٻاٽ جي ڊٽوب ۾ ڪريو جنهن جو

انت ۾ ڇيهه تہ ڄڻ آهي ئي نہ.

گهڻو اختصار معنيٰ ساگر کي گهاگهر ۾ سمائڻ هوندو آهي، مان پنهنجي ڳالهہ کي هن حوالي سان وڏيڪ چٽي ڪرڻ جي ڪوشش ڪونہ ڪندس، تہ دنيا جي ڪن حصن ۾ اقليتي نسلن ۾ سجاڳي اچي رهي آهي، پر منهنجو موضوع آمريڪا جي سنڌين سان تعلق رکي ٿو.

آمريڪا جي سنڌين کي اها پوري معلومات هئي تہ معاشرو عظيم شخصيتن جي تخليق جو ذميوار هوندو هو. هنن انسان ۾ ڪائنات جي تنظيم ڪاريءَ جي بہ ڪوشش ڪئي هئي، هنن اهڙيون سنيون ڳالهيون تيز آمريڪا ۾ سفيد چمڙي وارن ماڻهن جي اچڻ کان صديون اڳ ڪيون هيون. سنڌي معاشرو پاڻ کي زنده رکندو آيو ۽ مختلف معاشرن کي بہ پنهنجي اصلي رنگ ۽ ڍنگ ۾ زنده رکندو آيو.

سفيد چمڙيءَ واري حملا آورن پنهنجي فوجي اقتصادي مفادن ۽ مذهب خاطر آمريڪا جي قديم سنڌي معاشرن کي موت جي سزا جي فيصلي ٻڌائڻ جو اعلان ڪيو هو. صدين جي ڏکهي غلامي، وطن کان نيڪالي، جسماني قتل، پروپئگنڊا ڪري سنڌين کي سنڌين خلاف ويڙهائڻ جي گندي سازشن، سنڌي معاشري کي گهڻو نقصان پهچايو هو. اهڙي ريت نون حملي آورن سنڌين کي قتل ڪرڻ لاءِ نُنهن چوٽيءَ جا زور لايا هئا. 1492ع کان ويندي موجوده دور تائين جيڪڏهن سنڌين جي تاريخ ڏانهن وسيع نظري سان ڏيان ڏبو تہ سمجهہ ۾ ايندو، تہ سنڌين جو جانورن وانگي شڪار ڪيو ويو آهي. ڪيترائي سنڌي معاشرا بي رحميءَ سان شڪار ڪري صفا ختم ٿي ويا. اهڙو دائمي موت جنهن جو ختم ٿيڻ ممڪن ئي ڪونہ هو. ٻين معاشرن کي ايترو گهڻو گهايو يا زخميو ويو هو، جو سندن گهاءَ هميشہ لاءِ ناسور بڻجي ويا ۽ موتمار ثابت ٿيا. پر هنن سنڌين ۾ مري وڃڻ کان وري جيئري ٿي پوڻ جي بي پناهہ طاقت، اهي لاشن جي ڍير مان زنده ٿيندا، اٿندا ويا. انهن کي وري بہ شديد حملا ڪري ويران علائقن ڏانهن ڌڪيو ويو. انهن کي زندگي پر ٻين جي نظرن کان پري رکيو ويو. انهن کي لس لنگهڻ ڪاٽڻ ۽ ويلن تي ويهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هو. اهڙي ڪاري قيامر محشر ۾ مانڊاڻ ڪانپوءِ بہ گڏيل معاشري جي شڪل ۾ موجود آهن. انهن پنهنجي اصلي ٻولي ۽ پنهنجي مذهب کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. انهن جي ثقافت، علامتون، اُڌما، اُتساهہ، پنهنجي شخصيت ۽ ڪائنات بابت ذهني لاڙا

اڄ بہ اهي ساڳيا آهن. جيڪي وٿن آدجگاد کان موجود هئا. اهو نہ سمجهيو وڃي تہ اهي جمود جو شڪار آهن. نواڻ جا دشمن آهن ۽ ماضيءَ کي انڌي جيئان ٻڪ هڻي وڃي ويهي رهيا آهن. اهي نئين دور جي سانچن ۾ ڍلجڻ واري صلاحيت جا مالڪ آهن ۽ زماني مطابق نواڻ اختيار ڪرڻ جو ڪين سليڪو حاصل آهي، پر پنهنجي قديم قدرن کي بہ ساھہ سان سانديندا ۽ هيانءُ سان هنڊائيندا آيا آهن.

ڪي سنڌي معاشرو مڪڙين وانگي ٽڙي صدين کان اسان وانگي سوچي اڳتي وڌي رهيا آهن ۽ جديد دور جا صفا نوان ماڻهو نظر ايندا پر تڏهن بہ سندن زندگي گذارڻ جو طريقو اهو ساڳيو سادو هوندو آهي، پوئين دور بلڪ مختصر سالن جي ڳالهہ آهي تہ سفيد چمڙيءَ جي ڪن بااختيار ماڻهن اڪين کان غائب سنڌي معاشرن تي مڙهيل موت جو فيصلو واپس ورتو آهي، تہ ڇڻ هڪ ٻي سگهہ رش ڪري نڪري آئي آهي. ايئن سمجهڻ کپي ڇڻ اها صنعتي تخليق نڪري نروار ٿي آهي، جيڪا ڪنهن زماني کان غائب هئي، ڇڻ شهري سلجهيل حياتي ۽ سونهن ڪنهن پردي مان منهن ٻاهر ڪڍيو آهي، جنهن ۾ بي انتها خوشيون هيون. جيڪي صدين کان غلامي جي قيد ۾ بند هيون، عارضي طور سزا ملتوي ٿيڻ ڪري اهي سنڌي خوشين وچان چنڊ وانگر ڪڙي ۽ گلاب جي گل وانگي ٽڙي پيا هئا. انهن ڇڻ تہ ان سچ جو برملا اظهار ڪيو هو. جيڪو اسان جي دنيا وڃائي چڪو هو. اهڙو سماج ايئن زنده هوندو آهي جيئن بي جان شيون زنده هجن. ان سماج جا قدر ۽ قوت فرد هوندا آهن. ان جي معنيٰ اها ٿيندي تہ خوشيءَ سان محنت ڪرڻ ۽ شعوريءَ طرح زنده رهڻ شخصيت جي تڪميل هوندي آهي جنهن ۾ انساني سگهہ کي گروهہ جي شڪل ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي، جيڪو هن ڪائنات واري زندگيءَ ۾ ٻيهر پاڳي پائيوار ٿيندو آهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ سنڌين جي تاريخ دنيا جي اهم ۽ عظيم پيغام آهي چاڪاڻ تہ ان سماج وسيلي يعني فقط هن سنڌي سماج معرفت انسان کي عظمت جو تجربو حاصل ٿيندو آهي. ان سماج معرفت هو فطرت ۽ ڪائنات سان وصل ماڻيندي خدا سان ملاقات ڪندو آهي. هن سماج معرفت هر قسم جي خوف ۽ خطري کان نجات حاصل ڪري سگهندو آهي، جيڪي ماڻهو سنڌين جو پيغام قبول ڪندا تن کي اها خبر ضرور پوندي تہ خالق جي ضرورت ڪ`يڏي نہ وسيع ۽ خوفناڪ ٿيندي آهي ۽ سندس تخليقي سگهہ فطرت کي دريافت ڪرڻ ۽ انسانذات جي معاشري جي معنيٰ کي سمجهڻ لاءِ

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جاڪوڙيندي رهندي آهي.

## باب ٻيون

# آمريڪا ۾ سنڌين جو ابتدائي دور

آمريڪا جي ڳاڙهن سنڌين کان ٻين لاوارث ماڻهن جيان سيئي انساني حق کسيا ويا آهن. پر اهو اڄ بہ موجود آهي ۽ مستقبل ۾ بہ موجود رهندو. هاڻي پاڻ سنڀالي ۽ پنهنجا پير ڪپائي بيهي رهيو آهي. سندس زندگي پٿر دور جي انسان جيان گذري رهي آهي، جيڪو هاڻي پنهنجي يادگيرين جي سهاري جيئندو آهي. هنن جي سماجي طاقت جون پاڙون لڳاتار ٻڪ، صدين جي غلاميءَ ۽ انسان ذات جي پلي لاءِ جاکوڙڻ ۾ ڪتل آهن. سندن آزمائش فقط اهي ساڍيون چار صديون نہ آهن، جنهن عرصي دوران هو سفيد چمڙي وارن حملو آورن جي غلاميءَ ۾ رهيا، پر ڏهاڙي واري زندگيءَ لاءِ هٿ پير هڻڻ سان گڏ پنهنجي روحاني نجات لاءِ بہ جتن ڪندا رهيا. پر قديم دور ۾ هنن ماڻهن جي پنيان قديم ثقافتون ۽ عظيم تهذيبون آهن، جيڪي سندن سوچ ۽ فڪر ۾ زندهہ آهن. هي ماڻهو اذيڪ (Aztec)، ٽولٽيڪ (Toltec)، مايا (Maya) ۽ انڪا (Inca) تهذيبن جا مالڪ هئا. انڪا واري شهنشاهيت بہ هنن ماڻهن قائم ڪئي هئي، اهي ماڻهو عظيم قوم هئا ۽ عظيم قوم جا عظيم گروهہ هئا ۽ ڌرتي هنن جي پنهنجي ڌرتي هئي، جنهن کي اڄ رياست هاءِ متحده آمريڪا (United State of Amrica) ۽ ڪئناڊا جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اهي اڇرج جهڙا پٿر۔ دور جا معاشرا معلوم ٿيندا، جيڪي هزارن سالن کان زندگيءَ جو سفر ڪندا اچي هن دور تائين پهتا آهن.

هي سنڌي قسم (Kind) جي نقطہ نظر کان نہ پر قديم طرز۔ زندگي ڪري ٻين کان نرالا آهن. ڪي اهڙا شديد قسم جا واقعا ٿي گذري آهن، جن اسان جي هن ڌرتيءَ کي لوڏي ۽ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هنن ماڻهن اهڙين تبديلين جا


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪيئي طوفان ۽ آنڌيون ڏٺيون پر اهي سنڌن ماضيءَ کي لوڏي ختم ڪري ڪونہ سگھيون. جرمن، انگريز، ڪيلٽ ۽ جپان وارو اصلي نمونو (Modle) ڪٿان آيو؟ اهي قدر ڪھڙي قديم دور سان تعلق رکن ٿا جن کي بچائڻ واسطي ٻي مهاڀاري لڙائي (World war 2) لڳي هئي؟ ننڍي کنڊ هندستان۾ ايترو گھڻو وقت ۽ ماضيءَ جي تسلسل جو نمونو ڇو موجود آهي؟ ماضيءَ جي سماجي زندگي جا سوين سال ايشيا جي سماجي زندگيءَ جي باک ڦٽيءَ ڏانهن ڇو وڃي رهيا آهن. ان کي ريپبلڪ روس پنهنجي پاڪر ۾ ڇو پريو هو؟ تاريخ عيسائي عيسيٰ سان ڪيترو سهمت آهي؟ ”مئل ماڻهو مري نہ ويا آهن پر جيئرا آهن.“ اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ماڻهن جو ماضي ڇا آهي؟ انهن جي ثقافت ۽ تهذيب ڇا آهي؟ آمريڪا نالي واري ٻنهي کنڊن ۾ سفيد چمڙيءَ وارن ماڻهن جي بيجا مداخلت تازي ۽ هاڻوڪي آهي. پر سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ هتان اصلوڪا ماڻهو ڪٿان آيا هئا؟ ڪهڙي دور ۾ آيا هئا؟

هنن ماڻهن جو تعلق ايشيا سان آهي، جيڪي (Bering Stract) وسيلي هتي پهتا هئا. هي ان قديم زماني ۾ هت آيا هئا جڏهن گھوڙا ۽ اٺ تمام وڏا هوندا هئا. لڌڙا، رڇ، بگھڙ، قداور هوندا هئا ۽ مکنو هاٿي (Mammoth) بہ هتي گھڻا هئا جيڪي سنڌن دشمن هئا، جن کي ماري پنهنجو پيٽ گذر ڪندا هئا. انهن ماڻهن سان تعلق رکندڙ انباس ثقافتي شيون جهڙوڪ تيرن ۽ ڀڄن جون پٿر جون آڻيون، ڇريون ۽ ٻيون گھڙيل شيون، ٽيڪساس (Texas)، نيو ميڪسيڪو (New Maxico)، آريزونا (Arizona)، ڪئليفورنيا (California)، اتا (Utah)، ۽ نيواڊا (Nevada)، اوريگون (Origon)، ويومنگ (Wyoming)، نيبراسڪا (Nibraska)، مينسوٽا (Minnesota)، ڪولو رئڊو (Colorado) ۽ ڪئناڊا جي سسڪاچيون (Saskatchewan) جي غارن ۽ ڌرتي ۾ هيٺ پورهيل مليا آهن. آمريڪا ۾ سنڌن اچڻ برفاني دور سان واسطو رکي ٿو. قديم آثارن جي ماهرن جو خيال آهي تہ اهو پندرنهن هزارن کان ويهہ هزار سالن جو عرصو ٿي سگھي ٿو. جڏهن تہ سنڌن ثقافتي دور يورپ جي پهرين پٿر دور جي پڇاڙي يا پوئين پٿر جي اڳياڙي جي سهيوڳي آهي.

امڪان آهي تہ آهيڙي نسل (Huntess) جا هي ماڻهو 13000 ق. م يا شايد 18000 ق. م الاسڪا (Alaska) وارو ڪليل وچون ميدان لتاڙي اوڀر وارن روهن ۽ ڪوهن لاهين (Stap s) جي ويجهو هڪ ڪليل ميدان ۾ اچي لڏا لاٿا هئا. انهيءَ

پليسٽوسين (Pleestocence) برفاني دور ۾ الاسڪا وارو علائقو برف سان ڍڪيل نہ هوندو هو هو هڪ جاءِ تي ڪپ ڪوڙي پير پسار نہ ويهي رهيا هئا. پر جيستائين دنيا جو هي اڌ گول پنهنجي پيرن هيٺان نہ ڪيو هئائون تيستائين چپ ساڌي ويهي نہ رهيا هئا. نڪارا گوا واري علائقي ۾ سندن پٿر بڻجي ويل پيرن جي نشانين سان گڏ مينهن جا پٿر بڻجي ويل پيرن جا نشان بہ موجود آهن. هزارين سال ٿيندا جو انهن مينهن جو نسل هتان ختم ٿي ويو آهي. هنن ماڻهن جي پيرن جا نشان برازيل ۽ ايڪئاڊور مان بہ هٿ لڳا آهن. اهڙا نشان ڏکڻ (Patagonia) ۾ بہ ڏٺا ويا آهن. جن جو تعلق پوئين دور سان آهي. پالي الائيڪ (Palli Alike) نالي ہرندڙ جبل جو هڪ غار آهي، جتا پراڻي دور سان واسطو رکندڙ کير واري جانور جا هڏا مليا آهن. جيڪو نهايت سست رفتاريءَ سان هلي ڦري سگهندو هو. ساڳئي غار مان اهڙي نسل جي گهوڙن جا بہ هڏا مليا آهن، جيڪو هاڻي ختم ٿي چڪو آهي، پرسان هڪ اهڙو هنڌ آهي جتي قديم دور جا سنڌي پنهنجي مري ويل مٽن مائٽن جا لاش ساڙيندا هئا. هتان اهڙيون ثقافتي شيون بہ مليون آهن، جن جو تعلق دور ماضي سان آهي، پيٽناگونيا جي باقيات 5400 کان 3000 سال قديم آهن. لڏي اچي هتي آباد ٿيندڙ ماڻهن ۾ آمريڪي سنڌي، ترڪ، منگول، جپاني، برمي، مگيار، ايسڪيموز، لئپس ۽ فنلينڊ جا ماڻهو بہ شامل آهن. اهڙي لڏپلاڻ ڪڏهن ٿيندي هئي ۽ ماڻهو آهستي آهستي ٻيا ايندا رهندا هئا. اهڙي سست رفتاري واري لڏپلاڻ هزارين سال ورتا هئا. هتي آباد ٿيندڙ ماڻهن جو وڏو تعداد آهيڙي هوجن مان ڪي مڇي ماري بہ پيٽ گذر ڪندا هئا. آمريڪي سنڌين پوکي راهي جو ڌنڌو اولهہ آمريڪا ۾ شروع ڪيو هو. هي پهريان ماڻهو هئا، جيڪي پاڻ سان گڏ ٻاهر کٽي آيا هئا. هنن شڪار ۾ ڪتو ۽ پٿر جا اوزار بہ ڪم آندا هئا. اهڙي ڪاريگري ۾ هو گهٽو اڳتي هئا. هنن ماڻهن جا ٻيا يادگار محفوظ رهي نہ سگهيا آهن. هن نسل جي ماڻهن پاڻ سان گڏ ٻولي يا ٻوليون بہ آنديون هيون جن ۾ ٻين ايشيائي ٻولين جي تعلق ڪي هاڻي سمجهائي نہ ٿو سگهجي. انهن سنڌي نسلن جون ٻوليون اولهندي اڌ گول تائين محدود آهن.

يورپ ۾ پراڻي پٿر دور ۽ نئين پٿر دور جي ماڻهن ۾هڪ وڏي وٿي موجود آهي، آمريڪا ۾ ساڳئي صورتحال ڏسڻ ۾ اچي ٿي. توڙي جو اها وٿي کٽي مختصر بہ هوندي، ڇا پراڻي پٿر دور جا ماڻهو فنا ٿي ختم ويو ۽ سَوَنَ بلڪ

هزارن سالن کان پوءِ پوئين پٿر دور جو ماڻهو لڏپلاڻ ڪري اچي آمريڪا ۾ آباد ٿيو هو؟ يا اهو پراڻي پٿر دور جو ماڻهو پوئين پٿر دور جي ماڻهوءَ جي سماج سان رلجي ملجي هڪ ٿي ويو هو؟ آمريڪا ۾ انساني جسماني بناوت، هڏ ڪاٺ مٽي جي ساخت مان معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ اهي نسل پاڻ ۾ رلي ملي ويا هئا. پوئين پٿر دور جي ماڻهن پراڻي دور جي ماڻهن جي اچي جاءِ نہ والاري هئي. پر پروسي جهڙو جواب فقط قديم آثارن جي کوٽائن وسيلي ملي سگهي ٿو. جيڪا هاڻي نهايت تيز رفتاري سان اڳتي وڌي رهي آهي. مستقبل ۾ ڪهڙا بہ ڪٽي نتيجا نڪرن پر ظاهر ۾ تہ معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ پراڻي ۽ نئين پٿر دور جي ماڻهن ۽ انهن جي ثقافتن ۾ گهڻي ساڳيائپ موجود هئي. اهو بہ معلوم ٿي رهيو آهي تہ انهن جي عام سوچ ٽيڪنالاجي طور اڳتي وڌڻ جي هئي.

ان کي هڪ سانتيڪي (Uniform) ترقي يا سماجي تبديليءَ جو هڪ سانتيڪو سلسلي سڏي سگهجي ٿو. سنڌي ماڻهن جون شروعاتي دور واريون سماجون اڳتي هلي سوين گهڻ رنگيون مختلف سماجون بڻجي ويون جن کي ڏسي ماڻهو اچرج ۾ پئجيو وڃي. اهڙو سلسلو گڏريل ڏهن هزارن سالن کان هلندو پيو اچي. تبديلين جا اهڙا تفصيل سدائين لاءِ ماضيءَ جي پنهاين ۾ پيهجي ويا آهن. پر ايجادون سماجي بيهڪ، سوچ ۽ فڪر جو مزاج، روحاني اعتقاد ۾ دنيا بابت سندن نقطہ نظر ساڳيو هلندو اچي تاريخي دور ۾ داخل ٿيو ۽ اڄ واري انسان جي دور ۾ بہ موجود آهي. ساڍن چئن سؤ سالن کان پوءِ جڏهن سفيد چمڙي وارن اچي هيءَ نئين دنيا آباد ڪئي آهي ۽ پوکي4 راهيءَ جي فن ۾ بہ هنن ترقي حاصل ڪئي آهي. پر لاس اينجلس جي سائوٿ ويسٽ ميوزيم (South West Museum) جي ايڊ ون ايل- واڪر (Edwin L. Walkar) مطابق تہ سفيد چمڙي وارا ماڻهو گئايول (Guayule) کان سواءِ جهنگل ۾ اسرندڙ زراعتي جنسن کي ترقي ڏياري اڳتي آڻڻ ۾ ذرو بہ سوڀارا نہ ٿيا آهن. پر قديم سنڌي ماڻهن گهٽ ۾ گهٽ ويهہ زرعي نيون جنسون پيدا ڪيون آهن. ايڊون واڪر وڌيڪ اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ هنن سنڌين ڪيترين جهنگلي جنسن جي پوکي راهي ڪئي آهي ۽ انهن کي استعمال ڪيو آهي. ان کان پوءِ ساري دنيا انهن زراعتي جنسن مان فائدو حاصل ڪيو آهي. موجوده دور ۾ آمريڪا جي جيڪا بہ زرعي دولت يا زرعي جنسن جي پيداوار آهي، تنهن جو سراسري اڌ سنڌي ماڻهن جي پورهئي جي پاڇي آهي.

مڪئي (Maize) کي سنڌين جي اناج (Indian Corn) ڪري سڏيو ويندو آهي. چيو ويندو آهي تہ ان اناج کي وچ يا ڏکڻ آمريڪا ۾ قبل از تاريخ واري دور ۾ قديم سنڌين هڪ جهنگلي ٻوٽي مان ترقي ڏياري هن دور تائين پهچايو آهي. هن زراعتي جنس جي ترقيءَ ڪري اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ وسندڙ سنڌين جي زندگيءَ ۾ هڪ انقلاب اچي ويو هو. هن کان اڳ هو هڪ جاءِ تي ٽڪي نہ پوندا هئا. اڄ هتي سڀاڻي هتي، نہ گهر نہ گهاٽ، جتي چار ڏينهن چوٽو ٻاٽي مليو تہ وهہ واهہ نہ تہ امارو اڳتي. پر مڪئي جي جنس جي پوکي راهيءَ کان پوءِ ڳوٺ ٻڌي هڪ جائتا ٿي ويهي رهيا، انهن جي آدم شماري بہ گهڻي وڌي وئي جنهن ڪري هو انڪا (Inca) شهنشاهيت جي بنياد رکڻ ۾ سوپارا ٿيا هئا. يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ انڪا شهنشاهيت جي زماني ۾ هنن ماڻهن جي آدمشماري ڏهن کان سورنهن ملين هئي. مڪئي جي پوک قبل از تاريخي دور ۾ ڪئناڊا کان وٺي 14500 فوٽ اوچائين تائين پوکي ويندي هئي.

قبل از تاريخ واري دور جي سنڌين مڪئي جي زرعي جنس متعارف ڪرائي زراعت جي تاريخ ۾ هڪ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي هئي.

ٻين اناجن جي ڀيٽ ۾ مڪئي جي زرعي جنس کي جهنگ مان آڻي گهرو زرعي جنس بڻايو ويو هو. هاڻي اها جهنگ ۾ نہ ٿيندي آهي. هيءَ اهڙي زرعي جنس آهي جيڪا پنهنجو پاڻ نہ ڦٽندي آهي نہ وري پنهنجي حفاظت ڪري سگهندي آهي. ڀهريائين ان جي سنگ تان کلون لاهي ان کي صاف ڪيو ويندو آهي. پوءِ اناج کي سنگ کان الڳ ڪري ٻنيءَ ۾ ڇٽي پوکي راهي ڪئي ويندي آهي. مقرر وقت تي پاڻ ۽ ڀاڻي ڏنو ويندو آهي. فصل پچي راس ٿيڻ کانپوءِ ان جو لابارو ڪيو ويندو آهي.

مان هن حقيقت کي وڏيڪ زور ڏئي ورجائيندس ۽ هتان جا عالم، اڪابر بہ انهيءَ ڳالهہ تي متفق آهن تہ وچ آمريڪا، ميڪسيڪو ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ جيڪي بہ قديم ثقافتون پيدا ٿيون انهن سڀني کان اڳ مڪئي جي ترقي يافتہ پوک ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هن زرعي جنس جي پوکي راهي ڏاڍي ڏکي آهي. هن زرعي جنس جو متعارف ٿيڻ هڪ انقلابي تخليقي عمل آهي، هن قسم جي زرعي جنس کان سواءِ ڪابہ ثقافت ۽ تهذيب پيدا ٿي ئي نہ سگهي ها. اهو ماڻهو قديم قبيلائي انسانن جي گروهہ مان هو جنهن هن زرعي جنس جي تخليق ڪئي هئي.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ساڳيءَ ريت اهو قبل از تاريخ جو سنڌي ماڻهو جنهن دنيا کي پٽاٽن (Potato)، شڪر قند (Sweet Potato) (ولايتي گجر) ۽ ڪساوا (Manioc) جهڙيون کاڌي جون شيون ڏنيون. ڪساوا جي جنس مان ٽئپيوڪا (Tapioca) جي جنس پيدا ڪئي وئي، جيڪا هاڻي اوشينيا (Oceania) ۽ خط استوا (Tropical) وارن ملڪن ۾ ٿيندي آهي. اهڙيءَ ريت اناناس (Pineapple)، اووڪئڊو (Evocado)، آٽيچوڪ (Ortichoke)، بوهي مڱ (Peanut)، ليمون (Lema)، فرائجول (Frijol)، راهن جو قسم (Kinney)، ٽوئڪا ڦري (Tonkabeans)، ڪدو (Pumpkin)، پينو (Squash)، چاڪليٽ (Choclate)، ڪوڪين (Cocain)، ربڙ، ڪونين (Quininue) ۽ تماڪ به هنن قديم سنڌين جي پورهئي ۽ پگهر جي پيداوار آهن. ان کان سواءِ چاليهن کان مٿي اهڙيون زرعي جنسون آهن، جيڪي آمريڪا ۾ سيني کان اڳ سنڌي ماڻهن پوکيون هيون. مثال طور مٽ وڻ (Mate)، مئپل شگر (Maplesugar) برازيل جا بيهي مڱ (Brazilenuts) ۽ سارسا پاريلا (Sarsaparilla) جي پوکي راهي به هنن ماڻهن شروع ڪئي هئي. اهڙيءَ ريت شاهه بلوط جي ڦل (Acorn) کي به هنن ماڻهن سڌاري وڌائي خوراڪ طور ڪم آندو هو.

تازي دور ۾ هنن سنڌين مختلف قسم جي مڪئي جي جنسن کي پيوند ڪري مڪئي جون نيون جنسون پيدا ڪيون آهن، جيڪو زراعت جي نقطي نظر کان هڪ انقلابي قدم آهي. هتي اهڙا ڪي ماڻهو به موجود آهن، جيڪي سنڌين کي ان ڪري خوش قسمت نه سمجهندا آهن جو هنن کي پنهنجي اناج کي ترقي ڏيارڻ جي ضرورت ته هئي پر هو ٻئي نسل واري مڪئي ڏانهن پورو ڌيان ڏئي نه سگهيا. پر اچيءَ چمڙي وارا ماڻهو ته هنن کان 440 سال پوئتي هئا. جن هن اناج جي ٻوٽي کي جهنگ مان آڻي سڌاريو هو ۽ پوءِ اچيءَ چمڙي وارن ماڻهن جي حوالي ڪيو هو. ڏٺو وڃي ته سنڌي ماڻهن پٿر جي پوئين دور ۾ هن ٻوٽي کي جهنگ مان آڻي زرعي جنسي طور پوکيو هو. امڪان آهي ته هنن اهو ڪم اوائلي پٿر واري دور ۾ ڪيو هجي. سندن اهو ڪم ڪو اڪ مان ماکي لاهڻ جهڙو آسان نه هو. پر جينياتي نقطي نظر کان اج تائين جيڪوي به ڪم ٿيا آهن، انهن سيني کان ڏکيو هو.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهن فصلن ۽ خاص طور تي مڪئي جي زرعي جنس تي سوچيندو ته هيءَ سچائي ضرور معلوم ٿيندي ته هنن ماڻهن ڪيترن

نسلن ڪان وٺي لڳاتار تجربا ڪيا آهن. انهن فصلن جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ پوکيءَ جي هر موسم دوران ڏاڍي ڏيان ۽ گيان سان ڪم ڪيو آهي. تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ جهنگلي سنڌين جو اهڙو عجيب غريب ڪارنامو ڪو ٻارڙو عمل نہ هو. اڇيءَ چمڙيءَ وارا ماڻهو پوءِ بہ هنن سنڌين کي وحشي سڏيندا رهندا آهن. اڇي چمڙي وارن جو اهو تصور آهي تہ سنڌي ۽ ٻيا اهڙا ماڻهو وحشي ۽ اڻ سڌريل آهن. سندن اهڙو نقطي نظر هنن جي پنهنجي وجود جي بچاءَ لاءِ اهم آهي. تنهنڪري اڇي چمڙي وارن ماڻهن جي سنڌين ۽ ٻين اهڙن ماڻهن لاءِ اختيار ڪيل حڪمت عملي هنن سان قائم ڪيل وهنوار ۽ مزاج مٿان شعوري ۽ غيرشعوري طور اهڙو تصور غالب آهي. اهو بہ سمجهيو ويندو آهي تہ اهي ماڻهو يورپي ثقافت جي دائري کان ٻاهر آهن، تنهن ڪري وحشيءَ ۽ اڻ سڌريل آهن.

انهن ابتدائي دور وارن ۽ الهندي اڌ گول ۾ رهندڙ ماڻهن جو پنهنجو اندروني تجربو ڪهڙو آهي؟ مان سمجهان ٿو تہ ان سوال جو جواب هڪ عام تصور جي لاءِ هڪ للڪار ثابت ٿيندو تہ ڪٿ ناهي. هي جواب انهن ماڻهن واسطي بہ هڪ للڪار آهي، جن وٽ اهڙو علم ۽ ڄاڻ هئڻ گهرجي، اهڙن ماڻهن جي ڄاڻ جن کي پراڻي دور وارو وحشي ۽ اڻ سڌريل سڏيو ويندو آهي، جن جو وجود عدم وجود جي برابر سمجهيو ويندو آهي. ان سوال جو جواب انساني نسل جي ڄاڻ رکندڙ ماڻهن لاءِ بہ للڪار ثابت ٿيندو.

جڏهن اهي ماڻهو آمريڪا جي سرحدن اندر داخل ٿيا هئا تہ ڪين سماجي زندگيءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو هزارن سالن جو هڪ ڏکهو تجربو هو. هن نسل اهڙي ڏکهي تجربي جو مظاهرو ڪيو هو ۽ هو بار بار اهڙو مظاهرو ڪندو آيو ۽ اهڙو مظاهرو موجوده دور ۾ بہ آمريڪا جي ڏکڻ اولهہ واري رڻ پٽ ۾ ڪري رهيو آهي. اها هڪ حقيقت آهي تہ زندگيءَ جي رنگ ڍنگ، زندگي جي معيار ۽ وقار، ڀرپور ۽ مڪمل شخصيت ۽ انساني رشتن ۾ موجود خوبصورتي ۽ تقدس واسطي مادي ثقافت (Material Culture) يا سيڪيورٽي ضروري آهي، جنهن موجوده دور واري دنيا کي پنهنجي سحر ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي. زندگيءَ سان لاڳاپيل ضروري شيون ماڻهو اڳئي جوڙي چڪو هو ۽ تخليق ڪري چڪو هو. اڄ نہ پر پٿر واري پراڻي دور ۾. هتي ماڻهن جا ڪي اهڙا گروهہ آهن جن کي اها ڄاڻ آهي ۽ ثابت بہ ڪري سگهن ٿا تہ زندگي سان لاڳاپيل اهي ڪهڙيون

ضروري شيون هيون. اهي ڪيئن پيدا ٿينديون هيون ۽ آهن. اهي هاڻي بہ پيدا ڪري سگهجن ٿيون ۽ انهن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪري سگهجي ٿو.

هن قسم جي نقطي نظر جي اظهار ڪري پڙهندڙن جو پاڻ تان ويساهہ کڄي ويندو ۽ وهمن ۽ وسوڙن جو شڪار بڻجي ويندا. اهو انسان لاءِ هڪ ڏکيو مرحلو آهي. يعني انهن شهرين لاءِ جيڪي ظاهري طاقت جي وڏي گهمنڊ واري دور ۾ موجود آهن، جن جو تصور آهي تہ انسان جا نفسياتي ۽ سماجي قدر جيڪي آدجڳاد کان وٺي مستقل سفر ۾ آهن. سي هاڻي اسان جي زندگي جي پل منجهان گذري رهيا آهن يا جيڪي شايد اسان جي معاشري مان ڦٽي نڪتا آهن ۽ جن کي اسان تخليق ئي نہ ڪيو آهي.

علم بشريات سان لاڳاپيل حقيقتون منهنجي خيالن سان سهمت آهن. منهنجا اهڙا خيال گهڻ پاسائين عظيم قسم جي ان زندگيءَ سان تعلق رکن ٿا، جيڪا قديم، ڀرپور ۽ مڪمل شخصيت وسيلي تعمير شده مڪمل معاشري ۽ هڪ مڪمل تاريخي اوسر ۾ داخل ٿي هئي. پر موجوده دور جي علم بشريات جي ماهرن جو اهو نقطي نظر نہ آهي.

پٿريلي دور وارو انسان ٻن دنيائن سان منهن ڏئي رهيو هو. جن مان هڪ ماڻهن جي دنيا هئي، ٻي فطرت جي دنيا هئي. ٻئي دنيائون پرڪشش نہ هوين. ان دور جي ماڻهوءَ جا هٿ خالي هئا. انهن خالي هٿن سان هو فطرت سان وڙهي ڍانگو ڍانگ ٿي ويو ۽ انهن ويرين سان وڙهي پيو. جيڪي اڄ جي سڌريل دنيا ۾ موجود نہ آهن. انهن اهڙين مشڪلاتن کي مڙسيءَ سان منهن ڏنو جن کي هاڻي ٽيڪنالاجي جا مها چاڻو منهن ڏئي رهيا آهن. ان ابتدائي دور جي ماڻهو جو سارو جسم فطرت سان ويڙهہ ۾ جنبيل رهيو هو. هن جا خيال ۽ صوفي نوعيت احساس بہ هن جنگ ۾ جُنبَيل هئا. هن سان گڏ هن جا گهرياتي ۽ پنهنجي برادري هئي. ڪيس احساس هو تہ هو ڪا طاقت آهي. هن کي پنهنجي بلنديءَ جو احساس ٿي رهيو هو. هن کي زندگيءَ جي ڀرپور قوت جو مظاهرو ڪرڻو هو. ڇاڪاڻ تہ ڪيس اهو پڪ هو تہ يا تہ سندس قبيلو ختم ٿي ويندو يا غلام ٿي ويندو. هن جو دنيا بابت وحشي جادو وارو نقطي نظر ڪيس هن قسم جي مفروضي ڏانهن وٺي آيو. جيڪو تاريخ جي طاقتن مان هڪ طاقت هو. اهو مفروضو جنهن کي آڏو رکي هن ادارن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو. سو اهو هو- شعوري سگهہ، ڪنهن اميد کي مرڪز بڻائي ان کي ڇهڻ پوڻ، طاقتور

هئڻ جو احساس هجڻ، خوشي کي محسوس ڪرڻ وارن ذريعن سان متحد رهڻ ۽ اهو احساس هئڻ تہ ديوتائن سان گڏجي جادو۔ طاقت فطرت کي ضابطي ۾ رکڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهيون.

اهڙيءَ ريت جيئڻ جي فن کي تخليق ڪيو ۽ اهي ماڻهو جيئڻ جي اهڙي فن کي ڇهتي پيا هئا. جيئن جي ان فن جا عنصر ڳالهائڻ ٻولهائڻ، ڳائڻ، نچڻ، رسمن کي بجا آڻڻ، هنر ۽ ذات ڏيکارڻ، زاهدانہ رياضت ۽ عبادت ڪرڻ، وڙهڻ ۽ ڊوڙڻ هئا. ڳالهائڻ ٻولهائڻ سميت اهو سارو فن اڻ لکيل هو. ان فن کي نسل درنسل منتقل ڪرڻ لاءِ هو پنهنجي علم جو هڪ خاص طريقو ڪم آڻيندا هئا. سيکارڻ جو اهو طريقو ٻالجتيءَ کان عاقل بالغ ٿيڻ تائين هلندو رهندو هو. ان کان پوءِ گروهن ۾ گڏجي مذهبي رسمن جو دور شروع ٿي ويندو هو. اهو انساني گروهہ نهايت طاقتور هوندو هو جيڪو بنيادي هو ۽ سماجي گروهہ جي شڪل ۾ موجود هوندو هو.

اسان جي جديد دور واري فڪر جي طرز جي حياتي هن بنيادي سماجي گروهہ کي ڪائي ختم ڪري ڇڏيو آهي. اسان کي هڪ صدي اڳ ان سماجي گروهہ جي معنيٰ ئي وسري وئي هئي، پر انساني پس منظر ۾ انساني فطرت جي روپ ۾ هڪ سماجي گروهہ جيئڻ جا جتن ڪندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سَوَن سالن نہ پر هزارن سالن کان وٺي پيٽ گذر لاءِ پورهئي ۾ جُتل رهيو آهي. ان قديم معاشرتي گروهہ جو هڪ فرد پنهنجي طاقت ۽ پورهئي ۾ موجود دور جي ساري قوم کان وڌيڪ هو. ڇاڪاڻ تہ ان قديم دور جي سماج جي فرد اندر ڪم ڪرڻ جي بي پناهہ قوت ۽ صلاحيت هئي. ان جو ڪارڻ اهو ٿي سگهي ٿو تہ ان دور جو سماج پنهنجي فرد مان بي پناهہ جسماني سگهہ جي توقع ڪندو هو. ان سماج جو هر فرد پنهنجي سماج ورثي ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺي رهيو هو. سماج پنهنجي هر فرد جي شخصيت کي مڪمل ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندو هو. ان سماج جون قديم ريتون ۽ رسمون اهڙيون هيون جو هر فرد ڪائنات جي بي پناهہ طاقت سان گڏ ۽ ياڳي پائيوار هو. حقيقت اها آهي تہ اهو فرد جو ڪو ذاتي تجربو نہ هو هڪ معروضي حقيقت بہ هئي، قديم بنيادي سماجي گروهہ لاءِ جتن ۽ جاکوڙ جو هڪ مهاڄار وڇايل هو. اهو سماجي گروهہ اسان جي زماني ۾ هيڏي هوڏي ڦري گري رهيو آهي، جنهن جي اندر کي دنيا جي ڪابہ تبديلي لوڏي نہ سگهي آهي. آمريڪا جي متحده رياستن اندر ويهن قبيلن جا ڳوٺ


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آهن، جيڪي اسان جي لاءِ هڪ مثال آهن. انهن قبيلن مان ڪنهن ۾ ٻه سؤ ڪنهن ۾ پنج سؤ ۽ ڪنهن ۾ هڪ هزار آهن. سنڌن قانون، سنڌن ٻولي، سنڌن نسلي ڪتاب، سنڌن لوڪ ڪهاڻيون ۽ سنڌن شاعري هنن جي يادگيرين ۾ محفوظ آهي. سنڌن ٻوليءَ جا لفظ ڪين تمام گهڻا ياد هوندا آهن. هي ماڻهو انهن لفظن جي نفاست ۽ نزاڪت کي اهڙي طريقي سان استعمال ڪندا آهن جو لکڻ ۽ پڙهڻ هنن جي آڏو ڇڻ ڇامڙو محسوس ٿيندو آهي. جيڪڏهن هنن ماڻهن جي ٻولي لکي ڏسبي ته ان ۾ فقط ان ۾ سنڌن سماجي زندگي جي جهلڪ نظر ايندي يا قبائلي ڳالهيون ڏسبيون.

قديم قبيلي جي ڳالهايل لفظن جو جيڪڏهن ترجمو ڪبو ته انهن ۾ ڪجهه ڪوت نظر ايندي. بليڪ ۽ ٽينيسن جي شاعري کي سنڌن ٻوليءَ جي نثر ۾ ڏاڍي مشڪل سان ترجمو ڪري سگهجي ٿو. اها دماغ ۾ ياد رکڻ واري ٻولي آهي. تيار به اهڙي طريقي سان ڪئي وئي آهي. جو ان کي سولي طريقي سان ياد ڪري سگهجي ٿو. جڏهن هن ٻوليءَ ۾ ڳايو ويندو آهي ته سمجهبو آهي ته اها ٻولي تمام گهڻي وسيع آهي. نچڻ مهل، گڏيل ڪم ڪار ڪرڻ وقت يا جڏهن ريتن رسمن سان لاڳاپيل ڊراما ڪيا ويندا آهن ۽ علامتي اظهار ڪيو ويندو آهي ته هن ٻوليءَ جي گهرائي ۽ وسعت ڏسي ماڻهو دنگ رهجي ويندو آهي. ان وقت ٻولي جا ننڍڙا جملا به ڊگها ٿجي ويندا آهن. ٻولي وسيع ۽ گهري ٿجي ويندي آهي. اهڙي ريت ان گروهه جو هڪ فرد ڀرپور حصو وٺندو آهي. ايئن پيو محسوس ٿيندو ته انهن کي ڌرتي مان ڦٽي نڪتل شهرن جي ايتري خبر آهي جيتري هومر (Homer) کي هئي.

جيڪڏهن قديم سماج فرد کي فقط سٺي هلت چلت جي ڄاڻ ڏئي ها ته جديد دور ۾ سنڌسن اهڙي ڪارنامي کي خاص اهميت نه ملي ها. (علم بشريات جي ماهرن ۽ عام ماڻهو جو تصور آهي قديم سماج پنهنجي فردن کي فقط هلت چلت جو ڏانءُ ڏسيو هو) پر جيڪڏهن قديم سماج جون گهڻ پاسايون ۽ گهڻ رنگيون ڳالهيون ڏاڍي وضاحت سان لکيون ويون آهن ته ان پنهنجي فردن کي اندر اڏمن، حقيقي تجربن، ضمير، دنيا جي رومانوي نقطي نظر ۽ ان پسمنظر اندر انسان جي رومانوي دنيا ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي. نقطي نظر مطابق ارادي جي پختگي جو انساني رويي جي نقطي نظر کان هن ڪائنات تي وڏو اثر پوي ٿو. هر سلسلي ۾ مشيني ڪارڪردگي کي نه پر روح کي اثر دخل آهي. قديم

ٽيڪنالاجيءَ تي بہ روح ئي ضابطو رکي سگهندو هو. ديوتائون انسان جي هر رستي تي گهمندا ڦرندا رهندا آهن. تنهن ڪري سمجهڻ ڪپي تہ انسان جو هر رستو پاڪ ۽ مقدس آهي. قبيلي يا هن ساري دنيا کي زنده رهڻ لاءِ طاقت گهرجي ٿي، ان طاقت جو واسطو ماڻهوءَ کان ٻاهر ۽ ماڻهوءَ جي اندر سان بہ آهي. قديم سماج جو گهڻي ۾ گهڻو ڌيان تعليم ۽ انسان جي شخصيت جي تڪميل تي هوندو هو. جنهن ڳالهہ کي موجوده دور جي جديد سماج ۽ رياست اجا سمجهي نہ سگهي آهي. قديم سماج جو هر تجربو هن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هوندو آهي. هر ڏاهي ماڻهوءَ جو عقل ۽ اظهار بہ هن مقصد جي حاصلات لاءِ هوندو آهي. ان جي نتيجي ۾ انساني جسم، روح ۽ سماج جو ڳانڍاپو ۽ هم آهنگي پيدا ٿي پوندي آهي، اها انساني عادت آهي، نہ وري اهو ڪم ڪنهن عهدنامي تحت ٿيندو آهي. پر پاڻئون ڄاڻئون ٿيندو آهي، جنهن جو تعلق فقط روح سان هوندو آهي ۽ ڪنهن جي چئي آڪئي ڪانپوءِ نہ ٿيندو آهي. گهڻا پڙهندڙ منهنجي هن نقطي نظر سان سهمت نہ هوندا. اهڙيون ڳالهيون آهن جن جو تعلق انساني زندگي سان آهي، جيڪي دٻاءَ تحت نہ ڪيو وينديون، موجوده دور جو ماڻهو اها ڳالهہ مڃڻ لاءِ ڪڏهن بہ تيار نہ ٿيندو تہ هو بهتريءَ کان گهڻو پري ڪنهن اوجهڙ ۾ وڃي ڪريو آهي ۽ دور ماضيءَ ۾ هو ڪڏهن هڪ بهتر جڳهہ تي بيٺل هو. پر ڪڏهن صحيح سوچ ۽ فڪر جا دروازا کلندا ۽ ڪڏهن تہ عجيب غريب همدرد جذبا جاڳي پوندا، ان کان پوءِ يقين ٿي ويندو تہ هتي بيان ڪيل انساني نسل بابت حقيقتون ڪيڏيون کريون ۽ سچيون آهن. گهڻا ماڻهو آهن جيڪي هتي موجود قديم سماج کي ڏسڻ لاءِ انهن ۾ وڃي رهن ٿا. انهن کي جاچي پرکي ڏسن ٿا ۽ هڪ عجيب غريب تجربو حاصل ڪن ٿا، سچائيءَ کي محسوس ڪن ٿا ۽ پوءِ حقيقي خوشيءَ جي وجدان ۾ اچي وڃن ٿا. بعد ۾ ويڳاڻپ ۽ شديد غم ۾ غلطان ٿي وڃن ٿا ۽ يقين سان سوچڻ لڳن ٿا تہ هن طاقتور سچائي کي ضرور مري فنا ٿي وڃڻ گهرجي. هائو اهو قديم سماج وچ آسٽريليا ۾ مري ختم ٿي رهيو آهي. اهڙيءَ ريت اڄ کان اسي سال اڳ ڪئليفورنيا ۾ پڻ مري چڪو آهي. پر انڊيانا (Indiana) ۾ موجود هيءَ قديم سماج جديد دنيا سان گڏجي هلي رهيو آهي ۽ زندگيءَ جي جديد تقاضائن کان چڱيءَ ريت واقف آهي ۽ صدين کان جديد دنيا سان لهہ وچڙ ۾ آهي، پر هن پنهنجون قديم روايتون نہ ڇڏيون آهن.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

انساني سماج پنهنجي وجود وٺڻ کان ئي ٻن مسئلن سان منهن ڏنو آهي، جيڪي هڪ ٻئي سان لاڳاپيل آهن. انهن ٻن مسئلن ۾ دنيا جا سڀ مسئلا شامل سمجهيا وڃن ٿا. پهريون مسئلو اهو هو ته فطرت کي سمجهڻ ۾ ان جي وجود ۾ بايولاجيءَ تي ضابطو رکڻ، ٻيو مسئلو هو انساني فطرت کي سمجهڻ ۾ ان تي اهڙي قسم جو ضابطو رکڻ جنهن مان لاڀ ملي.

قديم سماج جي انسان به اها جرئت نه ڪئي هئي ته هو مٿي بيان ڪيل ٻن مسئلن مان هڪ ڏانهن ڏيان ڏين ۾ ٻئي کي ٿوُ ڪتا ڇئي اڇلائي ڇڏين. هڪ مسئلي کان ڪن لاتار ڪري لنوائڻ معنيٰ اهو سمجهڻ ته انهن مسئلن جو وجود ئي نه آهي. ان کان سواءِ هن جو دنيا بابت حيوانيءَ نقطي نظر ڪائنات جي اهڙي اعتقاد سان رلي ملي ويو هو ته اهو سڀ ڪجهه انسان جو پڪو ارادو آهي، جيڪو نمايان تبديلي آڻي سگهي ٿو. اهڙين حقيقتن کي آڏو رکي مٿي بيان ڪيل ٻنهي مسئلن کي هڪ ئي وقت منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي ۽ زندگي جي هر موڙ تي ايئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. ٽيڪنالاجي نقطي نظر کان قديم دور جو انسان پنهنجي ابتدائي سماجي گروهن جي شڪل ۾ ڏاڍو آهستي اڳتي وڌيو آهي. انساني فطرت جي ضابطي ۾ پلائي وارن ادارن معرفت هو ڏاڍو تيز رفتار هليو ۽ تمام گهڻو فاصلو طئي ڪيو آهي. ضابطي هيٺ رهڻ واري انساني فطرت ۾ پلائي وارن ادارن معرفت هو ڏاڍو تيز رفتار هليو ۽ تمام گهڻو فاصلو طئي ڪيو آهي. ضابطي هيٺ رهڻ واري انساني فطرت جيڪا پنهنجي طاقتور گروهه سان وفادار رهندي آهي، سا ڏکئي کان ڏکئي ڪم ڪرڻ وقت به ڏاڍي خوش هوندي آهي. هن قديم ماڻهو جي نسل جي زنده هجڻ وارو راز به اهو آهي. جڏهن هن کي ٻنهي ڪنڊن جي معلومات ڏني وئي جيڪا ڏکن ڏاکرن سان ڀريل هئي ته هن سمجهيو ته زندگي جي ضرورتن کي منهن ڏيڻ واسطي جتن ۾ جاکوڙ ضروري آهي. هن ايئن ڪيو ۽ سوپارو ٿيو.

هن کي ڇئن عنصرن ڏاڍي مدد ڪئي هئي. پهريون ته هن قديم سماجي گروهه کي حياتيءَ کي خاص سانچي ۾ ڍالڻ جي ذات نصيب هئي. نسلي روايتون هڪ مڪمل شخصيت معرفت درسنل منتقل ٿينديون رهنديون هيون. انسان ۽ دنيا بابت مذهبي ۽ رومانوي نقطي نظر ماڻهن جي پختي ارادن ۾ موجود رهندو هو. جنهن ۾ ڪائنات جي طاقت جو تصور به شامل رهندو هو. ساري زندگي جي ضرورتن جو دٻاءُ سماجي گروهه جي اڳواڻ ۽ عام ماڻهوءَ تي هڪ

جهڙو هوندو هو.

اسان جي موجوده دنيا اوچتو ئي ڏاڍي تيز رفتاريءَ سان هن طبعي جهان مٿان قبضو ڪرڻ چاهي ٿي. ان سان گڏ ڏاڍيءَ تڪڙ ۾ فطري ”بايولاجي“ تي بہ قبضي ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهي آهي. ٽيڪنالاجي جي ڪاميابين جو سڌو ۽ اڻ سڌو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ ڇاڻايل ڪاميابين شخصيت جي تڪميل واري حالتن ۽ ادارن کي يا تہ تباهہ ڪري ڇڏيو آهي يا تہ اها ٽيڪنالاجي ان مٿان غالب پئجي وئي آهي. جنهن ڪري اسان موجوده دور ۾ بہ پروسو ڪري سگهون ٿا. هاڻي اسان وٽ موتمار خطرناڪ هٿيار آهن. جنهن جي اڌار تي اسان سچ کي ثابت ڪري سگهون ٿا. جنگ تي جنگ وسيلي ضابطو نہ ٿو ڪري سگهجي نہ وري جنگ ڪڏهن اهڙن ڳنڀير حالتن سان منهن ڏئي سگهي آهي. اسان جون اميدون ۽ آسرا هاڻي روح ڪان سواءِ ٻي جاءِ تي ٿانهرجي نہ ٿا سگهن. اهو اظهار جنهن کي اسان روح جي نالي سان سڏيندا آهيون. سو فقط سماجي ذات ۽ ڏانءَ ۾ موجود آهي. اهو ذات ۽ ڏانءَ زندگي گذارڻ جو هڪ فن آهي. هن قديم ماڻهو وٽ اسان جي لاءِ هڪ پيغام آهي، پر جيڪڏهن هو ڳالهائي سگهي ۽ اسان ۾ ان کي ٻڌڻ جي توفيق هجي، ڇاڪاڻ تہ هن اسان کي سچائي جي سانچي ۾ ڍالڻ لاءِ سچ تي عمل ڪيو هو. ڇاڪاڻ تہ هن کي سچ جي ساڃهہ هئي. اسان جو سماج اهڙيون سچايون وڃائي چڪو آهي. **

### باب ٽيون

# انڪا شهنشاهيت

ڏکڻ آمريڪا جي شهنشاهيت عام طور تي رومي شهنشاهيت سان پيٺائي ويندي آهي، جنهن ۾ اسان کي ڪي راز محسوس ٿيندا آهن. جيڪي اسان کي پنهنجي سحر ۾ جڪڙي ڇڏيندا آهن. هاڻي ان بابت ڪيترين حقيقتون معلوم ٿي چڪيون آهن. اسان کي هنن جي خاموش قسم جي هدايتن جي ڄاڻ ملي آهي، جيڪي جديد دنيا جي ڏچن بابت پنهنجي خاموش زبان سان ڳالهائيندا آهن. اسان هنن سنڌين ماڻهن جي زندگيءَ مٿان اڇيءَ چمڙي وارن جا ڪانگ لَوَندي ڏسندا آهيون. انڪا شهنشاهيت ختم ٿيڻ بہ رومي شهنشاهيت جيان ٿي وئي هئي. هن شهنشاهيت بہ روم جي شهنشاهيت جيان پنهنجي پٺيان لافنا يادگيريون ڇڏيون آهن. پنهنجا ثقافتي ۽ طبعي اثر ڇڏيا آهن، جيڪي امر ۽ ابناس آهن. معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ انڪا شهنشاهيت اڄ بہ زندهہ آهي. انڪا تهذيب ۽ انڪا شهنشاهيت ڏکڻ آمريڪا جي ان حصي تي قائم هئي جنهن کي ڪنڌ جو هڪ طاقتور علائقو سڏي سگهجي ٿو. هيءَ شهنشاهيت پئسفڪ (Pacific) سمنڊ کان شروع ٿيندي هئي. منجهس اهڙيون ماڻريون بہ شامل هيون جن ۾ سدائين پاڻي ڇاڇريو بيٺو هوندو هو. ان ۾ وسيع رڻ پٽ بہ شامل هو. ان کان پوءِ ڏهن کان چوڏهن هزار فوٽ مٿانهون پوٺو ڏسڻ ۾ ايندو. اهڙي پوٺي کان ڪورڊيليرا (Cordillera) جو ويهہ هزار فوٽ بلند پوٺو موجود آهي. ان کان پوءِ اهو مٿانهون اوپر طرف هوريان هوريان هيٺ ٿيندو وڃي ٿو جيڪو اونهين کاهين، گهارن، قاتن ۽ ڏارن سان پريو پيو آهي. گجگاهہ ٻيلا بہ هن جوءِ ۾ تمام گهاٽا آهن. هيءُ علائقو امازان (Amazan) درياهہ جي مٿين پاسي کان واقع آهي. هي وسيع ۽ طاقتور تهذيب 2000 ق. م کان اسپين جي

فتح تائين قائم رهي. هن ثقافت قديم سنڌي سماجن مان جنم ورتو هو. هن جي اوسي پاسي ۾ ثقافتون موجود هيون. ثقافتن جي ان مجموعي ۾ هي ثقافت نهايت اعليٰ ۽ خوبصورت هئي. انهن سهيوڳي ثقافتن مان هڪ ٻئي جو اثر قبول ڪيو هو. جيڪي پنهنجي عروج ۽ ڪمال تي پهچي زوال جو شڪار بڻجي ويون.

ساري پيرو تي ڇانيل (Pan_ Peruvian) سنڌين جي هن قديم ثقافت جو اسپيني ٻوليءَ ۾ موجود ذڪر کان سواءِ ٻيو ڪوبہ لکيل مواد نہ آهي. هن (Pan_ Peruvian) واري خطي ۾ ايڪيوئاڊور (Ecuador)، پيرو (Peru)، بوليويا (Bolivia)، اتر ارجنٽائن (Argentine) ۽ اتر چلي (Chili) وارا علائقا شامل هوندا هئا. انڪا تهذيب جي اوج جو سمون تي صديون هليو هو. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ هن تهذيب جي وڏ ۾ وڏ علائقائي وسعت وارو دور فقط هڪ صديءَ تائين قائم رهيو هو. جڏهن تہ ان جي عروج کان اڳ وارو اوسر جو دور پندرهن صديون هو.

هن قديم يادگارن واري تهذيب مٿان پيل پردن کي هڪ ٻئي پٺيان کڻي رهي آهي ۽ ان کي وڌيڪ واضح ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهي آهي. هن وقت تائين هن قديم تهذيب مٿان هي پردو بہ پيل رهيو هو تہ هو انڪا جي ڪک مان چاون (Chavin) نالي تهذيب جنم ورتو هو جيڪا پيرو جي جابلو ساموندي ڪناري تائين پکڙيل هئي. چاون نالي واري هي ثقافتي 100ع کان وٺي 500ع تائين قائم رهندي آئي. هن تهذيب انڪا جي ڪک مان جنم ورتو هو، پر منجهس ڪي گڏ ۽ لچڻ اهڙا هئا جيڪي خود انڪا ۾ بہ نہ هئا. ٽيٽيڪاڪا (Titicaca) نالي هڪ ڍنڍ جي ڪناري سان هڪ مضبوط ڏيل ۽ ڏپ واري سگهاري سپيتا جنم ورتو هو. جنهن جو نالو ٽيا هئاناڪو (Tia Huanaco) هو. ابتدائي دور ۾ اها تهذيب هڪ شهري رياست جي شڪل ۾ هئي، جيڪا پوءِ وڌي ۽ ويجهي، پر سندس سگهہ ۽ مهانتا ٽيٽيڪاڪا ڍند جي پرپاسي پري تائين پهچي نہ سگهي هئي. ابتدائي ٽيا هئاناڪو ثقافت 500ع تائين هلي ختم ٿي وئي هئي. ان جي ناس ٿي وڃڻ جا ڪارڻ اڃا تائين ڄاڻجي نہ سگهيا آهن. هن کان پوءِ هڪ ٻئي تهذيب ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جنهن کي هن تهذيب جو وارث يا فاتح سڏي سگهجي ٿو جيڪا قديم نازڪا (Nazca) ثقافت جي پيڙهہ منجهان ڦٽي نڪتي هئي، جنهن جو تعلق وچ ڏکڻ پيرو جي ساموندي ڪنار (Coast) سان هو. اهڙا ٽڙ ۽ سچا کرا احوال معلوم ٿيا آهن تہ هي


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪلاسيڪي تيا هئاناڪو تهذيب گهڻي اسري ۽ وسيع علائقي ۾ پکڙجي وئي هئي. ٽن صدين جي عرصي کان پوءِ هي تهذيب ڦٽي ناس ٿي وئي هئي. هن جيئري ٿي ٻيو پيرو بہ ڪر کنيو هو. ان کان پوءِ هوءَ هميشہ لاءِ فنا ٿي وئي، پر پنهنجو ديرپا اثر ساري پيرو جي علائقي تي ڇڏي وئي ۽ ان جي زندهہ جاويد علامتن ۽ نشانين کي اڄ تيا هئاناڪائيڊ (Tia Huanacoid) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. ان ئي دور ۾ ابتدائي چيمو (Chimu) نالي هڪ تهذيب هڪ گل وانگي ٽڙي بيهي رهي جيڪا هلندي آخري چيمو (Late Chimu) واري دور تائين پهتي هئي. هن تهذيب جو بڻ بنياد بہ انڪا تهذيب هئي. وڌ ويجهي بہ انڪا شهنشاهيت جي حدن اندر هئي ۽ اسپيني حملہ آورن جي فتح تائين قائم ۽ دائم رهندي آئي آهي.

انڪا هوريان هوريان هلندي پنهنجا پير ڪوڙي مضبوط ڪري ورتا هئا. تقابلي طور تي اها مقامي ۽ بناوت ۾ فطري ۽ ڏسڻ ۾ سادي ۽ ٻسي هئي، پرهن پنهنجي سگهہ ۽ شڪل صورت ۾ نجي پڄي آنڊين (Andean) (يعني انڊين) هئي، سندس پاڙون بہ قديم آنڊين ثقافت ۾ ڪتل هيون. ان جي فائين آرٽ کي ڇڏي جيڪڏهن سماجي جوڙجڪ کي ڏسبو تہ انڪا سيپٽا گذري ويل دور جي شين کي اڳيري آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن تهذيب ڪڏهن بہ انهن روايتن مٿان ڇانئجڻ يا انهن کي ناس ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. هي تهذيب گهرائي ۽ روحاني رندن ۾ اڳين تهذيبن کان وڌيڪ سڌريل نہ هئي. پر منجهس هڪ اڇوتو لڇڻ اهو هو تہ هن اڳين ثقافتن جي روايتن ۾ تنظيم ڪاري اقتصاديات سماج ۽ ماحوليات (Ecology) جي منصوبہ بندي کي شامل ڪري ڇڏيو هو. هن تهذيب ۾ اهي ساڳيون ڳالهيون موجود هيون جيڪي اسان کي رومي شهنشاهيت ۾ بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. منجهس عوامي ڀلائي لاءِ مطلق العنان (Benvolent absolutism) وارو رويو موجود هو. جيڪو ماڻهن مٿان زوري مڙهيو ويو هو. ان ڪري شخصي زندگيءَ مان دلچسپي ختم ٿي وئي هئي. معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ هي ثقافت ۽ شهنشاهيت ڏکڻ آمريڪا جي رومي شهنشاهيت هئي.

هنن ماڻهن جي قدامت جي معلومات لاءِ جهڙالي رنگ وارن جبلن ڏانهن وڃڻ جي هڪ شديد خواهش ڳر موڙي اندر ۾ جاڳي پوي ٿي، جنهن علائقي ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪنهن کي شايد جرئت نہ ٿيندي هجي. اسان انهن ماڻهن جي

خاموش ثقافتي شين مان سنڌن ديوتائن جهڙي اندر جي اڃائي جو هڪ اندازو ڪري سگهون ٿا. اهي ثقافتي شيون تڪميل جو هڪ نادر نمونو آهن. جيڪي پيرو جي سامونڊي ڪناري قديم مقبرن ۾ موجود آهن. انهن شين ۾ ٽڪر جا ٿانو آهن، جن مٿان ٿيل چٽسالي نهايت اعليٰ ۽ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ٿانءَ جي گهاڙ جو ڍانءُ ۽ چٽساليءَ جو فن هڪ ڏات هئي، وري جيڪڏهن انهن جي ٺاهيل سون، چاندي ۽ ٽامي جي ڳهن ڏانهن ڏسجي ٿو ته سنڌن ڪاريگري ڏسي ڏندين آڱريون لڳيون وڃن. هنن جو پٿر تي ٿيل ڪم به يڪتائي روزگار آهي. هنن ثقافتي شين جا خالق ڪي ٿورا نظر نه ٿا اچن. سونهن ۾ سوڀيا واريون ثقافتي شيون به يا ٽي نه آهن، پر بي حساب آهن. انفرادي تخليق ڏات ڪو اتفاقي واقعو نه هو پر ڏهاڙي جو هڪ عام مثال هو. پر انڪا جي پوئين دور جي ڪاريگر جي ڪلا جون شاهديون سنڌن ڏات جون ثابتيون آهن.

قديم آنڊين ثقافت جي انتها تيا هئاناڪو ثقافت آهي جيڪا پنهنجي شان ۾ مانَ ۾ يڪتائي آهي. اهو نالو انڪا نسل وارن هن تي رکيو هو، جنهن جي معنيٰ آهي ”مئن جو شهر“ (City of the Dead) آهي. انڪا ماڻهن جڏهن هن ماڳ تي مٿيون نالو رکيو هو ته ان شهر کي دڙي جي صورت اختيار ڪيءُ سوين سال گذري چڪا هئا. هي هڪ مقدس شهر هو. ان جي ديوتا جو نالو ويراڪوڪ (Viracoch) هو، جنهن جي معنيٰ آهي اهو خالق جنهن جو ڪو خالق نه آهي. انڪا ماڻهو سورج ديوتا جي پوڄا ڪندا هئا. معلوم ٿئي ٿو ته نائين انڪا (Ninth Inca) پاچا ڪيوٽيڪ (Pachacutec) سوين سال پوءِ هن ديوتا کي تخت تي وهاريو هو. هن کي سورج يا سورج ديوتا کان وڏو ديوتا سمجهيو وڃڻ لڳو. ڄاڻايل شهر ٽيٽيڪاڪا ڍنڍ جي ڪناري مٿان هڪ اهڙي مٿانهين ايراضي ۾ موجود هو جنهن جي اوچائي 13000 فوٽ هئي. جيڪو موجوده دور جي بوليويا علائقي ۾ آهي. ايئن سمجهڻ کپي ته اهو شهر هڪ رڻ پٽ جوءِ ۾ واقع هو. تيا هئاناڪو پري_ انڪا (Pre_ Inca) جو جڻ ته ايٿنس هو، جيڪو روم جي طاقت ۾ اچڻ کان اڳ يونان جو مشهور شهر هو.

ان کان ٽي صديون پوءِ اٽڪل 900ع ڌاران تياهئاناڪو تهذيب ڦٽي ناس ٿي وئي، جنهن کي بي يا ڪلاسيڪي تياهئاناڪو تهذيب سڏي سگهجي ٿو. پر هن تهذيب پنهنجو لافاني اثر ڇڏيو هو. جيڪو ساري پيرو مٿان ڇانيل هو. هن تهذيب جي ناس ٿيڻ جا ڪهڙا ڪارڻ هئا تن جو پتو اسان کي نه آهي. ڪن

يادگارن جو تعميراتي ڪم اڏ ۾ ڇڏيل آهي، جنهن مان سمجهجي ٿو تہ هيءَ تهذيب هڪدم ۽ اوچتو ختم ٿي وئي هئي. امڪان آهي تہ ڪنهن حملي آورهن شهر کي ڦري لٽي پيينگ ڪري ڇڏيو هو.

هن تهذيب جا دور نهايت مختصر رهيا آهن. پر انهن تمام گهڻو تاثر ڇڏيو آهي. هتان جي ثقافتي شين کي ڏسي معلوم ايئن پيو ٿيندو آهي تہ هتان جي ڪلا مهل ڪاريگرن جڻ ازل ۽ ابد کي گڏي پنهنجي ڏانءَ ۽ ذات جا رنگ رچايا آهن يا ايئن ڪٽي ڇئجي تہ ازل ۽ ابد انهن ڪلاڪارن جي هٿ وس هو. اهي جڻ هڪ قديم دور جي ڪڍ هوريان هوريان وڌي رهيا هئا جيڪو اٺ يا ڏهہ هزار سال اڳ گذري چڪو هو. هنن جي فن ۾ تبديلي بہ ڏسجي ٿي پر اڻ لڪي. انڪا جو دور بہ مختصر رهيو آهي. پر ان بہ ڪو گهٽ تاثر نہ ڇڏيو آهي. جيڪا ابتدائي دور ۾ هڪ مقامي سگهہ هئي ۽ ٽن صدين جي مختصر عرصي اندر هڪ سگهاري شهنشاهيت بڻجي چڪي هئي ۽ ان اوج واري دور ۾ ختم ٿي وئي.

انڪا نسل ۽ ان جي تهذيب جي دنيا سان لاڳاپيل حقيقتون خاص نوعيت جون ۽ عجيب غريب آهن. جيڪڏهن اجا حقيقي ذريعا بيان نہ ڪبا تہ ان تهذيب بابت ڪن حقيقتن جو بيان هڪ افسانو لڳندو. هڪ سندر سپني جي ڪٿا محسوس ٿيندي ۽ ٻڌڻ وارا ايئن سمجهندا تہ ڳالهہ مان ڳالهوڙو ۽ تيلي مان ٽنپ بڻايو ويو آهي ۽ ماڻهو اعتبار ئي نہ ڪندا. موجوده دور جي آنديز (Andes) نسل جي سنڌين کي سوشل انٿروپالاجي (Social anthropology) جي اصولن سان جاچي پرکي ڏٺو ويو آهي، جنهن مان سندن ماضيءَ جو صحيح معنيٰ ۾ اندازو ڪري سگهجي ٿو. انهن جي ثقافتي مسئلن ۽ قديم آثارن اسان جي علم ۾ تمام گهڻو اضافو ڪيو آهي، جنهن وسيلي انڪا تهذيب ۽ ان کان اڳ وارو دور جو صحيح معنيٰ ۾ پتو پئجي وڃي ٿو. پر شرط اهو آهي تہ اسان جي ڄاڻ جا مکيہ ذريعا ايئن تيز ۽ سچا هجن جيئن انڪا تهذيب بہ ٽي صديون اڳ پنهنجي اصلي روپ ۾ موجود هئي. بلڪل انهيءَ دور واري جڏهن وليم ايڇ پريسڪاٽ (William H. Prescott) ميڪسيڪو ۽ پيرو جون ڪلاسيڪي تاريخون لکيون هيون. پريسڪاٽ اونداهي ڪمري ۾ ويهي اهي تاريخون لکي پنهنجو نور نچوئي اڏ نظر وڃائي چڪو هو. هن کي انڪا تهذيب بابت تاريخي طور اها سڀ ڄاڻ هئي جيڪا جديد دور ۾ اسان کي آهي. يا جديد دور ۾ اسان

امڪاني طور ڄاڻي سگهون ٿا. پريسڪاٽ هڪ مورخ ۽ هڪ ڏات ڏڻيءَ جي حيثيت ۾ ڏاڍي سوچ ۽ فڪر گهربل سڀ مواد هٿ ڪري ورتو هو.

ڇاڪاڻ ته انڪا ماڻهن وٽ يورپي ماڻهن جي نقطي نظر مطابق اهڙي ٻولي نه هئي جيڪا لکي پڙهي سگهبي هئي. پر اهڙيون سڀ حقيقتون ماڻهن جي دماغن ۾ محفوظ هيون. جيڪڏهن اهڙيون ڳالهيون رڪارڊ ۾ محفوظ نه ڪن ها ته ماڻهن کان وسري وڃن ها. پر ان دور جي ڪن عالمن، قانون جي ڄاڻن ۽ عيسائي راهبن لکي محفوظ ڪري ڇڏيو هيون. جيڪي ڪانسڪئسٽا ڊور (Consqustadore) سڌت ئي هتي پهتا هئا. انهن ماڻهن مان گهڻا ٽڻا اسپين جا رهاڪو هئا، جن جو تعلق سورهين صدي جي ابتدائي دور سان هو. ماڻهن فتح جي تاريخ قلم بند ڪئي ۽ انهن ماڻهن بابت به لکيو جن کي هنن فتح ڪيو هو.

ابتدائي طور جي تذڪرن کان سواءِ ٻيا اهم تذڪرا گارڪيلاسو ڊي لاويگا (Garcilasa de lavega)، جئان ڊي سارمينٽو (Juan de Sarmiento)، دي لائسينشيئيٽ پولو ڊو اونڊيگراڊو (The Licentiate polo do ondegrado) ۽ سيزا ڊي ليون (Ceza de leon) آهن. سڀني عالمن مان وڏيڪ کرو ۽ سچو ماڻهو جيسوٽ فادر برنابي ڪوبو (Jesuit Father Bernabe Cobo) هو. ان کان سواءِ اسپين جو قديم ادب اهڙين ڳالهين کي اڃا به قلمبند ڪندو رهي ٿو. ان قسم جي قديم ادب ۾ شاهي فرمان، دربار طرفان جاري ڪيل هدايتون، حڪمران طرفان ڪالوني جي عملدارن ڏانهن لکيل خط، ميونسپل رڪارڊ، شخصي ڊائرين، بي انداز يادگيرين ۽ جنگ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ ماڻهن وچ ۾ ٿيل لکپڙهه شامل آهي. هتي اسان جو اسپين جي فتح جي حال احوال سان ڪو واسطو نه آهي. پر اسان جو تعلق انڪا تهذيب جي ماڻهن جي زندگي سان لاڳاپيل انهن حقيقتن سان آهي، جيڪي فتح کان پنهنجي اصلي روپ ۾ موجود هيون. انساني نسل جي ٻن هڪ ٻئي کي سوڙهو گهٽي ورتو آهي. اهي ٻئي گڏجي اسريا ۽ اڳتي وڌيا آهن. ان کان پوءِ هن قسم جي اهم ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيڻ به لازمي آهي. جيتوڻيڪ فتح وارو باب بي رحمي، انڌي لالچ، ظلم ۽ قهر ۽ جنوني واقعن سان ڀريل آهي. پر هن مفتوح علائقي اندر هر سال قدم بقدم بامقصد مشاهدا ۽ کوجنائون ٿي رهيون آهن، جن کي خاص شاهي حڪم مطابق هن ڪم لاءِ مقرر ڪري روانو ڪيو ويندو هو. اهڙا ماڻهو ۽ موڪليل ايجنسيون هر قسم جي نسلي امتياز کان پاڪ هونديون هيون. اهڙن شخصن

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جو تعلق اسپين جي مهذب معاشري سان هو. دانشورن جو هي ڪم انصاف ڪان پري ۽ مفتوح ماڻهن جي ڀلائي خلاف نہ هو پر اهڙين ڪوششن جو ان ڏارا سان تعلق هو جنهن ۾ سنڌين لاءِ نوان قانون جڙي رهيا هئا. انهن جي احساسن ڪي شان ۽ وقار بخشڻ هو زمان ۽ مڪان جي ناتي نئين دنيا ۽ اسپين جي بينڪي راڄ جي حدن اندر انساني ڪاميابين ڪي عظمت ڏيٺي هئي.

انڪا سماج ۽ انڪا رياست جي خوبين ۽ خاصيتن جو مختصر ذڪر هن ريت ڪري سگهجي ٿو تہ هنن جو معاشرو اشتراڪي يا گڏيل ملڪيت واري مطلق العناني اصول تي قائم هو. اهڙي نقطي نظر ڪري هنن ماڻهن اسپين جي حملي آورن ۽ انهن طرفان مڙهيل جنگ ڪي ثانوي حيثيت ڏني هئي، پر اهم حيثيت اشتراڪي اصولن ڪي ڏني وئي هئي، انساني بهتري، ترقي ۽ تعمير واسطي سماجي قانون سازي نہ ڪئي ويندي هئي. اهڙو شعور جديد دور جي سوچ فڪر سان واسطو رکي ٿو. زمين جي استعمال جو طريقو بہ جيئن هلندو پئي آيو تيئن‌ءَ هلندو رهڻ ڏنو ويو هو. انتظام ڏاڍو پيچيده هو. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ اتان جي ٻولي لکي نہ ويندي هئي، پر اهو سرڪاري انتظام ڏاڍو ڪليل ۽ هر ماڻهوءَ لاءِ واضح هو ۽ هڪ وسيع علائقي ۾ نافذ هو ٻولي لکيل صورت ۾ موجود نہ هئي، هيرو گلافيءَ (Hero glyphy) جيان تصويري شڪل ۾ بہ نہ هئي. انهيءَ زماني ۾ ڪئپو (Quipu) نالي هڪ اوز ڪم آندو ويندو هو. روڪ پيسو ڏوڪڙ شڪل صورت ۾ موجود نہ هو. ڦيٿي جو استعمال نہ هو. ڪاٺ جي گول ٻنڊڻ ڪي ليٽڻ وانگي ڪتب آندو ويندو هو. حڪومت بہ گڏيل قسم جي هوندي هئي، سرڪاري عملدار جرئتمنديءَ سان پنهنجو مذهبي فرض سنڀاليندا هئا جن ڪي اهڙي قسم جي سکيا ڏني ويندي هئي. علم ۽ ڄاڻ جي هڪ هٽي قائم هوندي هئي، اهڙي ڄاڻ جو حق فقط حڪمران طبقي ڪي هوندو هو. حڪمرانيءَ جو حق بہ اڪيلي حڪمران ڪي هوندو هو. سندس مرتئي ڪان پوءِ حڪومت ڪرڻ جو حق سندس وارث ڪي هوندو هو. انڪا تهذيب جو قسم عام فهم نہ هوندو هو. جنهن جي اصولن ڪي بعد ۾ ظاهر ڪيو ويندو هو ۽ سمجهايو ويندو هو.

انڪا خاندان جي حڪومت تيرهن نسلن تائين قائم رهندي آئي هئي. تيرهن مان 6 خاندان شهنشاهيت تائين پهچڻ واري دورن ڪان اڳ ٿي گذري هئا. هيءَ انڪا شهنشاهيت باقي پوبون اڌ مقامي طور سيبڪاڪا ڊنڊ جي اوسي پاسي رهي هئي. شاهي نسل جي اڳين ماڻهن ڪي پنهنجي پسند جي

شڪل صورت ڏني هئي. پوئين حڪمران نسل جي زماني ۾ هي شهنشاهيت ڦٽي ناس ٿي وئي هئي، پر تهذيبي اصول اڃا بہ پنهنجي اصلي شڪل ۾ موجود هئا. انڪا جي وسيع علائقن تي حڪومت جو دور 125 سال هليو. ان کان اسپين وارن حملو ڪري ان کي فتح ڪري ورتو هو.

حڪمران گهراڻي جو بنياد هڪ ڏندڪٿائي قسم جي ماڻهوءَ وڌو هو جنهن جو نالو مانڪو ڪاپاڪ (Manco Capac) چيو ويندو آهي. امڪان آهي تہ مانڪو ڪاپاڪ ڪو ثقافتي جهونجهار (هيرو Hero) هجي. اهو بہ امڪان آهي تہ متان هو پوئين دور جي لوڪ ادب ۽ سرڪاري شاعري جي گڏيل شخصيت هجي. اهو بہ امڪان آهي تہ متانهين جابلو پٽ جو ڪو ڏاهو قبائلي سردار هجي، جنهن لوڪ ادب جي قصن ڪهاڻين ۽ پوئين دور جي سرڪاري شاعري وڏيڪ اهم بڻائي ڇڏي هجي ۽ هڪ ڏندڪٿائي شخصيت بڻائي وڌو هجي. قديم تاريخي انڪاس ردار سنچي روڪا (Senchi Roca) هو جنهن جو ابتدائي دور 1105ع سان واسطو رکي ٿو. ان دور جو پهريون تعين فلپ ائنسورٿ مينس (Philip Ainsworth Means) ڪيو هو. ان کان هڪ سؤ سالن کان پوءِ ٻين عالمن ۾ ان دور جو تعين ڪيو هو. سنچي لفظ جي معنيٰ اهي "سگهارو انسان" يا جابلو ايلو (Ayllu) قبيلي جي ويڙهاڪ سردار کان اسان کي هي ڄاڻ بہ ملي آهي تہ پوئين دور واري ڪلاسيڪي تياهئاناڪو تهذيب بہ ٽي صديون پنهنجي اصلي اڳين حصن مطابق ونڊجي ورهائجي وئي هئي، جيڪا ڪجهہ وقت هم آهنگ ۽ مربطو رهي هئي. اندازو آهي تہ سنچي روڪا انهن مان ڪنهن حصي جو فوجي ڪمانڊر هوندو. ان کان پوءِ ڳالهہ ٻولهہ وسيلي اوسي پاسي وارن قبلين کي ميجايو هوندو تہ اهي هن ۽ سندس قبيلي جي عظمت ۽ اڳواڻي قبول ڪن. اهڙيءَ صورتحال پيدا ٿيڻ کان پوءِ سنچي روڪا وفات تائين پنهنجو اثر ۽ حڪومت ٽيٽيڪاڪا ڍنڍ جي ڏکڻ طرف ڪناري سان وڌائيندا رهيو جنهن ۾ هن کي تلوارن کان ڪم وٺڻو نہ پيو هوندو. سندس پٽ للوڪ اپنڪئي (Lloque Unpanqui) حڪومت سنڀالي تہ هن بہ تلوار جي مدد کان سواءِ پنهنجي حڪومت ۾ ڪيترا وڏيڪ علائقا شامل هئا. هن جو وفات کان پوءِ سندس پوٽي ميٽا ڪاپاڪ (Mayta Capac) ملڪ جي واڳ سنڀالي، پر ملڪ مقامي طور وڳوڙن جي ور چڙهي ويو هو. تنهن ڪري هن سياسي ڏماچوڪڙي کي منهن ڏيڻ لاءِ تلوار جو منيو سنڀاليو. ان ڪري ملڪي سرحد


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪي وڏائڻ ڏانهن سندس ڌيان هٽي ويو هو. اهڙيءَ ريت انڪا ٻئي، ڪاپاڪا يوپنڪئي (Capac Yupanqui) جي حڪومت جو زمانو به وڳوڙن ڪي منهن ڏيڻ ۾ گذري ويو. سندس وفات کان پوءِ ڪاڪا سنچي روڪا به تخت سنڀاليو. پريو هئار_ هئا (Yuhuar_ Huaccae) ٻين پاڙيسري ملڪن تي هلان ڪرڻ شروع ڪري ڏني ۽ پنهنجي حڪومت جي سياسي حدن وڌائڻ ۾ مشغول رهيو. اهڙي ماحول ۾ به جنگ کي ثانوي حيثيت هوندي هئي. پر اشتراڪي اصولن کي وڏيڪ اهميت ۽ اوليت ڏني ويندي هئي، پر پوءِ به سندس حڪومت 380.000 هم چورس ميلن جي ايراضيءَ تي قائم هئي. سندس زماني ۾ ئي پر انهن علائقن ۾ بغاوتون ڀڙڪي اٿيون هيون. هن تهذيب جي خاتمي کان اڳ گهرو جنگ جي شروعات ٿي چڪي هئي. تذڪرن جا احوال ڪجهه متضاد ۽ غير مربطو آهن. تنهن ڪري انڪا حڪمران جي شان ۽ وقار بابت منهنجو تصور به متضاد آهي. تذڪرن جي بيان مطابق ته جڏهن انڪا حڪمران پنهنجي ملڪ اندر سفر ڪندو هو ته هڪ ڏوليءَ ۾ ويهندو هو. جنهن کي لڪڙا لڳل هئا جن ۾ سون ۽ چانديءَ جو ڪم ٿيل هوندو هو. لڳل پردا به ايترائي قيمتي هوندا هئا، ان ڏولي ۾ چئن پاسن کان سون ۽ چانديءَ جون ونگون (Archs) ٺهيل هيون. خلوت (Privacy) لاءِ زريت جا پردا ڏنل هوندا هئا، جن کي هيرا موتي مڙهيل هوندا هئا. انهن مان ڪن تي سج ۽ چنڊ جون تصويرون به هونديون هيون، باقي ٻين تي نانگن جون تصويرون نظر اينديون هيون. اها ڏولي مافو درٻار جي اهم اميرن ۽ نوابن جي ڪلهن تي رکيل هوندي هئي. سيز ڊي ليون، مينس جو لکيل احوال هن ريت آهي:

شاهي ڏولي جي چوڌاري ڪاناري (Canari) پهريدار هلندا هئا.جيڪي هميشه شهنشاهه جي شخصيت جي چوطرف رهندا هئا، جن جو تعداد به هزار هو. ڏوليءَ جي اڳين پاسي پنج هزار فوج هلندي هئي، جيڪا سلنگرس (Slingers) سان مسلح هوندي هئي. ان کانپوءِ انڪا ذات جا به هزار جنگي جوڌا هوندا هئا. اهو سارو قافلو ماٺ ٿي هلندو هو ڇڻ ته ماڻهن جا چپ سبيل هئا يا ڪين مذهبي طور منع ٿيل هجي. اهڙي خاموشي سندس جتين جي ڪٽ ڪٽ پيچي پروڙي ڇڏيندي هئي. شاهي ڏولي رستي هلندي ڪجهه وقت لاءِ بيهي به رهندي هئي، انهيءَ مقصد سان ته جيئن ڏولي کڻڻ وارن اميرن، نوابن کي ٿڪ ڀڃائي سگهجي يا حڪمران ٻاهر منهن ڪري نظارا ڏسي، انهن جي تعريف

ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ هوندو هو يا وري شهنشاهه کي پنهنجي رعيت جي شڪايتن ٻڌڻ جو موقعو ڏنو ويندو هو. جيڪا رستي جي ٻنهي پاسن کان پنهنجي ديوتا حڪمران کي ڏسڻ لاءِ اچي بيهندي هئي. اهي ماڻهو خاموش نه هوندا هئا. پر زور سان نعرا هڻندا هئا. ”سورج ديوتا جو پٽ حڪمران زنده باد، روءِ زمين فقط تنهنجي فرمانبردار آهي.“ وغيره.

پزارو (Pizaro) جڏهن انڪا واري شهنشاهيت واري علائقي تي حملو ڪري فتح ڪيو، ان وقت مٿي بيان ڪيل منظر ڪي ضرور ذهن ۾ رکيو وڃي، پهريائين انڪا کي غداري ڪري اغوا ڪيو ويو هو. ان جي سون پهريدارن کي قتل ڪيو ويو. جنهن وقت پزارو بادشاهه کي گرفتار ڪيو ته ان وقت هو حڪمران نه پر سوريا ديوتا (Sun God) هو. جڏهن سندس انتقام وٺڻ يا ڪيس بچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته هن اهڙين ڳالهين جي منع ڪئي هئي. هن جي ماڻهن ان وقت هڪ آواز ٻڌو هو جنهن جي هنن پوري اطاعت ڪئي ۽ ان آواز جي هميشه لاءِ اطاعت ڪئي وئي هئي. چاڪاڻ ته ڪيترن نسلن کان وٺي هي سخي ديوتا هو. انڪا جي شڪست جي فقط اها معنيٰ نه هئي پر اهو هڪ راز هو.

انڪا شهنشاهيت جو بنياد آمريڪا جي ٻين سنڌي شهنشاهن وانگي پوڪي راهي هو ۽ هن ڏنڌي ۾ ضابطو هڪ ڏکهي رٿابندي وسيلي ڪيو ويندو هو. هن نسل جا ماڻهو ٻوٽن کي هڪ ٻئي سان پيوند ڪندا هئا ۽ آدمشماريءَ کي به علائقن مطابق رهائيندا ورهائيندا هئا. اهڙو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. اهڙين روايتن کي پوئين دور جي انڪا حڪمرانن به برقرار رکيو هو. اهڙي ريت ماڻهن ۽ ٻوٽن جو استحصال مختلف ٿي ويندو هو. جيڪي ماڻهو بغاوت ڪندا هئا تن کي سماج نيڪالي ڏني ويندي هئي. انهيءَ زماني ۾ ڪيچئا (Qucchua) ٻولي ۽ سج ديوتا واري ڌرم تمام گهڻي ترقي ڪئي هئي. پر انهن سيني ڳالهين جو زرو زمين جي وڌ ۾ وڌ استعمال تي هو. ڪين اها به تاڪيد ڪئي ويندي هئي ته پاڻي ۽ ٻوٽن جو ايترو زياده استعمال نه ڪيو جو اهي ضايع ٿي وڃن.

انڪا جي زمين جي استعمال جو طريقو فطري ۽ تصوف واري طريقي جهڙو هو. انڪا جي قديم ماڻهن ۾ هيءَ روايت موجود هئي ته پنهنجي مُئي مائٽ کي وساري ڇڏيندا هئا. تيرٿ گاهه (Shrens) به هر هنڌ موجود هونديون هيون جن کي هو هئاڪا (Huaca) نالي سان سڏيندا هئا. انڪا ماڻهن جي قديم نسل

جو زور خاص نوعيت جي طريقڪار جي چاڻ ۾ سماجي تنظيم ڪاري تي هوندو هو جنهن جي نگراني مذهبي ڌريون ڪنديون هيون.

انڪا طرفان انساني پلائيءَ جا وڏا ڪم تہ بلڪل ختم ٿي چڪا آهن، پر اهڙي انساني پلائي سان لاڳاپيل ڪم اجا تائين بہ منجهن موجود آهن. موجوده دور ۾ هنن آنديز (Andes) نسل جا ماڻهو مٿانهن جابلو علائقن ۾ رهندا آهن، جيڪي هيٺينءَ ماٿري کان وٺي جبل تي مٿي ان حصي ۾ آباد آهن جتي برف ڄمندي آهي. ڪي ماڻهو اجا بہ مٿي رهندا آهن، جتي گرمي پد برف کان بہ گهٽي ٿڏي هوندي آهي، جاٽايل مٿانهان علائقا ڏاڍا ايڪپرا هوندا آهن جن کي هو پاڻ ايڪپرا بڻائيندا آهن. اهڙا سطح سوين بلڪ هزارن جي تعداد ۾ نظر ايندا آهن، پنهنجا گهر بہ انهن جبلن ۾ جوڙيندا آهن. سندن رهائش جو اهڙو سلسلو صدين کان هلندو اچي ٿو. آنديز نسل جي سنڌين ۾ پوکي راهي وارو ڏنڌو نهايت قديم دور کان وٺي موجود آهي، فتح واري دور کان بہ گهڻو اڳ هن ڏنڌي سان واڳيل هئا، موجوده دور ۾ بہ پوکي راهيءَ جي رٿابندي اتي ويهي ڪندا آهن.

مٿي جبل تي ڪم ڪندڙ ماڻهن کي انڪار وارا لتو ڪپڙو، ڪاڏ خوراڪ، دوائون ۽ زندگي سان لاڳاپيل ٻيون ضروري شيون ڏيندا آهن. پورهئي جي هن ڦير گهير ڪري فرد تي محنت جو تمام گهڻ بوجهہ پوندو هو. زمين جو مٿانهينءَ تي هجڻ ۽ موجوده آبپاشي راهي جو حق پورهيت سماج کي ڏنو ويو هو. زمين تان جيڪا پيدائش ٿيندي هئي، اها انڪا کي ملندي هئي اهڙي پيداوار تي ڪنهن فرد جو نہ پر سماج جو حق هو ۽ ضرورت مطابق هر فرد ان مان مستفيض ٿيندو هو. تنهن ڪري هن کي غلامي وارو پورهيو سڏي نہ ٿو سگهجي. چاڪاڻ تہ اهڙا پورهيت جابلو علائقي ۾ مٿين سطح کي هموار ڪري پوکي راهي جو بندوبست ڪندا هئا ۽ ان سان پاٽيءَ جي ڪسين ڪڙين کي کوڙي تيار ڪندا هئا ۽ انهن جي نظرداري ڪندا هئا.

انڪا ملڪ جو سرڪاري انتظام قبيلائي (Ayllu) طرز جو هوندو هو. اهڙي سرڪار آندين جي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ قائم هئي. اهو قبيلو بہ هڪ سماجي ايڪائي جي شڪل ۾ موجوده هو. بلڪل ايئن جهڙيءَ ريت موجوده دور جا نيو ميڪسيڪو ۽ آريزونا (Arizona) جا پيوبلوس (Pueblos) يا پارت ۽ انڊونيشيا جو ڳوٺاڻو سماج هوندو آهي. ايلو (Ayllu) فقط ماڻهن جو ڪو ميڙ نہ

هوندو هو يا پوڪي راهي جو ڏنڏو نہ هوندو هو. پر سمجهيو ايئن ويندو هو تہ ڄڻ ماڻهوءَ ۾ مٽي جي وچ ۾ هڪ اَٽُٽُ لاڳاپو هو ۽ اهو لاڳاپو تصوف جي اصولن تحت پيدا ٿيو هو. اڪثر ڪري اهي ايلو جيڪي هڪ ننڍڙي رياست جي شڪل ۾ هوندي پاڻ گڏجي بہ ڪم ڪندا هئا. پر هڪ ايلو جي حڪمران کي ڪوراڪا (Curaca) چيو ويندو هو ۽ ورثي طور ملندو هو گهڻو ڪري اهڙين ننڍڙين رياستن جو اتحاد متحد رياستن جهڙو هوندو هو. جنهن ۾ هر هڪ رياست کي هڪ جيترو حق هوندو هو. پيرو جي ساموندي ڪناري سان موجود اهي رياستون پاڻ ۾ ڏاڍيون گڏيل وچڙيل هونديون هيون ۽ هڪ بادشاهت جي شڪل صورت ۾ هونديون هيون. اهڙيون حقيقتون انڪا جي سياسي اڳواٽيءَ سان تعلق رکن ٿيون. چاڪاڻ تہ اهڙي هر هڪ ننڍڙي رياست انڪا شهنشاهيت سان ملي ان کي وڏيڪ وسيع ۽ مضبوط ڪري رهي هئي. ان جو ڪارڻ اهو بہ هو تہ انڪا شهنشاهيت تہ اڳئي پنهنجي مضبوط بنيادن تي بيٺل هئي، جيڪا پهريائين هڪ ايلو جي صورت ۾ هئي ۽ آهستي آهستي ملڪي حڪمران جي صورت اختيار ڪري چڪي هئي. انڪا، اهڙو بهترين مواد ڪٽب آڻيندا هئا، جنهن سان انڪا جي شهنشاهيت وڌيڪ مضبوط ٿي سگهي. پنهنجي حڪومت کي سگهاري بڻائڻ جي ڏس ۾ سندن سوچ فڪر اعليٰ قسم جو هوندو هو. ان ناتي هو پاڻ جسماني طور وڏ ڪان وڏ ڪم تي موجود هوندا هئا. قديم زماني ۾ اهي سماجي گروه جسماني طور موجود رهڻ کي اهميت نہ ڏيندا هئا. سماجي طور منجهن هم آهنگي بہ نہ هوندي هئي. اهڙيءَ ريت ڪم ڪار بہ گڏجي نہ ڪندا هئا. انڪا هنن سماجي وحدن کي ننڍو ڪري هڪ انتظامي ايڪائي هيٺ رکيو.

اسان انڪا جي انتظامي طريقيڪار کي هن ريت بيان ڪري سگهون ٿا: ڏهن گهرن جي انتظام هلائڻ لاءِ هڪ ماڻهو مقرر ڪيو ويندو هو. جيڪو انهن گهرن منجهان ئي مقرر ٿيندو هو. اهڙيءَ ريت هڪ سؤ گهر هڪ هڪ ڪوراڪا (Curaca) جي ماتحت رکيا ويندا هئا. هي عهدو پيءُ کان پٽ کي ورثي ۾ ملندو هو. انهيءَ طريقي سان پنج سؤ گهرن، هزارن گهرن ۽ ڏهن هزارن گهرن جي هلائڻ لاءِ ترتيبوار هڪ هڪ منتظم مقرر ڪيو ويندو هو. ساڳي طريقي سان چاليهن هزارن گهرن جي انتظام لاءِ بہ عملدار مقرر ڪيا ويندا هئا، جن کي ٽيو ڪيورڪوڪ ڪيونا (Tucuiricuc Cuna) سڏيو ويندو هو. هنن

لفظن جي معنيٰ آهي ”اهي سرڪاري عملدار جن جو ڪم سڀ تي نظر رکڻ هوندو آهي.“ هنن سيني مٿان آپا ڪيونا مقرر ڪيا ويندا هئا. جن جو تعداد چار هوندو هو. جيڪي ملڪ جي چئن ئي ڪنڊن تي نظر رکندا هئا. هنن چئن وڏن عملدارن مٿان شهنشاهہ انڪا انتظامي نظر رکندو هو. وڏن چئن مان بہ عملدار انڪا جا ويجها عزيز هوندا هئا. وڏا عملدار پنهنجو ماتحت عملدار پنهنجي مرضيءَ سان مقرر ڪندا هئا. انهيءَ لاءِ تہ جيئن انڪا جو اثر رسوخ ۽ دٻدٻو قائم رهي سگهي. آپا ڪيونا جي عهدي کان هيٺ وارن عملدارن ۾ ڪنهن بہ قسم جو تعلق نہ هوندو هو. معلوم ايئن ٿئي ٿو تہ اختيارن جي ورهاست مٿان کان هيٺ هلندي ويندي هئي. هڪ جهڙن اختيارن وارن عملدارن جو پاڻ ۾ رابطو نہ هوندو هو.

پڙهندڙن جو خيال هڪدم هن حقيقت ڏانهن هليو ويندو تہ اهڙي قسم جون تنظيمون مشيني انداز ۾ ڪم ڪري رهيون هيون ۽ انساني اڏمي ۽ اتساهہ جو هتي ڪو اثر دخل نہ هو. هن قسم جي تحريڪ ۾ اختيارن جي نمائش کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو. جيڪڏهن معاشري ۾ انتهائي قسم جي مطلق العنانيت هوندي، جيڪڏهن راڄنيتي جي حڪمت عملي جو تسلسل اهڙو هوندو ۽ صدين کان وٺي اختيارن جو هڪ جاءِ تي گڏ هجڻ تہ ڪلي دل ۽ سخاوت ڪيتري حد تائين قائم هوندي؟ اهڙو جواب هٿ سان ٺاهيل روايتن ۾ موجود آهي، جيڪا شاهي گهراڻي جي ماڻهوءَ کي شعوري علم وسيلي ڏني ويندي آهي. اهو هڪ نصاب هو جيڪو خاص طريقيڪار وسيلي پهرين انڪا شهنشاهہ ڪتب آندو هو. ان کان پوءِ هر انڪا جي هن نقش قدم تي هلندو آيو. شاهي خاندان جا فرد ڪي بہ ٿي نہ هئا. پر سندن تعداد تمام گهڻو هو. انڪا شاديون بہ گهڻيون ڪندو هو سُريتون (Concubenes) بہ جهجهيون رکندو هو، جن جو تعداد بہ سون ۾ هوندو هو. اهڙي ريت انڪا حڪمرانن جا تيرهن نسل ٿي گذريا آهن. ملڪي انتظام هلائڻ لاءِ اميرن نوابن جو تعداد بہ شاهي خاندان جي فردن کان بہ گهڻو هو. پئچاڪيوٽيڪ (Pachacutec) نالي وڏي انڪا کي اهو احساس هو تہ شاهي خاندان جي فردن جو تعلق تمام ٿورو آهي. تنهن ڪري اهي راڄنيتي معاملا هلائي نہ سگهندا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن شهنشاهيت جي حدن اندر انهن ماڻهن کي رعايتون ڏئي اڳتي آندو، جن جي ٻوڪي ڪچئا (Qucchua) هئي. اهڙي ريت ان هر قبيلي جي لٺ سردار کي يا ننڍڙي رياست

جي اڳواڻ ڪي انڪا شهنشاهيت جو نواب تسليم ڪيو ويو. جنهن هن شهنشاهيت ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي. جڏهن انڪا حڪمران ڏنو ته ننڍين رياستن جي سردارن انڪا شهنشاهيت ۾ شموليت اختيار ڪرڻ ڪان پاڻ اعليٰ قسم جو منتظم ثابت ڪيو آهي ته اهڙي عهدي ڪي پوءِ ورثي وارو عهدو بڻايو ويو هو يعني پيءُ جي وفات ڪان پوءِ اهڙي عهدي تي ان جي پٽ ڪي فائز ڪيو ويندو هو. انڪا گهراڻي جي شاهي فرد ۽ نواب ملڪي انتظام هلائڻ لاءِ ذميوار هوندا هئا ۽ ڪيوراڪا (Curaca) يا گورنر جو عهدو به ڪين ڏنو ويندو هو. ڪيوراڪا لفظ جي معنيٰ آهي ”هڪ سؤ گهراڻن جو گورنر“ تعليم پرائڻ جو حق به شاهي خاندان جي فردن ۽ اميرن ۽ نوابن جو هوندو هو. سنڇي روڪا تاريخ جو پهريون ماڻهو هو جنهن ڪوزڪو (Cuzco) ۾ ياچاهئاسي (Yachahuasi) نالي يونيورسٽي جو بنياد رکيو هو ۽ ان ڪي قومي يونيورسٽي طور تسليم ڪيو ويو هو. هن يونيورسٽي ڪي نائين انڪا پئچاڪيوٽيڪ (Pachacutec) گهڻو وڌايو هو. هتي ڏاهه ۽ ڏاهپ وارا ماڻهو امائوٽس (Amautes) يعني فلاسافر رهندا هئا. اهڙي طرح شاعر به هوندا هئا جن ڪي ”هارا ويڪ- ڪيونا (Haravec_ cuna) ڪري سڏيو ويندو هو. هن طبقي جي ماڻهن ڪي انڪا شهنشاهه، امير نواب ۽ ٻيا ماڻهو وڏي عزت سان ڏسندا هئا. اهڙي علم پرائڻ لاءِ هنن ماڻهن وٽ ڪيترائي شاگرد رهندا هئا. جن جو تعلق شاهي گهراڻي سان هوندو هو. فلاسافر، شاعر ۽ دانشور قسم جا ماڻهو هوندا هئا جن ڪي انڪا شهنشاهيت جي حدن اندر وڏيون سهولتون مليل هونديون هيون.

هن درسگاهه ۾ انڪا نسل جا ماڻهو امير ۽ نواب تعليم پرائيندا هئا. انڪا تاجدار به پنهنجي دور ۾ هتي اچي پنهنجي روايتن، ڏاهپ ۽ نظرين جي ڄاڻ حاصل ڪندا هئا. پر حڪومتن جي حڪمت عمليءَ ۾ انهن ٽن صدين دوران ڪنهن به قسم جي تبديلي نه آئي هئي. هن درسگاهه جو تعليمي نصاب چئن سالن جو هوندو هو. جن مان هڪ سال سرڪاري رڪارڊ جي مونجهاري ڪي سمجهڻ ۾ لڳي ويندو هو جنهن ڪي ڪئپو (Quipu) ڪري سڏيو ويندو هو.

ان ڪان پوءِ ابتدائي ڪورس ۽ عوام ڪي سمجهڻ جي تعليم ڏني ويندي هئي. جنهن ۾ پورا سورنهن سال لڳي ويندا هئا. وليم ايچ پريسڪاٽ جي بيان مطابق اها جاچ پرک يا امتحان انڪا نسل جا اهي ماڻهو وٺندا هئا جيڪي عمر ۾ وڏا، علم جا اڪابر ۽ داناءَ ۽ چالاڪ ۽ فوجي ڪرتبن ۾ ماهر هوندا هئا. ڪين

ڪُشتي، مڪي بازي جي مهارت پڻ ڏيکارڻي پوندي هئي. ان کان سواءِ ڏکي ڊوڙ بہ هئي جنهن ۾ ٽڪجي مري پوندا هئا. ڏکي عرصي تائين بک ڪاٽڻ جي سکيا ڏني ويندي هئي، هن نصاب ۾ اميدوارن کي پاڻ ۾ جنگ جو مقابلو ڪرڻو پوندو هو جنهن ۾ جنگي هٿيار مُڏا ڪتب آندا ويندا هئا. ان هوندي بہ مقابلي دوران اميدوار گهائجي پوندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن موت جا واقعا بہ رونما ٿيندا هئا. هن قسم جو امتحان ٽيهن ڏينهن تائين هلندو هو. جنهن دوران هر اميدوار کي نهايت مختصر لباس ۾ زمين تي هيٺ سمهڻو پونخدو هو ۽ سارو وقت اگهاڙي پيرين رهڻو پوندو و. اهڙي نصاب ۾ ڪنهن سان بہ رياعت نہ هوندي هئي. شاهي خاندان جا فرد بہ ين وانگر رهندا ۽ هن امتحان مان گذرندا هئا. گارڪيلاسو (Garcilaso) جي بيان مطابق تہ انهن اميدوارن کي ڏنڊن سان خوب ماريو ويندو هو. سنڌن جسم جي چوڏاري هر حصي کي ڪٽيو ويندو هو. ڪڏهن زوراٽتا ڏک اچي اميدوار جي منهن ۾ لڳندا هئا، پر سنڌن جسم هڪ جاءِ تي سڌا بيٺا هوندا هئا. ڪنهن بہ قسم جي چرپر ۽ ڏک کان سور ڪري هلڪو آواز بہ نڪرندو هو تہ سمجهيو ويندو هو تہ اميدوار ڪانئر ۽ گيدي آهي.

ان سخت قسم جي اختيارين جو پهريون اثر ڪنهن حد تائين ڏکجي ويندو هو يا ان کي بعض کي پوئتي رکيو ويندو هو جيڪو مشيني طريقي سان غيرجذباتي طور سرڪار جي انتظامي جوڙجڪ ۾ فقط هر طرفو هلندو هو. اميرن، نوابن کي ملنڊڙ تعليم اندر جمهوري ۽ گهرا اصول موجود هوندا هئا. ساري شهنشاهيت انتظامي جوڙجڪ اندر ڪم ڪندڙ ذات کي هن تعليم جي دائري اندر رکيو ويندو هو. پر هن تعليمي سرشتي اندر هڪ جهڙائي ضرور موجود هوندي هئي. اها هڪ روايتي قسم جي ضرور هئي، پر پوءِ بہ اصلي هئي. منجهس انڪا شهنشاهيت جا وارث بہ موجود هوندا هئا. هن تعيلمي اداري جا استاد شهنشاهيت جا چند ڏاها ۽ شريف ماڻهو هئا. هن اداري ۾ علمي نڪتا قومي شان وقار طاقتور ۽ ڏندڪٿائي شاعري تان ڪنيا ويندا هئا.سکيا نوجواني جي ڏچن کان شروع ٿيندي هئي ۽ ان جي انتها ڪمال آزمائش جي سخت قسم جي دورن مان مصيبتون سهي ڪاميابي سان نڪري وڃڻ جي شاهي تخت ۽ تاج جي وارث فردن جي ڏاهپ سُرت ۽ سچيتائي تعليم وٺندڙ شاگردن جي گروهہ اندر ظاهر ٿي ويندي هئي. هن کان سواءِ بہ حقيقتون بيون بہ هيون تہ

انتظامي جوڙجڪ ۾ اهي فرد يا خاندان شامل ڪيا ويندا هئا، جيڪي هڪ سماجي گروهه جا اڳواڻ هوندا هئا ۽ انڪا شهنشاهيت جي حدن ۾ شامل هوندا هئا. ٻي ڳالهه ته انڪا شهنشاهيت جي ابتدائي دور ۾ انتظاميا ۾ ماڻهن جي چونڊ جو معيار شخصي قابليت هوندي هئي ۽ هروڀرو اوچي طبقي جي ماڻهن جي چونڊ نه ڪئي ويندي هئي. تنهنڪري سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته انڪا شهنشاهيت وسيع سوچ ۽ فڪر رکندي هئي ۽ نهايت اهل هئي. منجهس سخت قسم جي مطلق العنانيت هئي، پر پوءِ به عوام ڏانهن رويي ۾ نسلن تائين ڪنهن به قسم جي تبديلي نه آئي هئي ۽ انساني ڀلائي جي نقطي نظر کان ان ۾ مختلف قسم جا تجربا به ٿيندا رهندا هئا. انڪا شاهي گهراڻي جا ڪيترا حڪمران ذاتي غرض کان پاڪ نهايت عظيم شخصيتن جا مالڪ ٿي رهيا. پر ڪي اهڙا شهنشاهه به ٿي گذريا آهن، جن جو واسطو ذاتي غرض ۽ شخصي دلچسپين سان هو. پنهنجي اصول تان ڦري وڃڻ ۾ دير نه ڪندا هئا. ان هوندي به انهن مان ڪنهن به حڪمران عوامي ڀلائي کان ڪنهن منهن نه موڙيو هو.

هنن حڪمرانن جو اصول هوندو هو ته سڀ ماڻهو ڪم ڪن، پر ڪنهن کي گهڻو ڪم نه ڪرڻ گهرجي نه وري ان کي ڏکي وقت لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي. هر ڪنهن ماڻهوءَ وٽ ايترو ڪجهه موجود هجي جو ڪيس شديد ضرورت جو احساس نه ٿئي. اهو انڪا جو هڪ واضح قسم جو نقطي نظر هو. انڪا شهنشاهيت جي ملڪيت ڌرتي ۽ پورهيو هو. ايلو (Allyu) کي سماجي ۽ اقتصادي ايڪائي سمجهيو ويندو هو. هڪ ايلو جي زمين ڪنهن ٻئي ايلو کي نه ڏين ويندي هئي. تعداد جي لحاظ کان گهرن جي وڏي کي زمين تي حق هوندو هو. جيڪو هر گهر کي هڪ جيتري زمين ورهائي ڏيندو هو. انڪا شهنشاهيت جي قيام کان اڳ به انڪا نسل جي ماڻهن ۾ ساڳيو اصول موجود هوندو هو. هر هڪ ايلو کي ڏنل زمين جو هڪ حصو سج ديوتا جي لاءِ مخصوص هوندو هو جيڪو ملڪ جو سرڪاري مذهب هو. زمين جو ٻيو حصو انڪا شهنشاهه جو هوندو هو. باقي ٽيون حصو عام ماڻهوءَ جو حق هو. سيني تذڪرن جو متفق بيان آهي ته عام ماڻهوءَ لاءِ مقرر ڪيل زمين جي حصي جي پيداوار ايتري گهڻي هوندي هئي جو سماج جو هر هڪ فرد ڏاڍو خوش گذاريندو هو. جڏهن آدمشماري وڌي ويندي هئي ته انڪا شهنشاهه پنهنجي حصي واري زمين مان ڪجهه حصو ڪڍي ايلو جي حوالي ڪري ڇڏيندو هو. ڪڏهن انڪا


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سرڪاري پانڊن مان ماڻهن جي مدد ڪندو هو. جڏهن ضروري سمجهيو ويندو هو تہ سرڪاري پيل زمينون بہ اهڙي ايلو کي ڏنيون وينديون جنهن جي آدمشماري وڌي ويندي هئي. ماڻهن جي وڌيڪ آبادي کي نهايت عقلمندي سان انساني مسئلو سمجهي ڪنهن مناسب ايراضي ۾ آباد ڪيو ويندو هو. ڪن تذڪرا نويسن جو خيال آهي تہ اهو فيصلو سرڪار ڪندي هئي، ڪهڙو مرد ڪهڙي عورت سان شادي ڪري سگهي ٿو. پر اهڙيون ڳالهيون حقيقت کان گهڻو پري آهن. اهڙي حڪمت عملي پنهنجي وجود اندر ئي بيڪار هئي. پيو تہ ان ۾ مذهبي اصول بہ عدم موجود آهي. تنهن ڪري اهڙيون ڳالهيون غير موزون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. حقيقت هي آهي تہ نئين ٿهي پنهنجي مرضيءَ مطابق پنهنجي جوڙيوال جي چونڊ ڪندي هئي يا وري اهڙو بندوبست والدين ڪندا هوندا. طلاق ڏيڻ تي سختي هوندي هئي، معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ انڪا شهنشاهيت ۾ آزمائشي شادين جو رواج هو.

انڪا ۾ سزا ڏ يڻ وارو قانون ورلي ڏسڻ ۾ ايندو هو جيڪو ڏاڍو سخت هوندو هو. جيڪڏهن شاهي گهراڻي جو ماڻهو ڏوهي نظر ايندو هو تہ ان سان بہ ڪنهن قسم جي رعايت نہ ڪئي ويندي هئي. چوري جي معاملن ۾ انصاف ۽ سوچ فڪر کان ضرور ڪم ورتو ويندو هو ۽ اهو ضرور ڏٺو ويندو هو تہ چور اهو ڏوهہ پنهنجي عادت موجب ڪيو آهي يا ان شيءِ جي ڪيس ضرورت هئي ۽ اها شيءِ هر شهري وٽ موجود هوندي آهي پر وٽس نہ هئي. جيڪڏهن پوئين ڳالهہ صحيح نڪتي تہ مجرم کي سزا ڏيڻ بدران جج ان علائقي جي عملدار کي ذميوار سمجهندو هو. سوچي ڏسبو تہ انڪا جو قانون بہ ٽي سؤ سال اڳ واري انگلينڊ جي قانون کان وڌيڪ سخت نہ هو ۽ قانون کي ڪڏهن ڪڏهن ڪتب آڻڻ جي ضرورت محسوس ٿيندو هئي. مقامي انتظاميا کان ٻاهر نگران (Guardian) بہ هوندا هئا جن کي تذڪرن خابرو (Informers) ڪري سڏيو آهي. اهڙن ماڻهن جو تعلق شاهي گهراڻي سان هوندو هو ۽ سندن واسطو شخصي طور انڪا سان هوندو هو. هن قسم جا عملدار ماڻهن سان رلي ملي ويندا هئا، منجهن موجود لاقانونيت ڏسي وٺندا هئا. اهو بہ ڏسندا هئا تہ سياسي ادارا ڪهڙي طريقي سان ڪم ڪري رهيا آهن. اهڙو سارو احوال سڌو انڪا کي ڏيندو ويندو هو.

انڪا جا بہ ادارا جهڙوڪ سميٽا (Smita) ۽ يانا ڪونا (Yanacona) کي

اسپيني فاتحن بہ ڪتب آندو. انڪا هن اداري کي عوامي خدمت لاءِ ڪتب آندو پر اسپين وارن هن اداري کي غلامن کي قتل ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو. جڏهن تہ ياناڪونا جهڙي هڪ بهترين اداري کي بدلائي ان ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن کي زمينون کسي کين بيروزگار بڻائي ڇڏيو. جيڪي ويچارا وتندا هئا دربدر ٺوڪرون کائيندا. اسپين وارا هنن ماڻهن کان بنا اجوري ڏيڻ جي مفت ۾ شخصي ڪم ڪرائيندا هئا. انڪا دور ۾ هي ماڻهو پٿر جا اوزار گهڙيندا هئا، ڪورڪو ڪم ڪندا هئا ۽ ڏاتوءَ جو ڪم ڪندا هئا. هنن ماڻهن تان هر قسم جو محصول معاف هوندو ۽ سندن ڏنڌن کي مان مرجاتا واري نظر سان ڏٺو ويندو هو.

انڪا وارا زمين جي هڪ ماپ جي ايڪائيءَ کي ٽوپو (Tupu) ڪري سڏيندا هئا، جنهن جو منڍو پنجاهہ وکون ۽ لام سٺ وکون هوندو هو. هي ٽوپو زمين جنهن کي آباد ڪرڻ لاءِ پاڻي پهچي سگهندو هو سو زال مڙس جي پيٽ گذر لاءِ ڪافي هوندو هو پر جن کي اڃا ٻار ٻچا نہ ڄمندا هئا، هر پٽ ڄمڻ تي هڪ ٽوپو ۽ هر ڌيءَ ڄمڻ تي اڌ ٽوپو زمين ڏني ويندي هئي. زمين جي اهڙي ورهاست انهن عملدار جي هٿ وس هوندي هئي، جيڪي ڏهن پنجاهہ يا هڪ سؤ گهرن جي گهرجن پورين ڪرڻ لاءِ مقرر هوندا هئا. انڪا هڪ اهڙو اقتصادي نظام هلائيندي هئي، جنهن جو ڪو مثال ئي نہ هو. اوڳاڙيو ويندڙ محصول نهايت مناسب هوندو هو. جيڪو جنس جي صورت ۾ هوندو هو. اهو اوڳاڙيل محصول موٽي وري عام ماڻهوءَ کي ملندو هو. اسان کي ڏسڻ ڪپي تہ انڪا وٽ هن محصول لاءِ ڪهڙي قسم جو قانون موجود هوندو هو. گراڪيلاسو (Gracilaso) هي مواد فادر بلاس واليرا (Father Blas Valera) وٽان ڪنيو آهي، جنهن انڪا سماج تي تحقيقي ڪم ڪيو هو.

1_ ڪوبہ ماڻهو محصول کان آجو نہ هو. اهي ماڻهو انڪا يا سورج ديوتا کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ادا ضرور ڪندا هئا پوءِ اهو ڪنهن ڪم ايندڙ شيءِ جي روپ ۾ هوندو هو يا ڪنهن ڪم ڪرڻ جي شڪل ۾. شاهي خاندان جي فردن ۽ نوابن ميرن کي اهڙو محصول معاف هوندو هو. انهن عملدارن ۽ فوجي ماڻهن کان بہ محصول نہ ورتو ويندو هو جيڪي ملڪ لاءِ خدمتن ۾ مصروف هوندا هئا. اهڙي ريت 25 سالن جي عمر کان گهٽ ۽ پنجاهہ سال جي عمر کان وڌيڪ ماڻهن کان بہ محصول نہ ورتو ويندو هو. اهڙن ماڻهن کي پنهنجن مائٽن سان


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ نہ چيو ويندو هو. عورت، بيمار ۽ اپاهج بہ محصول معاف هو. گونگن ٻوڙن کي بہ ڪم اهو ڏنو ويندو هو جيڪو هو ڪري سگهڻ جي لائق هوندا هئا. ان ڪان سواءِ سج ديوتا جي پوڄا پاٺ ڪرڻ وارا ٻاوا ٻانيڻ بہ محصول ڪان آجا رهندا هئا.

2۔ مزودر، فوجي يا فنڪار ڪان محصول وقت، محنت ۽ فن جي حساب سان ورتو ويندو هو. هن معاملي ۾ سيني ماڻهن کي هڪ جهڙو سمجهيو ويندو هو. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي اهڙي محصول جي ادائگيءَ ۾ سندس اولاد ساڻس گڏجي ڪم ڪندو هو تہ اهڙي ماڻهوءَ کي شاهوڪار سمجهيو ويندو هو. پر جن ماڻهن کي اولاد نہ هوندو هو تن کي مسڪين سمجهيو ويندو هو.

3۔ جڏهن هڪ فنڪار يا ڏانءَ ڏات جو مالڪ انڪا يا ڪيوراڪا (Curaca) جو ڪم ڪندو هو گهربل سامان انڪا يا ڪيوراڪا کي مهيا ڪرڻو پوندو هو. اهڙو ڏات ڏٺي انڪا يا عملدار وٽ سال ۾ فقط ٽي مهينا ڪم ڪري سگهندو هو پر وڌيڪ نہ.

4۔ ڪم ڪرڻ وقت ان ڪاريگر کي، کاڌ خوراڪ، لٽو ڪپڙو ۽ دوا درمل بہ ڏني ويندي هئي. جيڪڏهن ان ڪاريگر سان گڏ سندس زال ۽ اولاد بہ ڪم ڪرڻ ۾ مصروف هوندا هئا تہ اهي بہ کاڌ خوراڪ، لٽي ڪپڙي ۽ دوا درمل لاءِ اهل هوندا هئا. اهڙيءَ ريت محصول ادا ڪرڻ واري کي ان ڪم جو سرڪاري طور معاوضو ملي ويندو هو. اهڙي ماڻهوءَ کي محصول طور وقت ۽ ڪاريگري ڏيڻي پوندي هئي. جيڪڏهن هن سان گڏ سندس گهرياتي بہ اهڙي ڪم ۾ هٿ ونڊائيندا هئا تہ اهو ڪم وقت ڪان اڳي نبري ويندو هو ۽ سال گذرڻ تائين ڪيس ڪنهن ٻئي ڪم ڪرڻ لاءِ نہ چيو ويندو هو.

5۔ جيڪڏهن ادا ڪيل محصول سرڪار جي خرچ ڪرڻ ڪان پوءِ بچي پوندو هو تہ اهو عام ماڻهن ۾ ورهايو ويندو هو. اهو محصول خرچ ٿيڻ تائين امانت طور رکيو ويندو هو.

6۔ خاص قسم جي حالتن تحت محصول، رستن، مندرن، پاڻيءَ جي ڪڙين کسين، پلين ۽ شاهي محلاتن ناهڻ، ٻانڌن ۽ ٻين عوامي ڪمن ڪرڻ جي شڪل ۾ بہ ادا ڪيو ويندو هو. شاهي ڏولي ڪڻڻ وارن ۽ ڪاڻين ڪوٽڻ وارن ڪان ٻيو محصول نہ اوڳاڙيو ويندو و.

فادر واليرا جو محصول اڳاڙي ۽ خرچ واري طريقيڪار تي ٽيل ڪم

انڪا جي انتظامي معاملن تي تمام گهڻي روشني وجهي ٿو. سندس بيان آهي تہ علائقي جا عملدار ۽ منشي خاص وقت تي صوبي جي هڪ وڏي ڳوٺ ۾ اچي ويهندا هئا جتي ڪيپو۔ ڪئموياڪ۔ ڪيونا (Quipa_ Camoyac_ Cuna) بہ اچي ويهندو هو. اهڙيءَ ريت منشي پٽرين تي حساب ڪري سارو ليکو چوکو علائقي جي عملدار جي حوالي ڪري ڇڏيندو هو. حساب ڪتاب ۾ پٽرين جي استعمال کان سواءِ ڳنڍيون ڏئي بہ ليکو ڪيو ويندو هو تہ سنڌين انڪا ڪي ڪيترو محصول ادا ڪيو آهي. اهڙين ڳنڍين مان معلوم ٿي ويندو هو تہ محصول ڏيڻ واري رستي جي تعمير يا ٻين عوامي ڪمن ۾ هٿ ونڊائي ڪيترو محصول ادا ڪيو آهي ۽ پنهنجي عملدارن جي چوڻ تي هنن ڪيترو سفر وغيره ڪيو آهي. اهڙي طرح اهو بہ ڏنو ويندو هو تہ ان ماڻهوءَ پيل سرڪاري محصول مان ڪيترو ادا ڪيو آهي ۽ ڪيترو رهيل آهي. ان ڪم جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ محصول عملدار ۽ علائقي جي گورنر کي ڏيکاريو ويندو تہ سرڪاري ڀانڊن ۾ جنسن جي شڪل ۾ اوڳاڙيل محصول ڪيتري مقدار ۾ موجود آهي، جنهن ۾ عوام پاران شهنشاهہ کي ڏنل مرچ، ڪپڙو، هيرا جواهر، چاندي، سون، ٽامو هوندو هو. پر انهن شين جو رڪارڊ الڳ رکيو ويندو هو. اهو بہ اطلاع ڏنو ويندو هو تہ ڳوٺ جي سرڪاري ڀانڊي ۾ اڃا ڪيترو سامان موجود آهي. ملڪي قانون موجب علائقي جي گورنر وٽ بہ ساڳئي قسم جو حساب ڪتاب رکيو ويندو هو. انهيءَ لاءِ تہ جيئن محصول جي معاملن کان هو بہ آگاهہ رهي تہ محصول عملدارن ڪيترن محصول اوڳاڙيو آهي ۽ محصول ادا ڪندڙ ڪيترو محصول ڏنو آهي ۽ باقي ڪيترو واجب الادا آهي.

انڪا سرڪار ۾ ڪيپو هڪ اهڙو وسيلو هو جنهن سان حساب ڪتاب ۽ رڪارڊ بہ رکيو ويندو هو. تاريخ، قانون ۽ حساب ڪتاب جون ڳالهيون بہ ڪيپو ۾ موجود هونديون هيون. اهو اهڙو طريقو هو جو حساب ڪتاب سان لاڳاپيل ۽ ٻيون ڳالهيون يادگيريءَ ۾ محفوظ رهجي وينديون هيون. ان جو استعمال عام هوندو هو ۽ ان جي حيثيت بہ لکڻ واري هوندي هئي. هڪ ڪيپو ۾ وڏو رسو هوندو هو جنهن ۾ ٻيا وڏا رسا ٻڌل هوندا هئا ۽ ٻيا لڙڪندا هئا، جن جو تعداد هڪ کان وٺي هڪ سؤ تائين هوندو هو. وڏو رسو هڪ فوٽ ڊگهو هوندو هو جنهن ۾ ٻيا ننڍا رسا ٻڌل هوندا هئا، جي۔ ارڪ ٿامپسن (J_ Eric Thompson) جو چوڻ آهي تہ ڳڻڻ جو ڪم ڳنڍين (Knots) کان ورتو ويندو هو.

هڪ رسو مختلف حصن ۾ ورهايل هوندو هو جنهن جو هيٺين پاسو هڪ ڪان وٺي نون تائين انگن (Numbers) جي نمائندگي ڪندو هو. مٿان وارين ڳنڍيين وسيلي ڏهاڪن وارا ڏهن ڪان نوي تائين انگ ڏيکاريا ويندا هئا. ان ڪان مٿان واريون ڳنڍيون ٽن انگن يعني هڪ سؤ ڪان نون سون تائين انگ ڏيکاريندڙيون هيون. ڳنڍيين جي وچ تي چڙهيل وٽي ڏهائي جي نشان طور هوندي هئي، جيڪا ڪيتري به حد تائين وڌائي سگهبي هئي. اهڙي طرح هڪ انگ جي انڪائي ڳنڍيون، ٽوري، وٽيءَ ڪان پوءِ ست ڳنڍيون.

اهڙيءَ طرح رنگن ڪي به حساب ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويندو هو. ڳاڙهي رنگ جي رسي جنگ جي نمائندگي ڪندي هئي. ابتدائي دور جا محقق اهو به ٻڌائين ٿا ته ڪارو رنگ سال (Calender0) ۾ ڪرنڊي انڪا جي نمائندگي ڪندو هو. جڏهن ته چاهون (Grey) رنگ صوبائي نمائندگي لاءِ هو ننڍيون رسيون ننڍن موضوعن سان لاڳاپيل هونديون هيون. ڪن رسين جون ڳنڍيون شهر جي آدمشماري ڏيکاريندڙيون هيون. مختلف ڳنڍيين وسيلي اها معلومات به ملي ويندي هئي ته ڳوٺ يا شهر ۾ هڪ جيتري عمر وارا جوان، ٻڍا ۽ ٻار ڪيترا آهن. اهڙيون حقيقتون جي. ايرڪ ٿامپس پنهنجي ڪتاب ”فرام آرڪيالالجي آف سائوٿ آمريڪا“ ۾ بيان ڪيون آهن، جيڪو شڪاگو ميوزيم آف نيشنل هسٽري وارن 1936ع ۾ ڇپايو هو.

انهن ڪيوپوز (Quipus) ڪي سرڪاري رڪارڊ طور ڪم آندو ويندو هو. ٻيا ڪيوپوز مڪمل ڪتابن وانگي هوندا هئا. انڪا وارن هنن ڪيوپوز وسيلي پنهنجي تاريخ ۾ قانون، روايتن ۽ ڏنڏي ڪي محفوظ ڪري ڇڏيو هو. هاڻي فقط اهي ڪيوپوز محفوظ آهن، جيڪي قبرن مان لڌا ويا آهن. ايئن سمجهڻ به فطرتي ڳالهه آهي ته ارتقائي، تاريخي، قانوني ۽ ادبي مرحلن جي نمائندگي ڪيوپوز ڪندا هئا. اهڙن ڪيوپوز جو تعداد تمام ٿورو هوندو هو جن ڪي سرڪاري خزاني ۾ سنڀالي رکيو ويندو هو. چاڻايل ڪيوپوز هزارن مان ڪي ٿورا وڃي بچيا آهن. باقي ٻين ڪي اسپيني حملي آورن ساڙي رک ڪري ڇڏيو هو. هنن فقط اهو نه ڪيو هو پر سون ۽ چانديءَ جون ٺهيل مختلف شيون هنن رجائي بگاڙي ڇڏيون هيون، انهيءَ مقصد سان ته جيئن انهن کي سولائي سان اسپين موڪلي سگهجي. اهڙيءَ ريت هنن ڪيوپوز تي مشتمل لائبريريون ساڙي رک ڪري ڇڏيون هيون. ڇاڪاڻ هو سمجهي رهيا هئا ته اهي به ڪي

مشرڪن جون شيون آهن ۽ سندن تعلق ڪنهن شرڪ سان هوندو. اسپيني حملي آورن ۾ ٻن مختلف خيالن جا ماڻهو هئا. هڪڙا اهي هئا جيڪي انڪا جي چاڻايل ڪتابن کي ساڙي رک ڪندا ٿي وتيا. جڏهن تہ ٻيا ماڻهو اهڙا بہ هئا جيڪي تذڪر نويس هئا ۽ انڪا تهذيب جي قدرن (Values) کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا هئا.

انڪا جي رابطي رکڻ جو طريقو جنهن هن شهنشاهيت کي هڪ ايڪائيءَ جي مضبوط صورت بخشي هئي يا بہ هن تهذيب جي هڪ عجيب غريب شيءِ هئي. انڪا رستن سان هر قسم جا سرڪاري ماڻهو ۽ هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ تائين بار ڍوئڻ وارا ماڻهو پيا ايندا ويندا هئا. اهڙيءَ آمد رفت ۾ لاما (Llama) ۽ الپاڪا جانور بہ ڪتب ايندا هئا. جيڪي سامونڊي ڪنارن کان جهنگلن تائين ۽ ڏکڻ کان دور اتر طرف پيا ايندا ويندا هئا. مينس (Means) جو خيال آهي تہ انڪا نسل جي ماڻهن جا رستا ڏاڍا سڌا هوندا هئا. چاڪاڻ تہ هنن ماڻهن جو پنهنجي مقصد ڏانهن وڃڻ جو رستو هوندو هو. رستن پرسان خاص جڳهيون (Post Houses) ٺهيل هونديون هيون. جتي سرڪار قاصد (Couriers) مقرر ٿيل هوندا جن جو تعلق جابلو علائقن سان هوندو هو. جيڪي هڪ کان ٻي جڳهہ تائين مناسب نموني سان ڊوڙي پيغام پهچائيندا هئا. انڪا نسل جي ماڻهن ۾ ڊوڙڻ بہ هڪ روايت هئي. ڊوڙڻ واري هي روايت مٿئين طبقي سان لاڳاپيل ماڻهن ۾ بہ هوندي هئي. قاصدن کي اهڙو ڏنڌو ٻالجتيءَ کان وٺي سيکاريو ويندو هو. سندس اهڙي نوڪري سرڪاري هوندي هئي. ٿوري ٿوري پنڌ کانپوءِ سندس منصبي فرض پورو ٿي ويندو هو. سندن نوڪري بہ واري وٽيءَ سان ڦرندي گهرندي رهندي هئي. اهڙين سرڪاري جڳهن وچ ۾ فاصلو ڏيڍ ميل کان وٺي پنجن ميلن تائين هوندو هو. اهڙو گهٽ وڌ فاصلو جابلو چاڙهين، لاهين کي ڏسي مقرر ڪيو ويو هو. اهي نوڪريون اهڙيون هونديون هيون جو قاصد کي هڪ جڳهہ کا ٻي جڳهہ تائين پهچڻ لاءِ وچ تي ڪاٿي ترسڻو نہ پوندو هو. ڏينهن رات ۽ کهڙي بہ موسم دوران ان کي پنهنجو منصبي فرض سرانجام ڏيڻو پوندو هو. هن نوڪري جي پابندي نہ فقط انتظامي يا فوجي مقصدن لاءِ هوندي هئي، پر اهڙي قسم جي محصول پهچائڻ لاءِ بہ ضروري هوندي هئي جيڪو ٿوري وقت گذرڻ کان پوءِ گندو ٿي ويندو هو ۽ اهي ڪيوزڪو (Cuzco) کي مرڪزي گدام واري آفيس ۾ پهچائڻو پوندو هو.

ڪڏهن وري اهڙو نازڪ محصول انڪا کي بہ پهچائڻو پوندو هو. ڏولي ۾ سوار پنهنجي شهنشاهيت جي گشت تي نڪرندو هو جنهن سان گڏ هزارين ماڻهو سفر ۾ هوندا هئا.

اهڙين رستن جي ڪنارن سان مسافرخانا ٽئمپو۔ ڪيونا (Tampu_ Cuna) بہ ٺهيل هوندا هئا، جتي راهہ ويندا مسافر اچي ترسندا ۽ ٽڪ پيچندا هئا. اهي مسافرخانا تعمير ۾ ڏاڍا موڪرا هوندا هئا. مکيہ ڪمرو 100 کان 300 فوٽ ڊگهو ۽ 30 کان 50 فوٽ ويڪرو هوندو هو. ان سان گڏ ڪي خانگي رهائشگاهون ۽ گدام بہ هوندا هئا. هن قسم جا مسافرخانا ۽ ٻيون جڳهيون مقامي اختيارين وارا جوڙائيندا هئا. فادر برنابي ڪوبو (Father Bernabe cobo) جي تاريخ مان حوالا ملن ٿا ۽ انهن مسافرخانن ۾ اهي سرڪاري عملدار اچي ٽڪندا هئا، جيڪي سرڪاري ڪم ڪار خاطر سفر ڪندا رهندا هئا يعني انهن مسافرخانن ۾ سرڪاري طور منظور ٿيل مسافر جي حيثيت ۾ ترسندا هئا.

هنگامي حالتن دوران قاصد دونهون ڪري يا باهيون ٻاري اهڙي آگاهي ڏيندا هئا. گارڪيلاسو (Garcilaso) جي لکيل تذڪرن مطابق هنگامي حالتن جو دونهين ۽ باهہ وسيلي اطلاع 2000 ميل پري رهندڙ ڪيوزڪ (Cuzco) کي ٻن يا وڌ ۾ وڌ ٽن ڪلاڪن يا ان کان بہ گهٽ وقت اندر پهچي ويندو هو.

انڪا تهذيب جي بنيادي معلوماتي ذريعو انڪا مذهب هوندو هو. جنهن جو تعلق سج ديوتا جي پوڄا پاٺ سان هو. اهڙا عبادتخانا اڳي بہ موجود هوندا هئا ۽ هاڻي بہ موجود آهن، جن کي هئاڪا (Huaca) سڏيو ويندو هو. اهي مندرن جي شڪل ۾ هوندا هئا جتي ٻاوا ۽ ٻانيڙ، ٻايون ۽ ٻانيٽاڻيون رهنديون هيون. هنن مندرن ۾ ڌرتي ماتا، سمنڊ۔ ماتا، سج ديوتا، چنڊ ديوتا ۽ ستارن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. هن ڌرتي تي انڪا شهنشاهہ کي سج ديوتا سمجهي پوڄيو ويندو هو. ڇاڪاڻ تہ انڪا جي معنيٰ بہ سج آهي. اها هڪ اهڙي علامت آهي جنهن کي سمجهائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ هر مذهب جون مقدس روايتون سمجهائڻ ناممڪن نہ تہ بہ مشڪل ضرور ٿينديون آهن.

ستارن جي جهڳٽي مان لائرا (Lyra) نالي تارن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي جن لاءِ سمجهيو ويندو هو تہ اهي ماڻهن جي نگهباني ڪندا آهن. ڪتي تارن (Plecades) لاءِ سمجهيو ويندو آهي تہ اهي ٻج کي وڌڻ ويجهڻ ۾ مدد ڪندا آهن. اهڙيءَ ريت مختلف موسمن مٿان نظرداري ڪرڻ بہ هنن ستارن

جي جهڳٽي جو ڪم آهي. ساڳيءَ ريت جهنگلي جانورن ۽ نانگن بلائن جي نگهباني لاءِ بہ هنن جا پنهنجا پنهنجا تارا آهن. گجگوڙ ڪي ديوتا جو سر سمجهيو ويندو هو. ڪير ڏارا لاءِ چيو ويندو آهي تہ اها قدرتي ندي آهي جتان گجگوڙ پاڻي آڻي مينهن وسائيندي آهي.

انهيءَ سڀني ديوتائن ڪان گهڻو پري هڪ اهڙو ديوتا موجود آهي جنهن کي ڪنهن بہ تخليق نہ ڪيو آهي ۽ اهو ديوتا سڀني ديوتائن جي وجود اندر ۽ وجود کان ٻاهر بہ موجود آهي. جنهن کي ويرا ڪوچا (Vera cocha) چيو ويندو هو. اهو بنيادي مالڪ آهي جنهن دنيا کي سڀ ڪجهہ سيکاريو آهي. ويرا ڪوچا ديوتا جو تصور قديم سنڌي سماج سان تعلق رکي ٿو. اهو ايترو قديم آهي جو سنڌي سماج جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ان ديوتا جي قدامت جي يادگيري نہ آهي. ڪن اهم تذڪرا نويسن اهو ٻڌايو آهي تہ نائو انڪا ڪهڙي طريقي سان ويرا ڪوچا جي حيثيت اختيار ڪري ويو هو ۽ ڪيس سج ديوتا ۽ انڪا کان وڌيڪ مقدس ۽ محترم تصور ڪيو ويندو هو. پر هو مئن جي قديم شهر (City of the Dead) ۾ رهندو هو. جنهن کي تياهئاناڪو (Tea_ Hua Naco) جي نالي سان سڏيندا هئا، جتان رومي انڪا، اٿينس جي ثقافت کي تڙي ڪڍي ڇڏيو هو. ان کان پوءِ ڪيوزڪو (Cuzco) ۾ انڪا شهنشاهيت جو نالو ڪنهن بہ نہ ٻڌو هو.

انڪا شهنشاهہ لاءِ سمجهيو ويندو هو تہ هو آمر آهي. انڪا نسل جا عام ماڻهو بہ هن لاءِ ايئن سمجهندا هئا. سندن زندگيءَ جي ڪاروهنوار ۾ بہ اها حقيقت واضح هوندي هئي تہ هو انڪا شهنشاهن کي زندهہ سمجهندا آهن. سندن اخلاقيات ۾ بہ اهو نقطي نظر چٽو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. جڏهن انڪا شهنشاهہ مرندو هو تہ ڪيس اڳئين جهان جي دڳ ڏيکارڻ لاءِ ڪُتو هوندو هو. ان مقصد لاءِ سندس ڪتي کي ڪُنو ويندو هو تہ جيئن هو پنهنجي مالڪ کي اڳئين جهان جي دڳ ڏيکارڻ لاءِ اڳي ئي اتي موجود هجي. انڪا جي مرڻ شرط سندس محلات، تخت تاج شاهي، شان ۽ شوڪت ڏيکارڻ واريون ٻيون شيون سيل مهر ڪيون ونديون هيون. جڏهن سندس وارث تخت تي ويهندو هو تہ هن لاءِ تخت تاج سميت شاهي شان ۽ شوڪت سان لاڳاپيل سڀ شيون، وينديون شاهي محلات تائين، نيون جوڙٽيون پونديون هيون.

گناهہ قبول ڪرڻ وارو ادارو بہ عروج تي هو، جتي پنڊت ۽ پنڊتياڻيون موجود هونديون هيون. انڪا پنهنجا ڏوهہ گناهہ قبول ڪندو هو ۽ توبهہ تائب

ٿيندو هو.

سج ديوتا لاءِ ڪنواريون ڇوڪريون بہ هونديون هيون ۽ پوڄا پاٺ لاءِ پنڊتياڻيون بہ هونديون هيون. ڇوڪريون جڏهن ڏهن سالن جي عمر کي پهچنديون هيون تہ شهنشاهہ جا عملدار ڇوڪريون جي چونڊ ڪندا هئا. اهڙي چونڊ ۾ بي انتها خوبصورتي، تندرستي ۽ ڇوڪريءَ جي مزاج ۾ شان ۽ وقار کي بہ ضرور ڏٺو ويندو هو. ڪامياب ڇوڪرين جي تعليم واسطي کين سج ديوتا جي مندر پرسان ٺهيل جڳهن ۾ رهايو ويندو هو. ڪي ڇوڪريون موٽي اچي پنهنجي مائٽن سان رهنديون هيون. ڪن کي اميرن ۽ نوابن جي حوالي ڪيو ويندو هو جتي کين ٻيءَ زال جي حيثيت ڏني ويندي هئي. وڌيڪ خوبصورت ڇوڪريون انڪا شهنشاهہ جون سُريتون بڻايون ويند يون هيون. ڪن کي وري اميرن، نوابن وٽان ڪڍي سج ديوتا جي ڪنواري (Vergin) بڻايو ويندو هو. انهن مان ڪجهہ ڇوڪرين کي قربانيءَ لاءِ چونڊيو ويندو هو ۽ کين ٻين ڇوڪرين کان وڌيڪ پاڪ دامن سمجهيو ويندو هو. اهڙي چونڊ ابتدا ۾ ٿي ڪئي ويندي هئي. تذڪرا نويسن اهڙي حقيقت بيان نہ ڪئي آهي تہ ان زماني ۾ انساني قربانين ڪرڻ جو رواج بہ موجود هو پر قديم آثارن جي ماهرن اهڙي ڄاڻ ڏني آهي تہ قديم زماني ۾ انساني قربانيون ڪيون ويند يون هيون، پر انهن جو تعداد تمام ٿورو هو. هنن ٻڌايو آهي تہ مئڪس اهل (Max Uhle) پئچاڪاماڪ (Pachacamac) پرسان قربان ٿيل عورتن جي قبرستان مان قربان ڪيل عورتن ۽ ننڍڙن ٻارڙن جون قبرون لڌيون آهن. انهن عورتن ۽ ٻارڙن جون قبرون نهايت شاندار آهن. سندن لاش سان گڏ اهي شيون پورهيل هيون جن کي اهي عورتون يا ٻارڙا پنهنجي زندگيءَ ۾ تمام گهڻو پيار ڪندا هئا.

انڪا شهنشاهہ سماجي ڏاهپ جا معمار هوندا هئا ۽ اهي ۽ روم جي ائنٽونيو خاندان جي شهنشاهن کان وڌيڪ وسيع دل ۽ سخي هئا. هنن شهنشاهن 300 سالن جي مهربانين ۽ شفقتن وسيلي انساني ڀلائي لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪيو هو. هو عام ماڻهن تي مهربانين ۽ شفقت ڪري پاڻ بہ ڄڻ غريب ٿي ويا هئا ۽ آخر ۾ پنهنجي بچاءَ لاءِ بہ ڪجهہ ڪري نہ سگهيا هئا. پر اهنن انساني معاشري جي بهتري لاءِ حد کان وڌيڪ ڪوششون ڪيون هيون. اهو معاشرو بہ بي انتها منظم ۽ متحد هو. شاهي اقتدار ورهايو ويو هو تہ اهڙو نظام پاڻ سج ديوتا رائج ڪيو آهي. هنن عام ماڻهوءَ کي تحفظ فراهم ڪيو هو. هو

ڪنهن شيءِ جا بہ محتاج نہ هئا. ڪين ڪو ٻُڌتي ٻاراڻو نہ هو تہ متان هنن کي ڪڏهن بک مرڻو پوي. تنهن ڪري اهي وقت جي حڪمران جي دلي عزت ڪندا هئا ۽ خوشيءَ سان سندن اطاعت ڪندا هئا. ڇاڪاڻ تہ هنن سندن تحفظ جي ذميواري کنئي هئي ۽ سندن زندگي جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ يقين ڏياريو هو. ڪين ضرورت جي هر شيءِ ايتري تہ گهڻي ملندي هئي جو سندن گهرن ۾ هر شيءِ جا گنج لڳا پيا هوندا هئا. هيءَ جڻ اهڙي ڪائنات هجي جتي سون ۽ چاندي فن ۽ ڪلا جي اظهار لاءِ هئا جتي پيسو ۽ پيسي سان دلچسپي، دولت، جو ذخيرو، اقتدار، دولت جي ذخيري وسيلي شان شوڪت ۽ نمائش تہ موجود ئي نہ هئي. جتي فقط ڏرتي کي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو ۽ ٻنيءَ تي هر ڪنهن جو هڪ جيترو حق هو. هر هڪ ماڻهوءَ کي پوري پڪ هوندي هئي تہ ڪيس پوکي راهي لاءِ ايتري گهڻي ٻني ملندي جو سندس وقت ڏاڍو آرام سان گذري ويندو. پر جڏهن خطرناڪ فاتح پنهنجي بارود ۽ بندوقن سان هتي پهتا جن سان گڏ جنگلي گهوڙا ۽ فولاد بہ هو. هنن جي لالچ ۽ گندي نيت جو ڪو انت ڇيهہ نہ هو. هنن جي دلين ۾ انڪا ۽ ان جي رعيت لاءِ زهر ۽ دشمني کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هو. ان کان پوءِ انڪا ۽ معاشرو خاڪ سان ملي خاڪ ٿي ويو. انڪا نسل جي ماڻهن سان گڏ انڪا تهذيب بہ ختم ٿي وئي ۽ ماڻهن ۾ موجود سماجي سگهہ بہ لوڙ پاڻي ٿي وئي. مقامي ايلو ۽ بادشاهت بہ ختم ٿي وئي، جيڪا انڪا شهنشاهيت واري زماني ۾ پنهنجي عروج تي هئي.

پهرين تاريخي انڪا جو قول آهي تہ ڄاڻ، ڏاهپ، شان شوڪت، اقتدار ۽ پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ واريون ڳالهيون فقط شاهي خاندان جي ماڻهن ۾ هئڻ گهرجن. رعيت جي ماڻهن کي امن امان سان رهڻ گهرجي، ڪين زندگي جي ضرورت سان لاڳاپيل هر شيءِ مهيا ڪئي وڃي. پر پنهنجي طرفان اظهار راءِ جي آزادي جو ڪين ڪو حق نہ هو. انڪا شهنشاهيت جي هڪ شاندار صدي گذرڻ کان پوءِ سنڌين جي ڏات ۽ ڏاهپ گل ڪڍڻ شروع ڪيا هئا. اهڙو شان، شوڪت ۽ عظمت فقط شاهي خاندان لاءِ هو. سنچي روڪا (Sinchi Roca) انڪا اها اڳڪتي ڪري نہ سگهيو هو تہ هتان جي عام ماڻهوءَ ۽ حڪمرانن جي انتهائي ضرورت ڪهڙي هوندي ۽ هتان جا ماڻهو پنهنجي رحمدل ڏاتار حڪمرانن جي وقت سر مدد بہ ڪري نہ سگهندا. سنچي روڪا اها ڳالهہ سمجهي نہ سگهيو تہ انڪا شهنشاهيت عام ماڻهن کان اها شيءِ کسي ورتي

هئي جنهن سان انسان کي بلند حوصلو ۽ روحاني عظمت حاصل ٿيندي آهي.
معلوم ايئن ٿي رهيو هو ته انڪا جو سياسي طريقيڪار اهڙو هو جنهن لاءِ شعوري نتيجو سوچ ۽ سڇيتائي جو خاتمو اچڻو هو ۽ جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ جا سڀ شهري هڪ ڏينهن ڪنگال ٿي ويٺا هئا. مطلق العنانيت ۾ اها هڪ وڏي ۽ قدرتي کوٽ هوندي آهي پوءِ اها مطلق العنانيت ڀلي ڪيڏي به رحمدل نيڪ ڇو نه هجي. رياست پنهنجي رحمدلي، نيڪ نيتي ته ڏيکاري پر اهڙي عمل سان سماج ۾ انتشار ڪاهي پيو، فرد به شخصي طرح ڊانواڊول ٿي ويو. انهيءَ ڪري نه رڳو سماج ڦٽي ناس ٿي ويو پر مختلف سماجن ۾ قائم رابطو به ختم ٿي ويو. جنهن وسيلي سماج پاڻ ۾ ڳنڍيل ۽ متحد هو. اها هڪ حقيقت آهي ته هي پرامن ۽ سانتيڪو سماج هڪ نه هڪ ڏينهن هٿياربند طاقت، بي رحم ۽ وحشياڻه قهر ۽ ڪيس کان فتح ٿيڻي هئي پر اهڙي ڏاڍ ۽ ڏمر واري تسلسل دوران سنڌي سماج جو روح ڪٿي گم ٿي نه سگهي ها.
جڏهن اسپيني بکئي ۽ وحشي بگهڙ حملو ڪيو ته انڪا ۽ سندس صلاحڪار ڇڙ ننڊ ۾ اوٺاري جو شڪار هئا. اهي سڌا ۽ سچا ماڻهو هئا، جيڪي سمجهي نه سگهيا هئا ته ڇا ٿي رهيو آهي. چاڪاڻ ته هنن جي نمائندگي لاءِ ڪير به موجود نه هو، جن کي هڪ خاص طريقي سان شهنشاهيت جي دانشوراڻه ساٿ کان الڳ ڪيو ويو هو. حقيقت اها آهي ته دشمن جي اها وڏي سوڀ محلاتي نوعيت جو انقلاب هو.
منهنجي خيال مطابق موجوده دور جي مورخن انڪا جي شڪست کي هلندڙ گهرو ويڙهه ڏانهن منسوب ڪيو آهي، جيڪا حڪمران گهراڻي ۾ تخت جي دعويداري تان شروع ٿي چڪي هئي، جڏهن پزارو (Pizarro) حملو ڪيو ته تخت تاج کان هلندڙ جهيڙو چوٽ چڙهيل هو. منهنجي نقطي نظر مطابق هنن کي حالتون ميڪسيڪو جي حالتن وانگي نظر اچي رهيون هيون. ميڪسيڪو ۽ پيرو جي شهنشاهيتن ۾ گهڻو فرق هو. جيڪڏهن انهن ٻنهي ۾ اختلاف ۽ دشمني به موجود هئي پر پزارو کي اهڙيءَ دشمني کي استعمال ڪرڻ جي ضرورت ئي نه هئي. هن انڪا کي اغوا ڪرايو هو. هن کي سندس مطلق العنانيت کي استعمال ڪرڻ جي ضرورت هئي. پر انڪا تهذيب کي سچائي جي تارازي ۾ وجهي تڪي توري ڏسبو ته ان ۾ ڪنهن قسم جي کوٽ نه هئي. اهو هڪ مستقل نوعيت جو معاملو هو، جيڪو اڄ به موجود آهي يعني ڌرتيءَ

جي اهميت ۽ ان کي اڊنگيءَ هٿ چراند کان بچائي رکڻ آهي.

بابل، آشور، يونان ڪارٿيج، روم ۽ هاڻي اسپين ڌرتيءَ ۽ پاڻيءَ سان لاڳاپيل ذريعن کي ڦٽائي ناس ڪري ڇڏيو آهي، هنن پنهنجي مختلف حڪمت عملين وسيلي هٿ وٺي ان ڌرتيءَ جي پيٺ ڪئي آهي، جنهن جي سيني تي هو گهمي ڦري رهيا آهن ۽ جيئري رهڻ لاءِ ساهه کڻي رهيا آهن. هنن ڌرتيءَ کان اهي شيون کسيون تہ آهن پر انهن جي بدلي ڌرتيءَ کي ڏنو ڪجهہ بہ نہ آهي. اتر چين ۾ بہ ڌرتي سان ساڳي ويڌن ٿي رهي آهي، ساڳي ريت رياست هاءِ متحده آمريڪا بہ ڌرتي سان اويڙو هلي رهي آهي. ساڳو حال آفريڪا جو آهي، جنهن پڻ ڌرتيءَ توڙي تپائي ڏني آهي. ڌرتيءَ جي خوراڪ سان لاڳاپيل صلاحيت وڌائڻ لاءِ دنيا ڪم ڪري رهي آهي. دنيا اندر جنگ کي ختم ڪرڻ واسطي اهو ڄڻ ٻيو مسئلو بڻجي ويو آهي. هن ڪتاب جي پڇاڙي واري حصيو ۾ اهو ڏسنداسون تہ موجوده دور جا آمريڪي سنڌي قبيلا دنيا جي هن ڳنڀير مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ جاکوڙ ڪري رهيا آهن. گذريل پندرهن سالن کان اهڙي سجاڳي اچي چڪي آهي تہ اهڙو مسئلو موجود آهي ۽ اها ڳالهہ هر دماغ ۾ پيدا ٿي چڪي آهي.

## باب چوٿون

# قديم ثقافتي ۽ مذهبي اهڃاڻ

اوڪساڪا (Oaxaca) ڪان مٿان مونٽي آلبن (Monte Alban) ڪي ٽڪي ان جي مختلف سطحن کي هموار ڪري زيپوٽيڪ نسل جي ماڻهن ڏرمي اڏاوتون تعمير ڪيون آهن. پيوبلا (Puebla) پرهمان چولالا (Cholula) پرسان جبل تي مٿي ويندڙ هر ماڻهو ايئن سمجهندو آهي جڻ هو ڪيٿولڪ چرچ ڏانهن وڃي رهيو آهي جيڪا ان جبل جي چوٽي تي تعمير ٿيل آهي پر حقيقت ۾ ايئن ڪونه آهي، ڇاڪاڻ ته جبل جي چوٽي تي مٿي ٽالٽيڪ نسل جي ماڻهن جي هٿن سان ٺهيل پئرمڊ (Pyramids) آهن. اهڙيءَ ريت ويراڪروز (Vera Cruz) رياست جي لاوينٽا (La Venta) ماڳ وٽ مذهبي قبرون آهن جن تي 30 ٽن وزني پٿر آهن جن جو تعلق ٻرندڙ جبل سان آهي. مٿن اڪيرل ٿيل ڏسبي. اهڙا ويجهي ۾ ويجها ٻرندڙ جبل هتان کان 50 ميل پري آهن. ايترا وزني پٿر ۽ ايڏي وڏي فاصلي تي ڪيئن پهچايا ويا. جڏهن ته وچ تي درياهه ۽ ڏٻڻ واري زمين ۽ پاڻي جون چرون به موجود آهن. اهڙا پٿر ماڻهن ڪٽي پهچايا آهن. مايا نسل جي ماڻهن وٽ لاڏو جانور به ڪونه هئا. ان کان سواءِ ڪين ڦيٿي جي استعمال جي اصول جي به خبر ڪانه هئي.

اهو به تصور نه ڪيو وڃي ته ان زماني جا ٻانين ۽ ٻاوا وقت جي حڪمرانن مٿان ڇانيل هئا ۽ اهڙا پٿر ڍوئڻ غلامن جي پگهر ۽ رت جو نتيجو آهن. ايئن به يقين ڪري سگهجي ٿو ته مايا نسل جي اوج واري زماني ۾ نه جنگ هئي ۽ نه وري جنگي هٿيار استعمال ڪيا ويندا هئا. ازيڪ نسل جي ماڻهن وٽ ٻانهن رکڻ جو رواج موجود ڏسجي ٿو پر ڪوبه ماڻهو غلام ٿي ڪونه ڄمندو هو. ازيڪ جي غلامن کي پنهنجي شان ۽ وقار هو. ڪين پنهنجا ڪي حق به هوندا هئا.

ماتحت ماڻهن کان محصول ضرور اوڳاڙيو ويندو هو پر نهايت نرمي سان. اها ماڻهن جي پنهنجي مرضي هئي، جو اڏا وزني پٿر ڪٽي مذهبي عمارتون تعمير ڪيون هئائون.

جيڪڏهن اسان ان دور جي اهم حقيقتن کي ذهن ۾ رکنداسون ته اسان کي اهو چٽي ريت معلوم ٿيندو ته ميڪسيڪو جا اهي ماڻهو گهڻا مذهبي چو هئا. هتان جي مذهبي قسم جي جڳهن تي گهڻو ڪم پٿر جو آهي. ان ناتي کين پٿر گهڙڻ ۾ لسائڻ جا اوزار به هئا. خوبصورت چٽساليءَ لاءِ وٽن ٿامي جا اوزار به هئا. بار ڍوئڻ لاءِ انهن وٽ ڪنهن به قسم جا لاڏو جانور به ڪونه هوندا هئا. سندن مک ڏنڏو پوکي راهي هو. سندن آدمشماري جهجهي هوندي هئي. مٿانهن پٽن ۾ پوٽن تي مينهن گهٽ پوندو هو. تنهن ڪري کين مينهن وسڻ جي پک ڪانه هوندي هئي. اهي مذهبي قسم جي ضرورتن کي تمام گهڻي اهميت ڏيندا هئا ۽ انهن کي خوبصورت کان خوبصورت بنائڻ جي ڏن ۾ لڳا رهندا هئا. ايئن ڪري کين هڪ روحاني سڪون ملندو هو. اهڙيون ڳالهيون کين هنن پنهنجي مذهب کان سکيون هيون. اهڙي اتساهه ملڻ ڪري هو اڳي کان اڳرا رهندا هئا ۽ گهڻي کان گهڻو ڪم ڪندا رهندا هئا. اهڙا ڪم وڏيءَ خوشيءَ سان ڪيا ويندا هئا. انهن ڪمن جي نسل در نسل هڪ مذهبي روايت بڻجي ويئي هئي.

مذهب لڳاتار وڌندا رهندا هئا. منجهن پيچيدگيون به گهڻيون هيون، جيڪي هر مذهب ۾ هڪ جهڙيون هيون. مايا نسل جا ماڻهو پنهنجا شهر جوڙيندا هئا ۽ نون علائقن کي آباد ڪرڻ واسطي انهن کي ڇڏي ڏيندا هئا. انهن نون علائقن ۾ پهچي نئين سر مندر ۽ گهر جوڙيندا هئا. ايئن ڪرڻ سان مايا تهذيب جي تسلسل ۾ هڪ صديءَ جي گهاري پئجي ويندي هئي، پر اهڙي صورتحال ۾ به منجهن مزهبي تسلسل موجود هوندو هو جنهن ۾ ڪٿي ڪا گهاري نظر ڪانه ايندي. ان جي پيٽ ۾ ازيڪ نسل جي ماڻهن جي زندگي پرپور طريقي سان گذرندي هئي. پوکي راهي جي نقطي نظر کان هو ڪيترائي فصل پوکيندا هئا. ذات ۾ ڪاريگريءَ ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ هئا. الهندي دنيا ۾ به هنن جهڙو ڏاهو ۽ ذات وارو ڪنهن به نسل جو ماڻهو ڪانه هو. عام ماڻهن سان لاڳاپن ۾ جمهوري اصول قائم هو. اهڙن لاڳاپن ۾ طبقاتي ننڍ وڏائي کي ڪونه ڏنو ويندو هو. هن نسل جا ماڻهو سماجي طرح ساڳيءَ ذات مان شادي ڪونه ڪندا هئا.



قبيلائي ڪائونسل ۾ سيني قبيلن جو حق هڪ جيترو هوندو هو. قبيلي جي لاءِ ڪم ڪار جي ورهاست قبيلائي ڪائونسل ڪندي هئي، پر ڪم ڪار جي مهارت جو خيال رکيو ويندو هو. ذات بدران طبقو هوندو هو. پر غلامن جي ذات موجود هوندي هئي، جنهن ۾ ڦيرگهير ايندي رهندي هئي. روايت پٽاندڙ هڪ غلام پنهنجي خاندان ڪي سنڀالڻ جو ذميوار هو. ان بدلي هو غلام بہ رکي سگهندو هو. ڪوبہ ماڻهو غلام تي ڪونہ ڇمندو هو. غلام جي قاتل کي سزا طور قتل ڪيو ويندو هو. ڏوهي ماڻهو کي سزا طور غلام بڻايو ويندو هو. غريب گهر جا ٻارڙا پيٽ گذر لاءِ غلام تي ويندا هئا. اهڙي غلامي ٿور وقتي هوندي هئي.

پيداواري ذريعن کي برادري (Community) سنڀاليندي هئي، پر زمينن جا ڪي ٽڪرا اهڙا هوندا هئا، جن جي پيداوار مذهبي ڪمن لاءِ مخصوص هوندي هئي. ان ڪان سواءِ زمين جا ڪي ٽڪرا اهڙا بہ هئا، جن جي پيداوار محصول جي ادائگيءَ لاءِ بہ هوندي هئي. جيڪڏهن هڪ قبيلو ٻي مٿان غلبو حاصل ڪري وٺندو هو تہ مغلوب قبيلي کي اهڙو محصول ادا ڪرڻو پوندو هو جيڪو نالي ماتر هوندو هو. اهڙي محصول جي قبيلي جي مختلف ذاتين ۾ ورهاست هڪجهڙي هوندي هئي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو جنگ ۾ ڪا نمايان خدمت سرانجام ڏيندو هو تہ مفتوح جاگيردار جون زمينون ان جي حوالي هونديون هيون، پر جيڪڏهن اهڙي ڪم ۾ ٻيا بہ ماڻهو شامل هوندا هئا تہ مفتوح جي

ضبط ڪيل زمين واري واري هر هڪ کي ملندي رهندي هئي.

ملڪ ۾ ڪنهن به قسم جو سڪو رائج ڪونه هوندو هو پر مارڪيٽ اندر ڪي اهڙا ادارا هوندا هئا، جيڪي مال بدلي مال جي ڏيتي ليتي ڪندا هئا. مال جي بدلي مال جي اهڙي ڏيتي ليتي مقامي طور قائم هئي ۽ ساري ميڪسيڪو ۾ پکڙيل هئي. اهڙو تجارتي وهنوار پاناما تائين به قائم هو. اهڙا قبيلائي ۽ بين الاقوامي واپاري هئا، جن جي گماشتن کي جنگ دوران به هڪ ٻئي جي ملڪن ۾ وڃي تجارتي مال جي مٽاسٽا ڪرڻ جي اجازت هوندي هئي.

انصاف واسطي هڪ قسم جو ڪاتو موجود هوندو هو. جج ڪنهن ڏر کي غيرقانوني فائدو ڏئي ڪونه سگهندا هئا، جيڪڏهن ڪنهن جج تي اها ڳالهه ثابت ٿي ويندي هئي ته هن ڪنهن ڏر کي ناجائز فائدو ڏنو آهي يا اقربا پروري ڪئي آهي ته ان کي سزا ڏني ويندي هئي، ڏوهي ڏر جي سزا کي ڪونه ڏٺو ويندو هو پر اهڙيءَ ڳالهه تي موزون نظر رکي ويندي هئي ته مجروح ۽ مظلوم ڏر جو ڪيترو ازالو ٿيو آهي، انصاف جي اصول کي به اهڙي ڳالهه تي رکيو ويو هو وڏ ۾ وڏ ڳري سزا سماج دشمن عنصرن لاءِ هوندي هئي. اهو ڪو نه ڏٺو ويندو هو ته اهو جرم مذهبي آهي يا غير مذهبي. ڪٿان ٻڇي نڪتل ماڻهو جي سام طور نه جهلڻ کي مهاپاپ سمجهيو ويندو هو نوجوان ۽ ڪم ڪرڻ واري عمر جيتري ماڻهو لاءِ شراب پيئڻ وڏو جرم تصور ڪيو ويندو هو ان کان سواءِ اخلاقي يا جنگي اصولن جي ڀڃڪڙي لاءِ موت جي سزا هوندي هئي. جيڪڏهن اهڙا مجرم بادشاهن جا پٽ هوندا هئا ته به انهن کي معاف ڪونه ڪيو ويندو هو. ڪنهن ملڪ جي سفير يا واپاري خلاف جرم ڪرڻ واري لاءِ به ڳري سزا مقرر هوندي هئي، مجرم کي سزا جي فتويٰ ملڻ تائين قيد ۾ رکيو ويندو هو يا ياڃوڪڙ ماڻهو کي قربان ڪرڻ تائين باندي رکيو ويندو هو. نه ته ٻي صورت ۾ ڪنهن به ماڻهو کي قيد ۾ بند ڪونه ڪيو ويندو هو. عام طور تي مجرم کي ٿوري وقت لاءِ ان ماڻهو جو ٻانهو ٿي رهڻو پوندو هو جنهن جو هن ڏوهه ڪيو هو پر اهو ماڻهو پنهنجي غلام يا ٻانهي جي حياتي جو ذميوار هوندو هو. چور جي سزا موت هوندي هئي اج کان 2 صديون اڳ انگلينڊ ۾ به چوري لاءِ موت جي سزا هوندي هئي. گهرن جا در بنا ڪلف ڪڙن جي بند هوندا هئا. ڪوبه ماڻهو آرام سان اندر وڃي سگهندو هو. پر پرائي گهر ۾ ايئن ڪاهي پوڻ عيب سمجهيو ويندو هو. اناج رستي پرسان رکيو ويندو هو. انهيءَ مقصد سان ته پلي کو

ضرورتمند ڪٽي وجي. انصاف وارو ڪاتو انتظاميا کان الڳ ۽ آزاد هوندو هو پر ان جي پاسخاطري ضرور ڪندو هو انصاف ڪاتو انتظاميا، قانونسازي، حڪمت عملي ۽ بين معاملن ۾ صلاح مشورا ڏيندو هو.

انصاف واري ڪاتي ۾ مجرم جي ڏوهہ قبولڻ ڪرڻ وارو ادارو بہ موجود هوندو هو پر مجرم جي اهڙي قبوليت ڪي راز ۾ رکيو ويندو هو. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ٻائي ٻانيڙ وٽ پنهنجي ڪيل گناهن جو اقرار ڪندو هو تہ اهڙي قبوليت نامي ڪي مشتهر ڪيو ويندو هو. ان کان پوءِ اهڙي ماڻهو ڪي سرٽيفڪيٽ ملندو هو تہ هن ۽ اڳيئن دنيا جي هر سزا کان آجو آهي. گناهن جو اقرار حياتي ۾ صرف هڪ ڀيرو ڪيو ويندو هو ۽ اهو ساري حياتي لاءِ هوندو هو. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ازيڪ قانون جي سختي عميل نہ پر لفظن ۾ موجود هئي، هتي حياتي جي ڏنڌن سان لاڳاپيل ڪيترائي اسڪول قائم ڪيا ويا هئا جن ڪي ٽيلپئڪ بڪالي (Telpac bcalli) جي نالي سان سڏيو ويندو جن جي معنيٰ آهي "نئين ٽهيءَ جو گهر" انهن جو بندوبست برادريون ڪنديون هيون جن ڪي ڪالپولي (Calpulli) سڏيو ويندو هو جيڪي پنهنجي برادري جي ٻارن ڪي تعليم ڏينديون هيون. نيئن ٽهيءَ جي انهن گهرن ۾ ٻارن ڪي سيکاريو ويندو هو تہ شهريت ڇا آهي؟ جنگ ڪهڙي طريقي سان وڙهي سگهجي ٿي، ڪين فن ۽ ڏنڌن بابت بہ سکيا ڏني ويندي هئي، هن قسم جي سکيا ۾ تاريخ، مذهب ۽ روايتن بابت بہ ٻارن ڪي ڄاڻ ڏني ويندي هئي.

ان کان سواءِ ڪالميڪاڪ نالي ۾ اسڪول هوندا هئا، جتي پنڊتڻ ٻڻجڻ لاءِ سيکاريو ويندو هو. ڪالميڪاڪ اسڪول مندرن جي ڀرسان هوندا هئا جن جو تعلق اهم ۽ خاص قسم جي ديوتائن مان هو هن قسم جي اسڪول اندر ازيڪ لکت سيکاري ويندي هئي، جيڪا تصويري ۽ (Heeroglyphic) آهي ۽ شروعات صوتي طريقي (Phonetic) سان ڪئي ويندي هئي، ازيڪ لکت جو واسطو فقط ڊراما ۽ تجريدي (Abstract) قسم جي اظهار لاءِ هوندو هو جنهن سان حفظ ڪرڻ جهڙي دولت ۽ قاضين سان لاڳاپيل مٿا سر هوندا هئا، ازيڪ ادب جي اها ئي اهم ڳالهہ هوندي هئي، لکڻ جو اهو طريقو عدالتن ۽ ملڪي ڪمن ۾ استعمال ٿيندو هو قانون رڪارڊ رکڻ ۽ شاهديون ڏيڻ لاءِ پڻ هي لکت قابل قبول هوندي هئي، اسپيني حڪمرانن بہ هن قسم جي لکت ڪي ميٽا ڏني هئي، هن قسم جي لکت سان لاڳاپيل ڪيئي ڪتاب موجود هوندا هئا، جيڪي ڏاڍا

نادر (Exquisite) جي چمڙي تي لکيل هئا ۽ نقطہ نظر کان بي انتها خوبصورت هوندا هئا. اهڙن ڪتابن کي ميڪسيڪو جي عيسائي پادرين گڏ ڪري شهر جي چوڪ تي باهہ ڏئي ساڙائي ڇڏيو پر ازيڪ جي هر ننڍي وڏي شهر ۽ ڳوٺ ۾ ايئن ڪيو ويو هو. اهڙن هزارن مان ڪي بہ چار ڪتاب وڃي بچيا آهن. ڪالميڪاڪ اسڪولن ۾ رهندڙ شاگردن جي حياتي هڪ خاص نظام مطابق ڏاڍي سخت هوندي هئي، پر ان ۾ هڪ قسم جي ڪشش بہ موجود هوندي هئي. هر شاگرد لاءِ کاڌ خوراڪ هڪ جهڙي هوندي هئي، سمهندا بہ هڪ جهڙين جڳهن ۾ هئا. هنن کي پڙهائڻ وارا پنڊت استاد بہ هنن سان هڪ جهڙين جڳهن ۾ سمهندا هئا. جيڪي پنهنجي شعبي جي لحاظ کان هيٺين درجي جا استاد هوندا هئا. هر هڪ اسڪول لاءِ بہ وڏا پنڊت مقرر هوندا هئا. پڙهائڻ وارن ننڍين پنڊتن ۽ استادن جي نگراني انهن وڏن پنڊتن جو خاص مددگار يا نائب ڪندو هو. هنن ننڍين پنڊتن استادن کي ٿاما ڪاٽزون سڏيو ويندو هو. ازيڪ برادري بنيادي طور ڏرمي هوندي هئي. ڪالميڪاڪ ادارن ۾ تعليم وٺڻ وارا شاگرد پنهنجي ننڍپڻ کان وٺي ڏرمي پنڊتن کان تعليم وٺندا هئا. جن کي اڳتي هلي پنڊت سڏيو ويندو هو. مستقبل ۾ انهن کي ديوتائن جو ترجمان ۽ شفايت بخشيندڙ ٿيڻو هوندو هو. ازيڪ صوفي پنهنجي سماج جي مذهب ۾ سوين ديوتائون شامل ڪري ڇڏيندا هئا. جن کي هن ڪائنات اندر تمام گهڻا اختيار هوندا بہ هئا. اهڙيون وسيع قسم جون ڏندڪٿائون ۽ مذهبي روايتون هونديون هيون. جيڪي شاگردن کي سکڻيون پونديون هيون. ان کان سواءِ ڪي جادوئي ٽوٽڻ ڦيٽڻ جون ڳالهيون هونديون هيون. جن جو اسطو خاص دلچسپ ڪهاڻين ۽ وڏي ڊرامائي نمائش سان هوندو هو. هن شاگردن کي مذهبي قسم جا روزا رکڻا پوندا هئا. ڪين ڏوپ جو دونهون ڪري آڌيءَ رات وارين مذهبي محفلن ۾ شريڪ ٿيڻو پوندو هو. اهڙي مقدس مقصد واسطوي اتاهن جبلن تي بہ چڙهي وڃڻو پوندو هو. اهڙي سفر دوران سنگ وڄائي پنڌ پئبو هو. مشعل ٻاري هٿ ۾ کڻڻي پوندي هئي. تن کي تسئي ڏيڻ لاءِ الو اسپائينس بہ کڻڻا پوندا هئا.

سڀ کان وڏو پنڊت اهو ماڻهو چونڊيو ويندو هو جنهن ڪالميڪاڪ جي تعليم حاصل ڪئي هوندي. هن قسم جي عهدي لاءِ اوچي طبقي جو هجڻ لازمي ڪونہ هوندو هو. وڏي پنڊت لاءِ فقط لياقت ۽ اهليت ڏٺي ويندي هئي. پر ڏسجي ٿو تہ پوئين دور ۾ سيني ماڻهن کي هڪ جهڙن موقعن فراهم ڪرڻ واري اصولن کان

گهڻو پري هٿي وچڻ هئي، عظيم مذهبي پنڊت ازيڪ نسل جي سيني ماڻهن مان چونڊيا ويندا هئا. اوچي طبقي سان گڏ هيٺين طبقي مان به اهڙي چونڊي ڪئي ويندي هئي، اهڙي چونڊ ڪان پوءِ هر پنڊت هڪ جهڙو سمجهيو ويندو هو ۽ ڌرمي مذهبي فرض نڀائڻ واسطي ڏنڊڪٽائي هلڻو پوندو. عشقي معاملا طئي ڪرڻا پوندا هئا. ڪڏهن مذهبي روايتن جي پاسخاطري لاءِ ڪليو ڪلايو انساني قتل به ڪرڻا پوندا هئا. ازيڪ جي مذهبي روايتن ۾ عورت جو درجو ثانوي هوندو هو. جڏهن ڇوڪريون شادي جي عمر تائين پهچنديون هيون، ڪين مذهبي عهدن کي ڇڏڻو پوندو هو.

ازيڪ ملڪ ۾ زمين برادري جي ملڪيت هوندي هئي. برادري جا سرڪاري عملدار هو ضرور ڏسندا هئا ته برادري جي هر فرد کي اصولي ورهاست موجب حصو مليو آهي يا نه ۽ ڇا ان جو استعمال صحيح طريقي سان ٿي رهيو آهي. اهو به ڏٺو ويندو هو ته برادري کي ڏنل بادشاهه ۽ پنڊت وارو زمين جو حصو به چڱيءَ ريت آباد ڪيو ويو آهي يا نه. ڏانءَ ۽ ڏات ڏٺي به پنهنجي ڪلا کي انساني اصولن مطابق ڪم آڻي رهيا آهن يا نه. بازار جي سماجي ۽ اقتصادي طور ايتري وڏي اهميت هوندي هئي، جيتري هاڻي ميڪسيڪو ۽ گوئيٽمالا ۾ آهي. ڏهاڙي ڪپت جو سامان واپارين جي اتحادن وسيلي ٽينو چٽلان (Tinochitllan) ۽ ٽيڪسڪوڪو (Texcoco) ڪان عام ماڻهن تائين پهچايو ويندو هو.

مٿي ڏنل زمين جي ونڊ ورهاست جي اصول مطابق اڳتي هلي ميڪسيڪو ماٿري ۾ زمين جي کوٽ محسوس ٿيڻ لڳي هئي. ان ڏچي کي منهن ڏيڻ واسطي ٽينوچٽس (Tenochas) وارن پنهنجي زمين ڇڏي ڏني هئي. هنن ڇا ڪيو جو ٽيسڪوڪو ڍنڍ جي گپ ڪيڏي هڪ جاءِ تي پکيڙي، ان گپ کي وڏيڪ پکڙڻ ڪان روڪڻ لاءِ هنن ڪاغذ جون پٽريون ٺاهي گپ جي چوڌاري پلوڙو جوڙيو. هنن اضافي ڪم اهو به ڪيو جو ان گپ کي سدائين لاءِ روڪڻ واسطي چوڌاري وڻ پوکيا جن جي پاڙن ان زمين کي ڪيڏانهن سرڪڻ ئي ڪونه ڏنو. اهڙي ريت هٿرادو ٺاهيل زمين جا ٻيٽ ٺهجي ويا هئا. ان زمين جي پوکي راهي لاءِ ڪڙيا ۽ ڪسيون به تمام سوڙهيون ٺاهيون ويون هيون. هن طريقي اختيار ڪرڻ سان ڍنڍ جي گپ چڪ جو وڏو حصو آباد زمين ۾ بدلجي ويو. اهڙي ريت هٿ ڪيل زمين ۾ پوکي راهي به ڏاڍي ڀلي ٿيندي هئي. اهڙين ٻيٽن کي

چينمپس (Chinampas) جي نالي سان سڏيو ويندو هو. انهن مان ڪجهه ٻيٽ اڄ به موجود آهن. چاڪاڻ ته بعد ۾ هن ڍنڍ جو پاڻي ڪڍي ان کي سڪايو ويو هو. انهن ٻيٽن کي اڄ به ازيڪ نسل جا ماڻهو پنهنجي قديمي طريقن سان آباد ڪندا آهن جيڪي ازيڪي ٻولي ڳالهائيندا آهن. ميڪسيڪو گهمڻ لاءِ ايندڙ سياح هنن ٻيٽن کي (Floating gardens) ڪوٺيندا آهن. ٽينو چٽالين (Teno chitalian) تعداد ۾ وڌندا رهيا ته ضرورت مطابق انهن ٻيٽن تي گهر به تعمير ڪيا ويا ۽ ڪن کي وري پوکيءَ راهي جي نيت سان به ڪم آندو ويو. اهڙي ريت پوکي راهيءَ کي ڍنڍ طرف وڌايو ويو آهي. وچ آمريڪا ۾ ڀرواڙين ۾ رهندڙ سماج وٽ پنهنجا ڪميونٽي سينٽر آهن، پنهنجا شهر ۽ پنهنجون بازارون آهن ۽ پوڄا پاٺ لاءِ پنهنجا مندر آهن. ٽينو چٽلين لاءِ شهرن جي حدن اندر ئي پوکي راهي ٿيندي آهي.

ميڪسيڪو جي ماڻهن تي جنگ ٻوجهه يا بار نه هئي، چاڪاڻ ته ڪورٽس (Cortes) کان سوين سال اڳ ٽينو چٽلين، ٽيڪسيڪوڪو ۽ ٽلاڪوپن (Talcopan) وچ ۾ هڪ جنگي ناهه ٿيو هو. تنهن ڪري اهي هميشه وڙهسان وڙهسان ڪندا وتندا هئا. هر مرد کي جنگي سکيا ڏني ويندي هئي، جيڪي هر وقت جنگ لاءِ تيار رهندا هئا. اهڙي قسم جون ٽڪرين جنگيون فقط هڪ ڏينهن يا وڌ ۾ هڪ هفتي تائين هلنديون هيون. اهڙيون جنگيون به ڄڻ شاناٽيون ۽ ماناٽيون هونديون هيون. جن جو مقصد دشمن کي قتل ڪرڻ نه پر مٿن فتح حاصل ڪرڻ هوندو هو. ڪنهن به فوجيءَ کي ماڻهن قتل ڪرڻ عيوض ڪو تمغو وغيرهو نه ملندو هو. جنگ جي نتيجي ۾ مفتوح فاتح جو مطيع ٿي ويندو هو. مفتوح کي ديوتا جي خوشيءَ لاءِ قربان ڪيو ويندو هو. اهڙي قرباني ڏيڻ ڄڻ عوامي عبادت هوندي هئي.

ڪاريگر جو فن به ڪنهن لاءِ مخصوص نه هوندو هو. اهڙيءَ ذات کي هڪ تعميراتي خوبصورتيءَ جي شڪل ڏني ويندي هئي يا ان کي ڊرامائي شڪل ۾ پيش ڪيو ويندو هو. جنهن ۾ عام ماڻهو حصو وٺندا هئا. اها ڄڻ انساني زندگيءَ جي همگيريت جي شڪل ۾ هوندي هئي، پر ازيڪ تهذيب ۾ ڪي اوڻايون هيون، جيڪي اسپيني فتح کان هڪ صدي اڳ منجهن موجود هيون اهڙين خامين ئي دشمن کي فتح جو رستو ڏيکاريو هو.

1432ع ۾ ٽينو چٽلين، ٽيڪسڪوڪو ۽ ٽلئڪيان جي سٽي اسٽيٽ ۾

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اتحاد عمل ۾ آيو هو. هنن ٽنهي شهري رياستن گڏجي ٽيپانس (Tepance) فتح ڪري ورتو جيڪي اڄڪي ٽيڪسڪوڪو مٿان حاوي هئا. ٽنهي رياستن جي اتحاد جي فوجي اڳواٽي ٽينوڪان جي حوالي ڪئي ويئي. تنهن ڪري اها اقتدار جي مالڪ بڻجي وئي. اهڙي ريت ٽينوڪان (Tenocans) جي نئين بادشاهہ ازوڪوٽل (Itzcoatl) ٽيپانس جي زمين برادري (Clan) ۾ نہ ورهائي پر انهن ماڻهن کي ڏني جن جنگ دوران پنهنجي نمايان بهادريءَ جو اظهار ڪيو هو. انهن جنگي جوڌن کي ٽيپانس غلام بڻائي رکڻ جو حق بہ ڏنو ويو هو. ان کان پوءِ ذات پات جو رواج پيو ۽ زمين جي ذاتي ملڪيت رکڻ جو بہ بنياد پيو هو. ايندڙ ڏهن سالن دوران هن قسم جي ذاتي ملڪيت واري نئين اسول وڏيڪ پير پختا ڪيا. اهڙيءَ ريت برادري جي گڏيل ملڪيت واريون ٻنيون ذاتي ملڪيت بڻبيون رهيون ۽ برادري جي گڏيل ٻني ڪٽندي رهي، جنهن ڪري ماڻهن جو پيٽ گذر ڏکيو ٿيندو ويو. اسپيني حملي کان ٿورو وقت اڳ ميڪسيڪو جي ماتريءَ جا ماڻهو ٻنين واري حق کان محروم ٿي ويا هئا ۽ ڏاڍا سچا ۽ ڪنگال ٿي ويا هئا. ان وقت انقلاب جي ابتدا ٿي چڪي هئي ۽ قديم قسم جي برادري ۽ جمهوري نظام جي تباهيءَ جو سلسلو شروع ٿي چڪو هو.

ٽينوڪان جو ديوتا هوٽزيلو پوچلي (Huitzelo Pochtli) هو جيڪو جنگ جو ديوتا هو. ٽيناڪانس پنهنجي وجود ۾ ڏاڙيل ۽ لٽيرا هئا انهن دشمن سان وڙهڻ ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو هو. تهذيب ۽ ثقافت هنن لاءِ هڪ نئين ڳالهہ هئي، هنن تهذيب ۽ ثقافت بہ نئين اختيار ڪئي هئي. اهي اڳ ۾ ڏاڙيل هئا، هاڻي تہ وٽن اقتدار بہ هو. انهن حملا ڪري وڏيڪ علائقا فتح ڪيا ۽ اتان خراج بہ حد کان وڏيڪ اوڳاڙيندا هئا ۽ ماڻهن وٽ ڪوڏي بہ نہ ڇڏيندا هئا. ان وقت ميڪسيڪو کي اتحاد جي ضرورت هئي. ان وقت ازيڪ ئي اتحاد ڪرائڻ جي قابل هئا، پر انهن جي انتظامي صلاحيت بہ ڏيوالپڻي جو شڪار ٿي چڪي هئي. تنهن ڪري انهن جي جاڪوڙ جو ڪوبہ ڪڙتيل نہ نڪتو. ان وقت ازيڪ وارن بيشمار انساني قربانيون ادا ڪيون.

## انساني قربانين ۽ جنگين جو هڪ اڻ کٽ سلسلو شروع ٿي ويو

ديوتا آڏو قربانين جي رواج هميشہ لاءِ ختم ٿي وڃڻ کان اڳ بيشمار قربانيون ادا ڪيون ويون هيون. ايتري قدر جو هڪ ڏينهن اندر ويهہ هزار انساني جانيون قربان ٿي ويون هيون. موجوده دور ۾ اهي مذهبي روايتون انسان

ڪي ڏاڍيون ڏکيون محسوس ٿين ٿيون. جيڪي ميڪسيڪو ۾ گهڻن جي قربانين کان وڏيڪ نفرت جوڳيون نہ سمجهيون ويندڙيون هيون. انساني قربانيون ديوتائن کي وڏيڪ طاقت بخشينديون هيون ۽ ديوتا بہ ڪو هڪ نہ هو پر تمام گهڻا هئا. انسان کي اهڙي معلومات آهي تہ قبيلن جا سردار پنهنجي سر جي قرباني ڏيڻ تي فخر محسوس ڪندا هئا. ماءُ ۽ پيءُ بہ پنهنجي ٻار کي ديوتا آڏو قربان ڪرڻ کي وڏو ثواب سمجهندا هئا.

قديم ميڪسيڪو جي ماڻهن وچ ۾ جنگ بہ اسان کي حيران ڪري ڇڏيندي آهي. اهڙيءَ ريت اسان واريون جنگيون بہ انهن کي حيران ڪري ڇڏينديون هونديون. اهو فقط رسم ۽ رواج بہ نہ هوندو هو. سندن عام اصول اهو هوندو هو تہ اوهان پنهنجي دشمن کي قتل نہ پر گرفتار ڪيو. انهيءَ ۾ نہ رڳو اوهان جو شان مان آهي پر دشمن جي بہ عزت ۽ احترام آهي. ڇاڪاڻ تہ دشمن کي قيد ٿي ديوتا آڏو قربان ٿيڻو پوندو. اهڙيءَ ريت ديوتائن ۾ وڏيڪ طاقت اچي ويندي، ٻنين ۾ طاقت اچي ويندي، فصل پيلا لهندا. ساڳئي وقت ديوتائون سج ۽ ستارن کي وقت تي لاهيندا ۽ وقت تي اڀاريندا رهندا. جڏهن جنگيون نہ ٿينديون هيون ۽ گهڻي وقت تائين امن امان رهندو هو تہ ميڪسيڪو ماڻريءَ جا ماڻهو "گلن وچ ۾ جنگ" جو ڏينهن ملهائيندا هئا. جنهن جو واحد مقصد اهو هوندو هو تہ جيئن دشمن قبيلا پاڻ ۾ جنگ جي شروعات ڪن ۽ هڪ ٻئي جا ماڻهو قيدي بڻائي سندن قرباني ادا ڪن.

هيءَ ڳالهہ بہ ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ ڪنهن زماني ۾ تہ انساني قرباني هندستان، يونان، روم ۽ آفريڪا خاص طور ويسٽ ڪوسٽ (West Coast) پولينيشيا (Polynesia) تهتي (Tahiti) فجي (Fiji) ۽ ٻين ملڪن ۾ عام هونديون.

هنن ادارن جي قربانين ڏيڻ ۾ مختلف قسم جي اهم ڳالهين ۽ ڪارڻن کي محسوس ڪيو ويو آهي. هنن قربانين تان هن نسل جي ماڻهن جي اصل تمنا انسان ۽ ديوتا يا ايشور وچ ۾ هڪ ناتي کي نئون ڪرڻ هو ان جي پيٺ ۾ اسان جي، يهودين ۽ عيسائين جي روايتن اندر اجا بہ علامت پرستي موجود آهي. تاريخي طور عيسائي مذهب انسان ذات جي هڪ وڏيءَ قرباني کان شروع ٿئي ٿو. پر اسان جي عيسائي مذهب جي اهم مرڪزي روايتن ۾ هيءَ حقيقت بہ موجود آهي تہ ماني ۽ شراب تبديل ٿي حضرت عيسيٰ جو روپ وٺندا آهن ۽

بعد ۾ ماڻهو انهن کي ڪائيندا پيئندا آهن. اسپيني ازيڪ جي انساني قربانين کي ڪورٽس ۽ ان کان پوءِ ايندڙ حڪمرانن لاءِ هڪ جواز سمجهندا آهن. يعني انهن ماڻهن پنهنجي ڪيس ۾ قهر کي قربانين جهڙين مذهبي روايتن ۾ لڪائي ڇڏيو هو. پر ڏٺو ويو آهي تہ انهن علائقن ۾ جتي قربانين ڏيڻ جو رواج نہ هو اتي انساني قربانيون مذهبي جذبي تحت ڏنيون وينديون هيون، پر ڪنهن پنڊت کان متاثر ٿي ايئن نہ ڪندا هئا. مذهبي ڇاوا ٻانيڻ بہ قديم دور کان وٺي موجود آهن ۽ مذهبي روايتن کي هميشہ زندهہ رکيو ۽ ان کي اڳتي وڌائيندا آيا آهن. مذهبي روايتن ۾ هڪ شان ۽ وقار آهي، جنهن کي استقلال ۽ دوام حاصل آهي. هڪ ٻائي ۽ ٻانيڻ جي زندگي سخت منظم طريقي سان گذرندي آهي. منجهن تصور جي قوت ۽ شان هوندو آهي. ڪڏهن اسان کي خوفناڪ لڳندو آهي تہ ڪڏهن وري نمائشي بہ محسوس ٿيندو آهي. صدين پٺيان صديون گذري ويون، وقت تبديل ٿيندو رهيو ۽ انهن ماڻهن تي بداخلاقيءَ جا الزام مڙهيا ويا ۽ ان دوران حياتي ۽ موت جا ڪيترائي ڊراما ٿي گذريا هوندا. اهي ڊريما نہ رڳو فن جي نقطي نظر کان اهم هئا پر هن دنيا کي نئين طريقي سان ڏسڻ لاءِ هڪ وڏي طاقت پيدا ڪري رهيا هئا جن جو اهم مقصد سيني ماڻهن کي سڏي شريڪ ڪرڻ هو. مفتوح ماڻهن جو ادب (خاص ڪري فيئر سالا گُن (Fair Salagun) جي لکڻين مطابق) وڏي اهميت جو مالڪ هو جيڪو ڊرامائن جي شڪل ۾ موجود هو. اهڙين ڊرامائن ۾ ديوتائون هوندا هئا ۽ ٻاون ۽ ٻانيڻ جي تنظيم کي وڏيڪ مضبوط ڪندا هئا.

انهن مان هڪ ڊرامي جو نالو هو ”نئينءَ ٻاهہ جون روايتون“ هن قسم جي روايت هر ٻاونجاهہ سال گذرڻ کان پوءِ ملهائي ويندي هئي، ٻاونجاهہ سالن جي ان وقت دوران هن ڪائنات جو هڪ اصول يا ترتيب ختم ٿي ويندي هئي، جيڪڏهن اهو ڏينهن صحيح طريقي سان نہ ملهايو ويندو هو تہ سمجهبو هو تہ نئين زندگي جي شروعات ٿي نہ سگهندي. قربانگاهہ واري اها ٻاهہ ساندهہ ٻاونجاهہ سال ٻرندي رهندي هئي، بعد ۾ وسائي ويندي هئي. عام ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ بہ پنجن ڏينهن تائين ٻاهہ نہ ٻاريندا هئا. ان کان سواءِ گهر جو سڀ سامان ڀڃي ڀوري ختم ڪري ڇڏيندا هئا. ان دوران هو پٽيندا ۽ ماتم ڪندا رهندا هئا تہ هو ڪهڙي وقت بہ مري ختم ٿي سگهن ٿا. نئين سال جي سج لهڻ مهل مذهبي ملان مختلف شهرن جي نمائدن سان هڪ جلوس جي شڪل ۾

گڏجي هوگرچٽيڪٽل (Huixachtectal) نالي هڪ ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي چڙهي ويندا هئا جنهن کي هو ستاري جي ٽڪري ڪري سڏيندا هئا. اهو جلوس سفر ڪندو آڌيءَ رات جو هڪ مندر تائين پهچندو هو جيڪو چاٽايل ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي ٺهيل هوندو هو جتي پهچي پڳوان جي تعريف ۾ ڀڄن ڳائيندا هئا. اهڙي پوڄا پاٺ ان وقت تائين جاري رهندي هئي، جيستائين ڪتي (Aldebaron Placades) جو ستارو اڀٽي وڏي وچ آسمان تائين نظر ايندو هو. ان ڪان پوءِ سڀ ماڻهو ساهه سڪائي ان تاري ڏانهن ڏسندا رهندا هئا ۽ ڪجهه پڙهندا رهندا هئا ته شل اهو تارو لهڻ واري پاسي ڏي ٿورو سرڪي، ڪين خوف هوندو هو ته متان اهو تارو اولهندي پاسي ڏانهن سرڪڻ بدران اونداهي ۾ ٻڏي ختم ٿي وڃي.

چاٽايل تاري کي حياتي جو نمائندو سمجهيو ويندو هو ۽ تصور ڪيو ويندو هو ته جيڪڏهن اهو تارو اتي جو اتي اونڌهه ۾ ٻڏي ويو ته هي دنيا ختم ٿي ويندي ۽ ڪابه زندهه شيءِ بچي نه سگهندي. جڏهن ستارو اڌ آسمان ڪان ٿورو اولهه ڏانهن لڙندو هو ته هڪ ڪڙپيل ملان ٻرندڙ مشعل تازو قربان ڪيل هڪ انساني لاش جي سيني ۾ ڪپائي چڏيندو هو. ان ڪان پوءِ تيز رفتار ماڻهو ان مشعل مان مشعلون ٻاري جدا جدا شهرن جي مندرن ڏانهن روانا ٿيندا هئا. اهڙين ريتن رسمن جي مڪمل ٿيڻ ڪان پوءِ مندرن ۾ پهتل مشعل مان باهه ڪٽي پنهنجن گهرن ۾ باهيون ٻاريندا هئا. بعد ۾ هڪ عام قسم جي خوشي ملهائڻ جو ماحول پيدا ٿي ويندو هو. گهرن کي سنواريو سينگاريو ويندو هو. قربانين جي رسم ادا ڪئي ويندي هئي ۽ ڪيترائي ماڻهو اهڙين قربانين جو شڪار ٿي ويندا هئا. اهڙين قربانين ڏيڻ ڪان پوءِ ماڻهن کي يقين ٿيندو هو ته هي دنيا ايندڙ ٻاونجاهه سالن تائين ضرور موجود رهندي.

ٻين سيني مورخن ڪان پريسڪاٽ (Prescott) وڏيڪ ذهين ڏسجي ٿو ۽ ٻين ڪان وڏيڪ نيڪ جذبن جو مالڪ به آهي، پر هو پنهنجي ثقافت ڪان وڏيڪ متاثر نظر اچي ٿو. انساني قرباني وڏو ظلم آهي، جنهن ضرور ڪيس ڏکوئي وڌو هوندو. پر هي ڳالهه ضرور مڃي ٿو ته قربان ڪيل ماڻهو کي هڪ جهونجهار سمجهيو ويندو هو ۽ ان جو وڏو احترام ڪيو ويندو هو. ازيڪ جي قرباني کي اندروني طور ڊاڪٽر هربرٽ (Herbert) وڏيڪ سمجهيو آهي. ڊاڪٽر هربرٽ جي اسپنڊن لکيو آهي ته قديم سنڌين جي زندگي ۾ قرباني ڏيڻ


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جي روايت اسان کي ٽيزڪاٽليپوڪا (Tezcatlipoca) جي ياد تازي ڪرائي ڇڏي ٿي. هو وڏيڪ تبصرو ڪندي ان جي اندروني خوبين تي روشني وجهي ٿو. ٻين مصنفن به ساڳي ڳالهه ڪئي آهي.

سندن بيان آهي ته قرباني ڏيندڙ پاڻ کي ظلم جو شڪار نه سمجهندو هو. ان بدران سندس تصور هوندو ته هو ايشور جو نهايت پيارو بندو آهي، جنهن هن کي قربانيءَ لاءِ پسند ڪيو ويو آهي ۽ هو بهادر ۽ جهونجهار انسان آهي. ان وقت هو پاڻ کي وجداني ۽ اوچي منزل تي سمجهندو هو. سندس هي خيال موجود هوندو هو ته ساري دنيا ۽ پنهنجي نسل جي زندگي کي قائم رکڻ لاءِ پنهنجي زندگي جو دان ڏئي رهيو آهي، قديم زماني ۾ هڪ ئي وقت گهڻين قربانين ڏيڻ جي مذهبي روايت هئي، جيڪا ڪيترين صدين ۽ نسلن تائين جاري رهندي آئي هئي. اهڙيون ڳالهيون ازيڪ يا ان کان اڳ واري ٽولٽيڪ تهذيب يا هايا تهذيب جي ماڻهن جي تصور مطابق هن ڪائنات جو لازمي جز هئي. مندرن جي جڳهن جو تعداد تمام گهڻو آهي، جن کي وڏن ڪشٽ ڪشالن سان جوڙيو راس ڪيو ويو آهي، جتي ٽيندڙ انساني قربانيون، تن کي تسيئو ڏيڻ يا رت جي ٻي ڪا قرباني ڏيڻ لاءِ ڪا به زبردستي نه ڪئي ويندي هئي، پر هر ڪو ماڻهو پنهنجي راز خوشي سان ڏيندو آهي. اهڙن ماڻهن کان اهو سوال به نه پڇيو ويندو آهي ته سندن دنيا بابت ۽ زندگي لاءِ ڪهڙو نقطي نظر آهي. اهي منطقي طور ڏاڍو خوش هوندا آهن ۽ زمان ۽ مڪان واري ڪائنات سان بلڪل گڏ هوندا آهن.

ڪولمبس جي آمريڪا جي دريافت کان سست ئي پوءِ ٽيڪسڪو کان جي بادشاهه نيزا هئاڪئائٽل (Neza Huacoytil) هڪ ئي وقت گهڻين قربانين ڏيڻ واري مذهبي رسم ادا ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏي هئي. هو نه رڳو حڪمران هو پر ملڪي ترقي جو علمبردار، قانون ڏيڻ وارو ۽ هر ثقافت جو سرپرست اعليٰ به هو. هو هڪ عظيم سنڌي ۽ تاريخي دور جو عظيم سياسي اڳواڻ هو. هي اهو انساني چشمو هو. جنهن جي روح جو پاڻي ازيڪ ملڪ اندر رت سان گڏجي هلندو هو. جيڪو انهن ماڻهن جي شعور تائين به پهچندو هو. جبلن جي چوٽين تي نهيل مندرن ۾ انسان ذات بابت شعور هو. نيزا هئاڪئائٽل ادارن کي انساني ڪرڻ کان هڪ پاسي ته منع ڪري ڇڏي پر ٻئي پاسي مذهبي تعليم کي تمام گهڻو زور ونايو. انساني قرباني خلاف ڪارروائي ڪري هن جڻ پنهنجي روح

خلاف قدم کنيو هو ڇاڪاڻ تہ مذهبي ريتن رسمن کي زور وٺائڻ يا انهن تي پابندي مڙهڻ جا سڀ اختيار وٽس هئا. جادوئي ٽوٽا ڦينا بہ هن جي هٿ وس هئا، جن جو دنيا سان ڪنهن بہ قسم جو سڌو واسطو نہ هو. ڪيس اها خبر هئي تہ سندس نسل لاءِ علامتي قسم جون روايتون ۽ رسمون نهايت اهم آهن. اهڙيون ڳالهيون سوچي هن پيرمڊ جي شڪل تي هڪ مندر جي تعمير ڪرائي ۽ ان مٿان نوَ ماڙ منارو ٺهرايو جيڪو نون بهشتن جي نمائندگي ڪري رهيو هو. ان کان سواءِ هن ڏهين ماڙي بہ جوڙائي هئي، جنهن جي ڇت ڪاري رنگ جي رکي وئي هئي. ٻاهرئين پاسي کان ستارن جون تصويرون هيون، اندرئين پاسي ديوارين کي سون، چاندي ۽ هيرن جواهرن سان سينگاريو ويو هو. هن اها ماڙي هسبب الاسباب جي نالي ڪري ڇڏي هئي، جيڪو اڻڄاتل ان سڃاتل ۽ گمنام ديوتا هو. مناري جي صفا مٿئين حصي تي موسيقيءَ سان لاڳاپيل شيون رکي ڇڏيون هيون. انهن سازن جي آوازن سان گڏ ڏاتوءَ جي وڄڻ جو منڙو آواز بہ هوندو هو. اهو ڄڻ پوڄا پاٺ ڪرڻ جو هڪ سڏ هو جيڪو مقرر وقت تي ٻڌڻ ۾ ايندو هو هر قسم جي قرباني منع هوندي هئي. پوڄا ڪرڻ وارا ماڻهو هتي گل ۽ خوشبودار شيون کڻي ايندا هئا. هن انساني قرباني لاءِ ڪنهن بہ قسم جي منع نہ ڪئي هئي، پر ازيڪ نسل جي ماڻهن جي قربانيءَ تي بہ پابندي نہ مڙهي هئي. هن انهن ماڻهن جي قرباني کان منع انهيءَ نہ ڪئي هئي جو انهن ماڻهن جي قرباني ڪئي بہ نہ ويندي هئي. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ بادشاھ نيزا هئالڪائٽل ماڻهن جي همدردي يا انسان ذات ناتي انساني قرباني تي پابندي نہ مڙهي هئي، پر دنياوي فائدي لاءِ ائين ڪيو هئائين، انهيءَ مقصد سان جيئن ماڻهن کي غيرمذهبي طريقي سان ڪتب آڻي سگهجي.

نيزهئالڪئائٽل 1450ع ڌاري ميڪسيڪو جي ترقي بابت گهڻو سوچيو هو. پر اهڙي ڪوشش ڪڏهن بہ نہ ڪئي وئي هئي، ميڪسيڪو ۽ ان جي پرپاسي جي ماڻهن بچاءَ خاطر ميڙي چونڊي متحد ڪئي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هي جهنگلي ماڻهو پنهنجي شاندار تهذيبي اصولن کي بار بار لتاڙيندا رهيا هئا. هن وقت قدرتي پيداواري ذريعن کي آدمشماري جو دٻاءَ وڌي ويو هو ۽ ماڻهن ۾ جنگ ڪرڻ جا لاڙا گهڻا وڌي ويا هئا. مذهبي ملان موراڻا عام ماڻهوءَ ۽ سياسي اڳواڻن کي جادوءَ ڏانهن مرغوب ڪري رهيا هئا ۽ ان قسم جي ڏنڌي ڏانهن ڇڪي رهيا هئا. اهڙي صورتحال ۾ ٽينوڪان ۽ ٽيڪسڪوڪان نسل


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

**جا ماڻهو ميڪسيڪو ماٿري کان سواءِ اوري پري جي علائقن تي قابض هئا.**

جيڪي انساني قربانين ڏيڻ واري مذهبي اصول تي وڏيڪ زور ڏئي رهيا هئا.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com




چاڪاڻ تہ انساني قرباني جو مذهبي اصول ميڪسيڪو جي اوسي پاسي وارن علائقن جي ماڻهن ۾ ڏاڍو مقبول هو. ان ڪري قرباني ڏيڻ جو هي مذهبي اصول ڏاڍي شدت اختيار ڪري ويو هو. ٽينوڪان نسل جي ماڻهن هڪ صدي جي عرصي دوران انساني قرباني واري اصول کي وڏيڪ هٿي ڏئي ٻين قبيلن ۾ اڳتي وڌايو هو. انساني قرباني کي وڌائڻ جي مقصد سان دشمن کي جنگي قيدي ٻڌائڻ پوندو هو جهڙيءَ ريت ٻين جنگين دوران ٿيندو هو. تنهن ڪري ماڻهن اندر اهڙا لاڙا وڌي رهيا هئا. انساني قربانيءَ واسطي ازيڪ ڪئليندر کي آڏو رکيو ويندو هو تہ اهي ڪهڙيءَ موسم ۾ ڏينهن تي هن قسم جي قرباني ادا ڪندا هئا. اهڙي انساني قرباني جي وري ابتدا ٿي چڪي هئي. اهڙيءَ ريت سياسي تدبيرون ناڪام ٿي چڪيون هيون. آخر ۾ هنن ڳالهين تي بہ سوچيو ويو تہ ميڪسيڪو ۾ امن امان چو نہ هئڻ ڪيي. نيزا هئالڪئائتل جا امن جا صلاحڪار پنهنجي مقصدن ۾ ناڪام ٿي ويا هئا. پر هن حڪمران جا دشمن ٽينو چٽلين تي وڏيڪ حاوي ٿيندا پئي ويا. جن جو ڏنڌو ڦرلٽ ڪرڻ ۾ ڏاڙا هڻڻ هوندو هو. هو ڏاڍا بهادر بہ هوندا هئا. هنن ماڻهن جو ڏينهون ڏينهن زور وڌي رهيو هو. ان ڪان سواءِ شهنشاهہ نيزا هئالڪئائتل پنهنجي ملڪ کي جنگ ۾ انساني قرباني ۾ جنگ جي شيطاني دائري کان ٻاهر ڪڍي نهس ڪيو هو. ٽينو چٽلين بہ هن حڪمران جي ناهيل قانون جي پابندي ڪري رهيا هئا. جنهن ۾

انساني قرباني ۾ ڦرلٽ جي ڪارروايون کان منع ٿيل نہ هئي. نيز لڪئاٽل جي وارث حڪمران نيزا هئا لپلي سوڪان سردار سان گڏجي اوگزاڪا (Oxaca) جي علائقي تي حملو ڪري اتان جا 20000 جنگي جوان قيد ڪري موٽيو هو. هن ۾ سندس ساٿي ”اهو ترونل“ دشمن فوجين جا سينا چيري چڙهيا هئا. باقي رهيل جنگي قيدي قربان ڪرڻ واسطي مذهبي پنڊتن حوالي ڪري چڙهيا هئا.

نيزا هئالڪئاٽل ڪو اڪيلو ماڻهو نہ هو جنهن انساني قرباني لاءِ آواز اٿاريو هو پر هن کان صديون اڳ دين (Din) نالي هڪ پنڊت بہ ٿي گذريو آهي، جنهن پڻ انساني قربانيءَ کان منع ڪئي هئي، هن کي (Coatl Quitzal) ڪئٽزلڪوٽل) جي نالي سان هڪ وڏو ديوتا سمجهيو ويندو هو. جنهن عام ماڻهن سان گڏجي انساني قرباني خلاف جدوجهد ڪئي هئي. وچ آمريڪا ۾ ڪئٽزلڪوٽل ڏاڍو مشهور ماڻهو ٿي گذريو آهي. منجهس ڪئي سٺيون ڳالهيون موجود هيون، رحمدل بہ تمام گهڻو هوندو هو. هي ماڻهو ٽوليٽڪ شهنشاهہ جو م ذهبي پنڊت هو جيڪو پنهنجي وجود ۾ هڪ تاريخ هو جيڪو جوتشي ۾ ثقافت جي نقطي نظر کان وڏي اهميت جو مالڪ هو. هربرٽ جي اسپنڊن مطابق تہ هن ڏاهي ماڻهو مايان (Mayan) ڪئلينڊر کي سڌاري وڏائي ان ۾ ڪي اهڙيون علامتون ۽ نشانيون ڏنيون جو سيني ٻولين وارا ماڻهو بہ ان کي سولائي سان سمجهي سگهندا هئا. هي ماڻهو 5 اپريل 1208ع تي وفات ڪري ويو هو.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ان ڪان پوءِ ڪيٽزلڪوٽل لاءِ ڪئي ڏندڪٿائون مشهور ٿي ويون. انهن مان هڪ روايت هيءَ به ٻڌڻ ۾ ايندي آهي ته هي ماڻهو مايا تهذيب جي ماڻهن وٽ ايندو هو جنهن هنن ماڻهن جو ڪئلينڊر ڪٺي ٽولٽيڪ جي ماڻهن کي ڏنو هو. اهو به چيو ويندو آهي ته ڪيٽزلڪوٽل ٽولٽيڪ ماڻهن سان گڏ هو جن مايا تهذيب جي ماڻهن کي شڪست ڏني هئي. هي ماڻهو قديم ڏندڪٿائن جو عالم هو ۽ اهڙين ڳالهين کان واقف هو جن بابت ٻين عام ماڻهن کي ڪا خبر ئي نه هئي. اهڙين ڳالهين کان پوءِ هن قسم جي ڏندڪٿا عام ٿي وئي هئي. ته نهايت قديم دور ۾ ڪيٽزلڪوٽل آسمان تان لٿو هو. جتي اڳتي فضا جو ديوتا هو. ان کان پوءِ انساني بڻجي هيٺ آيو ۽ ماڻهن کي ڏات ۽ ڏانءَ سيکاريو هئائين ۽ رحمدليءَ جا سبق ڏنا هئائين. هن ڏاهي ماڻهوءَ فطرت ۽ انسان لاءِ هڪ سونهري دور آندو هو. پر هو هڪ وڏي ديوتا جي غضب جو نشانو بڻجي ويو. هنن ٻنهي وچ ۾ جنگ لڳي، جنهن ۾ هو پڇي ويو ۽ اپرندي واري سمنڊ ڏانهن منهن ڪيائين ۽ ڪولولا (Cholula) وٽ ويهي ويو هو جتي اڄڪلهه جبل جيڏو وڏو مندر ڏٽل شڪل ۾ موجود آهي. قديم زماني ۾ هن مندر اندر سندس پوڄا ڪئي ويندي هئي، اتان هڪ جادوئي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي تلا پالان (Talpallan) ڏانهن هليو ويو، جيڪا نانگ جي کل مان جڙيل هئي، ڪيٽزلڪوٽل کي تاريخي چچيميڪ (Chichimec) نسل جي ماڻهن ملڪ مان ڪڍي ڇڏيو هو جن



ٽيوٽيهئاڪان (Teotihuacan) جي ٽولٽيڪ نسل جي ماڻهن کي شڪست ڏني هئي.

چچيميڪ، اڪولهئا (Acolhua) ۽ ٽولٽيڪ جي ڏندڪٿائن موجب ڪئٽزلڪوٽل سنڌن زماني ۾ زندهه هو. چچيميڪ کان پوءِ اڪولهئا ۽ ٽولٽيڪ اق تدار ۾ آيا هئا. ازيڪ جي زماني ۾ هي علم جو سرپرست هو ۽ ڪالميڪاڪ نظريي وارن ماڻهن جو ديوتا هو. ڪيس جادوءَ جو به سرپرست اعليٰ ڪري به سمجهيو ويندو هو. ان کان سواءِ ازيڪ حڪمرانن کي هن جلو نمائندو سمجهيو ويندو هو. ميڪسيڪو جو وڏو پنڊت به چولاجي ڪئٽزلڪوٽل مندر جو پائو هو. جيڪو ڏاڍي سادگي سان زندگي گذاريندو هو. بعد ۾ ڪئٽزلڪوٽل کي نائب ديوتا طور مڃيو ويندو هو ۽ ڪيس مفتوح ماڻهن جو ديوتا به سمجهيو ويندو هو. هن جون هدايتون چولولا (Cholula) مندر مان جاري ٿينديون هيون، جن ۾ ماڻهن کي حڪم ڪيو ويندو هو ته هو ديوتائن لاءِ گل آڻين ۽ انساني قربانيءَ کان سختيءَ سان منع ڪندو هو. هي شمسي ڪئلينڊر جو به ديوتا هو. سندس ورڻ اچڻ جو واعدو شايد ڪڏهن به پورو نه ٿئي، پر ازيڪ جي سال جي ڦيري مطابق ٿوري وقت لاءِ ڪڏهن اچي سگهي ٿو.

حقيقت اها آهي ته اسپيني حملي آور ان سان اچي ميڪسيڪو جي ڪناري وٽ پهتا هئا جنهن سال تي ڪئٽزلڪوٽل واپس ورڻ جو واعدو ڪيو هو. مونٽيزيوما ٽو (Momtezuma_2) کي هڪ مذهبي پنڊت واري تعليم ڏني هئي، جيڪو ازيڪ نسل جو بادشاهه هو. منجهس ڪنهن فيصلي جي قوت نه هئي ۽ پنڊت جي ٻڌايل اڳڪٿين تي اکيون ٻوٽي عمل ڪندو هو جنهن جا نتيجا ڏاڍا اگرا نڪتا هئا.



نيز هئالڪئاتل جي وارث حڪمران جو نالو نيزا هئالپلي (Neza Hualpilli) هو. ڪيس پٽ ڄائو جنهن جو نالو اگزتلل گزوچيتل (Ixtlilxochitl) رکيو ويو هو. علم جوتش جي ماهرن ٻار جي پيءُ کي ٻڌايو ته هن کي ٻار کي ماريو وڃي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن هو زنده رهيو ته دشمن سان ملي ويندو، ادارن ۽ ازيڪ مذهبي اصولن کي ڦٽائي ناس ڪري ڇڏيندو. تنهن تي نيزا هئالپلي جواب ڏنو ته اهو وقت ويجهو اچي پهتو آهي، جڏهن ڪئٽزلڪوٽل جا پٽ اوپر کان ايندا ۽ ملڪ جو قبضو حاصل ڪندا. جيڪڏهن پڳوان منهنجي پٽ کي انهن جي مدد ڪرڻ لاءِ چونڊيو آهي ته پوءِ پڳوان جو ارادو ضرور پورو ٿيندو تنهن ڪري اهو ٻارڙو مرڻ کان بچي ويو. ان کان پوءِ ڇا ٿيو جو هو ٽيڪسڪوڪا بادشاهه جيان ڪورٽس سان وڃي ٻٽ ٿيو ۽ سنڌين جي تهذيب ختم ڪري ڇڏي هئائين، هاڻي ڪئٽزلڪوٽل بابت هڪ مذهبي ڏندڪٿا ڏاڍي مشهور آهي ته اهو وچ آمريڪا جي سيني تهذيبن ۽ رياست هاءِ متحده آمريڪا جي ريو گرانڊي (Rio Grande) کان ٽيندو سيني علامتن جي نمائندگي ڪندو اسپيني حملي آورن جي لباس ۾، ديوتائن جي مختلف شڪلين ۾ ۽ تقدير جي صورت ۾ اچي سنڌي تهذيب کي ختم ڪيو جنهن جو عظيم اعتقاد ۽ علامت خود ڪئٽزلڪوٽل پاڻ هو. مقدر جو اهو ڦيرو مڪمل ٿي ويو. اهو عقلي ۽ رومانوي مذهب جنهن پورن ٻن هزارن سالن تائين وچ آمريڪا

جي زندگي کي سخت متاثر ڪيو هو ختم ٿي ويو. ان جي پڇاڙي اهڙي ٿي جو سندس خاتمي جو رڪارڊ به محفوظ رهي نہ سگهندو.

## باب پنجون

# اسپيني فتح

تاريخ اندر داخل ٿيڻ لاءِ هڪ ڦاٽڪ هوندو هو. سنڌي نسل جا ماڻهو ٻه هڪ اهڙي ڦاٽڪ وسيلي آمريڪا ۾ داخل ٿيا هئا. ڪولمبس (Columbus) ڪيسٽائل (Castile) ليون (Leon) کي جڏهن نئين دنيا جو تحفو پيش ڪيو ته ان ٻه تاريخ جو هڪ ڦاٽڪ کوليو هو ان خيال قسم جي ڦاٽڪ تي جڻ ڏانتي (Dante) جا هي لفظ لکيل هئا ”مون منجهان گذري بيشمار ڏکن ۽ ڏچن ۾ وڪوڙجي وڃو.“

ڳاڙهن سنڌين (Red Indian) جي عظيم ثقافتن جا ابا ڏاڏا ٻه اهڙن ڦاٽڪن وسيلي آمريڪا ۾ داخل ٿيا هئا، تن جي قبرن تي ڪتبن جون قطارون آهن، جيڪي هن ڦاٽڪ پرسان موجود نظر اچن ٿيون. آخري ڳاڙهن سنڌين جي ثقافت ۽ گروهن جي ختم ٿي وڃڻ کان اڳ بيشمار سنڌي ثقافتون ۽ گروهه ناس ٿي ختم ٿي ويا. پر اڄ ٻه دنيا جي هن اڌ گول ۾ ٽيرنهن ملين آمريڪي ڳاڙها سنڌي موجود آهن. جيڪو شاهدي ڏئي رهيو آهي ته اهي ٻه ڪڏهن اهڙي ڦاٽڪ وسيلي هتي پهتا هئا. اهي (Puegatory) واري دور مان گذريا. يقين آهي ته ڪڏهن نه ڪڏهن اهي ماڻهو ترقي ڪري مٿي نڪري ايندا. اهي قيامت تائين اسرندا ۽ ترقي ڪندا رهندا. ان کان پوءِ ته ساري دنيا ناس ٿي اجڙي ويندي، اهي ايستائين اپرندا ۽ اپرندا رهندا، جيستائين اسان جانورن جي ڍڳن ۽ پکين جي ولرن سميت انهن ڦاٽڪن مان داخل ٿي اڪيچار ڏکن ۽ ڏچن ۾ وڪوڙجي وڃون، جيستائين اسان زنده رهڻ وارا نسل آمريڪا جي سنڌين وانگر نه سوچيون ويچاريون.

فتح وارو منظر ڏاڍو خوفناڪ، ڏکوئيندڙ مايوس ڪن ۽ ڏاڍو نيچ آهي.

هڪ پاسي ڪان تہ نهايت خوفناڪ بہ آهي، ٻئي پاسي ڪان انساني شان ۽ وقار لاءِ ڪارهن جو چٽو آهي. ڇاڪاڻ تہ فتح جي ابتدا ڪان وٺي ٻنهي پاسن ڪان ڪي وڏا ماڻهو موجود هئا. ان ڪان سواءِ باشعور ماڻهو هئا جيڪي معاملن کي صحيح طريقي سان سمجهي بہ رهيا هئا. انهيءَ زماني ۾ ڪي وڏا مصنف بہ موجود هئا، جن جي لکڻين تي اسان کي مڪمل اعتماد آهي ۽ ٻيا اهڙا عالم بہ هئا جن مان ڇاڻايل مصنف تمام گهڻو استفادو بہ ڪيو آهي. انهن کي پوري ڄاڻ هئي فتح وارا ڏينهن ڏاڍا خوفناڪ هئا. اها فتح نہ رڳو غيرضروري هئي، پر عملي طور بہ ڏاڍي گندي هئي. اهڙيون حقيقتون نہ رڳو مصنفن بيان ڪيو آهن پر گورن ڪليسا جي پادرين بہ اهڙو ذڪر ڪيو آهي. پر اها استحصال جي هڪ وير هئي جنهن چوڏاري هاڃا ڪري ڇڏيا هئا.

تاريخن ۽ تذڪرن ۾ بيان ٿيل هي بي مثال قسم جي جرئت هئي، ايئن بہ چئي سگهجي ٿو تہ اها هڪ اهڙي تباهي هئي جنهن جو دنيا ۾ تہ ڪو مثال ئي نہ آهي، جيڪا ڏاڍي بي رحم هئي ۽ اک ڇنڀ ۾ مڪمل ٿي وئي هئي. اها تهذيب وسيع هئي، جنهن جون پاڙون ڌرتي ۾ ڪتل هيون، جنهن جون قديم مذهبي علامتون آسمان سان ڳالهيون ڪنديون هيون. هن تهذيب جي ماڻهن جون حياتيون بہ سندر سپنن جهڙيون سهڻيون هيون. هنن جي مقابلي ۾ اهڙو دشمن هو جنهن جي جسم ۾ نئين زندگي هئي، وٽس نوراني رستا، نوان جذبا، نئون مقصد هو. جنهن کي هڪ نهايت تنگ، فنا ٿيندڙ افسانوي ۽ شديد نوعيت جي سخت جان هئي، جيڪا حرص ۽ لالچ جي ڪري هڪ محرڪ قوت بڻجي وئي هئي. اهڙو تجربو سنڌين کي نہ هو. اسپين وارن کي سون جي بک هئي. انهن کي سون جي ڏاتوءَ جي هجڻ ڪري ضرورت نہ هئي، پر طاقت بڻجڻ ڪري کين ضرورت هئي. ساڳئي ريت کيس نئين نظريي (Proselytizing) جي بہ ضرورت هئي. اسپيني حملي آور ۽ فاتح هئا. سنڌن تعلق جاگيرداري دور سان هو، جيڪو اڃا ختم نہ ٿيو هو. اهو دور جيڪو اڃا عبوري ڏچن مان گذري رهيو هو ۽ اهو دريافتن واري دور ۾ داخل ٿي رهيو هو جنهن سان گڏ يورپ جو "ٻيو سامراجي" نظام هو. اهي سنڌن انفرادي مهمون هيون. اهڙين مهمن جو خرچ هو پاڻ برداشت ڪري رهيا هئا. هن مقصد لاءِ هو اسٽاڪ (Stock) ۽ شيئرز (Shares) بہ وڪرو ڪري رهيا هئا ۽ جيڪو ڪجهہ کين ملي رهيو هو تنهن لاءِ هو هر چيز داءَ تي لڳائي ڇڏي هئي. انهيءَ سان گڏ


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اهي پنهنجي حڪمران ۽ ڪليسا جا سفير به هئا سيزر بورجيا (Cesare Borgea) اٿلي ۾ هڪ نئين رومي شهنشاهيت ٺاهڻ جي رٿابندي ڪئي هئي. ڪورٽس ”نيو وارلڊ“ جي هڪ طاقتور شهنشاهيت کي قبضي ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو هو.

اهي ماڻهو پوري ريت باخبر هئا ته سندس خواهش ڪهڙي آهي؟ سندن خواهش بلڪل سولي ۽ سادي هئي جنهن لاءِ ڪين فقط بي رحمي ۽ ڪيس قهر جو مظاهرو ڪرڻو هو. هنن کي اها خبر هئي ته هو ميڪسيڪو ۽ پيرو کي وڏي ظلم سان فتح ڪري سگهن ٿا ۽ پنهنجون انفرادي زندگيون به هنن ڄڻ باهه ۾ اڇلي ڇڏيون هيون. ڪين اهڙي اڻ ٿي مار گهائڻ جو خدشو هو. پر هو پنهنجي مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ ڳت ڏئي بيهي رهيا هئا.

سندن فطري اهليت ۽ بخت ڦيرين گهيرين جو شڪار هو. انهن مان ڪيترا ماڻهو ڏاڍا وائڙا نالائق هئا. انهن مان فقط هڪ ماڻهو اسپيني فوج ۾ پزرو (Pizaro) جهڙو جاهل مطلق ۽ ظالم ماڻهو به موجود هو جنهن ۾ ڪنهن چڱيءَ ڳالهه جي ڪابه توقع نه هئي، جيڪو ڪورٽس جيان دنياوي طور سياڻو ذهين ۽ سچيت نه هو. هي سيزر بورجيو وانگي حد کان وڌيڪ عملي ماڻهو هو. هنن مان ڪو به ٻيو رستو اختيار ڪري نه پئي سگهيو. انهن سيني ماڻهن ۾ اهڙيون خوبيون ۽ خاصيتون هيون، جيڪو ٿور، وقتي فتح لاءِ لازمي هونديون هيون. ڪين سون هٿ ڪرڻ جو چڙ ته جنون هو. ان کان سواءِ جنوني قسم جا عيسائي هئا جيڪي پنهنجي وجود ۽ ٻين ماڻهن لاءِ به سخت هئا هي ماڻهو بهادري ڏيکارڻ واسطي به ڏاڍا منظم هئا. منجهن ڪيترين ئي خاص ڳالهيون هيون، نهايت ڏکئي وقت ۾ هو هڪ ٻئي سان سچا هئا.

اسپين جا هن قسم جا فوجي هئا، جيڪي آمريڪا جي سنڌين سان مقابلي لاءِ سامهون هئا، پتو نه آهي ته هار کائڻ مهل سنڌين جي ڪهڙي حالت هئي؟

سنڌين جي نسل جا ماڻهو اهنسا، امن ۽ آشتي جي اصولن جا پابند هئا، عملي زندگيءَ ۾ روايتن جا حامي هئا، سماجي ۽ شخصي طور سخت ۽ ڏيهن جا ڏاتار هئا. اقتصادي طور پئسي ڏوڪڙ جي معاملي کان ڪوهين ڏور هئا، ڪين خبر هئي ته پئسي ڏوڪڙ واري اقتصاديات گهڻن بڇڙين ڳالهين کي جنم ڏيندي آهي. هي پنهنجي پراڻين روايتن کي ڇڏي نئين نظريي جي ڪڍ لڳڻ

وارا ماڻهو نہ هئا. هنن لاءِ فطري مذهب ۾ تصوف ڪي ڇڏي ڏيڻ ڏکي ڳالهہ هئي. جنهن ڪري منفرد هلت ۽ چلت وارو روايتي نظام موجود هو. اهڙين جنگين کان بہ واقف نہ هئا جن لاءِ يورپ ڇڻ سندرا ساهي بيهي رهيو هو. ڪين گهوڙن جي جنگي استعمال، لوهہ ۽ گولا بارود جي ڪا ڪل ئي نہ هئي. هن نسل جا ماڻهو ويسٽ انڊيز ۾ موجود هئا. پر ڪاريب (Careb) نسل کان سواءِ هي ماڻهو ڪم ڪار نہ ڪندا هئا، اهنسا ۽ امن امان جا ڪوڏيا هئا ۽ سندر سپنن جي طلسم ۾ وڪوڙيل هئا. پيرو ۾ هڪ مذهبي رحمدل مطلق العنان حڪمران مٿن راڄ ڪري رهيو هو. جنهن جون پاڙون پوڪي راهي ۾ ڪتل هيون. هنن جي جنگي فن جو تعلق بہ نرم مزاجيءَ سان هو. جنهن ۾ شهنشاهيت جو شاندار مظاهرو تصور هوندو هو.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو چاٽايل فتح جو لڳاتار مطالعو ڪندو رهندو ۽ هنن مٿان آيل مصيبتن جو احوال پڙهندو رهندو تہ ڪيس محسوس ٿيندو تہ تاريخي نتيجن لاءِ اهڙا عناصر بلڪل ناڪافي آهن نہ وري اسپين جا گولا بارود، زرهہ، بڪتربند، جنگي گهوڙا ۽ انسان جي جسم کي چيري ڦاڙي ماريندڙ وحشي ڪتا اهڙن نتيجن تان پردو ڪٽي سگهن ٿا. آمريڪي سنڌي سفيد ماڻهن طرفان شروع ڪيل جنگ جي پهرين ڏهاڪن ۾ ئي فتح ٿي چڪا هئا. چاڪاڻ تہ ڪين اها خبر ئي نہ هئي تہ اهو ڇا ٿي رهيو آهي، سفيد چمڙي وارو ماڻهو آخر چاهي ڇا ٿو؟ ۽ هن ماڻهوءَ جو مزاج ڪهڙو آهي؟ سفيد ماڻهن کي بي لغام نوعيت جي حڪومت ڪرڻ جي بک هئي، سندن خواهش هئي تہ ڪائنن ڪير بہ پڇڻ وارو نہ هجي. اهڙيون الوٽيون ڳالهيون تہ سنڌي سوچي بہ نہ ٿي سگهيا، جيڪي سندن سوچ جي دائري کان پري هيون. اها هڪ اهڙي حقيقت آهي جيڪا اڄ سوڌو ظاهر ٿي نہ سگهي آهي، توڙي جو سنڌين کي اسان جي هر چيز پڙڪائيندڙ نسل سان گذاريندي ساڍا چار سؤ سال گذري چڪا آهن. ابتدائي دور ۾ اها اڃا بہ هڪ اگري حقيقت هئي، يورپي ماڻهن هنن شريف انسانن خلاف ڪيترن ئي قسمن جا ڏاڙا هنيا هئا. پر ان هوندي بہ بي ضميري ۽ ديده دليري سان نڳيون بہ ڪيون هيون. معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ انهن کي حڪومت ڪرڻ جي بک هئي، سون ۽ چاندي گڏ ڪرڻ جي اُلي لڳل هئي. ڪين اهڙي ازلي بک هئي جو هنن لاءِ ڍاپڻ ممڪن ئي نہ هو. سندن اڇيءَ چمڙيءَ اندر سياسي منافقي هئي. اهڙي ريت هنن سنڌين کي هر چيز ڪسي ڪين هٿين خالي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪري ڇڏيو هو. سندن حالت اها هئي جو هو پنهنجا اباڻا اجها، پڪا ۽ پڌر ڇڏي جاڏي آيو تاڏي ڪک پن ٿي ويا، ڪين ڏاڍا روحاني جهٽڪا لڳا هئا، جيڪي سندن هيٺين حالن مان محسوس ٿي رهيا هئا. اهو بہ چڱيءَ ريت معلوم ٿي رهيو هو تہ هنن جي جوءِ جي جدائي سندن جيءَ کي جهوري رکيو هو. وايومنڊل مان تہ ايئن وسهجي رهيو هو تہ هنن نون آيلن کي پاڪر پري پنهنجي هيانءَ سان لاتو هو. پيار پاٻوهہ ۽ ٻاجهارن ٻولن سان ڏارين جي آجيان ڪئي هئي. اهي ڪين گهرياتين وانگي جيءَ ۾ جايون ڏئي رهيا هئا. پوءِ پتو پيو تہ اهي ماڻهو نہ پر بکيا بگهڙ هئا، جيڪي هر چيز ڳڙڪائڻ لاءِ وات ڦاڙيون وينا هئا.

اهڙي درد ڀرئي داستان جي ابتدا ڪولمبس (Columbus) کان شروع ٿئي ٿي. هن ايسپانولا (Espanola) هاتي (Hati) ۽ سانتو ڊومينگو (Santo Domengo) ماڻهن کي ڏٺو جيڪي ڏاڍا شريف رج چڱا مڙس ۽ مان مرجاتا وارا منڙا ماڻهو هئا. مهمان نواز بہ هو مٺو مٺي تي هئا. ڏاڍا خوش مزاج ٺهڪٽا ڦهڪٽا، سچا ۽ نياڻڻ وارا، سندن گهمڻ گهتڻ بہ سهٽو ۽ سيبتو هو ۽ ڪنهن روحاني مذهب جا پوئلڳ هئا. هن اهڙيون ڳالهيون پاڻ لکيون آهن. پوءِ هن پاڻ اهڙن سٻاجهڙن ماڻهن کي پڪڙي يورپ ۾ غلامن جيان وڪرو ڪيو. جلد ئي پوءِ هن نيو ورلڊ (آمريڪا) ۾ انڪو ميندا (Encomunda) نالي هڪ ادارو قائم ڪيو هو جيڪو يورپ وارن کي زمينون ڏيندو هو. زمين جا نوان مالڪ ان جوءِ ۾ بہ رهندڙ سنڌين کي غلام بڻائي بنا اجوري جي سخت پورهيو ڪرائيندا هئا. انگلينڊ جي راڻي اسابيلا (Isabella) ظاهر ۾ سنڌين جي هن غلامي واري واپار جي منع ڪئي هئي. پر هن جي اجازت سان سنڌي غلامن جو واپار ڏينهون ڏينهن وڌندو رهيو هو. انهيءَ زماني ۾ ڪورٽس (Cortes) هڪ يورپي نوجوان هو جيڪو سنڌي وسندين تي اوچتا حملا ڪري غلام هٿ ڪندو هو. حقيقت اها آهي تہ ميڪسيڪو انهن ماڻهن وچي پهريائين ڏٺي هئي جيڪي جهازن ۾ چڙهي غلامن کي هٿ ڪرڻ لاءِ اچي تي اوچتو پهتا هئا. ڪورٽس بہ انهن

(نوٽ: هت اصل ۾ مواد رهيل آهي.)

ڪورٽس بہ انهن سان هتي پهتو هو پر ويسٽ انڊيز اهڙو علائقو هو جتي سنڌين جي اهڙي تباهي نہ آئي هئي. پر ڪولمبس جن ماڻهن کي بي انتها شريف ڏٺو ۽ جن جو گهمڻ ڦرڻ سهٽو ۽ سيبتو هو جيڪي بي انتها شريف ۽ رج چڱا مڙس هئا تن کي ميڙي چونڊي تباهہ ڪري ڇڏيو هو. ابتدائي دور ۾ هنن

سنڌين غلامن جي وڪري جو ڏنڊو چوٽ چڙهيل هو. ڪانئن سخت پورهئي جو ڪم ورتو ويندو هو ۽ سخت پورهيو ڪندي ڪندي مري ويندا هئا. سندن حياتي ڏکن ۽ ڏولاون سان ڀريل هئي، جيڪي هڪ ئي وقت هزارن جي تعداد ۾ مري ويندا هئا. اهي ويچارا سنڌي پنهنجي ٻارن کي هڪ ئي وقت سون جي انداز ۾ کهي ڇڏيندا هئا، انهيءَ مقصد سان ته هو غلامي جي ذلت واري سخت پورهئي جي عذاب کان ڇٽي پون. زال مڙس ۾ همبستري کان انهيءَ ڪري ڇرڪندا هئا ته متان ڪين ٻار ڄمن ۽ اهي ٻه غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙجي وڃن ۽ هي ٻيانڪ وايومنڊل نه ڏسن. جڏهن ڪا مها مري پوندي هئي ته هو چاهيندا هئا ته جيڪر هو مري وڃن ۽ غلامي جي ذلت کان آجا ٿي وڃن. ابتدائي دور ۾ يورپيين جي ڪيس ۾ قهر ڪري ڪيترائي سنڌي قتل ٿي ويا ۽ آباد وسنديون ويران ٿي ويون. ان دور کان وٺي هي ماڻهو پنهنجي شخصيت ڏانءَ ۽ ڏات کي مڃائي نه سگهيا آهن.

ان کان پوءِ ڪولمبس ٻيو ڀيرو ساموندي سفر ڪري ايسپانولا (Expanola) نالي ٻيٽ تي قبضو ڪرڻ جي مقصد سان هتي رهي پيو هو. هن ٻيٽ کي اسان هاڻي الاتي (Llati) جي نالي سان سڏيندا آهيون. هن اتي چوڏهن سالن کان مٿي عمر واري هر ماڻهوءَ تي خراج مڙهيو هو. اهڙي ريت خاندان، برادريون ۽ علائقا خوفناڪ ماڻهن جي ورچڙهي ويا. ويسٽ انڊيز جا سنڌي اهڙا ماڻهو هئا جيڪي پنهنجي ضرورتن پورين ڪرڻ کان وڌيڪ ڪم نه ڪندا هئا، ڏاڍا خوش رهندا هئا، خوش مزاج ڏاڍا هئا، هنن سڀاجهڙن ماڻهن مٿان جڏهن هتگي (خراج) مڙهيو ويو ته هو هيسجي ۽ هپاتجي ويا هئا، تنهن ڪري هو پنهنجا تڏا ڇڏي جبلن ڏانهن نڪري ويا. سندن خيال هو ته آيل ڌارين ماڻهن جو گذر سفر هتان جي رهاڪن تي آهي، جڏهن اهي هتي نه رهندا ته ڌاريا بکن ۾ مري کپي ويندا. پر ايئن نه ٿيو ۽ حملي ۾ وڏ ۾ وڏ نقصان به سنڌين جو ٿيو. چاڪاڻ ته اسپيني حملي آور پنهنجي سفيد سڙهن وارن جهازن ۾ ڪاڏ خوراڪ کڻي آيا هئا. اسپين وارن اتي رهي بهماس (Bahmas) ۽ ٻين ٻيٽن جي سنڌين کي زبردستي آڻي ايسپانولا نالي ٻيٽ تي آباد ڪيو هو. اهي ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ سان ٻي انتها پيار ڪندا هئا، جيڪي ايسپانولا ۾ گهڻو وقت جي نه سگهيا ۽ جلد ئي مري ختم ٿي ويا. ٽن صدين جي اندر ”هاتي“ واري علائقي ۾ هن ڌرتي جو ڪو اصلي ماڻهو زنده نه رهيو نه وري ٻين ٻيٽن مان آڻي آباد ڪيل سنڌي بچي سگهيو.

پيشل (Peschal) هڪ مشهور ايٿنالاجسٽ ۽ مورخ هو جنهن لکيو آهي تہ 1492ع ڌاران ايسپانولا جي سنڌي آبادي ٽن لکن کان گهٽ ۽ ٻن لکن کان وڌيڪ هئي. 1508ع ۾ سنڌين جو تعداد گهٽجي وڃي سٺ هزار ٿيو هو. اهڙي ريت 1510ع ۾ 46 هزار، 1512ع ۾ ويهہ هزار، 1514ع ۾ 14 هزار ۽ 1548ع ۾ سنڌي نسل گهٽجي وڃي پنجن سون تي بيٺو هو. 1570ع ۾ سنڌين جا فقط بہ ڳوٺ وڃي بچيا هئا، ٻين ٻيٽن تي بہ سنڌي آدمشماري جو ساڳيو حال هو.

ٻهما (Bahma) ٻيٽ جي في سنڌيءَ جو اگهہ چار پيسو هو ٻين ٻيٽن تي جن سنڌين مهاڏو ڏنو تن کي ڦاهيءَ چاڙهيو ويو يا باهہ جا آڙاهہ ٻاري کين انهن ۾ اڇلايو ويو هو. جيڪي سنڌي ڀڄي نڪرڻ ۾ سوڀارا ٿيا هئا، سي يورپي ماڻهن جي انساني شڪار ڪندرن جي ڪاچ ٿيڻ کان بچي نہ سگهيا. سورهين صديءَ ۾ ويسٽ انڊيز مان سڀ سنڌي هاري کپايا ويا. 1519ع جي منڍ ۾ ميڪسيڪو فتح ڪيو ويو جيڪو پڻ سنڌين جو ملڪ هو جنهن ڪاري ٻاٽ رات جو ڪيريبين (Caribbean) سنڌين جو گهيرو ڪيو، تنهن جو ٻاڪ ئي نہ ڦٽي.

(The night while engulfed Carribbean Indians was to home no down p_57)

ان ئي رات دوران لاس ڪاساس (Las Casas) باهہ ۾ سڙڻ شروع ڪيو هو ۽ بارٿو لوم ڊي لاس ڪاساس (Barto lome de las casas) کي پهريون ڪليسا قائم ڪري پاڪ ڪيو ويو هو جيڪا نيو ورلڊ (آمريڪا جو يورپي نالو نيو ورلڊ هو) ۾ پهرين ڪليسا هئي، ان کان پوءِ سنڌين کي سڏارڻ ۽ انسان بڻائڻ جي تحريڪ شروع ڪئي وئي هئي. ڪيريبين سنڌين واسطي لاس ڪاساس واري ٻاريل مشعل ڀوَ ۽ ڏهڪاءَ واري هئي، جنهن ۾ هنن لاءِ موت جي سڪرات واري هڏڪيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو پر جيتري قدر سنڌي نسل جو تعلق آهي تہ انهن لاءِ هي مشعل ڪا اجائي ثابت نہ ٿي هئي، لاس ڪاساس 92 سالن جي عمر ۾ مري ويو ۽ آخري وقت تائين اها مشعل سندس هٿ ۾ هئي. ان کان پوءِ ڄاڻايل مشعل مختلف هٿن ۾ رهي ۽ اهو سلسلو اڃا بہ جاري آهي.



مايا لکت

اها فقط مهم جوئي هئي جنهن ڪورٽس جي حيثيت مٿانهين ڏسجي ٿي، جڏهن پيٽوار اپياس لاءِ ٻيون دلبرانہ سچيون مهمون ڪورٽس جي مهمن جي آڏو رکجن ٿيون تہ اهي جهڪيون ۽ جهيٽيون محسوس ٿين ٿيون، جيڪي سڀ تصوراتي مهمون هيون. اسپين جي جا ائنٽيليس (Antilles) ۾ بيان ڪيل قصا بي بنياد ۽ ڪوڙا اهن، ڇٽڪ گند جو انبار آهن. پيرو (Peru) ۾ ڏاڙا ۽ ڦرون نهايت تيز رفتاريءَ سان انهيءَ مقصد سان ڪيون ويون هيون تہ جيئن ان ملڪ کي اک ڇنڀ ۾ فتح ڪري سگهجي. ڪورٽس هڪ نواب هو ۽ ڪيس نوابن جي پنيرائي هئي، وٽس سچيتائي ۽ ڏاهپ بہ هئي. هو نهايت پيچيده طريقي سان اڳتي وڌيو هو ۽ مقصد حاصل ڪري ورتو هو. هن انساني رت جا ريج ڪري لاشن جا ڍير لائي ڇڏيا. هن هر شيءِ کي تباهہ ۽ ڊانواڊول ڪري ڇڏيو هو. پر ان کان پوءِ ان جي تعمير بہ ڪئي هئي. پر اها ناقابل- انڪار حقيقت بہ آهي تہ حياتيءَ جو معيار هيٺ جو ڪريو تہ وري سنئون نہ آيو هو. اهو ڪورٽس جي فتح جو نتيجو هو. سونهن جو سونو گهر ڦري لٽي ناس ڪيو ويو هو ۽ روحانيت جا ڪيئي ذريعا لالچ جي انڌي تلوار جو ڪاچ ٿي چڪا هئا.

معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ ڪورٽس جي اچڻ کان اڳ سنڌين جي ٽولٽيڪ (Toltec) تهذيب ختم ٿي چڪي هئي. ان وقت تائين سنڌين جي مايا (Maya) تهذيب کي ختم ٿئي بہ صديون گذري چڪيون هيون. ان وقت هن نسل جي ماٺهن جي ازيڪ (Aztec) نالي واري اعليٰ ۽ عظيم ثقافت موت جي آخري هڏڪين ۾ هئي. جيڪڏهن ڪورٽس هن جهان ۾ جمي نہ اچي ها تہ اسپينن ۽ يورپ ميڪسيڪو جي زندگيءَ کي نهوڙي ناس ڪري ڇڏن ها. هن حقيقت کي ٻئي نموني هن ريت بہ چئي سگهجي ٿو تہ هن هڪ خونخوار ڊرامو لکيو ۽ پيانڪ انداز ۾ پيش ڪيو. پر ان کي ڏسي درد محسوس نہ ڪرڻ گهرجي.



جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياگي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacad

# ٽولٽيڪ تهذيب جون تصويرون








**Cascajal block** *from Rodriguez Martinez et al 2006*








ڪورٽس 1519ع ۾ پنهنجي جهازن جي آواز سان ان جاءِ جي ڪناري تي لٿو هو جنهن کي وين ڪروز (Ven Cruz) جينالي سان سڏيو ويندو آهي. ان ڪان پوءِ هن اچي يوڪاٽان (Yucatan) جي ساموندي ڪناري سان ٻيڙا ٻيهاري سامان لاٿو. هتان جي سنڌي نسل جي ماڻهن ڪيس مهمان سمجهي آڌرياءُ ڪيو





هو. سان جئان ڊي الان (San juan De Illan) جي ڀيٽ تي اتان جي مقامي ماڻهن سندس شاندار آجيان ڪئي هئي ۽ مئرينا (Marina) هڪ ٻانهي عورت سندس حوالي ڪئي وئي هئي، جيڪا ڏاڍي وفادار هئي. بيرنال ڊياز (Bernal Diaz) ٻڌائي ٿو ته هن عورت جو پيءُ پنهنجي ان صوبي جو نهايت شاهوڪار ماڻهو هو جنهن جو نالو ڪوٽاز اڪالڪو (Coataza Caulco) هو. ان ڪان سواءِ هڪ قبيلي جو سردار به هو. هي صوبو ازيڪ شهنشاهيت سان دنگئي هو. مئرينا اڃا ننڍڙي هئي جو سندس پيءُ وفات ڪري ويو هو. سندس والده ٻيو ڏنو ڪيو هو. ان مڙس مان ڪيس هڪ پٽ ڄائو هو. ماءُ کي خبر هئي ته مئرينا جي وارثيءَ جي دعويٰ ڪندو. تنهن ڪري هن چيو ته هوءَ مري وئي آهي، پر هن مئرينا کي هڪ واڻهڙو واپاري حوالي ڪري ڇڏيو هو. جنهن ڪيس ٻانهيءَ ڪري وڪڻي ڇڏيو هو.

مئرينا ازيڪ ٻولي ڏاڍي رواني سان ڳالهائي سگهندي هئي، ان ڪان سواءِ ڏاهي، سگهڙ، سيبتي ۽ ڏاڍي سهڻي عورت هئي. هوءَ ڪورٽس جي ترجمان جو ڪم ڪرڻ لڳي هئي. ڪورٽس کي ڏاڍا مضبوط صلاح مشورا ڏيندي هئي. هن جي سريت به هئي، مهم جوئي ۾ ڪورٽس سان هڪ وفادار جيان گڏ رهي. ويرا ڪروز (Vera Cruz) ازيڪ هن جي تمام گهڻي مدد ڪئي هئي ۽ ڏاڍي مهمان نواز ڪئي هئي. هي علائقي جو گورنر به هو ۽ ڪورٽس تي ڏاڍو مهربان هو. جنهن پنهنجا قاصد ازيڪ شهنشاهه مونٽيزوما ڏانهن موڪليا هئا. جيڪو ڪئپيٽول (Capitol) ۾ رهندو هو. ٽڪوهلائل (Tcu Hitlile) نالي هڪ سردار شهنشاهه ڏانهن خط لکيو هو. جيڪو ڪورٽس کي شاهي دربار ۾ پڙهڻو هو ته اسپيني ماڻهن کي دل جي بيماري ٿي پئي آهي، جنهن جو واحد علاج سون آهي. شهنشاهه ڪورٽس جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي اگ پٽ جاچي نه ڏنو. هن سوچيو هو ته پرواري قبيلي ائنا هئاڪ (Ana Huac) کي غلام بڻائي به جيڪڏهن سون


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حاصل ڪرڻو پيو ته اهو ايئن ڪرڻ ڪان ڪڏهن نه گسندو پر هنن اچي چمڙي وارن ماڻهن جي دل جي بيماري ڪان جند ته آجي ٿي پوندي.

هڪ ٽڪو هلائل جا قاصد اچي ازيڪ شهنشاهه مونٽيزوما وٽ پهتا ۽ ڪيس ٽڪو هلائل پاران ڏنل سوکڙيون پاکڙيون پيش ڪيائون. ڪيس پيغام ڏنائون ته ڪورٽس ڪئپيٽول اچي سندس سلامي پرڻ چاهي ٿو. هو اوڀر واري سمنڊ کان پنهنجي طاقتور بادشاهه پاران اوهان لاءِ ڪي قيمتي تحفا کڻي آيو آهي. شهنشاهه مونٽيزوما بين هزارن غلطين سان گڏ سندس اها پهرين غلطي هئي جو هن پنهنجي دربار جي ٻن نوابن کي سندس آجيان لاءِ موڪليو جن سان گڏ هڪ سؤ ماڻهو گڏ هئا. هنن ماڻهن سان گڏ قيمتي مال خزانا هئا. شهنشاهه مونٽيزوما کين ڪورٽس لاءِ دوستيءَ جو پيغام به ڏنو. ازيڪ شهنشاهه پنهنجن ماڻهن کي چيو هو ته جيڪڏهن اتفاق سان کين ڪورٽس نه ملي ته هو اڀرندي واري سمنڊ جي حڪمران ڏانهن هليا وڃن ۽ ڪيس اهي تحفا پيش ڪن.

پهريائين هي ڳالهه ميڪسيڪو ۾ ٿي هئي، ان کان پوءِ هن ڳالهه کي پيرو ۾ ورجايو ويو هو. اسپين وارن کي جيڪو هتان سون ۽ چاندي گهڻ ڳڻن جي شڪل ۾ مليو هو. جن کي رجائي ڏيٽن (Ingots) جي صورت ۾ بدلائي ڇڏيو هو. انهيءَ لاءِ ته جيئن ان کي آسانيءَ سان کڻي اسپين پهچايو وڃي. بيرنال ڊياز هڪ مبصر جي حيثيت ۾ بيان ڪيو آهي ته ازيڪ شهنشاهه جي سفيرن ڪو



رٽس کي بيش بها تحفا ۾ سون به تحفي طور ڏنو هو تن جي قيمت 170.000




اسٽرلنگ پائونڊن جي برابر هئي. هي پهرين مرحلي واري دولت هئي، تنهن ڪري ان کي رجائي ڏيڻن (Ingots) جي صورت ۾ نہ بدلايو ويو هو. سندس مقصد اسپين وارن کي اهو ڏيکارڻ هو تہ ڪورٽس جي مهم دولت گڏ ڪرڻ واري آهي ۽ سندس اها فتح دولت بڻائڻ جي مقصد سان هئي.

البريچٽ ڊورر (Albreccht Durer) 1520ع ۾ هن دولت کي پنهنجي ڊائري ۾ هن ريت لکيو آهي:

مان اهي سڀ شيون ڏٺيون هيون جيڪي سون واري نئين ڌرتي (New Golden Land) کان اسان جي بادشاھ وٽ پهتيون هيون، هڪ خالص سون مان ٺهيل "سج" هو جنهن جي ماپ ڇھ فوٽ هئي. چنڊ بہ آندو ويو هو جيڪو خالص چانديءَ جو ٺهيل هو جنهن جي ماپ سون واري سج جيتري هئي. ان کان سواءِ سندن هٿيار، پراڻي طرز جا ڪپڙا يا اهڙيون شيون جن تي هو سمهندا هئا، سڀ اچرج جهڙيون هيون. اهي سڀ شيون ڏاڍيون قيمتي هيون جن جي قيمت لکن سونن سڪن جي برابر هئي. مان اهڙيون خوبصورت ۽ قيمتي سون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ ڏٺيون. ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ فن ۽ ڪاريگري سان لاڳاپيل عجيب و غريب شيون هيون. مان سمجهان ٿو تہ انهيءَ دور جا ڌرتي وارا ماڻهو ڏاڍا ڏاها ۽ ڏات ڌڻي هئا. مون کان اڳ ان ديس کان ڪهڙيون ڪهڙيون شيون پهتيون هيون تن جي خبر مون کي نہ آهي.

هاڻي اسان کي اهو ڏسڻو پوندو ته مونٽيزوما ڪهڙي جتن جاکوڙ ۾ رڌل هو ۽ ان جو پڇاڙڪ خاتمو ڪهڙي ريت ٿيو. مونٽيزوما هن وقت اڌ عمر کان ٿورو مٿي چڙهيل هو. هو اعليٰ منظم ۽ اعليٰ قسم جو فوجي هو. ان کان پوءِ سندس مزاج ۾ ڪجهه تبديلي اچي وئي هئي. سندس گهڻو لاڙو مذهب ڏانهن هو ۽ ٻاون ٻانيڻن جي توڙن ڦيڻن ۽ اڳڪٿين ۾ ڪيس وڏو ويساهه هوندو هو. شاهي درٻار ۾ وڏيڪ ناٿ ۽ دٻدٻو نظر اچڻ لڳو هو. ماتحت رياستن مٿان وڏي ۾ وڏو خراج وٺڻ شروع ڪيو ويو هو.

ڪئٽزلڪوٽل جون ڏندڪٿائون منٽيزوما کي گهڻيون متاثر ڪنديون هيون. کيس ٻڌايو ويو هو ته ٽولٽيڪ واري دور ۾ هڪ مهان ڏاهو ماڻهو اڀرندي سمنڊ ڏانهن هليو ويو هو. جنهن جو نالو ڪئٽزلڪوٽل هو. ماڻهن کان موڪلائڻ وقت کين چيو هئائين ته هو وري موٽي ايندو ۽ ٻنل ماڻهن جي گهايل دلين تي ڍَڀُ رکندو ۽ سندن روحن کي روشن ڪندو. جڏهن مونٽيزوما پيريءَ ۾ پيرپاتو ته کيس يقين ٿي ويو هو ته ڪئٽزلڪوٽل جي موٽي اچڻ جو وقت اچي ويو آهي. ميڪسيڪو جي ساري ماٿري ۾ هن ڏندڪٿا جو اثر چانئجي ويو هو ۽ سمجهيو پئي ويو ته ڪجهه نه ڪجهه عجيب و غريب ڳالهه ٿيڻ وا ري آهي. ساري ماٿري ۾ هڪ عجيب و غريب ويساهه پريو آواز ٻُري رهيو هو جنهن ۾ هڪ خوف ۽ ٿرٿلو موجود هو. جنهن ۾ چڱائيءَ جي ڪا آس اميد نه هئي. عجيب و غريب ان ڪري جو ڪئٽزلڪوٽل واري ڏندڪٿا ۾ چيو ويو هو ته هن جي واپس اچڻ سان خوشي جو دور اچي ويندو. پر ڪئٽزلڪوٽل ته نه آيو پر ان بدران ڊگهي ڏاڙهيءَ ۽ سفيد چمڙي وارو ماڻهو اچي پهتو هو. جنهن سان گڏ چئن ڄنگهن وارا جن هئا. جن تي ماڻهو سوار هئا. قاصد ڊوڙندا اچي مونٽيزوما وٽ پهتا ۽ اطلاع ڏنائون ته کي ڏاريا ماڻهو پهچي ويا آهن. جن سان گڏ سامونڊي جهاز، گهوڙا ۽ زرهون پهريل ماڻهو به آهن. ان کان پوءِ هڪ بحث مباحثو شروع ٿي ويو. جنهن نه رڳو مونٽيزوما کي پر ان جي صلاحڪارن کي پريشان ڪري ڇڏيو هو.

عملي ڳالهين مان اهو محسوس ٿي رهيو هو ته هنن ماڻهن ۾ اٽل ارادن ۽ بلند حوصلن جي کوٽ هئي، مونٽيزوما کي اها چڱيءَ ريت خبر هئي ٽلاسڪا لان (Tlascalan) قبيلو سندس قبيلي جو رت پياڪ ويري آهي. ازيڪ جي سياسي اتحاد به هن قبيلي کي مات ڪري نه سگهيو هو ۽ ان علائقي ۾ آباد آهي، جنهن وچان اسپيني ماڻهو گذرڻ وارا آهن. کيس اها به ڄاڻ هئي ته ٽينو

چٽيليان (Teno Chtilean) قبيلي سان ڪنهن جو ناهه نه هو ۽ شهري رياستون هن قبيلي کي سٺو نه سمجهنديون هيون. هن کي اها به چڱيءَ ريت سڌ هئي ته ڪورٽس سامونڊي ڪناري کان گهوڙي تي سوار ٿي اڳتي وڌندو ته ان وقت فصلن جي لاب جو سمو هوندو. اهڙي وقت ازيڪ وارا ڪنهن سان به جنگ ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن.

پتو نه آهي ته اهي ڪهڙا ڪارڻ هئا جو مونٽيزوما ۽ ٽينو چٽيليا قبيلن وارا ماڻهو پنهنجي فيصلي ڪرڻ ۾ الائي ڇو بار بار گسي پيا هئا. جيڪڏهن هي قبيلا مڙي مُٺ ٿين ۽ وقتائتو فيصلو ڪن ها ته اسپيني ماڻهن جون ڏايو مجيون ڏار ڪري ڇڏين ها ۽ منجهائن جو پانجهر به نه بچي ها. انهن مڙس ٿي مهاڏو ته ڏنو پر ان وقت تائين گهڻي دير ٿي چڪي هئي. ڪورٽس سان سڀ اتحادي سنڌي نسل جا ماڻهو هئا. مونٽيزوما جو پٽ گئاٽيموزين (Guatemozein) پڪو پهه ڪري سڦون سنواري ڪونڌ قطاري اڳتي وڌيو. پر اها ڏندڪٿا پنهنجو اثر ڏيکاري چڪي هئي ته بادشاهه جو روح هڪ ڏينهن ضرور موٽي ايندو ۽ هن قسم جي ڏندڪٿا ڪري ازيڪ تباهه ٿي ويا هئا.

ڪورٽس ڪئپٽول ڏانهن پيش قدمي ڪرڻ دوران سنڌين جي شهر ڪيمپولا (Cempoolla) ۾ داخل ٿيو هو. جيڪو گلف ڪوسٽ (Gulf Coast) جي پرسان هو. هن شهر جي آدمشماري ٽيهه هزار هئي، جن جو واسطو ٽوٽوناڪ (Totonac) نسل جي ماڻهن سان هو. هنن ماڻهن اسپين جي هڪ گهڻ گهري دوست جيان آجيان ڪئي هئي. هنن ماڻهن جي لٺ سردار ڪورٽس کي ٻڌايو ته ازيڪ نسل جا ماڻهو پاڻ ۾ وڙهي ڪٽو ڪٽو ٿي ويا آهن. سنڌن شهنشاهيت به ورهائجي وئي آهي. هن سردار وڌيڪ ڪيس اهو به ٻڌايو ته هو بغاوت ڪرڻ لاءِ تيار آهن، پر جرئت ڪري نه ٿا سگهن.

ان کان پوءِ اسپيني چياهئيزلا (Chiahuitzla) ڏانهن وڌيا، جيڪو ڪمپولا کان ٽيهه ميل پري سامونڊي ڪناري سان واقع هو. ڪيمپولا وارن هنن کي چار سيٽ گاڏيون ڏنيون هيون، جن کي سنڌن ٻوليءَ ۾ ڪئسيڪيو (Cacique) چيو ويندو هو. چياهيئزلا شهر پرسان ڪورٽس پنجن ازيڪ شاهي عملدارن کي ڏٺو جن جو تعلق شهنشاهه لاءِ خراج گڏ ڪرڻ سان هو. ڪين ڏاڍا قيمتي ويس وڳا ڍڪيل هئا، هٿ وڏائي سان آڪڙجي هلي رهيا هئا. ڪين گلن جون ٽاريون هٿن ۾ هيون، هر هڪ جي چوڌاري خدمتگارن جو ٽولو هو جن کي هٿن ۾ پکا هئا ۽


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ازيڪ سرڪاري ڪامورن تان مکيون هڪلي رهيا هئا. خراج سان تعلق رکندڙ عملدارن ٽوٽوناڪ تي ٽوڪون ۽ چٽرون ڪيون ۽ کين حڪم ڪيو تہ هو سزا طور قرباني لاءِ ويهہ مرد ۽ ويهہ عورتون ڏين. چاڪاڻ تہ هنن ڪورٽس جي مدد هئي. ڪورٽس هنن عملدارن سان ترش لهجي ۾ ڳالهايو ۽ ٽوٽوناڪ ماڻهن کي چيو تہ هنن کي جهلي وجي قيد ۾ رکن. ٽوٽوناڪ وارن سندس حڪم بي دلي ۽ هُڏ ہُڏ سان مڃيو.

رات جو ڪورٽس ٻن ازيڪ عملدارن کي آزاد ڪري پاڻ وٽ سڏايو ۽ کين چيو تہ ٽوٽوناڪ وارن جيڪو ساڻن سلوڪ ڪيو آهي، تنهن کي کين ڏاڍو ڏک ٿيو آهي. هن ساڻن واعدو ڪيو تہ سندن باقي ساٿين کي بہ آزاد ڪيو ويندو.

ٽوٽوناڪ وارا ٻن ازيڪ عملدارن جي قد مان نڪري وڃڻ تي ڏاڍا ڪاوڙيا هئا ۽ باقي ٽن ازيڪ عملدارن کي قربان ڪرڻ جو ارادو ڪيو هئائون. ڪورٽس هنن جون ڳالهيون ٻڌي ڪاوڙجي پيو ۽ کين زور ڀريائين تہ انهن ٽنهي ازيڪ عملدارن کي هن جي سمنڊ ۾ بيٺل جهازن ڏانهن منتقل ڪيو وڃي. هنن سندس چوڻ تي عمل ڪيو. ان کان پوءِ هنن پنجن ئي ازيڪ عملدارن کي مونٽيزوما ڏانهن موڪلي ڇڏيو. ايئن ڪري جڻ ٽوٽوناڪ وارن کي موت جي منهن ۾ اڇليو ويو هو. ڪورٽس هنن کي نڳڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو. تنهن ڪري هنن کي ڪورٽس سان گڏجي هلڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ گس نہ هو.

سنڌين ڪورٽس سان نڳي بدلي نڳي چو ڪانہ ڪئي، هنن ساڻس ڪوڙ بدلي ڪوڙ چو نہ ڳالهايو. هن ساڻن جڏهن رٿابندي سان ڪيس ۽ ڦهر ڪيو تہ هن بدلي ساڻس ساڳيو ورتاءُ چو نہ ڪيو. اهو احوال اڳتي هلي پيش ڪيو ويندو. ان جو جواب هن حقيقت سان لاڳاپو رکي ٿو تہ هنن ماڻهن لاءِ پنهنجي مزاج کي جلديءَ ۾ ۽ ايترو گهڻو تبديل ڪرڻ ڏکيو هو. ٻي ڳالهہ اسپيني ماڻهن جي هلت چلت مٿن جادو ڪري ڇڏيو هو. ٽين ڳالهہ تہ هنن سان گڏ هٿيار ۽ گهوڙا هئا. هتان جي اڳڪٿين ۾ بہ اهڙيون ڳالهيون ڇپيل هيون جيڪي هاڻي پوريون ٿي رهيون هيون. هن کان علاوه ميڪسيڪو جي سنڌين وٽ اها چاڻ بہ ڪانہ هئي تہ جيڪڏهن سندن بادشاهہ اسپيني ماڻهو ٿي ويا تہ هنن جو ڇا ٿيندو.

ان کان پوءِ اسپين وارا ميڪسيڪو جي جبلن تي چڙهي ويا، جتي هنن

سان ٽلاسڪا لان (Tlascalan) نسل جي ماڻهن مهاڏو ڏنو. اها نہ ڪٽڻ واري جنگ هئي. جيڪڏهن هي ماڻهو پنهنجي جنگ جاري رکن ها تہ اسپيني ماڻهن کي ماري جبلن تان هيٺ اڇلائي ڦٽي ڪن ها. پر ڪورٽس هڪ ماهر موقع شناس هو جنهن ٽلاسڪا لان جي ماڻهن کي هيءَ ڳالهہ مڃائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو تہ اچو تہ گڏجي ازيڪ کي ماري ناس ڪري ڇڏيون. مونٽيزوما هن نئين وايومنڊل کان ڊڄي ويو هو ۽ ڪورٽس ميڪسيڪو جي هن پيانڪ گهرو جنگ (Civil war) جو اهم اڳواڻ هو.

اسپيني حملي آور پيش قدمي ڪندا چولولا (Cholula) ڏانهن وڌيا. اتي بہ ماڻهن هن جي ڀرپور آجيان ڪئي هئي, چاڪاڻ تہ چولولا جي ماڻهن هن کي اهڙي نيند ڏني هئي. ڪورٽس پاڻ لکيو آهي تہ چولولا ۾ ويهہ هزار جڳهيون آهن. هاڻي اسان اهو احوال ڏينداسين تہ ڪورٽس ڪهڙو ڪيس ۽ قهر ڪري گذريو هو. ڪورٽس چولولا قوم جي سردارن کي چولولا شهر جي مکيہ چوسول تي گهرايو. هو ڏاڍو خوش هئا تہ ڪورٽس ڪيس ڪنهن انعام اڪرام سان نوازيندو. چاڪاڻ تہ هنن اچڻ وقت سندس وڏي آجيان ڪئي هئي ۽ هن ساٿس گڏ ازيڪ کي تباهہ ڪرڻ جو مضبوط اتحاد بہ جوڙيو هو. ان کان سواءِ چولولا ۾ رهڻ دوران هنن سندس وڏي خدمت ڪئي هئي. هو جڏهن چولولا جي چوسول تي پهتا تہ هنن سان ڪوبہ هٿياربند ماڻهو نہ هو. ساڻس فقط تامانس (Tamanes) ۽ پنهنجا نوڪر چاڪر ۽ اڙد اٽالي جا ماڻهو هئا. سندن چوسول ۾ پهچڻ کان اڳ ڪورٽس پنهنجا گهوڙي سوار فوجي, هڪليون توبون, توڙيدار بندوقن سان هٿياربند فوجي ۽ تيرڪمان جا ماهر دستا ان چوسول جي چوڌاري لڪائي بيهاري ڇڏيا. ڪورٽس پنهنجي فوجي ماڻهن کي سمجهائي ڇڏيو هو تہ جنهن وقت بندوق ڇٽڻ جو آواز ٻڌن تہ هو چولولا جي سردارن مٿان هڪدم حملو ڪري ڏين. ان کان سواءِ ڪورٽس ٽلاسڪانا (Tlascana) جي فوج سان ڳجهہ ڳوهہ ۾ ٻانڌو ٻڌي ڇڏيو هو تہ جنهن وقت ڪورٽس جي فوج چولولا جي سردارن تي حملو ڪندي تہ اهي بہ مٿن حملو شروع ڪري ڏيندا. پوءِ ائين ئي ٿيو جيئن ڪورٽس رٿابندي ڪري ڇڏي هئي. بندوق جي ڇٽڻ جو آواز ٿيو تہ هڪ پاسي کان ڪورٽس جي توبن ۽ بندوقن جا منهن کلي ويا ۽ ڪمانن مان تيرن جو وڏ ڦڙو وسڻ شروع ٿيو تہ ٻئي طرف ٽلاسڪانا جي فوج بہ حملو ڪري ڏنو. اک ڇنڀ ۾ چولولا جي سردارن ۽ انهن گڏ آيل سندن بي هٿيار اڙد اٽالي جي


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ماڻهن جي لاشن جا ڍير ٿي ويا. ان ڪانپوءِ ڪورٽس چولولا شهر جي ڦرلٽ شروع ڪئي.

چولولا جي ڦرلٽ جو احوال ڪنهن ٻئي نه پر خود اسپيني تذڪره نگارن جو لکيل آهي ۽ چولولا جو احوال ٻڌايو آهي ته مئرينا ڪي پتو پيو هو ته ڪورٽس ۽ اسپيني حملي آورن کي نهوڙڻ ناس ڪرڻ واسطي مونٽيزوما مان هڪ منصوبو جوڙيو آهي. چولوا واري قتل عام ڪان اڳ چولولا جي ماڻهن خود ڪورٽس کي ٻه اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون هيون. ان ڪان پوءِ ڪورٽس سندن خلاف رٿابندي جو الزام هڻي هتان جي ڏيهي ماڻهن جو قتل عام ڪرايو هو. هن ساڳين الزامن تحت انڪا جي آخري شهنشاهه ۽ ازيڪ جي شهنشاهه تي مقدمو هلائي قتل ڪرائي ڇڏيو هو. ان ڪان پوءِ ٽينو چٽيليان (Teno Chitilean) ۾ قتل عام ڪرايو ويو هو. ڪورٽس چولولا ۾ جيڪو ڪيس قهر، قتل عام ۽ ڦرلٽ ڪرائي هئي. ان ۾ سندس مخصوص قسم جي حڪمت عملي ۽ سياست لڪل هئي. اهو سندس اوچتو ۽ انساني رتوڇاڻ جو خطرناڪ عمل ازيڪ جي حوصلن کي پست ڪرڻ جي مقصد سان هو. چولولا ۾ لاشن جي ڍيرن لڳائڻ کان پوءِ ڪورٽس ازيڪ جي راڄڌاني ٽينوچٽيليان ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي. اتي پهچڻ سان مونٽيزوما ڪيس اوير جي وڏي حڪمران جو اهم سفير سمجهي سندس شاندار استقبال ڪيو هو. مونٽيزوما هنن ماڻهن کي شاندار گهرن ۾ رهايو هو ۽ ڏاڍي خدمت چاڪري ڪئي هئي، ڪين شهر ۾ گهمڻ ڦرڻ لاءِ آزاد ڇڏي ڏنو هئائين. ان ڪان پوءِ ڪورٽس مونٽيزوما کي زبردستي اغوا ڪرايو ۽ ڪيس شاهي قيدخاني ۾ بند ڪرايو ۽ ڪيس ڪتي جو لقب ڏنو ويو هو. اهو برگوس (Burgos) جو 1512ع جو قانون هو جنهن مطابق اسپيني ماڻهن کي مجبور ڪيو ويو هو ته آمريڪا جي سنڌين کي ”ڪتو“ سڏين. اهو نفسياتي عذاب جو هڪ طريقو هو. جيڪو پوءِ هڪ ظالماڻه نموني سان اختيار ڪيو ويو هو. انهيءَ مقصد سان ته جيئن مونٽيزوما شخصيت جو قتل ڪري سگهجي.




ڪورٽس ويرا ڪروز (Vera Cruz) ۾ "گئريسن" فوج رکي هئي، پر واري علائقي جي ازيڪ گرونر ڪئائو پوپوڪا (Quauh popoca) اتان جي ٻن اسپيني فوجن کي مارائي انهن جي لاشن جا ٽڪرا ٽڪرا ڪرائي ڇڏيا هئا. ڪورٽس قيدي مونٽيزوما کي چيو هو تہ هو ڪئائو پوپوڪا کي حڪم ڪري تہ هو ٽينو چٽيلبان ۾ پهچي وڃي. هي اهو شهر آهي جنهن کي هاڻي ميڪسيڪو جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. مونٽيزوما سندس حڪم جي تڪميل ڪئي، ڪئائو پوپوڪا ڏوليءَ ۾ سوار ٿي ٽينو چٽيلان پهتو هن سان گڏ سندس پٽ ۽ سردار نواب هئا. هن اها ڳالھ وڏي واڪ قبول ڪئي هئي تہ ٻن اسپيني سپاهين کي سندس حڪم سان قتل ڪيو ويو هو ۽ هن ڪانئس ڪنهن بہ قسم جي معافي نہ ورتي. ان ڪان پوءِ ڪورٽس حڪم ڪيو تہ انهن سڀني ماڻهن کي جيئري ساڙي رک ڪيو وڃي ۽ اهو ڪم شاهي محلات جي آڏو عمل ۾ آندو وڃي، جتي مونٽيزوما قيد هو. پنهنجي ماڻهن کي اهو بہ حڪم ڏنائين تہ جهنگلي واريون ڪانيون ۽ ٻيو ٻارڻ جو ڪاٺ شاهي محلات آڏو ڍير ڪيو وڃي. بعد ۾ هو شاهي محلات جي ان ڪمري ۾ ويو جتي مونٽيزوما قيد هو. هن

ڪيس هٿڪڙيون وڌيون، جيڪو ڪنهن زماني ۾ ازيڪ شهنشاهہ هو. ڪٿائو پوپوڪا ۽ ساٿس گڏ آيل پندرنهن سردارن کي زندهہ ساڙيو ويو.

ڪورٽس مونٽيزوما کي ان وقت تائين زنده رکيو جيستائين ان جي ضرورت هئي. ان بعد ڪورٽس اهڙي ازيڪ ماڻهو کي مونٽيزوما کي پٿر هڻي مارڻ جو حڪم ڪيو جيڪو ساڻس تمام گهڻي نفرت ڪندو هو. اهو پتو نہ آهي تہ هو پٿر جي ڌڪ لڳڻ ڪري اتي جو اتي مري ويو يا ڌڪ جي گهري گهاءَ ڪري چُڙي چُڙي دم ڏنو هئائين، اهو بہ چيو ويندو آهي تہ هن ازيڪ شهنشاهہ کي اسپيني فوجي سپاهين ڌڪ هڻي ماري ڇڏيو هو. اهي سڀ ڳالهيون غلط آهن، ڇاڪاڻ تہ ڪورٽس ڪيس اڳئي روحاني طور ماري ختم ڪري چڪو هو.

ٽينو چٽيليان يا ميڪسيڪو جي فتح کان ڇهہ مهينا پوءِ ڪورٽس پنهنجي مختصر فوجين سان گڏ پانفلو ڊي نارواڪس (Panflo De Narvacs) سان سياسي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جي ارادي سان نڪري پيو هو. جيڪو ڪيوبا کان هلي هن مقصد سان ويرا ڪروز پهتو هو تہ هو ڪورٽس کان ڦرلٽ جو حصو حاصل ڪري سگهي. پر اهڙي ڳالهہ ٻولهہ ڪامياب ثابت ڪانہ ٿي هئي. تنهن ڪري ٻنهي ڌرين ۾ جنگ لڳي وئي، جنهن ۾ پانفلو ڊي نارواڪس هارايو ۽ پڇي هليو ويو.

ڪورٽس ميڪسيڪو ۾ پنهنجي پٺيان پيڊرو ڊي الوارادو (Pedro de Alvarado) نالي هڪ ماڻهو ڇڏي آيو هو جيڪو سندس دوست هو. بهادر ۽ فوجي ذهين جو گهوڙي سوار هو. سندس تعلق اوچي خاندان سان هو جنهن جو گهڻو احترام ڪيو ويندو هو. ڪورٽس جي وڃڻ کان ٿورو پوءِ ازيڪ وارن جو هوئيزيلو پوچيلي (Huitzilo Pochili) نالي هڪ ساليانو جشن ٿيڻو هو جيڪو هر سال ازيڪ قبيلي جي جنگ جي ديوتا لاءِ ملهايو ويندو هو. ان ڪري ازيڪ قبيلي جا نواب، سردار، ٻاوا ٻانيڻ هوئيزيلو پوچيلي جي مندر ۾ اچي گڏ ٿيا هئا ۽ نچڻ ڳائڻ ۽ قربانين ڪرڻ ۾ مصروف هئا. اسپيني فوج بہ شاهي محلات پرسان شاهي عمارتن ۾ رهندي هئي جتي مونٽيزوما قيد هو ۽ هوئيزيليو پوچيلي جي مندر بہ ان جي پرسان هو. ان مندر جي هڪ حصي کي گرجا گهر ٺاهيو ويو هو جتي عيسائي پنهنجون مذهبي رسمون ادا ڪندا هئا. ازيڪ وارن ڊي الوارادو کي گذارش ڪئي هئي، جشن واري ڏينهن مندر جو اهو حصو بہ سندن حوالي ڪيو وڃي تہ جيئن اهو ساليانو ڏڻ چڱيءَ ريت ملهائي سگهن ۽

الوارادو کين اهڙي اجازت ڏئي ڇڏي هئي، ان مقدس ڏينهن تي ازيڪ نسل جا وڏا نواب ۽ اهم سردار نهايت قيمتي وڳا ويس ڍڪي اچي پهتا هئا. هنن پاڻ سان دولت ڌن بہ گهڻو آندو هو. ان کان سواءِ هو پاڻ سان ڪي مذهب علامتون بہ کڻي آيا هئا. جيڪي سون چانديءَ جون ٺهيل هوين. اهي سڀ ماڻهو هٿين خالي هئا. مذهبي رسمون ۽ روايتون شروع ٿي چڪيون هيون. ان کان پوءِ الوارادو رٿابنديءَ موجب هڪ ڳجهو اشارو ڪيو ۽ انتظار ۾ ويٺل سڀ اسپيني فوجي مٿن اوچتو ڪاهي آيا ۽ کين کُهي ڍير ڪري ڇڏيائون. جيڪي اتان ڀڄي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا تن کي شاهي محل جي لنگهہ وٽ مقرر اسپيني سپاهين نيزن سان ماري ختم ڪري ڇڏيو. ازيڪ وارن مان هڪ بہ بچي ڪونہ سگهيو هو. الوارادو هن قتل عام جو ڪارڻ ٻڌائيندي لکيو آهي تہ ڪيس يقين هو تہ مذهبي ڏينهن ملهائڻ لاءِ آيل نواب ۽ سردار هٿياربند تہ ڪونہ هئا پر هٿياربند ماڻهو پرسان وهاري آيا هئا.

جڏهن ڪورٽس موٽي آيو تہ ڏٺائين تہ فوج تي ڪڙو ڇڙهيل هو. شهرن جون بازارون بند هيون ۽ اسپيني فوجي بک وگهي مري رهيا هئا. اهڙي سنگين صورتحال سبب مذهبي ڏينهن تي نوابن ۽ سردارن جو قتل عام هو. پر هن اها ساري باهہ وجهي ٻي پهچ قيدي مونٽيزوما مان ڪڍي.

جڏهن ازيڪ وارن جا حملا زور وٺي ويا تہ اسپيني فوج ميڪسيڪو خالي ڪري هلي وئي، پر اهي رات جو ٽلاڪوپان (Tlacopan) وارو دمدمو (Cause way) ڏئي موٽي آيا. ازيڪ وارا يورپي جنگي فن کان واقف ٿي ويا هئا ۽ انهن دمدمي کي وچان ڪٽان ڍاهي ختم ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ ٽلاسڪا لان وارن تي حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. جن جو تعداد ست هزار هو. صحيح پتو نہ آهي تہ اسپيني ۽ سندن جهٽ سنڌي ٽلاسڪا لان قبيلي جا ڪيترا ماڻهو هئا، چاڪاڻ تہ تذڪرن ۾ اهڙو احوال مختلف آهي. چيو ويندو آهي تہ اسپيني ماڻهو گهڻي تعداد ۾ ٻڏي مري ويا هئا، چاڪاڻ تہ هنن جي جسمن سان سون ۽ چاندي ٻڌل هو. ان سان گڏ گهڻا هٿيار بہ گم ٿي ويا هئا. ازيڪ وارن هن جنگ کي نوڪبي ٽرسٽي (Nocbi Triste) جي نالي سان پنهنجي تذڪرن ۾ لکي ڇڏيو آهي.

ڪورٽس پنهنجي باقي بچيل فوج سان وڃي ٽلاسڪا لان جي سنڌي قبيلي وٽ ترسيو ۽ ڪيويا مان فوج گهرائي ورتي. ان کان پوءِ ٽينو چٽيليا تي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آخري حملي جي شروعات ڪئي. ان وقت ازيڪ شهنشاهيءَ وارو وفاق ٽڪرا ٽڪرا ٿي چڪو هو. ان گهرو جنگ ۾ گهڻن ماڻهن وچي ڪورٽس جو پاسو ورتو هو. هن سان نہ رڳو گهڻا ماڻهو هئا، پر هٿيار بہ گهڻا ۽ جديد هئا. هن اهڙو بندوبست ڪري ورتو هو جو ٽينو چٽيليان ڏانهن کاڌ خوراڪ وڃڻ بند ٿي ويو هو. ساموندي جهازن جا حصا ٽينو چٽيليان جي ماڳ کان ويهہ ميل پري ٺاهيا ويا، جيڪي سنڌي نسل جي ماڻهن پنهنجن ڪلهن تي کڻي هتي پهچايا هئا. ٽينو چٽيليان خلاف ساموندي ۽ دست بہ دست جنگ جي شروعات ڪرڻي هئي، جنهن جي چوڌاري ڪڙو چارهيو ويو هو. ازيڪ وارن سرن تان سانگو لاهي جنگ ۾ ڪڏي پيا هئا، ڏاڍي بهادري سان مقابلا ڪندا رهيا، انساني قتل عام جو سلسلو بہ گهڻي وقت تائين هليو ۽ ازيڪ مري بہ مڙسيءَ سان مهاڏو ڏئي رهيا هئا.

مونٽيزوما ڏاڍو ڪمزور ٿي چڪو هو. جڻ تہ مٿس ڪنهن جادوءَ جو اثر هو. سندس نروح بہ جڻ تحليل ٿي چڪو هو. اسپيني ماڻهو سنڌين جي ملڪن ميڪسيڪو ۽ پيرو کي فتح ڪري جڻ ڪيل پراڻي اڳڪٿي کي پورو ڪري رهيا هئا. مونٽيزوما جي وفات کان پوءِ گئا ٽيموزين (Guatemozin) سندس جانشين بڻيو هو. هن بادشاهہ ڏاڍي دير سان مهاڏي ڏيڻ جي ارادي سان ماڻهو گڏ ڪيا ۽ جنگ لاءِ ڪين منظم ڪيو. ميڪسيڪو جي هر شيءِ تباهہ ٿي وڃڻ کان پوءِ گئاٽيموزين ڪورٽس آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا هئا. ڪورٽس ساڻس واعدو ڪيو هو تہ جيڪڏهن هو هٿيار ڦٽا ڪندو تہ ڪيس عزت ۽ احترام سان گڏ تحفظ بہ ڏنو ويندو.

ٿوري وقت کان پوءِ ڪورٽس هن ارادي گئاٽيموزين تي عذاب ۽ ايذا رساني جي انتها ڪري ڇڏي تہ جيئن هو ٻڌائي تہ سون ڪٿي لڪائي رکيو ويو آهي. ٽئڪوبا (Tacuba) جي ڪئڪيو (Cacique) کي بہ گئاٽيموزين سان گڏ عذاب ڏنو ويندو هو. هن عذاب دوران ڪنجهندي ڪڻڪندي سون بابت ڪجهہ ٻڌايو هو "پر گئاٽيموزين ايذا رساني دور ترش زباني ۾ ڪيس چيو هو تہ شايد تون سمجهين ٿو تہ مان شايد وهنجڻ جي عياشي ڪري رهيو آهيان."

ان کان پوءِ ڪورٽس پيش قدمي ڪندو هنڊو راس (Honduras) ڏاهن وڌيو اوڏانهن ويندي هن پاڻ سان گئاٽيموزين ۽ ٽئڪبوبا جي ڪئڪيو کي بہ ساڻ ڪنيو هو. ان سفر دوران ڪورٽس کي شڪ ٿيو يا ڪيس وهم ٿي پيو تہ

گئاٽيموزين ڪيس قتل ڪرڻ جي رٿا جوڙي چڪو آهي پر اها هڪ ناممڪن ڳالهه هئي. هن حڪم ڪيو ته گئاٽيموزين ۽ ٽئڪيوبا جي ڪئڪي (Cacique) ۽ نوابن سردارن کي ڦاهيءَ چاڙهيو وڃي. جن گئاٽيموزين جي ڪنڌ ۾ ڦاسيءَ جو ڦندو وڌو ويو ته هن مٿان موت جي دهشت طاري ڪانه ٿي. هن رڙ ڪري چيو هو ته مون کي خبر آهي ته ايئن ڇو ٿيو مان تنهنجي ڇيل هر اکر تي اکيون ٻوٽي اعتبار ڪيو ۽ تنهنجن واعدن کي سچو ۽ کرو سمجهيو هو. اوا! ملانچي (Malenche) (ڪورٽس) مون کي اها چڱيءَ ريت سڌ هئي ته تون مون کي ڦاهيءَ چاڙهيندين. جڏهن تون منهنجي شهر ٽينو چٽيليان (ميڪسيڪو) ۾ داخل هئين ته مان تنهنجي پيش ڪونه پيو هوس، مون کي ٻي ڏوهو قتل ڪري رهيو آهين. ان جو خدا توکان حساب وٺندو. جڏهن ڪئڪوئي آف ٽئڪوبا کي ڦاسي ڏني پئي وئي ته هن بنا دڙڪ چيو هو ته هو خوشقسمت ترين انسان آهي جو ڪيس سندس بادشاهه سان گڏ ڦاهيءَ چاڙهيو پيو وڃي. ڪورٽس گئاٽيموزين کي انهيءَ ڪري ڦاهيءَ چاڙهيو هو جو هو ڪانئس ڊڄي رهيو هو. ان کان سواءِ ڪورٽس کي ڪيس قتل ڪرڻ جي طاقت نه هئي. هن پهريائين مٿس الزام هنيو ۽ پوءِ بزدلاڻا طريقي سان ڪيس ماري ڇڏيو. جڏهن اسان اسپيني فاتحن مان هڪ کي وڏيڪ عقلمند ۽ بهادر سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ته حقيقتون پنهنجو پاڻ ڳالهائڻ شروع ڪري ٿيون ڏين.

ڪورٽس جلد ئي پوءِ ان علائقي ۾ انڪو ميندا (Encomunda) قائم ڪيو جنهن کي پوءِ نيو اسپين (New Spain) نالي سڏيو ويو. هن پنهنجي ٻانهن جي ٻل سان ملڪ فتح ڪيو هو ۽ غلام به هٿ ڪري ورتا هئائين ان علائقي ۾ ڇڻ ته سندس بادشاهي قائم ٿي چڪي هئي. هن اسپين جي بادشاهه جيان هتي (Encomunda) قائم ڪري ورتي هئي. جڏهن اهڙيون خبرون اسپين پهتيون ته اتان جي حڪمران نهايت سخت حڪم جاري ڪيو هو ته اهو ادارو هڪدم ختم ڪيو وڃي. ويهه سال پوءِ هن حڪمران ايئن هٿيار ڦٽا ڪيا جيئنءَ پيرو ۾ ڦٽا ڪيا ويا هئا. ان کانپوءِ هن غلامن جو ڪاروبار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ نيو ورلڊ ۾ اسپين راڄ جي ختم ٿي وڃڻ تائين اهو ڪڏو ڪاروبار هلندو رهيو.

ٻيو اهڙو ڀيانڪ مثال پيرو جي فتح جو آهي. جنهن کي ڏهه سال پوءِ پزارو (Pizarro) ۾ سندس ڀائرن فتح ڪيو هو. انهن ۾ هڪ فرڊيننڊ سوٽو (Ferdinand Soto) به شامل هو جيڪو اڳتي وڏي ان ملڪ ۾ به داخل ٿيو جنهن کي هاڻي




يونائيٽڊ اسٽيٽس جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. مستند حوالن مطابق هن ماڻهوءَ سان فقط 177 فوجي سپاهي ۽ عملدار گڏ هئا، جن مان ڪجهہ پيادل ۽ ڪجهہ گهوڙي سوار هئا جن پندرهن ملين ماڻهن کي جنگ لاءِ ٻولايو هو. پريسڪاٽ (Prescott)، اوويڊيو (Ovideo) ۽ نهارو (Naharro) جي تذڪرن جا حوالا ڏنا آهن تہ جنهن رستي سان گذري رهيو هو تہ اتان جا ڏيهي ماڻهو هزارن جي تعداد ۾ هنن جي آجيان ۽ آڌرڀاءُ لاءِ اتي بيٺا هئا ۽ سندن مهمان نوازي ڪندي ڏاڍي خوشي محسوس ڪري رهيا هئا. ڪاگذا مالاڪا (Caxamalaca) ڏانهن ويندي هنن جي رستي جي هڪ منزل تي انڪا شهنشاهہ پنهنجي درٻاري اميرن نوابن سان گڏ سندس آجيان لاءِ بيٺو هو. فرانسڪو پيزارو (Francisco Pizarro) سان آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو هئا. جيڪڏهن انڪا اشارو ڪري ها تہ هنن مان وانگي بہ ڪونہ بچي ها. پر هن جي حڪم سان فرانسڪو پيزارو جتان بہ گذريو اتي ڪيس شاهاڻو آجياڻو ڏنو ويو هو ۽ معزز مهمان ڪري ڪين ترسايو ويو هو. جڏهن ڪاگذا مالڪا پهتا هئا تہ انڪا وارن هنن جي مان ۽ مرجاتا سان آجيان ڪئي هئي.

ان ڪان سواءِ انڪا وارن هنن سان گلن جهڙي سهٽي ٻوليءَ ۾ ڳالهايو هو ۽ هڪ رات ۾ هڪ ڏينهن پنهنجن عاليشان جڳهن ۾ ٽڪايو ۽ دعوتون ڪيون. پزارو ڪاگذا مالڪا پهچي شهنشاهہ انڪا کي شهر ۾ اچڻ جي دعوت ڏني، هو اچي ساٽس شهر جي وڏي چوسول ۾ ملي. انڪا سندس اهڙي دعوت قبول ڪئي هئي ۽ وڏي لشڪر سان اوڏانهن روانو ٿيو ۽ شهر کان گهٽو پري بيهاري جڏهن شهر جي چوسول واري ايراضي ۾ داخل ٿيو تہ ساٽس امير، نواب ۽ پنهنجي اتالي




سان لاڳاپيل ماڻهو هئا، جيڪي هٿين خالي هئا. پر انڪا ۽ سندس درٻارين جي آجيان لاءِ پزارو موجود نہ هو، پر پنهنجي فوج سان انهن جڳهن ۾ لڪو ويٺو هو، جيڪي چوسول جي چوڌاري تعمير ٿيل هيون. پزاري جي فوج جيڪا توبن بندوقن، گهوڙي سوار دستن سان هن جي اچڻ جي انتظار ۾ لڪي ويٺي هئي، هن شاهي مهمان جي آجيان لاءِ فرائر ڊي ولورڊو (Frear de Valverdo) اڪيلو هو جيڪو ساڻس بيهي اجايون سجايون ڳالهيون ڪندو رهيو ۽ ان وقت ترجمان چئي رهيو هو تہ انڪا شهنشاهہ ڪي بنا دير عيسائي بڻايو وڃي ۽ ڪيس چيو وڃي تہ پنهنجو ملڪ ۽ ماڻهو عيسائي پادري ۽ اسپين جي بادشاهہ جي حوالي ڪري ڇڏي.

انڪا حڪمران الاهئالپا (Allahuallpa) فرائر جون ڳالهيون ٻڌي وائڙو ٿي ويو تہ هو ٿن خدائن جي ٺمورتي ڪي مڃي ۽ چوٿون خدا بہ انهن ٿن خدائن سان گڏ موجود آهي، تنهن ڪي بہ ڪيس مڃڻو پوندو. ٿوري وقت ڪان پوءِ فرائر ڪي سج ڏانهن اشارو ڪندي چيائين تہ ”هن جو خدا اڪيلو خدا آهي، جيڪو سرڳ ۾ موجود آهي، جيڪو پنهنجن ٻارڙن ڏانهن ڏسندو رهندو آهي.“ ۽ ٽپ ڏئي هڪدم پري ٿي بيهي رهيو.

بعد ۾ فرائر سڌو پزارو ڏانهن ويو جيڪو پنهنجي هٿياربند فوج سان گڏ لڪو ويٺو هو ۽ ڪيس رڙ ڪري چيو هئائين تہ اسان اجايو پنهنجو قيمتي وقت هن ڪتي لاءِ سيڙائي رهيا آهيون، جيڪو آڪڙ ۽ گهمنڊ ۾ پريو پيو آهي. ان ڪان پوءِ پزارو پنهنجو اڇو رومال لوڏي پنهنجي هٿياربند فوج ڪي ڪارروائي

ڪرڻ جو حڪم ڪيو ۽ توبون، گولا اوڳاڇڻ لڳيون. بندوقن جي نالين ۾ گولين ڇٽڻ جا آواز ٻُڌڻ لڳا ۽ هٿياربند گهوڙي سوار به اڳتي وڌڻ لڳا. چوڌاري گوڙ ۽ شور ٻُري ويو. ٻاهر ويندڙ سڀ رستا لاشن سان بن ٿي چڪا هئا. اسپيني فوجي سپاهين جون بندوقون، خنجر، تلوارون ڪجهه ڪلاڪن لاءِ هلنديون رهيون ۽ قتل عام جاري رهيو. اسپيني گهوڙا لاشن کي لتاڙيندا رهيا. پزارو الاهئالپا کي زنده گرفتار ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو هو. تنهن ڪري ان کي جيئرو گرفتار ڪيو ويو هو. انهيءَ مقصد سان ته جيئن هو ڪانئس سون حاصل ڪري سگهن. جيڪو پرسڪوٽ جي بيان مطابق پندرهن ملين ڊالرن جي برابر هو. ساڻس واعدو ڪيو ويو هو ته جڏهن هو سون حوالي ڪندو ته ڪيس ڇڏيو ويندو. اسپين وارن جي رٿا اها هئي ته ڇاڻايل سون ڏيڻ کان پوءِ ڪيس آزاد نه ڪيو ويندو پر ماريو ويندو. پر جڏهن انڪا اسپين وارن کي سون حوالي نه ڪيو ته مٿس ڪوڙو الزام ڏري لوهي تار سان گلو گهٽي ماري ڇڏيو.

## باب ڇهون

# اسپيني حڪمراني ۽ لاس ڪئساس

اسان لکين سنڌين کي ڪيترن سون سالن تائين ڏاڍ ۽ ڏمر واري اسپيني حڪمرانيءَ هيٺ ماٺ ميٺ ۾ گذاريندو ڏسون ٿا. سندن مزاج ۾ شان شوڪت موجود هو. جيڪو هاٽي نه رهيو آهي. انهن نيڪ مقصدن کي فقط مستقبل ۾ ئي ڪامياب بڻائي سگهجي ٿو جيڪي لاس ڪئساس (Las Casas) واسڪو ڊي ڪيوروگا (Vasca Quroga) de پئراگوي (Paraguay) جي جيسٽس (Jasuits) ۽ ٻين روشن ضمير ماڻهن سوچي ويچاري عملي طور ڪم آڻڻ لاءِ پنهنجي آڏو رکيا آهن. پر ان لاءِ هڪ ٻيو به ممڪن نقطي نظر آهي. ان لاءِ وڏا خيال هئا جن کي عملي جامي پهرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي ۽ وڏي جاکوڙ به ڪئي وئي هئي. اهڙيون ڪوششون ان ئي دور ۾ ناڪام ثابت ٿيون هيون. پر اهي موجوده دور ۾ ڪامياب ٿي سگهن ٿيون. اها هڪ عملي فلاسافي هئي جن جون پنهنجي دور جون ڪاميابيون جڻ پاڻي تي لڪير برابر هيون. اهڙيون حڪمت عمليون جن جي ڪاميابي لاءِ هنن ويهن ئي ننهن جا زور لڳايا هئا. زمان ۾ مڪان جي لحاظ کان اهي موثر به هيون، جيڪي يورپي ثقافتي روايتن ۾ داخل ٿي ويون. جيڪي عيسائين جي معاف ڪرڻ واري نقطي ۾ به موجود آهن ۽ جيڪي يونائيٽڊ اسٽيٽس جي انڊين لا (Indian Law) ۾ نمايان آهن. جيڪي خاص طور تي نئين رنگ ۽ ڍنگ ۾ نئين ڦٽندڙ مکڙيءَ جيان سنڌي عوام ۾ به موجود آهن ۽ اهو سڀ ڪجهه ڏکڻ وارين جمهوريتن ڪري ٿي رهيو آهي. سندس اهو پروگرام گذريل ٽن ۽ چئن جي وچ واري دور کان شروع ٿيندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن ۾ گهٽ ڪري ٽيهه ملين سنڌين لاءِ اڄ ۽ سڀاڻي وارو پروگرام

موجود هو.

معلوم ٿئي ٿو ته نسلي بچاءَ لاءِ تي وڏا رڪارڊ موجود آهن. جهڙوڪ روم، برٽس ۽ اسپين منهنجي خيال ۾ اسپينن جو نسلي رڪارڊ ڏکن سان پريو پيو آهي. پر جيڪڏهن اسان اسپيني نسلي رڪارڊ کي ڏسنداسون ته معلوم ٿيندو ته انهن جا مقصد نهايت اوچي مقام تي پهچي چڪا آهن. اهو به معلوم ٿي رهيو آهي ته گذريل چئن صدين کان انهن مقصد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ئي ڪانه ڪئي وئي آهي. پر سوا صديءَ کان وٺي جمهوريتون قائم ٿي چڪيون آهن پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته انهن مقصدن کي پوري ڪرڻ جو احساس به موجود نه آهي. اهو ڏکوئيندڙ رڪارڊ گهڻو دڪدائڪ ته نه آهي. زنده شين وانگي تعجب جهڙو به نه آهي. ان کي دڪدائڪ سڏي ته سگهجي ٿو پر اهو هڪ اڳڪٿي وانگي هو. جڏهن اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا جي دريافت ٿي هئي ته چڻ هڪ نئين دور جي ابتدا ٿي هئي. ان کان پوءِ ايندڙ چئن صدين دوران يورپ ساري دنيا تي قبضو ڪري ورتو هو. يورپ جي نقطي نظر مطابق سڏريل دنيا يعني يورپي اقتصاديات ۽ اقتصادي استحصال، مختلف اقتصادي روپ ڌاري ساري يورپ کي چيپاٽندو دربدر ڪندو پهريائين آمريڪا، کي بعد ۾ ساري آفريڪا کي بعد ۾ ساري آسٽريليا ۽ اوسڪانيا ۽ ساري ڏکڻ ايشيا تي قبضو ڪري ورتو هو.

ڪولمبس کان وٺي هتان جي ملڪن ۾ وحشي جهنگلي ماڻهن کي غلام بڻايو ويو اهو ضرور سمجهڻ کپي ته يورپ کان سواءِ دنيا جا سڀ ماڻهو جهنگلي آهن ۽ اهڙو سلسلو هلندو رهيو. پيورٽو ريڪو (Puerto Rico) فلپائينس (Philipiens) ۽ گئام (Guam) ۾ 1898ع تائين اسپين اختيارن جو ضابطو هو. پاٽا گونيا (Pata gonia) کان ريوگرانڊ (Rio Grande) يا ان کان اتر اسان واري ڏکڻ اولهه واري علائقي تائين اسپيني ڪالونيائي (Colonial) اثر موجود آهي، جيڪو هاڻي به آهي ۽ مستقبل ۾ رهندو.

اسپيني نقش نگاري گهڻ رنگي ۽ گهڻين خوبين ۽ خاصيتن واري آهي، يعني هڪ ته ڪالونيائي آهي ٻيو ته اها ماتحت يا ٻئي تي منحصر رکڻ واري به هئي، ڇاڪاڻ ته ان جو دارومدار يورپ کان آيل گهڻين قومن تي هوندو هو. جيڪي مهم جوئي خاطر هتي اچي پهتيون هيون. سندس انحصار يونائيٽڊ اسٽيٽس تي به هو. يورپ کان اهي قوتون اڄ به آمريڪا جي اصلي رهاڪن سنڌين کي پنهنجي مقصدن لاءِ ڪتب آڻي رهيون آهن. هڪ پاسي کان هنن

ماڻهن جو بي انت استحصال ٿي رهيو آهي، ايئن محسوس ٿي رهيو آهي ڄڻ يورپي ماڻهو جنم جنم جا بکيا آهن. اهڙو استحصال هو لڪ چوري ۾ نه پر ڏنو واڻو ۽ ڏاڍي بي حيائيءَ سان ڪري رهيا آهن. تڪڙي فائدي لاءِ پورهيو ڪندڙ ماڻهن کي ختم ڪري رهيا آهن. هُنن پاسي کان اخلاق ۽ انساني انصاف نياءَ ۽ نيت پت ۽ نيڪ مقصد بر سر جنگ آهن.جيڪي ازل کان ابد تائين جاري آهن ۽ صدين تائين جاري رهندا. مٿي بيان ڪيل پهرينءَ ڳالهه سان واسطو اسپين جي حڪمران جو آهي، جنهن جو مقصد ته ان ساري آدمشماري کي قتل ڪري انهن وٽ موجود سون تي هڪدم قبضو ڪجي. ٻي ڳالهه ته انهن کي خوش رکجي، هنن کان محصول اوڳاڙيا وڃن ۽ اهڙن مستقل مفادن تحت هنن کان سون حاصل ڪرڻ کان گهڻو وڌيڪ پيسو حاصل ڪري سگهجي ٿو جڏهن ته مٿي بيان ڪيل ٻي ڳالهه جو واسطو هن حقيقت سان آهي ته انهن ماڻهن جي ترقيءَ واسطي سماجي سڌارا آندا وڃن ۽ انساني همدردي جي بنيادن تي ساري انساني استحصالي قوتن خلاف جنگ جو اعلان ڪرڻ گهرجي. هنن جي دنياوي ۽ روحاني فائدن لاءِ پاڻ پتوڙڻ گهرجي. اهڙن مقصدن حاصل ڪرڻ واسطي هر استحصالي قوت خلاف جهيڙو ڪرڻ گهرجي.

موجوده دور جي سامراجي ۽ استحصالي طاقتن ۾ به اهي ساڳيون ڳالهيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ۽ استحصال جو شڪار ٿيندڙ انساني گروهن ۽ استحصال ڪندڙ سامراجين جي وچ ۾ سدا جو جهيڙو هلندڙ آهي. هن جو مجموعي نتيجو اهو نڪتو آهي ته استحصالي ۽ انساني همدردي واري طاقت ناڪام ٿي چڪي آهي. اصلي رهاڪن جو خاتمو ٿي رهيو آهي. سندن سماجي زوال نظر اچي رهيو آهي. فاتح خون ۾ ترقي لاءِ سست رفتاري اچي وئي آهي جن هر شيءِ کي بگاڙي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. هتان جي سفيد چمڙي اقليت ۾ هڪڙيون ڪالونيون ڇڏي ٻين کي هٽ ڪرڻ لاءِ هتان اصلي رهاڪن جي وڏي ڏاڍ ۽ ڏمر جو مظاهرو ڪري رهي آهي. ان ڪري اسپين معاشري ۾ تباهه ڪاري جو اندروني عمل شروع ٿي چڪو آهي. غلام سندن مٿان جديد قومن جي حڪمراني جي دور ۾ عيسا مشنرين جو به پنهنجو هڪ ڪردار هوندو آهي، اسپين ۾ ڪليسا ۽ تاج جي فتح هڪ جهڙي هوندي آهي، اسپين جي حڪمران اتان جي پوپ کي وڏي انعام ڪرام ڏيندو رهندو آهي، تنهن ڪري انهن ٻنهي جا ڪم هڪ ٻئي سان واسطو رکندا آهن. ۽ ڪن مذهبي اصولن

ڪان سواءِ اسپين جي بادشاهہ کي ڪليسا جو وڏو متعلم ڪيو ويو آهي، تنهن ڪري اسپين جي حڪمرانن جي فتحن کي آخري ڪليسائي جنگين جو نالو ڏنو ويو هو. ڪڏهن اسپين جي بادشاهہ ۽ پوپ جي وچ ۾ ڪن مفادن تان جهيڙو ٿيندو هو. جيڪو گهڻي وقت تائين هلي ڪونہ سگهندو هو ۽ جلد ئي ٻئي دشمن ڏريون پاڻ ۾ ٺهي کير کنڊ ٿي ويندڻيون آهن. ڪليسا جي دنياوي حڪمن بادشاهہ جي ڪليسائي حيثيت جي ارادن وچ ۾ تضاد موجود هوندو آهي، پر جيئن تہ اسپين جي بادشاهہ کي ڪليسائي اڳواٽي ۽ تاج واري طاقت هوندي آهي، تنهن ڪري ان جي حيثيت ڪليسا جي پوپ جي پيٽ ۾ اهم هوندي آهي. فتح واري پهرين صديءَ ۾ ڪليسا جا ڪجهہ حڪم ڪڏهن ساري جو سارا حڪم، اسپين جي اهم حڪمت عملي جي نمائندگي ڪندا هئا، حقيقت اها هئي تہ اهي سيئي حڪم اسپين جي حڪمران جا روايتي ۽ اصولي مددگار هئا.

**

باب ستون

# آمريڪا جا سنڌي ۽ جمهوريتون

نئپولين 1808ع ۾ اسپين تي حملو ڪيو ۽ اتان جي حڪمران فرڊيننڊ (Ferdinand) کي باندي بڻائي ڇڏيو. ماڻهن مڙسيءَ سان مهاڏو ڏنو هو. هو سر ترين تي رکي وڙهندا رهيا. نئپولين ساري دنيا فتح ڪرڻ پئي چاهي. پر اسپيني ماڻهن جي اهڙي ويڙهه ڪري دنيا فتح ڪرڻ جا سندر سپنا ساپيا جو روپ ڌاري ڪونه سگهيا هئا. اهوئي زمانو هو جو اسپين جي آمريڪي بيٺڪي راڄن ۾ آزاديءَ جي جنگ شروع ٿي چڪي هئي ۽ اتان جا ماڻهو اسپيني شهنشاهه مان جان آجي ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيا هئا. اها گهرو جنگ سان گڏ آزاديءَ جي ويڙهه به هئي. وڏي جاکوڙ ۽ جتن کان پوءِ 1826ع ۾ کين آزادي ملي هئي. ان وچ واري عرصي دوران ڪرڪولس (Crcoles) ۽ ميسٽيزوس (Mestizos) جي جوڙڪ ۾ وڏي ڦيرگهير اچي وئي هئي ۽ هنن پنهنجو قانون تيار ڪري ورتو هو. پوري صدي تائين لامحدود اختيارن جا مالڪ بڻجي ويا هئا. پر سنڌين جو رت ميسٽيزوس سان رلي ملي ويو هو جيڪي اجا به غلام هئا.

ميڪسيڪو ۾ آزادي جي جاکوڙ هڪ سوشل انقلاب جي روپ ۾ اٿي کڙي ٿي هئي. هن قسم جي انقلاب جا اڳواڻ به پادري هئا. جن جو و اسطو رومن ڪئٿولڪ فرقي سان هو ۽ اها جنگ سنڌي ماڻهن شروع ڪئي هئي. هنن ٻنهي مان پادري جو نالو مائگيوئل هائيڊلگو (Miguel Hidalgo) هو. جنهن جي ڪسر انقلاب جي ابتدا وقت پنجاهه پنجونجاهه سال هوندو. هن پادري ڏون واسطو ڪيروگا جي اصولن تي ڪم ڪيو هو ۽ هن جي طريقي مطابق ڪپڙو اُڻڻ

يعني ڪورڪو ۾ ڪنيارڪو ڪم سيڪاريو هو. جيڪي پاڻ گڏجي وچي ڪم ڪندا هئا ان ڪان سواءِ ماڪي، پٽ ڪيئان پالڻ ۾ انگور پوکڻ سيڪاريا هئا. مڪاني اختياري وارن سنڌين جا پوکيل انگورن دولوريس (Dolores) وارا باغ اجاڙي ناس ڪري ڇڏيا. ان ڪان سواءِ ڪڪر ڪيٽارو (Qucrctaro) وارن انگورن جي باغن کي تباهہ ڪري وچي مٿي چڙهيا هئا. هي هائيڊلگو جو صدر مقام هو جتي هو پاڻ رهندو هو. مورخ زاراٽڪ (Zaratc) جي بيان مطابق ڊولوريس جي چرچ جا گهنڊ گڙي رهيا هئا، جيڪي سنڌين کي سڏيندا هئا سي خاموش ٿي ويا هئا. نيو اسپين ٽن صدين تائين هٿياربند رهيو. جتي آزادي جا نعرا گونجي رهيا هئا ۾ ميڪسيڪو واري ڌرتي تي جنگ جا دنبها ٻُري رهيا هئا. جيڪي اتر وارن رڻ پٽ علائقن ڪان وٺي ڏکڻ اسميسينٽا (Ussmicinta) جي ساموندي ڪناري تائين پڌبا هئا.

هائيڊلگو پنهنجي جهنڊي ۾ سنڌي ورجن آف گواڊا لوپ (Vergin of Guadalupe) جي تصوير هٽي ڇڏي هئي. هن ڇهن هفتن تائين 80000 فوج جي ڪمانڊ ڪئي جيڪا (Spekes Machetes) ۾ ڪانپارٽن (Slings) تيرن ڪمانن سان هٿياربند هئا. هنن ماڻهن جو اهڙي فوج سان مقابلو ٿيو هو جيڪا جديد هٿيارن سان مسلح هئي. اها بہ هوريان هوريان ٿيندي ختم ٿي وئي. دشمن فوج پيش پوڻ ۾ معافي وٺڻ چاهي پئي پر هائيڊلگو نہ ڏني. ان ڪان پوءِ حڪم ڪيائين تہ جن سنڌين کي غلام طور ٻڌي سوگهو ڪيو تن کي هڪدم آزاد ڪيو وڃي، خراج وٺڻ بند ڪيو وڃي ۾ گئاڊالا جارا واري علائقي مان سنڌين ڪان ڪسيل زمينون کين واپس ڪيون وڃن. پر دشمنن هائيڊلگو کي فريب سان قتل ڪرائي ڇڏيو جنهن ڪان پوءِ هڪ ٻئي ڳوٺ جي پادريءَ کي هن عوامي فوج جي ڪمانڊ سونپي هئي. ان ڪان پوءِ بوربن (Bourbon) وارن اسپين جي حڪمران جي آڻ مڃي هئي ۾ هڪ تازي فوج وچي ميڪسيڪو تي ڪاهي آيا هئا.

ٻيو پادري جوز ماريا مور ڪولس (Jose Maria Mor Clos) جو پيءُ هو. جنهن 1808ع ۾ 1813ع جي وچ واري دور ۾ ميڪسيڪو جي عوام جي وڏي حصي جو اڳواڻ هو. هن نيشنل ڪانگريس سڏائي هئي، جنهن ۾ آزادي جو اعلان ڪيو ويو هو. پر بوربنس جي موٽي اچڻ ڪان پوءِ هو ماٺ ٿي ويو هو. هن سان جيڪي ماڻهو گڏ هئا تن تي ايذا تہ ڏاڍا ۾ قهر ڪيا ويا هئا جن جو بيان

ڪرڻ مشڪل آهي. هن کي 1815ع ۾ گرفتار ڪيو ويو. پادرين جي احتساب واري اداري اعلان ڪيو هو تہ هو مرتد ٿي ويو آهي، جنهن ڪليسا جي نظام ريک هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو آهي. ان کان سواءِ هن بتسما جهڙين مقدس ڳالهين جي توهين ڪئي اهي هي نہ رڳو مرتد آهي پر (Schismatic).

(Lascivious) خدا، بادشاهہ ۽ ڪليسا سان منافقي ڪئي آهي، مٿس اهڙي قسم جا ڏوهہ قتل ڪرڻ جو هڪ ڍونگ رچايو ويو ۽ آخر قتل ڪيو ويو. آزادي واري اٿل پٿل ڪٿان شروع ٿي هئي، سان هن ڪتاب جي دائري کان ٻاهر آهي. پر آزادي جي هلچل واري دور کان پوءِ اهڙن نظرين ۽ سياسي آزادي جي ڳالهين کي ذڪڻ آمريڪا جي آئينن (Constitutions) ۾ لکيو ويو آهي، پر انهن آئينن ۾ جن کي عظيم بوليوار (Bolivar) کان اتساهہ مليو هو. اسپين جي آمريڪي بينڪي علائقن ۾ آزادي پنهنجي ڌرتيءَ جي پيداور هئي، جتان جي ڄٽين سفيد چمڙيءَ وارن ماڻهن سان گڏ ميسٽيزوس، ڪولوس، لئڊينوسو (دوڳلو نسل) ۽ سنڌي گڏ هئا. ميڪسيڪو وانگي هتي بہ سنڌين جو تعداد سيني کان وڌيڪ هو.

معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ آزاديءَ جي هلچل ۾ اهم ڪردار سنڌين ادا ڪيو هو. پر آزادي کان پوءِ سنڌين کي هيسائي دڙبائي صفا هيٺ رکيو ويو هو. ابتدائي ڪارروائي ۾ ڪانئن زمينون کسيون ويون هيون. انفرادي ۽ گڏيل زمين جي وڪري لاءِ کين زور پريو ويو هو. اهڙي ريت ان کان سواءِ سندن زمينن کي پائي وچڻ جو عمل بہ جاري هو جنهن لاءِ ڪابہ روڪ ٽوڪ ڪانہ هئي پيرو ۾ ڪمينڊا ڊيس (Comundads) لاءِ اعلان ڪيو ويو تہ اها قانوني طور نہ ڪارپوريشن آهي نہ وري شخص هجڻ جي دعويٰ ڪري سگهي ٿو. تنهن ڪري کين منع ڪئي وئي هئي پنهنجي حقن جي حفاظت لاءِ ۽ ڪورٽن ۾ نہ وڃڻ، ان کان سواءِ سنڌين جو جتي ڪٿي بيدخليون شروع ٿي ويون هيون. بولي ويا (Boli Via) بہ سنڌين جو علائقو هو جنهن ۾ 1871ع کيس ڪجهہ مهلت (Inter musson) ملي هئي. ”بوليويا“ جي ڊڪٽيٽر مڪل گاريجو (Mclgarejo) پنهنجي حڪم سان ڪينڊا ڊيس ختم ڪري ڇڏيا هئا. جنهن ڪري ڳوٺن جو گڏيل زمينون شخصي ملڪيتون قرار ڏنيون ويون هيون ۽ سفيد چمڙي وارن کي اهڙين زمينن خريد ڪرڻ جي اختيار ڏنا هئا پر 1871ع ڏارا مڪل گاريجو جو تختو اونڌو ڪيو ويو هو. نيئن حڪومت ان قانون کي رد ڪري ڇڏيو جنهن

مطابق اڇن چمڙين وارن ماڻهن ڪي سنڌين جي زبردستي زمين خريد ڪرڻ جا اختيار ڏنا ويا هئا. پر اهڙي خريد وڪري جي اجازت ڏيندو جنهن ۾ سنڌين پنهنجي مرضيءَ مطابق بنا زور ۾ زبردستي زمين وڪرو ڪئي هئي. ڪميندا ڊيس مزدورن جي رسد جا خزانا هئا, تنهن ڪري انهن ڪي اقتصادي نقطہ نظر کان اهم سمجهيو ويو هو ان ڪري سنڌين جو ڪنهن حدتائين بچاءُ ٿي ويو ۽ ڪين برداشت ڪيو ويو هو. اها حقيقت بہ آهي پر ان ۾ بہ منافقي ۽ حسد موجود هو. تنهن ڪري اهڙين ڳالهين جي ضرور وضاحت ٿيڻ گهرجي, انهيءَ زماني ۾ پيرو ۽ ميڪسيڪو ۾ سنڌين جي آدمشماري وڌڻ شروع ڪيو هو. آدمشماري جا انگ اکر نہ اڳي صحيح هئا نہ وري هاڻي صحيح آهن. پر 1805ع کان وٺي 1810ع تائين ميڪسيڪو جي سنڌين جي آدمشماري پنجويهن لکن کان سٺ لکن تائين پهچي چڪي هئي. هي آزادي ۽ انقلاب جو شروعاتي دور هو. انهيءَ ساڳئي زماني ۾ ميسٽيزوس مطابق سنڌين جي ميڪسيڪو واري آدمشماري ويهن لکن کان وڌي اسي لکن تائين پهچي چڪي هئي. انقلاب کان پوءِ آنڊير (Ander) واري علائقي ۾ بہ انهيءَ دور ۾ سنڌين جي ٻيڻي آدمشماري ٿي وئي هئي ۽ اهو گهٽ ۾ گهٽ تعداد سمجهيو ٿو وڃي. سنڌين جي آدمشماري ۾ ايتري واڌ فقط ڪن اهم دنياوي فائدن ڪري ڪانہ ٿي هوندي پر اهڙيون دنياوي ڳالهيون مستقل طور موجود هيون. پر هر ماڻهو هن سمجهڻ تي ضرور مجبور ٿيندو تہ ڇا سنڌين جو روح, اسپين کان آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي تحت شعور اندر اعتماد حاصل ڪري روتو هو؟ شايد هنن کي اها ڄاڻ هئي ۽ ڪين پڪي اميد هئي تہ هڪ صديءَ جي بي پناهہ قهر ۽ ڪيس کان پوءِ سندن ڀاڱ جاڳي پوندا ۽ مري وڃڻ کانپوءِ هو ٻيڻي طاقت سان جئرا ٿي پوندا. ان کان پوءِ جيئڻ جو پڪوپهہ ڪري اپرندا ۽ مرڻ کان منهن موڙي ڇڏيندا. اهو سنڌين جو اٽل ارادو هوندو. سنڌين جي سوچ ۾ هيءَ ڳالهہ وسهي وئي هئي تہ اسپيني ماڻهن جي موجودگي جڻ تہ موت جي موجودگي جو اعلان آهي ۽ اسپيني ماڻهن جو تختو اونڌو ڪرڻ موت جي علامت ۽ اعلان جو تختو اونڌهو ڪرڻ آهي. پر اسان کي اها پوري ريت ڄاڻ آهي تہ اسپين کان آزادي ملڻ کان پوءِ سنڌين جي آمدشماري تمام گهڻي وڌي وئي هئي.

انهيءَ زماني ۾ ميڪسيڪو تي پور فيربو ڊياز (Porfirio Diaz) جي حڪومت هئي جنهن سنڌين جي وڌيڪ اهڙي آدمشماري کان ڊڄي ويو هو.

سمجهيو هئائين تہ جيڪڏهن سنڌين جي آدمشماري انهيءَ رفتار سان وڌندي رهندي تہ عوامي انقلاب اڻ ٽر آهي. ان ڪان پوءِ وري سوشل انقلاب ايندو جنهن کي ڪابہ طاقت روڪي ٽوڪي ڪانہ سگهندي. ان ڪان پوءِ هن سنڌين جي قانوني ۽ بي قانوني بيدخلي (Expropreation) جو عمل شروع ڪيو هو. اهڙيءَ ريت ميڪسيڪو واري هاري علائقي ۾ سنڌين ڪان زمينون کسيون ويون هيون. يا ڪوس (Ya Quis) جي سنڌي ذات کي غلام ڪري يوڪاتا (Yukata) تان جلاوطن ڪيو ويو هو. ٻين جي مقابلي ۾ هئسينڊاس (Hacendas) وڏيڪ سخي هو جيڪا هڪ سنڌي پورهيت کي ڏهاڙي جا اٺ سينٽ (Cent) ڏيندي هئي جنهن وسيلي هو پنهنجي گهر جو خرچ پکو پورو ڪري سگهند اهئا. پر هئسينڊاس جو اهڙيون شڪايتون هلنديون وڃي ميڪسيڪو تائين پهتيون هيون.

هنن ماڻهن وٽ زمين جا ٿورا ٽورا ٽڪرا موجود هئا جن تي پاڻ پهچي سگهندو هو ۽ آبادي لائق هئي. پر اهڙيون زمينون استعمال ڪري ڪونہ سگهبيون هيون، پر اهي سنڌي مزدورن جي رسد تي هڪ هٽي قائم ڪرڻ لاءِ ڏنيون ويون هيون. اناج جي چرپر تي وڏو محصول لڳايو ويو. تنهن ڪري ذخيرو ڪري رکيو ويندو هو. جڏهن اناج جا اگهہ چوٽ چڙهي ويندا هئا تہ مارڪيٽ ۾ آندو ويندو هو. سنڌين کي روڪيو ويو هو تہ زراعت ۾ اڳتي وڌائي وڃي ۽ ترقي ڪان پاسو ڪيو وڃي.

ان ڪان سواءِ ڊياز جي حڪومت دوران ميڪسيڪو جي زمين ڌارين کي ڏني وئي هئي ۽ انهن کي ڏني وئي هئي جيڪي ميڪسيڪو ۾ رهندا ئي ڪونہ هئا.ان ڪان سواءِ ڪاٺين ۾ تيل جي دولت بہ ميڪسيڪو جي اصلي رهاڪن لاءِ ممنوع هئي. اهي سڀ شيون وڏيءَ رعايت سان فقط ڌارين لاءِ هيون. هن دور نون يانڪيز (Yankees) واڳون جهڙو وات ڦاڙي هيڏي هوڏي گهمندو ڏٺو هو جيڪي اسپين وارا غلاميءَ جا زنجير ڪلهن تي رکيون رلندا وتندا هئا. اهي سيئي عنصر ٻين سان گڏ ڏکهي ۽ ونگي رستي سان هلڻ لڳا هئا جيڪو انقلاب ڏانهن وڃي رهيو هو. نيٺ هنن ڊياز جو تختو اونڌو ڪيو. انهيءَ انقلابي پروگرام ۾ سنڌين جو زراعتي سڌارن لاءِ آواز جو وڏو پڙاڏو هو. ان جو اهو اثر ٿيو هو جو 1915ع ۾ زمين جي نئين سر تقسيم کي هڪ قانوني حيثيت ملي هئي. 1917ع ۾ جڏهن آئين تيار ڪيو ويو تہ ان ۾ بہ زمين نئين تقسيم کي شامل ڪيو ويو

هو.

هن وقت بہ ميڪسيڪو جي اقتصاديات جو بنياد پوڪي راهي آهي. عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو دارومدار بہ زراعت آهي پوڪي راهي جي ڪرتا بہ سنڌين جي هٿ وس آهي. ساري اقتصاديات جي تصوير فصلن جي پيداوار آهي.

1930ع ۾ هتان جي فصلن جون 34 جنسون هيون جن مان 58 جنسون اناج جي پيداوار هئي. اناج جي2/3 ايراضيءَ جي في هيڪٽر پيداوار ڇهہ ڪئانٽل آهي جڏهن تہ اسپين جي في هيڪٽر پيداوار 15.5 ڪئانٽل، 14 ڪئانٽل فرانس 22.7 ڪئانٽل ڪئناڊا ۽ 20.9 ڪئانٽل آسٽريا جي آهي. ميڪسيڪو جي ساري زمين جو 9.4 فيصد حصي ۾ ڪڻڪ پوڪي ويندي آهي ۽ اها زمين آبپاشي نظام وسيلي آباد ڪئي ويندي آهي. في هيڪٽر پيداوار 6 ڪئانٽل آهي جڏهن تہ اٽلي جي في هيڪٽر پيداوار 13 ڪئانٽل اٽلي جي في هيڪٽر پيداوار 13 ڪئانٽل يونائيٽڊ اسٽيٽس 9.7 ڪئانٽل ۽ ڪئناڊا 11.5 ڪئانٽل آهي. هتان جا سنڌي فرائجولس (Frijoles) ڪائيندا آهن. ان فصل جي پيداوار اسپين جي ڀيٽ ۾ سراسري طور پنجوڻ تي گهٽ لهندي آهي.

پتو نہ آهي تہ سندن فصلن جي پيداوار ايتري گهٽ ڇو آهي؟ انقلاب مخالف ڌر جي ترجمان جو چوڻ اهي تہ فصلن جي گهٽ پيداوار جو ڪارڻ اهو آهي تہ وڏين جاگيرن کي ننڍين ٽڪرن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي ۽ زمين جا اهي ننڍا ٽڪر آباد جي لاءِ سنڌين حوالي ڪيا ويا آهن. پر حقيقت اها آهي تہ ان گهٽ پيداوار لاءِ سنڌي نہ پر اينڪميناڊا ۽ هئسيناڊا (Hancendas) وارو طريقہ ڪار ذميوار آهي جنهن ۾ اڻ ڳڻت اوٽايون آهن ۽ اهڙو طريقو پوريءَ صدي کان وٺي هلندو پيو اچي. ان ۾ سنڌين جو بيجا استحصال ٿي رهيو آهي ۽ موٽ ۾ کين ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو ملي. اهوئي ڪارڻ آهي تہ سنڌين جو زمين ڏانهن رويو بہ اهڙو آهي. هو جڻ زمين جي ڪاهين وانگي ڪوٽائي ڪندا آهن پر پوکي راهي ڪونہ ڪندا آهن. 1910ع کان هڪ صدي اڳ سنڌين جو ٻنيءَ سان واسطو گهٽبو پيو اچي جڏهن تہ آدمشماري اڳئين جي ڀيٽ ۾ گهٽي وڌي وئي آهي. وٽن هن کان سواءِ ٻيو گس ڪونہ آهي تہ موت تائين زمين جي ٿوري ٽڪري کي آباد ڪندا رهن. هنن ماڻهن وٽ ڪم لاءِ پئسي سيڙائڻ لاءِ موڙي ڪانہ آهي. اهڙا ادارا بہ ڪونہ آهن جو اهڙي سيڙپ لاءِ کين اڌاري رقم ڏئي سگهن. کين پوکي راهي جي اوسر لاءِ ڪو ادارو صلاح مشوري ڏيڻ لاءِ تيار

ڪونہ آهي. هئسينڊوز جهڙا ادارا ڪن خاص ڳالهين کان سواءِ پوڪي راهيءَ ڏانهن ڌيان ڪونہ ڏيندا آهن ۽ هو ان ۾ راضي هوندا آهن تہ فقط جبري پورهيو هلندو رهي. پر پوڪي راهي سان لاڳاپيل جديد اوزار ڪتب آڻڻ ڏانهن اک کڻي بہ ڪونہ ڏسندا آهن. هي ماڻهو چنجورن ۽ ڪوڏارن سان زمين جي کوٽائي ڪري ويندا آهن. اها کوٽيل پُرپري زمين تيز هوائن تي اڏامي ويندي آهي يا وري مينهن جو پاڻي لوڙهي ويندو آهي. تنهن ڪري ان زمين ۾ پوڪي راهي پلي ڪانہ ٿيندي آهي ان کان سواءِ هڪ ٻي بہ مصيبت آهي جيڪا اڳي بہ هئي اها مصيبت مائيٽي آهي جيڪڏهن ان جو ڪو تدارڪ نہ ڪيو ويو يا ان کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪي مفيد رستا اختيار نہ ڪيا ويا تہ ميڪسيڪو جي پوئتي تي پوکي راهي جو مستقل اونداهو رهندو. اها مصيبت هي آهي تہ ميڪسيڪو خط استوي واري پٽي ۾ آهي جتي گرمي تمام گهڻي هوندي آهي، تنهن ڪري ايندڙ صديءَ تائين پوکي راهي ۾ جا حال اهي ساڳيا هوندا. پوکي راهي تي خرچ وڏيڪ ۽ اپت گهٽ آهي جنهن جياپي کي اجيرن بڻائي ڇڏيو آهي، پر اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هتان جون ٻنيون ٽڪجڻ جون ڪونہ آهن. پر هي ڳالهہ هيئن سان هنڌائڻ ضروري آهي تہ يونائيٽڊ اسٽيٽس جي لک ايڪڙ زمين ميڪسيڪو وانگي خط استوي ۾ آهي. (تفصيل لاءِ ڏسو دي ايجيڊو The Ejigo' جنهن جو موضوع آهي تہ ميڪسيڪو مصيبتن کي ڪيئن منهن ڏئي سگهي ٿو. هن ڪتاب جو مصنف آئيلراين همپسن (Eyler N. Sampson) آهي جيڪو يونيورسٽي آف نارٿ ڪئرولينا جي پريس 1937ع ۾ ڇاپيو هو.)

هن کان سواءِ جي بہ هڪ بنيادي حقيقت آهي جنهن کي هتي ورجائڻ نهايت ضروري آهي، ميڪسيڪو جي ٻهراڙي يا ميڪسيڪو جي سنڌي ٻهراڙي قديم دور کان وٺي هڪ وسيع قسم جي ايڪائي (Unit) آهي جنهن کي مڪاني برداري سڏي سگهجي ٿو. اهو علائقو ڄڻ تہ ڳوٺن جي دنيا آهي يا ائين چئجي پيلوز (Puels loes) جي هڪ وسيع جهان آهي. ازيڪ تهذيب جي ختم ٿيڻ وارن سالن کان ٿورو اڳ هتي هزارين ڳوٺ آباد هئا. انهن ڳوٺن مان هر هڪ کي پنهنجي زمين هوندي هئي. ميڪسيڪو جي فتح کان هڪ صدي اڳ جنگي جوڌن کي جاگير طرح زمين ڏني ويندي هئي جنهن جي ڍل موصول اهي وصول ڪندا هئا. اهڙي جاگير ٻين انهن ماڻهن کي بہ ڏني ويندي هئي. جيڪي ملڪ جون نمايان خدمتون سرانجام ڪندا هئا. اسپين جي دور ۾ مذڪوره


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

زمينون اينڪيندو ۽ ريپاربڏ هيئنو وسيلي سنڀاليون ويندڙيون هيون.پر پوءِ سنڌي زندگي جي هڪ ايڪائي (Unit) جي صورت ۾ پيلو بہ موجود هوندا هئا. اسپيني قانون ۾ انتظاميہ انهن کي تسليم ڪيو هو ۽ پاڻ سان شامل ڪيو هو ۽ سندن زمينن بچائڻ جي ڪوشش بہ ڪئي هئي، معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ اسپين کان آزادي ملڻ کان پوءِ مختلف طريقن سان ڪانئن زمينون کسيون ويون هيون. ڏياز (Diaz) حڪومت دوران هنن کان سڀ زمينون کسيون ويون هيون.

باقي ڳوٺ ڏاهڻ کان بچي ويا هئا. ميڪسيڪو جي ماڻهن جي دلين ۾ سنڌين جي پيلو بابت هڪ خاص نقطہ نظر هو سندن خواهش هئي تہ اهي ترقي ڪندا رهن، چاڪاڻ تہ اهي پيلو ميڪسيڪو سان لاڳاپيل هڪ اڻ مٽ حقيقت آهي.

1910ع واري انقلاب دوران 10632000 سنڌي ۽ بلڪ مسڪين ماڻهو 61284 ڳوٺن ۾ رهندا هئا. جن مان آخرين تي ڳڻن جيترا ڳوٺ هئا. جيڪي پنهنجي پيٽ گذر لاءِ هٿ پير هڻندا هئا. انهن جي جياپي جو سارو دارومدار زمين جي وڏين ايراضين تي هوندو هو.

جڏهن زراعتي انقلاب آيو تہ هو ڪنهن کي اها جاڻ هئي تہ زمينون ڪنهن کي ملنديون جيڪي نظرياتي، انتظامي ۽ عملي طرح ڳوٺن کي ملڻيون هيون. اها اسان جي دور جي اهڙي جمهوريت هئي جنهن ۾ مرڪز بااختيار ڪونہ هو جيڪو ميڪسيڪو جو ايجيدال (Ejidal) پروگرام هو.

پتو نہ آهي تہ ان زراعتي انقلاب ۾ ايجيدال وارو منصوبو ڪهڙي ذريعي وٺان شروع ٿيو هو جيڪو عام ماڻهوءَ کي زمين واپس ڪرڻ جو رڳو منصوبو ڪونہ هو؟ ماڊيرو (Madero) هڪ انسان دوست بٽسيندو (Bascendo) هو. جنهن 11_1910ع دوران انقلاب جي اڳواڻي ڪئي، پر هن منصوبي بابت هن سوچيو بہ ڪونہ هو. حقيقت اها هئي تہ انقلاب جي ابتدائي دور ۾ انتهائي اهم سياسي ايجنڊا ڪٽڻ ان انقلاب جو حصو ڪونہ هو. اهو انفرادي ذريعو هو جنهن هن انقلاب اندر مذڪوره پروگرام جو اعلان ڪيو ۽ ان لاءِ وڙهيو سو هڪ Peon هو. جيڪو حصي تي ٻني ڪاهيندو هو هن ماڻهوءَ کي ٻيو تہ نهيو پر ڪيس لکڻ ۽ پڙهڻ بہ ڪونہ ايندو هو. ايميليانو زپاٽا (Emiliano Zapata) انقلابي ماديرو (Madero) سان گڏ هو ۽ ڪيس وڏي سهائتا پرماڊيرو جڏهن زرعي انقلاب کي اڳتي وٺي وڃڻ کان نابري واري ويهي رهيو هو تہ ايمبليانو زپاٽا هن جي خلاف

بغاوت جو ڦريرو ڦڙڪايو. چاڪاڻ تہ ماڊيرو ايميليانو زپاتا جي پيش ڪيل زريعي اصلاحات کي قبول ڪيو پر پوءِ ڦري ويو هو. سنڌي هن جي آڌر ۾ سهائتا لاءِ اڳتي وڌي آيا. سنڌن تعداد جو ڪو انت شمار ڪونہ هو. جلد ئي هن مورلاس (Morelos) ۽ جئلسڪو (Jealisco)، گيوريرو (Guerero) ۽ پيلو (Puebla) تي قبضو ڪري ورتو جيڪو ڪڏهن ميڪسيڪو جو مرڪزي علائقو هو. ماڊيرو زپاتا جي ان انقلابي سگهہ کي فوج جي مدد سان ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ان وقت ايميليانو زپاتا ڊي اوالا (De Avala) جو نعرو هنيو هو جنهن جو مطلب هو تہ زمين جي نئين سر تقسيم ڪئي وڃي ۽ اهي ايجيڊوس (Ejidos) حوالي ڪئي وڃي. جيڪڏهن سرڪار هن ڏس ۾ ڪو ٻوٽو ڪونہ ٻاريو تہ عام ماڻهو اهي زمينون هٿيارن وسيلي پاڻ هٿ ڪري وٺندا. ان کان سواءِ ماڻهو يعني فقط سنڌي اڳتي وڌيا اهو 1911ع جو واقعو آهي ان کان بعد هيورتا (Huerta) ماڊيرو جي انقلاب خلاف انقلاب آندو هو ۽ سندس تختو اونڌو ڪري ڇڏيو. هيورتا خلاف وري وينسيٽانو ڪرانز (Venusteno Caranza) خلاف بغاوت ڪئي ۽ 1914ع ۾ هيورتا کي ڌڪي ٻاهر ڪڍيو ويو. اهڙي ريت پنجن هفتن جي ويڙهہ ۽ قتل عام کان پوءِ ويستيانو ڪرانزا سوڀارو ٿيو. ڪيس ايميليانو زپاتا جي پٺڀرائي حاصل هئي. هن زپاتا سان واعدو ڪيو هو ۽ پليٽ فارم بہ ان جو استعمال ڪندو هو ۽ (Blugeon) بہ زپاتا جو ڪتب آندو هو. بعد ۾ هن ڊي ويرا ڪروز (De Vera Cruz) جو اعلان ڪيو جنهن ۾ زمين جي تقسيم واري منصوبي جو بہ اعلان ڪيو ويو هو. جنهن مطابق انهن زمينن جو انتظام ايجيڊوس جي حوالي ڪيو ويو هو.

پر ڪرانزا ايجيڊوس لاءِ ڪم ڪرڻ ۾ سوڀارو ڪونہ ٿيو. اهڙيءَ ريت 1915ع کان 1920ع تائين فقط 190 پيبلو پنهنجي زمين حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا. ۽ 180.000 هيڪٽر زمين 48000 ايجيڊوس کي ڏني وئي هئي. اهڙي نراس وايومنڊل کي ڏسندي زپاتا وري بغاوت جو جهنڊو هٿ ۾ کنيو. 1920ع ۾ جنرل اوبرنگون (Obregon) ۽ سندس ماڻهن سونورا (Sonora) مان جنگ جو اعلان ڪيو هو. سندس نقطہ نظر هو تہ انقلاب جي مقصدن کي پورو ڪيو وڃي. هن اهڙا واعدا ڪيا ۽ انهن جي پاڙڻ جو بہ يقين ڏياريو هو. هو ٿوري وقت اندر هاري ملڪ تي ڇانئجي ويو. ڪرانزا مارجي ويو ۽ اوبريگون ملڪ جو صدر چونڊجي ويو.

زرعي انقلاب لاءِ اجا تائين بہ لفاظي استعمال ٿي رهي هئي. ڊي ويرا ڪروز لاءِ قانون پاس ٿئي پورا ويهہ سال گذري چڪا هئا ۽ 1935ع تائين فقط اٺ ميلن هيڪٽر پبلوز کي موٽي مليا هئا. ايجيڊوس وارو منصوبو جنهن تحت پبلڪس کي پنهنجون زمينون موٽي مليون هيون تنهن جي شڪل صورت اها هئي جيڪا ايجيڊوس جي اڄ آهي، پر منجهن ڪي معمولي نوعيت جو ترميمون ڪيون ويون آهن.

ايگزيڪيوٽو ڪميشن جي معرفت هڪ ڳوٺ درخواست ڏني هئي تہ ان کي سندس زمين واپس ڪئي وڃي جنهن کي (Dolaten) يا (De noro) سڏجي ٿو. اها درخواست ملڪ جي ايگرائين ڪميشن (Agrarain Commisson) ڏانهن موڪلي وئي هئي جنهن سروي ڪرائي تہ زمين جي ڪهڙي ايراضي موجود آهي. ان کان پوءِ پيون بہ گهربل سرويئون ڪرايون ويون هيون، اسٽيٽ ڪميشن اهڙي رپورٽ گورنر ڏانهن موڪلي. جيڪو اهڙي رپورٽ ملڻ کان پوءِ قانوني طور اهڙي فيصلي ڪرڻ لاءِ پٻڌل هوندو آهي. جيڪڏهن گورنر جو فيصلو هاڪاري آهي تہ اها زمين مذڪوره پبلو جي حوالي ڪئي ويندي ۽ جيڪڏهن سندس فيصلو ناڪاري آهي تہ اهو ڳوٺ يا پبلو ڪميشن جي معرفت ملڪ جي صدر کي اپيل ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن صدر نيشنل ڪميشن جي سفارش جي فائدي ۾ فيصلو ڏنو تہ اها زمين ڳوٺ جي ملڪيت ٿي ويندي. ان صورت ۾ اها زمين ڳوٺ سان رعايت نہ پر ان جي قانوني ملڪيت سمجهي ويندي.

جيڪڏهن ڳوٺ زمين تي پنهنجو قانون حق ثابت ڪرڻ ۾ سوپارو ٿيو تہ سندس اهڙو حق ڪن ڳالهين کان سواءِ جاري رهندو هلندو جيڪڏهن حق جي اهڙي ثابتي موجود نہ آهي تہ اها زمين ڳوٺ کان کسي هو خاندان ۾ ورهائي ويندي هئي ۽ خاندان جي ان فرد کي ٽن کان پنج هيڪٽر زمين ملندي هئي جنهن جي عمر 18 ورهيہ هوندي هئي. اها زمين آبپاشي نظام سان ڳنڍيل هوندي يا جتي پوکي راهي لاءِ پاڻي موجود هوندو. جيڪڏهن زمين آبادي لائق ۽ خشڪ علائقي ۾ هوندي ۽ سادي هوندي تہ ڇهن کان اٺ هيڪٽر ڏني ويندي هئي. هن کان سواءِ اهو بہ معلوم ٿي رهيو هو تہ ڳوٺ ۾ ملندڙ زمين، اهڙي ڏنڏي واري ماڻهو يا اهڙي سرڪاري ملازم کي ملندڙ زمين کي شامل ڪونہ ڪيو ويو آهي جنهن جي پيداوار 1000 پئسو کان وڌيڪ يا ماهوار پيداوار 57 پئسو آهي. عام حالتن

۾ هئسينڊاس (Hacendas) جون يا وچولي ايراضيءَ واريون زمينون مالڪ ڪان ڪسي ڪونہ ٽيون سگهجن.

جيڪڏهن ڪنهن ڪي زمين تان بيدخل ڪري ڪانئس زمين کسي ويندي تہ مالڪ کي روڪ رقم بانڊ ملندا هئا. جن کي پچائي روڪ رقم بہ حاصل ڪري سگهبي هئي. ان کان سواءِ خاص قسم جا محصول بہ ان وسيلي ادا ڪري سگهبا هئا ۽ ڏنل بانڊ اعلان ڪيل زمين جي قيمت جي برابر هوندا هئا. زمين جي قيمت زمين جو مالڪ ڍل ڏيڻ لاءِ قسم کڻي ٻڌائيندو هو جنهن سان 10 فيصد شامل ڪيو ويندو هو. عملي طور اهو نظر اچي رهيو هو تہ بيدخلي (Expropreation) هڪ قسم جي گروي جو نمونو هو. پر انهن ساڳيا بئسيندوز (ڪٿي هنلفظ جي هجي هئسينڊوز ۽ ڪٿي بئسينڊوز آهي ۽ مان بہ هن لفظ ٻنهي تي هجي ۾ لکيو آهي مترجم) يا ان کان اڳ وارن ساڳئي قسم جي ادارن جڏهن بہ اها زمين ضبط ڪئي هئي تہ انهن جي مالڪن کي سون سالن تائين پاڻ وٽ گروي رکي ڇڏيو هو.

ايجيڊال (Ejidal) زمينون ڪنهن کي جاگير دور ڏئي ڪونہ سگهبيون هيون. پر برادرين کي ڏئي سگهبيون هيون. ايجيڊو اهڙي زمين کي گڏيل مقصدن لاءِ ڪم آڻي سگهي ٿو يا برادري جي فردن جي استعمال جي حق کي ڪم آڻي سگهي ٿو پر ڪنهن فرد کي ڏئي ڪونہ ٿو سگهي. ايجيڊو اسڪول تعمير ڪندو هو ۽ وفاقي سرڪار استاد مقرر ڪندي هئي ان کان سواءِ ايجيڊو جا مقرر ڪيل ثقافتي گروهہ هفتن يا مهينن تائين ملڪ جي مختلف حصن ۾ ڦرندا وتندا هئا. وچولي درجي جو سرڪاري ڪم بہ جتي ڪٿي ايجيڊوس ڪندا وتندا هئا. اٺ سو هزار (اٺ لک) خاندانن جا وڏا يا چار ملين (چاليهہ لک) سنڌي ايجيڊوس وارين زمينن وسيلي پنهنجو پيٽ گذر ڪندا هئا جن جو انتظام هو پاڻ هلائيندا هئا ۽ آزادي جو ساهہ کڻندا هئا.

ڊي ويرا منصوبي کي قانوني حيثيت ڏيڻ کان ويهہ سال پوءِ 1935ع ۾ ايجيڊال تحريڪ مٿان شڪ شبهي جا ڪارا ڪڪر ڇائنجڻ لڳا هئا ۽ ميڪسيڪو جي 2/3 بئسينڊوز ايجيڊوس کي هڪ هيڪٽر زمين بہ حوالي ڪانہ ڪئي هئي. ان ڪري زمين جي تقسيم ۾ سست رفتاري اچي وئي هئي. انهيءَ زماني ۾ اٽڪل رو ۽ 4500 ايجيڊوس موجود هئا. انهن جي هزارن فردن جو پاڻي تمام ٿورو هو جيڪو مناسب آبادي لاءِ بلڪل اڻ پورو هو. تنهنڪري

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

انهن جي زمين جي پيداوار قومي اقتصاديات ۾معقول حصو وٺي ڪانه سگهندي هئي. تعليم جو نظام آزاد طريقي سان هلي ڪونه رهيو هو جيڪو فقط اسڪول جي حدتائين هو ان ڪان سواءِ ڪريڊٽ (Credat) جو طريقو بہ مناسب ڪونہ هو جنهن وسيلي ايجيڊوس مرڪز جون تيار ڪيل مشينون خريد ڪري سگهن.

ميڪسيڪو ڪي زرعي پيداوار جي تمام گهڻي ضرورت هئي ۽ Capital) (goos ڪان سواءِ ايجيڊوس جي منصوبہ بندي ناڪام ثابت ٿيندي هئي. ان ڪري ايجيڊوس جي اقتصادي مهم جوئي ڪامياب ثابت ڪانہ ٿيندي هئي. جن ماڻهن ڪي چاڻ هئي تہ اهڙيون بهترين ڳالهيون ايجيڊال جي ڪري آهن سي اميد ۽ خوف جي وچ تي ڪنبي رهيا هئا. 1936ع ۾ مان ٿيون پيرو ميڪسيڪو ويو هوس ۽ حالتون ڏسي ڪي نوٽس ورتا هئا جيڪي اجا چپجي ڪونہ سگهيا آهن. انهن ۾لکيل پنهنجو هڪ حوالو هتي ڏئي رهيو آهيان:

نوان جوڙيل ايجيڊو نيو ميڪسيڪو ۽ آريزونا (Arizona) جي پيلو (Peelblo) (ڳوٺ) برابر ٿي ڪونہ ٿا سگهن. يونائيٽڊ اسٽيٽس ۾ موجود پيلوس بہ هڪ ڏکهي تسلسل جي شڪل ۾ ضرور موجود رهيا آهن جن جي نيم آزاد سماج ۽ پيچيده صورت رهي آهي، پر اٽوبهين صديءَ ۾ زمين جي بنيادي حيثيت رولهڙي جو شڪار بڻجي وئي هئي، پرڪوششن باوجود بہ تباهہ ٿي ڪانہ سگهي هئي. اتي موجود سنڌي برادرين جو طريقو دولت مشترڪ جهڙو هو يعني زمين ۽ ان جي پيداوار گڏيل ملڪيت هئي ۽ اهڙو طريقو ڪڏهن بہ ختم ڪونہ ٿيو هو. منجهن هڪ فرق ضرور موجود آهي تہ ميڪسيڪو جي پس منظر ۾ چار صديون سفيد ماڻهوءَ جي حڪمرانيءَ جون آهن. سنڌي برادرين جا فرد هاڻي تازو جبري پورهين جي زنجيرن ۽ غلاميءَ جي پيرن مان هو هاڻي آجا ٿيا آهن. هنن ماڻهن ڪي چوندڙ ڪرڻ جو ڪو حق مليل ڪونہ هو نہ وري ڪين ڪي ذميواريون سونپيون ويون هيون.

قومي امداد باهمي (Nation Cooperation Living) جي طرز زندگي مان نڪري اقتصادي باهمي ۽ مهم جوئي واري منجهدار ۾ داخل ٿيڻ وارو عمل پاڻ هُرتو (Auto Matic) ڪونہ هوندو آهي ۽ نہ وري اهو بنا روڪ رنڊڪ جي هوندو آهي پر اهڙي امڪاني صورتحال اج بہ يونائيٽد اسٽيٽس ۾ الاسڪا (Alaska) جي سنڌين جي سوين ماڳن ۾ موجود آهي. ميڪسيڪو ۾ بہ اهڙي مثبت

تبديلي اچي سگھي ٿي. پر ان لاءِ ڪريڊٽ جي طريقہ ڪار ۾ بنيادي ضروري جي ڪريڊٽ کي متعارف ڪرايو ويندو ۽ جيڪڏهن ميڪسيڪو ۾ ايئن ڪيو ويو تہ پوءِ وچ وارو عبوري دور مختصر ٿي سگھي ٿو. ان ناتي وقت کي وڏي اهميت حاصل آهي. اهڙي جوڙجڪ جو مستقل ۾ ميڪسيڪو جي جذبي ۽ اتساهہ کي وقت کان اڳ واري ڪاميابي ۽ تيز رفتاري سان ايجيڊوس جي في صد پڪيڄ مان بہ سولائي محسوس ڪري سگھي ساري مغربي دنيا کي ايجيڊوس جي تحريڪ ڏانهن ڌيان ڏيڻ گھرجي ۽ ان جي همت افزائي ڪرڻ گھرجي، ڇاڪاڻ تہ اها تحريڪ اسان سڀني جي ڀلي لاءِ تحريڪ آهي.

ايجيڊال هلچل (تحريڪ) ميڪسيڪو جي انقلاب جو هڪ مکيہ حصو آهي،پر سمجھڻ کپي تہ مذڪوره انقلاب اندر ان جي حيثيت بنيادي آهي. ان کي پنهنجا قدر آهن پنهنجا نتيجا آهن جن کي محسوس ڪري سگھجي ٿو ۽ ان هلچل جون خوبيون حساب کان ٻاهر آهن. هن وقت ميڪسيڪو جي سنڌين جا امنگ ۽ اتساهہ اُپ سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. اسان جڏهن پهريون ڀيرو 1930ع ۾ ميڪسيڪو ويا هئاسون تہ اسان اتي ڪي اچرج جهڙيون ڳالهيون ڏٺيون هيون جيڪي اسان کي سدائين ياد رهنديون. اتي اسان انتهائي غريب سنڌين کي ڏٺو هو جن جا لتا ليڙون هئا بکيا ۽ ڏکيا هئا. پر سندن منهن مان نور بکي رهيو هو مٿن ڪيترو بہ ڏاڍ ڏمر ڪيو وڃي ڀلي هو بکيا، ڏکيا هجن پر هنن کان حق ڪسي ڪونہ ٿا سگھجن. سخي بہ ايڏا جو آئي مهمان لاءِ جيري لاءِ ٻڪري کهڻ وارا ۽ هر آئي وئي کي جيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ وارا سڀاجھڙا ماڻهو صدين جي غلاميءَ کان پوءِ هنن پاڻ کي آزاد ڪري ورتو آهي، ان عرصي دوران ۽ هاڻي تازو انهن جي ايجيڊوس ۽ ڳوٺن ۾ قائم ٿيل اسڪول ڏٺا ويا اهڙو ماڳ ڏٺو سون جڻ هزارين ماڳ ڏسي ورتا هئاسون. اهو مغربي دنيا لاءِ واسطي هڪ منڙو ۽ گھري سوچ جو ڏينهن هو. ايجيڊال جو منصوبو ناڪام ڪونہ ٿيو آهي. ايئن سمجھڻ گھرجي تہ هڪ طاقتور حصي جو هڪ مکيہ عنصر ڪامياب ثابت ٿيو آهي. پر جيڪي ماڻهو ان جي عظمت کان واقف آهن تن کي ان جي آڏو ايندڙ ڏکيائن ۽ ڏچن کان بہ باخبر رهڻ گھرجي. ايجيڊال ميڪيسيڪو جي بهتر ۽ مستقل مستقبل ڏانهن ويندڙ سنئين واٽ آهي. هيءُ اهڙو مهان مارڳ آهي جنهن سان ٻيون جمهوريتون سنڌين جي وڏن ميڙاڪن سان گڏجي سفر ڪري سگھن ٿيون، اهو رستو اهڙو آهي جيڪو وڏي جتن ۽


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جاڪوڙ ڪان پوءِ تخليق ڪرڻو آهي. ۽ اهو ابناس رستو سنڌي تيار ڪري رهيا آهن. پر ساري دنيا هنن جي سهائتا ڪري ۽ اهڙي سهائتا ڪان سواءِ هو ايئن ڪري ڪونه سگهندا.

اهڙيءَ سوپ ۽ سرسي لاءِ نئين انقلابي سگهه جي ضرورت آهي. ان لاءِ نئون جذبو نئين نورِ بصيرت ۽ نئون انتظامي استقلال گهرجي ٿو. اهڙيون ڳالهيون ڪين ليازارو ڪئرڊينا (Leazaro Cardenas) مهيا ڪيون آهن جنهن 1934ع جي پڇاڙيءَ واري عرصي ۾ صدارت سنڀالي آهي. ان ڪان پوءِ هو سانده ستن سالن تائين زرعي انقلاب کي مڪمل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو هو. ان ڪان سواءِ هن ٻيو به گهڻو ڪم ڪيو آهي. هن ميڪسيڪو جي سيني قدرتي وسيلن کي قومي ملڪيت ۾ونئي ڇڏيو هو جنهن ۾ تيل به شامل هو. ساڻس ونسينٽي لومبارڊو ٽوليڊانو (Vincente Lombardo Toledano) جهڙو ڏاهو ۽ ڏات ڏٺي انسان به گڏ هو جنهن پورهيتن کي منظم ۽ متحد ڪري هڪ اجيت سگهه بڻائي ڇڏيو هو جيڪي ميڪسيڪو جي مورياست جي لکن سنڌين سان گڏجي ڪم ڪندا هئا. هن منجهن جيئڻ جي سگهه ۽ اعتماد پيدا ڪيو هو. 1940ع ۾ ماڻهن کيس زور ڀريو هو تہ بنا چونڊ جي صدر بڻجي وڃي. پر هن آئين جي پيڇڪڙي ڪرڻ ڪان ڪين ڪتو جواب ڏئي ڇڏيو هو. هن ڪين بار بار انڪار ڪري ڇڏيو هو تہ آئين کي ڇڏي پنئين دور واري ڪان سياست ۾ ڪونہ گهڙندو.

ان دور ۾ ڪئرڊيناس جهڙو عوامي اڳواڻ ٻيو ڪونہ هو. شايد ايئن چوڻ هرگز غلط ڪونہ ٿيندو تہ ان دور ۾ هن جهڙن دل جو سچو ۽ ناهوڪو ماڻهو ٻيو ڪونہ هو. مستقبل هن جي ڪاميابين جو ضرور اندازو ڪندو. ان ڪان سواءِ سنڌين سان پيار ۽ سندن عزت ڪرڻ ۾ لاس ڪڏهاس ڪان پوءِ هي ماڻهو هو. کيس مائگيول هڊا لگو جوس ماريا مورلوس، ايميليانو زپاٽا ۽ مچوڪان (Machoocan) جي ڊون واسڪو ڊي ڪيوروگا سمجهيو ويندو هو. هي پاڻ مچوڪان جو رهاڪو هو. جيڪو صدر ٿيڻ ڪان اڳ هن رياست جو گورنر هو.

ڪئرديناس زمين کي تقسيم ڪري پيلوس جي حوالي ڪئي هئي. جيڪو ڪم رڪيو ۽ رهيو پيو هو. 1938ع جي پڇاڙي ڌاران 13000 سنڌي برادرين کي زمينون واپس ڪيون ويون هيون. ان دور ۾ ملڪ اندر سورهن لک ايجيڊيٽاريوس (Ejiditarios) هيون جيڪي اسي لک ايجيڊال جي نمائندگي ڪري رهيون هيون. اهڙي ريت ٽيويهہ ميلن هيڪٽر زمين ايجيڊال انتظاميہ

جي حوالي ڪئي وئي هئي. جيڪا ميڪسيڪو جي آباد زمين جو ٽيون حصو هئي.

ڪريڊٽ (Credit) وارو مسئلو نبيرڻ ۾ ڏاڍو ڏکيو هو جنهن کي ڪئرڊيناس مڪمل طور حل ڪري ڪونہ سگهيو بئنڪو نيشنل ڊي ڪريڊٽو ايجيڊال Banco National de Credito ejidal0) 1935ع ۾ ٺاهيو ويون هيو. هي بئنڪ ايجيڊيل ڪريڊٽ سوسائٽيز معرفت ڪم ڪندي هئي ۽ هر ايجيڊال پنهنجي مڃي کي ڏنل قرض جي ادائگيءَ جي لاءِ ذميواري هوندي هئي. مذڪوره بئنڪ اوڌر تي روڪ رقم ڏيڻ وارو ادارو هو. هن بئنڪ سان 2350 ماهر هئا جيڪي ڪنيل قرض جي ڏيتي ليتي ۾ مشغول رهندا هئا ۽ ڪريڊ سوسائٽيز سان لهہ وچڙ ۾ رهندا هئا جن جو تعلق پوکي راهي ۽ صنعتن جي منصوبن سان هوندو هو. اهڙي ريت قرض بہ انهن منصوبن لاءِ ڏنا ويندا هئا. اها بئنڪ سوسائٽيز جون تيار ڪيل ڪاپي جون شيون علاقائي پاڻبن ۾ گڏ ڪري رکندي هئي. انهن تجارتي شين جي وڪري ڪان پوءِ جلد ئي نئون قرض ڏنو ويندو هو ۽ وڪري مان جيڪو فائدو ٿيندو هو سو سوسائٽيز کي ڏنو ويندو هو. بنيادي ۽ اهم شين جي تياري لاءِ ڊگهي عرصي وارا قرض ڏنا ويندا هئا. 1938ع ۾ قرض 9 فيصد بنيادي ۽ اهم شين (Capital Goods) جي تياري لاءِ مشينري خريد ڪرڻ ۾ لڳايو ويندو هو. اهڙي ريت ايجيڊيوس جي مختلف گروهن جو اتحاد ٺاهي کين قرض ڏنا ويا هئا. انهيءَ لاءِ تہ جيئن عوام جي ضروري شين جي طلب کي منهن ڏئي سگهجي.

ٻئي طرف ڪريڊ سوسائٽيز فائدي يا منافعي جو 5 فيصد ”سوشل فنڊ“ طور پاڻ وٽ رکنديون هيون جنهن جي قانوني طور کين اجازت هوندي هئي ۽ اهو بئنڪ جي مشوري سان ڪيو ويندو هو. ان 5 فيصد سوشل فنڊ کي، صحت، واٽر سپلاءِ ۽ اسڪولن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو هو ڪميونٽي هال پاڻ تعمير ڪيا ويندا هئا. اهڙن ڪمن کي پوري ڪرڻ لاءِ پورهيو بہ گڏجي ڪيو ويندو هو. ڇاڪاڻ تہ اهڙيون اڏاوتون عوامي فائدي لاءِ گڏيل هونديون هيون، تنهن ڪري انهن جي تعمير واسطي ڪم بہ گڏجي ڪيو ويندو هو. 1938ع ۾ سوشل فنڊ واري گڏ ٿيل رقم پنجٽيهہ لک پئسو (Pesos) هئي. اهڙي ريت ايجيڊوس جو ڪريڊٽ جو مسئلو تہ ڪنهن حدتائين حل ٿي چڪو هو پر مڪمل طور تي نہ. 1939ع ۾ 13000 ايجيڊوس وٽ فقط 5200


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪريڊٽ سوسائٽيز هيون جيڪي قرض حاصل ڪري سگهنديون هيون. اهڙي ريت سورهن لک ايجيڊيٽاريوس (Ejiditarios) مان فقط پنج لک ڪريڊٽ ساسٽين مچر هئا. ان جو ڪارڻ ايجيڊال بئنڪ جا قانوني اصول هئا جيڪي مڪمل قانوني اصول هئا. ڪريڊٽ سوسائٽين کي قرض فقط زراعت ۽ صنعت جي منصوبن تي ڏنا ويندا هئا. جن جي پيٽوار اپياس مان ڪاٽو ڪيو ويندو هو ته ورتل قرض واپس ٿي سگهندو يا ٻڏي ويندو. هزارن ايجيڊوس وٽ زمينون ته هيون پر قانوني اصول مطابق ٿوريون هيون. جيڪي ورتل قرض لاهڻ لائق ڪونه هيون، يا وري اهي مارڪيٽ کان تمام پري هيون. اهڙي قرض لاءِ ڏنل درخواستون ته معقول هيون مٿين ڪارڻن ڪري انهن کي منظور ڪرڻ مشڪل هو. عام طور ايجيڊوس بئنڪ قرض ته ڏينديون هيو پر اقتصادي قانوني اصول تحت کين ايئن ڪرڻ جو اختيار ڪونه هوندو هو. ڇاڪاڻ ته ايئن ڪرڻ سان ورتل قرض ٻڏي وڃڻ جو خطرو هو. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته هر سال 12 فيصد گهٽ قرض وصول ٿئي ٿو وصول ٿي سگهندو يا ٻڏي ويندو. ان بنيادي ڪوٽ ايجيڊوس جي ڪريڊٽ جي طريقه ڪار ۾ هئي جو قرض وصول ٿي ڪونه سگهندو هو. اهو انهيءَ ڪري ٿيندو هو جو ميڪسيڪو جون زمينون ايڏيون پليون ڪونه هونديون هيون، ان ڪان سواءِ زراعت جي منصوبن کي ايترو گهڻو وڌايو ويو جيترو ڪئرڊيناس جي ڏينهن ۾ وڌايو ويو هو جيڪو اڻ مڪمل رهجي ويو ۽ اهو اڃا به مڪمل ٿي ڪونه سگهيو آهي.

ڪئرڊيناس کان پوءِ ميڪسيڪو ڏچي ۾ رهيو پر اهن ايجيڊوس تحريڪ کي ڏاڍو سگهارو ڪري ڇڏيو هو. ان جي پنيرائي ڪري ايترو طاقتور بڻايو ويو هو جو ان جو تباهه ٿيڻ ممڪن ئي ڪونه هو. ڪئرڊيناس جي وفات کان اڳ حوصلا بلند هئا ۽ هن جي ڪوشش معرفت اميدن جي رستي سان سفر ڪرڻ لڳا هئا.

باب اٺون

# يونائيٽيڊ اسٽيٽس جا قديم سنڌي

يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سنڌين جي جان جڙ تہ هڪ ٻيءَ دنيا سان متعارف ٿيڻ جي برابر آهي. هنن جي ساڃهہ ڪاٽيشين (Cartesian)، ڪليسا ۽ ارسٽايل واري دور کان گهڻو اڳتي نڪري وڃڻ آهي. اهو جڙ علم منطق جي ٻن متضاد اصولن جو مطالعو آهي جڙ حيرت واري جهان جو سفر آهي جڙ انسانيت جي پرهہ ڦٽيءَ جي پرور آهي جتي علم منطق جا ٻہ متضاد نظريا رجي پاڻي ٿي وڃن ٿا جتي ڏک سکن جي سونهن هوندا آهن ۽ سکن کي ڏکن جو واڌايون ملنديون آهن جتي هڪ انسان، سماج ۽ هي وسيع دنيا هڪ وحدت جي شڪل اختيار ڪري ويندي آهي. جتي من جي موج ۽ وڏتڻ، تجربن جي بنياد تي حاصل ڪيل ڏانءَ ۽ ڏات جو ثقافتي رسمن ۾ سنگم ٿيندو آهي جتي اخلاقياتي قصا، راڳ رهاڻ، ڏندڪٿائون، نظريا ۽ تصور ان هورا ڪورا ۽ مسلسل ڳولا سان ملي هڪ ٿي ويندا آهن جيڪا ڪڏهن گمراهيءَ جي گس لڳ سچ ڏانهن ويندڙ ماڳ وڃائي ويهندي آهي. اتر آمريڪا جي سنڌين جي حال احوال جو واسطو ڪنهن قديم دور سان آهي جنهن مان انهن جي ٽن اهم خوبين جو پتو پئجي وڃي ٿو. جيڪڏهن سراسري سوچ فڪر وارو ماڻهو سنڌين جي سماجي فن کي سچائيءَ سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو تہ انهن جون اهي ٽئي خوبيون ۽ خاصيتون حاصل ڪري سگهندو. هي ماڻهو نفسياتي طور (Psyhologicaly) مڪمل ۽ گهڻ پاسائين شخصيت ۽ خبر ۾ تحمل جو نادر نمونو آهي، اهو صبر ۽ تحمل سندن اندر سان واسطو رکي ٿو. پر ٻاهريون ڏيکاءُ ڪونہ آهي، وٽن ڀرپور زندگي آهي ۽ زندگي جي ڏکن ڏولاون کان چڱيءَ ريت باخبر آهن.

جڏهن جديد قوم روم جي شهنشاهيت تي حملو ڪيو هو تہ مارڪوس آريلس (Marcus Aurelius) هڪ لفظ کي وظيفي وانگي پڙهڻ لاءِ چيو ”دل جمعي“ يعني (Equanimitas) ۽ انهيءَ رات تي ديئنيوب (Danube) جي ڏيڻ واري علائقي ۾ قتل ٿي ويو هو. پر حقيقت اها آهي تہ دل جمعي کي زندگي جي ولولي کان خارج ڪيو ويو هو. يعني شان ۽ شوڪت جاهہ و جلال ۽ خوف خطري جي دائري کان ٻہ ان لفظ کي ٻاهر ڪيو ويو هو. قبائلي سنڌين جي دل جمعي حياتيءَ جي دٻاءَ (Press) ۾ پوشيده هوندي هئي. اها دل جمعي ٻن دواهن جي وچ تي هڪ راز جيان لڪل هوندي آهي. اهي ماٺهو شان ۽ شوڪت کان ٻہ انڪار ڪونہ ڪندا آهن جيڪڏهن موت اچي ويو تہ ان کي ڀاڪر ڀري سيني سان لائي ڇڏيندا آهن. اها دلجمعي نسل جي ماضي ۾ هوندي آهي پر موت ۾ نہ هوندي آهي، مستقبل تہ هنن لاءِ اڳئي نخوه تابنده هوندو آهي. ان ڪري اٽيهئي اڳتي وڌڻ لاءِ آڪرا رهندا آهن ۽ جهڙي ٻہ گهڙي آئي تنهن کي ان اٿل ارادن وسيلي مڙسيءَ سان منهن ڏئي سگهندا آهن جيڪو تمام گهڻو ڀري مستقبل ۾ پيو ست هوندو آهي.

مان سمجهيو هو تہ يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۾ سنڌين جي رڪارڊ جو پتو لڳائڻ ڏاڍو سولو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهڙي ڪتاب جو اهو ڀاڱو آسان آهي، هن موضوع سان مان پورا ويهہ سال سلهاڙيل ٻہ رهيو آهيان ۽ اها منهنجي ملڪ جي ڌرتي آهي، پر هٽ لائڻ کان پوءِ خبر پئي تہ اهو موضوع ڏاڍو اولو ۽ اهنجو آهي. مان ان ڏکيائي جي ڪارڻ جي کوجنا ٻہ ڪئي آهي. اها ڏکيائي ان ڪري نہ آهي تہ مواد وسيع ۽ پکڙيل آهي يا پنهنجي فطرت ۾ متضاد آهي. مان سمجهان ٿو تہ ان جي وسعت ۾ ئي اهميت موجود آهي. پر ايترو معلوم ضرور ٿئي ٿو تہ واقعن جي تحرڪ ۾ هڪ سانتيڪو تسلسل موجود آهي. جيڪو مجموعي طور ڏاڍي سولائيءَ سان سمجهائي سگهجي ٿو. جيتري قدر تضاد جو سوال آهي تہ اهو تاريخي نقطہ نظر کان موجود ئي ڪونہ آهي. جيڪڏهن حقيقت ايئن آهي تہ پوءِ انهن جي سبب ۽ ڪارڻن ۾ ڪهڙا واقعا موجود هئا؟ جن بابت عالمن ۽ مورخن ۾ ڪنهن ٻہ قسم جو تڪرار يا بحث مباحثو موجود ڪونہ آهي.

هن موضوع تي ٻنهي ڌرين ۾ تڪرار ڪٿي ڪونہ آهي. پر ڏکيائين جو ڪارڻ ضرور موجود آهي. مورخن جو پاڻ ۾ ڪنهن ٻہ قسم جو تضاد ڪونہ آهي. پر ڏنو وڃي تہ هڪ پاسي کان واقعن مورخن کي متاثر ڪيو آهي ٻئي

پاسي کان سنڌين جي اندرين شخصي ۽ سماجي حياتي هڪ ڀڄهارت ٻڌيل آهي. جنهن ڪري هڪ اختلاف موجود آهي، اهي واقعا ڪاري ۾ رت هاٽي ٽڪري سنجي نوڪ تي ڀاهٽ ڏئي بيٺا آهن. ان کان چاهين رنگ جو هڪ سلسلو شروع ٿئي ٿو. بعد ۾ هورا ڪورا ڏسجي ٿي، تاريخ اهي حقيقتون ايئن ڏنيون جيئن هيون پر سنڌي سماج پنهنجي اندر ۾ ڪجهه پيو محسوس ڪيو هو. پر مان سنڌين جي ڏکيائين جو حل پنهنجي اندر مان ئي معلوم ڪري ورتو هو. مان سنڌين جي قصو خوانن ۾ هڪ ڇٽي جو اضافو ٻڌجي ويو هوس. ليڪن اهڙو خيال مون سان اٽڪي بيهي رهيو ۽ مون کي اڳتي وڌڻ کان روڪي بيهاري ڇڏيو هو. ان وقت مون محسوس ڪيو هو ته مون کي به ايئن ڪرڻ گهرجي جيئن مون کان اڳ وارن سنڌين جي قصه خوانن ڪيو آهي، پر منهنجي لاءِ اهو مسئلو ايئن هو جيئن بين قصه خوانن لاءِ هو. اسان ٻنهي ڌرين کي ان مسئلي کي سمجهڻ ۽ ان کي حقيقي معنيٰ ڏيڻي هئي. ان سان گڏ اسان کي هيءَ حقيقت به ياد رکڻ گهرجي ته سنڌي سماج اٺويهينءَ صديءَ جي ٻئي اڌ کان پوءِ ڏاڍا ڏچا ۽ ڏوجهرا ڏٺا هئا. ان سنڌي معاشري جو وڏو حصو ان اونداهي دور کان وٺي اڄ واري روشن دور تائين ڪيس ۽ ڦهر جو نشانو ٻڌيل آهي. ان روشن دور ئي سندن اهما دارن کي هٿ سان اجاڙي پينگ ڪري ڇڏيو آهي. اهو هن سماج جي چرپر مان واضح آهي ته هنن جي روح ۾ ڪنهن کي لوچي لهڻ جي هوراڪورا آهي جيڪا گهٽن نسلن تائين جاري رهڻي آهي.

يورپ وارن جا اتر ميڪسيڪو جي سنڌين سان لاڳاپا ڪئريين، ميڪسين وچ آمريڪا ۽ پيرو وارن سنڌين کان مختلف لاڳاپا هئا. يورپ جي هڪ دور سنڌين جي ٻن دورن سان ٽڪر کاڌو هو. ريوگرائن (Rio Grandoe) جي ڏکڻ وارن اسپيني ماڻهن انڪا جي سنڌي شهنشاهيت سان ٽڪر کاڌو هو. پر ريو گرانڊ وچي اتر ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس وارو علائقو هو جنهن ۾ سنڌين جون ڇهه سو قومي سوسائٽيون هيون. انهن مان هر سوسائٽي مڪمل، گهڻ پاسائين، خود ڪفيل ۽ سماجي روحاني پنهنجي پيرن تي بيٺل هئي. سنڌين جي ٻنهي درون ۾ فرق موجود هو. اهڙيءَ ريت هڪ علائقي جي سنڌين کي ته سولائيءَ سان غلام ٻڌايو ويو هو. جڏهن ته ٻئي دور واري علائقي ۾ سون سالن جي جنگ کان پوءِ سنڌين کي غلام ناهي ٻڌايو ويو ۽ انهن ڪڏهن هٿيار ڦٽا ناهن ڪيا. پر مٿن جسماني غلبو حاصل ضرور ڪيو آهي. ان کان سواءِ ثقافتي طور به ٻنهي ۾ فرق

موجود آهي. ان جو ڪارڻ آهي تہ انهن جي اصليت جو مرڪز مخلتف آهي. ريوگرانڊي جي ڏکڻ ۾ سنڌين جون شهنشاهيتون موجود هيون جن جو تعلق منهنجي پنهنجي نسل سان هو. سفيد ماڻهن جي فتح ڪري ان تصور کي اجا بہ وڌيڪ تقويت ملي هئي. ريوگرانڊي جي اتر ۾ اهڙو تصور موجود ڪونہ هو. يورپ وارن انهن علائقن جي ماڻهن کي جسماني طور تہ فتح ڪري ورتو هو پر هتان جي سنڌين کين مڙسيءَ سان مهاڏو ڏنو هو جيڪو اجا تائين جاري آهي. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌين ۾ سماجي انفراديت موجود آهي ۽ اهڙي انفرادي سڃاڻ کي بچائڻ لاءِ اڄ بہ جاکوڙي رهيا آهن.

تعجب جهڙي اها ڳالهہ نہ آهي تہ ڇا تہ ريوگرانڊي (Rio Grande) جي اتر وارن سنڌين ۽ سفيد ماڻهن جي روح ۾ هڪ تعجب جهڙو اتساهہ نہ آهي ماڻهو اسان کي پنهنجن اصلي گهرن جي ياد ڏياريندا آهن. اهو بہ اسان هنن کان ٻڌو آهي تہ اسان جي جسم جو هڪ حصو فنا ڪونہ ٿيندو جيڪو مستقل ۽ غيرفاني آهي. ان کي اسان جي سماجي دور قيدي ۽ ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. جيئن اڳيئن صديءَ ۾ اسان سنڌي معاشري جي قيدي ۽ ڪمزور بڻائي ڇڏيو آهي. جهڙي ريت اسان جا عالم مستقبل بابت اڳڪٿيون ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ مستقبل واري دنيا اسان جي آهي تهڙي سنڌي معاشري جا عالم بہ مستقبل بابت اڳڪٿي ڪندا آهن ۽ چوندا آهن تہ اهو مستقبل واري دنيا هنن جي آهي.

ڪولمبس جڏهن آمريڪا دريافت ڪئي هئي تہ ان وقت انهيءَ علائقي ۾ ڏهہ لک سنڌي موجود هئا جنهن کي هاڻي اسان يونائيٽيڊ اسٽيٽس سڏيندا آهيون. اهڙيءَ ريت اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ سنڌين جي ڪل آدمشماري ٽي ڪروڙ هئي. هن ڪنڊ ۾ اڄ بہ 25 کان 30 ملين سنڌي آهن جن مان چار لک يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۾موجود آهن جيڪي هندستان جي آباديءَ جو سترهون حصو آهي. (هن آدمشماري ۾ الاسڪا کي بہ شامل سمجهيو ويجي.) سنڌن تعداد، ماضي، مستقبل ۽ تاريخ لاءِ هن ڪتاب جا چار پنج صفحا مخصوص ڪجن ٿا جن ۾ سفيد ماڻهن جا هنن سان ناتن واسطن جو حال احوال بہ اچي وڃي ٿو. هنن جو تعداد روچيسٽر (Rochester) ۽ نيويارڪ ۾ رهندڙ ماڻهن کان بہ ٿورو آهي ۽ هن نسل جي ماڻهن تي ڪيترا تاريخي ڪتاب موجود آهن. سنڌين سان لاڳاپيل بنيادي تاريخ ۾ چارلس (Charles) ۽ مئري بيئرو (Mary

(Beard) پنجن سون صفحن تي مشتمل تاريخ ۾ ٽن صفحن تي مشتمل سندن حوالا بيان ڪيا آهن.

مان هن ڪتاب ۾ سنڌين جي تعداد ڏانهن ڌيان گهٽ ڏنو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته مون کي چڱيءَ ريت خبر آهي ته يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۾ رهندڙ سنڌي آمريڪا جي ٻين علائقن ۾ رهندڙ سنڌين کان وڌيڪ بهتر آهن. هن جو سبب اهو به ڪونه آهي ته يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سنڌين بابت تاريخي طور گهڻو مواد ڇپجي منظرعام تي اچي چڪو آهي هن سان گڏ ٻين علائقن جي سنڌين تي به گهڻو مواد ڇپجي چڪو آهي. مون کي اميد آهي ته هن مختصر ڪتاب ۾ اهي بنيادي حقيقتون موجود آهن جيڪي سچيون ۽ کريون آهن.

يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۽ الاسڪا جا ڏهه لک سنڌي ڇهن سون کان به وڌيڪ مختلف سوسائٽين جي شڪل ۾ اهڙي جاگرافيائي خطي ۾ رهندا هئا. جيڪو معتدل آبهوا کان آرڪٽڪ (Aretic) واري برفاني علائقي تائين پکڙيل هو. اهو پاڻي جي چرن ۽ ڏبن وارن علائقن کان وٺي برفاني جوءِ تائين ۽ اوپر وارن گجگاهه ٻيلن کان وٺي اولهه جي رڻ پٽ ميدانن تائين وڇايو پيو وڃي. اهي سَوَن جي تعداد ۾ برادريون قديم دور کان وٺي پاڻ ۾ ڪڏهن ميٺ محبت سان رهنديون هيون، ڪڏهن وري ڪات ڪهاڙا ڪٽي جنگ ۾ به جنبي وينديون هيون. انهن مان ڪن برادرين جي اهڙي ٻولي هئي جيڪا ٻيون برداريون به سمجهي سگهنديون هيون. پر انهن برادرين ۾ ايتري طاقت ۽ وسعت ڪانه هئي. جيتري ميڪسيڪو وچ آمريڪا ۽ انڊيز جي ماڻهن ۾ هئي. هنن سنڌين وٽ پنهنجا سياسي اڳواڻ هئا، اقتدار به منتقل ٿيندو رهندو هو. ان کان سواءِ هينان کان وٺي مٿي تائين ذميواريءَ جو احساس هوندو هو پنهنجو پاڻ اندر هڪ مڪمل معاشرو هو جنهن کي هڪ قومي شڪل هئي جنهن کي نه وقت جي واري لٽي سگهندي هئي نه دشمن جي فتح تباهه ڪري سگهندي هئي. اهي ماڻهو پٿر جي پوئين (Neolithe) يا وچولي (Paleolthe) دور کان وٺي انهيءَ علائقي ۾ موجود هئا جنهن کي اڄ يونائيٽيڊ اسٽيٽس سڏيو ويندو آهي. انهن ماڻهن هتي ڪم ڪيو، ڪيئي شيون ناهيون جوڙيون جيڪي ٻڌي ۽ ايڪي ۾ رهندا هئا. جن کي ڪنهن ٻئي شيءِ جي ضرورت ئي ڪانه هوندي هئي ۽ سفيد ماڻهن جي اچڻ تائين اهو تسلسل ايئن رهندو آيو هو.

سفيد ماڻهن جي اچڻ تائين هن علائقي جي هڪ هڪ ميل کي هنن ڪم


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آندو ۽ اتي رهيا، اتي موجود ڇهه سو برادرين جي ٻوليءَ جا لهجا محفوظ هئا. هنن برادرين جي رهڻ جون جايون ماحوليات جي نقطه نظر کان چڱيءَ ريت سوچيل سمجهيل علائقن ۾ هيون، جن جي پرپاسن ۾ ٻيلا، کليل ميدان استعمال جوڳو پاڻي ۽ رڻ پٽ، چاڪاڻ اهي مالوند ماڻهو به هئا. تنهن ڪري پسن جي چاري ۽ پاڻي جو ضرور خيال رکندا هئا. هر هڪ برادريءَ جي آدمشماري گهڻي هوندي هئي. جنهن جي ضرورت جو ضرور خيال ڪيو ويندو هو. اهو به ڏٺو ويندو هو ته هنن لاءِ امن امان دوران ڪيترو فائديمند آهي ۽ جنگ دوران مذڪوره علائقو ڪيتري قدر بچاءُ ،هر برادري جي مرضي هوندي هئي ته هن وقت گهڻا ماڻهو هجن، انهيءَ مقصد سان ته جيئن برادري جو تحفظ ٿي سگهي. پر برادري اهو چاهيندي هئي ته برادري جا ماڻهو رڳو سرگڻ نه هجي پر چڱين خوبين ۽ خاصيت وارا هجن، يعني ان جو شمار به نه پر خوبين ۾ ويساهه هو.

هاڻي يونائيٽيڊ اسٽيٽس اندر جنگ ايئن جڻ جهنگلي جيوت تي چوطرف ڏاڙا ۽ ڦرلٽ جاري آهي. اهڙي ڪارڪردگي ماحولياتي هم آهنگي مطابق آهي. اهڙي صورتحال جهنگلي زندگي تي ڏاڙن هڻڻ کان به وڌيڪ پيچيده آهي. اهو ايئن آهي جڻ ڪين نئين شڪل ڏني پئي وڃي جڻ بدصورتي ۾ بي انصافي کي ورجايو پيو وڃي جڻ ڪنهن ناهوڪي شخصيت کي بگاڙي تباهه ڪيو پيو وڃي جنهن لاءِ فرد جي شخصي حيثيت کي وڏي اهميت آهي ۽ تقدير کي ڪجهه به سمجهيو ڪونه ويندو آهي.

پرسنڌين وٽ جنگ محدود به آهي لامحدود به هوندي آهي يا بي انتها وسيع سنڌي ماڻهو ۽ ان جو معاشرو اڻيهئي پيانڪ وايومندل ۾ رهيو آهي. هنن جي زندگي جتن ۾ جاکوڙ جو ٻيو نالو آهي. ان کان سواءِ هڪ منظم زندگي گذارڻ سندن اصولن ۾ شامل آهي. سندن دماغ نون خيالن ۽ نئين سوچ فڪر جو جڻ ڪارخانو هوندو آهي ۽ عملي سچائي ۾ سندن وڏو ويساهه هوندو آهي ۽ سنڌين جي معاشري جو هر فرد هر مشڪل ڪم کي مڙسيءَ سان منهن ڏئي سگهندو آهي. هي ماڻهو دنياوي شين جي نه هوندي به ڀرپور زندگي گذاريندو آهي جڏهن سندن زندگي کي وڏي ۾ وڏي خطري جو احساس هوندو آهي ته هو خوف ۾ لڏي ڪونه ويندو آهي جيڪا سندس ڏاهپ آهي، اهڙو خوف ۽ خطرو هن جي روح اندر موجود ڪونه هوندو آهي. نه وري هنن جي سماجي زندگي کي متاثر ڪري سگهندو آهي. پر اهڙيون حالتون فقط جنگ دوران هونديون آهن يا

جڏهن ڏڪار هوندو آهي، پاڻي جي اڻاٺ هوندي آهي، سخت طوفان يا ملڪ ۾ مها مري ڪاهي پوندي آهي ته سنڌي معاشري تي هڪ قسم جو خوف ڇانئجي ويندو آهي، هنن ماڻهن اهڙا سماجي ادارا جوڙي ڇڏيا آهن جيڪي اهڙين آپدائن کي منهن ڏيندا آهن. ان کان سواءِ وٽن هڪ سماجي فن به موجود آهي. جنهن وسيلي هن قسم جي ٻاهرئين خطري کي اندر جي سکون ۾ تبديل ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙيءَ ريت ٻاهريون خطرو فرد ۽ معاشري جو اندروني سڪون ٻڻجي ويندو آهي.

جڏهن يورپ وارن سنڌين مٿان حملن جي شروعات ڪئي هئي ته ان دور ۾ جڻ ته گهر گهر ۾ جنگ هئي، تڏهن سنڌين تي عدم تحفظ جو وڏو خطرو ڇانئجي ويو ه. پر هنن کي پرسڪون رهڻ جي هڪ سکيا مليل هئي، ڪين اهو به سيڪاريو ويو ته وڏي ۾ وڏي خطري دوران دل جمعي رکن ۽ لُڏي منتشر نه ٿي وڃن. انهيءَ ڪري هو اندروني امن ۽ شانتي ۾ رهي شخصي طور ڀڄي ڪونه پيا هئا. پر سنڌين جي زندگي جي طاقت ان وقت تباهه ٿي ويندي آهي جڏهن سندن سماجي ادارا ڊانواندول ڪيا ويندا آهن. سندن زندگي جي طاقت کي اها پوري خبر هوندي اهي ته اهڙن خطرناڪ واقعن جي اثر کي پنهنجي روح اندر ۽ انساني رشتن جي ناتي کهڙي طريقي سان ضابطي ۾ رکي سگهجي ٿو.

يونائيٽيڊ اسٽيٽس وارو علائقو تاريخي حادثن ڪري ڪنهن هڪ قوم جي حملي جي منهن ۾ ڪونه رهيو هو. پر هن تي اسپين، ڊچ، فرانس ۽ انگيلنڊ وارن هڪ ئي وقت حملا ڪيا هئا. منجهن مقابلو هلي رهيو هو ته ڪهڙي قوم ڪيترو وڏيڪ علائقو فتح ڪري سگهي آهي. هنن سڀني سامراجين کي منهن ڏيڻ فقط اڪيلا سنڌي هئا ۽ اهڙو خطرناڪ سلسلو صوبن کان وٺي لڳاتار رهندو آيو. ان ساڳئي ئي دور ۾ سنڌين جي مختلف برادرين ۾ قبائلي ويڙهه به چوٽ چڙهيل هئي جنهن ۾ اعتدال موجود هو ۽ جيڪا ماحوليات ۾ علائقن تي قبضي ڪرڻ تان شروع ٿي هئي. پر سفيد ماڻهن جي سامراجي ذهنن جي حملن ڪري ان ۾ وڏيڪ شدت اچي وئي هئي. اهڙيءَ ويڙهه جي ابتدائي مرحلن ۾ سنڌين کي قانوني واجب القتل ڪونه سمجهيو ويو هو نه وري ڪانئن زمينون کسيون ويون هيون، اها محدود قسم جي اڻ سڌي حڪمراني (Indurect Rule) هئي. يعني بلڪل محدود قسم جي اڻ سڌي حڪمراني ان وقت سنڌي برادرين کي عزت ۽ احترام سان ڏنو ويندو هو. اها سامراجي ڌرين جي هڪ


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تجارتي مقابلي واري اها حڪمت عملي هئي. اهڙو تجارتي مقابلو انگلينڊ ۽ فرانس جي سامراجي ڌرين وچ ۾ هلي رهيو هو. ٻنهي سامراجي ڌرين پاڻ ۾ معاهدا ڪري اهڙي حڪمت عمليءَ کي پنهنجو معيار بڻائي ڇڏيو هو. اهڙيون ڳالهيون آمريڪي انقلاب کان اڳ واري دور سان تعلق رکن ٿيون. ان انقلاب کان پوءِ يونائيٽيڊ اسٽيٽس سنڌي بردارين سان ناتن لاڳاپن قائم رکڻ لاءِ ان حڪمت عملي کي هڪ بنيادي اصول جي شڪل ڏني هئي.

جڏهن ٻنهي سامراجي ڌرين ۾ هلندڙ مقابلو ختم ٿي ويو تہ ان کان پوءِ فقط هڪ سامراج ڌر رهي جنهن کي پنهنجي حڪمران جي حدن کي وڌائڻ جي اُلي لڳل هئي جيڪا سنڌين جي نسل کان انهيءَ ڪري بي انتها نفرت ڪندي هئي جو اهي ان علائقي جا اصلي رهاڪو هئا جنهن کي بعد ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جو نالو ڏنو ويو هو. اڳين حڪمت عملي جيڪا سنڌين سان لاڳاپن رکڻ ۽ انهن جي اصليت جي بچاءَ لاءِ قائم ڪئي ويئي هئي تنهن کي ختم ڪيو ويو هو. ابتدائي دور ۾ ان حڪمت عملي کي مخفي اڻ سڌو رکيو ويو هو. جڏهن هو اهڙين ڳالهين ۾ سوپارا ٿي ويا تہ پوءِ هنن ان حڪمت عملي واضح طريقي سان اختيار ڪئي اعليٰ پيماني تي ڪنيو. عقلمندي سان قدم کڻندا اڳتي وڌندا رهيا. ان کان پوءِ هنن اڳتي وڌي سنڌين جو قتل عام ۽ سنڌي معاشري کي تباهہ ڪرڻ جي ابتدا ڪئي هئي. هنن هر سنڌي تان ور نشا ميسارڻ جي ڪوشش ڪئي ان کان پوءِ قانون ۽ ان جي عملي نفاد وسيلي سنڌين کي ناس ۽ برباد ڪري ڇڏيو هو.

اجا سفيد چمڙي وارن جي تسلط جي صدين جو 5/6 عرصو مس گذريو هو جو سنڌي معاشري جو ڀڃڻ شروع ٿيو جنهن کي سنڌين جي روح جي تباهي سڏي سگهجي ٿو. انهيءَ پڌي ڪم لاءِ سامراجي ڌرين باقاعدي منصوبہ بندي ۾ انهيءَ عمل ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي هئي. سنڌين جي سماجي تباهي لاءِ لڳاتار سٺ سال ڪم ڪيو ويو هو. بعد ۾ ان حڪمت عمليءَ کي بند ڪيو ويو هو. سنڌين جو قتل عام ڪيو ويو هو. ڪين بکون ڏئي ماريو ويو هو. پر انهن جي اصلي قوت کي پيڇڻ پيروڙڻ ۾ سوپارا ڪونہ ٿيا هئا. ڇاڪاڻ تہ اها سگهہ هنن جي ناس ڪرڻ کان گهڻي طاقتور هئي.

جيڪڏهن هن ڪتاب جو پڙهندڙ هنن ڳالهين کي ذهن ۾ رکندو تہ کيس معلوم ٿيندو تہ سفيد ماڻهن جو اهو ڏاڍ ڏمر کيس ۽ ڦهر ڏاڍا خراب محسوس

ٿيندا ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس وارن جا سنڌين کي ڦري ۽ لٽي بچڙي بک کي پوري ڪرڻ جا اوڳا اتساهه ڪيڏا نه چرڪائيندڙ هئا. ان هوندي به اهو ڪيس چڱيءَ ريت معلوم ٿي ويندو ته سنڌين جو قبائلي معاشرو سندن روح سندن گهر، سندن قلعو اڄ به موجود آهي. هنن مان جيڪو نسوري ناحق جو نڌان ٿيو تنهن کي هنن روح کي وڏيڪ بهتر بنائڻ لاءِ سچ جو سبق سمجهيو هو. سنڌين جي روح ۾ سماجي سچائي جي فتح ٿي، اهو هڪ اهڙو سور هو جنهن جي اظهار لاءِ لفظن جي کوٽ جو احساس ٿئي ٿو ماڻهن جو ڪوس ٿيو لاش پڊرن تي پيا رهيا، گهر ويا تر ۾ تڏا ويا، اباڻا ڪک ۾ اباڻي جو ۾ پيرن هيٺان کسڪي وئي، مستقبل ويو.

مستقبل جا سونهري سندر سپنا لتاڙجي پيلجي پيينگ ٿي ويا. هنن پنهنجي اکين سان ڇا ڏٺو ڇا سنو. پر هو ايڏي وشال سور کي ٻڌائڻ لاءِ وات کولي ٻڙڪ به ٻولي ڪونه سگهيا. سمجهي رهيا هئا ته چپ چوري شڪايت ڪرڻ سندن شان نه آهي. هنن پنهنجو شان رکيو پاڻ کي مان ۾ مهت ڏنو ڪين ديوتائن ۾ ڪمل اعتماد هو. پيار جي طاقت هئي هو ڪنهن ڪان نفرت ڪرڻ ڪونه ڄاڻندا هئا. ڪين ڏوڪا ڏنا ويا، مٿن غلبو حاصل ڪيو ويو. ڪين غلام بڻايو ويو. ڪانئن نفرت ڪئي وئي. پر پوءِ اهي جيئن هئا تيئن رهيا ۾ منجهن ڪنهن به قسم جو فرق ڪونه آيو هو. هو جسماني طور فتح ٿي چڪا هئا پر هنن روحاني طور شڪست کي قبول ئي ڪونه ڪيو هو. تنهن ڪري هنن جي اجاڙ ۾ پيينگ جي جيڪا تاريخ لکي وئي هنن لاءِ بي معنيٰ هئي جيڪا اوهان جي لاءِ ۾ منهنجي لاءِ هڪ بامعنيٰ حيثيت رکي ٿي. جڏهن ڏک ۾ سور تصور کان وڏيڪ هوندا آهن ته انسان ۾ هڪ ڌيرج اچي ويندو آهي ۾ درد ڇڻ دوا بڻجي ويندا آهن. سورن وند انسان سچيت ۾ ساڃهه وند بڻجي ويندو آهي ۾ اندر جي اک سان ڏسندو آهي ته دنيا کي بي شمار دشمن تباهه ڪري رهيا آهن. اهڙن ڏکن ۾ سورن سان ته سنڌين جون دليون پريون ٿمتار لڳيون پيون آهن. انهن ته ڏاڍ ۾ ڦهر جو هڪ ڍگهو سمو ڏٺو آهي. سندن زندگي بذات خود هڪ وسعت آهي جنهن ۾ ڌيرج ۾ گهڻ رکي وقعت آهي. جنهن کي سنڌي سماج جو بي انتها گهرو روحاني داخلي ۾ خارجي وهڪرو سڏي سگهجي ٿو. اها خوشيءَ جي وجداني ڪيفيت آهي جيڪا وڏيڙ واري ڏاهپ ۾ سچن نوجوان ۾ ٻارن کي مالامال ڪري ڇڏيندا آهي جيڪي ڪڏهن به ناڪام ڪونه ٿيندا آهن.

ڇا اسان اهو ڄاڻڻ چاهيون ٿا تہ ڇا سنڌين وڏا اهڙا ڪهڙا راز آهن؟ هنن وٽ هنن ۾ انساني سماجي مقابلي ۾ ٽڪر کائڻ لاءِ تخليقي سگهہ موجود آهي ۽ سماجي وڄا (Science) ۾ سندن اک وڏيڪ چٽي ۽ تيز آهي. ڇا اسان جي دنيا بہ سنڌين جهڙي سوچ حاصل ڪري سگهي ٿي؟ ممڪن اهي تہ ڊروڊ (Druid) معاشرو سنڌين سان اک اک سان ملائي سگهڻ جهڙو هجي. پر ان لاءِ اسان يقين سان ڪجهہ بہ چئي ڪونہ ٿا سگهون. پر وليم مورس (William Morris) پنهنجي تصنيف (The House of the Woling) ٽيوٽونڪ (Teutonic) معاشري جو ذڪر ڪيو آهي. سندس بيان آهي تہ ڪن عيسائي (Monaste) فڪر جي ماٺهن تن ڪي تسيا ڏئي سنڌين جهڙي تخليقي سگهہ حاصل ڪري ورتي آهي. يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۾ ڪيئي ننڍا معاشرا يا برادريون آهن جن جا فرد سندن سالن کان وٺي انهيءَ تخليقي سگهہ واري آخري ڏاڪي تائين پهتل آهن. انهن بهترين برادرين ڪي اهڙيون برداريون آهن جن ماضيءَ ڪي شڪست ڏئي ڇڏي آهي ۽ اجاين سڏن ڪي ماري ڇڏيو آهي. اهڙيون برادريون اڄ بہ موجود آهن. بلئڪ ايلڪ اسپيڪس (Black elk Speaks) نالي هڪ ڪتاب آهي جيڪو جان جي نيهارٽ (John G Neihardt) جي تصنيف آهي جنهن هن اوگلا (Oglaa) جي هڪ راهب جي زندگي جو احوال ڏنو آهي. مذڪوره ڪتاب جان جي، نيهارٽ جي ڪلاسيڪي تصنيف آهي جيڪا هن سنڌين جي لکي آهي. دراصل اهو مواد بلئڪ ابلڪ جي يادگيرين ۽ خيالن تان ورتو ويو آهي. حقيقت اها آهي تہ بلئڪ ايلڪ هڪ اڻ پڙهيل ڪراڙو ڊڪوٽا سيوڪس (Dakata Sioux) هو.

بلئڪ ايلڪ اوگلا لا سيوڪس معاشري جي تباهي کان ٽيهہ سال پوءِ جي ڳالهہ ڪئي آهي ڪڏهن تہ اهو زمانو هو جو هن سنڌي قوم ڪي پنهنجو هڪ وجود هو هڪ الڳ سڃاڻ هئي، ڪڏهن وري اهڙو زمانو آيو جو هن معاشري جي پڳل تٽل ذرن پرزن ڪي تيزيءَ سان ميڙي چونڊي گڏ ڪيو ٿي ويو.

جهونڙي بلئڪ ايلڪ جواب ۾ چيو هو تہ ”مان پنهنجي جوانيءَ ۾ ڇا تہ نظارو ڏٺو هو. ڏس، مان هاڻي جهور ڪراڙو ٿي ويو آهيان. هڏ هڏ سور ۾ پڇي ٿو پيو. مان تہ پنهنجي قوم لاءِ ڪک پڇي بيٺو ڪونہ ڪيو.جنهن جي ڇيلهہ ئي ڇڀي ٿي وئي، پڇي پور ٿي هيڏي هوڏي پکڙجي وئي. هاڻي تہ ڪو مرڪز ڪونہ رهيو آهي ڀڳا ڏار اڏاٽا لڳا. اهو وڻ بہ هاڻي سڙي سُڪي ويو.“

بلئڪ ايلڪ ڏڪوئيندڙ منظر بيان ڪري رهيو هو. سندس آواز ۾ نہ اجهواٽي نہ ڪاوڙ جو احساس هو. هو ان وقت 1890ع واري سنڌين جي قتل عام جي ڳالهہ ڪري رهيو هو جنهن کي جنهن ووندبيڊ ني مئساڪري (Wounded Knee Massacre) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. سنڌين کي منع ڪئي وئي هئي تہ ان ڏينهن واري مذهبي رسم ادا نہ ڪئي وڃي. اسان هڪ خشڪ گهاروڏئي اتي پهتاسون تہ هڪ هيانءُ ڏاريندڙ ڀيانڪ ڏيک ڏٺو تہ اسان جي پيرن هيٺان زمين کسڪي وئي، اتي لاشن جا ڍير گهايلن جون چيخون هيون، مردن، عورتن، ٻارن، ٻڍن، ابهم معصومن جا لاش پکڙيا پيا هئا. شايد هنن بہ گهارو وٺي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. سندن ڪڍ فوجي سپاهي لڳي پيا هئا جن کي جتي پهتا قتل ڪري ڇڏيائون، ڪٿي وري هڪ جاءِ تي لاشن جا ڍير لڳا پيا هئا، ڪي وري هڪ هڪ ٿيا گهاري جي پيٽ ۾ پکڙيا پيا هئا. ڪٿي چئن ۽ پنجن جي ٽوليءَ کي وري انهن جا عضويٰ عضون کان ڌار ڪيا ويا هئا. شايد انهن کي گاڏي تي رکيل توبن ماري ڇڏيو هو. مان اتي هڪ ابهم ٻارڙو ڏٺو جيڪو ماءُ جا ٻبا چوسي رهيو هو. جيڪا رت ۾ وهتل هئي ۽ مري چڪي هئي.

بلئڪ ايلڪ جي (Wounded Knee) جي قصي جي پڄاڻي تي سندس يادگيري واري ڳالهہ بہ ختم ٿي وڃي ٿي. ان کان پوءِ نيهارٽ لکي ٿو تہ بلئڪ ايلڪ اسان جا دوست ڪني ٽيبل (Cuny Table) جي اترئين ڪناري تي ويٺا هئاسون ۽ بئڊلنڊس (Bad Lands) ٻئي پاسي واري منظر ڏانهن ڏسي رهيا هئاسون. (اها بئڊلئنڊ ڪانہ هئي. پر هڪ نهايت خوبصورت نظاري وارو علائقو هو پر جهونڙو بلئڪ ايلڪ ڪيس انهيءَ نالي سان سڏي رهيو هو.) ان وقت اسان هارني (Harney) جي چوٽي ڏانهن تڪي رهيا هئاسون جيڪا آسمان جي افق کان ٿورو مٿي ڪاري نظر اچي رهي هئي. ان وقت بلئڪ ايلڪ چوڻ لڳو تہ جڏهن مان جوان هوس تڏهن منهنجو روح مون کي وٺي وڃي ۽ ڌرتيءَ جي وچ وارو نظارو ڏيکاريو ۽ هن گول خيما اندر مون نهايت خوبصورت شيون ڏيکاريون، مان چاهيان ٿو پنهنجي موت کان اڳ وري اهو روشين جو تجلو ڏسان، مان اتي پهچي پنهنجن ڏاڏن کي ڪجهہ ٻڌائڻ چاهيان ٿو پوءِ اهي بلئڪ ايلڪ کي هارني پيڪ (Harney Peak) ڏانهن وٺي ويا. مان نيهارٽ جون لکيل ڳالهيون اوهان کي انهيءَ ڪري ٻڌائي رهيو آهيان ڇاڪاڻ تہ انهن کي ٻڌائڻ ۾ مزو اچي رهيو آهي پيو تہ اهي اهم بہ آهن.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هن ڪپڙا پاتا ۽ هارسينگار ڪيو. ڇاڪاڻ تہ هو ان وقت پنهنجي من جي موج ۾ هو. پوءِ اولهہ پاسي منهن ڪيو. ان وقت مقدس توتاري سندس ساڄي هٿ ۾ جهليل هئي. هن توتاري کي وڄايو جنهن مان هڪ آواز نڪتو هڪ پر سوز آواز. ان وقت ايئن محسوس ٿي رهيو هو تہ اسان ۽ بلئڪ ايلڪ وچ ۾ هڪ وڏي وٿي موجود آهي.

بعد ۾ هڪ عجيب غريب آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جنهن بلئڪ ايلڪ چئي رهيو هو: ”اي ڏاڏا، اي عظيم روح، تون اجا هڪ ڀيرو ڌرتيءَ تي ڏس، ڪجهہ هيٺ جهڪي منهنجو هيٺو ۽ جهيٺو آواز ٻڌ. سڀ ڪان اڳ تون هت رهيو هئين، تون سڀني ضرورتن کان وڏيڪ قديم آهين تون سڀني بندگين کان بہ وڏيڪ قديم آهين. سڀ شيون تنهنجون آهن ھي ٻن ڄنگن وارا، چئن ڄنگن وارا، هوا ۾ وارا پر يا ٻيون جيڪي بہ نندڙيون وڏيون شيون موجود آهن. تو چئن ڪنڊن کي طاقت بخشي آهي جيڪي هڪ ٻئي جي آرپار وڃن ٿيون. اسان جي گذرڻ لاءِ سولا رستا تو تخليق ڪيا آهن ۽ ڏکيا رستا بہ تو ٺاهيا آهن ۽ جنهن جاءِ تي اهي ٻئي رستا هڪ ٻئي کي ڪٽن ٿا اها جاءِ مقدس آهي. تون سڄ لهڻ ۾ سڄ اڀرڻ ۾آهين، تون دائم قائم آهين ۽ هو موجودات جي زندگي بہ تون آهين. منهنجا ڏاڏا، اي عظيم روح مان توڏانهن کي آواز موڪلي رهيو آهيان. تون ستارن ڊاهڻ ۾ ڪجهہ کونہ وساريو. تو ياد ڪري ڌرتي تي گاهہ پيدا ڪيا.

مان ننڍو هوس جو تو مون کي چيو هو تہ مان هر مشڪلات ۾ اميد کي قائم رکان ٿو تو اهو بہ چيو هو تہ مان مشڪلات وقت چار ڀيرا آواز ڏيان يعني هر ڪنڊ ڏي منهن ڪري هڪ آواز ڏيان. ان ڪانپوءِ مون کي ٻڌنديں ۽ منهنجو عرض اگهائيندين. هاڻي جيڪو مان آواز ڪيو آهي سو مايوس انسان طرفان ڪيو آهي تون مون کي هي مقدس توتارو ڏنو آهي. مان هن توتاري وسيلي تنهنجي درٻار ۾ سُڪا (Offering) ڏئي رهيو آهيان جيڪا تون ڏسي رهيو آهين. تون اولهہ پاسي کان مون پنهنجي جو اڪسير ڏنو آهي، هڪ مقدس ڪهان (Bow) ڏني آهي. تو مونکي زندگي ڏيڻ ۽ فنا ڪرڻ جي سگهہ بہ عطا ڪئي آهي. تون مون کي مقدس هوا ۽ اتان هڪ جڙي ٻوٽي بہ ڏني جتي سفيد جن رهندو آهي. انهيءَ جڙي ٻوٽي وسيلي هر بيماري کان شفا ملندي آهي ناپاڪ شيءِ ڌوپجي پاڪ ٿي ويندي. تون مون کي پرهہ ڦٽي ۽ توتارو اوڀر پاسي کان ڏنو آهي. تون ڏکڻ پاسي کان قومن جو مقدس ڇلو (Hoop) ڏنو آهي. ان کان سواءِ تو

هڪ وڻ بہ ڏنو هو جيڪو سدائين ”سائو چهچ“ رهڻو هو. تون مون کي ڌرتي جي وچ تي وٺي آيو آهين. جتي تو مون کي سنائي (Goodness) ۽ سونهن (Beauty) ۽ حيرت جهڙي ڌرتي ماتا ساوڪ ڏيکاري آهي. اتي تو مون کي مختلف شين جي صورت ۾ ڪيئي روح ڏيکاريا. مان اهي ايئن ڏيکاريا جيئن ڏنا، تو مون کي مقدس گول دائري جي وچ تي چيو هو تہ مان هن وڻ کي چهچ سائو رکان.

منهنجي اکين مان لڙڪ لڙي پيا آهن، اي عظيم روح، اي منهنجا ڏاڏا، مان پنهنجي نيڻن مان نار وهائيندي نماڻائيءَ سان ٻاڏائي رهيو آهيان تہ اهو وڻ تہ مون کان ڪڏهن بہ سائو رهي ڪونہ سگهيو آهي. مان تہ هاڻي جهور ڪراڙو ٿي ويو آهيان. جنهن تي فقط رحم ئي ڪري سگهجي ٿو. مان ناڪام ٿي ويو آهيان. مان ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو آهي. مان هن وقت ڌرتي جي ان مرڪز وٽ بيٺو آهيان جتي مون کي ان وقت وٺي آئين هئين جڏهن مان جوان هوس. تو ئي تہ هتي مون کي سڀ ڪجهہ سيکاريو هو. هاڻي تہ جنهن ۾ جهونڙو ٿي ويو آهيان ۽ وڻ سڪي سڙي ويو آهي اي منهنجا ڏاڏا، ممڪن آهي تہ هي ڌرتيءَ تي منهنجو آخري ڦيرو هجي. مان ان عظيم ۽ مقدس نظاري کي ٻيهر ڏسڻ ٿو چاهيان جيڪو ڪڏهن ڏسڻ لاءِ تو مون ڏانهن موڪليو هو. اهو بہ ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ ان سڙيل سڪل وڻ جي هڪ ننڍڙي پاڙ سائي هجي. ان ۾ وري پن آڻ، ان کي وري سائو ڪر اهو وري گل جهلي، اهو سائو ٿي وگهوڙين وچي ۽ ان جي لامن تي ويهي پکيون منيون لاتيون لنوَن. منهنجو هي عرض مون اڪيلي ڪري نہ سيني ماڻهن ڪري ورناءِ. مان تہ ڪراڙو جهور آهيان، قبر ۾ ڄنگهون لڙڪي رهيون آهن. خبرناهي اڄ الائي سڀاڻي منهنجو هي عرض اگهاءِ تہ هي ماڻهو سڌو رستو وٺي انهيءَ مقدس دائري اندر موٽي اچن ۽ ان چهچ گهاٽي وڻ جي ڇانو هيٺان اچي ويهن.

هن ڪان گهڻو اڳ بلئڪ ايلڪ جي چيل لفظن تي شڪ هو. اهو بہ سوچيو هو تہ انهيءَ قصي ۾ نيهارٽ جي ڪجهہ پنهنجي ايجاد بہ شامل آهي. پر هڪ ادبي شاهڪار آهي جنهن ۾ هم آهنگي موجود آهي. ان ڪانسواءِ بلئڪ ايلڪ جي منفرد شخصيت جيڪو ڏندڪٿا جي نقط نظر کان هڪ ڏاهو ۽ ذات ڏٺي انسان آهي جيڪو ڪنهن زماني ۾ ڪيترين ئي سنڌي برادرين سان لاڳاپيل هو. پر مون کي انهن گهڻو منفرد ۽ الڳ لڳو هن سندس انداز گفتگو مڪمل هو. پڙهيل ڪونہ هو پر پڙهيل عالم کان بہ وڌيڪ عالم هو. اڻ پڙهيل سنڌين ۾

شاعري جي تخيل جو پرواز هو هوا وانگي بي انتها تيز ۽ متاهون آهي. بلئڪ ايلڪ جي حياتي مان ايئن محسوس ٿي رهيو آهي تہ وٽس جيڪو بہ و سو سيو سيوڪس (Scoux) ڪي ڏئي ڇڏيو هو. اهي ماڻهو هن جا پنهنجا هئا. هنن بلئڪ ايلڪ وٽان جيڪو ڪجهہ حاصل ڪيو تنهن ڪي وقت تي آزمائي بہ ڏٺو هو.

سيوڪس ذات جا سنڌي, ميدانن ۾ رهندا آهن جيڪي پنهنجي ساري تاريخ ۾ ڏاڍا دلير ۽ ويڙهاڪ آهن. شاني (Shawnee) پاڙي جي سنڌين جي سوسائٽي جا بہ هزار ميمبر آهن. ڏاڍا سر ڦريا ۽ متير مڙس آهن. هن ذات جا ماڻهو ان علائقي ۾ سر ترٻءَ تي رکي وڙهيا هئا جنهن ڪي هاڻي انڊيانا (Indiana), ڪينٽڪي (Kentucky) ۽ اوهيو جي نالن سان سڏيو ويندو آهي. ٽينسڪواٽا Tenskwata0) ڪي پيغمبر ڪري مڃيو ويندو هو. سندس جاڙي ڀاءُ جو نالو ٽيڪو مسيچ (Tecu Msech) هو. هنن ٻنهي ڄڻن 1800ع ۾ سفيد ماڻهن تي زبردست حملا ڪيا. هنن جاڙن ڀائرن جو تعلق بہ شاني ذات جي سنڌين سان هو پر شڪست ڪان پوءِ ٽڙي پکڙجي ان ڪانپوءِ هنن ٽيڪساس ۾ وڃي ڪين اتان بہ لڏايو ويو نيٺ 1839ع ۾ هو انڊيانا جي ان جوءِ ۾ وڃي وينا جنهن ڪي اوڪلا هوما (Okla Homa) سڏيو وڃي ٿو. هاڻي هو فقط پنج سو ماڻهو آهن, ٿامس وائيلڊ ڪئٽ الفورڊ (Thomes Wild cat Alford) جو بيان آهي تہ: "اها ئي هنن جي دنيا آهي يعني هنن جو تعداد بس ايترو آهي, سندس هن بيان تان فلورينس ڊريڪ (Florence Drake) بہ استفادو ڪيو آهي. (ڏسو فلورينس جو سولائيزيشن 1936) الفورڊ جو يادگيريون شاني ذات جي سنڌين جي شروع ڪيل جنگ جو خاتمو ٿي وڃي ٿو. پر هنن جي لاءِ خطرو ختم ڪونہ ٿيو هو. هنن کان زبردستي زمينون ڪسي سفيد ماڻهن کي ڏنيون ويندبون هيون, پر هنن جي دشمنن جو اصلي مقصد هو تہ جيئن سنڌين کان زمينون ڪسي بيدخل ڪري ڪانئن پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏايا وڃن. ايئن ٽيڻ سان سنڌين جي سماجي زندگي اڳتي وڌڻ ۽ اسرڻ کان بيهجي ويندي جيڪي پنهنجي ترقيءَ جا مقصد ماڻي چڪيون آهن, پر ڏسڻو پوندو تہ سنڌين جي اندروني ۽ روحاني ڪيفيت ڪهڙي هئي؟ ۽ انهن جي ننڍڙن گروهن اندر پاڻ ۾ ڪهڙا رشتا ناتا موجود هئا؟ الفورڊ شاني معاشري مان بہ بنيادي اصول ڪنيا آهن جن جي آڌار تي سنڌي معاشرو اپري اسري اڳتي وڌيو آهي.

سندن پهريون اصول هي هو تہ پنهنجي پاڙي واري کي قتل يا زخمي نہ

ڪريو. جيڪڏهن اوهان ڪنهن کي قتل ڪرڻ يا زخمي ڪرڻ چاهيو ٿا ته اهو پنهنجو پاڻ آهيو. تنهن ڪري اوهان پنهنجو پاڻ کي قتل يا زخمي ڪريو.

سنڌن ٻيو سونهري اصول هيءُ هو ته پنهنجي پاڙي واري کي ڇيهو نه رسايو ۽ نه وري ان کان نفرت ڪريو جيڪڏهن اوهان ڪنهن کي ڇيهو رسائڻ چاهيو ٿا يا نفرت ڪرڻ چاهيو ٿا ته اهو اوهان پنهنجو پاڻ آهيو. تنهن ڪري اهو نقصان پاڻ کي پهچايو ۽ نفرت به پنهنجو پاڻ کان ڪريو. چاڪاڻ ته ڏاڏي مونيٽو (Monito) هن سان به پيار ڪري ۽ توهان به پيار ڪري ٿي. هنن ماڻهن جي هلت چلت جو معيار ايترو سخت ۽ غير لچڪدار آهي جيترو ٻين ماڻهن جو قانون هوندو آهي پر سنڌن چوڻ آهي ته اخلاقي هلت چلت ۽ روايتن کي قائم رکڻ واسطي طاقت جو استعمال ڪونه ڪيو ويندو هو. ان معاشري جو هر فرد پنهنجو پاڻ جج هو. نڳي ۾ ڏوڪيبازي کي جرم سمجهيو ويندو هو. اسان پنهنجي معيار ۽ اصول مطابق رهندا آهيون، اسان ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ ايئن ڪونه ڪندا آهيون اسان جي اخلاقي ڳالهه اها آهي ته اسان هڪ ٻئي سان نهايت ايمانداري ۽ سچائي سان هلندا آهيون... سنڌي پيءُ ماءُ پنهنجي اولاد کي ڪي بنيادي اصول سيکاريندا هئا. ڇاڪاڻ ته اهي آزاد هلت چلت جا وڪيل هئا ۽ اولاد مان فرمانبرداري جي توقع ڪئي ويندي هئي. اسان جون تاريخون ۽ روايتي اصول زماني طور هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين پهچندا رهندا هئا.

اسان پنهنجي يادگيرين جي صاف ۽ صحيح رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، اسان اهو به ڏسندا آهيون ته اسان جو مشاهدو صحيح هجي ۽ پاڻ تي حد کان وڌيڪ ضابطو هجي. اسان جو ننڍڙو ٻار به اهڙا ڪم ڪندو هو ته جيئن سندس مٽ مائٽ ۽ پيءُ ماءُ سندس تعريف ڪن، پر ان کي ڪنهن به قسم جي جسماني سزا ڪانه ڏني ويندي هئي، اسان جا ماڻهو ڄاڻ ۽ فن کي تمام گهڻو پسند ڪندا هئا، پر اسان ان ڏاهپ ۽ ڏات کي وڌيڪ چاهيندا آهيون جيڪي اسان جي معاشري جي پنيرائي ڪندا آهن.

شاني برادري جا وچڙيل ماڻهو پوري پوري اڌ صدي جي حياتي کان پوءِ پاڻ ۾ مليا هئا. پر هن جا به حصا ته پنجاهه سالن کان به وڌيڪ هڪ ٻئي کان جدا رهيا هئا. پر انهن مان هو هڪ حصي پنهنجي روايتن، رسمن ۽ رواجن کي پنهنجي سيني کان الڳ ڪونه ڪيو هو. منجهن ڪنهن به قسم جي تبديلي

ڪانه آئي هئي. شاني برداري جي هنن ٻنهي حصن ملڻ ڪان پوءِ هڪ گڏيل زندگي جي شروعات ڪئي هئي. ڪيس پاٽي اوتي پيئڻ لاءِ دلو به ڪونه هوندو هو. ڪنهن ڪان به نفرت ڪونه ڪندا هئا ۽ پاڻ ۾ گڏجي هڪ ٿي ويا هئا.

شاني برداري جي حياتي ۾ ڪشادگي ۽ وسعت ڏيرج، گهرائي هئي. هن معاشري ڪي ڪيترا پيرا پاڙون پٽڻ ۽ بکون ڏئي مارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. پر اهي لُڏي ڪونه سگهيا هئا. چاڪاڻ ته اها سوسائٽي امر هئي. چاڪاڻ ته هن برادري جو ڏرتيءَ سان دنياوي لاڳاپو ڪونه هو. سندن حياتي خوشين سان پريل هئي ۽ سندن مزاج ۾ مهت، مان ۽ موجاتا جو ڪو سنڌو سيڙهو ڪونه هو. منجهن پاڻ ۾ محبت جا بي پايان رشتا ناتا هئا. آزادي سندن اصول هو سهپ رواداري سندن فطرت هئي ۽ سندن زندگي منظم طريقي سان گذرندي هئي. ڪين شاني جي سماجي ادارن سان بي پناهه محبت هئي. هو ٻوٽن، جيوت سان به انتها پيار ڪندا هئا ۽ سمجهندا هئا ته اها روشني حياتي جي خالق آهي. الفورڊ جي بيان مطابق هنن سفيد ماڻهن خلاف نفرت ۽ ڪاوڙ طور ٻڙڪ به ڪانه ٻولي هئي نه وري ڪانئن ڊڄندا هئا. توڙي هنن سفيد ماڻهن ظلم جا رڻ ٻاري چڏيا هئا. هو سفيد ماڻهن ڪي ظلم جو جواب ظلم سان ڏئي ڪونه ٿي سگهيا. ڪين اهو پتو ڪونه هو ته هو دشمن سان ڇو نه وڙهيا هئا. انڪا ۽ ازيڪ تي زمين جي ماڻهن جا خيال اجهو ايئن هئا.

سنڌي سوسائٽي جي اندر جي اجرائي جا به مثال پيش ڪجن ٿا جن ڪي فنا به، فنا نه ٿي ڪري سگهي جيڪا صدين کان وٺي پنهنجي اعليٰ ۽ اوچي حيثيت سان موجود آهي. انهن ٻنهي مان هڪ مثال جو واسطو اوسيج (Osage) سنڌي برادري جي سي_ شين_ گا_ وا_ دا_ ان_گا (Se_ Shin_ ga_ wa_ da in_ ga_) سان آهي. جنهن جي معنيٰ آهي (Play Full calf) مذڪوره مثال فرانسزلا فليشي (Francis la Flesche) ڪي ٻڌايو ويو هو (ڏسو فرانسز لا فليشي جي تصنيف (The osage tribe) بيورو آف آمريڪن اينٿالاجي 1928).

اهو 1912ع جو زمانو هو. ان ڪان ٿورو اڳ 16 سالن اندر چوويهه ڪروڙ پنجاهه لکن ڊالرن جيترو سون هٿ آيو هو ان دوران به هزار اوسيج ذات جا سنڌي قتل ڪيا ويا هئا. اهو قصو هن ريت شروع ٿئي ٿو:

”منهنجا پٽ“ گابي چيو. ”قديم دور ۾، نون_ هون_ شين_ گا (Non_ Hon_ Shin_ ga) اسان ڪي وي_ ڪي_ اي (Wi_ gi_ e) جي شڪل ۾ ڪي پچن

ڏنا هئا. جيڪي سماجي رسمن جون ڪي علاقائي نشانيون هيون جن مان گهڻن جو تعلق انهن عجيب غريب شين سان هو جيڪي اسان سان گڏ موجود هيون. هنن اهي سڀ ڳالهيون وا_ ٿي_ گٿون (Wa_ the_ gthon) جي طاقت جي مدد سان سکي ورتيون هيون. جنهن کي ”سوچ ۽ فڪر جي مدسا سان ڳولا“ سڏي سگهجي ٿو. اهي ماڻهو سج جي روشني جي تعريف ڪن ٿا. جيڪا ڌرتيءَ ۽ ان تي موجود هر شيءِ کي متاثر ڪري ڇڏي ٿي. اهي رات جي اونداهي جي راز جي تعريف ڪن ٿا جنهن دوران مٿينءَ دنيا جون ڪي مبهم شيون اسان مٿان نازل ٿين ٿيون ۽ اهي سڀ شيون پنهنجي مرڪز جي چوڌاري ڦرنديون رهن ٿيون. جيڪي خودڪار آهن. اهي ابتدا کان وٺي ان ڳولا ۾ آهن تہ حياتيءَ جو ذريعو ڪهڙي جاءِ تي موجود آهي. آخر ۾ اهي سمجهي ويون آهن حياتيءَ جو ذريعو ان تخليقي سگهن کان شروع ٿئي ٿو جيڪا ڏسي ڪانہ ٿي سگهجي ۽ جنهن کي هنن وا_ ڪون_ دا (Wa_ Kon_ da) جو نالو ڏنو.

ٿوري ماٺ کان پوءِ پيڙڙي ماڻهو پنهنجو بيان جاري رکندي چيو تہ قديم نون_ هون_ شين_ دا جو گهڻيون ڳالهيون اسان تائين بہ پهتيون آهن. اهڙين ڳالهين کي عام ماڻهو اڻ ملهہ خزانو ڪري سمجهن ٿا جن جي سوچ آهي تہ موتين جهڙيون اهي ڳالهيون انهن ماڻهن جا چيل لفظ آهن جيڪي الاهي راز جهڙي طاقت جي ويجهو رهيا هئا ۽ ماڻهن، جن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ سکيو هن کان علاوه جن ماڻهن سندن چيل لفظن کي ورجايو هو سي بہ روحاني دنيا ڏانهن لڏي ويا آهن ۽ سندن اولاد کين وان_ ڪون_ دا_ گي طور عزت ڪندا آهن. يعني اهي مقدس ۽ رمز راز واريون شخصيتون هيون. جن جو ادارڪ انتهائي فهم کان مٿي هو. اهڙين سون ورنين ڳالهين جي ريتن ۽ رسمن جي شڪل ۾ تبديل ڪيو ويو آهي ان عرصي دوران اهي مقدس ڳالهيون انهن ماڻهن کان پري رکيون ويون جيڪي انهن ڳالهين کي بر زبان ياد ڪري هڪ کان ٻئي نسل تائين منتقل ڪندا رهيا آهن. ڇاڪاڻ تہ ايئن ٿيڻ ڪري انهن ڳالهين تقدس مجروح ٿي رهيو هو. تنهن ڪري اهڙيون مقدس ڳالهيون فقط انهن شاگردن کي سيکاريون ويندڻيون هيون جن کي خبر هئي تہ اهي ڳالهيون ڪيتريون مقدس آهن.

هڪ ڏينهن اهو گابو لافليشي کي انهن مقدس ڳالهين جا عنوان ٻڌائي رهيو هو جنهن پينسل هٿ ۾ جهليل هئي. اهو وقفو اهڙي جاٽو ماڻهوءَ لاءِ ضروري


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هيو جنهن ”پلي فل ڪاف“ سڏيو ويندو هو. لافليشي کي اچرج ٿي رهيو هو تہ جيڪڏهن هي جهونڙو ماڻهو بيمار ٿي پيو تہ ڇا ٿيندو. هو جڏهن پلي فل ڪاف ڏانهن ڏٺو تہ انهيءَ جي ڳلن تي ڳوڙهن جو بوندون هيون، پر پلي فل ڪاف پاڻ پرسڪون هو. هن مرڪي لافليشي ڏانهن نهاريو ۽ چيو ”ٻچا مون کي اوچتو نون- هون- شين- گا جي ياد اچي وئي ۽ اکين مان لڙڪ لڙي پيا آهن. مان جڏهن هنن مقدس ماڻهن کان پوپٽر پڇڻ سکي رهيو هوس تڏهن هو مون تي ڇپر ۽ ڇانوَ هئا. هو وڏي مچ جي چوڌاري ڪونري ڪري ويهندا هئا. مان مچ ۾ ڪاٺيون وجهندو رهندو هوس، تہ جيئن وڏيڪ سوجهرو ٿيڻ ۾ سيءُ کان بچاءُ بہ ٿئي. مان ڊوڙي هنن لاءِ جهرڻي تان پاڻي بہ ڀري ايندو هوس جنهن سان هو پنهنجي اڄ اجهائيندا هئا ۽ سيوا ڪري هو مون تي ڏاڍا مهربان هئا. اهي مان مرجاتا وارا رڄ چڱا مڙس هئا جن مون کي اهي پوپٽر پڇڻ سيکاريا هئا.

لافليشي پنهنجي رپورٽ ۾ بيان ڪري ٿو تہ هن سنڌين جي هڪ رسمي ميلي ۾ شريڪ ٿيو هو جتي هو علامتي خوبصورتي ۽ سچائي ڏسي دنگ رهجي ويو هو. هن سان گڏ پلي فل ڪاف (Palyful Calf) بہ هو جيڪو ڪيس رسمن جي ادائگي جو مفهوم سمجهائي رهيو هو. لافليش وڌيڪ لکيو آهي جنهن مقصد پلي فل ڪاف مون کي اهي رسمون ڏيکاريون تنهن ۾ ناڪام ڪونہ ويو هو. ان کان پوءِ مان چڱيءَ ريت سمجهي چڪو هوس تہ انهيءَ رسم جا ڪردار ڪائناتي (Cosmic) هئا ۽ ڪن ڪائناتي قوتن جي چرپر بابت اها هڪ ڊرامائي تشڪيل هئي جن جي گڏيل سگهہ سان ڌرتيءَ تي هي دنياوي جيوت تخليق ٿي هئي ۽ جيڪا هاڻي پاڻ هرتي چرپر ۾ آهي. حقيقت ۾ اها رسم ناچ تماشو ۽ پوڄا هئي جنهن ۾ مڪمل امن ۽ سڪون هو ۽ تحرڪ بہ هو. نہ ان ۾ فقط فرد شريڪ هئا پر ساري سوسائٽي شريڪ هئي جڻ ساري ڪائنات شريڪ هئي ۽ ان وسيلي مفهوم ۽ طاقت کي حاصل ڪيو ويو هو.

ٻيو مثال ميڪسيڪو جي اوسي پاسي رهندڙ سنڌي ماڻهن جو آهي. 1926ع ۾ مان پنهنجي هڪ دوست سان سنڌين جي ميڙ ۾ ويٺو هوس، انهيءَ ساري عملي ۾ اسان فقط بہ سفيد ماڻهو هئاسون. ان کان اڳيئن ڏينهن تي مان پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو هو. سو هائوس (House) جي انڊين ڪميٽيڊ گاجي حوالي ڪري ڇڏيو هو ۽ اهي ان جي تائيد ۾ هئا جن کي پوءِ قانوني حيثيت ملي وئي هئي. انهيءَ قانون وسيلي سنڌي قبيلي کي يقين ڏياريو ويو هو تہ اهي

”نيشنل فاريشت“ اندر مقدمو (Arch) تعمير ڪري سگهن ٿا ۽ اڪين سو سال لاءِ اهڙي اجازت هوندي هن ڳالهه جي ڪيترن ئي ماڻهن مخالفت ڪيئي هئي ۽ هن ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪايو هئائون ته جابلو ٻيلي اندر ڳجهي قسم جو ن مذهبي رسمون ملهائڻ (Promography) جي (Orgy) ۽ (Sadism) آهي. بعد ۾ ٿوري ٻڌتر ڪان پوءِ اتي وينل سنڌين اسان ٻنهي کي چيو ته. ”اوهان هڪ ڀيرو ضرور اسان جي ان ميڙي ۾ شريڪ ٿيو. مان پنهنجي ڊائريءَ ۾ هن ريت نوٽ ڪيو هو:

پبلو (Pueblo) کان ٻارهن ميل پري تاؤس جي مقدس جي 10500 فوٽ اوچيءَ چوٽيءَ تي ٻن مان هڪ پاڪ جڳهه آهي جنهن مذهبي رسمون ادا ڪيون ويندون آهن. سنڌي معاشري جا ٽي سو ميمبر ان رسم جي ادائگي لاءِ مٿي ويا آهن. هن پبلو ۾ ڇهه سو ماڻهو آهن. اهي ماڻهو پنهنجي ڪٽنب سان گڏ ويا آهن. مائرن جي ڪڇن تي سال کن جي عمر جيترا ٻار به آهن. انهن مان ڪجهه ماڻهو مٿي ويا جيڪي ڪراڙا هئا. اهي گهوڙن جي آڏو ڪي مذهبي رسمون ادا ڪندا ٿي ويا. ڪي ماڻهو برادري جي چوڻ تي پوئتي پبلو ۾ رهايا ويا آهن. ڪي وري پوڪي راهيءَ جو ڪم ڪار ڪري هن مذهبي رسم ۾ شريڪ ٿي ڪونه سگهيا آهن. سفيد ماڻهن سان تاريخي لاڳاپن ڪري هتي جي مذهبي جاين ۾ ڪي تبديليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. لين ـ ٽوس (Lean _ Tos) نالي هڪ جڳهه هئي جيڪا وڏيءَ عمر جي مردن ۽ عورتن ناهي هئي جنهن جي مٿان ماهي چم جي ڇت بدران ٽاٽ جي ڇت هئي. اهو به ڏسڻ ۾ آيو ته اتي سوٽي ڪمبلن بدران اونا ڪمبل رکيل هئا. ڪين مڪمل مڪيشين (Moccasion) پاتل ڪونه هئا پر مڪئشن جي تري مٿان (Store _ Shoe) لڳل هئا.

گهوڙن کي به نهايت خوبصورتيءَ سان سهنجيو ويو هو جن جو تعداد به سو کن هو جيڪي پر واري ماٿريءَ ۾ چري رهيا هئا. جنهن ۾ سائو گاهه ٻينو هو. ان جي ايراضي پنج ايڪڙ کن هئي. لڙيءَ ۽ آڏيءَ جو به ڪي گهوڙيسوار ڏکين چاڙها ڪن تان چڙهندا هن مذهبي جڳهه ڏانهن وڌي رهيا هئا. ڏونگر جي ڏکيا ڏاڪا هزارن سالن کان وٺي گهوڙن جي سنبن هيٺان رهيا آهن. ڇاڪاڻ ته جبل جي چوٽيءَ تي ٿهيل مذهبي جڳهه ڏانهن وڃڻ لاءِ هنن ڏکين چاڙهاڪن کان سواءِ ٻيا رستا ڪونه هئا. جڏهن ڪو گهوڙيسوار مٿي اچي ٿو ته سائي ماٿريءَ ۾ ڇيڪ ڇڏيل گهوڙن ۾ هڙڪاٽ پئجي وڃي ٿو اهو آواز ايترو ته وڏو آهي جو ٻيجن ڳائڻ وارو آواز ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. هنن روهن ۾ ڪوهن ۾ ساري رات


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

گهوڙن جا هٽڪاٽ ٻُرندا رهيا ۽ ٻئي پاسي ڪان پچن بہ چالو هئا.
قديم دور ۾ فقط پچن ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. پر هاڻي هنن سان گڏ گهوڙن جا هٽڪاٽ بہ شامل آهن. ريو گرانڊي جي ميداني علائقي جي پيبلو جي سنڌين جي ثقافت بہ هاڻي ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي. اڳي، هن مذهبي رسم تي ڪنيِن لڳل ٽوپلا پاتا ويندا هئا. هتي ڪنهن سفيد ماڻهو جا هنن کان ۽ ڪنهن ٻئي سنڌي برادري جو ماڻهو اڳي پير ڪونہ پاتو نہ وري هيءَ مذهبي رسم ڏ ٺي هئي. جڏهن ڪلئي ميدان ۾ سيني گڏجي پچن ڳائڻ جي شروعات ڪئي تہ اسان ٻئي سفيد چمڙي وارا چڻ تہ موجود ئي ڪونہ هئاسون. پرهہ ڦٽيءَ جو جڏهن هي برادري واپس وري تہ ڪنهن بہ ڪنهن کي الوداع ڪانہ چئي.
ابتدا کان وٺي انتها تائين هتي رڱو سنائي ۽ خوبصورتي موجود هئي. هيءَ مذهبي رسم اهڙي خوبصورت هئي جو جيڪڏهن ان جي تعريف ڪبي تہ لفظ کٽي پوندا. ڪاٺ جي وڏن بنڊن وسيلي باهہ جا وڏا آڙاهہ ٻاريا ويا هئا جنهن جي روشني جا تجلا گهمنڊڙ ڦرنڊڙ ماڻهن تي پئجي رهيا هئا جيڪي هن مذهبي رسم جي ادائگي واسطي خاص قسم جا ڪپڙا پائي آيا هئا. اهڙي روشني جي ڪاٺ جي بنڊن تي بہ پئجي رهي هئي. ان روشنيءَ جا تجلا لين_ ٽاس (Lean_ Tos) تي بہ پئجي رهيا هئا جنهن کي ڪاٺ جي ٽيهن فوٽن ڊگهن ٽڪرن جي مدد سان ٺاهيو ويو هو. هن قسم جو ڪاٺ ان جاءِ کان پري کان آندو ويو هو جتي مذهبي رسمون ادا ٿي رهيون هيون. هيٺ ڪاٺ جا ٽڙ رکيل هئا جيڪي هڪ ٻئي کان ہہ فوٽ پري رکيا ويا هئا جن جي مٿان ٺاٺ جو پردو رکيو ويو هو. هيٺ فرش وارو پاسو جابلو هو ۽ هيٺ مٽي هو. تنهن ڪري ڪاٺ جا ٽڙ بہ ڪٽي هيٺ ۽ ڪٽي مٿي هئا، نظر ايئن اچي رهيو هو چڻ پردي پڊيان پردو ڏنو ويو هو. جيڪو ڏنگو ڦڏو هلندو باهہ جي آڙاهن ڏانهن هليو ويو. لين_ ٽاس هينان هڪ ٿلهو (Dais) بنايو ويو هو. اتي باهہ جي مچن جي چوڌاري اهي ماڻهو ويٺا هئا جيڪي ناچ ڪري ساهي پٽي رهيا هئا ۽ سيءَ کان هٿ پير سيڪي رهيا هئا. هتي عورتون ۽ ٻارڙا بہ ويٺا هئا جيڪي مختلف رنگن جا ويس وڳا ڍڪيون ويٺا هئا جيڪي ٻرنڊڙ باهہ جي وڏن آڙاهن جي روشنيءَ ۾ ايئن چمڪي رهيا هئا جيئن چين جي عورت هارسينگار کان پوءِ جهرڪندي آهي.
قبائلي رواج مطابق هتي جي عورتن چانڊي ۽ فيروزي پٿر مان ٺهيل ڳهن ڳٺن کي گهڻو استعمال ڪيو هو.

ڏڳندڙ آڙاهن ڪري ناچ ڪرڻ واري جاءِ به ڏاڍي روشن هئي جتي ڪنهن به ماڻهوءَ ڪي رنگين ڪپڙا پاتل ڪونه هئا. باقي هلڪا سرمائي ۽ سفيد رنگ ضرور هو جيڪو باهه جي تيز روشني تي تجلا ڏئي رهيو هو. هن جڳهه تي خوبيون خاصيتون اخلاق فضيلتون انساني شڪل ۾ هيڏي هوڏي ڦرڙي رهيون هيون. ان ڪان سواءِ سوين جن ۽ ڀوت به هئا جيڪي آڙاهن جي دونهين ۾ واءُ جي واڪن جي صورت ۾ چؤطرف ڦري رهيا هئا. اهو دونهون سنڌين مقدس ماڳ مٿان جهڙ جيان جهومندو اڳتي وڃي رهيو هو. اهو معلوم ٿي رهيو هو ته هتي ڪا اتفاقي چرپر به ڪانه هئي نه وري ڪير ڪنهن سان اشارن ۾ ڳالهائي رهيو هو. هتي هر شيءِ ۾ معصوميت هئي جيڪا ساري رات لڳاتار جاري رهي هئي. انهن سينيمان نمايان وڪ عورت هئي جنهن جي ڪڇ تي ٻار هو ۽ ساري رات نچندي رهي هئي. مذهبي ڀڄن پنجاهه ماڻهن جي سنگ ۾ گائجي رهيا هئا. ڪڏهن ان سُنگ ۾ هڪ سو ماڻهو به شريڪ ٿي رهيا هئا. اهڙو راڳ رنگ 10 وڳين رات ڪان باڪ ڦٽيءَ تائين هليو ناچ به لڳاتار هلندو رهيو هو ڪنهن به ڪن پل ٻيهي ساهي ڪانه پٽي هئي، اهو هڪ ڀيرو ٿوري ماٺ ٿي ويو جڏهن سنگ وارو راڳ ٿوري وقت لاءِ بيهي ويو هو ۽ ان جي جاءِ تي فقط هڪ ماڻهو اڪيلو ڳائي رهيو هو جنهن جو آواز پر سوز ۽ ڳورو هو جيڪو فقط ستن منٽن تائين هليو هو.

ڪيترن ئي سنڌي ڀيلو ۾ اهڙا مذهبي مقدس ناچ ٿيندا رهندا آهن ۽ ناچ ڪندي وجداني ڪيفيت ۾ غلطان ٿي ويندا آهن جن ڪي پنهنجي وجود جو ڪو پتو ڪونه پوندو آهي. ڪين ڏسي خوف پيو ٿيندو آهي، هن ناچ ڪان فقط اهي ماڻهو باخبر هوندا هئا جن پاڻ وڃي اهي مذهبي ناچ ڏٺا هوندا. هن قسم جي ناچن ريڊ ڊيئر ڊانس (Red Deer Dance) مختصر هوندو آهي. هر موقعي تي سنڌ جي قبيلا جهنگلي طاقت ڪي سڏيندا آهن جن جو تعلق هن ڪائناتي عنصرن سان هوندو آهي، ناچ جي هيءَ رسم قديم دور ڪان وني هلندي پئي اچي. ان ڪان سواءِ هن راڳ وسيلي پنهنجي اندر مان عشق ۽ قوت ڪي ٻاهر سڏڻ آهي. جن وسيلي قديم زماني ۾ حياتي جو ظهور ٿيو هو. جنهن حال ۽ مستقبل ڪي بچائڻ ضروري آهي. جيئن وقت گذرندو ويو تيئن انسان ۽ راز ۽ رمزون پنهنجي جاءِ ڇڏيندا ويا. معلوم ايئن ٿي رهيو هو ڄڻ اها فقط انساني سرور ۽ خوشي ڪانه هئي. اها پر اسرار شي هر پل ۾ نئين، هر ڪر ۾ منفرد طاقت سان


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وڏندڙ وجداني ڪيفيت هئي. ناچ ڪندي جنهن وقت اچل ڏئي مٿي ٻچانگ ڏئي رهيا هئا، راڳ جو آواز بہ چڙهه ڦوهارو ڪري ٻاهر اچي رهيو هو. ان وقت ڪين ڪنهن بہ قسم جو هوش ۽ حوصلو ڪونہ هو. ان وقت محسوس ايئن ٿي رهيو هو تہ اهو هڪ انساني راڳ نہ آهي، جڙهه هڪ ٻنيو ڪلي ويو آهي، وحشي ۽ ڪائناتي قوتن اهو سڏ ٻڌي ورتو آهي ۽ هتي اچي واسو ڪيو آهي. هن قبيلي جو مذهبي تصور بہ اهو آهي، نظر بہ ايئن اچي رهيو آهي. هڪ تند ۽ تيز طوفان اندر جسماني موجودگي جڙهه تر ۽ تيز طوفاني سامونڊ لهرين کي ڪابہ روڪ جهلي بيهاري ڪانہ سگهندي. ظاهري طور فقط ايترو چئي سگهجي ٿو تہ اهو ڪن عجيب غريب قوتن جو اخراج هو. جڙهه قديم مذهبي اعتقاد هڪ بي پناهہ متحرڪ قوت بڻجي ٻاهر اچي رهي آهي. اهڙي اظهار اندر هڪ امنگ ۽ سرور هو جنهن ۾ ڏيرج شامل هو هڪ شان هو جنهن ۾ هو دنياوي شيءِ عدم موجود هئي.

ان رات ۾ ان جڳهہ تي ساري پيبلو جو روح موجود هو جنهن بابت سيني کي پڪ هئي ان سان گڏ ڪي قوتون موجود هوبن پر نظر نہ ٿي آيون ۽ نيم شخصي هيون جيڪي دنياوي حياتي جي مرڪزي چشمن سان ڳنڍيل هيون. اها پيبلو سان لاڳاپيل هڪ بنيادي حقيقت آهي جيڪا سنڌين جي سوچ ۽ فڪر اندر موجود آهي. سنڌين جو اهڙين قوتن سان رشتو نہ ڪا گذارش (يا وينتي) جي شڪل آهي نہ تعريف نہ وري ڪنهن خوف خطري جو نتيجو آهي. پر هن مان سندن مقصد خوشين ۾ حصو ونڻ آهي. اهو هڪ دائمي ڪوشش ۾ حصيدار ٿيڻ برابر آهي. جنهن وسيلي ڪٽي تمام پري هڪ ڳوٺ جو پنهنجي مقصد سان ميلاپ ٿئي ٿو جتي انسان خود- رو ڦرندڙ ڪائنات هڪ جيترو پوڻن ٿا تہ پر قبائلي ڏندڪٿائون ڇا آهن؟ اهڙيون ڳالهيون دنيا جي ختم ٿيڻ تائين نہ سنڌي ثابت ڪري نہ وري اسان انهن کي ڪوڙ ثابت ڪري سگهون ٿا. پر روحاني ڏندڪٿائون ڇا آهن؟ هن سوال جو جواب ڪٿي ڇا بہ هجي، پرڏسڻو اهو آهي تہ جنهن قوم وٽ هي روحاني ڏندڪٿائون ڪونہ آهن تہ اهي بي انتها ظالم ۽ حريص هونديون آهن.

معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ اهڙي روحاني ڏندڪٿا انسان ۽ خالق وٽان شروع ٿئي ٿي. ڏٺو وڃي تہ هن ڏندڪٿا کان وڌيڪ سني ڏندڪٿا ٻي موجود ڪانہ آهي، ڇاڪاڻ تہ هن ڏندڪٿا وسيلي سيني انساني نسلن کي آڻي هڪ

جاءِ تي گڏ ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ پالي وڏي ڪرڻ جو هڪ مستقل جذبو موجود آهي. اهڙي ساڳي قسم جي ڏندڪٿا يونان جي مندرن ۾ به موجود ڏسجي ٿي. پر اتي روحاني راڳ ۽ ناچ جي شروع ٿيڻ کان اڳ اهي مندر ختم ٿي چڪا هئا. انهن ديوارن جي نقش و نگار جي ڏتجڻ ۽ تلهن جي رنگ جي اپاٽجڻ کان اڳ، روحاني الهام يا ... هلڻ، پاڻ (Pan) جي موت بلڪ اٿينس جي سماجي دور جي شروع ٿيڻ کان اڳ اهي مندرناس ٿي چڪا هئا.

**

باب نائون

# ريوگرانڊي جي اترئين علائقي جي فتح

ريوگرانڊي جي اتر ۾ سنڌين جي رڪارڊ لئبرا ڊور (Laber Dor) کان شروع ٿئي ٿو. گاسپر ڪورٽيرال (Gaspar Cortereal) نالي هڪ پورچوگيز 1501ع ۾ هتي آيو هو هيءُ ماڻهو غلام ڪري وڪڻڻ پنجاهه سنڌي اغوا ڪري هليو ويو. پر وطن ڏانهن ويندي سندس جهاز بارش ۽ طوفان دوران سمنڊ ۾ ٻڏي ويو. ان جهاز تي سنڌي زنجيرن سان جڪڙي ٻڌا ويا هئا سي به ٻڏي ويا. ٻيو جهاز پورچوگال صحيح سلامت پهتو ۽ سنڌي غلامن مان فقط ست جيئرا ماڻهو پهتا هئا. پورچوگيزن آمريڪا جي اصلي ماڻهن کي عجيب غريب مهمانواز ۽ آئي ويل ڪم اچڻ وار ڏٺو هو ۽ هن علائقي کي لئبرا ڊوز جو نالو ڏنو هو جنهن جي معنيٰ آهي اهو علائقو جتان مزدوري لاءِ گهڻا ماڻهو ملي سگهن.

تاريخ ۾ ٻيو نالو هڪ جهونڙي ماڻهوءَ جو آهي جنهن جو نالو پونس ڊي ليون (Ponce De Leaon) هو جيڪو فلوريڊا (Floreda) هڪ چشمي جي ڳولا ۾ آيو هو جنهن جي پاڻي پيئڻ سان ماڻهو نوجوان ٿي ويندو. سنڌين هن ماڻهوءَ کي پنهنجو مهمان سمجهي ڏاڍي سيوا ڪئي هئي. هي اتي اٺ سال رهيو ۽ محسوس ڪيو هئائين ته انهن سنڌين جو رويو گهڻو تبديل ٿي چڪو هو. چاڪاڻ ته ان وقت تائين اسپيني مهم جو هتي پهتا هئا ۽ ميڪسيڪو جي بگلف واري ساري ساموندي پٽي اجاڙي پينگ ڪري هليا ويا هئا. ان کان هڪ سال اڳ ليوڪس واسڪيوز ڊي ائلون (Lucas Vasquez Ayllon) جنهن هئٽي (Haiti) کي سنڌين کان خالي ڪري ڇڏيو ۽ سڀ ڪٽي وڃي ڪاٽين جي ڪم ۾ هنيا هئائين ۽ چيڪورا (Chicora) جي ساموندي ڪناري کي پيلي پينگ ڪري ڇڏيو هو. (هاٽي چيڪورا کي جارجيا ۽ سائوٿ ڪئرولينا جي نالن سان

سڏيو ويندو آهي.) ان کان سواءِ غلام بنائڻ جي مقصد سان هڪ سو سنڌي اغوا ڪري ويو هو. انهن مان هڪ جهاز تي سهائجڻ جيترا سنڌي هٿئتي آندا ويا هئا. باقين کان ڪاٽين جي مزدوريءَ سان لاتو ويو هو جتي هو چڙي چڙي مري ويا هئا. جڏهن پونس ڊي ليون ڀيو پيرو فلوريڊا آيو ته سنڌين ڪيس چيو هو ته هو ٻيڙي کان هيٺ نه لهي. پر هو جڏهن هيٺ لٿو ته ڪيس ۽ ساٽس گڏ ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيو هو. ان کان پوءِ اها مهم واپس هلي وئي.

ان کان پوءِ سنڌين کي غلام بڻائڻ واري مهم پهتي هئي جنهن جو اڳواڻ هرنانڊو ڊي سوٽو (Hernando De soto) هو جيڪو پيرو (Peru) جي فتح وقت پزارو (Pizarro) سان گڏ هو. هن هڪ موقعي تي پنهنجي مان ۽ شان جو ان وقت مظاهرو ڪيو هو جڏهن پزارو انڪا جي شهنشاهه اتاهلپا (Ata Haulipa) کي قتل ڪري رهيو هو ۽ ڪيس ايئن ڪرڻ کان جهليو هئائين هو جڏهن اتر آمريڪا پهتو هو ته اتان اصلي رهاڪن سنڌين سندس ڏاڍو آڌرڀاءُ ڪيو هو. هتان جا سنڌي ڏاڍا سکيا ستابا هئا ۽ صلح سانت سان رهندا هئا پر هن ڪين مهمانوازي جو اهڙو بدلو ڏنو جو هميشه ياد رهيو.

قصو هن ريت آهي ته اتر آمريڪا جا سنڌي ڊي سوٽو جي ڏاڍي خدمت چاڪري ڪري رهيا هئا. ان وقت هي انهيءَ علائقي ۾ رهندو هو جنهن کي هاڻي آرڪنساس (Arkansas) سڏيو ويندو آهي. ان وقت ڊي سوٽو سوچيو ته اهڙو ڪو ڪم ڪجي جو هتان جي سنڌين تي اسپين وارن جي دهشت ويهي وڃي. اتان کان ٿورو وٿيرڪو نيلڪو (Nilco) ذات جي سنڌين جو هڪ شهر هو جنهن جي آدمشماري پنج هزار هئي. ڊي سوٽو انهن خلاف فوج رواني ڪئي جنهن اوچتو وڃي ڪين سوگهو ڪيو. ڊي سوٽو جي مهم جو قصو بيان ڪندي جينٽل مئن آف ايلواس (Gentleman of Elvas) جو بيان آهي. ته ڊي سوٽو جا موڪليل فوجي ايترو ته تيزيءَ سان پهتا جو اتان جي سنڌين کي ڪمان (Bow) سنڀالڻ جو به وقت ملي ڪونه سگهيو هو. اٽڪل هڪ سو ماڻهن کي قتل ڪيو ويو. ڪن کي هن مقصد سان سخت زخمي ڪري ڇڏيو ته جيئن ڏسندڙن مٿان اسپين وارن جي هيبت ۽ دهشت ويهي وڃي. اسپين جي ڪن فوجين ماڻهن جي روبرو انهن جي معصوم ٻارن ۽ ڪراڙن والدين کي ڪهي ڇڏيو. جيڪي سندن آڏو رت ڳاڙي تڙپي تڙپي مري ويا. اهو سارو ڪيسُ قهر سندن دلين مٿان اسپيني فوج جي وهشت وهارڻ جي مقصد سان ڪيو ويو هو.

ڪريڪ ڪائونٽي (Creck County) (جارجيا) هڪ خوبصورت سنڌي شهزادي ٻي سوٽو جي دلي آجيان ڪئي هئي ۽ ڪيس قيمتي سوکڙيون بہ ڏنيون هيون. پر ٻي سوٽو هن کي بہ اغوا ڪري پاڻ وٽ رکي ڇڏيو هو. هتان چڱن مڙسن ۽ سردارن بہ هن جو شاندار استقبال ڪيو هو پر هنن جي بي انتها مهمانوازي بدلي ڪيس اغوا ڪري پاڻ وٽ رکي ڇڏيو هو. هن هر ڳوناٽي کي زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏيو فصلن کي باهيون ڏياري رک ڪري ڇڏيا. زنجيرن ۾ ٻڌل سنڌين هڪ ماڳ کان گهليندو ٻئي ماڳ تائين پهچندو هو ۽ ڪانئن خاص جاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ بي انتها عذاب ڏنا ويندا هئا. اهڙيون حقيقتون سنڌين ڪونہ ٻڌايون هيون. پر انهن ماڻهن ٻڌايون جيڪي ٻي سوٽو سان گڏ هئا ۽ انهن ماڻهن بہ ٻڌايون هيون جيڪي ٻي سوٽو جا هئا جن ۾ (Genlte of Elvas) بہ هو هن ماڻهوءَ جون اهي اخلاق سوز حرڪتون 1542ع تائين جاري رهيون. جنٽل مين آف ايلوس لکي ٿو تہ ”ڪئپٽن دون هرناندو ٻي سوٽو 21 مئي 1542ع تي مري ويو جيڪو ان وقت ڪيوبا ۽ فلوريڊا جي آڊيلنٽا ( Ade Landta) جو گورنر هو هي ماڻهو بي انتها سخي ۽ بااخلاق ۽ وڏن خوبين وارو عظيم انسان هو.“

ٻي سوٽو اڳتي وڏي هيسيسپي درياہ ڳولي لڌو هو. هن جارجيا جي ساموندي ڪناري کان هيسيسپي درياهہ کان هن پار موجود سنڌين کي بہ ڳولي ورتو هو جن سان گڏ هڪ سفيد چمڙي وارو ماڻهو بہ گڏ هو. ان ڪانپوءِ ڪورو نادو (Caronado) جي مهم جوئي جو قصو موجود آهي جيڪو ٻي سوٽو کان پوءِ سنڌين جي آمريڪا ۾ گهڙو اندر هليو ويو هو ۽ فتحون حاصل ڪيون هيون ۽ بي انتها شهرت حاصل ڪئي هئي ۽ آريزونا (Arizona) ۽ نيون ميڪسيڪو (New Maxico) پار ڪري گهڻو اڳتي هليو ويو هو ۽ ڪولو ريڊا جي گرانڊ ڪئينون (Grand Canyon) کي دريافت ڪري ورتو هو ۽ اتي موجود سنڌين جي شهري رياستن (City State) سان تعلقات پيدا ڪري ورتا هئا. ان ڪانپوءِ هو اڳتي وڏي ٽيڪساس (Texas) پهتو ۽ ان کان بہ اڳتي نڪري ڪئنساس (Kansas) پهتو هو جتي ڪئويرا (Quivira) کي ڏٺو هو جنهن جون ڪيئي ڏندڪٿائون مشهور هيون. جيڪو شام جو وڻن جي ڇانو ۾ ستو پيو هوندو هو. هن جي آرام ۽ گهريءَ ننڊ لاءِ سون جا ننهيل گهنڊ وڄندا هئا جيڪي وڻن ۾ ٻڌل هوندا هئا ۽ هوا تي وڄندا رهندا هئا. هن ڪئويرا جو تعلق سنڌين وچيٽا (Wichita) قبيلي سان هو جيڪو پرامن هو ۽ آئي وئي جي عزت ڪرڻ وارو هو.

هن جوءِ ۾ سون پيدا ڪونہ ٿيندو هو. هتان جا سنڌي رومان پسند هئا جيڪي ڪورو ناڊو جي رهنمائي ڪندا ڪيس گهڻو اڳتي وٺي ويا ۽ آخر ۾ ڪيس گهٽا ڏئي قتل ڪري ڇڏيائون.

ڪورو ناڊو جي مهم جوئيءَ بابت سچو احوال پيڊرو ڊي ڪاستيناڊو (Pedro De Castenado) ڪان مليو آهي. هي ماڻهو ڪورو ناڊو جي خانگي فوج جو سپاهي سندن ڳوٺن کي ساڙي رک ڪرڻ لاءِ جوڙي هئي. سندسن لکيل اهو دستاويز آمريڪا جي فتح واري دور سان لاڳاپيل هڪ پروسي جوڳي تصنيف آهي. ڪاستيناڊو هتان جي وسيع ڪليل ميدانن جو دل کولي ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن سنڌين جو بہ ذڪر ڪيو آهي جيڪي انهن ميدانن جا اصلي رهاڪو هئا هن اهو بہ ٻڌايو آهي تہ هتي جهنگلي مينهن جا وڏا ڌڻ چرندا هئا. ان سان گڏ هن علائقي جي سفيد رنگ جي ٻگهڙن جو بہ ذڪر ڪيو آهي. ان سان گڏ هيءَ حقيقت بہ ٻڌائڻ ڪان ڪانہ وساري آهي تہ مينهن جي وڏن ڌڻن سان گڏ وڏي قد جي سهڻن جا ولر بہ چرندارهندا هئا ۽ جيڏانهن مينهن جا اهي ڌڻ ويندا هئا انهن سهڻن جا ولر بہ سندن ڪڍ لڳي پوندا هئا. هن پيبلو جي سنڌين (ڳوٺن جي سنڌين) جي زندگي بابت بہ گهڻي معلومات ڏني آهي. هن ڪان اڳ ڪنهن بہ جيڪا سفيد ماڻهو ڪانہ ڏني آهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هن جي ڏنل سنڌي ڳوٺاڻن بابت پهرين ۽ اهم معلومات آهي.

ڪورو ناڊو مکيہ طور سون کوٽڻ جي مهم تي نڪتو هو ۽ سون بہ گهڻو حاصل ڪيو هو. هن سان گڏ سون جي مهم ۾ جيڪي ماڻهو هئا سي مذهبي تبليغ کي پسند ڪونہ ڪندا هئا. هنن جا هتان جي سنڌين سان تعلقات پين جي پيٽ ۾ چڱا هئا.

جيڪڏهن ڪورو ناڊو سون هٿ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ها تہ هن بابت قصا مختلف هجن ٿا. ڪيس سون هٿ ڪونہ لڳو هو. هن جو مقصد فقط سون گڏ ڪرڻ جو هو. تنهن ڪري هن جي اينڪميندوس ۽ ريپا ريٽمينٽوس قائم ڪرڻ جي مرضي ڪانہ هئي. اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ هن جو مقصد سون هٿ ڪرڻ هو تنهن ڪري هن سنڌين سان ايڏو وڏو ظلم ڪونہ ڪيو هو ۽ ناڪام ٿي ميڪسيڪو ڏانهن موٽي آيو هو. پر اهم حقيقت اها آهي تہ هن سنڌين کي پنهنجي ڏاڍ جو نشانو ڪونہ بنايو هو ۽ ڪين عذاب ڏئي اهو معلوم ڪونہ ڪيو هئائين تہ سون ڪٿي آهي.

مختصر تہ ڪورو ناڊو جيترو بہ وقت سنڌين سان گڏ رهيو تہ هنن سان سٺا لاڳاپا قائم ڪيا هئائين سنڌين هن ڪي هر چيز ڏني هئي پر موٽ ۾ هن کين ڪجھ بہ ڪونہ ڏنو و پر صبر ۽ سهپ جو مظاهرو ضرور ڪيو هو. هنن پٽل جون بيڪار توبون بہ ڏنيون هئائين. ان کان سواءِ هنن کي بيدلو گهوڙا بہ ڏنا هئائين جيڪي آمريڪا جي ڪنڊ ۾ موجود ئي ڪونہ هئا. هن پيو ڪم اهو بہ ڪيو هو تہ اتر آمريڪا جي ماڻهو طرفان اسپين لاءِ نيڪ خواهشن جو پيغام کڻي آيو هو. ان کان سواءِ هن جاگرافيءَ جي معلومات ۾ بہ اضافو ڪيو هو. خاص ڪري انساني جاگرافي ۾، هن اهو بہ ٻڌايو هو تہ هتان جي مختلف نسلن ۾ باهمي لاڳاپن جو گهڻو احساس موجود آهي. اهڙو احساس مختلف نسلن جي وڌڻ ويجهڻ سان اجا بہ وڌيڪ اسرندو رهيو هو. اهڙيون ڳالهيون ڏکڻ اولھ آمريڪا جي سنڌين جي لاڳاپن بابت لکيل تاريخن ۾ بہ موجود آهن.

هاڻي اسان اسپيني ماڻهن جي حملن کي ڇڏي انگريزن جي حملن جو ذڪر ڪنداسون سر رچرڊ گرنول (Rechard Grenville) هڪ ڪئپٽن هو جيڪو پنهنجي دور جو هڪ امر ڪردار هو ۽ ڪئپٽن هو اهن اسپين ساري آرماڙ کان پلاند ورتو هو ۽ اڳتي وڌي ازورو (Agores) جي سامونڊي ڪناري ڏانهن نڪري ويو هو. هن مٿي سفر ڪري روموڪ (Roamoke) درياھ تائين پهتو هو. جنهن جي ڪنڌين ڪنارن سان سنڌي آباد هئا. هو جتي بہ پهتو اتان سنڌين کيس مهمان سمجهي ڏاڍي سيوا ڪئي هئي. پر جڏهن سندس ميزبان هن جو هڪ چانديءَ جو پيالو چورايو تہ هن انتقام طور ساري ڳوٺ کي باھ ڏئي ساڙي رک ڪري ڇڏيو هو. ان کان پوءِ انگريزن هن ڌرتي ڏانهن اڳتي وڌڻ شروع ڪيو جيڪا اجا تائين خالص ۽ هڪ ڪنوار جيان اڻ ڇهيل، خالص ۽ مقدس هئي. منجهس اجا تائين اهي ساڳيون شيون موجود هيون جيڪي خدا تعاليٰ پاڻ تخليق ڪيون هيون اتان جا اصلي رهاڪو سنڌي پنهنجي قديم روايتن مطابق ڏاڍا سچا ۽ سباجهڙا، اندر جا اجرا ۽ هلت چلت ۾ سادا هئا.

ورجينيا ۾ سفيد آباد ڪاري 1607ع کان شروع ٿي هئي. انهيءَ ۾ زماني ۾ جيمس ٽائون جي سفيد ماڻهن جي ڪالوني پوهاٽا حڪمران جي حدن اندر واقع هئي. پوهاٽا ٿوري عرصي کان پوءِ جمس ٽائون تي حملو ڪيو هو جنهن جو هن ڪالونيءَ سخت جواب ڏنو هو. هن 1622ع ۾ وفات ڪئي هئي. پر هن جي وفات کان اڳ آباد ڪارن جو وڏو تعداد مختلف مرحلن ۾ ايندو ۽ آباد

ٿيندو رهيو هو. اهڙي ريت اصلي ماڻهن ۽ آباد ڪارن جي آدمشماري جو توازن بگڙندو ويو ۽ بعد ۾ اقتدار جو توازن بہ هميشہ لاءِ بگڙي ويو. هن جي وفات کان پوءِ اوپيچان ڪئوهہ (Opechan Canough) سندس جانشين ٿيو. جنهن پڻ هن ڪالوني مٿان حملو ڪيو هو. پر ناڪام ٿيو هن 1644ع ۾ ٻيو ڀيرو حملو ڪيو. ان وقت سندس عمر 90 سالن کان مٿي هئي. ان کان پوءِ پوهاٽان جو وفاقي سرحدون رت ۽ باهہ جي ورچڙهي ويون. اوپيچان ڪئوهہ کي گرفتار ڪيو ويو جيڪو پاڻ ئي وڏي عمر ۽ ٿڪ ڪري مرڻ وارو هو جنهن کي اجايو سندس پهريدارن کان قتل ڪرايو ويو هو. هن جڏهن پنهنجي چوڌاري گوڙ ۽ شور جو آواز ٻڌو تہ هن جهونڙي چيو هو تہ، ”منهنجي اکين جا ڇپر مٿي ڪيا وڃن تہ مان گورنر کي ڏسان.“ هن سفيد گورنر کي ڏسي چئي ڏنو هو تہ، ”جيڪڏهن مون کي انگريز گورنر کي گرفتار ڪرڻ جي طاقت هجي ها تہ مان ڪيس سندس ماڻهن جي روبرو ايترو بيعزت نہ ڪريان ها.“

انگريزن جو مي فلاور May Flower0) جهاز 1620ع ۾ پهتو هو. مئسا چيوسيٽس (Massa Chusetts) ۾ سنڌين ۽ انگريزن وچ ۾ صلح جو عهدنامو ٿيو هو جيڪو ڏهن سالن تائين طئي ڪيو ويو هو ۽ اهو مذڪوره جهاز جي اچڻ کان پوءِ ٿيو هو. پر ان کان پوءِ اهڙي ڪا بيماري پئي جو پينو بڪسڪوٽ (Peno Bscot) کان وٺي نئراگنيسٽ (Narragunsetts) تائين سارو ساموندي ڪنارو سنڌين کان خالي ٿي ويو هو. ڪاٽن مئدر (Cotton Mather) جو بيان آهي تہ سارا ٻيلا هن مخلوق کان خالي ٿي ويا هئا. اهڙي ريت 1621ع جي معاهدي مطابق اها خالي جاءِ انگريزن کي پرڙٽي هئي. مئسائيٽ (Massasoct) جي سردار ومپنڪئگس (Wampancags) 1621ع ۾ نون آيل ماڻهن سان ڪيل معاهدي تي صحيح ڪندي چيو هو تہ اي انگريزو! وڃي اهو علائقو سنڀاليو ڇاڪاڻ تہ قبضي ڪرڻ لاءِ اجا بہ گهڻي زمين خالي پئي آهي. وڏي روح، زمين جو مٿاڇرو صاف ڪري ڇڏيو آهي. پر مئسا چيو سيٽس جي نون آباد ڪارن اولهہ ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو هو. جڏهن تہ ڊچ آباد ڪارن هڊسن درياهہ کان اوپر ڏانهن رخ ڪيو هو. وچ تي پيڪيوٽ (Pequot) ذات جا سنڌي تباهہ ٿي ويا هئا. جيڪي ڪنيڪٽيڪٽ (Connecticut) درياهہ جي ڪنڌين ڪنارن سان رهندا هئا. سندن ڏوهہ اهو هو تہ هنن پنهنجي سر بچاءَ لاءِ هٿيار کنيا هئا. ان کان پوءِ ڏارين فوجين اندر هڪ نعرو عام هو ”قتل عام“ جان مئسن (John

(Mason) هڪ پيشور فوجي هو جيڪو مئسا چيوسيٽس ۾ پنهنجي تلوار چڙهي آيو تنهن ڏچن ڪي سنڌين جي قتل عام لاءِ پگهار تي رکيو هو هن جي مدد لاءِ بوسٽن کان فوجين ۽ توبن جا ٽي جهاز پرجي آيا هئا. هي 1637ع جو واقعو آهي. سنڌين جي قتل عام جي معاملي ۾ گهاٽي سنگت ٿي وئي هئي. هنن ٻنهي ڌرين پاڻ ۾ جُهٽ ٿي اهو فيصلو ڪيو هو تہ ڳاڙهن سنڌين کي ماري ختم ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻ ۾ نهي وجبو. جڏهن کين پڪ ٿي تہ پيڪيوٽ ذات جا سنڌي ڪاٺ جو اَڙ_ ڪوٽ (Palisade) جوڙي ان جي اوٽ ۾ گهريءَ ننڊ ۾ ستا پيا آهن تہ هنن وجي مٿن اوچتو حملو ڪيو هو. اها باڪ ڦٽيءَ ويل هئي. جنهن جي هلڪي روشني ۾ سندن ڪاٺ گهر (Wegwams) چمڪي رهيا هئا. هي اهو علائقو هو جنهن کي هاڻي نيولنڊن جي نالي سان سڏيو ويندو آهي ڪئپٽن مئسن سان تازو دم فوج گڏ هئي. جن مٿن اوچتو حملو ڪيو ۽ ٻرندڙ اُماڙيون ڏئي سندن ڪاٺ گهورن کي باهہ ڏئي ڇڏي. جڏهن اهي ماڻهو ٻرندڙ گهرن وچان گذرڻ لڳا تہ انهن مٿان بندوقن سان گوليون وسائڻ شروع ڪيون ويون ڪئپٽن مئسن رڙ ڪري چيو هو "خدا اوهان جي مٿان آهي." پوءِ هو وڏا ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳو هو. دشمن هنن کان وڌيڪ نفرت ڪري رهيا هئا. جيڪا باهہ جي چپي جيان پڙڪي رهي هئي. ڊاڪٽر ڪاٽن مئدر هن قتل عام بابت هڪ لکيل احوال ڏنو آهي تہ ان ڏينهن پيڪيوٽ (Pequat) ذات جي سنڌين کي جهنم ڏانهن موڪليو ويو.

ڏچ خدا جا چونڊيل ماڻهو گهٽ هئا ليڪن پيورٽانس (Puritans) هئا. تنهن ڪري هو سنڌين تي رحم ڪرڻ جا قائل ڪونہ هئا. هنن سنڌين کان ابائي زمينون خريد ڪرڻ شروع ڪيون هيون. بعد ۾ هن منصوبي کي اهم سمجهي ان تي سختيءَ سان عمل ڪيو ويو هو. هنن سنڌين مهاٽان (Mahattan) ٻيٽ خريد ڪيو هو جنهن لاءِ هنن سنڌين سترهن ڊالر ادا ڪيا هئا. معلوم ائين ٿي رهيو آهي تہ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي يورپين ۽ ٻين ڪالونين جي سفيد ماڻهن سنڌين کان في ايڪڙ زمين 3.147 سينٽ ۾ خريد ڪئي هئي ۽ پاڻ ٻن ڊالرن ۾ وڪرو ڪئي هئي.

فرنچ ۽ ڪئاڪرس (Quakers) ٻين يورپي حملہ آورن جي ڀيٽ ۾ ڪجهہ انسان دوست هئا. هنن يورپي ماڻهن جي ظلم پري تاريخ جي شدت ۾ ڪجهہ گهٽتائي آندي هئي، هن سان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ فرينچ سنڌين جي ڌرتي تي

قبضي ڪرڻ جي نيت سان آمريڪا ڪونہ آيا هئا. هنن جي اچڻ جو مقصد تجارت هو تنهن ڪري سنڌي ماڻهو هنن تي وڏو ويساهہ ڪندا هئا. ان کان پوءِ فرينچن سنڌين سان گڏ ويهي سنڌين جهڙا ٿي ويا هئا ۽ انهن منجهان شاديون بہ ڪيون هئائون. ان کانپوءِ فرينچ جيسوٽ (Jesuit) آيا جيڪي راهب هئا هنن جي زندگي گذارڻ جو طريقو ڏاڍو ڏکيو هو ۽ نسلي فرق جا قائل هئا. هنن ماڻهن تذڪرا (Chronides) بہ نهايت خبرداريءَ سان لکيا هئا.

ڪئاڪر پينسليوانيا (Pennsylvania) ۾ رهندا هئا. جتي ويهي هو اندر جو سڪون حاصل ڪندا هئا ۽ اهو روحاني سبق سکندا هئا. جيڪو سنڌي ماڻهن جي اندر ۾ موجود هوندو هو جيڪو قديم روايتن مطابق هو.

ڏسڻ ۾ ايئن اچي ٿو تہ هي فرينچ ۽ ڪئاڪر روشن ضمير انسان هئا جيڪي فرانس جي شاهي مفادن کي ڪجهہ ڪونہ سمجهندا هئا ۽ انهن جي پيٺ ۾ پنهنجي مذهبي مقصدن کي مان ۽ مهت ڏيندا هئا انهيءَ زماني ۾ فرينچن ۽ انگريز جي وچ ۾ تجارتي ۽ سياست ۾ دشمني چوٽ چڙهيل هئي اهي ٻئي ڌريون سنڌين کي هڪ ٻئي جي خلاف استعمال ڪنديون هيون. ان دور جي سنڌي ماڻهن لاءِ فرينچن يا انگريزن جي پاسي وٺڻ کان سواءِ ڪو ٻيو رستو بہ ڪونہ هو. انگريزن ۽ فرينچن مان جيڪا بہ ڌر سوپاري ثابت ٿيندي اها ئي سياسي طور سگهاري سمجهي ويندي هئي. شڪست کائڻ واري ڌر اڳواٽي ڪرڻ بدران بچاءَ ڳوليندي هئي. اهي ٻئي سامراجي طاقتون هيون ۽ هر سامراج ڌر پنهنجي سامراج دشمن کي ختم ڪرائڻ لاءِ سنڌين کي ڪتب آڻيندي هئي. اڳتي هلي ان جو اثر اهو ٿيو جو پنهنجي ڌر جي سامراج کي بچائڻ لاءِ سنڌين جون پاڻ ۾ جنگيون شروع ٿي ويون.

وليم پينس William Penns0) کانپوءِ اينڊڙ سندس جانشين ٻين سان گڏجي اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ سياسي راند ڪيڏي هئي. جنهن ۾ هو ڪامياب بہ ٿيا هئا, سندن ڪاميابي جو اهم سبب بہ هو اهو هيءُ هو تہ ٻئي ڌريون سنڌين جي بهادري ۽ وفاداري جي ڪري کين بي انتها عزت ڏيندا هئا ۽ ساڻن پيار ڪندا هئا. يورپ وارن جي اها حڪمت عملي ڏاڍي ڪامياب ثابت ٿي هئي. سنڌي ان جي موٽ ۾ کين کانہ ڪا قيمتي شيءِ تحفي ۾ ڏئي ڇڏيندا هئا. جڏهن سنڌي ڪئاڪرس کي ڪا شيءِ تحفي طور ڏيندا هئا تہ موٽ ۾ ڪئاڪرس بہ اهڙو تحفو سنڌين کي ڏئي ڇڏيندا هئا. تحفن جي اهڙي ڏي وٺ

۾ ڪئاڪرس جي سچائي ۽ ايمانداري موجود هوندي هئي. هڪ پاسي ڪئاڪرس امن جو نعرو هڻندا هئا تہ ٻئي پاسي هو انگلينڊ جي اروڪوئس (Iroquios) سان بہ گڏ هئا جيڪي فرينچن جي بقا جي لاءِ سنڌي فرينچ جنگ کي وڌائڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جا زور لائي رهيا هئا.

هتي يورپ کان آيل هر ڌر پنهنجي اقتدار لاءِ سياسي راند ۾ رڌل هئي. اهڙين ڌارين جي اقتدار لاءِ وڙهي وري بہ پاڻ ۾ سنڌي قبيلا رهيا هئا. اهو هڪ عجيب صورتحال هئي جنهن ۾ يورپي ڌرين جي اقتدار لاءِ سنڌي ماڻهو پاڻ ۾ وڙهي هڪ ٻئي کي ناس ڪري رهيا هئا. اهڙي مقصد لاءِ سنڌي ذاتين ۾ ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ جنگ متل هئي جيڪا گهرو جنگ جي شڪل اختيار ڪري وئي هئي ۽ ٻئي يورپي ڌريون سنڌين کي بهادر ۽ وفادار هئڻ جا خطاب القاب ڏئي رهيون. اهڙي ريت سنڌي پرائي هشڪر تي پنهنجا ڪنڌي ڪپي رهيا هئا. سنڌين پاڻ ۾ وڙهندي ڳوٺ، ڳوٺن چوڌاري ٻيلا پڪل فصل ساڙي پيينگ ڪري ڇڏيا. چريا ۽ چيتا سنڌي پرائي يورپي اقتدار لاءِ سرتري تي رکي پنهنجي هر شيءِ داءَ تي لائي ڇڏي هئي. هنن پراون لاءِ پنهنجن جي هرچيز پيينگ ڪري ڇڏي هئي ۽ اهو ڪو هڪ پيرو ڪونہ ٿيو هو. سنڌين جي اهڙين پُٽين ڳالهين ڪري يورپ وارا سندن وطن آمريڪا تي قبضي ڪرڻ ۾ سوڀارا ٿيا هئا. اهڙيءَ ريت جيڪي ڌريان ئي ڌاريان موڪلي رهياهئاسي آمريڪا ٻڌجي ويا ۽ جيڪي آمريڪي ڌرتي جا اصلي ڄاوا ۽ مٽيءَ ۾ جا اهي ماڻهو هئا تن کي ريڊ انڊين (Red Indian) سڏي آمريڪا تان هٽ پٽايو ويو. فاتحن جو اهو اصول آهي تہ ڪنهن مان ڪم وٺي گهرجي ٻاهر جيان دريءَ کان ٻاهر ڦٽو ڪيو ويندو آهي. سنڌين سان بہ ذري گهٽ ايئن ٿيو. پر اهڙي حڪمت عملي گهڻو هلي ڪانہ سگهي. ڇاڪاڻ تہ انگريزن جي شهنشاهيءَ ۾ هنن سنڌين کي ختم ڪرڻ ممڪن ڪونہ هو. ان ڪري انگلينڊ هن سنڌي قبيلن جي بهتريءَ لاءِ هڪ حڪمت عملي جوڙي جيڪا بعد ۾ ”انڊس لا“ سڏجڻ ۾ آئي هئي. اهو يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سنڌين لاءِ تاهيل قانون جو اصلي بنياد هو.

برطانيہ جي حڪمران 1754ع ۾ پنهنجي ڪالونين کان سنڌين جي معاملن بابت اختيار ڪسي پاڻ وٽ رکيا هئا. هن قسم جي شاهي حڪمت عملي مطابق هنن سنڌي قبيلن کي آزاد قومن جو درجو ڏنو ويو هو ۽ انهن کي شاهي تحفظ ۾ ڏنو ويو ۽ اهو بہ قانون جوڙيو ويو هو تہ سنڌين جي زمين ڪنهن کي ڏئي

ڪانه سگهي. پر جيڪڏهن اهي پنهنجي مرضيءَ مطابق زمين ڪنهن کي ڏيڻ چاهيندا ته برطانيه جي حڪمران کان اهڙي اجازت ورتي وينديون پر جيڪڏهن برطانيه جي شاهه يا ٻئي ملڪ جو رتبي بنا اجازت جي سنڌين کان زمين خريد ڪندو ته اها غير قانوني سمجهي ويندي.

برطانيه سرڪار سنڌين جي حق تلف ٿيڻ خلاف حڪمت عملي ته جوڙي پر ان جي سختي سان عمل ڪرائڻ لاءِ ڪو قدم ڪونه کنيو هو ان ڪري اهڙي سرڪاري حڪمت عمليءَ خلاف ورزي عام هئي. اهڙيءَ ريت برطانيه جي ڪالونين جو حڪومتون ۽ فرد سنڌين کي لالچ يا خوف ڏئي ڪائن زمينون خريد ڪندا هئا ۽ ڪير به جهلڻ پلڻ وارو ڪونه هوندو هو پر برطانيه سرڪار سندن اهڙن پڌن ڪمن تي ڪين دڙڪا ۽ داٻا ضرور ڏيندي هئي، پر اهي ماڻهو جيڪي سنڌين کان زبردستي زمينون خريد ڪندا هئا ۽ انهن کي پنهنجن اباڻين ملڪيتن کان محروم ڪندا هئا سي برطانيه سرڪار جي اهڙين ڳالهين کان صاف ڪاوڙجي پيا هئا. اهڙين انگريزن جو تعلق آمريڪا جي الهندي علائقي سان هو. ان دور جي حالتن مان ايئن معلوم ٿي رهيو آهي ته آمريڪا انقلاب ۾ برطانيه جو حڪمران هارائي چڪو هو ۽ اهي ڏريون فتحياب ٿيون هيون جيڪي سنڌين کان زمينن کسڻ لاءِ ڳت ڏئي ويهي رهيا هئا، ان انقلاب کان ٿوروپوءِ اها ساڳئي حڪمت عملي آمريڪي سرڪار به اختيار ڪئي هئي. جيڪا برطانيه سرڪار سنڌين جي زمينن کي بچائڻ لاءِ جوڙي هئي، پر ان کان گهڻو وقت اڳ اسپين کان عارضي طور پيرو ۽ ٻيا علائقا کسجي ويا هئا ۽ ٿوري وقت کان پوءِ هنن علائقن تان سندس قبضو هميشه لاءِ ختم ٿي ويو. توڙي جو اسپين وارن اهڙي حڪمت عمليءَ سان سچي رهڻ جي ڪوشش به ڪئي هئي.

سنڌين برطانيه شهنشاهيت جي بحالي لاءِ پنهنجو رت وهايو هو پنهنجون زمينون کسايون هيون، ان کان اتر آمريڪا جي سنڌين پنهنجي وجود کي تسليم ڪرائي ۽ پنهنجي معاشرتي ادارن کي بچائي ورتو هو. اڳتي هلي ڏسنداسون ته هي ماڻهو پنهنجي ادارن سان چنبڙي پيا هئا. سرڪار جڏهن اهڙيون ڳالهيون تسليم ڪيون ته اها چڻ حڪمت عملي بڻجي وئي هئي ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس ان کي بنيادي قانون طور تسليم ڪيو هو. سنڌين جي خون ۾ ڳاڙهي ٿيل اهڙي آزمائش اجائي ڪانه وئي هئي جيڪا ساري انسان ذات جي

رهنمائي لاءِ هڪ انمِٽ تحرير ثابت ٿيندي. ڇاڪاڻ تہ اهو ڇڻ رومانوي ادب جو هڪ حصو آهي.

**

## باب ڏهون

# اروڪيوئس ۽ چيروڪي نسل جا سنڌي

هن کنڊ ۾ ميڪسيڪو جي اتر پاسي سنڌين جا مختلف گروهه هئا. آمريڪا جي يورپي ماڻهن هٿان فتح واري دور کان ٿورو پوءِ کان وٺي ويندي آمريڪي انقلاب تائين هتي هڪ اتحاد موجود هو جنهن کي اروڪوئس جو اتحاد (Confederay of Lroquois) جي نالي سان سڏيو ويندو هو مان سمجهان ٿو تہ انسان ذات جو ناهيل ڪو ٻيو ادارو هن جهڙو اوچوءِ اعليٰ هوندو جنهن ۾ ڏانءُ ۽ ذات هن اداري کان وڌيڪ ڪم آندي وئي هجي ۽ زمان ۽ مڪان جي وسيع دا ئري کي محسوس ڪيو ويو هجي. اسان جي هن اتحاد بابت ڄاڻ

| | A | E | I | O | U | V |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | Ꭰ a | Ꭱ e | Ꭲ i | Ꭳ o | Ꭴ u | Ꭵ v |
| G/K | Ꭶ ga Ꭷ ka | Ꭸ ge | Ꭹ gi | Ꭺ go | Ꭻ gu | Ꭼ gv |
| H | Ꭽ ha | Ꭾ he | Ꭿ hi | Ꮀ ho | Ꮁ hu | Ꮂ hv |
| L | Ꮃ la | Ꮄ le | Ꮅ li | Ꮆ lo | Ꮇ lu | Ꮈ lv |
| M | Ꮉ ma | Ꮊ me | Ꮋ mi | Ꮌ mo | Ꮍ mu | |
| N | Ꮎ na Ꮏ hna Ꮐ nah | Ꮑ ne | Ꮒ ni | Ꮓ no | Ꮔ nu | Ꮕ nv |
| QU/KW | Ꮖ qua | Ꮗ que | Ꮘ qui | Ꮙ quo | Ꮚ quu | Ꮛ quv |
| S | Ꮜ sa Ꮝ s | Ꮞ se | Ꮟ si | Ꮠ so | Ꮡ su | Ꮢ sv |
| D/T | Ꮣ da Ꮤ ta | Ꮥ de Ꮦ te | Ꮧ di Ꮨ ti | Ꮩ do | Ꮪ du | Ꮫ dv |
| DL/TL | Ꮬ dla Ꮭ tla | Ꮮ tle | Ꮯ tli | Ꮰ tlo | Ꮱ tlu | Ꮲ tlv |
| TS/J | Ꮳ tsa | Ꮴ tse | Ꮵ tsi | Ꮶ tso | Ꮷ tsu | Ꮸ tsv |
| W | Ꮹ wa | Ꮺ we | Ꮻ wi | Ꮼ wo | Ꮽ wu | Ꮾ wv |
| Y | Ꮿ ya | Ᏸ ye | Ᏹ yi | Ᏺ yo | Ᏻ yu | Ᏼ yv |

چيروڪي لکت جو نمونو

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

چيروڪي زبان لاءِ جوڙيل ڪمپيوٽر ڪي بورڊ

Upper Case (Shift + Key)



Lower Case



مڪمل آهي، هن جي باري ۾ آمريڪا جي اخلاقيات جي عالم جي ابن بي هيوٽ (J. N.B Hewitt) پنهنجي ساري زندگي نورنچوئي تحقيق ڪندي گذاري ڇڏي هئي. هن ڪان سواءِ (Lewis H. Morgan) ۽ (Aurther C. Parker) بہ هن موضو ع تي تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي.

هي اتحاد سورهين صدي جي وچ ڌارا ٿيو هو يا ڪولمبس جي آمريڪا جي دريا فت ڪان اٽڪل پنجاهہ سال پوءِ عمل ۾ آيو هو. (هن ڪتاب جي حقيقتن مان معلوم ٿيندو تہ آمريڪا ڪولمبس نہ پر سنڌين دريافت ڪئي هئي.) يا جئمس ٽائو ۽ پليمائوٿ راڪ (Playmouth Roch) ڪان پنجاهہ سال اڳ انهيءَ زماني ۾ ڪئبيڪ (Quebec) ۽ نيو آرمسبرم تہ موجود ئي ڪونہ هئا.

معلوم ايئن ٿي رهيو هو تہ اها پنجن سنڌي قبيلن جو اتحاد هو جن ۾ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ توسڪا روراس (Tuscaroras) نالي هڪ نئون قبيلو اچي هن اتحاد ۾ شامل ٿيو هو جنهن کي ڌارين پنهنجي ڌرتيءَ مان ڪيڊي ڇڏيو هو ۽ سندس تعلق ڏکڻ سان هو هن جي شامل ٿيڻ سان اتحاد جي ميمبرن جو تعداد ڇهہ تي ويو هو. باقي پنجن سنڌي قبيلن جا نالا موهاڪ (Mohawk)، سينيڪا (Seneca)، اوسيندا (Oncida)، ڪيوگا (Cayuga) ۽ اونونڊاگا (Onondaga) هئا.

ان اتحاد جو مقصد هو تہ جيئن پنهنجو پاڻ ۾ هلندڙ جنگيون ختم ڪيون وڃن ۽ انهن ڌارين خلاف اعلان جنگ ڪيو وڃي جيڪي ڪات ڪهاڙا ڪڻي اسان

جي ڪڏ لڳي پيا آهن. اهو (Confederay or Leaque of Unded Five Nations) اتحاد پورين ٻن صوبن تائين ڏاڍو ڪامياب رهيو هو يا ٻين لفظن ۾ هن ريت چئي سگهجي ته اهو اتحاد سنڌي فرينچ جنگين تائين ڪامياب رهيو.

## سنڌي قبيلا





سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

















سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com







Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com









سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com









سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هن وقت اسان کي مذڪوره اتحاد جي مڪمل معلومات آهي جنهن جي آڌار تي يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ اهو اتحاد ڪامياب هجڻ ڪان بہ گهڻو وڏيڪ هو جنهن جو مکيہ مقصد اتر آمريڪا جي وڏن سنڌي قبيلن کي وڏيڪ طاقتور بڻائي سگهجي. هنن مان وڏيڪ سياڻو ۽ سچيت ڏيگانا ويڊا Degana) wida) هو. جنهن جو مقصد هو تہ جيڪڏهن ڪائنات اندر امن ۽ سلامتي رکڻي آهي تہ اتحاد ضروري آهي، هي ماڻهو سڀني کان وڏيڪ متحرڪ شخصيت هو. هن جو واسطو سورهين صدي کان اڳ واري دور سان آهي. هن جي يادگيرين ۾ ايئن سندر سپنا ۽ علامتي مقصد هئا جيئن حضرت عيسيٰ جي دماغ ۾ سندر سپنا ۽ عظيم مقصد هئا. حضرت عيسيٰ وانگي هيءُ ڪنواري ماءُ جو پٽ هو جنهن جو نالو ڏجي گونساسي (Dji Gonsasee) هو. ڏيگانو ويڊا جي جنمڻ کان پوءِ هن جي منهن ۾ نئون نور اچي ويو هو. هن کيس ٻين ماڻهن کان پري رکيو ۽ کيس پڙهائيندي رهي، اتي هياواتا (Hia watha) نالي هڪ مقدس واڳون هو. جيڪو ڏيگانو ويڊا جو روپ ڌاري ٻئي جنم ۾ آيو هو. ڏيگانو ويڊا ۾ هڪ خاص خوبي اها بہ هئي تہ هو وڏو فصيح ۽ بليغ هو. هو ڏاهو ۽ ڏات ڏٺي هو. کيس قدرت طرفان اوريندا (Orenda) جي ڏات مليل هئي کيس ڏانءَ ۽ ڏات جي ايتري اندروني سگهہ هئي جيڪا عام ڏاهي ماڻهوءَ جي وس کان ٻاهر هئي، هن اوريندا کي اهو معلوم هو تہ مذهبي رسمن وسيلي ان سچائي کي کهڙي طريقي سان ظاهر ڪري سگهجي ٿو تہ ماڻهو هڪدم متاثر ٿي سگهن ڏيگانو ويڊا هو. پر کيس ڳالهائڻ ۾ کيس هٿڪ ٿيندي هئي هن کي الهامي بصيرت حاصل هئي، ان کان سواءِ هن کي هر قبيلي ۾ محبت پيدا ڪرڻ ۽ منطقي جماليات وسيلي منجهن امن امان پيدا ڪري سگهي جن گهٽي وقت کان پاڻ ۾ وڙهي هڪ ٻئي کي ناس ڪري ڇڏيو آهي. سندس هن تجويز تي پنجن مان فقط هڪ قبيلي اونونڊاگا متفق ڪونہ هو. باقي ٻين قبيلن بہ هن معاهدي لاءِ ڪجهہ شرط رکيا هئا. ان کان پوءِ هن عظيم سياسي مدبر جي تجويز پيش ڪئي هئي تہ اونوبڊگا قبيلي وارن کي هميشہ لاءِ باهہ ٻاري رکڻ جو ڪم ڏنو وڃي. هر قبيلي جي سردار ۽ ان اتحاد جي صدر (Moderators) جي مرضي هئي تہ جيئن هن ۾ اتحاد ايڪتا ۽ محبت هجي، هن اتحاد جي ڪائونسل ساڳين نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو هو. آخر ۾ اونونڊاگا قبيلي سندن ڳالهيون قبول ڪيون، ان کانپوءِ

پنجن قبيلن جو اتحاد عمل ۾ آيو جيڪو انهن ٻن صدين لاءِ به جاري رهيون جيڪي سنڌين لاءِ ڏکن ڏولاون ۽ طوفانن سان ڀريل صديون هيون. پر اتحاد جا اهڙا خيال انسان ذات جي رهنمائي لاءِ امر بڻجي ويا. مذڪوره اتحاد جي اصولن جي تجويز هن ريت هئي ته مان ڊيگانو ويڊا ۽ اتحاد ۾ شامل قبيلن جا سردار دشمني جي ڊگهي وڻ (صنوبر) Prince Tree کي پاڙئون پٽيون ٿا ۽ انهن هٿيارن کي ڏرتيءَ جي اونهين کڏن ۾ اڇلي مٿان مٽي ورائي ڇڏيون ٿا. اسان نفرت جي هٿيارن کي به هميشه لاءِ ڌرتيءَ ۾ پوري ڇڏيون ٿا. ان جي جاءِ تي اسان محبت جو سدا سائو وڻ پوکيون ٿا. انهيءَ مقصد سان ته جيئن امن ۽ سلامتي قائم ڪري سگهجي.

هن اتحاد کي محدود اختيار هئا. پر حالتن تي نظر نهايت خبرداري سان رکي ويندي هئي. پر هن اتحاد جو جوڙجڪ اهڙو رکيو ويو هو ان جي ساخت هيٺان وني مٿي هئي پر مٿان کان هيٺ ڪانه هئي. اهوئي ڪارڻ جو هي اتحاد گهڻي وقت تائين قائم رهيو. ان ڪري سفيد حريص ماڻهن جي بکي نظر ٻين سنڌي قبيلن جي پيٺ ۾ هن اتحاد تي وڌيڪ هئي. هن اتحاد اندر سياسي قيادت جي دانشمندي ۽ مستقبل جي بصيرت موجود هئي. جنهن کي سفيد ماڻهن جي ڪالونين ۾ به اهميت ڏني هئي جنهن ۾ فرانس ۽ انگلينڊ اچي وڃن ٿا. هي هڪ قومي اتحاد هو جنهن آزاديءَ کي اتساهه ڏنو هو. جنهن ان اتحاد جي ننڍي کان ننڍي ميمبر تائين ذميواري جو احساس بخشيو هو.

مهان ڏاهي هيوٽ (Hewitt) لکيو آهي ته جڏهن ”ارو ڪوئس“ وارن سنڌي قبيلن متحد ٿي هڪ وفاق جوڙيو هو ته اهڙي وفاقي حڪومت چڻ هر قبيلي جي سردار جي پنهنجي حڪومت هئي. ٻين لفظن ۾ ايئن به چئي سگهجي ٿو ته اها حڪومت هر قبيلي ۾ موجود ننڍين برادرين جي پڻ حڪومت هئي. اهڙي ريت هر برادريءَ ۾ ڪيترا خاندان هوندا هئا. تنهنڪري برادريءَ جي حڪومت معنيٰ هر خاندان جي حڪومت هئي ۽ مذڪوره خاندان عورت جي اولاد سان لاڳاپيل هو. جيڪو ڏوهٽاڻ ۽ ڏوهٽاڻ جي ڏوهٽاڻ تائين يڪو هليو ويندو هو. اهڙي ريت ننڍيون ايڪايون پنهنجي خود مختياري جو حق وڏين ايڪاين کي ڏينديون هيون. اهو خانداني تاني پيٽو اهڙو هو جو خاندان جو هڪ فرد ٻئي سان ڳنڍجي ويو هو ۽ جن جا پاڻ اتوٽ لاڳاپا قائم ٿي ويا هئا. وڏن ايڪائن جي ٿهي وچڻ کان پوءِ انهن کي نوان حق، نيو رعايتون ۽ نيون ذميواريون سونپيون ويون

هيون. هيوٽ جي خيال مطابق نيون رعايتون، نوان حق ۽ نيون ذميواريون وڏين ايڪاين سان گڏ ننڍين ايڪاين کي بہ سونپيون ويون هيون. اهڙي ريت وڏيون ايڪايون بہ ننڍين ايڪاين مان جوڙيون وينديون هيون. هن جوڙجڪ مان معلوم ٿيندو تہ اختيارن جي ورهاست هيٺان کان وٺي مٿي ويندي هئي پر مٿان کان هيٺ ڪانہ ويندي هئي.

هن مان اهو بہ معلوم ٿيندو تہ ساري طاقت ۽ ذميواريون مذڪوره طريقي سان جاري هيون. پر هنن اختيارن ۽ ذميوارين سان ڪو واسطو ڪونہ هوندو هو. سيني سنڌين ماڻهن جيان اروڪيوئس (Iroquois) کي اهو معلوم هو تہ تخليق ۽ سماجي تحرڪ جو اثر اتحاد جي قيادت سان تعلق رکي ٿو. اهڙي ريت قيادت جي اوسر ۽ اڳواڻن جي چونڊ، اڳواڻن جو باهمي رابطو ۽ عام ماڻهوءَ سان سنڌن تعلقات رکڻ سيني قبيلن تي فرض هو. پر ”ارو ڪيوئس“ سان تعلق رکندڙ ماڻهن وٽ موجود قدر ۽ طريقا پنهنجا ۽ جزوي هوندا هئا. جڏهن اتحاد جا قدر ۽ طريقا ادارن جي شڪل صورت ۾ هوندا هئا جيڪي ذري گهٽ مڪمل هوندا هئا. ان ڪان سواءِ اتحاد جي ميمبر قبيلي کي ڪيس مليل اختيارن کي استعمال ڪرڻ جو پورو حق هوندو هو. ليجسليٽيو جي فيصلن ۾ اتحاد جي اصولن جو تحفظ ڪيو ويندو هو. هن اتحاد تي حفظ ما تقدم جو فرض ڪونہ رکيو ويو پر مٿس فرض هو تہ پاڻ کي هڪ تخليقي سگهہ بڻائي اڳتي وڌي. اهڙي تخليقي سگهہ کي هيٺينءَ سطح تي نہ پر مٿين سطح تي ڪتب آڻبو هو. ڇاڪاڻ تہ هيٺين سطح تي قبيلن جون عورتون آهن جتان اختيارن جو اپار شروع ٿئي ٿو. گهربل معلومات هر سطح جي قيادت کي ڏني ويندي، پلي پوءِ اها چونڊيل عورتن سان لاڳاپيل هجي يا مردن سان هي اهي جڳهيون آهن جتان اختيار اپري اڳتي ويندا آهن. اهڙن اختيارن جو ابتدائي نڪتو ماءُ هوندي هئي ۽ ڪيترن نسلن کان وٺي مقصد کي حاصل ڪرڻ جا اهي طريقا ڪتب آندا ويندا هئا.

پنجن قومن جي ان اتحاد جي دور ۾ سفيد ماڻهن سان لاڳاپا قائم ڪيا ويا هئا. جنهن جي شڪل صورت هڪ اداري جهڙي هئي جيڪو پنهنجي وجود ۾ ڪُل ۽ مڪمل هو. هن قسم جي وفاقي اتحاد ۾ اٺونجاهہ قبائلي سردار هئا جن جي چونڊ اهڙين مائرن ڪئي هئي جن جي رت جو رستو ڪن ورثي سردار عورتن سان هوندو. يعني اهي ڪنهن سردار عورت جي اولاد مان هونديون ۽

انهن کي قبيلي جي عام ووٽر مرد يا عورت چونڊيو هوندو ان سان گڏ قبيلي جي سردارن بہ ان کي تسليم ڪيو هوندو انهن امين (Trustee) قسم جي سردار عورتن جي بہ چونڊ ڪئي ويندي هئي ۽ اهي بہ وفاقي ڪائونسل جو حصو هونديون هيون. اهڙين مائرون ريفرنڊم (Referendum) جو حق استعمال ڪنديون هيون. اهو يقين ڪرايو ويندو هو تہ ماءُ طرفان هڪ رت جي خاندان (Uterine familes) کي جيڪڏهن مورثي سرداري وارو حق نہ بہ هوندو هو ان کي وفاقي قيادت کان خارج ڪونہ ڪيو ويندو. ڪائونسل پاڻ بہ پائين ٽري چيفس (Pine Tree Chiefs) جي چونڊ ڪندي هئي، جيڪا اهليت جي بنياد تي ٿيندي هئي جنهن کي ورثي حق کي ڪونہ ڏٺو ويندو هو ڪين پنهنجن عهدن تي ايئن مقرر ڪيو ويندو هو. جيئن ٻين سردارن کي ڪيو ويندو هو. ان سان گڏ جيڪڏهن ڪنهن خاندان کي مورثي سرداريءَ وارا حق ڪونہ هوندا هئا تہ پيڙ يا ويجهي مائيٽاٽي جي خاندان جو پنهنجو نمائندو مقرر ڪيو ويندو هو ۽ بعد ۾ ان خاندان سان گڏجي اختيارن جو استعمال ڪيو ويندو هو.

هر قبيلو پنهنجي سردار معرفت گڏيل ايڪائي جي صورت ۾ ڪائونسل کي ووٽ ڏيندو هو. چار قبيلا جهڙوڪ موهاڪ سينيڪا، اونسيدا ۽ ڪئيوگا (Cayuga) ووٽ ڏيندا هئا. جڏهن تہ پنجو اونونداگا صدر ٿي ويهندو هو جنهن جي نگرانيءَ ۾ ووٽ هلندا هئا. هن قبيلي کي (Moderator) يا (Fire Keeper) جي نالي سان پڻ سڏيو ويندو هو.

مٿي بيان ڪيل هر هڪ قبيلو آڏو آيل مسئلي تي اڪيلو ويهي بحث مباحثو ڪندو هو. جنهن ۾ هيٺان کان وٺي مٿي تائين ننڍا وڏا سردار هوندا هئا. جڏهن ڪنهن مسئلي تي اتفاق ٿي ويندو هو تہ (Fire Keeper) ان کي قبول ڪندو هو. جن مسئلن تي اتفاق نہ ٿيندو هو تہ اتفاق پيدا ڪرڻ لاءِ فائر ڪيپر بحث ڪندو هو ۽ جڏهن ان مسئلي جو حل ملي ويندو هو تہ پوءِ چئن قبيلن کي سڏائي ووٽ ڪرايا ويندا هئا. اها هڪ قسم جي ليجسليٽيو اسيمبلي هوندي هئي. جنهن ۾ تعطل کي ختم ڪرڻ لاءِ اهو طريقو ڪم آندو ويندو هو.

هن وفاق جا امن ۽ سلامتي لاءِ قائم ڪيل اصول ۽ مقصد مطابق هئا. جڏهن تہ اهو مقصد ماءُ طرفان هڪ رت جي خاندان (Ulerine Familis) وسيلي حاصل ڪيو ويندو هو. اهڙيءَ ريت هن وفاقي اتحاد ۾ هن ڪنڊ جو هر سنڌي قبيلو شريڪ ٿي سگهيو ٿي. هن وفاق ۾ ڪيترائي قبيلا پاڻ مرادو اچي شامل


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ٿيا هئا. ڪن قبيلن کي فتح ڪري زبردستي هن اتحاد جو ميمبر بڻايو ويو هو. سفيد ماڻهن جي آباد ڪاري کان پوءِ هن وفاقي اتحاد جو منظر ئي تبديل ٿي ويو هو جيڪي سامراجي مقصدن واسطي پاڻ ڇتا پيٽي ڪري رهيا هئا. اهڙيون ڳالهيون هن اتحاد جي مڪمل ٽيڙ کان پنجاهه سال پوءِ رونما ٿيون هيون. ڊچ، فرينچ ۽ انگريز هن وفاقي کي بعضي ايلاز منٿون ڪندا هئا ڪڏهن وري ڌيڄاريندا هئا. اهي ٽئي قومون هڪ ٻئي جون دشمن هيون، هن ٽنهي جي ڪوشش اها هوندي هئي تہ سنڌين کي پنهنجي دشمن خلاف ڪم آڻن ۽ کين انهن هٿان قتل ڪرائبو. سندن اها بہ دلي خواهش هوندي هئي تہ سنڌين کي پاڻ ۾ ويڙهايو وڃي تہ جيئن هو پاڻ ۾ ڊانگو ڊانگ ٿي هڪ ٻئي کي قتل ڪن ۽ ڪمزور ٿين تہ جيئن سندن زمينون ۽ ڏرتي کائن کسي ونجي ۽ هزارن ميلن جي ايراضيءَ وارا خوبصورت ٻيٽ بہ هنن يورپين جي هٿ ۾ اچي وڃن. سنڌين جي هي وفاقي اتحاد ڊچن سان متحد ٿيو هو جنهن هن کي هٿياربند ڪري ڇڏيو.

اهڙيءَ ريت هن وفاقي اتحاد ميسيسپي درياهہ کان اوپر واري اڌ علائقن تي پنهنجي حڪمراني قائم ڪري ورتي هئي. هي وفاقي اتحاد بنيادي طور تي آفاقي امن ۽ سلامتي جي مقصد سان بڻايو ويو هو جنهن جو رخ مهم جوئي ڏانهن موڙيو ويو. اها ڊچن جي هڪ سوچيل سمجهيل سياسي چال هئي جيڪا هو ڏاڍي سياڻپ چالاڪيءَ سان سرانجام ڪري رهيا هئا. اهڙي ريت سنڌي هڪ طرف ڊچ سامراج جي قيام لاءِ پنهنجي ڳچين جا ڳچ قربان ڪري رهيا هئا تہ ٻئي پاسي پنهنجن سنڌين جا ڪنڌ ڪپي گهرو جنگ جي ميدان ۾ لهي پيا هئا. انگريزن ۽ ڊچن وچ ۾ دوستي جو معاهدو ٿيل هو. ان ڪري ڊچن سان ٿيل معاهدو ۽ اتحاد انگريزن سان اتحاد هو. ايئن ٽيڙ سان فرينچن جا آمريڪا ڪنڊ ۾ گهڙڻ جا سڀ گهٽ گهير تہ بند ٿي ويا هئا. دنيا ۾ جيڪا اٿل پٿل اچي رهي هئي تنهن جي ڄاڻ ڌيگانا ويڊا کي ڪا ڳل ئي ڪانہ هئي. تنهن ڪري هن پنهنجن سندر سپنن ۽ منصوبن کي خارج ڪري ڇڏيو هو.

سماجي عالمن جو خيال آهي تہ ان دور ۾ ڌيگانا ويڊا جي حڪمت عملي هڪ رويو (Behavior) هئي، پر عملي تحرڪ ۽ ان جي نتيجي ۾ رونما ٿيندڙ واقعن کي اهميت هوندي آهي جنهن جي پٺيان تبديليون ۽ انقلاب لڪل هوندا آهن، فقط خواهشون ۽ ارادا ڪجهہ بہ ڪونہ هوندا. ڇاڪاڻ تہ مستقبل ۾ ٿيندڙ

واقعا بند ڪيا ويا هئا ۽ مستقبل ۾ ٽيندڙ متحرڪ عمل کي بہ ختم ڪيو ويو هو. اهو اچرج جهڙو سماجي رويو هو جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو عملي تحرڪ ماٺ هو. هتي جڏ اڄ سڌي اهڙي ماڻار هئي جهڙي مهاتما گوتم ٻڌ ۽ حضرت عيسيٰ جي روين ۾ خاموشي ۽ اهنسا هئي، ان ڪان سواءِ هنن جي ماڻار ۾ ٻين بہ گهڻن ڳالهين جو تاثر موجود هو. اروڪيوئس وٽ هڪ خيال ۽ ارادو هو تہ هڪ سماجي ادارو قائم ڪجي، جنهن ۾ انساني ناتن ۽ رشتن ۾ عظمت هجي، ان طريقي سان ماڻهن ۾ ڏاڻءُ ۽ ڏاهپ پيدا ڪجي، اهو طريقو سماج سڌارڪ هجي معاشري ۾ عورت جي ڪردار کي اهميت ملڻ گهرجي، ان ڪري هتي عورت کي ادا ڪرڻ واسطو اهڙو اهم ڪردار ڏنو ويو آهي جنهن جهڙو اڳي انساني تاريخ ۾ موجود ئي ڪونہ آهي. بعد ۾ هڪ اڻ ڏٺي دنيا مان کي بکيا بگهڙ هتي اچي نڪتا جن هتان جي پرامن زندگي کي ڊانوانڊول ڪري ڇڏيو هو ۽ آمريڪا کنڊ جي امن ۽ سڪون کي توبن سان تباهہ ڪيو ويو جنهن ۾ انسان دشمن ۽ بي ضميريءَ واريون سازشون بہ موجود هيون.

سفيد ماڻهن جي آمريڪا ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ڊيگانا ويڊا هميشہ سنڌين جي حقن جي حفاظت لاءِ ڳالهائيندو هو. سندس خيال هو تہ واقعا ۽ عملي تحرڪ سڀ ڪجهہ نہ آهن. پر تصور، نظريا ۽ ارادا اهم حقيقتون هوندا آهن جيڪي واقعن کي جنم ڏيندا آهن، لفظن کي معنائون ڏيندا آهن.

هنن سيني کان وڏيڪ چيروڪي (Cherokee) قوم هئي. جنهن گڏيل رياستن (United States) جي حڪومت جو حقيقي نقطہ نظر پيش ڪيو هو ۽ سنڌين جي باري ۾ هڪ واضح حڪمت عملي هڪ متحرڪ عمل جو منصوبو ڏنو هو. چيروڪي اروڪيوئين (Iroquoian) قبيلن مان هڪ وڏو سنڌي قبيلو هو جيڪو مٿي بيان ڪيل سنڌين جي وفاقي اتحاد ۾ شامل ڪونہ ٿيو هو. سمجهہ ۾ ايئن اچي رهيو آهي تہ اهو قبيلو اروڪيوئس ڪونہ هو. برطانيہ سرڪار جي آمريڪي ڌرتيءَ تي اقتدار ختم ٿيڻ کان اڳ جڏهن چيروڪي قبيلي کان سرحدن وٽ نڪري زمين کسي ويندي هئي تہ برطانيہ جو حڪمران اهڙي ڏاڍ خلاف سندن بچاءُ ڪندو هو. ان کان پوءِ جڏهن يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۾ آزادي جو انقلاب شروع ٿيو تہ چيروڪي قبيلي برطانيہ جي حڪمران جو طرف ورتو هو.

اهي ماڻهو 1794ع تائين لڳاتار وڙهندا رهيا. ان کان پوءِ هنن ۾ يونائيٽيڊ

اسٽيٽس وچ ۾ ناهه جو معاهدو ٿيو هو جنهن کي سنڌي قبيلو مقدس دستاويز سمجهي سانڍيندو آيو هو.

چيروڪي قبيلو پرامن هو. سندن اصول به عيسائي اهنسا جي اصولن مطابق هئا جيڪي سندن عملي ڪمن مان به واضح هئا. سفيد ماڻهن جي صنعت ۽ ان جي پيداوار ۾ به ساڻن هٿ ونڊائيندا هئا. سفيد نسل جي ڇوڪرن ۽ چيروڪي ڇوڪرين جي شادين جي هن قبيلي مخالفت ڪانه ڪئي هئي. هن سنڌي قبيلي مان هڪ عظيم انسان پيدا ٿيو هو جنهن هڪ الف بي ايجاد ڪئي هئي جنهن کي يورپي الف ب کان پوءِ ثانوي حيثيت مليل هئي. هن الف ب ۾ مختلف علامتي نشانيون هيون جنهن وسيلي سنڌي قبيلا تعليم پرائي گهڻو اڳتي وڌي چڪا هئا. هن عظيم انسان جو نالو سيڪيويا (Sequoia) هو جنهن جو تعلق چيروڪي سنڌي قبيلي سان هو.چيروڪي قبيلي جي ماڻهن آمريڪا جي سفيد ماڻهن جي ناهيل آئين جي طرز تي پنهنجو آئين جوڙيو هو. ان کان سواءِ هنن ليجسليٽيو اسيمبلي، انصاف لاءِ جڊيشري ۽ انتظام هلائڻ جي انتظاميه جو قيام به عمل ۾ آندو هو. ڇپائيءَ لاءِ هڪ پريس ۽ تعليم لاءِ اسڪول به کوليا هئا، هنن جي علائقن ۾ ڪتاب ۽ تعليم مفت هوندا هئا. ڪين معاهدي مطابق جيڪي زمينون مليون سي به سفيد ماڻهو پنهنجو مرضي مطابق جڏهن وڻندو هون کانئن کسي وٺندا هئا. بار بار ڪين هيسايو ۽ ڌيڄاريو ويندو هو پر پوءِ هو پنهنجي ايمان تي قائم رهيا.

ان کان پوءِ ايندڙ سالن ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۾ رهندڙ يورپي ماڻهن ڪيل معاهدي کي لکيل لفظن ۽ ان جي روح جي نقطه نظر کان ختم ڪري ڇڏيو هو. هنن ٿيل معاهدي جي پيچڪڙي هڪ پيرو نه پر ڪيترائي پيرا ڪئي هئي. اها ڳالهه واضح هئي ته سنڌي ماڻهو جيڪي مهاتما ٻڌ ۽ حضرت عيسيٰ جي اهنسا جهڙي اصول جا قائل هئا سي سفيد ماڻهن جي حريص ارادين کي روڪي ڪونه ٿي سگهيا. هتان جي سنڌي قبيلن وٽ باقي رهيل زمينن ستر لک ايڪڙ هئي جيڪا جابلو علائقي ۾ ان جاءِ تي هئي جتي جارجيا (Georgia)، نارٿ ڪئرولينا (North Carolina) ۽ ٽينسيسي (Tennesee) رياستون اچي پاڻ ۾ ملنديون هيون، جنهن کي هاڻي ”هاءِ لئنڊ ڪنٽري“ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. پر ٿوري وقت کانپوءِ هن سنڌي قبيلي کي روهن ۽ ڪوهن واري غير آباد زمين تان بيدخل ڪيو ويو هو.

1828ع ۾ ائنڊريو جئڪس (Andrew Jackson) کي صدر چونڊيو ويو هو. هن جو تعلق سرحدي علائقي سان هو. جيڪو نالو چڙهيو سنڌي دشمن هو هن جي ساري زندگي سنڌين سان جنگ ڪندي گذري هئي. هن اچڻ سان ڪانگريس معرفت اسيمبلي ۾هڪ بل پيش ڪيو هو جو نالو هو سنڌين کي سندن اباڻي ملڪ مان بيدخل ڪرڻ وارو بل (Indian Removal Act) اهو بل هن پنهنجي هٿن سان لکي پيش ڪيو هو جنهن جو مقصد هو ته سنڌين کي پنهنجي اباڻن ڪکن مان بندوق جي زور تي ڪڍي ميسيپي درياهه جي الهندي ڪناري ڏانهن لوڏيو وڃي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ زماني ۾ ان علائقي ۾ سون دريافت ٿيو هو جنهن ۾ سنڌي رهندا هئا. جارجيا رياست جي اسيمبليءَ به هي قانون پاس ڪيو هو ته سنڌين جون ساريون زمينون ضبط ڪيون وڃن. ان سان گڏ اهو قانون به پاس ڪيو ويو هو ته چيروڪي اسيمبليءَ جا ٺاهيل قاعدا قانون رد سمجهڻ کپن. ان بل ۾ اهو به چيو ويو هو ته سنڌين کي اهو قانوني حق ڪونه هوندو ته ڪنهن سفيد ماڻهوءَ کي ڪورٽ ۾ سڏائي سگهي. ان کان پوءِ سنڌين جو سيئي زمينون ”ڪُٽَن“ وسيلي سفيد ماڻهن کي ڏنيون ويون هيون.

1830ع ۾ هن قبيلي جي سردار جان راس (John Ross) ضرور جئڪسن کي درخواست ڏئي اپيل ڪئي هئي جنهن جو ڪو ڪڙتيل نڪرٽو ئي ڪونه هو. ان کان پوءِ هن سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي جنهن اهو چئي اپيل رد ڪري ڇڏي ته ڪيس اهڙي اپيل ٻڌڻ جو ڪو اختيار ڪونه آهي ۽ پنهنجي فيصلي ۾ ٻڌايو هو ته هي سنڌي قوم آمريڪا ۾ ڪا ڌاري ڪانه آهي. ڪورٽ وڌيڪ اهو به چيو هو ته جيڪڏهن اها حقيقت ايئن آهي ته هن قوم کي اهڙو حق آهي. پر هيءَ ڪورٽ ڪو ٽرائيبونل ڪونه آهي جو ڪنهن قوم جا حق ثابت ڪري، اها به حقيقت آهي ته توهان سان بي انصافي ۽ ظلم ٿيو آهي ۽ مستقبل ۾ به ظلم ۽ ڌاڙ ڌمر جو خطرو آهي، پر هي ٽرائيبونل نه آهي جيڪو ماضيءَ جي ظلمن جو ازالو ڪري ۽ مستقبل ۾ ٿيندڙ بي انصافي ۽ ظلم کي روڪي سگهي.

هن قسم جو فيصلو ٻڌائي ڪورٽ جو ضمير ته مجروح ٿي پيو هو. پر ٻن سالن کان پوءِ اڳيئن فيصلي تي نظرثاني ڪرڻ جو ڪيس موقعو ملي ويو هو. قصو هن ريت هو ته ٽن مشنرين (Missionaris) جي پادرين جارجيا رياست سان وفاداريءَ جي قسم کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. جيڪي سنڌي چيروڪي

قبيلي واري علائقي ۾ رهنديون هيون. هنن پادرين جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي جارجيا جي رياستي انتظاميہ تپي باهہ ٿي وئي هئي. کين زنجيرن ۾ جڪڙي هڪ ٻئي سان سلهاڙي فوجي گاڏين پنيان ايڪيهہ ميل پنڌ سفر ڪري صدر مقام تائين پهچڻ لاءِ چيو ويو هو. هنن پادرين اهو ظلم ڏسي اتي رهندڙ ميٿڊسٽ (Methodust) جي عيسائي فرقي جي پادرين کي رحم اچي ويو ۽ وچ ۾ پئي کين ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي هئائون. جارجيا سرڪاري کي سندن ڳالهيون خراب ٿي لڳيون ۽ حڪم ڪيائون تہ انهن ميٿڊسٽ فرقي جي پادرين کي زنجيرن ۾ جڪڙي هڪ ٻئي سان سلهاڙي ٻين پادرين سان گڏ پيادل سفر ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هو ۽ آٽي کين جيل موڪليو ويو هو. هنن پادرين تي ڪورٽ ۾ ڪيس هليو ۽ کين چار سال سخت پورهئي سان سزا ڏني ۽ کين سرڪاري جيل موڪليو ويو. ان ڏاڍ خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي هئي جنهن پنهنجي فيصلي ۾ ٻڌايو هو تہ سنڌي قوم کي هڪ آزاد ۽ مختلف سياسي برادري تصور ڪيو ويو آهي، جنهن کي پنهنجا اصلي قومي حق حاصل آهن ۽ قومن جي مجيل قانوني اصول مطابق ننڍيون قومون وڏن قومن آڏو پنهنجا قومي حق ۽ آزاديءَ کان دستبردار ڪونہ ٿينديون آهن. انهن ننڍين قومن کي سيلف گورنمينٽ جو حق آهي، کين اهو بہ حق آهي تہ ڪنهن وڏي طاقت سان اتحاد جوڙي پنهنجو بچاءُ ڪن.

ان کان پوءِ چيروڪي کي جدا آزاد قوم تسليم ڪيو ويو جنهن کي پنهنجو هڪ جدا ملڪ هو. ان جون حدون وضاحت سان بيان ٿيل هيون، ان ملڪ ۾ جارجيا جو قانون هلي ڪونہ سگهندو هو جنهن جي حدن اندر جارجيا جي رهواسيءَ کي داخل ٿيڻ جي اجازت ڪانہ هئي، پر اهي چيروڪي سرڪار جي اجازت سان ايئن ڪري سگهندا هئا يا انهيءَ لاءِ ڪانگريس منظوري ڏيندي هئي.

ملڪ جي صدر جئڪسن سپريم ڪورٽ جي جسٽس سرجان مارشل کي تلخ جواب ڏنو هو. ڪورٽ اهو فيصلو ٻڌايو آهي ۽ ان تي عمل بہ کيس ڪرائڻو آهي."

حالتن مان معلوم ايئن ٿي رهيو هو تہ جارجيا رياست ۽ وفاقي سرڪار چيروڪي ذات جي سنڌين خلاف ڪانبو ٻڌي ڪڍ لڳي پيون هيون. سپريم ڪورٽ ويچاري بيوس هئي ۽ ڪجهہ بہ ڪري ڪانہ ٿي سگهي. سفيد ماڻهو

چڙواڳ هئا هو سون جي ڳولا ۾ پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪيڏانهن به وڃي سگهيا ٿي زمينون ۽ ملڪيتون سنڌين جون هيون. سپريم ڪورٽ جو فيصلو به هنن جي حقن بچائڻ واسطي هو پر ان هوندي به هو ڪجهه ڪري ڪونه ٿي سگهيا. پريزيڊنٽ جئڪسن جي مقرر ڪيل ڪمشنرن سنڌين کان هڪ معاهدي تي زبردستيءَ صحيحون ورتيون هيون جنهن مطابق سنڌين کان ستر لک ايڪڙ زمين تان هٿ کڻايو ويو هو. اها وسيع ايراضي اجا به آمريڪا جي اصلي رهاڪن سنڌين جي قبضي هيٺ هئي جنهن جو ڪل معاوضو ساڍا چار لک ڊالر ڏنو ويو هو. اها رقم يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي خزاني ۾ هنن جي نالي جمع ڪرائي ويئي هئي. اتان جي اڳواڻن ۽ عام سنڌين کان اتان بيدخل ڪرڻ ناممڪن هو. سفيد ماڻهن سنڌين سان هڪ گڏجاڻي رکي هئي جيڪا ڏسڻ ۾ عام قسم جي اچي رهي هئي جتي 400 برادرين جا 17000 ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا جن کان هڪ معاهدي تي زبردستي صحيحون ورتيون ويون هيون ۽ سينيٽ (Senate) ان معاهدي کي هڪدم منظور ڪري ڇڏيو.

ان معاهدي تي صحيح ڪرڻ کان پوءِ ٽي سال گذري چڪا هئا ۽ چيروڪي پنهنجي زمينن ۽ اباڻن اجهن ۾ اجا به خوش وينا هئا. ان کان پوءِ جنرل ونفيلڊ اسڪاٽ (Winfuld Scot) ست هزار فوجين سان سنڌين واري ايراضيءَ ۾ ڪاهي پيو جنهن سان گڏ هزارين غيرفوجي سفيد ماڻهو ساڻ هئا. چيروڪي ذات جي مردن عورتن جوانن ٻڍن ٻارن کي جهلي باندي بڻايو ويو. هنن کي پنهنجي ڌرتي کان ٻاهر نڪري وڃڻ جو ڪو اڳواٽ نوٽيس به ڪونه ڏنو ويو هو ۽ کين آٽي لوڙهن (Concentration Camps) ۾ رکيو ويو. سندن چوپايو مال، گهرو سامان، پوکي راهيءَ جا اوزار، بيٺل فصل انهن غيرفوجي سفيد ماڻهن کي ڏنا ويا جيڪي فوج جي ڪڍ لڳي پيا هئا. سندن گهرن جو سڙي رک ٿيڻ ته مقدر هو ۽ هميشه ايئن ٿيندو پئي آيو هو. تنهن ڪري سفيد ماڻهن پنهنجي اڳيئن روايتن کي زنده رکڻ لاءِ سندن گهرن کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو.

ان کان پوءِ وچ سياري ۽ برفاني سردين دورن سنڌين جا ڏگها قافلا ارڪاناس (Arkanas) ڏانهن وڃڻ شروع ٿي ويا هئا. ڪينٽڪي (Kentucky) جي هڪ اکين ڏٺي شاهد جو بيان آهي ته: اهڙين جهور ڪراڙين عورتن کي به پناڙن سان ڳرو سامان ٻڌل هو جيڪي قبرن ۾ جڻ جنگهون لڙڪايون ويٺيون


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هيون. اهي ڪڏهن برف ڍڪيل زمين ڪڏهن شهرن جي گپ ۾ پاٽي وارين گهٽين مان گذري رهيون هيون ۽ سندن پير اگهاڙا ۽ لتا ليڙون هئا.

هي ڌرتيءَ ڌڪاٽا نڌڻڪا سنڌي چوڏانهن هزار هئا جن جون چيري قاڙي ڏچيون اڏايون ويون هيون. هنن کي سڏيو بہ (Trail Teais) جي لفظن سان ويو هو. انهن مان چار هزار بکن ۾ سختين وگهي واٽ ويندي مري ويا هئا. ان کان پوءِ بہ هڪ سو سنڌي في ڏينهن جي حساب ٽڪ ۾ ٽڏ وگهي مري سورن کان آجا ٿي ويندا هئا. صدر وئن بورن (Van Buren) تاريخ 03 ڊسمبر 1838ع تي ڪانگريس کي مخاطب ٿيندي چيو هو تہ ”سنڌين (چيروڪي ماڻهن) کي وطن نيڪالي ڏيڻ جو ڪيس اختيار ڪانگريس اسيمبلي آخري سيشن (Session) ۾ ڏنو هو جنهن جو ڏاڍو سٺو اثر ٿيو آهي. هنن جي وطن نيڪالي ڏاڍي آرام سان ٿي پنهنجن گهرن کي ڇڏڻ مهل هنن ڪنهن بہ قسم جي ٻڏتر ڪانہ ڏيکاري هئي. هن طريقي سان سنڌين جي ڏچين اڏائڻ ۾ هڪ پائي بہ خرچ ڪانہ آئي. هنن کان جيڪا ڏوڪي وسيلي ستر لک ايڪڙ زمين ساڍن چئن لکن ڊالرن ۾ خريد ڪئي وئي هئي ۽ اها رقم يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائي وئي هئي. هنن ماڻهن اها رقم بہ سرڪار کان وٺڻ جي جرئت ڪانہ ڪئي هئي.“

سنڌين جو آخري جٿو جڏهن موت جي هن ڊگهي مارڳ سان هلڻ وارو هو تہ هنن جي چڱن مڙسن پنهنجي ڌرتيءَ تي گڏجاڻي ڪوٺائي هئي ۽ اها هنن جي پنهنجي اباڻي ڌرتيءَ تي آخري گڏجاڻي هئي، جنهن ۾ هنن هڪ قرارداد پاس ڪيو هو جيڪو ياد رکڻ جهڙو آهي. هنن پنهنجي مسڪين ماڻهن لاءِ سرڪار کان جئدان ڪونہ گهريو هو. ڇاڪاڻ تہ کين يقين هو تہ هنن ڏارين ۾ ڌرتيءَ جي ڏاڙيلن وٽ رحم جهڙي ڪا شيءِ ڪانہ آهي. ٻي ڳالهہ اها بہ آهي تہ زندهہ رهڻ واسطي رحم جي گذارش سنڌي روايتن جي خلاف يعني (Was never Indian's way) هن پڏي ڪم لاءِ نہ هنن جارجيا رياست کي ڪو ڏوراپو ڏنو نہ وري هنن يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سرڪار کي نِنديو هو نہ وري هنن سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس سر جان مارشل جي فيصلي جو حوالو ڏنو جيڪو جسٽس هنن جي بچاءَ ۾ ڏنو هو جيڪو پاڻيءَ تي ليڪو ثابت ٿيو هو. هنن معاهدن جي پيچڪڙين ۽ ڏوکيبازيءَ سان ڪيل معاهدن کي بہ ڪونہ ورجايو هو. هنن فقط اهي لفظ چيا هئا جيڪي جنرل فرانسرس واڪر (General

(Francis Walker 1871ع ۾ ڇپيا هئا. هي ماڻهو انهيءَ زماني ۾ سنڌين جي معاملن جو ڪمشنر هو سندس بيان سنڌين جي عزت ۽ آبرو لاءِ سفيد ماڻهن جي قائم تصور بابت هو. هن جا ڇپيل لفظ هي آهن:

سنڌين سمجهي ورتو هو ته سفيد ماڻهن سان ڪيل معاهدا سندن ڏوڪيبازيون هيون. سنڌي سردارن اهو قرارداد ڪنهن ڪي مخاطب ٿي ڪونه پاس ڪيو هو. ڪين خبر هئي ته اهو سندن آخري وقت وارو قرارداد آهي، جنهن جي لفظن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪين انصاف جي اصول ۾ ويساهه هو جيڪو دائم ۽ انباس آهي.

چيروڪي ذات جي سنڌين جو سندن زمين تي حق نهايت قديم آهي، ڇاڪاڻ ته سڀ سنڌي قبيلا وچولي، پوئين پٿر ۽ ان کان پوءِ واري زماني ۾ اچي آمريڪا ۾ آباد ٿيا هئا جنهن کي هزارين سال ٿيندا. تنهن ڪري هنن جو هتان جي زمينن تي حق ايترو قديم آهي، جو ڪنهن به ماڻهوءَ کي ان جي قدامت جو پتو ئي ڪونه آهي، ايترو قديم آهي جو انساني تاريخ به ان تائين پهچي ڪانه ٿي سگهي. هن قوم جو آمريڪا جي زمين تي حق قديم ۽ قانوني آهي. هن انهيءَ زمين جي پيداوار ڪيترن هزارن سالن کان وٺي پنهنجي مرضيءَ مطابق خرچي ڪپائي آهي ۽ ڪنهن به انساني نسل جي اهڙي دعويٰ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ قديم آهي، ڪين انسان جي ڀلي هجڻ ۾ وڏو ويساهه هو. پر سندن امن آشتي ۽ اهنسا وارو سون ورنو نظريو تلوار کان شڪست کائي ويو.

چيروڪي ماڻهن جي زمين تي سفيد ماڻهن جو حق فقط منتقل ٿي سگهي ٿو جڏهن هو خوشي سان ڏچن ۽ انهن جو نمائندو راضي خوشيءَ سان ڏئي معلوم ايئن ٿي رهيو آهي ته چيروڪي ماڻهن يا انهن جي نمائندن سفيد ماڻهن کي زمينون راضپي ۽ خوشيءَ سان ڪونه ڏنيون آهن. تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اهي زمينون يورپين جون نه پر چيروڪي نسل جي سنڌين جون آهن جيو (Un unfaired and absolute) آهي. هي ماڻهو منفرد قومي سڃاڻپ وارا ماڻهو آهن ۽ اهي آمريڪا ۾ ايترا قديم آهن جو انساني تاريخ به ان قديم دور جو احاطو ڪري ڪانه ٿي سگهي، نه وري اها قدامت انساني يادگيرين ۾ محفوظ آهي. چيروڪي ماڻهن آمريڪا جي ڌرتي سان قديم واسطو ڇڏي ڪونه ڏنو آهي. يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سرڪار ڏاڍ ڪري ڪين پنهنجي اباڻي ڌرتي تان ڌڪي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو آهي. پر اهڙي جلاوطني سان سندن ڌرتي جو


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

حق ختم ڪري ڪونه ٿو سگهجي.

جيڪڏهن انڊير ۾ انڊا لٽ ٽيٽو هو سو ٿي چڪو اهي ماڻهو ڇا به هئا پر حقيقي عظيم انسان هئا جن کان ڏوڪي ۾ تشدد سان هر چيز ڦري فقير ڪيو ويو پوءِ موت جي مارڳ سان ان علائقي ڏانهن روانو ڪيو ويو جيڪو سندن هميشه وارو ملڪ بڻجڻو هو. هن وقت تائين چيروڪي ذات جي سنڌين جو تفصيل سان احوال ڏنو ويو آهي، پر اهڙو ساڳيو احوال هيسپي درياهه کان اوڀر رهندڙ انهن سيني ڏاڍ سان ڏهڪايل سنڌين جو آهي جن کي 1800ع کان 1840ع تائين ڏوڪيبازين ۽تشدد وسيلي پنهنجي پنهنجي قديم ٺاڪن تان ڪڍي هيسيسپي درياهه کان هن پار رهڻ تي مجبور ڪيو ويو هو. اهي سنڌي ماڻهو ٿوري فرق کان سواءِ هڪ نسل هئا. هنن ماڻهن کي به نهايت قديم دور کان وٺي پنهنجون زمينون هيون جيڪي مختلف حڪمران ڪين مختلف معاهدن ۾ يقين ڏهانين سان پر يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سرڪار انهن معاهدن جي ڏني وائٺي ڀڃڪڙي ڪندي آئي هئي. ڪڏهن سرڪار اعلان ڪري انهن معاهدن کي پنهنجي مرضيءَ سان تبديل ڪري ڇڏيو ۽ ڪڏهن وري پنهنجي پسند مطابق ان کي رد ڪري ڇڏيو هو. ڪڏهن سنڌين جي معاملن بابت مقرر ڪيل ڪمشنر ڏوڪيبازيءَ کان ڪم وٺي ٺيل معاهدن کي ردي جي ٽوڪري ۾ اڇلي ڇڏيو هو.

چيروڪي ذات جي سنڌين وانگي سنڌين جون ٻيون پنج ذاتيون به ڏاڍيون مهذب هيون جيڪي چوڪٽا (Chocktaw) چڪا ساوا (Chika sawa)، ڪريڪ (Creek)، ۽ سيمينول (Seminole) هيون. اهي ذاتيون انهيءَ علائقي ۾ رهندا هئا جنهن کي سنڌين جو ملڪ (Indian Territory) جي نالي سان سڏيو ويندو هو. انهن سنڌين کي جلاوطن ڪرڻ کان پوءِ ان کي اوڪلاهوما (Okla Homa) سڏيو ويندو آهي مري ڪپي وڃڻ کان پوءِ جيڪي چوڪٽا، سيمينول ۽ چيروڪي بچيا هئا تن پير ڪوڙي دشمن سان مقابلا ڪيا هئا جيڪي 1835ع کان 1842ع تائين پورا ست سال هليا هئا. سيمينول (Seminole) ذات جي سنڌين فلوريڊا ۾ پنهنجي ويرين کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا هئا. توڙي جو اهي ڪانئن ٽيڻ تي وڏيڪ هئا. جنگ جي حال احوال مان پتو پوي ٿو ته سيمينول وارا زالين مڙسين جنگ جي ميدان ۾ لهي پيا هئا. انهن جنگين ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جا 1500 ماڻهو قتل ٿيا ۽ خرچ به ڪروڙ ڊالر اچي ويو هو. ان

ڪان پوءِ يونائيٽيڊ اسٽيٽس هن سان وڙهن مان هٿ ڪڍي ويئي. هاڻي اهي سنڌي فلوريڊا ايورگلدس (Florida Everglads) ۾ رهندا هئا. سندن ڪمانڊو جو نالو اوسڪولا (Oscola) هو. 1937ع ۾ ٻئي ڌريون امن لاءِ راضي ٿيون هيون، جڏهن اوسڪولا سفيد جهنڊو کڻي امن لاءِ وٽن پهتو ته کيس ڌوکي سان اغوا ڪري وجي فورٽ مولٽري (Fort Moultree) اندر قيد ڪيائون. جيڪو سال ڪان پوءِ قيد ۾ وفات ڪري ويو پر سيمينول ڪڏهن به ڪونه جهڪيا. پر چيروڪي ميدان ڇڏي وجي اتاهن جبلن ۾ رهڻ لڳا جتان اٽيهئي دونهون ٻيو نڪرندو هو ۽ اتي وجي جهنگلي ٻلن ۽ رڇن سان گڏ رهڻ لڳا هئا. ٿوري وقت ڪان پوءِ اهي هڪ هڪ ٿيندا ٻاهر نڪرندا ويا ۽ يورپي گورن جو پورهيو ڪرڻ لڳا هئا. هنن مختلف طريقن سان زوري ۽ ڌوڪيبازيءَ سان ڪسيل سترلک ايڪڙن زمين مان ڇاونجاهه هزار ايڪڙ زمين واپس ورتي هئي، ان ڪانپوءِ نارٿ ڪئرولينا (North Carolina) جي قانون سان واڳجي ويا. ٿوري وقت ڪان پوءِ هنن کي وفاقي سرڪار جي دائري ۾ آندو ويو هو. جيتري قوم چوڪٽا جو سوال آهي ته اهي ته انهن کي زمين ڪانه آهي باقي وندي‌ءَ تي پوکي راهي ڪري پيٽ گذر ڪندا آهن. ڪجهه وقت ٿيو جو معلوم ٿيو آهي ته اهي اجا هيسيسپي جي ڏکڻ ۾ رهندا آهن جيڪي ثقافتي طور تبديل ڪونه ٿيا آهن ۽ اجا به سنڌي چوڪٽا آهن.

سنڌين جي ايراضيءَ ۾ پنجن مهذب سنڌي قبيلن کي تمام گهٽيون زمينون مليون آهن. هن علائقي کي هاڻي اوڪالهوما سڏيو ويندو آهي. کين معاهدن وسيلي زمينون ڏنيون ويون آهن. اهڙيءَ ريت زمينن تي سندن قبضا مستقل هوندا اهڙو مالڪاڻو حق گڏيل حق هوندو. يعني اهي زمينون ڪنهن شخص جون نه پر برادري جون هونديون، انهن معاهدن مطابق سندن قبائلي حڪومتون هميشه لاءِ بااختيار هونديون. ان زماني ۾ هتي يورپي سامراجي ٽڪراءُ موجود ڪونه هو جيڪي اڳي سنڌين کي پنهنجي مفاد خاطر ڪتب آڻينديون هيون، تنهن ڪري پنهنجي سهائتا ڪندڙ قبيلي جي سماجي قوت کي سگهارو ڪنديون رهنديون هيون، هاڻي اڳيون وايومنڊل موجود ڪونه آهي. هن وقت فقط يونائيٽيڊ اسٽيٽس معاهدن مطابق سنڌي قبيلن سان ٻڌل آهي ۽ انهن معاهدن تحت سنڌي قبيلن جي نظرداري ڪري رهيو آهي. ان ڪان سواءِ سپريم ڪورٽ جي فيصلن وسيلي ڪانگريس ۽ انتظاميه کي مڪمل

(Plenany) قسم جا اختيار مليل آهن جن سان سنڌين کي ضابطي هيٺ رکيو ويندو آهي.

1849ع تائين سنڌين جي معاملن اڪلائڻ لاءِ سرڪار طرفان هڪ بيورو (Bureau) قائم ڪيو ويو هو. جيڪو جنگي کاتي (War Department) اندر ڪم ڪندو رهندو هو. ان جو خرچ فوج برداشت ڪندي هئي ۽ سنڌين جي توهين ڪندي دير ڪانه ڪندي هئي، اهوئي ڪارڻ آهي جو سنڌي پاڻ ۾ ملي هڪ مُٺ ٿي ويا هئا ۽ بي انتها مزاحمت ڪندا هيا. سنڌي هڪ قبائلي معاشرو هو. فوج گهڻي سوچ ۽ فڪر ڪان پوءِ هن نتيجي تي پهتي هئي ته ڪين اتان بيدخل ڪيو وڃي اهو فيصلو فوجي ۽ سياسي هو تنهن ڪري اعلان ته ٿيو پر مٿس عمل ڪرڻ مشڪل هو. ڇاڪاڻ ته يونائيٽيڊ اسٽيٽس سنڌين سان ڪيئي معاهدا ڪيا هئا ۽ سرڪار پنهنجي مفادن کي نظر ۾ رکي انهن معاهدن جي ڀڃڪڙي به پاڻ ڪندي هئي ۽ انهن جي جاءِ تي ٻيا نوان معاهدا ڪندي رهندي هئي. انهيءَ ڪري انڊين لا آف يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي بنيادي نقطن سان تضاد پيدا ٿي پيو هو جن لاءِ سپريم ڪورٽ ڪو فيصلو ڪونه ڏنو هو.

گهڻي وقت کان وٺي سنڌين جي معاملن تي فوج جي حڪمراني رهندي آئي هئي. اهڙيءَ ريت فوج هڪ اهم فيصلو ڪيو هو جنهن جو اعلان ڪونه ڪيو ويو هو. مذڪوره فيصلي جو روح هي هو ته سنڌن کي ماري ختم ڪيو وڃي. انهيءَ فيصلي تي عمل ڪرڻ لاءِ ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ جي اصول کي ڪتب آندو ويو هو. ان کان پوءِ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي فوج هڪ قبيلي جي چونڊ ڪري ان ۾ ڦيٽارو پيدا ڪيو. نتيجي ۾ هو وڙهي ڊانگو ڊانگ ٿي پاڻ هرتو علائقو خالي ڪرڻ لڳا هئا. تنهن ڪري فوج هر قبيلي ۾ ڦيٽاڙي وجهڻ جي بي پناهه ڪوشش ڪئي هئي، ڇاڪاڻ ته ڪين يقين ٿي ويو هو ته اهڙي ڦيٽاڙي ڪري سنڌن سڀ اميدون پوريون ٿي سگهن ٿيون. فوج اهڙو ارادو دل ۾ رکي چيروڪي سنڌي قبيلي ۾ ڦيٽاڙو وڌو هو. هي قديم آمريڪي قبيلو هو جيڪو هاڻي اقليت ۾ تبديل ٿي چڪو هو ۽ بيدخليءَ واري مهم شروع ٿيڻ کان اڳ لڏي پلاڻي سنڌين واري ايراضي (Indian Territory) ۾ وڃي آباد ٿيو هو. هنن سان اهي به ٽي سو ماڻهو به گڏ هئا جن بيدخلي واري معاهدي تي صحيحون ڪيون هيون، جيڪي ڪانئن نڳيءَ ڏوڪيبازيءَ سان ورتيون ويون هيون. انهيءَ زماني ۾ چيروڪي نيشنل پارٽي جو اڳواڻ ”جان راس“ هو جيڪو ان قبيلي جو

مکيہ سردار بہ هو. اقليتي برادرين ۾ 6000 ماڻهو هئا ۽ جان راس واري قبيلي جي ماڻهن جو تعداد 12000 هو. پر مختلف برادرين جي مرضي هئي تہ مختلف برادرين جي گهائن تي پها رکيا وڃن ۽ قبيلن کي نئين سر متحد ڪيو وڃي ۽ انهن قبيلن ۾ محبت ۽ هم آهنگي پيدا ڪئي وڃي جيڪي پاڻ ۾ وڙهي رتو رت ٿي پيا هئا ۽ اڃا بہ هڪ ٻئي تي تلوارون تاڻيون بيٺا آهن. اهڙيءَ ريت جزن کي ميڙي چونڊي ”ڪل“ بنايو وڃي ڇاڪاڻ تہ ايئن ڪرڻ سان نئين ايراضي ۾ مستقل مڪاني خود حڪومت جو بنياد رکي سگهجي ٿو. فوج نئين پيدا ٿيندڙ صورتحال سهي ڪانہ سگهي جيڪا يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي نمائنده طاقت هئي، هن پنهنجي حڪمت عملي مطابق سياسي طاقت هڪ اهڙي قبيلي حوالي ڪري ڇڏي جيڪو بلڪل اقليت ۾ هو. انهيءَ ڪري چيروڪي قبيلي ۾ ڦيٽاڙو پيدا ٿي ويو ۽ چيروڪي ذات ۾ گهرو ويڙهہ شروع ٿي وئي جيڪا ڏهہ سال هلي. پر چيروڪين قبيلن جي گهائن کي چيٽي چڱي ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو هو. جيڪو ٻين جي پيٽ ۾ متحد، نون خيالن جو مالڪ ۽ وڏيڪ مضبوط هو. يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي فوج (Divide and rule) جي حڪمت عملي مطابق ڪم ڪري رهي هئي سا پنهنجي مقصدن ۾ ڪامياب ڪانہ ٿي. ڇاڪاڻ تہ پنج مهذب قومون پنهنجا ويڇا وساري متحد ٿي ويون هيون، جن مان هڪ چيروڪي قوم بہ هئي.

1849ع ۾ سنڌين جي معاملن کي جنگي کاتي مان ڪڍي انٽيريز ڊپارٽمينٽ (Interior Department) جي حوالي ڪيو ويو هو. انهيءَ زماني ۾ هن ڳالهہ تي بہ غور ۽ فڪر ٿي رهيو هو تہ سنڌين جا معاملا گهرو کاتي جي حوالي ڪيا وڃن يا ان لاءِ جدا سول ڊپارٽمينٽ کوليو وڃي. اهو نجو کاتو فقط سنڌين جي معاملن کي اڪلائڻ واسطي تخليق ڪيو ويو هو. سنڌين جي معاملي ۾ اهڙي چونڊ نهايت اهم هئي، اهڙي قدم وسيلي سنڌين سان ايذا ڏاڍ ۽ ظلم ڪرٽا هئا جن جو مثال ماضيءَ ۾ موجود ئي ڪونہ هو. انهيءَ زماني ۾ گهرو کاتو (Interior Department) سنڌو سنئون ڪانگريس جي ماتحت هو جنهن جو منصبي فرض آمريڪي قومي ملڪيتون ختم ڪرڻ هو ۽ انهن کي شخصي ملڪيتن جو روپ ڏيڻ هو ان حڪمت عمليءَ ۾ هيءَ ڳالهہ بہ شامل هئي تہ ان طريقي سان سرڪاري تحويل ۾ ورتل زمينون نالي ماتر قيمت سان عام ماڻهن کي ڏنيون وينديون، انهن جي زمينن ۾ قيمتي ڪاٺ جا ٻيلا ۽ کاٽيون بہ موجود


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هيون ۽ اهڙيون زمينون گهڻو ڪري هيسيسپي درياهہ جي الهندي ڪناري سان واقع هيون. گهرو ڪاتي سنڌين کي ختم ڪرڻ لاءِ اڻ اعلانيل منصوبي ۾ هر سنڌي، انهن جي زمينن سوسائٽيز، برادرين، خاندانن، شخصيتن بلڪ هڪ هڪ ماڻهوءَ کي شامل ڪري ڇڏيو هو. ان ڪان سواءِ سندن ملڪيتن تي قبضي ڪرڻ جي منصوبي تي عمل ٿيڻو هو. حقيقت ۾ اها فوج جي اڻ اعلانيل حڪمت عملي هئي جيڪا گهرو ڪاتو نهايت ايماندار ۽ سچائي سان پوري ڪري رهيو هو. اهو هڪ ڳجهي قسم جو طريقہ ڪار هو جنهن وسيلي فوج سنڌين کي ختم ڪرڻ واري غيروايتي حڪمت عملي اختيار ڪئي هئي، يا ايئن ڪٿي چئجي تہ اعلانيل حڪمت عمليءَ تي اهڙو ڳجهو عمل ڪيو پئي ويو جيڪو عام طور تي قصن ڪهاڻين ۾ ٻڌو ويندو آهي ۽ سنڌين خلاف اهو ڪم ايئن ڪيو پئي ويو جيئن مذهبي جنوني ماڻهو مذهب خاطر ڪندا رهندا آهن. هن حڪمت عملي تي اعليٰ پيماني تي عمل ٿي رهيو هو. هن منصوبي تي عمل ڪرڻ لاءِ پئسي جي وڏي ضرورت هئي جنهن کي پوري ڪرڻ لاءِ وڏا غبن بہ ڪيا ويا هئا. حالتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ گهرو ڪاتو سنڌين کي ختم ڪرڻ واري هن اڻ اعلانيل منصوبي تي 1930ع جي ابتدا تائين ڪم ڪندو رهيو آهي.

آمريڪا جي گهرو جنگ دوران پنجن مهذب قومن مان گهڻو پنجن قومن جي اتحاد (Confederacy) سان ساٿ ڏنو هو. جنگ ختم ٿي وڃڻ ڪان پوءِ فاتح ڌر ڏکڻ وارين رياستن کي چيو هو تہ پنهنجي جاري ڪيل اعلانن تي عمل ڪري سگهن ٿيون پر جيئن تہ پنجن مهذب قومن پنجن جي اتحاد سان مدد ڪئي هئي تنهن ڪري ڪانگريس هڪ ڌڪ سان اهي سڀ معاهدا رد ڪري ڇڏيا جيڪي هن پنجن مهذب قومن يا قبيلن سان ڪيا هئا، ان ڪانپوءِ نوان معاهدا عمل ۾ آيا هئا جن مطابق پنجن مهذب سنڌي قبيلن کي سنڌي ايراضي جي اولهہ پاسي وارين سيني زمينن تان هٿ ڪڻو هو. انهن معاهدن تحت اٽڪل سنڌي قبيلا هڪ وڏي ايراضيءَ مان بيدخل ڪيا ويا هئا. جنهن ۾ قيمتي ڪاٺ جا وڏا ٻيلا ۽ وسيع ڪليل ميدان هئا، انهن علائقن ۾ يورپي گورن جي نئين آباد ڪاري شروع ڪئي وئي هئي.

ان ڪانپوءِ اوڪلاهوما جي اوپر پاسي ٻہ ڪروڙ ايڪڙ زمين موجود هئي جيڪا پنجن مهذب قبيلن جي ملڪيت هئي ۽ ان علائقي ۾ حڪومت بہ

سندن هئي. ان ڪانپوءِ سنڌين جي معاملن سان لاڳاپيل ڪمشنرن ۽ گهرو کاتي جي ميڪر ميٽرن ۾ گڏجاڻيون ٿيون ۽ بحث مباحثا ٿيا هئا ته سنڌين قبيلن ۾ جنگيون ڇيڙي سندن زمينن تي ڪهڙي ريت قبضو ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪهڙي طريقي سان سندن حڪمت ۽ سندن سوسائٽيون تباهه ڪري سگهجن ٿيون. اهڙيون ڪوششون به ڪيون ويون هيون، پر ڪامياب ثابت ڪونه ٿيون هيون. 1862ع ۽ 1867ع واري عرصي ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس سرڪار سيوڪس (Scoux)، چيني (Cheyenne)، نواجو (Nawajo) جي سنڌي ذاتين سان جنگ شروع ڪري ڏني هئي. جنهن تي هن سرڪار جا ڏهه ڪروڙ ڊالر خرچ آيا هئا. سنڌين جي معاملن جي ڪمشنر 1868ع ۾ اندازو لڳايو هو ته في سنڌي جي قتل تي سرڪار جو ڏهه لک ڊالر خرچ اچي سگهي ٿو. جنهن کان پوءِ سنڌين جون زمينون هٿ اچي سگهنديون. هن اهو به لکيو هو ته ان کان پوءِ سنڌين جي سوسائٽيز کي تباهه ڪرڻو آهي. پر ڪهڙي طريقي سان؟ اهو سارو سنڌي قبيلن خاص ڪري پنجن مهذب قبيلن سان واسطو رکي ٿو. ان منصوبي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ مختلف طريقا ڪتب آندا ويا هئا. چيروڪي تاريخ مان پتو پوي ٿو ته هڪ اهڙو طريقو ڪتب آندو ويو هو جيڪو سيني کان وڌيڪ خطرناڪ هو.

معلوم ٿئي ٿو ته قبائلي معاشري کي برداري جي شڪل ۾ زمين هئي، هي حقيقت هڪ هئي جنهن کي به پاسا هئا. ڌرتي موجود هئي، قبيلي جا فرد ٻنهي جا وير ۽ ڌرتيءَ جو به حصو هئا. فردن جي ان ۾ مرضي ڪانه هوندي هئي ته زمين جو هڪ حصو ڪٽي ان جا مالڪ بڻجن پر اهي ڌرتي جا گڏيل مالڪ هئا. اهي گڏيل مالڪ نه پر ڌرتيءَ سان گڏجي ڪم ڪندا هئا، ڌرتيءَ جا محافظ به هئا اهي ڌرتيءَ جا نگهبان به هئا، ته ان جي اولاد به هئا. هن باري ۾ ٽيڪومسچ (Tecumisch) ڪهڙو نه سچ چيو هو ته زمين وڪڻ معنيٰ هوا ۽ پاڻي وڪڻ آهي. عظيم روح هيءَ زمين سيني کي گڏي ڏني آهي.

هن مسئلي جو اهو ئي حل هو جنهن سياسي مدبرن کي منجهائي وڌو هو. هن مسئلي کي چڱيءَ ريت منهن ڏيڻ لاءِ هي منصوبو جوڙيو ويو هو ته چيروڪي ذات جي هر ماڻهو کي مجبور ڪيو ويو ته هو ٻنهي برادري کان زمين جو ٽڪرو وٺي، جيڪو سندس ذاتي ملڪيت هجي ۽ باقي بچيل زمين سان سندس ڪو واسطو نه هئڻ کپي ۽ نه وري بچيل زمين تي سندس حق هجي. اهڙيءَ ريت چيروڪي قبيلي جي هر هڪ ماڻهوءَ زمين ورتي. بعد ۾ باقي زمين لاءِ اعلان ڪيو ويندو ته اها بچت ۾ آهي جيڪا پوءِ يورپ جي ماڻهن کي وڪرو


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪئي ويجي. امڪان آهي تہ قبائلي سوسائٽي پنهنجي فرد جي ملڪيت ۾ دلچسپي ڏيکاريندي، پر سندس اهڙي نڪتي کي قانون جو معاملو چئي هڪدم رد ڪيو ويندو ۽ ڪيس اهو بہ چيو ويندو تہ سوسائٽي کي فرد جي ملڪيت تي حق جي دعوي ڪرڻ جو جواز ڪونہ آهي. زمين جي شخصي ملڪيت ٿيڻ کان پوءِ ان زمين جي سارسنڀال جو فرض قبيلي مان نڪري ويندو ۽ اهڙو منصبي فرض ”بيورو آف انڊين افيئرس“ جي حوالي ٿي ويندو. اهڙيءَ ريت بيورو آف انڊين افيئرس گهرو کاتي سارو واسطو جيڪو ڪانگريس جي ماتحت ايجنسي آهي، هي ڏني وائني سنڌين خلاف سازش هئي جنهن مٿان قانون جو تهہ ڏنو ويو هو.

انهيءَ زماني ۾ سنڌين کان زمين کسڻ ۽ گورن ۾ تقسيم ڪرڻ جو اهو طريقو ٻڌايو ويو هو. اهو 1880ع جو ابتدائي زمانو هو ۽ هن ڪم جي هڪ پراجيڪٽ طور هٿ ۾ ڪنيو ويو هو ۽ ضمير، اخلاقيات کي الوداع چئي وئي هئي. اهڙيون ڳالهيون زور شور سان هلڻ لڳيون هيون تہ سنڌين جو سوسائٽيون انساني تهذيب ۽ ترقي لاءِ وڏي رنڊڪ ٻڌيل آهن. جيڪي پنهنجي فردن لاءِ قيدخانو ٻڌيل آهن. ان سان اها بہ پروپئگنڊا شروع ڪئي وئي هئي تہ سوسائٽيز جي منتظمن کي مرڻ کانپوءِ جهنم جي باهہ ۾ ساڙيو ويندو. يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سرڪار جو هي بہ تصور هو تہ جڏهن مرد قبائلي سوسائٽي کان پنهنجي ملڪيت پاڻ سنڀاليندو تہ سوچي پو پئسا خرچ ڪندو ۽ پئسا گڏ ڪرڻ کي لڳي ويندو، جيڪڏهن هن ايئن نہ ڪيو تہ گناهہ مٿس غالب ٿي ويندا سنڌين جي زمين جي تقسيم ۽ شخصي ملڪيت واري دور ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪم ڪارل شورز (Carl Shurz) ڪيو جيڪو 1838ع جي ابتدا ۾ گهرو کاتي جو سيڪريٽري هو.

چيروڪي اڳيئي سمجهي چڪا هئا تہ اهو سارو کيڏ زمين جي تقسيم لاءِ رچايو پيو وڃي ۽ سرڪار اهو ڪم پورو ڪري پوءِ ساهہ پٽيندي، پين وانگر هن قبيلي بہ آخري وقت تائين مهاڏو ڏنو. نيٺ اهو معاملو سپريم ڪورٽ ۾ پهتو. سندن نقطہ نظر هو تہ تقسيم کان پوءِ باقي بچيل زمين جيڪڏهن گورن کي ڏني وئي تہ ڪيل معاهدن جي پيچڪڙي ٿيندي، هن قبيلي جو چوڻ هو تہ جنهن زمين تي چيروڪين جو قبضو آهي سا هن قبيلي جي گڏيل ملڪيت آهي ۽ ان زمين جي پيداوار سندن پلائيءَ لاءِ ڪم اچڻ گهرجي. هن سپريم ڪورٽ کي اها بہ گذارش ڪئي هئي تہ گورن جو اهو منصوبو کين بيدخل ڪرڻ ۽ سندن زمين کي ضبط ڪرڻ جو منصوبو آهي. اهو منصوبو سنڌين جي

سوسائٽيز کي تباهه ڪرڻ ۾ سندن مڪاني خود حڪومت کي ناس ڪرڻ جو منصوبو آهي. اهڙيون ڳالهوين مختلف معاهدن ۾ قطعي ٿيل آهن ته اهي زمينون هميشه لاءِ اسان جون رهنديون ۽ مڪاني خود حڪومت کي هٿ نه لايو ويندو. سوسائٽي جو ڪوبه فرد شخصي مالڪ ٿيڻ لاءِ زمين جو ٽڪر وٺڻ لاءِ تيار ڪونه آهي. سندس مرضي آهي ته ساري زمين کي گڏيل مالڪي هجي، جيڪڏهن يونائيٽيڊ اسٽيٽس سرڪار پنهنجي سِٽيل منصوبي موجب زمينون تقسيم ڪيون ته سوسائٽيون ۽ فرد تباهه ٿي ويندا. ڪورٽ سندن نقطه نظر کي رد ڪري ڇڏيو ۽ فيصلي ۾ ٻڌايو ته زمين تقسيم ڪرڻ نه ڪرڻ جو اختيار ڪانگريس وٽ آهي اهو منصبي فرض انتظاميه جو آهي اهو ڪم ڪورٽ جو نه پر سندن آهي ته گارڊين شپ (Guardian Ship) جي فرض ڪهڙي طريقي سان ٿي رهي آهي. ان کان سواءِ ارادن ۽ نيت بابت اندازو ڪرڻ به ڪورٽ جو ڪم نه آهي. اهڙيءَ ريت سورهن ملين ايڪڙ زمين پنجن مهذب قبيلي کي ڏني وئي هئي. جڏهن ته چيروڪي ذات وٽ 4346000 ايڪڙ هئي ۽ گورن کي هڪ ڪروڙ پنجاهه لک ايڪڙ ڏني وئي هئي. جيڪا ويهن سالن جي عرصي دوران کين مليل هئي ان عرصي ۾ چيروڪي وٽ باقي چار لک ايڪڙ زمين وڃي بچي هئي.

جڏهن پنجن قبيلن کان مختلف هيلن بهانن سان زمين کسي دنگ ڪئي وئي ته ان ايراضيءَ ۾ گورا اچي ويا ۽ پنهنجي ڌرتيءَ تي اقليت بڻجي ويا. ڇا انهن جي اقليت ۾ اچي وڃڻ ڪري سندن گورنمينٽ به موجود هئي يا ختم ٿي وئي هئي؟ ته ان جو جواب ”نه“ آهي، ان ۾ تبديلي آندي وئي هئي پر اهڙي جوڙجڪ کي ڪنهن به قسم جي اهميت ڪانه هئي ۽ باهمي امداد جي ڪمن تائين مهذب هئي، ان کان سواءِ شخصي اوسر، سماجي ترقي جي تسلسل، سماجي حيثيت جي تحفظ لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون هيون ۽ مختلف قسم جي پيداوار لاءِ پڻ جاکوڙيو ويندو هو. ليڪن زمين تقسيم ٿيڻ ۽ کسجي وڃڻ جو ڪيس وڏو گهاءُ رسيو جيڪو سهڻ جوڳو ڪونه هو.

ليڪن يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سرڪار پڪوپهه ڪري چڪي هئي ته هتان جي اصلي ڌرتي ڌڻين جو سماجي جوڙڪ جو نالو نشان به موجود نه هجڻ گهرجي ڪانگريس هڪ ٻئي پٺيان ڪيئي قانون پاس ڪندي رهي جن وسيلي سندن حڪومت ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو سندن ڪورٽون ختم ۽ سندن محصول رد ٿي ويا. اهڙا حڪم جاري ٿي ويا ته هنن کان باقي رهيل زمينون کسيون وڃن، هنن جون ٺهيل ٺڪيل جڳهون گورن جي حوالي ڪيون ويون.


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

کين منع ڪئي وئي هئي تہ سندن اسيمبلي سال ۾ فقط ٽيھہ ڏينهن سيشن جاري رکي سگهندي. هنن قبيلن جو جيڪو سرڪاري پئسو هو سو بہ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي خزاني ۾ جمع ڪرايو ويو.

ڪانگريس 1906ع ۾ آخري قانون پاس ڪيو هو جنهن مان پنجن سنڌي قبيلن جي ان جڳهہ کي ڊاهي پٽ ڪرڻو هو جيڪا سنڌين جي حڪومت جي صورت ۾ ۽ چئن پڳل پٽين جي شڪل ۾ اجا بہ موجود هيون. ٿوري وقت کان پوءِ پٽين جي انهن نشانن کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو هو. سنڌين جي هڪ ٻي بہ جاءِ بيٺي هئي جنهن کي فيڊرل گارڊين شپ (Federal Guardian Ship) جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هي سنڌين جي وفاقي ادارو هو جيڪو هتان جي ماڻهن جون سماجي خدمتون سرانجام ڪندو هو. اوڪلاهوما سرڪار جي دٻاءَ تي هن جڳهہ کي بہ ڊاهي پٽ ڪيو ويو هو. ٻيون بہ گهٽيون اهڙيون اهم جڳهون هيون جيڪي هڪ هڪ ڪري ڊاهيون ويون. ان کان سواءِ سنڌين کي لٽڻ ڦرڻ بہ ٻاهران آيل ماڻهن جو مکيہ ڌنڌو بڻجي ويو هو. هن ڌنڌي ۾ ڪنهن موڙيءَ جي سيڙپ جي ضرورت ڪانہ هوندي آهي ۽ اهو ڌنڌو اجا بہ جاري آهي. انهيءَ زماني ۾ جن سنڌين کي ايسٽ (East) ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو سي هاڻي هڪ هڪ ٽيندا موٽي رهيا هئا ۽ زمينون خريد ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون هئائون جيڪي علائقي جو هڪ فيصدي هيون ۽ انهن کان کسيون ويون هيون. هنن ماڻهن زمينون خريد تہ انفرادي طور ڪيون هيون پر ڪارپوريشن جي حوالي ڪري ڇڏيون هيون. هن قسم جي لکت کان هڪ مهينو اڳ مان ايسٽرن چيروڪي ويو هوس. پر مان اهي ننڍڙا خوشي کان ڪلندڙ ٻارڙا ڪونہ ڏٺا ان کان سواءِ اهي ڏاها جهونڙا بہ نظر ڪونہ آيا جيڪي ڳالهہ ڳالهہ تي کلندا هئا. مان هيءُ ڳوٺ بہ سال اڳ بہ ڏٺو هو. هتي اڳ واريون خوشيون ڪونہ هيون. چيروڪي ماڻهن جو سترهين صدي جي ٻي مهاڀاري جنگ دوران فوج ۾ ڀرتي ٿيو هو جيڪو جنگ جي هر محاذ تي وڙهيو هو. ان جنگ ۾ هنن جو وڏو تعداد مارجي بہ ويو هو. هنن موٽي اچي پنهنجي ملڪ جي مسئلا حل ڪرڻ ۾ شريڪ ٿي ويا هئا پر هنن کي زمين کسجڻ ڪري جيڪي گهاءَ رسيا هئا سي ڇٽڻ جا ڪونہ هئا. هو سوچي رهيا آهن تہ ڪين مستقبل ۾ اهي پنهنجون زمينون وري حاصل ڪرڻ گهرجن ۽ اهي مختلف طريقن سان ايئن ڪرڻ لاءِ پڪوپھہ ڪري چڪا آهن.




باب ٻارهون

# ڪيليفورنيا ۽ ميدانن جا سنڌي

ڪيليفورنيا جا سنڌي 1769ع کان وٺي 1845ع تائين اسپين جي ماتحت رهيا. ان کانپوءِ ڪيليفورنيا يونائيٽيڊ اسٽيٽس جو حصو بڻجي وئي، جڏهن اسپيني هتي پهتا هئا ته ڪيليفورنيا جي سنڌين جي آدمشماري ٻه لک هئي جيڪي مختلف علائقن ۾ رهندا هئا. هي ماڻهو ايڪويهه ٻولين ڳالهائيندا هئا جن جا مختلف لهجا هوندا هئا، هنن جو مکيه ڌنڌو شڪار ۽ مڇي مارڻ هو. هو جنگ کان پري رهندا هئا. هر قبيلي جي حدن جو تمام گهڻو احترام ڪيو ويندو هو ۽ سنڌن هر علائقي ۾ سون جي تعداد ۾ سوسائٽيون موجود هونديون هيون (موزئن) (Adaptation)، متحرڪ جذبا ۽ جوڙجڪ نهايت اعليٰ هئا. ان کانسواءِ انسان ۽ فطرت جا لاڳاپا سنڌن ضرورتن کان تمام گهڻا هئا. سو فرانسس ڊراڪ (Francis Drake) سان فرانسسڪو جي سامونڊي ڪناري سان رهندڙ ماڻهن کي ڏٺو ويو هو جن جي خوبين ۽ خامين جو اهڙو ذڪر ڪري ٿو جنهن مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو ته اهو سنڌين بابت ڳالهائي رهيو آهي، هنن ماڻهن بابت سنڌس بيان هن ريت آهي ته، ”هنن جو مزاج چڱ ته موسيقيءَ سان پريل آهي مهمان نواز ٻه ڏاڍا آهن ۽ مهمانن کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيندا آهن. پکين وانگي آزاد هنن جو ڳالهائڻ ٻولهائڻ پکين جون منيون لاتيون پيون محسوس ٿينديون. سنڌن رنگ ٻه پکين جي کنڀن جهڙو پيارو.

جڏهن فرانسسڪو جا ماڻهو ڪيليفورنيا آيا هئا ته هنن سان عيسائي

مشينريون بہ گڏجي آيون هيون جيڪي پاڻ سان 25000 سنڌي وٺي آيا هئا جن کي هتي پوکي راهي سيکاري وئي ۽ ٻيا بہ گهڻا ڏنڌا ۽ هنر سيکاريا ويا هئا. عيسائي مِشن سان گڏ رهڻ ڪري پنهنجو اصلي مذهب وساري ويٺا هئا. کين پنهنجن ريتن رسمن جي ڪابہ خبر ڪانہ رهي هئي. ان کان سواءِ قبائلي طور طريقا بہ وٽن ڪونہ رهيا هئا هي سنڌي عيسائي مشن سان اٽڪل پنجهٺ سال کن رهيا هئا ان دوران کين چڱيءَ ريت جاچي پرکي ڏٺو ويو تہ هو اخلاق جا نهايت بلند هئا. شايد مِشن واري زندگي کين پاڻ ڪونہ پئي ۽ 1834ع ۾ موٽ شروع ڪيائون. سندن موٽڻ بہ سولو هو. هوڏانهن ٻيا هوڏانهن ويا ۽ جيڪي مشن جا معتقد رهيا، تن مان ڪو وانگجي بہ ڪونہ رهيو هو. شايد هو آزاد فضائن جا نازڪ مزاج ماڻهو جيڪي شهرن ۾ جي ڪونہ سگهيا.




جوان روڊ ريگوز ڪئيرولو (Juan Rodrigues Cabrello) اچ ڪان تي صديون اڳ ڪي ماڻهو ڏٺا هئا جيڪي ٻارن جهڙا سادا ۽ سڀاجها هئا. سندن بيان آهي تہ هن علائقي ۾ انهن ماڻهن جي آدمشماري تمام گهٽي هئي ۽ اهي اتان جا اصلي رهاڪو هئا. هي ماڻهو ڏاڍا تندرست هئا ۽ هر ڪم پنهنجن هٿن سان ڪرڻ جا شوقين هئا. ناچ ۽ راڳ تہ سندن رڳ رڳ ۾ پيريل هو ۽ راڳ ڳائيندي ۽ ناچ ڪندي تہ ٿڪبا ئي ڪونہ هئا. پتو نہ آهي تہ الائي ڪيترن هزارن سالن ڪان وٺي هي ماڻهو هتي آباد آهن. معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ هي علائقو انسان ۽ فطرت جي انيڪ لاڳاپن جو هڪ باغ آهي جتي چوڏاري خوبصورت رنگ پکڙيا پيا آهن. مان سمجهان ٿو تہ ماڻهن جو هي نسل گهٽ ۾ گهٽ ڏهن هزارن سالن ڪان وٺي هتي رهندو اچي ٿو.

1782ع ۾ سانتا باربارا (Santa Barbara) ۾ هڪ فوجي پوسٽ قائم ڪئي وئي هئي. ان ڪان چار سال پوءِ هتي عيسائي مشن اچي پهتي هئي، هتان اهي سنڌي ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان ڪونہ رهيا پر هنن کي اتي فوج زبردستيءَ رهائي ڇڏيو هو بلڪ قيد ڪري ڇڏيو هو. چاڪاڻ تہ اهي سنڌي ماڻهو پوکي


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com



راهي ڪار ڪرت سولائيءَ سان سکي ويا هئا ۽ اتي رهيل فوجن جي کاڌ خوراڪ لاءِ هنن جو اتي رهڻ لازمي سمجهيو ويو هو.

ابتدا ۾ هي سنڌي کلئي ميدان ۾ پنهنجون جهوپڙيون ٺاهي رهندا هئا، ڪجهه وقت کان پوءِ هڪ ڪوٽ اندر ڪين رهايو ويو. جڏهن شام ٿيندي هئي تہ ڪين زنجيرن سان ٻڌي نون ڏهن کي پاڙ ۾ سلهاڙي ڪوٽ اندر رکيو ويندو هو ۽ عبادت وقت صبح جو ڪين کوليو ويندو هو. هر ڇهن مهينن کان پوءِ هر مرد ۽ هر ٻار کي پتلون جهڙو

اوچڻ ملندو هو ۽ هر ڇهين مهيني ڪين قميص ڏني ويندي هئي، ڊيوڊ بئنڪس

1856ع ۾ سانتا باربارا ۾ هڪ فوجي پوسٽ

راجرس (David Banks Rajers) جو بيان آهي تہ هر عورت ۽ ڇوڪري کي سٽن مهينن کان پوءِ قميص ۽ شميص (مينيون لباس Chemese ) ملندا هئا. ڪين ٿوريءَ غلطيءَ ڪري سخت کان سخت سزائون ڏنيون وينديون هيون، سزا طور ڪين هٿڪڙيون هيون وينديون هيون يا ڪين ڇهبڪن سان ماريو ڪٽيو ويندو هو. هن دور تائين اهي بنا لباس رهندا هئا.

اهو پتو ڪونہ ٿو پوي تہ يورپي ماڻهن جي اچڻ کان اڳ جسماني سزا جا وٽن ڪهڙا طريقا هئا پر اسان کي پراڻن تذڪرن وسيلي معلومات ملي آهي تہ يورپين جي اچڻ کان اڳ هنن ۾ ڪنهن بہ قسم جي جسماني سزا جو تصور ئي موجود ڪونہ هو. مشن جي مليل احوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ عورت کي هڪ ڪان ٽن ڏينهن تائين وڻ سان ٻڌڻ (Stocks) جي سزا ڏني ويندي هئي. جڏهن ڪا عورت ضد ڪري بيهي رهندي هئي تہ ڪم ڇڏي هلي ويندي هئي تہ ان




ڪلنٽن هاٽ ميريم Figure 3

ڪي عورتن واري رهائشگاهه ۾ هڪ عورت ڇهبڪن سان ماريندي هئي پر اهو ڏوهه جيڪڏهن مرد ڪندو هو ته ڪيس سخت سزا پوڳڻي پوندي هئي.

مشن (Mission) جي چوديواري اندر موت ڇڙواڳ پيو ڦرندو هو. تيرهن سال اڳ مذڪوره ڪوٽ اندر 864 سنڌي رهندا هئا جن مان ڇهه سو پاهٽ ماڻهو مري ويا هئا راجرس مطابق ته انهن سنڌين کي پورو يقين هو ته هو هتان جي گهٽيل ۽ بوساتيل ماحول ۾ جي ڪونه سگهندا. سنڌين جي اهڙي موت جو ڪارڻ ڪيليفورنيا جون مشنريون هيون، پر اهم ڪارڻ اهو هو ته هي ماڻهو کليل ميدانن ۽ کليل فضائن جا رهاڪو هئا. مختلف مشن (Missions) ۾ سوسائٽيز کين دٻاءَ ۾ بوساتيل ماحول ۾ رکيو هو. ڇاڪاڻ ته هو صاف ۽ تازين هوائن ۾ کليل ميدانن جا رهاڪو هئا. هنن ماڻهن بابت هڪ ڳالهه لاس ڪئساس کي به معلوم ڪانه هئي. فرانسسڪو جي گورن کي به اهڙي خبر ڪانه هئي، هتان جي سرڪار کي هوريان هوريان اهڙي ڄاڻ ملي رهي آهي ته انهن نازڪ مزاج سنڌين جو موت ڪهڙيءَ ريت واقع ٿيو هو. ڪيليفورنيا وارو علائقو 1845ع ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جو حصو بڻجي ويو هو. ان کان چار سال پوءِ سون جو ڇڻ مينهن وسڻ لڳو هو ان سان گڏ ڌارين لاءِ به انتهائي/تمام نفرت پيدا ٿي چڪي هئي. ماڻهو هنن کان ۽ سنڌن ادارن کان نفرت ڪرڻ لڳا هئا جيڪي هتان جي ماڻهن کان مختلف هئا. هنن کان نسلي طور نفرت ڪئي ويندي هئي ان جو خاص ڪارڻ اهو هو ته هي ماڻهو سون جا


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

بکيا هئا، جن سنڌين کي ڏيجاري ڇڏيو هو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته 1850 ۾ ڪيليفورنيا ۾ 110000 کان 130000 سنڌي آدمشماري هئي جيڪا 1880ع تائين وڃي باقي 20000 بچي هئي. في سال جي وڏا جي شرح مطابق اها ٽيهن سالن ۾ وڃي چار پنج لک ٿي وڃي ها. پر اها گهٽجي وڃي فقط ويهه هزار بچي هئي.

اهي سنڌي ڪنهن بيماريءَ وگهي ڪونه مئا هئا، پر ڪين وحشياڻي طريقي سان قتل ڪيو ويندو هو. يورپي گورا هنن ماڻهن جي قتل کي قتل ڪونه سمجهندا هئا پر پنهنجو يورپي حق سمجهندا هئا. ان کان سواءِ هنن ماڻهن کي غلام به بڻايو ويندو هو جنهن کي يورپ وارا پنهنجو مذهبي فرض سمجهندا هئا. پر هنن جي موت جو ڪارڻ بيو ۽ خطرناڪ هو. سي هارٽ ميريم (C. Hart Merriam) ڪيليفورنيا جي سنڌين جي مطالعي جو شاگر هو جنهن هڪ اهم حقيقت ڏانهن اشارو ڪيو آهي ته هي ماڻهو پنهنجي زمين ۽ گهرن سان بي پناهه محبت ڪندا هئا.

جڏهن ڌارين يورپي ماڻهن کانئن پنهنجون زمينون کسيون ۽ پنهنجن گهرن مان ڪڍي ڇڏيو هو ته هنن وڃي ڏوراهن رڻن پٽن ۾ پناهه ورتي هئي، تنهن ڪري هو ويچارا گهڻو عرصو زندهه رهي ڪونه سگهيا هئا. ان کان سواءِ هڪ نفسياتي مسئلو به هو. هنن مرڻ جو ارادو ڪيو هو ۽ مري ويا. ڇاڪاڻ ته کانئن زمينون کسيون ويون هيون ۽ سندس سوسائٽيز کي ختم ڪيو ويو هو.

1851ع جي ابتدا ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس سنڌين جي 119 قبيلن سان معاهدا ڪيا هئا جن تحت اتان جي هنن سنڌين يورپي گورن کي ڪيليفورنيا جو اڌ ڏيڻو ڪيو هو. ان جي عيوض اتان جي سنڌين کي پنجهتر لک ايڪڙ زمين ڏني وئي هئي. اهڙيون ڳالهيون معاهدن ۾ طئي ڪيون ويون هيون، ڪيليفورنيا جي دٻاءَ تي واشنگٽن ۾ موجود سينيٽ انهن معاهدن کي بحال ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. ان کان پوءِ معاهدن جا دستاويز ۽ سينيٽ جو رڪارڊ هڪ فائيل جي صورت ۾ سينيٽ آفيس ۾ رکيو ويو هو. ”انڊين بيورو“ جي انتظاميه اها ڳالهه سنڌين کي ڪانه ٻڌائي هئي ته هنن جي معاملن بابت ڇا ٿي چڪو آهي. اهڙو معاملو 1905ع تائين جيئن جو تيئن پيو رهيو هو. سنڌين جيڪي معاهدا ڪيا هئا سي ڪين لفظ لفظ ياد هئا. تنهن ڪري هنن معاهدي جي شرطن مطابق هر ڳالهه پوري ڪري ڇڏي هئي. پر سرڪار اها 7500000 (پنجهتر لک)

ايڪڙ زمين بہ گورن کي وڪڻي ڏني هئي. جيڪا معاهدن جي تحريرن مطابق سنڌين جي ملڪيت قرار ڏني وئي هئي.

ميداني علائقن جي سنڌين کي اها ڳالهہ معلوم ٿي چڪي هئي تہ ڏاريا يورپي پهريائين هنن جي ادارن کي تباهہ ڪري بعد ۾ خود هنن کي ماري ناس ڪري ڇڏيندا.

1803ع جي ”لوئيسيانا پرچيز“ (Louisiana Purchase) جي معاهدي مطابق ڪيترائي ميداني علائقا يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي حدن ۾ اچي ويا هئا. يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سرڪار ۽ ميداني سنڌين وچ ۾ لاڳاپا آمريڪي گهرو جنگ کان ٿورو اڳ ٿيا هئا. 1870ع جي ابتدا ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس ميدانن ۾ رهندڙ سنڌين کي ماري ختم ڪرڻ جو پڪوپهہ ڪري چڪي هئي. ان مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ هنن سنڌين جي مذهب کي ختم ڪري انهن جي سوسائٽيز کي تباهہ ڪرڻو هو. دنيا ايڏي ڪنور ۽ بي رحم دل ڪٿي بہ ڪانہ ڏٺي هوندي جيڏي سنڌين جي مذهب ختم ڪرڻ وقت ڏسڻ ۾ آئي هئي. هنن جي مذهب کي ناس ڪرڻ لاءِ نت نوان طريقا ڪتب آندا ويا هئا. سنڌين اهڙي ڏاڍ خلاف پنهنجي ڀرپور ردعمل جو اظهار ڪيو هو جيڪو انسان ذات جي مذهبي تاريخ ۾ اهڙو مثال ڪونہ ملندو. هڪ قبيلي يا گهڻن قبيلن جي مذهب خلاف ايڏو ظلم ۽ ڦهر حقيقت ۾ سنڌين جي سوسائٽيز کي ناس ڪرڻ ۽ انهن کا زمينون کسڻ جو منصوبو هو. معلوم ايئن ٿي رهيو هو تہ يونائيٽيڊ اسٽيٽس مذهبي ڏاڍ ميدانن ۾ رهندڙ سنڌين خلاف ڪري رهي هئي. ان جي پيٽ ۾ سنڌين جي ٻين علائقن ۾ ايترو گهٽو ڪونہ هو. هن ڪلور مڪيہ ڳالهہ اها هئي تہ اصلي حملا تہ مذهب کي ناس ڪرڻ تي ٿي رهيا هئا پر ڏيکاريو ايئن پئي ويو تہ غيرمذهبي ۽ دنياوي نوعيت جا هئا.

پهرئين حملي ۾ جيڪي فوجي حملا ڪيا ويا هئا تن جا ڪي ڪارڻ ئي ڪونہ هئا جيڪڏهن هئا بہ تہ معمولي قسم جا هئا، سرڪار فوج سان پٺ ۽ جهٽ هئي. ان ناتي قبائلي دشمنين کي استعمال ڪري رهي هئي. يعني حملا فوج ڪرائيندي هئي ۽ سنڌين کي سمجهايو ويندو هو تہ مٿن حملا سندن دشمن قبيلو ڪري رهيو آهي، سرڪار جي خواهش اها هئي تہ سنڌين کي سنڌين خلاف ويڙهائجي تہ جيئن هو پنهنجن جي ڳچين جا ڳچ لاهي پاڻ ئي مري ختم ٿي وڃن ۽ سرڪار کي کين ماري ختم ڪرڻ لاءِ خفو ۽ پئسو خرچڻو


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

نہ پوي. پهريائين ميداني علائقن وارن سنڌين تي فوج محدود ۽ منظم طريقي سان حملا ڪندي هئي جيڪي بعد ۾ باقاعده جنگي صورت اختيارڪري ويا هئا. جن جو مقصد سنڌين کي قتل ڪري ختم ڪري ڇڏڻ هو. هن ڪم ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي فوج کي لاٿو ويو هو جنهن جو مقصد سنڌين کي مارڻ يا انهن علائقن مان هميشہ لاءِ ڪڍي ڇڏڻ هو. آخر سنڌين کي شڪست اچي ويئي، سنڌين اها شڪست يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي هٿيارن جي برتري ڪري ڪانہ کاڌي هئي. ڇاڪاڻ تہ اها جديد هٿيارن سان مسلح بہ هئي. پر هنن جي شڪست جو ڪارڻ بک هئي، ڇاڪاڻ تہ فوج جهنگلي مينهون ماري ختم ڪري ڇڏيون هيون.

ان کان پوءِ معاهدا ۽ عهدناما لکيا ويا هئا. ڪجهہ عرصي کان پوءِ يونائيٽيڊ اسٽيٽس پاڻ انهن عهدنامن جي هڪ طرفي پيچڪڙي ڪئي هئي، پنهنجي معاهدن تان ڦري وري سنڌين خلاف ظلم ڪرڻ سنڌين لاءِ ڪا نئين ڳالهہ ڪانہ هئي. پنجن مهذب قبيلن جي تاريخ اهڙين ڏاڍاين سان ڀري پئي آهي. مينهون ناس ڪيون ويون هيون، انهن جو شڪار ڪري ڪين ختم ڪونہ ڪيو ويو هو. پر ڪين ڪُهي ناس ڪيو ويو هو. اها فوجين جي جنگي حڪمت عملي ۽ سوچي سمجهي اختيار ڪئي وئي هئي جيڪا سنڌين جي خلاف هئي ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي حڪومت جنهنجي دل کولي همت افزائي ڪري رهي هئي.

ان کانپوءِ سنڌين کي جنگي قيدي بنايو ويو. پر اهي حقيقي طور بہ قيد ڪيا ويا هئا ڪين ننيڙين ڪوٺين ۾ رهايو ويندو هو. زندهہ بہ سرڪار جي ڏنل کاڌ خوراڪ تي هوندا هئا، هنن لاءِ ڪو ٻيو رستو بہ ڪونہ هو. ڪيل عهدنامن مطابق سرڪار تي فرض هو تہ انهن خالي هٿن وارن سنڌين کي کاڌ و خوراڪ ڏيندا رهن. پر اهو هڪ قانوني اصول بہ هو پر سرڪار انهن سنڌين کي کاڌو ۽ خوراڪ ڪانہ ڏيندي هئي جيڪي پنهنجي مذهب تي قائم هئا ۽ جيڪي پنهنجي ريتين رسمن کان سيني سان لايون ويٺا هئا ۽ پنهنجن سان سچا هئا. سنڌين جي اهڙن چڱن مڙسن کان سڀ اختيا کسيا ويا هئا جن فوج جي چاڙتن يا انڊين بيورو لاءِ ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو.

سنڌين جي روايتن کي ختم ڪرڻ ۽ نسل جي تسلسل کي روڪڻ جي مقصد سان سنڌي مائٽن کان ڇهن سالن جي عمر جا ٻار کسيا ويندا هئا، جن




سنڌين جون زمينون وڪري لاءِ 1911ع

ڪي اسڪول بورڊنگ ۾ رهايو ويندو هو ۽ جوان ٿيڻ تائين اتي ئي رهندا هئا. جڏهن کين وئڪيشن ملندي هئي تہ کين فوجين جو نوڪر رکيو ويو ويندو هو. اسڪولن ۾ هو پنهنجي ٻولي ڳالهائي ڪونہ سگهندا هئا ۽ ان ٻولي کي پڙهڻ ۽ لکڻ منع هوندي هئي، فوجين جو مقصد هو تہ جيئن هنن کان سنڌيت جون سڀ ڳالهيون وسري وڃن. ان کان سواءِ سنڌي ٻارن کي مجبور ڪيو ويندو هو تہ پنهنجي پسند مطابق رومن ڪئٿلڪ فرقو اختيار ڪن پراٽيسٽنٽ پر عيسائي ضرور ٿين. هن ڪم ۾ ”انڊين بيورو“ گهڻي دلچسپي وٺي رهيو هو جنهن جو تعلق هڪ خاص عيسائي فرقي سان هو.

ان ڪانپوءِ زمين جي زبردستي تقسيم جي مهم شروع ڪئي وئي هئي جيڪا نہ رڳو ميدانن ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ هئي پر آريزون ۽ نيڪ ميڪسيڪو کان ٻاهر مسپني سنڌي علائقن ۾ بہ شروع ڪئي وئي هئي. ان طريقہ ڪار مطابق هڪ گهر يا گهر جي هر هڪ فرد کي گذاري لاءِ جدا زمين ٽڪر ڏنو ويو هو. ايئن ڪرڻ لاءِ سرڪار ڏاڍ کان ڪم ورتو هو پر نئين طريقي ڪري سنڌين جي سماجي جوڙجڪ اندر اٿل پٿل اچي وئي هئي. ميداني علائقن جي سنڌين کي نہ پوکي راهي جو هنر سيکاريو ويو نہ وري ان ڏنڌي سان لاڳاپيل اوزار کين ڏنا ويا هئا. تنهن ڪري هو زمين مان کنهن بہ قسم جو فائدو حاصل ڪري ڪونہ سگهيا هئا ۽ سرڪار جي مرضي بہ ايئن هئي. جڏهن زمين جي خريد ۽ وڪري تان پابندي هٽائي وئي تہ سنڌي پنهنجي زمين گورن کي وڪرو ڪرڻ لڳا. جن علائقن ۾ سنڌي زمينون وڪڻي نہ ٿي سگهيا تہ اتي زمين جي ان

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

الاٽمينٽ کي شخصي ملڪيت ۾ تبديل ڪيو ٿي ويو اهڙيءَ هڪ گڏيل شخصي ملڪيت جي شڪل پيدا ٿي پئي وئي. اهڙيءَ ريت ننڍي ۾ ننڍو زمين ٽڪر بہ گهٽ ماڻهن جي شخصي ملڪيت بڻجي ويو هو ۽ ڪجهہ ڊالرن ۽ سينٽس (Cents) جي ادائگي کان پوءِ زمين جي پنجاهہ يا سٺ ٽڪرن جو حصيدار مالڪ بڻجي ويو هو. سنڌين وٽ هن کان سواءِ ٻيو چارو ڪونہ هو تہ اهي زمين ٽڪر بلاڪن جي صورت ۾ گورن ڌنارن کي ٺيڪي تي ڏين يا انهن کي وڪڻي ڏين.

1887ع کان 1933ع تائين ساري ملڪ جي سنڌين جي زمين جي سڌن ۽ سڌن جي تقسيم جي طريقن سان. نڳين ۽ ڏوڪيبازين سان نو ڪروڙ ايڪڙ زمين ڌارين گورن کي ڏني هئي ان کان سواءِ ٻي زمين جيڪا الاٽمينٽ ۾ سنڌين کي ڏني وئي هئي سا بہ گورن جي قبضي هيٺ آهي جنهن جي مالڪي اڃا بہ سنڌين جي آهي. اهڙيون حرڪتون سرڪاري گورن ڪامورن جي معرفت ڪيون ويون هيون جن کي سياسي پنيرائي حاصل هئي خود سرڪار بہ اهڙيون ڳالهين جي پنيرائي ڪري رهي هئي. تنهن ڪري سرڪاري ڪامورا رشوت ۽ ٻين غلط ڪارين ۾ حد کان اڳتي نڪري چڪا هئا جيڪي بي انتها خراب ماڻهو هئا. انڊين بيورو ۾ مقرر ٿيل گورا عملدار بي ايمانيءَ رشوت ۾ نالي چڙهيل هئا. انهن پنجاهہ سالن ۾ سرڪار اندر سرڪار کان ٻاهر اها مهم هلائي وئي تہ ڪين ٻاهر ڪڍي سگهجي پر حڪمت عملي (Policy) ۽ طريقہ ڪار (System) ۾ موجود اوڻاين ۽ تبديلي بابت ڪوبہ سوال ڪونہ ڪري رهيو هو. پر سيئي سنڌين جي معاملن لاءِ مقرر ڪيل ڪمشنرن ۽ انڊين بيورو جي ڪامورن جي شخصي سچائي ايمانداري تي خيالن جو اظهار ڪري رهيا هئا.

1905ع ڌارا سِول سروس جي عملدارن جي ڪوشش ۽ مالياتي ضابطي رکڻ ڪري پئسي جي غلط استعمال تي ڪجهہ ضابطو آندو ويو هو ۽ جيڪي ماڻهو سنڌين جي معاملن تي مقرر ڪيا ويا هئا تن بہ پئسن ۾ بي ايماني ڪرڻ ۽ ٻين غلط ڪارين کي ڪنهن حدتائين ڇڏي ڏنو هو. پنجن مهذب سنڌي قبيلن ۽ سنڌي علائقي (Indian County) جي اوڪلاهوما جي اوسيج (Osage) کان سواءِ باقي ٻين سنڌي وسندين واري علائقن ۾ واشنگٽن انتظاميا دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي هئي. پر انهيءَ کان پوءِ بہ سنڌين کي هٿ سان تباهہ ڪرڻ وارو عمل رڪجي ڪونہ سگهيو ۽ جيئن پوءِ تيئن وڌي رهيو هو.

پر حقيقت اها هئي تہ سنڌين جي معاملن لاءِ مقرر انتظاميہ اندر سچائي ۽ ايمانداري جو هجڻ لازمي هو. ليڪن ان انتظاميہ جي مقرر ڪيل حڪمت عملي طريقہ ڪار فلاسافي انڊين افيئرس جو قانون اهڙو هو جنهن جو نتيجو سنڌين جي تباهي کان سواءِ ٻيو ڪونہ هو. ان کان سواءِ ثانوي نتيجا بہ اهم هئا جهڙوڪ جيڪڏهن سنڌين جي معاملن لاءِ مقرر ڪيل انتظاميہ ايماندار ٿي وڃي ۽ سچائيءَ ۾ ڪم بہ ڪرڻ شروع ڪري ڏئي تنهن هوندي بہ سنڌي، سرڪاري ۽ خانگي دوست هن سوچڻ تي مجبور هئا تہ سنڌي پوءِ بہ تباهہ ڪارين کان بچي ڪونہ سگهندا ڇاڪاڻ تہ ڪين محسوس ٿيو هو تہ هنن جي تباهيءَ لاءِ ڪي غلط ماڻهو ذميوار ڪونہ هئا پر حڪمت عملي (Policy) طريقہ ڪار (System) فلاسافي ۽ ”انڊين افيئرس“ بابت جوڙيل قانون ڏوهي هئا جيڪي هڪ جاءِ تي گڏجي حقيقتن کي تبديل ڪري رهيا هئا هنن کي اهو بہ احساس هو تہ بنيادي تبديليءَ کان سواءِ ڪي متوقع سڌارا (Reforms) ڪجهہ بہ ڪري ڪونہ سگهندا. مان پاڻ بہ اهڙين گهربل بنيادي تبديلن لاءِ پورا يارهن سال جاکوڙيندو رهيو هوس. ان عرصي دوران مونکي گهرو کاتي ۾ هڪ ٻيرو بہ اهڙو ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو جيڪو بي ايمان ۽ پئسن کائڻ وارو هو. تنهن ڪري سمجهيو هيم تہ سنڌين جي تباهي جو ذميوار ڪو شخص نہ پر سسٽم آهي.

اهڙين غلط ڪارين جو ڪو ماڻهو ذميوار ڪونہ هو پر مجموعي طور سڀ ماڻهو ذميوار هئا، اهو گڏيل ڪرپشن جو هڪ نمونو هو ڪرپشن واري ماحول ۾ ڪوبہ ڪرپٽ ماڻهو ڪرپٽ ڪونہ لڳندو آهي ۽ اها ڳالهہ قوم جي سوچ فڪر تائين بہ پهچي ويندي آهي اها وڏي پيماني واري ڪرپشن هئي جنهن ميدانن ۾ رهندڙ سنڌين جي تاريخ کي بہ متاثر ڪري ڇڏيو هو. ٻين لفظن ۾ هن ريت بہ چئي سگهجي ٿو تہ هن قسم جي ڪرپشن يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سيني سنڌين جي تاريخ کي متاثر ڪري ڇڏيو هو. اجتماعي ڪرپشن انفرادي ڪرپشن کان وڌيڪ اثر ڇڏيندي آهي. جڏهن سنڌين جي مذهب خلاف فوج حملا ڪرڻ شروع ڪيا تہ ڇڻ خود قانون هنن جي مذهب خلاف ٿي بيٺو هو. ڇڻ مذهبي عبادت ۽ رسمن خلاف ڪات ڪهاڙا آڏي بيهي رهيو هو ميدانن ۾ رهندڙ سنڌين جي مذهبي قيادت سورج ديوتا لاءِ ناچ هوندو هو. سورج ديوتا لاءِ ناچ تي پابندي معنيٰ ميدانن جي سنڌين جي زندهہ رهڻ تي پابندي هئي. اهو

جڻ ميدانن وارن سنڌين جي شخصيت جي بينادي پاڙ ڪپڻ جي برابر هو.

جيڪڏهن سماجي نقطہ نظر کان ڏٺو وڃي تہ سورج ناچ سنڌين ڪي هڪ جڳهہ گڏ ڪرڻ ۾ انهن ڪي طاقتور ٻڌائڻ جو ادارو هو. جيڪڏهن ان ڪي نفسياتي طور ڏٺو وڃي تہ اهو رڳو سورج ناچ ڪونہ هو پر منظم رهڻ جو هڪ جذبو بہ هو. جڻ نيئن ٿهيءَ سان گڏجي مستقبل لاءِ سفر ڪرڻو هو انهيءَ ناچ وسيلي وڏي عمر جي ماڻهن ۾ هڪ نئين زندگي جو اپار اچي ويندو هو ۽ دنيا جي منظر ڏسڻ لاءِ دلين جا دروازا ڪلي پوندا آهن ۽ هڪ فرد جي سيني اندر قبيلي ۽ ڪائنات جي طاقت اچي ويندي آهي. پر جيڪڏهن ان ڪي مذهبي نقطہ نظر سان ڏٺو وڃي تہ ان جي علامتي سچائي ڪي جاچيو پرکيو وڃي تہ اهو انسان ۽ خدا جو وصل آهي.

معلوم ٿي رهيو آهي تہ سورج ناچ هڪ انساني ايجاد آهي ۽ سماجي سطح تائين پنهنجو پاڻ ۾ اندر هڪ مڪمل شيءِ آهي، هن ناچ ۾ گهوڙي جي موجودگيءَ سان ميدانن جي سنڌي ذاتين جهڙوڪ چيني (Chenney)، آرپارهو (Arapaho)، سيوڪس (Scoux) (ڊئڪوٽا) ڪرو (Crow)، بلئڪ فيٽ (Black feet)، ڪيووا (Kiowa) ۽ ٻين جي زندگي ۾ جڻ تبديلي اچي ويندي آهي. جيڪڏهن سج ناچ نہ هجي تہ هڪ قبيلي جا ننڍڙا ننڍڙا پاڙا جيڪر پاڻ ۾ گهٽي عرصي کان پوءِ ملي نہ سگهن. هر قبيلي جا ننڍڙا ننڍڙا پاڙا پنهنجن مردن عورتن ٻارن ۽ مختصر گهرو سامان سان گڏ گهوڙن تي سوار اٿي هئي مينهن جي شڪار جي تاڙ ۾ هوندا آهن ڏينهن هتي تہ رات ڪنهن ٻئي هنڌ. مڏيءَ سوڏو سدائين سفر ۾، پر هنن جي سماجي زندگيءَ جو جوڙجڪ قبيلائي



هڪ مخروطي (موڙيال) طرز جو هڪ ڪميو (Tepee)

هوندو آهي ته، جيڪڏهن سورج ناچ جو مذهبي ناچ موجود نه هجي ته جيڪر ڪٿي به ملي ڪونه سگهن.

اونهارو پڇن جي موسم هوندي آهي هن موسم ۾ گسن تي گاهن جو گلزاريون لڳي وينديون آهن مينهون به وڏن ڌڻن جي صورت ۾ اچي ساون ميدانن ۾ چرنديون آهن. انهيءَ وقت/مهل هزارين گهوڙا به گڏ ٿي ويندا آهن. ان وقت قبيلي جا ننڍا ننڍا پاڙا هيڏانهن هوڏانهن کان ڪهي اچي هنن ميدانن تي پهچندا آهن ۽ پوءِ سورج ناچ جو ميلو لڳي ويندو آهي. سارو قبيلو گول واڙي جي شڪل اختيار ڪري ويندو آهي جيڪو ٻڌيءَ ايڪي جو ڏيکاءُ ڏيندو آهي سڄ ناچ جي رسمي عبادت جي چاڻ هڪ ٻائي ٻانيڻ ڪي هوندي. واڙي جو انتظام به هو سنڀاليندو آهي ۽ سياسي اڳواڻ به اهو هوندو آهي.

ان واڙي جي وچ تي چمڙي جو هڪ مخروطي (موڙيال) طرز جو هڪ ڪميو (Tepee) لڳايو ويندو هو ۽ سورج ڊانس کان اڳ ڪي ابتدائي رسمون سرانجام ڪيون وينديون هيون،

اهڙيون سڀ رسمون مذڪوره مذهبي ٻاتي جي هدايتن مطابق ٿينديون هيون. ان کانپوءِ دونهان رکڻ، روزا رکڻ، عبادتون ڪرڻ شروع ٿي وينديون ۽ ان عبادت واسطي ڪي علامتي شيون به ٺاهيون وينديون هيون، انهيءَ ۾ عورتون به پنهنجي جدا مذهبي گڏجاڻي منعقد ڪنديون هيون، بعد ۾ مذهبي ٻائو هڪ ڪنواري ڇوڪري جي چونڊ ڪندو هو جيڪا هڪ سنڌو ۽ ڏگهو وڻ وڍيندي هئي جنهن ڪي سورج ناچ لاءِ زمين ۾ کوڙيو ويندو هو ۽ ان مذهبي رسم لاءِ هڪ علامتي طور ڪم ڏيندو هو.

سورج ناچ واري اها مذهبي رسم چار ڏينهن ۽ چار راتيون مسلسل هلندي هئي جنهن جي چوڌاري ڪکن ڪانن جون ٺهيل جهوپڙيون هونديون هيون، انهيءَ مذهبي ناچ ۾ آزمائشي قسم جي رسم به ادا ڪئي ويندي هئي. ان ناچ ۾ جيڪو ماڻهو حصو وٺندو هو ته چارئي ڏينهن ۽ راتيون نه کائيندو نه پيئندو هو انهن چئن ڏينهن دوران چوڌاري ڪيتريون علامتي نشانيون نظر اينديون هيون، ڊونلڊ ڪوليئر (Donald Collier) لکي ٿو ته هن ناچ ۾ سڄ کان سواءِ، ڌرتي، آڪاس، گجگوڙ، ستارن چئن مکيه طرفن ۽ ڌرتي ماتا جي پڻ نمائندگي ڪئي ويندي هئي. ان کان سواءِ جنگ ۽ مينهن لاءِ به علامتي نشانيون موجود هونديون هيون جيڪي گهٽيون نمايان هونديون هيون ان کان سواءِ هن ناچ ۾ ٻيون به



ننڍيون رسمون ادا ڪيون وينديون هيون، جنهن ۾ سرڪاري فوج کي سنڌي سوسائيٽز ۽ ننڍن گورن سان جنگ ڪندي ڏيکاريو ويندو هو. ان ڪان سواءِ ڏرمي شڪار جي رسم به ڏيکاري ويندي هئي ۽ هم عمر ماڻهو هن قسم جي مذهبي رسمن ۾ حصو وٺندا هئا ۽ قبيلي جي هر پاڙي جو ماڻهو شريڪ ٿيندو هو. هن دوران اهو به ڏيکاريو ويندو هو ته هر گهر ڏهاڙي ڪهڙي ڪم ۾ مصروف هوندو آهي ۽ هن ڪائنات جي پس منظر ۾ قبيلو ڏهاڙي ڇا ڪندو آهي.

ڊونلڊ ڪوليئر جو وڌيڪ بيان آهي ته اهڙيون سڀ ڳالهيون سورج ناچ جي مختصر عرصي ۾ قبيلي کي متحد رکڻ جي مقصد سان ڏيکاريون وينديون هيون، قبيلي جي اهڙي اتحاد اندر هڪ تاثر موجود هوندو هو. ڇاڪاڻ ته ان اتحاد جو واسطو قديم دور سان هو جنهن ۾ خوشيون گهٽيون ۽ ماڻهن لاءِ ڪم جو به حساب هوندو هو انهن مذهبي رسمن جي ختم ٿي وڃڻ ڪانپوءِ ته هر ڪو ماڻهو پنهنجيءَ جهوپڙيءَ ڏانهن هليو ويندو هو.

جڏهن ماڻهو موٽي وڃي ڏهاڙي واري ڪم ڪار سان لڳندا هئا ته پاڻ کي نئون ۽ سگهارو سمجهندا هئا ۽ پائيندا هئا ته کين جواني ملي وئي آهي، ان ڪان پوءِ قبي لي جي وڌيڪ اتحاد لاءِ جاکوڙيندا هئا. سورج ناچ دوران قبيلي جو وجود ختم ٿي ويندو ۽ فقط روح ۾ وڃي رهندو هو. ان وقت قبيلو ڪائنات اندر

داخل ٿيڻ جو واحد رستو بڻجي ويندو هو. يعني ٻه طرفو اڪيلو رستو.

فوج ڦهريائين سيوڪس واري علائقي گوليءَ جي زور سان سورج ناچ تي پائيندي وڌي هئي. ان ڪانپوءِ عيسائي منشنرين بيورو انڊين افيئرس تي زور رکيو هو ته سنڌين جي نه رڳو سج ناچ تي قانوني طور بندش وڌي وڃي پر انهن رسمن تي پڻ پابندي وڌي وڃي جيڪي ڪافرن واريون آهن. عيسائي پادرين جي خيال مطابق اهي رسمون ڪين عيسائيت ڏانهن وڃڻ ڪونه ٿيون ڏين. اهڙين ڳالهين ڪي نظر ۾ رکي گهرو کاتي هڪ ڪرمنل ڪوڊ (Cirminal cod) جوڙيو هو جنهن ۾ چيو ويو هو ته سنڌين جون مذهبي رسمون قانوني طور تي جرم آهن. جيڪڏهن ڪوبه سنڌي اهڙيون رسمون ادا ڪندو ته هن ڪرمنل ڪوڊ مطابق ڪيس سزا ڏني ويندي. مذڪوره ”ڪر منل ڪوڊ“ 1884ع ۾ تيار ڪيو ويو هو ۽ 1904 ۾ ان تي عمل ڪرايو ويو جيڪو 1933ع تائين هليو.

هن قانون مطابق سنڌين جي مذهب ڪي وڏو ڌوهه سمجهيو ويندو هو. پر ان ڪي هر جڳهه تي لاڳو ڪونه ڪيو ويندو هو. نئواجو (Navajo) قبيلو تمام پري رهندو هو ان ڪان سواءِ ڪيواس (Kivas) ۽ سيميپول به ايورگلئڊس (Everglades) واري ڏوراهين ميداني علائقي ۾ رهندا هئا. ساڳئيءَ ريت رواجي موجاوي (Mojavi) علائقو فوج جي پهچ ڪان پري هو. پر 1920ع واري ڏهاڪي جي وچ ڌارا سنڌين جي سورج ديوتا جي ناچ تي سختي ڪئي وئي ۽ جتي به اها مذهبي رسم ادا ڪئي ويندي هئي، اتي فوج ڪي تحرڪ ۾ آندو ويندو هو. اهڙيون سڀ ڪڏيون ڪارروايون بيورو آف انڊين افيئرس ڪندو هو. هن سال ڪان اڳ بالغ پوڄارين ڪي بندوقن جي گوليءَ سان اڏايو ڪونه ويندو هو نه وري انهن ڪي جيل ۾ رکيو ويندو هو. پر انهن جا جيڪي ٻار اسڪول جي بورڊنگ هائوس ۾ رهندا هئا تن سان توهين آميز سلوڪ ڪيو ويندو هو ۽ ڪين مجبور ڪيو ويندو هو ته هو عيسائي ٿي وڃن. ويجهن ميداني علائقن ۾ سورج ناچ يا ٻي اهڙي مذهبي رسمن ڪي ختم ڪرڻ سولو هو مذهبي رسم سان تعلق رکندڙ هي ناچ ساليانو ٿيندو هو جيڪو سماجي ۽ ڪائناتي نوعيت جو هو جنهن جي ادائگي ڪانپوءِ سارو قبيلو ڇڻ ته جيئرو ٿي پوندو هو. فوج جو سورج ناچ سان ڪو تعلق ڪونه هو. پر ان ڪي فڪر سنڌين جو هڪ ٻئي سان گڏجڻ هو. جڏهن سيوڪس قبيلي سورج ديوتا جي ناچ لاءِ هڪ جڳهه تي مليو ته فوجي ڪارروائي شروع ڪئي وئي، مينهون ته اڳئي ختم ڪيون ويون هيون جيڪي

ماڻهو سچ ديوتا جي رسمي عبادت لاءِ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا هئا تن کي ملندڙ کاڌي خوراڪ جو راشن بند ڪيو ويو. جيڪي هلي هلي بکن ۾ مري ويندا هئا. جڏهن هي طريقو ڪامياب نہ ويو تہ پوءِ سنڌين جي سڏي قتل عام لاءِ سوچيو ويو هو. چالاڪ تہ انهن کي گوري فوج جي روبرو بي هٿيار ڪيو ويو هو. ان کان پوءِ سنڌين ۾ فوج وچ ۾ 1890ع ۾ هڪ وڏي جنگ لڳي هئي جنهن کي (Wounded Knee) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. جيڪا شروع ٿي سنڌين کي قتل عام ڪرڻ لاءِ هئي.

ان جو نتيجو اهو ٿيو جو سچ ديوتا جي ناچ واري پوڄا ختم ٿي وئي ۽ سنڌين جا ميلا، ميڙاڪا ۽ گڏجاڻيون هميشہ لاءِ بند ٿي ويون.

پر روح جي حياتيءَ جا ڪيئي روپ آهن جن کي اسان دنيا جي مذهبن جي نالي سان سڏيندا آهيون. جن سان گڏ ڪيئي ريتون ۽ رسمون هونديون آهن انهن مان ڪيترن سان راڳ ۽ ناچ بہ هوندو آهي. ڪيترن ۾ وجداني ڪيفيت بہ موجود هوندي آهي جنهنجي سختگير پادري منع بہ ڪندا آهن. اهڙي وجداني ڪيفيت کي روڪڻ لاءِ ماڻهن کي ٻورين ۾ بند ڪري باهہ ۾ اڇلايو ويندو آهي پر اهڙين ڳالهين جو ڪو اثر ڪونہ ٿيندو آهي، ميدانن ۽ ميداني ڪنارن سان رهڻ وارا سنڌي جيڪي پاڻ ۾ ملي ڪونہ سگهيا سو سولائيءَ سان پنهنجو مذهب ڇڏي عيسائي ٿي ويا. ان کان پوءِ هڪ صفا نئون



مذهب پيدا ٿي پيو هو جيڪو نہ عيسائي نہ وري ڪو سنڌي مذهب هو. ان کان

سواءِ اوريگون (Oregon) واري علائقي ۾ به هڪ نئون مذهب پيدا ٿيو هو جنهن جي پوئلڳن کي ”دي ڊريمرس“ (The Dreamers) جي نالي سڏيو ويندو هو. هن مذهب جو مکيه متو يا اصول ”ماٺهوءَ ڌرتيءَ ماتا جو وصل“ هو. اهو انسان ۽ ڌرتيءَ وچ ۾ هڪ جذباتي ۽ غير متزلزل تعلق هو. هي مذهب اسان جي دور جي پيداوار هو جنهن جو دائي نيز پرسي (Nezperce) نالي هڪ سنڌي قبيلي جو سردار هو جنهن جو نالو جوسف (Joseph) هو. مذڪوره مذهب بدين ۾ بيچڙائين کان نفرت ڪونه ڪندو هو. سندس هڪ سردار ۽ ترجمان جو نالو ٽوچوٿو لسوٽ (Tochuthulsate) هو جنهن جو قول هو ته مان ڌرتي ماتا جو حصو آهيان ۽ مان ان کان ڪڏهن الڳ ڪونه آهيان نه الڳ ٿيندس. سندس ٻئي سردار جو نالو اماتلا (Umatilla) هو سندس قول هو ته مون وٽ فقط هڪڙي دل آهي ۽ اها زمين آهي جيڪڏهن تون مون کي چوندين ته هيءَ زمين ڇڏي ڪنهن ملڪ ڏانهن هليو وڃ. پر منهنجي دل ايئن ڪونه چاهيندي مان چوندس ته مان هتي آهيان هتي واري جڳهه اها آهي جتي مون کي هجڻ گهرجي. جيڪڏهن تون وري ايندين ۽ وري به ساڳيا لفظ چوندين ته مان به توکي ساڳيو جواب ڏيندس ته مان پنهنجي زمين ڪونه ڇڏيندس. مان ان کان جدا ڪونه ٿيندس، ڇاڪاڻ ته مون کي فقط هڪ دل آهي.

يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي جنرل هو وارڊ (Howard) 1877ع ۾ نيز پرسي جي مذهبي فڪر وارن کي ڇڙوڇڙ ڪري جوزف جي مکيه پنڊت ٽوچوٽول سوٽ کي جهلي آٽي جيل ۾ رکيو. ان کان پوءِ ڊريسرس کي هٿيارن ڦٽي ڪرڻ کان سواءِ ٻيو چارو ڪونه هو. ان کانپوءِ جوزف نيز پرسي وارن کي ايداهو (Idaho) ماٿري جي لئپوائي ماڳ تي گڏ ٿيڻ لاءِ چيو هو. نيز پرسي اوڏانهن وڃڻ جي مقصد سان چوپايو مال گڏ ڪري رهيا هئا جو گورن جو هڪ ٽولو آيو جيڪو مال ڪٽي هليو ويو ۽ نيز پرسي وارن جو هڪ ماڻهو به ماري ويو. هن واقعي کان پوءِ هڪ عام جنگ شروع ٿي وئي. جوزف سان هڪ سو ماڻهو گڏ هئا جنهن ٽن هفتن اندر گوريءَ فوج جا 58 سپاهين جنرل هو وارڊ کي به قتل ڪري ڇڏيو. ان وقت جوزف سان ٿورا ماڻهو ۽ 350 عورتون ۽ ٻار هئا جن سان گڏجي هو ڪئناڊا وڃي رهيو هو. هن جا فوج سان بار بار مقابلا ٿيندا رهيا. پر هن هر بار کين ماري پڇائي ڪڍيو. نيٺ هڪ هزار ميلن کان وڌيڪ سفر ڪري هڪ ڏينهن ڪئناڊا کان پنجاهه ميل پري هڪ جاءِ وڃي پهتو. ان وقت سندس هڪ هزار


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com



جنرل شريدان

مان پنجاهہ وچي باقي بچيا هئا. انهن سان بہ ڪي زخمي ۽ بيمار هئا. اهڙي حالت هوندي بہ هو ڪئناڊا ڏانهن سفر ڪري رهيو هو. انهيءَ سفر دوران جنرل مائيلس (Mailes) تازي فوج سان مقابلي لاءِ سندس آڏو اچي بيٺو. هن ساري ڏکئي سفر ۾ نہ زخمين کي نہ وري عورتن کي بي سهاري ڇڏي ڏنو هو. هن جنرل مائيلس سان زبردست مقابلو ڪيو توڙي جو سندس ماڻهو زخمي ۽ بکن کان بيحال هئا, جڏهن وٽس چاليهہ ماڻهو بچيا تہ هن پاڻ کي گرفتاري لاءِ پيش ڪيو ۽ شرط وڌائين تہ ايندڙ چيٽ تائين کيس ٽونگ (Tongue) درياهہ واري علائقي ۾ رکيو وڃي. ان کان پوءِ کيس ايداهو موڪليو وڃي پر جنرل شريدان (Sheridan) ان واعدي تان ڦري ويو هو جنهن کي جنرل مائيلس جوزف جي ٻانهن حوالي ڪيو هو. هن تيز پرسي جا 450 ماڻهو ”انڊين ٽيريٽري“ ڏانهن موڪلي ڇڏيا جن مان وڏو تعداد عورتن ۽ ٻارڙن جو هو. اتي پهچڻ کانپوءِ منجهن بيماري ڪاهي پئي ۽ وڌڻ ويجهڻ بدران سندن تعداد وڃي 280 بچيو هو ۽ ”ڊي ڊريمرس“ واري ڌرتيءَ سان پيار ڪرڻ وارو مذهب آخر ايئن ختم ٿي ويو.

ان کان ٿورو پوءِ واشنگٽن جي پگيٽ سائونڊ (Puget Sound) واري علائقي ۾ هڪ نئين مذهب جي ابتدا ٿي هئي جيڪو اسڪئا گزين (Squaxin) جي سنڌي قبيلي کان شروع ٿيو هو. ان جا متا ۽ اصول قديم شيڪرس (Shakers) فرقي جهڙا هئا. هنن ماڻهن سڪو سچت ان (Squ_ Sachat_ un) جي اڳواڻي ۾ هڪ ڪليسا جو بنياد رکيو هو جنهنکي جان سلوڪن (Jhon Slocun) جي لقب سان سڏيو ويندو هو. هي مذهبي فرقو ڪالون (Calvin) ۽ سنڌي روايتن جو ميلاپ هو. جهڙي ريت شيڪرس (Shakers) جي مذهبي فرقي جا ابتدائي دور ۾ اصل امن آشتي ۽ اهنسا سان لاڳاپيل هئا تهڙي ريت هن

مذهبي فرقو شروع ۾ اهنسا ۽ امن آشتي جو قائل هو. پر پوءِ بہ هنن کي جلاوطن ڪيو ويو ڪن کي زنجيرن ۾ ٻڌو ويو ۽ ڪن کي جهلي جيل ۾ وڌو ويو هو.



وونڊيڊ ني قتل عام جو نقشو

پوت ناچ (Ghost Dance) واري مذهب بہ ”وونڊيڊ ني“ (Wounded Knee) واري قتل عام ڪانپوءِ هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو هو. هن مذهب جي پيغمبر جو واسطو پئيوٽ (Paiute) نالي سنڌي ذات سان هو جيڪو رت جي لحاظ کان خالص سنڌي هو. هن نبيءَ جو نالو وو ووڪا (Wo voka) هو جيڪو 1856ع ۾ ڄائو هو ۽ هڪ اڳئين پئيوٽ پيغمبر جي اولاد مان هو. هو پئيوٽ کان سواءِ ڪا بي سنڌي ٻولي ڳالهائي ڪونہ سگهندو هو نہ وري علامتن واري لکت بہ ڪو ڄاڻندو هو. ٿوري ٽڪي انگريزي ايندي هئس ۽ ڪڏهن بہ نيواڊ (Nevada) کان ٻاهر ڪونہ ويو. ميداني علائقن کان ڪيترائي وفد وٽس ايندا رهندا هئا. چيو ويندو آهي تہ هو هڪ گوري جي گئوچر ۾ ڪم ڪندو هو

تاريخ 01 جنوري 1889ع تي هو سخت بيمار ٿي پيو ۽ اوراتجي ويو. ماڻهن جي ليکي مري ويو اتفاق سان ان ڏينهن مڪمل سج گرهڻ بہ ٿي هئي چيو ويندو آهي تہ هو ٻيهر ڄائو هو. مرڻ کان پوءِ هن جو روح جڏهن بهشت ۾ پهتو تہ هن خدا کي ڏٺو هو ان سان گڏ انهن ماڻهن کي ڏٺو هئائين جيڪي قديم دور ۾ مري ويا هئا ۽ هرڪو پنهنجي ان ڏنڌي کي لڳو پيو جيڪو هن دنيا ۾ ڪيو هو اهي ڏاڍا خوش هئا ۽ سڀ جوان هئا. خدا کيس چيو تہ هن کي اڃا بہ زندگي آهي تنهن ڪري موٽي اڳيئن دنيا ۾ وڃي ماڻهن جي رهنمائي ڪر ۽ کين چؤ تہ هو

سنا ماڻهو ٿين ۽ هڪ ٻئي سان پيار ڪن، ان ڪان سواءِ گورن سان سنو هلن ۽ ساٿن جنگ نہ ڪن خدا ساڻس واعدو ڪونہ ڪيو هو تہ سنڌي دنيا اندر ڪڏهن بادشاهہ ٿيندا. باقي بهشت ۾ هنن کي وڏي اهميت ڏني ويندي. باقي خدا ۽ گورن سان جنگ نہ ڪرڻ جو وڏو تاڪيد ڪيو هو.

پتو نہ آهي تہ هن جي شخصيت ۾ ڪهڙو جادو هو جو ماڻهو هن ڏانهن ڇڪبا رهيا ۽ ٽولن جا ٽولا هن جي زيارت لاءِ اچڻ لڳا هئا اوسي پاسي جي ماڻهن جي ٻولي بہ ڳالهائي ڪونہ سگهندو هو ۽ سيراس (Sierras) جي برف پوش جابلو علائقي ۾ رهندو هو جيڪو نيواڊا جي چوڌاري ڦري ايندو هو جنهن جو ڪو حصو برف کان آجو ڪونہ هوندو هو. پري کان ڪهي ايندڙ ماڻهو سندس معتقد ۽ مريد هوندا هئا ۽ سمجهندا هئا تہ هي پيغمبر سندن ڏوهن ۽ پاپن جو بار پنهنجي روح تي سهي رهيو آهي، ان کان پوءِ سندس نبوت جو پيغام تبديل ٿي ويو هو. هن جون نہ رڳو بهشت واريون ڳالهيون بدلجي ويون هيون پر دنيا لاءِ بہ سندس بيان ٻيا ٿي ويا هئا. سندس چوڻ هو تہ (Melleniruor) اچي رهيو آهي، نہ رڳو بهشت ۾ ايندو پر اهو دنيا ۾ بہ جلدي اچڻ وارو آهي، مئا جيئرا ٿي زمين جي ڪنارن تي ايندا، ڌرتي ڏڏندي، مئا ماڻهو وري جنم وٺندا. اهي ڪڪرن وانگي وڏا ۽ وسيع هوندا. ان کان پوءِ انساني روپ ڌاري ماڻهن سان ملي ويندا، بعد ۾ هيءَ جهونڙي ڌرتي مري ويندي جنهن جي ڪنارن کي گورا ماڻهو ڪٽي رهيا آهن. پوءِ ان وقت سڀ انساني نسل مري ويندا. جيڪڏهن گورن ٻيو جنم ورتو تہ اهي ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ هوندا ۽ سنڌين جي ٻئي جنم کان پوءِ هيءَ ڌرتي هلندي، بعد ۾ هيءَ ڌرتي بهشت وانگر ڪراڙن ماڻهن سان پرجي ويندي. ان کان پوءِ سندس روح ۽ جسم ۾ سڪون اچي ويو ۽ چيائين تہ سنڌين خلاف سڀ جنگيون ختم ٿي چڪيون آهن ۽ طاقتور روح اوهان کان ڪنهن بہ قسم جي مدد ڪونہ وٺندو. توهان جي روح کان پيار ۽ صبر جي توقع رکي ٿو پڇاڙي نهايت ويجهو بلڪل ئي ويجهو آهي.

اهڙيءَ ريت الوهہ جي تيز واءُ وانگي آسون ۽ اميدون بہ وسيع ۽ وڏيون آهن جيڪي هنن ميدانن ۾ گهلنديون آهن پر گورو ماڻهو موڳو ٿيو ڪونہ وينو هو. هن ائٽلانٽڪ (Atlantic) ۽ پئسفڪ (Pacific) سمنڊ تائين سيني کي ٻڌائي چڪو هو تہ ميدانن جي جنگ جو ماڻهن ۾ هڪ جنگ جو مذهب پکڙجي رهيو آهي ۽ سنڌين جون بغاوتون ڪر ڪٽي رهيون آهن هن موضوع تي اوپر وارين

اخبارن هن موضوع کي افواهه سمجهيو ۽ ڪيئي هٽرادو ڳالهيون شايع ڪيون هيون جنهن ۾ هنن جي بغاوت ۽ قتل عام کي به نمايان جڳهه ڏني هئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو هو جو فوج سنڌي ايراضين ۾ پهچي پنهنجون چوڪيون قائم ڪيون هيون. مذڪوره پڄاڻي وقت کان اڳ ئي اچي وئي ووندڊ ني (Wonded Knee) وٽ قتل عام ٿيو جنهن ۾ 98 بي هٿيار مرد ۽ به سو عورتون ۽ ٻار قتل ڪيا ويا ۽ اهڙي مذهب کي انساني رت ۾ ريٽو ڪيو ويو جنهن جو اصول امن آشتي ۽ اهنسا هو (تفصيل لاءِ ڏسو 'Ghost Dance Religion' تصنيف 'James Mooney) ڇاپيل بيورو آمريڪن ايٿنالاجي 33_1932ع)

سنڌين جي هن قسم جي حالتن صوفي مذهبن خلاف ڪٺو ۽ ڪربو ڪٺي ڪڍ لڳي پئي هئي ۽ بيشمار بيڏوهي انسانن جو قتل عام ڪيو ۽ رت وهايو ويو هو پر پوءِ به سنڌي معاشري ۾ صوفي مذهب پيدا ٿيندا رهيا جن جو بينادي مول متو امن آشتي ۽ انساني محبت ۽ پيار هو. موجوده دور ۾ به آمريڪا جي اصلي رهاڪن يعني سنڌين جو هڪ ادارو آهي جنهن جو نالو Native American) Church) آهي جيڪو هوريان هوريان ترقي ڪري رهيو آهي ۽ مختلف سنڌي ذاتين اندر مقبول ٿي رهيو آهي. هي (Native American Church) نالي وارو ادارو 1870ع کان وٺي ڪم ڪري رهيو آهي اٽڪل پنجويهه سال ٿيندا جو ان کي رجسٽر ڪيو ويو آهي جنهن ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سنڌين جو پنجويهه هزار برادريون شريڪ آهن. انهيءَ مذهبي رسم ۾ پيوٽ (Peyote) نالي هڪ ڪيڪٽس (Cactus) جي ڦل کي خدا جو راز سمجهي کاڌو ويندو هو. هن قسم جي مذهبي فرقي ۾ اهي سنڌي شامل آهن جن جو ڪولمبس کان اڳ واري ڪنهن مذهب سان تعلق هو ۽ اهي سنڌي به شامل آهن جيڪي ڪولمبس جي اچڻ کانپوءِ عيسائيت کان متاثر آهن. هن مذهب جون رسمون اخلاقيات جي دائري اندر هونديون آهن. هن مذهب جي علامتن مان ايئن معلوم ٿيندو آهي ته سيني جو خالق هڪ آهي. هڪ ماڻهوءَ جي روح جو ٻئي ماڻهوءَ جي روح سان ۽ خدا سان وصل ٿيندو آهي. هن مذهب جو اهم اصول دل جي صفائي ۽ سهپ آهي. پيوٽ کائڻ جو مقصد اهو هوندو آهي ته هڪ ڏينهن انساني روح تان سڀ پابنديون ۽ رنڊڪون ختم ٿي وينديون ۽ وڃي خدا سان وصل ڪندو. ان کان سواءِ اهو دماغي بصيرت کي به متحرڪ ڪري ٿو ۽ انکي شعور بخشي ٿو ان کان پوءِ ڪيس مختلف رنگن جا منظر ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هيولاڪ ايلس (Havilock


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

Ellis) لکيو آهي تہ پيوٽ جي کائڻ سان انساني شعور وڌندو آهي، هن مذهبي فرقي تي مختلف ٻولين ۾ چار سو ڪتاب ۽ اهم قسم جا مقالا لکيا ويا آهن. ان کان سواءِ پيوٽ کائڻ تي بہ لکيو ويو آهي جنهن جي کائڻ ڪري هڪ نفسياتي قسم جو اثر ٿيندو آهي، اهڙيءَ ريت تحقيق مان پتو پيو آهي تہ پيوٽ کائڻ جي ڪنهن کي پاڙ ڪانہ لڳندي آهي، تنهن ڪري کائڻ وارو ماڻهو عادي ڪونہ ٿيندو آهي.

الفريڊ ولسن (Alfred Wilson) اوڪلاهوما جي سنڌي ذات سان تعلق رکندو هو. جنهن (Native American Church) جو بنياد رکيو هو. هن اٺهٺ سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي ۽ آخري وقت تائين عيسائيت سان لاڳاپيل رهيو. وفات وقت هو واشنگٽن ۾ موجود هو ۽ پنهنجي مذهبي فرقي طرفان هن ڪم ۾ لڳو پيو هو تہ اهي وفاقي ۽ رياستي قانون ختم ڪيا وڃن جيڪي آمريڪا جي اصلي رهاڪن (سنڌين) جي قائم ڪيل (Native American Church) کي ڏاڍائي جو نشانو بڻائي رهيا آهن. چاڪاڻ تہ اهي سنڌن جون الفريڊ سنڌين جو نمائندو هو ۽ پاڻ بہ سچو ۽ پڪو سنڌي هو. هو سدائين پنهنجي مريدن ۽ معتقدن کي چوندو هو تہ هو پلي اسان کي لاريا جيلن ۾ وجهن پلي اسان مٿان ڪات ڪهاڙا هلائن، کهي ٻوٽيون ٻوٽيون ڪري ڇڏن پر اسان پنهنجو مذهب ڪونہ ڇڏينداسون. گورن ڪيس پنهنجي مذهب ڇڏڻ لاءِ ڏاڍو مجبور ڪيو هو. هن ڪيتري سنڌين کي سندس مذهب اختيار ڪرڻ جي دعوت ڏني هئي جن وري کيس انهيءَ مذهب کي ڇڏڻ جي صلاح ڏني هئي، چاڪاڻ تہ هو پاڻ بہ اهڙي تجربي مان گذري چڪا هئا. هن اڳيئن سال کين آڇ ڪئي هئي تہ هو پنهنجو مذهب ۽ ان مذهب جي پيروڪارن کي انهن جي سامهون پيش ڪري جيڪي بائلاجي (Biology)، نفسيات (Psychology) ۽ علم اخلاقيات (Ethnology) جا ڄاڻو هئا. چاڪاڻ تہ هن جو نہ رڳو مذهب ۾ پر سائنس جي مختلف شعبن ۾ بہ ويساهہ هو. ان کان پوءِ هن ڪائناتي ڏاهپ ۽ ڏانءَ ۽ ان سان گڏ سنڌين جي مفاد خاطر سنڌين واري ڏاهپ ۽ ڏات ڏيکاري هئي. کيس اهڙو اعتماد مذهب ڪري آيو هو چاڪاڻ تہ ان جو کيس وڏو تجربو هو. ان سان گڏ کيس فلاسافي طور بہ اهڙو احساس هو. هو حساس قسم جي حياتيءَ سان پيار ڪندو هو. ڊي ائري مڪ نڪل (D' Arey Mcnickle) هڪ سطحي دماغ جو سنڌي هو جنهن ساڻس ڳالهائڻ ٻولهائڻ کان پوءِ ڏانهس خط لکيو هو. الفريڊ

ولسن هن سان پيوٽ جي مفهوم ۾ ساري مذهبي تجزيي تي تمام گهڻو ڳالهايو هو. سندس گفتگو تہ تمام ڏگهي آهي پر اهم نقطا هڪ جاءِ تي بيان ٿيل ڪونہ هئا ليڪن ڏاڍا واضح ۽ صحيح هئا.

هن چيو هو تہ، ”سنڌي، مان آهيان“ جيڪي لفظن کي ڏاڍي اهميت ڏيندا آهن، هن مان سنڌيءَ جو مطلب اهو هوندو ”هو خدا جو ساهہ (Breath) هوندو آهي. يا ان جي قوت هوندو آهي، هي ڏرتي بہ آهي، پر هو ڏرتي جو ايترو حصو آهي جيترو هو اکين سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو هو ڏسڻ ۾ ئي ان ڪري اچي ٿو جو ”هو ڏرتي آهي.“ اهو حصو سندس حقيقي زندگي هوندو آهي جيڪو هئڻ جو دم هڻي ٿو ۽ چوي ٿو ”مان آهيان.“ انهيءَ ”مان آهيان“ کي اسان خدا جو ساهہ سڏيندا آهيون. ڇاڪاڻ تہ هو روح جي جوهر جو جز آهي هن جي سوچ شعوري فڪر جي دائري کان باهر نڪرڻ چاهي ٿي، اها ڳالهہ قطرن کان هلي هن ۾ داخل ٿئي ٿي ۽ ساري زندگي دوران ان کي ڪتب آڻيندو رهي ٿو. اهڙي سوچ شعوري فڪري دائري کان اڳتي نڪري وڃڻ چاهيندي آهي. فڪر، سوچڻ واري متحرڪ ۽ متحرڪ سوچڻ، شعوري فڪر کي گهڻو متاثر ڪري ڇڏيندو آهي. جڏهن بيمار ماڻهوءَ سان سندس دوست ملندا آهن ۽ پيوٽ واري مذهبي رسم ادا ڪندا آهن، تہ اهي هن بيمار لاءِ روحاني فڪر (Ummaterial Mind) کڻي ايندا آهن، ان بيمار ماڻهوءَ جي صحت لاءِ اها شيءِ کڻي ايندا آهن جيڪا اجائي فڪر کان نجات ڏياريندي آهي. سندس جان ۾ پيوٽ نہ پر روحاني فڪر داخل ڪندا آهن ۽ اهي ماڻهو بيمار جي روحاني فڪر جي شعور کي مجبور ڪري سندس شعوري فڪر کي حاصل ڪري وٺندا آهن. پيوٽ بذات خوف روحاني فڪر يا روح کي ساهہ (Breath) جو حصو هوندو آهي.

سنڌي عيسائين وانگي ”ابتدا“ جي ڳالهہ ڪانہ ڪندا آهن هو تہ ابتدا جي ڳالهہ ڪندا آهن نہ انتها يا فنا جي پڇار ڪندا آهن. هو سمجهندا آهن تہ جو ڪجهہ بہ آهي اهو هي جهان آهي، سنڌي اهو بہ ڪونہ چوندا آهن تہ اڳيئن دنيا ۾ ڪو دوزخ بہ آهي، وٽن جهنم جو تہ ڪو تصور ئي ڪونہ آهي هو فقط هي چوندا آهن تہ هو ماڻهوءَ کي اهو ماڳ وٺي هلڻ گهرجي جيڪو انسانيت کي سونهين ٿو. اهي فطرت جي قانوني پٽاندڙ رهندا آهن جنهن کي اخلاقي قانون سڏيو ويندو آهي. جيڪڏهن انهن کان ڪو گناهہ ٿي ويندو آهي تہ اهي پاڻ کي سزا ڏئي ڇڏيندا آهن، بس اهائي هنن لاءِ ڏوهن پاپن جي سزا آهي، اهي ڪير ڏارا

ڏانهن اشارو ڪري چوندا آهن تہ اهو خدا ڏانهن ويندڙ رستو آهي جنهن ۾ هڪ ننڍڙي ڇاڙهہ (Branch) آهي جيڪا هڪ خال (Empteress) ڏانهن ويندي آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو قدرتي قانون مطابق نہ هلندو آهي هو رستي جي مذڪوره ڇاڙهہ وٺي وڃي خال (Emtiness) ۾ پوندو آهي.

الفريڊ ولسن هڪ عالم ماڻهو هو ۽ ڪيس مذهب ۾ وڏو يقين هو. تنهن ڪري دل مسڪينن ڏانهن ڏيان ڪونہ ڏيندو هو منجهس جيڪي اوڻايون هيون يا جڏهن ڪيس ڪا شڪست ملندي هئي تہ ان کي بہ وڏي ڳالهہ ڪري ڪونہ سمجهندو هو. انهن ماڻهن کي ڏوهي ڪونہ سمجهندو هو جيڪي سندس مذهب جي پيروئن تي ظلم ۽ ڏاڍ ڪندا هئا. هو اهو بہ ڪونہ ڏسندو هو تہ ظلم ۽ ڏاڍ ڪرڻ وارو ڏِڪبو آهي هو هڪ بي انتها ڏاهو ماڻهو ۽ ڏيهن جو ڏاتار هو. سندس اندر مطمئن هو تنهن ڪري ڪيس پنهنجي اطمينان لاءِ ڪنهن جواز جي ضرورت ڪانہ هئي. نہ وري اهو سوچيندو هو تہ ماڻهو ڪيس سمجهن تہ ڪيس مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪنهن جواز جي ضرورت آهي. سندس اندر مطمئن هو ۽ هو ڏاهو هو تنهن ڪري الفريڊ ولسن ڪنهن قسم جي معاوضي لاءِ ڪونہ تڪيندو هو ۽ سمجهندو هو تہ زندگي ۾ ان جو رستو هڪ تحرڪ ۽ سيوا (Service) آهي. هن پنهنجي مذهب جي پيروئن کي 1924ع ۾ هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ جي دعوت ڏني هئي تہ جيئن انهن جي شخصيت جي اطمينان جو مطالعو ڪري سگهجي. هن ساڳئي مقصد سان پيو پيرو بہ گڏ ٿيڻ جي دعوت ڏني هئي.

اهڙين ڳالهين جي دريافت جو اهم سونهري موقعو هو ٺيڪ ان وقت گورن ۽ سنڌين جي عيسائي مشنريز ۽ ڪولمبس جي حملي کان اڳ وارن قدامت پسندن خيالن واري سنڌين بہ اڳتي وڌي هن اصلي رهاڪن جي آمريڪي چرچ (Native American Church) تي حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا هئا. هنن ماڻهن بل آف رائيٽس (Bull of Rights) کي بہ ڪونہ ڏٺو هو نہ وري هنن ضمير جي آزادي جي قديم مقدس قدرن ڏانهن نهاريو هو. ان کان سواءِ هنن ليجيسليٽو اسيمبليءَ جي ميمبرن کي هن ڳالهہ جو قائل ڪري ورتو هو تہ جيئن اهڙو قانون تيار ڪيو وڃي جو (Native American Church) کي وڏ کان وڏ نقصان رسائي سگهجي.

الفريڊ ولسن جي ساري زندگي ڪشمڪش ۽ هڻ هٽان ۾ گذري. هن پنهنجي ڪوشش سان پنهنجي مذهب وارن لاءِ مذهبي آزادي حاصل ڪري

ورتي هئي. ڪيس اها چاڻ هئي تہ وقت جي ڏاڍ ۽ ظلم هن جي پيروئن ڪي وڏيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو هو. هو آمريڪا جي اصلي ۽ قديم سنڌيءَ جيان جاڪوڙيندڙ رهيو هي ماڻهو بين الاقوامي خوبين ۽ خاصيتن وارو ماڻهو ۽ هڪ اعليٰ تهذيب جو نمائندو هو.

❇❇


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

باب تيرهون

# پهرينءَ هلچل جي ابتدا ۽ ڪاميابي

1892ع واري سال ۾ سنڌين خلاف جنگيون ختم ٿي چڪيون هيون ۽ سنڌين جي الهامي مذهبن ڪي ڏاڍ ۽ ظلم وسيلي ختم ڪيو ويو هو ۽ انهن کان زبردستي ۽ ڌوڪيبازي سان زمينون کسي کين سندن اباڻن ڪکن مان بندوق جي گوليءَ سان لڏائي کين دربدر ڪرڻ واري مهم چوٽ تي چڙهيل هئي. پهريائين سنڌين کي شخصي طور زمينون الاٽ ڪيون جيڪي اڳي سوسائٽيز جي گڏيل ملڪيت هيون، باقي بچيل ڪروڙين ايڪڙ زمين ڌارين گورن جي حوالي ڪئي وئي. ان کان پوءِ سنڌين کي مجبور ڪيو ويو هو ته کين الاٽ ڪيل زمينون گورن کي وڪيون وڃن يا ٺيڪي تي ڏنيون وڃن. ان کانپوءِ سنڌين جا چراگاهه يا گئوچر هئا سي پڻ ڌارين حوالي ڪيا ويا. سنڌين جي قائم ڪيل آبپاشي نظام کي تباهه ڪيو ويو جنهن تي هو زمينون آباد ڪري پيٽ گذر ڪندا هئا. هن آبپاشي نظام تي 1924ع ۾ پنج ڪروڙ ڊالر خرچ آيو هو.ا هڙيون سڀ ڳالهيون ٻاهران آيل ڌارين جي تجارتي استعمال لاءِ مخصوص ڪيون ويون هيون، قيمتي ڪاٺ ڏيندڙ سنڌين جا ٻيلا وڍي صاف ڪيا ويا هئا. 1917ع ۾ سنڌين جي معاملن لاءِ مقرر ڪيل اسٽنٽ ڪمشنر (Indian Commatee of the Home) کي هن ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته جڏهن ته سنڌين کي ناس ڪرڻ جي مهم هلي رهي آهي تنهن ڪري ڇو نه انهن جي ٻيلن کي ساڳئي وقت وڍي ختم ڪجي. توڙي جو اهي ٻيلا پاڻيءَ ۾ ٽلائن جي ڍڪ جو ڪم ڪري رهيا آهن. سنڌين جي قبائلي فنڊ جا هڪ ڪروڙ ڊالر رکيل هئا جيڪي ”انڊين بيورو“ جي حوالي ڪيا ويا. هي ادارو سنڌين کي تباهه ۽ ناس ڪرڻ لاءِ نت نوان منصوبا جوڙيندو هو ۽ يونائيٽيڊ

اسٽيٽس جي گهرو ڪاتي جي ماتحت ڪم ڪندو هو. ان ڪان سواءِ انصاف لاءِ قائم ڪيل ڪورٽون جيڪي سنڌين جون دعوائون ٻڌنديون هيون سي بہ ڪانگريس جي حڪمن جون ٻڌيون ٻانهيون هونديون هيون. هيءَ حڪومت بہ اڳين حڪومتن وانگي سنڌين جي ترقيءَ لاءِ نہ پر انهن جي تباهيءَ لاءِ رقمون رکندي هئي. سرڪار خلاف سنڌين جون ڪامياب دعوائن جا فيصلا بہ سرڪار جي فائدي لاءِ ڪيا ويندا هئا. ”اوڪلوهاما“ ۾ سنڌين جون شخصي ملڪيتون لٽيون ڦريون ويون هيون ۽ ڪير پڇڻ ڳاڇڻ وارو ڪونہ هو. اهي ملڪيتون اوڪلاهوما جي ڪورٽن وسيلي گورن جي ”گارڊيئنس“ (Guardians) لٽيون هيون. ان ڪان سواءِ ميداني سنڌين جي بہ هزار اوسيج (Osage) ڪي روڪ رقم جي اقتصاديات جو پتو ڪونہ هو. 1915ع ڪان پورن سورهن سالن تائين سنڌين کي ڦرڻ جي ٻي ڪوشش ڪئي وئي هئي. جو ميداني علائقن جي بہ هزار سنڌي ڳوٺن کي تيل جي رائلٽي طور چويهہ ڪروڙ پنجاهہ لک ڊالر مليا هئا. هن رقم جو نوي فيصد گورا کائي ويا هئا. گورن جي اهڙي قسم جي وحشيانہ ڦرلٽ انتها تي پهچي چڪي هئي اهڙي ريت اوڪلاهوما جي اوپر طرف جيڪي ڪروڙن جا غبن ٿيندا هئا تن ۾ ڪوبہ ڏوهي پڪڙيو ڪونہ ويندو هو. مان مٿي اهڙو ذڪر ڪري آيو آهيان تہ انڊين بيورو ۾ جيڪا انڌير نگري هئي تنهن تي نظر رکڻ لاءِ دنيا جو هر سخت ڪان سخت قانون لاچار هو يعني اهڙيءَ ڦرلٽ لاءِ هن اداري کي قانوني اجازت هئي. ڪنهن بہ سنڌيءَ کي تنظيم ٺاهڻ جي قانوني اجازت ڪانہ هئي جو هو ايئن ڪري گورن طرفان شروع ڪيل سازشن جي خاموش طوفان کي ٻنجو ڏئي سگهن جيڪو ماٺ ميٺ ۾ کين تباهہ ڪندو ٿي رهيو. انهيءَ زماني ۾ گورن جون مشنرين ڪان سواءِ ٻيون بہ ڪي جماعتون سنڌين لاءِ ڪم ڪري رهيون هيون. جن کي سرڪار ماٺ ڪرائي ڇڏيو هو نہ تہ جيڪر هو بہ اهڙي ڦرلٽ جو حصو بڻجي وڃن ها. جيڪي انڊين بيورو جي اشاري تي سنڌين کي سڌارڻ جو ڪم ڪري رهيون هيون. انهن مان وڏي مشنري کي انڊين بيورو طرفان وڏي مالي امداد ملي رهي هئي ۽ اهو بيورو سنڌين جي ٽئي فنڊ مان ڪيس اهڙي مدد ڪري رهيو هو. سنڌي ٻارن کي ڇهن سالن جي عمر ۾ مائٽن ڪان زبردستي وٺي اسڪولن جي بورڊنگ هائوس ۾ رهائيندا هئا جنهن جو مکيہ مقصد ڪائن پنهنجي ٻولي کسڻ ۽ کين پنهنجي اصل مذهب ڪان ڌار ڪرڻ هو. اسڪول


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

بورڊنگ ۾ رهائڻ ڪان پوءِ هنن سنڌي ٻارن کي زوري عيسائي بنايو ويندو هو. اهڙيون پڙهيون ڳالهيون ”انڊين بيورو“ جي مدد سان ڪيون ويندڀون هيون. نسلن جي ماهرن (Anthropologets) به سنڌن جي هر ذات جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪرڻ شروع ڪيو هو. پر اهڙي تحقيق انڊين بيورو جي اجازت کان سواءِ ممڪن ڪانه هوندي هئي. تنهن ڪري تحقيق ڪرڻ وارو هر ادارو انڊين بيورو کان اڳواٽ اهڙي موڪل وٺندو هو ان ڪانسواءِ انڊين بيورو جڏهن چاهيندو هو اهڙن تحقيقاتي ادارن کي سنڌين جي وسندين مان ڪڍي به ڇڏيندو هو. 1922ع تائين ڳجهن ادارن جي قانون تي عمل ٿيندو رهيو هو. جيڪو پڻ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جو قانون هو. پر اهڙي قانون کي به 1933ع تائين رهڻ ڏنو ويو هو. ليڪن ان ڪان پوءِ ساڳيو قانون ڪن شرطن سان گڏ لاڳو رهيو. ان وقت تائين سنڌين جا علائقا سنڌين کان خالي ٿي چڪا هئا.

پر انهيءَ زماني ۾ تبديلين جي باک ڦٽي رهي هئي جنهن جي انڊين بيورو، گورن جي مختلف پريشر گروپن ۽ ڪانگريس ڪميٽي جي ميمبرن کي اهڙي جاڻ ملي ڪانه سگهي هئي. اهڙي تبديلي ڪن خاص ماڻهن جي ذاتي اثر رسوخ ڪري ماٺ ميٺ ۾ اچي رهي هئي.

يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سرڪار سنڌي وسندين ۾ سرڪاري اسڪول انهيءَ مقصد سان قائم ڪيا هئا ته جيئن انهن علائقن مان پبلو (Pueblo) جي اثر کي ختم ڪري ڇڏي پر صدر ٿيوڊور روز ويلٽ (Theodor Roosevelt) معلوماتي دوري لاءِ سنڌين جي هوپي (Hopi) ذات ڏانهن هليو ويو هو ۽ انهن جي طرز زندگيءَ جي ڏاڍي واکاڻ ڪئي هئي ۽ چيو هئائين ته يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۾ هي ماڻهو نهايت قابل قدر آهن. هن وڌيڪ اهو به چيو هو ته هنن جي قدرتي ذريعن ٻيلن جو تحفظ ڪيو وڃي پر هن جي چيل لفظن انهن مطابق ٿيل عمل جو اثر سنڌين جي ٻيلن تائين پهچي ڪونه سگهيو هو. هن ڪانسواءِ نٽالي ڪرٽس (Natalia Curtis)، ميئري آسٽن (Marry Austin)، ارنيسٽ ٿامپسن (Ernest Thompson) ۽ ٻين معزز ماڻهن به هن موضوع تي گهڻو ڳالهايو هو. ان ڪان پوءِ سنڌين جي قديم هنڌن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ عجائب گهر قائم ڪيا ويا هئا ۽ ڪيترن اسڪولن اندر به اهڙن عجائب گهرن جو بندوبست ڪيو ويو هو. جلد ئي پهرين عظيم جنگ شروع ٿي وئي هئي. ان وقت تائين آمريڪا جي اصلي رهاڪن يعني سنڌين کي اجا تائين شهري حق ڪونه مليا هئا جيڪي

ٻاهران آيل ڏارين گورن جي هٿ هئا. تنهن ڪري اهي جنگي ڊرافٽ کان آجا رکيا ويا هئا. اهڙين ڳالهين ڪري سرڪار جي ان ڪم جي تعريف ڪئي وئي هئي.

اهڙيءَ ريت نقط نظر جي وايومنڊل ۾ ٻيون ڪيتريون تبديليون نظر اچي رهيون هيون. جن جو تعلق يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۾ رهندڙ سنڌين جي عقل ۽ دانشمندي سان هو. ميڪسيڪو جي انقلاب ڪري ڪيئي تبديليون آيون هيون. جنهن ڪري سنڌي جي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ مستقل نوعيت جا منصوبا جوڙيا ويا هئا. اتر آمريڪا ۾ اهڙي انقلاب ڪري سُڃي/ڪنگال ٿي وئي چاڪاڻ ته ريوگرانڊي جي ڏکڻ ۾ لکين سنڌي موجود هئا. تنهن ڪري اسان جي ماڻهن ۾ به لوڪ ناچ، لوڪ فن، لوڪ ڊراما ۽ لوڪ هنر جو رواج پئجي ويو هو. ان ناتي جاگرافيائي سرحدن جو تعين به ٿيڻ لڳو هو. جنهن کي چِڪي ۽ ڏکي پئسفڪ سفيد تائين آندو ويو هو. هن کان پوءِ گورن جون دليون سنڌين جي خوف کان آجيون ٿي ويون هيون. بعد ۾ هنن کي دشمن ڪونه سمجهيو ويندو هو. اهڙين تبديلين جي معلومات سنڌين کي ملي وئي هئي، پر ”انڊين بيورو“ کي اهڙي معلومات ڪانه ڏني وئي هئي، جيڪا اٽڪلن ۽ سازشن جي ڄار ۾ قيد ٿي رهجي وئي هئي. ان کي اهڙو ڪو وچئون گهاٽ ئي ڪونه هو ته ڪي تبديليون اچي رهيون آهن. 1917ع کان پوءِ انڊين بيورو ڇتيءَ بک ۾ ڪاهي پيو هو ۽ سنڌين کي ڪيڏي علائقا خالي ڪرائي رهيو هو. انهن کي جلاوطن ڪرڻ وارو قانوني طريقو ڪجهه سُست هو تنهن ڪري هي بيورو اخلاق ۽ قانون جا سڀ ليڪا لتاڙي وچي پار پيو هو ۽ جن سنڌين کي زمينون الاٽ ٿي مليون هيون تن کان پئٽينٽ ـ في (Pantent _ fee) زبردستي وصول ڪرڻ لڳو هو جيڪو مڪاني قسم جو محصول هو. عدم ادائگي جي صورت ۾ اها زمين گورن کي وڪرو ڪري ڏني ٿي وئي. ان صورتحال کي نظر ۾ رکي ميدانن ۾ رهندڙ سنڌين چوپائي مال جي پيداوار ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ ان کي هڪ صنعت طور اختيار ڪري اڳتي وڌڻ لڳا هئا. انڊين بيورو جڏهن ڏٺو ته سنڌي ذاتيون انهيءَ ڌنڌي وسيلي اڳتي وڌي رهيون آهن ته انهن کي چوپائي مال وڪڻڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. اهڙيءَ ريت پهرينءَ عظيم جنگ کان ٿورو اڳ ۽ ٿورو پوءِ انهن ميداني سنڌين کان بندوق جي زور تي زمينون کسي گورن کي ليز تي ڏنيون ويون جيڪي آباد زمينون نه پر چراگاهه هئا ۽ ليز تي ڏنل انهن زمينن


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

۾ پوکي راهي ڪرڻ بہ ممڪن هو. ٿوري وقت ڪانپوءِ اهي چراگاهن واريون زمينون پوکي راهيءَ جي مقصد سان گورن کي وڪرو ڪري ڏنيون ويون هيون. نيٺ اهي زمينون بہ سنڌين جي پيرن هيٺان کسڪي ويون جڏهن ”وارن جي هار ڊنج“ (Warren G. Hardenge) يونائيٽيڊ اسٽيٽس جو صدر ٿيو تہ هن البرٽ بي فال (Albert B. Fall) کي گهرو کاتي جو سيڪريٽري مقرر ڪيو. انهيءَ زماني ۾ نواجو (Navajo) ذات جي زمين مان تيل نڪري پيو هو جيڪي اجا تائين ان قبيلي جي هٿ ۾ هيون. انهيءَ زماني ۾ ڊوهني (Doheny)، سنڪليئر (Senclair) ۽ ٽي پاٽ ڊوم (Tea Pat Dome) جا تيل جا اسڪينڊل هلي رهيا هيا جو هنن سان گڏ نواجو ذات جي سنڌين جي زمينن جو نئين اسڪينڊل جنم ورتو هو جتان تيل مليو هو.

البرٽ بي فال ۽ انڊين بيورو گڏجي هڪ سازش تحت او مني بس بل (Omni Bus Bill) جوڙي ورتو هو جيڪو هائوس (House) پاس ڪري ڇڏيو هو. ان ڪان پوءِ انڊين افيئرس سان لاڳاپيل ”سينيٽ ڪميٽي“ ان جي فائدي ۾ رپورٽ ڏني. ان ڀَنڀير صورتحال کي ڏسي سنڌين جي اڳواڻن ان بل جي خلاف درخواستون ڏنيون. سينيٽ ۾ ايم لال فوليٽي (M. Lal Fallete) نالي هڪ سينيٽر موجود هو جنهن عين وقت تي اهو بل سينيٽ فلور تي رد ڪرائي ڇڏيو هو. مذڪوره بل جو اختصار هيٺ ڏجي ٿو:

هن بل جو مقصد قبيلي جي گڏيل زمينن کي شخصي ملڪيت طور مختلف حصن ۾ ورهائڻ آهي. جيڪا اڳي شخصي ملڪيت طور ورهائي ڪانہ وئي هئي. اهڙيءَ ريت ان شخصي حصي طور ملڪيت جي قيمت بہ مقرر ڪئي وئي آهي، هن بل پاس ٿيڻ کان پوءِ هيءَ ساري زمين سرڪار جي ملڪيت ٿي ويندي ۽ ان زمين جي نيڪال ڪرڻ جي مستقبل واري حڪمت عملي بہ سرڪار جي ذميواري هوندي. جڏهن اسيمبلي هي قانوني پاس ڪندي تہ سنڌين سان ڪيل ماضيءَ وارا سڀ معاهدا بي اثر ٿي ويندا. جيڪڏهن هي بل پاس نہ ٿئي ها تہ آريزون ۽ نيو ميڪسيڪو جي سنڌي قبيلن جي زمين لٽ مار جو شڪار ٿي وڃي ها. هنن جو چوڻ هو تہ انهن سنڌي قبيلن خلاف ٿيندڙ ظلم کان بچائڻ واسطي هي بل نهايت ضروري آهي. ساڳيءَ ريت اوريگان (Oregon) جا ڪلاماٿ (Kalamath) بہ اهڙي لاقانونيت کان بچي ڪونہ سگهن ها. هن کان سواءِ ڪي ٻي قبيلا بہ الاٽمينٽ کان ڊڄي ڪيڏانهن نڪري هليا

ويا آهن. ڪين معاوضو ضرور ملندو پر سندن ڪسجي ويل زمينن ۾ گهرن جو ڪو ازالو ڪونہ ٿي سگهندو هو نہ وري قبيلن جو ڪٿي اتحاد ڏسڻ ۾ ايندو اهو ياد رکڻ گهرجي تہ هن بل پاس ٿيڻ سان سنڌين جون شخصي طور ۾ برادري طور پاڙون پٽجي وينديون. هن بل جي سينيٽ ۾ رد ٿيڻ ڪانپوءِ البرٽ بي فال نئين سر ڪوششون ڪيون هيون تہ جيئنس اڳئي بل کي سينيٽ مان پاس ڪرائي سگهجي، پر ايئن ٿيڻ کان اڳ ڪيس بدلي ڪيو ويو هو.

هن کان سواءِ اڇو تہ ڪن ٻين ڳالهين تي بہ سوچيون ۽ ويچاريون. ٽن مان ٻہ حصا زمين اڃا بہ سنڌي قبيلن وٽ موجود هئي جيڪا اڃا بہ سنڌين جي قبضي هيٺ هئي، اهڙي رعايت صدارتي حڪم تحت ڪئي وئي هئي. اها ڳالهہ معاهدي کان مختلف هئي، نواجو وارين زمينن ۾ تيل مليو هو اهي زمينون صدارتي حڪم تحت انهن کي مليل هيون. البرٽ بي فال جو نقطہ نظر هو تہ اهو تيل سنڌي قبيلي نواجو جو نہ پر سرڪار جو آهي ۽ اهو سرڪار جي مرضي مطابق نيڪال ڪيو ويندو پر قانوني طور ايئن ٿيڻ ممڪن ڪونہ هو. سنڌين وٽ اڃا سورهن ملين ايڪڙ زمين هئي ۽ اها سڄي ساري سندن قبضي هيٺ هئي ۽ انهيءَ زمين حق- ملڪيت جا ڪاغذ (Executive order) تحت ڪين مليا هئا. ان کان پوءِ البرٽ بي فال جي انتظاميہ سنڌين خلاف هڪ ڪلي مهم شروع ڪئي هئي ان جو خاص نشانو پبلو وارا قبيلا هئا. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن اصلي ڌرتي ڄاون (Native Indian) جي مذهب کي تباهہ ڪجي جنهنجي آڌار تي هڪ ٻئي سان گڏجن ٿا جيڪي اڃان بہ موجود هئا. هن حقيقت کي انهيءَ ڪري پوئتي رکيو ويو آهي جو ان معاملي تي ڊگهي بحث جي ضرورت آهي. انهن ڳالهين کي نظر ۾ رکي فال، بدنام زمانہ برسم (Bursum) بل پيش ڪيو ويو. هن پنهنجي ساري طاقت ان بل کي پاس ڪرائڻ ۾ لاتي هئي. پر سينيٽ ۾ ان بل کي رد ڪيو ويو هو. ان ڪانپوءِ هڪ خطرناڪ آنڌي آئي هئي ۽ پبلو يا ٻوٽن سان لاڳاپيل سيني سنڌين پنهنجي حقن جي بچاءَ لاءِ تلوار ڪڍڻ ۽ سر جي بازي لڳائڻ جو پڪو پهہ ڪيو هو.

نيوميڪسيڪو جي سنڌين کي اڃا بہ گهٽيون زمينون هيون جيڪي ڪيس اسپين جي حڪمران ڏنيون هيون. ڪن قبيلن کي اهي زمينون سڏي ريت مليون هيون ڪجهہ وري گورن کي پڻ ڏنيون ويون هيون جيڪي انهن پنهنجي مرضيءَ سان سنڌين کي وڪڻي ڏنيون هيون. اهي زمينون (Private

(Land calim of United States) جي ڪورٽ 1890ع واري ڏهاڪي ۾ بحال ڪيون هيون. پر ان وقت بيشمار غيرسنڌي گورن ماڻهن سنڌين جي انهن زمينن تي قبضا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا هئا هنن سنڌين جي هرچيز ڀڳڙڪائي ڇڏي هئي ۽ هنن جي ٿهيل نڪيل هر شيءِ ڪسي ورتي هئي، هنن جو پنهنجو آبپاشي نظام هو جيڪو ڪولمبس جي اچڻ کان ڪيئي صديون اڳ موجود هو پر ڪجهه قبيلن جي شهري رياستن ان آبپاشي نظام وسيلي آباد ٿيندڙ 90 فيصدي زمين ڇڏي ڏني هئي. پر اتان لڏي ڪيڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ اها زمين کانئن ڇڏرائي وئي هئي ۽ سنڌين سپريم ڪورٽ ۾ دانهيو هو.

سپريم ڪورٽ 1871ع ۾ پنهنجي فيصلي ۾ ٻڌايو هو تہ پيبلوز (Pueblos) يونائيٽيڊ اسٽيٽس سرڪار جا زير حفاظت (Ward) ڪونہ آهن نہ وري اها سرڪار انهن جي زمينن جي سرپرست (Guardian) آهي. پر پوءِ بہ سرڪار ”بيورو آف انڊين افيئرس“ کي انهن جي زمينن جي پيداوار مان فنڊ ڏئي رهي آهي ۽ بہ وڏا بورڊنگ هلائي اسڪولن جو خرچ پري رهي آهي جتي سنڌين جا ٻار پڙهي رهيا آهن. ”بيورو آف انڊين افيئرس“ سنڌين جي پئسن تي قائم ڪيو ويو آهي پر انهن جي ملڪيتن تي قبضا 1913ع تائين ٿيندا رهيا آهن. اهو سنڌين جي پئسن تي هلندڙ ادارو سنڌين جي زمينن تي ٿيندڙ قبضا ۽ حد دخليون روڪي ڪونہ سگهيو آهي. ان صورتحال کي ڏسي پيبلوز جي سرپرستي (Guardian Ship) جو معاملو سپريم ڪورٽ آڏو پيش ڪيو هو جنهن پنهنجي فيصلي ۾ ٻڌايو هو تہ وفاقي سرڪار سرپرستي ڪرڻ وارو هڪ مڪمل ادارو آهي ۽ اهو انهيءَ وقت کان پنهنجو فرض ادا ڪري رهيو آهي جڏهن کان نيو گراندا اسپين کان وٺي ان جو انتظام پنهنجي هٿ ۾ ورتو آهي، تنهن ڪري گهٽ ۾ گهٽ 1848ع کان پوءِ وارا قبضا ۽ حددخليون غيرقانوني آهن ۽ پيبلوز جي ملڪيت جو حق مڪمل ۽ قانوني آهي جيڪو بنا ڪنهن وٿيءَ جي جاري رهندو آيو آهي.

1918ع ۾ ڪي سياسي تبديليون آيون هيون تنهن ڪري رچرڊ ايچ هانا (Rechard H. Hana) کي پيبلوز جي زمينن ۾ ٻين ملڪيتن لاءِ اٿارني مقرر ڪيو ويو هو جيڪو ڪڏهن نيو ميڪسيڪو جي سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس بہ هو. هانا صحيح معنيٰ ۾ هڪ عظيم شخصيت هو جنهن اڳتي هلي سنڌين

جي حقن جي تحفظ لاءِ تمام گهڻو جاکوڙيو هو جنهن ڪري ڏاڍو مشهور ٿي ويو هو. هن سرڪار کي مجبور ڪيو هو تہ سنڌين جي پبلوز جون زمينون گورن کان وٺي انهن کي ڏنيون وڃن جيڪي پبلوز کان مختلف غيرقانوني طريقن سان زبردستيءَ کسيون ويون آهن. سرڪار ڪيس اهڙي اجازت ڏني هئي تہ گورن کان مذڪوره زمينون وٺي پبلوز کي ڏيڻ لاءِ ڪورٽ ۾ معاملو داخل ڪري سگهي ٿو. گهرو کاتي واشنگٽن جي جسٽس ڊپارٽمينٽ وسيلي اعتراض ڪيو هو تہ اهو معاملو ڊگهي عرصي گذري وڃڻ کان پوءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪيو پيو وڃي جيڪو قانون کان ٻاهر آهي ۽ ٻڌڻ جوڳو ڪونہ آهي، پر اهو معاملو ڪورٽ ۾ هلندو رهيو جو هارڊنج صدر ۽ البرٽ بي فال گهروکاتي جو سيڪريٽري بڻجي ويو هو.

فال ڪانگريس ۾ هڪ بل پيش ڪيو هو جنهن کي برسم (Bursum) نالي سڏيو ويندو آهي. مذڪوره بل وسيلي سنڌين جي پبلوز جون زمينون گورن کي منتقل ڪرڻيون هيون پر اهو معاملو سنڌين جي شهري رياستن جو اندروني معاملو هو قانوني طور جن جو انتظام يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ماتحت هو. اهو ظاهر ۾ ڪو خراب نقطہ نظر ڪونہ هو پر اصل حقيقت اها آهي تہ سرڪار ڪوشش ڪري پبلوز جا معاملا ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جي انتظام هيٺ رکيا آهن، ڇاڪاڻ تہ سيئي پبلوز اندروني طور پنهنجي پنهنجي مذهب ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺي رهيا آهن. ريوگرانڊي جي پبلوز جي راز وارا اصول ڪير بہ ٻڌائي ڪونہ سگهندو آهي. جيڪڏهن ڊسٽرڪٽ ڪورٽ طرفان سنڌين جي مذهبي ماڻهن، گورنرن يا ٻين اهم شخصيتن کان راز جون ڳالهيون پڇيون وينديون ۽ اهي ماڻهو مذڪوره راز ٻڌائڻ کان انڪار ڪندا تہ نتيجي ۾ ڊسٽرڪٽ ڪورٽ انهن کي ”ڪنٽيمپٽ آف ڪورٽ“ جي جرم ۾ زندگي جو وڏو عرصو قيد ۾ ڪاٽڻو پوندو.

سنڌين جي ڪنهن بہ پبلو کي هن بل جي ڪا خبر ئي ڪانہ هئي ۽ شروع کان وٺي هن بل کي راز ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي ۽ پريس ۾ ڇپائي لاءِ گهڻو مواد موجود ٿي ويو هو. تنهن ڪري اهم بل وڃائجي ويو پر پريس جي سنڌي سپريڊنٽس کي اهڙي معلومات ضرور هئي، پر هو ڪنهن کي هن بل بابت ٻڌائي ڪونہ سگهيا هئا ڇاڪاڻ تہ اهي سرڪاري ملازم هئا. هنن ڪنهن کي بہ معاوضو ڏئي سنڌين جي مفادن جي تحفظ لاءِ ڪونہ چيو هو سمجهي رهيا هئا تہ سنڌين جي مفادن جو بچاءُ ايئن ڪري سگهجي ٿو جيئن وڪيل

پنهنجي اصل مفادن جو بچاءُ ڪندو آهي. هنن ماڻهن ڳجهه ڳوهه ۾ پنهنجي سياسي اڳواڻن کي به هن بل کان آگاهه ڪونه ڪيو هو نه وري ڪنهن عام سنڌي کي اهڙي ڳالهه ٻڌائڻ جي جرئت ڪئي هئي جڏهن هي معاملو اڳتي وڌي رهيو هو ته خود اتي موجود هوس. انهيءَ زماني ۾ مون کي سنڌين جي معاملن بابت ڪمشنر مقرر ڪيو ويو هو. تائوس پيبلو ۾ منهنجي ملاقات ائنتونيو لوهان (Antinio Lohan) سان ٿي هئي جنهن دوران مون کي فال برسم بل جي معلومات ملي هئي. اها ملاقات ساري رات هلي جنهن ۾ اهو برسم بل انگريزي، ٽانوآن (Tanoan)، ٽيوان (Tewan)، ڪيريشين (Keresian) ۽ زميان (Zumian) ٻولين ۾ پڙهي ٻڌايو ويو هو. انهيءَ ڪچهريءَ ۾ ڪيترا جهونڙا به ويٺا هئا جن ڪنجهندي ڪڙڪندي چيو هو ته اهو بل ته اسان لاءِ ڦاسيءَ جي سزا آهي.

ڪوچوٽي (Cochoti) پيبلو جي الڪاريو مونتويا (Alcario Montoya) ته جنگ جي ڳالهين ۾ شروع ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو ته اسان اڳيئن جيان سيئي ويڇا وساري مڙي مُٺ ٿيڻ گهرجي سندس اشارو 1680ع واري پيبلو بغاوت ڏانهن هو جنهن ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سنڌين مجبور ڪري گورن کي نيوگراناڊا مان ڪڍي ڇڏيو هو. هن جو مطلب هو ته انهن کي هٿيارن جي زور تي نه پر قانون جي مدد سان ڪڍيو ويو هو. قانون هميشه انصاف جو نگهبان رهيو آهي اهڙيءَ ريت انصاف پسند ماڻهو گورن ۾ به موجود هئا. اهڙا انسان هر نسل ۾ پيدا ٿيندا آهن.

انهيءَ زماني ۾ نيو ميڪسيڪو جي پيبلوز جي هڪ ڪائونسل جوڙي وئي هئي. جيڪا 1933ع تائين هر جڳهه تي سيني سنڌي قبيلن جي مدد ڪندي رهي هئي. هن ڪائونسل جو پهريو اجلاس تاريخ 22 نومبر 1922ع تي 242 سالن کان پوءِ سانتو ڊوميزگو پيبلو ۾ منعقد ڪيو ويو هو. انهيءَ زماني ۾ فال- برسم بل ڪري نيوميڪسيڪو ٻري رهيو هو. سانتا في (Santa_ Fee) ۽ تائوس جا فنڪار ۽ منصف هڪ ٻئي سان گڏ هئا.

سانتو ڊومينگو ۾ اڄا تائين اهو رواج موجود هو جو سڀ گهر جا ڀاتي هڪ وڏي ڪمري ۾ گڏ رهندا هئا جنهن تي رکيل ڪامون ۽ ضامن هڪ وڏي وڻ جيترا ڊگها هوندا هئا. اهڙو ڪاٺ گهڻي عرصي ڪري رنگ جو ڪارو ٿي ويو هو. پر ان ڪمري جون پٽيون اندرئين ۽ ٻاهرئين پاسي کان برف جهڙيون سفيد هونديون هيون ۽ اندر ڳاڙها مرچ، سڪل گوشت نيري گهاٽي سائي ۽ ڳاڙهي رنگ جي اناج جا سنگ لڙڪندا ڏسبا هئا.



ڪمري اندر سمهڻ لاءِ ڪٿون رڪيل ڪونہ هيون، نہ وري ڪرسيون ۽ ميزون هونديون هيون. ماني پچائڻ لاءِ تنور ٻاهر هٽي جنهن تي ماڪيءَ جي ماناري جهڙا چٽ هئا، ڪائونسل جي آفيس بہ هڪ اهڙي ڪمري ۾ موجود هئي، جتي 123 مذهبي نمائندا هئا جيڪي 19 قبيلن جي سياسي اڳواڻي ڪري رهيا هئا جن زبانن جي آڌار تي گروهن ۾ ورهايو ويو هو. تنهن ڪري ڳالهہ ٻولهہ انگريزي اسپيني ۽ نيوميڪسيڪو جي ڇئن بنيادي ٻولين ۾ ٿي رهي هئي. هن بحث مباحثي ۾ تمام ٿورا گورا موجودا هئا جن ۾ اسٽلا آلوڊ (Stella Alwood)، مئري آسٽن (Marry Austain) ۽ هن ڪتاب جو مصنف ويٺل هئا. هن ننڍي گڏجاڻي جو نقطہ نظر گھڻو وسيع هو. معلوم ايئن ٿي رهيو هو تہ انهن جو تصور افق ڪان بہ اڳتي نڪري ويو هو ۽ هڪ بي پايان طاقت هئي جيڪا قدامت ڪان نڪري حال جون سرحدون لتاڙي مستقبل ۾ داخل ٿي رهي هئي. اها ڳالهہ بہ نظر اچي رهي هئي تہ پبلو هڪ ڪائناتي معيار جو عنصر موجود آهن جنهن ڪي وسعت نظر سان ڪونہ ڏٺو ويو آهي نہ وري ان ڪي وسعت بياني جو اجا تائين موضوع بڻايو ويو آهي. ان عنصر جي وسعت ان جو اثر آهي جنهن جو جزوي علامتي اظهار سنڌي جو بت (Image) ۽ ٻاهر نڪرندڙ ساهہ (Breath) آهي جيڪو حال ۾ موجود آهي گذريل وقت جي پنهاين ۾ موجود هو سيني نسلن ۾ ڪائنات جي هن دور ۾ بہ موجود آهي. اهڙي ريت نسل ۽ ڪائنات ۽ شخصيت ۽ ڪائنات سيني جو هڪ وجود آهي آل پبلو (All Pueblo) ڪائونسل جي اها گڏجاڻي 242 سان ڪان پوءِ پيو پيرو ٿي رهي هئي. هن گڏجاڻي دوران اهو محسوس ڪيو ويو هو تہ سنڌين جي اهڙي ڪائونسل جون گڏجاڻيون ايندڙ سالن ۾ جيڪڏهن


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سنڌين هن ڪائونسل کي پيٽائي ڏسجي ته معلوم ٿيندو ته اسان جون ليجسليٽو اسيمبليون محدود آهن ۽ محدود قسم جو ڪم ڪري رهيون آهن ۽ اسمبيلن ۾ ڪن ٿورن حقيقتن کي ڪنيو ويندو آهي انهن حقيقتن تي نظر به مٿاڇري هوندي آهي، توجهه گهٽ جوش، جذبو به نه هجڻ جهڙو هوندو آهي.

هن ڪائونسل هڪ اپيل تيار ڪئي هئي ته ”هاڻي وقت اچي ويو آهي ته اسان کي يا مڙس ٿي جيئڻو آهي يا ڪانئر ٿي مرڻو آهي.“ ان کان پوءِ ڪائونسل پيلو جو مختصر جائزو پيش ڪيو ڳالهائڻ واري ماڻهو جو ڳالهائڻ جو انداز اهڙو هو جيئن عام طور تي سنڌين جو هوندو آهي جنهن ۾ نه ختم ٿيندڙ هڪ تحرڪ امنگ ۽ اتساهه پريل هو. ڏکهيون ۽ وڏيون اميديون هيون. ڪائونسل ۾ تقرير ڪرڻ وارن جو نقطه نظر هو ته يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي ماڻهن ڏانهن قاصد موڪليا وڃن ۽ ان وفد ۾ هنن جا سترهن نمائندا شريڪ هجن.

اهڙيءَ ريت پيلو جو مذڪوره وفد ملڪ جي ماڻهن کي معلومات ڏيڻ جي مقصد سان نڪري پيو هو. هن وفد ۾ ڏاها ۽ ڏات ڏٽي ماڻهو ڪنيا ويا هئا جيڪي ماڻهن وٽ پنهنجي موقف کي صحيح نموني سان پيش ڪري سگهن ماڻهن کي وڏن اجتماعن کي شهرن اندر به مخاطب ٿيڻو هو. هن منصوبي ۾ اهو به شامل هو ته نيويارڪ جي اسٽاڪ ايڪسچينج کي پڻ مخاطب ٿيڻو هو. اهو منصوبو مناسب هو ۽ منجهس سڀ ڳالهيون مثبت ۽ بهتر هيون. قبيلن جي گورنرن هن وفد کي اهو لڪڻ ڏنو هو جنهن مُنڍئي ۾ چاندي لڳل هئي جنهن کي بااختيار هجڻ جي علامت سمجهيو ويندو هو. هنن قبيلن کي اهو لڪڻ اسپين جي حڪمران ڏنو هو. ان کان گهڻو پوءِ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي صدر ابراهام لنڪن به کين اهڙو لڪڻ ڏنو هو. سنڌي قبيلن جي هن تنظيم 1680ع واري بغاوت کانپوءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو. ان کان سواءِ هن تنظيم صحيح نمائندگي ڪئي هئي ۽ ”لا آف انڊيز“ ناهڻ جي پڻ سوڀ ماڻي هئي جنهن ۾ بارٽو لوم ڊي لاس ڪئساس (Bartolome De las Caras) به پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو هو. معلوم ايئن ٿي رهيو آهي ته هنن سنڌي قبيلن ۾ پٿر دور کان وٺي هڪ سماجي تسلسل موجود آهي جيڪو ڪٿان به ٽٽل ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو هنن ماڻهن عيسائين کي به محسوس ڪري ورتو هو. هنن جي اندر ۾ امن آشتي اچا به اها ساڳئي هئي جيڪا منجهس ڪولمبس جي اچڻ کان اڳ هئي. هنن ماڻهن جڏهن عيسائيت قبول ڪئي ته هو سچا ۽ صحيح عيسائي بڻجي ويا هئا. هتي سرجان مارشل جهڙو

ماڻهو بہ هو جيڪو سنڌين لاءِ گهڻو ڪم ڪري چڪو هو.

سينيٽر وليم بوراهہ (William Borah) جي ڪوشش سان فال برسم بل کي وري سينيٽ ۾ آندو ويو هو. جنهن جو تعلق ايداهو (Idaho) سان هو. هائوس مان ان بل کي سينيٽ ۾ آڻڻ لاءِ ڪو قانوني نڪتو ڪونہ هو پر اها سينيٽ جي هڪ اخلاقي ڳالهہ هئي، سينيٽ پنهنجي طرفان اڻ سڌو تاثر اهو ڏنو هو تہ اهو بل انهيءَ ڪري پاس ٿي ويو هو جو ان ڏينهن گهڻا سينيٽر غير حاضر ۽ ڪورم پورو ڪونہ هو. معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ جنهن ماڻهو اهو پيش ڪيو هو تنهن کي بہ هن بل جي اهميت جي خبر ڪانہ هئي، هن بل تي بہ سال بحث هلڻو هو جيڪو پورا يارهن سال وٺي ويو ان بل جو مقصد سنڌين جي پيبلو وارين ڪروڙين ايڪڙ زمين کي انهن جي پيرن هيٺان کسڪائڻ هو. مذڪوره بحث يارهن سالن کانپوءِ ختم تہ ٿيو پر اهڙي جنگ انهن علائقن تائين بہ وڃي پهتي جتي سنڌي رهندا هئا. سنڌين جو قانون، حڪمت عملي ۽ طريقہ ڪار سڀ انهيءَ جنگ ۾ شامل ٿي ويا هئا. اهڙين ڳالهين ڪري فال-برسم مارچ 1923ع ۾ ختم ڪيو ويو. ان ساڳئي مهيني ۾ سينيٽ جي ”انڊين ڪميٽي“ ۾ عدم نمائندگي جو سبب ڏئي ان بل کي وري سينيٽ جي فلور تي آندو ويو هو جنهن کي ”پيبلو لئنڊس بل“ (Pueblo Lands Bill) جو نالو ڏنو ويو جيڪو فال- برسم بل کان ٿورو گهٽ خطرناڪ هو. هي اهو زمانو هو جڏهن پيبلو ڊيليگيشن موٽي اچي ڳوٺن ۾ پهتو هو. حقيقت اها هئي تہ سينيٽ جي انڊين ڪميٽيءَ کي غلط معلومات ڏئي اهو يقين ڪرايو ويو هو تہ پيبلو (Pueblo, General Federation Women Club) ۽ (American Indian Defence Assossiation) جهڙا سنڌي دوست ادارا بہ هن بل جي فائدي ۾ آهن ۽ انهن جي مرضي آهي تہ سنڌي پيبلوز کان زمين وٺي گورن حوالي ڪئي وڃي. پر سنڌين کان اهي زمينون بنا معاوضي ورتيون وڃن ۽ زمينن جي اهڙي منتقلي قانون جي عين مطابق هجڻ لازمي آهي. اهو بہ چيو ويو هو تہ جيڪڏهن اهو بل فلور تي ناڪام ٿيو تہ ڪانگريس کي خاص اختيار ڏنا وڃن تہ جيئن اهو بل يڪ طرفو پاس ٿي وڃي. جڏهن بل جي خبر (General Federation women Club) ۽ (American Indian Defence) کي پئي تہ انهن اهڙين ڳالهين جي ترديد ڪئي ۽ ان بل کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. تنهن ڪري ان بل کي اتي جو اتي رد ڪيو ويو هو. ان هوندي بہ گورا آباد ڪار انهيءَ ڳالهہ تي ڳنڍ ٻڌي ويهي رهيا تہ سنڌين جي پيبلوز


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

(Pueblos) کان هر حالت ۾ زمينون ڪسي کين مفت ۾ ڏنيون وڃن. انهيءَ نيت سان گهڻن پيبلوز جو ان جو پاڻي بند ڪيو ويو هو انهيءَ لاءِ تہ جيئن هو بک کان تنگ اچي پنهنجا ڳوٺ (Pueblos) خالي ڪري ۽ زمينون ڇڏي ڪيڏانهن هليا وڃن.

البرٽ بي فال کان نہ رڳو آفيس خالي ڪرائي وئي هئي پر ڪيس ڏوهاري قرار ڏئي ڪيس سزا بہ ڏني وئي هئي، هن جيڪي سرڪاري پئسن ۾ هيرڦير ڪئي هئي سي سڀ وائکا ٿي چڪا هئا. تنهن ڪري اهڙو منفي ڪردار ادا ڪيو جيڪو ڊراما ۾ هيرو جي خلاف ولين ادا ڪندو آهي. سنڌين جي معاملن لاءِ مقرر ڪيل "انڊين بيورو" تہ البرٽ بي فال کان بہ سنڌي دشمني ۾ گهڻو اڳتي هو. ڏاچي هٽي ڏهہ تہ توڙو هٽي تيرهن وارو مثال هو. سنڌي پيبلوز جي پهرئين وار کان پوءِ هي ادارو چڙ آپي مان نڪري ويو هو ۽ ان جي مخالفت ۾ چارئي چنبا کوڙي ويهن ئي ننهن جا زور لائڻ لڳو هو ۽ سنڌي پيبلوز خلاف هن نموني جي مهم شروع ڪئي هئي:

(1) سنڌي پيبلوز ۽ انهن جا دوست ٺڳ ۽ ڏوڪيباز آهن.

(2) هو ماڻهو مختلف بهانن سان پنهنجي همدردن جون وڏيون رقمون عياشين تي ڪم آڻيندا آهن.

(3) اهي ماڻهو آمريڪا جي خلاف آهن ۽ آمريڪي مفادن جا دشمن آهن ان کان سواءِ منفي سوچ جا مالڪ آهن.

(4) روس جا ايجنٽ آهن.

(5) سنڌي ڪافرن سان گڏ آهن ۽ اهي ڪافر ثقافتون عيسائيت ملڪ دشمن آهن ۽ هر قسم جي گناهن ۾ ورتل آهن.

(6) اهي ماڻهو يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سرڪار کي ڪمزور ڪري رهيا آهن انهيءَ موضوع سان تہ ان کي ٻين ملڪيت جي نظر ۾ اعتبار جوڳو نہ سمجهيو وڃي.

سنڌين جي معاملن سان لاڳاپيل انڊين بيورو بہ البرٽ بي فال سان ٻٽ ۽ جهٽ هو. اهو بہ سنڌين خلاف مهم واري ميدان ۾ اڪيون ٻوٽي ڪاهي پيو هو. هن اداري جي اها ڪوشش هئي تہ سنڌي پيبلوز جي اثر کي ختم ڪري ڇڏجي جيڪو چؤطرف پکڙجي ويو هو. هن اتڪل ڪري پراٽيسٽنٽ عيسائي فرقي (Home Mission Board) کي مختلف نالا ڏئي هن ڪم لاءِ مقرر ڪيو تہ هي

”انڊين بيورو“ ۽ سنڌين لاءِ ان اداري جي شروع ڪيل ڪم جي طريقہ ڪار جون تعريفون ڪندا رهن. هي ادارو ماحول ڪي سازگار بڻائڻ لڳو جيڪا 1922ع ۾ شروع ڪئي وئي هئي. 1924ع ۾ هن اداري جنرل فيڊريشن آف وومين ڪلب“ کي ٽڪرن ٽڪرن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ ان جي چيئرپرسن اسٽيلا آل ووڊ (Stella All wood) کي چيئر تان هٽائي ڇڏيو. ان کان سواءِ سينيٽ جي انڊين ڪميٽيءَ کي بدلائي ڇڏيو جيڪو فقط انڊين بيورو لاءِ ڪم ڪرڻ لڳو هو. پر ڪي اتحاد اهڙا بہ هئا جيڪي اجا بہ سنڌي پيلوز جي مفادن لاءِ ڪم ڪري رهيا هئا. سنڌين جي معاملن لاءِ ڪمشنرن جو هڪ بورڊ ڪم ڪندو هو جنهن کي بہ هن ڦيرائي پنهنجو بڻائي ڇڏيو هو جنهن کي صدر جي گرانٽ سان هلايو ويندو هو. هن بورڊ ۾ گهڻا ماڻهو ڪم ڪندا هئا جن کي سرڪار طرفان ڪا پگهار ڪانہ ملندي هئي. جيڪا ڪائونسل انڊين بيورو هيٺان ڪم ڪندي هئي، تنهن جي ڪن قابل ماڻهن کي انڊين بيورو پگهار ڏيندو هو جنهن کي آل دي نيوميڪسيڪو پيلوز (All the new Mexico Pueblos) جي ڪائونسل جي نالي سان سڏيو ويندو هو. هن ڪائونسل ڪنهن بہ قسم جي ڪاميابي حاصل ڪانہ ڪئي هئي. پر هڪ علامت طور موجود هئي، سنڌين جي ڀلائي لاءِ بہ ڪي گورهہ ڪم ڪندا هئا جن ۾ ڪي نالي واريون شخصيتون بہ موجود هيون جيڪي گورن جي خلاف ڪم ڪنديون هيون پر انهن جا ناتا واسطا انڊين بيورو سان هئا.

اهڙين ڪوشش کان پوءِ سنڌي ماڻهن جون بغاوتون وڌنديون رهيون هنن سان گڏ ڪجهہ گورا بہ گڏ هئا، جيڪي ڀين جي پيٽ ۾ آزاد طبيعت جا ماڻهو هئا، انهن بغاوتن جو اثر انهن ميداني علائقن تائين بہ پهچي ويو هو جنهن کي (Great Plaens) سڏيو ويندو هو. ان اثر کان ”ڪولمبيا بئسن“ بہ آجو ڪونہ هو هن اثر ان علائقي کي پنهنجي گرفت ۾ ورتو هو جنهن کي (Indian Country) جي نالي سان سڏيو ويندو. ان سان گڏ ان اثر ڪيليفورنيا کي متاثر ڪيو هو جتي اجا بہ ٿورا ٽڪا سنڌي رهندا هئا. هاڻي سنڌي قبيلن جي هڪ گڏيل ايجنڊا هئي، يعني سنڌ جي معاملن بابت انقلاب. پر هنن ڏاهپ جو اهو ڪم ڪيو هو تہ سيني سنڌي قبيلن قومي سطح تي هڪ تنظيم ڪانہ جوڙي هئي. ڊي آمريڪن انڊين ڊفينسي ايسوسيئيشن ۽ ليجسليٽيو اسيمبلي، تحقيق ۽ نشر اشاعت جي معاملن بابت مدد ڪندي هئي. وفاق ۾ شامل قبيلن کان سواءِ

باقي هڪ سو قبيلا صوبائي خودمختياريءَ لاءِ جاکوڙيندا هئا. سندن ڪم جو دائرو الڳ هوندو هو پر منجهن لاڳاپو ضرور رهندو هو. "انڊين بيورو" جڏهن هنن مٿا بيجا ۾ بار وجهندو هو ته هڪ يا ٻيو قبيلو ڪم ڪرڻ کان هٿي ويندو هو. پر اهڙي ماٺ ٿور وقتي هوندي هئي, سنڌين جو گڏيل محاذ ڪڏهن به پڃي هڪ ٻئي کان الڳ ڪونه ٿيو هو. تنهن ڪري اها هلچل يارهن سالن تائين مسلسل رهندي آئي.

1922ع ۾ سنڌي پيبلوس خلاف سخت قدم کنيا ويا هئا. انهن سخت ڪارروائين ۾ سندن قومي ۽ سندن ڌرتيءَ وارو مذهب ناس ٿي ويو هو. پر انڊين بيورو چيو هو ته ايئن ڪرڻ يورپي آباد ڪارن لاءِ سياسي طور نهايت ضروري به هو. سنڌي ماڻهو هڪ مذهب ڪري پاڻ ۾ ملندا هئا. تنهن ڪري هنن جو مذهب کين مضبوط ڪرڻ جو هڪ وسيلو هو. اهڙي ريت فرد ۾ به طاقت اچي ويندي هئي ۽ ڪنهن کان ڪونه ڊڄندو هو ۽ غلطن ڪارين کان به گهڻو پري رهندو هو. انڊين بيورو سنڌي پيبلو جي مذهبن تي ۽ ٻين قبيلائي (Inerlrebal) نئيٽو آمريڪن چرچ تي به خونخوار حملا ڪرايا هئا. هتي اهو ڏسڻ ۾ ايندو ته سنڌين عيسائيت قبول ڪري ۽ مذهبي ميڙاڪا شروع ڪيا ته گورا ماڻهو پوءِ به انهن کان ڊڄي ويا هئا. چاڪاڻ ته ڌارين کي ڌرتي ڌڻين جي هڪ جاءِ تي گڏ ٿيڻ کان پيءَ ٿيندو هو. انڊين بيورو وفاقي ۽ رياستي سرڪار کي هن لاءِ قائل ڪندي رهندي هئي ته "نئيٽو آمريڪن چرچ" خلاف سخت قدم کنيو وڃي. چاڪاڻ ته اها چرچ ڌرتي جي اصلي وارثن جي آهي ۽ اهي عيسائي عبادت لاءِ گڏجي ڪجهه به ڪري سگهن ٿا. اهڙيءَ ريت سنڌي پيبلو جي مذهبن خلاف به نهايت خونخوار طريقا ڪتب آندا ويا هئا.

"انڊين بيورو" سنڌي قبيلن ۾ جنسي فحاشي (Pornography) جهڙين ڳالهين جي معلومات لاءِ ڪي انسپيڪٽر موڪليا هئا پر حقيقت اها هئي ته هنن سنڌي ماڻهن ۾ جنسي گندگي موجود ئي ڪانه هئي. پر پوءِ به هنن جنسي فحاشيءَ جهڙيون گنديون ۽ غليظ ڳالهيون سنڌين مٿا ٿاڦي ڇڏيون. اهي ايتريون خراب ۽ اخلاق سوز هيون جيڪي ڇپجڻ لائق ڪونه هيون. فحاشي بابت اهڙيون گنديون ڳالهيون ڪنهن سنڌي يا ڪنهن اخلاقيات جي ماهر کي ڪونه ڏيکاريون ويون هيون. مذڪوره گندو مواد 193 صفحن تي مشتمل هو جنهن جو فوٽو اسٽيٽ ڪري عام ماڻهن ۾ پکيڙڻ لاءِ پنهنجن نمائندن حوالي

ڪيو ويو هو. ان ڪان پوءِ ڪجهہ فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون ڪن مشهور اخبارن جي ايڊيٽرن، عيسائي راهبن ۽ عورتن جي تنظيمن ڏانهن پڻ موڪليون ويون هيون. مان پنهنجي ڪاپي (Saturday Evening) جي ايڊيٽر ڪان ورتي هئي جنهن ويچاري کي هن معاملي جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي.

هن ساري گند غلاظت پکيڙڻ ڪان پوءِ "انڊين بيورو" ڪلئي عام سنڌين خلاف زهر اوڳاڇڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو هو تہ اهي "سنڌي ماسڪو جا ايجنٽ/ چاڙتا آهن." اهو بہ مشهور ڪيو هئائين تہ اهي ماسڪو جا دلال سنڌي ۽ انهن جا دوست ملحد ۽ ڪافرن جي مذهب جا پيروڪار ۽ پرچارڪ آهن. جيڪي خونخوار درندا ۽ فحاش آهن. هر ماڻهو هن حقيقت ڪان آگاهہ آهي تہ سنڌي پيلوز ڳوٺ ڪافرن جا ڳوٺ آهن جيڪي پاڻ کي عيسائي بہ سڏائن ٿا اهڙي گندي ۽ فحش مواد جا پمفليٽ 1923ع ۾ ملڪ جي ڪنبڪڙچ ۾ ورهائي معصوم سنڌين کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

ان هوندي بہ سنڌين جو دباءُ جيئن پوءِ تيئن وڌندو رهيو ۽ پيلو بہ اسرندا اڳتي وڌندا رهيا، جڏهن انڊين بيورو ڏٺو تہ گلائن ۽ الزامن مان ڪجهہ هٿ حاصل نہ ٿيو آهي تہ هو 1926ع ۾ عملي طور ٻاهر نڪري آيا. ڪمشنر چارلس ايچ بورڪ (Charles H. Burke) اطلاع موڪليو هو تہ هن ٽائوس پيلو جو دورو ڪيو ۽ ڏٺو تہ ڪائونسل جي اسيمبليءَ ۾ موجود سنڌي ميمبرن کي اڻ پورو لباس پاتل هو ۽ وحشي قسم جي ماڻهن جيان لڳي رهيا هئا جيڪي اڌ ماڻهو ۽ اڌ جانور هئا، سنڌي مذهب بہ ڪافرن وارو هو. انڊين بيورو اسڪولن ۾ رهندڙ سنڌي ٻارن کي مذهبي رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ موڪل ڪانہ ڏيندا هئا. سنڌين جي پيلو تنظيم اعلان ڪيو هو تہ هر مصيبت ۾ اهي پنهنجون مذهبي رسمون جاري رکندا. پوءِ پلي سرڪار ڪين جيل ۾ اماڻي يا ڪا ٻي سزا ڏئي. نتيجو اهو نڪتو جو انڊين بيورو ٽائوس پيلو جي مذهبي رسم جي ادائگي ڪان پوءِ هن ساري ڳوٺ کي جيل اماڻي ڇڏيو. چاڪاڻ تہ هنن سنڌين انڊين بيورو جي جوڙيل "رليجس ڪرمنل ڪوڊ" (Religions Criminal code) جي ڪلي ڀڃڪڙي ڪئي هئي. هنن حالتن مان چڱيءَ ريت سمجهي سگهجي ٿو تہ سنڌين جو مذهب بہ هنن جو جرم بڻجي ويو هو. ان ڪان پوءِ سنڌين نيشنل پريس آڏو معاملا پيش ڪيا هئا. وسڪونس (Wincon Sin) جي جئمس اي فريئر (James A. Frear) هن مقصد سان سنڌين ڏانهن هليو ويو تہ جيئن هو


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڏسي تہ معاملو ڪيئن آهي، هي ماڻهو سنڌين ۾ اندر پهچي ساري صورتحال کي جاچي پرکي ڏٺو ان کان پوءِ هو ”انڊين ڪمپني هائوس“ سنڌين جو هڪ بي ڊپو ترجمان ٿي بيهي رهيو هو ۽ هائوس فلور تي اهو ڳالهايو جو دشمنن جا ٽپ ٽري ويا. ان کان پوءِ اتاهہ جي سينيٽر وليم اي ڪنگ سينيٽ کي مجبور ڪيو تہ سنڌين جي معاملن بابت اڻ ڏري جاچ ڪئي وڃي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو عام ماڻهو انڊين بيورو خلاف ٿي ويا ۽ اهڙيون ڳالهيون چوڏاري پکڙجي بہ ويون هيون. ميڪسيڪو جي فيڊرل ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ٽائوس پبلو جي سنڌي اڳواڻن کي بي ڏوهو قرار ڏئي جيل مان آزاد ڪري ڇڏيو.

1924ع ۾ ڪانگريس پبلو لئنڊس ائڪٽ پاس ڪيو هو جيڪو اڻپورو ۽ مڪمل طور قابل عمل ڪونہ هو جنهن ۾ چيو ويو هو تہ سنڌي پبلوز کي زمينون موٽي ڪونہ ملنديون پر انهن لاءِ معاوضو ادا ڪيو ويندو منجهن اهو بہ چيو ويو هو تہ اهو معاوضو مقرر ۽ محدود هوندو ۽ زمين جي قدر موجب نہ هوندو. مذڪوره ائڪٽ مطابق زمين جي معاملن کي اڪلائڻ لاءِ هڪ ”پبلو لئنڊ بورڊ“ ٺاهيو وڃي. جڏهن پبلو لئنڊ بورڊ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو تہ سنڌي ڪيس مهاڏي ڏيڻ لاءِ آڏو اچي بيٺا هئا. پر ائڪٽ مطابق ڪين ڪي اختيار مليل ڪونہ هئا. تنهن ڪري سنڌن ڪوششون اڌ پوريون رهجي ويون ڇاڪاڻ تہ خود بورڊ گورن سان پريل جيڪو گورن جي مفادن مطابق ڪم ڪري رهيو هو ۽ سنڌين جي هڪ بہ هلڻ ڪانہ ڏني. سنڌين جي معاملن کي منهن ڏيڻ لاءِ رچرڊ ايچ هانا سنڌن اٽارني ٿيو هو. اهو معاملو لڳاتار 1933ع تائين هلندو رهيو ان دوران ”انڊين بيورو“ جا ماڻهو تبديل ٿي ويا. پبلوز پنهنجي جنگ کٽي ورتي هئي. ان سال کي پهريون (New Deal Year) سمجهيو ويو هو. ڪانگريس (1924ع Lands Act of) ۾ ڪيتريون ترميمون ڪيون هيون، ان کان پوءِ (Lands Board) جي ڪنجوسي کي ختم ڪيو ويو. فيڊرل ڊسٽرڪٽ ڪورٽ بہ سنڌين کي سنڌن اباڻيون اهي زمينون ڪونہ ڏنيون هيون جيڪي يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سرڪار (Lands Act) تحت يورپ کان آيل ڌارين گورن کي ڏنيون هيون. پر انهن جي مناسب قيمت ڏيڻ جو فيصلو ٻڌايو هو. نہ تہ هن کان اڳ انهن جي زمين جي قيمت ۾ ڪين ڪانہ ڏني وئي هئي. ان کان سواءِ هن ڪورٽ سرڪار کي اها بہ منع ڪئي هئي تہ قبيلن جي فنڊ جي نالي ۾ اهڙي رقم قبيلن جي موڪل کان سواءِ گڏ نہ ڪئي وڃي جيڪا ان وقت 1300000 ڊالر هئي.

1926ع ۾ ڪانگريس البرٽ بي فال جي ان حڪم کي رد ڪري ڇڏيو هو جنهن (Executive Order Lands) تحت سنڌين کي هڪ ڪروڙ سٺ لک ايڪڙ زمين موٽائي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. اهڙو حڪم 1924ع ۾ اٽارني جنرل رچرڊ ايچ هانا رد ڪرايو هو جنهن کي بعد ۾ ڪورٽ جو چيف جسٽس مقرر ڪيو ويو هو.

1927ع ۾ عوامي دٻاءَ ۾ سينيٽ جي جاچ پرتال جي ڏج/پڙ ڪري ته متان ”انڊين افيئرس جي تفتيش ٿئي“ گهروڪاتي جي سيڪريٽري هيوبرٽ ورڪ (Hubert Work) کي واشنگٽن جي ان انسٽيٽوٽ آف پبلڪ افيئرس اچڻ جي دعوت ڏني هئي جنهن کي بروڪنگ انسٽيٽوشن جي نالي سان پڻ سڏيو ويندو هو. انهيءَ دور جو مقصد هو پاڻ شخصي طور اچي تحقيقات ڪري. ان اداري جي خانگي طور جاچ پڙتال ڪرائي وئي هئي جنهن تي هڪ لک پنجويهه هزار ڊالر خرچ آيو هو جنهن جي نتيجن کي فيلڊ (Field) جي مونو مينٽل بوڪ (Monumental Book) ۾ ”دي“ پرابلم آف انڊين ائڊمنسٽريشن“ جي عنوان سان شايع ڪرايو ويو هو. اهڙا تحقيقاتي نتيجا 1928ع ۾ ظاهر ٿيا هئا. اهي نتيجا سنڌين جي داخل ڪيل معاملن جي عين مطابق هئا. پر شايع ٿيڻ کان اڳ ۾ سينيٽ انڊين بيورو جي طاقت کي ختم ڪري ڇڏيو هو ۽ وليم اي ڪنگ واري رٿا تي اختيار ڪيو هو ۽ سينيٽ جي ان تحقيقات جي گهٽي تشهير ڪئي وئي جيڪا هن اداري انڊين افيئرس جي حوالي سان هئي.

هن تحقيقات انڊين افيئرس جي ڪارن ڪرتوتن کي وائکو ڪري ڇڏيو هو. سينيٽ ڪميٽي ۾ اها حالت سنڌين واري ملڪ جي ڪنڊڪڙچ ۾ گهمي ڏني هئي ۽ سنڌي ماڻهو ڪين پنهنجا معاملا ٻڌائڻ لاءِ ڇڻ ته آتا وينا هئا. اٽڪل هڪ سال ڪانپوءِ ڪمشنر بورڪ عوامي شڪايتن تي اوڪلاهوما جي سينيٽر پائين (Pine) کي تبديل ڪري ڇڏيو هو جيڪو ريپبلڪن هو. ان کان پوءِ هن ڪتاب جي مصنف به سازش ڪري ”انڊين افيئرس“ مان يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سرڪار جي اختيارين کي ختم ڪري ڇڏيو سينيٽ ڪميٽي شاهدين وٽڻ جو مطالبو ڪيو هو پر بورڪ وٽ ڏيڻ لاءِ هڪ به شاهدي موجود ڪانه هئي تنهن ڪري هن کي ٻيو رستو نه ڏسي استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. ان زماني ۾ ايڊگار بي ميرٽ (Edgar B. Merrett) اسسٽنٽ انڊين ڪمشنر هو جيڪو 1912ع کان وٺي انڊين افيئرس واري آفيس ۾ ڪپ ڪوڙيون ويٺو هو تنهن کي ٻن مهينن کان



والا پائي قبيلو

پوءِ ترقي ڏئي بورڪ جي جاءِ تي رکيو ويو.

هي مختصر احوال آهي جيڪو 1922ع کان 1929ع تائين ڏسڻ ۾ آيو هو جنهن ۾ سنڌين ۽ سندن دوستن جون هڪ ٻئي سان لاڳاپيل ڪيئي تحريڪون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. هن ناتي ڪيليفورنيا رياست هڪ ڏکي جنگ وڙهي هئي ۽ پنهنجي سنڌي ماڻهن جو وڏو بچاءُ ڪيو هو ۽ اها هلچل 1924ع ۾ شروع ٿي هئي، هن رياست انڊين بيورو جي اڳراين ۽ ارهه زوراين مائونٽين پاور ڪمپنين (Muntain Power Companain) جي ڏاڍن کي ٻنجي ڏيڻ لاءِ گهٽو جاکوڙيو هو. جنهن فليٽ هيڊ (Flat Head) سنڌي کي ٻه توٽي تپاٽي ڏني هئي، ان کان سواءِ والاپائي (Wala Pai) جي سنڌي ذات جي ماڻهن زمين جي پوري معاوضي ڏيڻ لاءِ سرڪار کي مجبور ڪيو هو

جيڪا سانتا_ في ريل جي رستي فاٽڻ واسطي سندن زمينون مفت ۾ ۽ زبردستي ونئي رهي هئي. ان کان سواءِ هتي هڪ ٻي ٻه هلچل شروع ٿي هئي جيڪا اسڪولن ۾ رهايل سنڌي ٻارن کي بک وگهي مارڻ خلاف هئي. انڊين بيورو انهن مان هر هڪ ٻار کي ستن سينٽن (Cents) جيتري ڪاڏ خوراڪ ڏهاڙي جي حساب سان ڏيندي هئي. ان ڪاتي انڊين بيورو کي مجبور ڪيو ويو هو ته اها

سنڌين کي اجازت ڏئي ته وفاقي سرڪار جي ٽيڪنيڪل يا ٻين ادارن کان اهڙي مدد حاصل ڪن. ڪي قبيلا تاريخي طور پنهنجو وجود وڃائي ويٺا هئا. پر کين اهميت هاڻي ڏني پئي وڃي، مٿن ڪيل ظلمن جا داستان ڏکيا ۽ چرڪائيندڙ آهن، ان کان پو ۽گهڻ- رخيون ڪوششون هيون ۽ اهڙين ڪوششن هلندي به اٽڪل به سو سنڌي ذاتيون پنهنجا اباڻا ڪک تر ۽ تڏا چڏي لڏي جتي آيو اُتي هليون ويون. هنن قبيلن مان ملڪ جي سون جي تعداد ۾ وڪيلن ۽ سرڪاري عملدارن به صلاح مشورا ڪيا هئا ۽ مدد ڪئي هئي. ان کان سواءِ شخصي طور ڪن ماڻهن به هنن جي سهائتا ڪئي هئي جن جا نالا هن ڪتاب ۾ ڪونه ڏنا ويا آهن. سندن مدد لاءِ ڪيتريون رٿائون به جوڙيون ويون هيون. جن جا اصول سادا ۽ سولا هئا.

اهي سادا ۽ سؤلا اصول هي هئا:

سنڌين کي آمريڪي روايتي آزادين جو حق آهي يعني ضمير جي آزادي، ڪنهن سان رابطن ناتن جي آزادي، سياسي ۽ اقتصادي مقصدن لاءِ متحد ۽ منظم ٿيڻ جي آزادي، پنهنجي ثقافتي ورثي کي استعمال ڪرڻ جو حق، ۽ انهن جي پيداوار جو حق، سرڪار جي مدد وسيلي فائدن حاصل ڪرڻ جو حق. هي حيقت سيني کي معلوم آهي ته يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سرڪاري خزاني جو وڏو حصو سڏيءَ يا اڻ سڏيءَ ريت سنڌين کان حاصل ٿيندو آهي ۽ آدمشماريءَ جو ڪوبه ٻيو حصو سرڪاري خزاني کي هنن جيتري دولت ڪونه ڏيندو آهي. (ڪتاب 153). اهي ماضيءَ ۾ جيڪي پاڻي جي استعمال لاءِ کوهه جا چشما ڪتب آڻيندا هئا ڪين ان پاڻي جي ڪتب آڻڻ جو هاڻي به حق هئڻ گهرجي ۽ ماضيءَ ۾ ڪاڏي خوراڪ لاءِ سنڌي ماڻهو جيڪي روهه ۽ کوهه ڪتب آڻيندا هئا ڪين هاڻي به ساڳي جابلو جوءِ ساڳين مقصدن لاءِ ڪم آڻڻ جو حق هوندو.

1929ع کان 1933ع تائين هربرٽ هوور صدر رهيو. ان زماني ۾ گهروڪاتي جو سيڪريٽري ري لائمين ولبر (Ray Liman Wilbur هو. ساڳئي دور ۾ سنڌين جي معاملن جو ڪمشنر چارلس جي روڊس (Charles J.Rhoads) هو. کيس محسوس ٿيو هو ته سنڌين جي معاملن ۾ اصلاح ڪرڻ جي تمام گهڻي گنجائش موجود آهي. ان ئي دور ۾ ڊبليو ڪارسن ريان (W. Carson Ryan) سنڌي علائقي جو تعليم جون نئون ڊائريڪٽر ٿي آيو هو جنهن هنن علائقن ۾ جديد تعليمي نظام متعارف ڪرايو هو. اڳي ته هي حڪمت عملي هوندي هئي


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تہ سنڌي ٻارڙن کي پنهنجي مائٽن سان ملڻ نہ ڏنو ويجي. انهيءَ مقصد سان تہ ڪائنن اباڻي ٻولي وسري وڃي، پنهنجي ثقافت کان اڻ واقف رهجي وڃن ۽ پنهنجي اصلي سنڌي مذهب کي ڇڏي عيسائي بڻجي وڃن. پر هن اچڻ سان اهڙيون پابنديون ختم ڪري ڇڏيون هيون، اهڙيءَ ريت سيڪريٽري ولبر ۽ ڪمشنر روڊس انهن پاليسي بيانن تي صحيحون ڪيون هيون جيڪي ديرپا مقصدن سان لاڳاپيل هئا، سندن نقطہ نظر هو تہ زمين جي الاٽ مينٽ واري حڪمت عمليءَ سنڌين کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. ان کان سواءِ هنن سنڌين جي تنظيمن ڏانهن وڏيڪ ڌيان ڏنو، سندن اهو بہ نقطہ نظر هو تہ اهڙيون تنظيمون قانون مطابق هئڻ گهرجن، ليڪن هنن وڏيڪ اهميت باهمي امداد وارين تنظيمن کي ڏني هئي. هنن ماڻهن انهن ڳالهين ڏانهن اشارو ڪيو هو جن وسيلي بي انصافي ۽ معمولي ڳالهين لاءِ وقت جو اجايو زيان ٿي رهيو آهي. اهڙين ڳالهين کي بہ نندي رهيا هئا جو پئسن خاطر سنڌين کي زنجيرن ۾ جڪڙي رکيو پئي ويو. ٻيون بہ ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون اختيار ڪيون ويون هيون جن وسيلي سرڪار کي وڏو نقصان پهچي رهيو هو. پر هنن قانون ۾ ترميم آڻڻ لاءِ ڪي منصوبا ڪونہ جوڙيا هئا. هنن ٻنهي ماڻهن هن ڳالهہ ڏانهن بہ ڌيان ڪونہ ڏريو هو تہ سنڌين جا پنجاهہ لک ڊالر ”گورنمينٽ جي انڊين سروس“ ڏانهن وڃي رهيا جيڪي سنڌين خلاف ڪم اچي رهيا هئا، هنن اهڙي حڪمت عملي اختيار ڪئي جو اهڙين ڳالهين ڏانهن ڌيان ئي ڪونہ ٿي ڏنو ويو جن وسيلي سنڌين کان پنهنجون زمينون سندن پيرن هيٺان هوريان هوريان کسڪي رهيون هيون ۽ سنڌين جي زندگين جا اهم بنياد تباهہ ٿي رهيا هئا ۽ انهن جي امنگ ۽ اتساهہ کي اڳتي وڌڻ جي نيند بہ ڪانہ ڏني هئي. پر هنن سنڌين جي ان قرض کي بہ وڌڻ کان روڪيو هو جيڪو گورن جي تعمير ٿيندڙ عاليشان عمارتن تي ايندڙ خرچ ڪري مٿن پئجي رهيو هو. يعني عاليشان عمارتون تعمير گورن لاءِ ٿي رهيون ۽ انهن تي ٿيندڙ خرچ جو بار سنڌين تي پئجي رهيو هو. هنن ٻنهي ماڻهن قرض ۽ وياج معاف ڪرڻ جا اختيار ڪانگريس کان حاصل ڪيا، جيڪي ڏاڍ ۽ بي انصافي سان سنڌين مٿان چڙهي ويو، ان ڪري سنڌين جي زندگي اوسر ۽ ترقيءَ لاءِ اڳتي وڌڻ کان هڪ هنڌ ٽڪي بيهي وئي هئي ۽ حياتي جي چرپر ۽ اٿل پٿل ڪٿي پوئتي بيهي وئي هئي ۽ پراڻي طرز واري زندگي گهارڻ لاءِ مجبور ٿي ويا هئا.

اهڙي ريت سنڌي ماڻهو ڪن سالن تائين تہ ماٺ ڪيو ويٺا رهيا، ان ڪانپوءِ هنن دٻاءُ وجهڻ شروع ڪيو هو. هنن ماڻهن بنيادي تبديلين واسطي 1922ع کان وٺي ڪوششون ڪيون هيون ۽ کين انهن ئي بنيادي تبديلن وسيلي بهتريءَ جا موقعا ملڻا هئا. هنن کي 1929ع واري ڪاري دور کان اڳ هي يقين ٿي چڪو هو تہ انتظامياه جي خاتمي ٿيڻ تائين کين پنهنجا حق ملي ڪونہ سگهندا هنن پنهنجا حقن حاصل ڪرڻ لاءِ قانوني دٻاءُ وڌو هو. هنن اهو بہ مطالبو ڪيو هو تہ کين ووٽ ڏيڻ جو حق ڏنو وڃي، اسان کي گڏيل سماجي زندگي گذارڻ جو پورو اختيار ڏنو وڃي. سندن نقطہ نظر هو تہ جڏهن نوازشن جي انتها مستقل مطلق العنانيت جي شڪل اختيار ڪري وٺندي آهي ان لاءِ مهرباني نہ پر هڪ وڏي برائي بڻجي ويندي آهي.

**

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

## باب چوڏهون

# سنڌين سان نئون معاهدو

مارچ 1933ع ۾ فرئنڪلن ڊي روز ويلٽ (Franklin D. Roose velt) يونائيٽيڊ اسٽيٽس جو نئون صدر ٿيو هو. جڏهن تہ هئرولڊ ايلِ اِڪنڊ (Harold L. Ickend) کي گهروڪاتي جو سيڪريٽري بڻايو ويو هو ۽ مون کي سنڌين جي معاملن سان لاڳاپيل ڪمشنر مقرر ڪيو ويو هو.

پر پڙهندڙن جو ڌيان هن طرف ڇڪائڻ گهران ٿو تہ هن باب جو گهڻو مواد (The India Administration Laborotory in Ethnic Affairs) نالي ڪتاب جي جلد 12 نمبر 3ـ 1945ع تان کنيو ويو آهي. انهيءَ زماني ۾ مان پاڻ آمريڪا جي اصلي رهاڪن سنڌين بابت معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوششون ڪري رهيو هوس ۽ انهن مردن ۽ عورتن جي ڳولا ۾ هوس جيڪي سنڌين بابت اهم معلومات حاصل ڪرڻ ۾ اڳتي هئا. مان هن تحقيق ۾ پنهنجي زندگي جا ٻارهن سال کپايا هئا. مون کي ۽ منهنجي ماتحت عملي کي هميشہ ”هئرولڊ ايل ايڪس“ ۽ خود صدر جي همت افزائي ۽ پٺڀرائي حاصل هوندي هئي. انهيءَ تحقيق ناتي اسان کي رهنما اصول مرتب ڪيا هئا جن کي خاص اهميت حاصل هئي، جن جو اختصار هيٺ بيان ڪجي ٿو.

اسان جي پهرين ڪوشش تہ هيءَ هئڻ گهرجي تہ سنڌي سوسائٽي کي ان جي اصلي ۽ نجي روپ ۾ ڏسڻ گهرجي ۽ ان کي تحقيق لاءِ هڪ ماڊل بڻائجي. هيءَ ڳالهہ انهن ماڻهن لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي جن جو نقطہ نظر آهي تہ سنڌين جي قديم آمريڪي زندگي بهتر ۽ بي مثال هئي ۽ انهن جي ثقافت، گورن جي طرز زندگي ڏسي گهڻي تبديل ٿي وئي آهي.

ٻي ڳالهہ تہ هر سنڌي سوسائٽي کي اهم حيثيت ڏيڻ گهرجي، پوءِ ڪٿي اها

قديم آهي يا ڪنهن پوئين دور جي پيداوار آهي ان ڪان سواءِ ڪين ذميواريون سونپيون وڃن ۽ اختيار ڏنا وڃن.

ٽين ڳالهہ جيڪڏهن ڪنهن بہ سنڌي ذات يا پاڙي وٽ قديم دور ڪان زمين آهي يا اها سندن استعمال هيٺ آهي يا ڪنهن خاص سنڌي ذات وٽ ڪنهن دور سان لاڳاپيل زمين آهي ۽ ان جي استعمال هيٺ آهي تہ اها زمين سندن ملڪيت تصور ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ زمين جا اهي ٽڪرا سندن پيٽ گذر جو سبب آهن.

چوٿين ڳالهہ سنڌين کي هر قسم جي آزادي ملڻ گهرجي، ڪين ايتري آزادي ملڻ گهرجي جيڪا مناسب آهي. اهڙا حق ڏيڻ ۾ پهريون ڪم اهو ڪيو وڃي تہ هنن خلاف ڳجهي معلومات حاصل ڪرڻ وارو ڪم بند ڪيو وڃي. ان ڪان سواءِ ڪين تنظيمن ناهڻ جي آزادي، اظهار جي آزادي، ثقافتي ۽ مذهبي آزادي، مذهبي آزادي، سنڌي ذاتين جي پاڻ ۾ لاڳاپن رکڻ جي آزادي وغيره.

پنجين ڳالهہ تہ آزاديءَ جو مطلب اهو نہ آهي تہ ڪين فقط غلاميءَ مان آزاد ڪجي. آزادي پر ڇا جي آزادي؟ آزادي لاءِ تنظيم سازي جو حق هجڻ گهرجي. تنظيم سازي لاءِ سرڪار کي اڳتي اچڻ گهرجي ۽ سندن همت افزائي ڪرڻ گهرجي، ترقي لاءِ قرض ڏيڻ بہ ضروري آهي باهمي امداد لاءِ قرض جي فراهمي ضرروي هوندي آهي جنهن ڪري ترقي جا بهتر موقعا ملي ويندا آهن. آزاديءَ لاءِ ڄاڻ جو هئڻ ضروري سمجهيو وڃي. ان لاءِ ننڍن وڏن مسئلن جي اسڪول جي شاگردن کي اهڙي تعليم ڏني وڃي، بالغ ماڻهن کي شهري حقن، ٽيڪنالاجي ۽ ڏنڌن بابت معلومات فراهم ڪئي وڃي. نوجوانن کي ڪاليجي تعليم ڏني وڃي ان سان گڏ ڪين تجارتي معلومات ملڻ گهرجي. آزادي لاءِ ذميواري جو حوالي ٿيڻ بہ لازمي هوندو آهي. ان لاءِ پهريون قدم اهو آهي تہ قدرتي وسيلن تي سندن حق کي تسليم ڪيو وڃي ۽ قدرتي وسيلن جي حفاظت واسطي هنن جي مرضيءَ يا خواهش جو احترام ڪيووڃي، سرمائي لاءِ تجارتي مال جي پيداوار بہ آزاديءَ لاءِ اهم آهي.

ڇهين ڳالهہ ذميوار جمهوري ڪردار آهي، جيڪو نهايت اهم تجربو آهي. هن تجربي ۾ نظم ۽ نسق جي ضرورت هوندي آهي. ان ڪان سواءِ تحرڪ يا چرپر بہ جمهوريت جو هڪ اهم جز آهي، جنهن ۾ لياقت ۽ اهليت ڏيکارڻ بہ ضروري محسوس ڪيو ويندو آهي. مٿي بيان ڪيل حقيقتن کي نظر ۾ رکڻ


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سان معلوم ٿيندو تہ سو گھڻ پاسائون معاشرو آهي، پر ان لاءِ هڪ نہ پر گڏيل منصوبي ڪي هٿ ۾ کڻڻ جي ضرورت آهي پر اهو منصوبو مڪمل هجي ۽ منجهن ڪليءَ دل جو مظاهرو ڪجي. اسان جي خواهش آهي تہ ڪين مڪاني جز حڪومت ۾ راءِ ڏيڻ جو حق بہ ملڻ گهرجي. اهڙا حق ڪين مرحليوار نہ پر هڪ ئي وقت ملڻ گهرجن. ايئن ٿيڻ سان هو ڪيئي غلطيون ڪندا ڪيئي ۾ مونجهارا پيدا ٿي پوندا. پر پوءِ ايئن ڪرڻو پوندو ڪانگريس اسان ڪي هڪ رستي سان هلڻ جي ٿوري گهڻي موڪل ڏئي، پر اهڙي اجازت تڏهن ملي جڏهن انتظاميہ پڪوپهہ ڪري تہ ايئن ٿئي ۽ ٿوري وقت ڪانپوءِ پنهنجي ڪيل ڳالهين تان ڦري نہ وڃي. عام طور تي نظر ايئن آيو آهي تہ انتظاميہ مستقل مزاج ڪانہ رهي آهي. گهڻو ڪري ڏنو ايئن ويو آهي تہ انتظاميہ ۾ نون معاملن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ نئين سوچ پيدا ڪانہ ٿيندي آهي. اهو بہ ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ انتظاميہ جو زمين جي تقسيم جو طريقو شيطان جي آنڊي جيترو ڊگهو ۽ منجهيل هوندو آهي. ان ڪان سواءِ عملدارن جو پنهنجو منهن هوندو آهي، تنهن ڪري انتظاميہ قيد ٿي هڪ هنڌ بيهي ويندي آهي، موجوده قسم جي جمهوريت جو قيام ۽ صحيح قسم جي جمهوريت بہ هڪ وڏو حق آهي ۽ اهو جمهوري منتظم لاءِ وڏي للڪار جي حيثيت رکندو آهي. 1933ع ڪان وٺي سنڌين جي معاملن لاءِ مقرر ڪيل سرڪاري عمدلارن ڪي هن فن جو عملي تجربو آهي ۽ اهڙي للڪار ڪي منهن ڏنو آهي جيڪا گهڻ پاسائين للڪار هئي. ان ڪان سواءِ صورتحال بہ گهڻ رخي هئي. انهن سڀني ڳالهين ڪي سمجهڻ ڪانپوءِ ڪو ماڻهو فيصلي ڪرڻ لائق بڻجي ويندو آهي. اها ڳالهہ بہ ثابت ٿي چڪي آهي تہ جمهوري طريقو وڏ ۾ وڏ سٺو طريقو آهي، اهو عمل ۾ دانشمندي وارو طريقو آهي. اهوئي سٺي ڪاڌ خوراڪ ۽ زندگي ڪي عزت سان اڳتي ڏڪڻ جو طريقو آهي ۽ اهوئي منظم طريقي سان زندگي گذارڻ جو نمونو آهي.

ستين ڳالهہ جنهن ڪي آءٌ اول ۾ آخر ۾ اهم ڳالهہ سمجهان ٿو سا هيءَ آهي تہ هن منصوبي ڪي صحيح طريقي سان مڪمل ڪرڻ ۾ تحقيق ڪرڻ نهايت لازم آهي اخلاقي ميدان ۾ تحقيق ڪي تحرڪ ۾ چرپر جو هڪ ضروري وسيلو بڻائي سگهجي ٿو جيڪو هن ڪان وڌيڪ سگهارو وسيلو ثابت ٿي سگهي ٿو. حقيقت بہ اها آهي تہ اهو سڀ ڪان وڌيڪ طاقتور وسيلو آهي، پر اسان جي خيال ۾ هڪ خاص قسم جي تحقيق هئي جيڪا بذات خود ضرورت وارن



علائقن جي مرڪز مان اُڀري هئي، ليڪن تحرڪ فطري طور نہ رڳو خاص نوعيت جو هوندو آهي پر ”مختلف خاص ڳالهين جي متحد شڪل“ هوندي آهي ۽ گهڻو ڪري مجموعي حقيقتن جي صورت هوندي آهي اسان کي بہ جنهن تحقيق جي ضرورت آهي سا بہ مجموعي طور تي گهڻ پاسائين ٿيڻ گهرجي. ا سان وري بہ مٿي هن ڳالهہ تي ايندا سون تہ ان تحقيق تي عملي طور ڪم انتظاميہ جو نگران ۽ هڪ اناڙي ڪندو. ان ساري عمل دوران مٿن تنقيد بہ ٿيندي رهندي، تنهن ڪري نگران منتظم ۽ اناڙي کي هڪ تخليق ڪار جي حيثيت ۾ ان تحقيق ۾ حصو وٺڻ گهرجي جيڪا ضرورت واري ايراضي مان نڪري نروار ٿيندي آهي.

1933ع ۾ ماحوليات ۽ اقتصاديات کي نظر ۾ رکي ”نواجو“ ذات جي سنڌين جي زمين جي بچاءَ لاءِ گهڻ پاسائين تحقيق ڪئي وئي هئي. موجوده دور جي گهڻ پاسائين تحقيق وسيلي مختلف قبيلن جي جاڻ جي انتها تائين پهچي چڪا آهيون. اهڙيءَ ريت اسان پنهنجي حڪمت عملي، انتظام، محققن، تحقيق جي مختلف طريقن کي ڳولي ورتو آهي. مان هتي هن ڳالهہ جو ضرور اضافو ڪندس تہ جمهوري قوت جي احساس سان لاڳاپيل تحقيق يا پنهنجي وجود جي احساس سا لاڳاپيل تحقيق کي اڳتي وڌائيندي معلوم ڪيو آهي تہ


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪي ڳالهيون ڏاڍيون مشڪل آهن.

1934ع ۾ سنڌين جي تنظيم ڪاري لاءِ ڪانگريس ۾ (Indian Reorganzation Bill) پيش ڪيو ويو هو جنهن بابت ڪيترن ئي مهينن لاءِ ڪارروائي هلندي رهي هئي. گهڻا ماڻهو هن بل تي ڪليا به هئا. ڇاڪاڻ ته اهو 252 صفحن تي مشتمل هو. پر ڪين اها خبر ڪانه هئي ته اهو هزارين صفحن تي مشتمل ”انڊين لا“ جو جڻ نعم البدل آهي. 1934ع تائين سنڌي قبيلن کان ان بابت گهٽ مشورا ڪيا ويندا هئا ته سندن معاون جي تحفظ واسطي ڪهڙا قانون پاس ڪيا وڃن. هن بل جي تياري کان اڳ ”انڊين آفيس“ سنڌي قبيلن ڏانهن ڪيترائي سوالناما موڪليا هئا جن جو تعلق سنڌين جي اهم مسئلن سان هو. ان کانپوءِ بل تيار ڪري ان جو هڪ هڪ نقل هر قبيلي ڏانهن موڪليو ويو هو. بعد ۾ ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ سنڌين جون ڪانگريسون ڪوٺايون ويون هيون جن ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي هر قبيلي جي نمائندگي موجود هئي.

هي بل ڇهن حصن تي مشتمل هو ۽ ان ئي صورت ۾ ڪانگريس کي پيش ڪيو ويو هو مذڪوره ڇهه نڪتا هيٺ ڏجن ٿا:

(1) سنڌي سوسائٽين کي تسليم ڪيو ويندو. کين اختيار ڏنا ويندا. ان کان سواءِ هنن کي سياسي، اقتصادي ۽ انتظامي مڪاني حق حڪومت حوالي ڪئي ويندي.

(2) سنڌين کي سِوِل سروس ۾ نوڪريون ڏنيون وينديون. کين انتظامي معاملن، مختلف ڏنڌن ۽ هنرن جي سکيا ڏني ويندي.

(3) سنڌين جي زمينن جي تقسيم ڪرڻ واري عمل کي روڪيو ويندو. کائن کسيل زمين جو تدارڪ ڪيو ويندو.

(4) سنڌين کي زراعت ۽ صنعت لاءِ قرض ڏنا ويندا. ضرورت موجب کين فنڊ ڪٽب آڻڻ جو اختيار ڏنو ويندو.

(5) ديواني (Civil) ۽ فوجداري قانون (Criminal Law) مطابق جيڪي فيڊرل ڪورٽون پنهنجي اختيار وارين حدن (Jurisdiction) اندر هيٺئين سطح جا معاملا هلائي رهيون آهن سي معاملا به هنن ڪورٽن جي حوالي ڪيا وڃن جيڪي پنهنجي مليل اختياري حدن اندر انهن تي فيصلا ڪن. ان کان سواءِ عام قانون کي سؤلو ۽ سمجهه جوڳو بڻايو وڃي.

(6) زمين جي ڊار ڊار ڪيل ٽڪرن کي پاڻ ۾ ملائي هڪ ٽوئنگ بڻايو ان کي قبيلي جي ملڪيت بڻايو ويندو. اهڙيءَ ريت گڏيل ملڪيت ۾ قبيلي جا سڀ ماڻهو هڪ جيترا شريڪ هوندا. ڪين زمين جي پيداوار خرچڻ کپائڻ جي مڪمل آزادي هوندي.

هن (Reorganzation Bill) جي پهرين چئن نقطن کي قانون جي شڪل ڏني وئي هئي. باقي پنجن ۾ ڇهين نقطي کي ڇڏي ڏنو ويو هو.

پنجين نقطي کي ان ڪري ڇڏيو ويو هو ڇاڪاڻ ته پاس ڪيل نقطن ۾ ڪورٽن جي ڀڌايل فيصلن جي آڌار سنڌي قبيلن جي اختيارين جي حدبندي ٿي چڪي هئي. تنهن ڪري اهي وقت گذرڻ سان انتظامي معاملن کي وڏيڪ سمجهي رهيا هئا ۽ چڱيءَ ريت منهن ڏئي رهيا هئا. پر ڇهين نقطي کي ڇڏڻ ڪري سنڌين جو گهڻو نقصان ٿيو هو. ڇاڪاڻ ته ايئن ڪرڻ سان هو ”انڊين سروس“ واري منصوبي کان گهڻو پري ٿي ويا هئا. ڪانگريس به 1934ع واري سخت قسم جي غلطي جو ازالو اجا تائين ڪونه ڪيو هو ۽ سنڌين جون زمينون تقسيم ڪري ٽڪرن ٽڪرن ۾ ورهايون پيون وڃن. اهڙي ڊاڍ ۾ ڏهڪاءَ جو سلسلو اجا به جاري آهي نظر ايئن اچي رهيو آهي ته اهو رڪجڻ جو ئي ڪونه آهي. ان زمين جو ٽڪرن ٽڪرن ۾ تقسيم ٿيڻ، انهن کي ليز (Lease) تي نيڪال ڪرڻ به نظر اچي رهيو آهي. پر اهڙيءَ ڏيتي ليتي مان جيڪا رقم ملي رهي آهي سا ڪٿي به موجود نظر ڪانه ٿي اچي. ڏيتي ليتي جي اهڙي پيداوار آڏو ڪا روڪ ۾ رنڊڪ موجود آهي تنهن ڪري اها نظر به ڪانه ٿي اچي، نه وري اهڙي تقسيم جو عمل ڪا ٿي ڏسجي رهيو آهي. پر هن قسم جي تقسيم ڪري سنڌين جو لکين ايڪڙ پليون زمينون غير آباد پيون آهن. هي اهو زمانو هو جڏهن انڊين سروس ۾ سنڌي قبيلا اٿل جي پاٽي جي هڪ وڏي ڏچي کي منهن ڏئي رهيا هئا جيڪو سنڌين جي لکين ايڪڙ زمين کي پائي تباهه ڪري رهيو هو. اها اٿل زمين جي رضاڪارانه متاستا جي روپ ۾ هڪ خطرناڪ بلا هئي جنهن وسيلي سنڌين کان سندن زمينون ماٺ ميٺ ۾ کسجي رهيون هيون. اهڙيءَ متاستا لاءِ هر قبيلي جي هڪ هڪ ماڻهوءَ سان رابطي ڪرڻ جي ضرورت هئي، ڇاڪاڻ ته زمين جي هڪ ننڍي ٽڪر جا وارث تمام گهڻا هئا يعني ان ننڍڙي ٽڪر جا گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه وارث هئا يا پنجاهه ننڍن ٽڪرن جو هڪ وارث هو. جيڪڏهن هڪ زمين ٽڪر جا هڪ سؤ وارث هئا ته انهن


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

مان ڪو ڪاٽي ته ڪو ڪاٽي هو. وڏين ڏکياين کان پوءِ زمين جي تقسيم ۾ متاسٽا جي اٽل جي چوڌاري مس مس ڪري بند ٻڌا ويا هئا. گهڻن علائقن ۾ انهن تي نظرثاني به ڪئي وئي هئي ۽ نظرثاني جو اهو ڪم فقط انهن جڳهن تي ٿي رهيو هو جتي سنڌين جي ڪوشش سان سنڌين جي زمينن تي ڪتب آڻڻ جا منصوبا تيار ٿي رهيا هئا. پيدا ٿيل اهڙي صورتحال کي هائوس جي سب ڪميٽيءَ جي رپورٽ ۾ به تسليم ڪيو ويو آهي جيڪا سنڌين جي معاملن تي تحقيقات ڪري رهي آهي، ان رپورٽ کي ڊسمبر 1944ع ۾ جاري ڪيو ويو هو. هن اهم موضوع کان ٿورو هٽي مان ٿورو اضافو ڪرڻ چاهيان ٿو ته هن منجهيل مامري سان به سنڌي ڏاڍ مڙسيءَ سان منهن ڏئي رهيا آهن، ان سان گڏ ٻين علائقن جي سنڌين جي زمينن بچائڻ لاءِ به ڪوششون ڪري رهيا آهن. مثال طور ايشيا سان تعلق رکندڙ هنن سنڌين جي زمينن کي ننڍڙن ٽڪرن ۾ ورهائي سندن زراعتي اقتصاديات کي ڪمزور ڪيو ويو آهي. اها زمين ڏينهون ڏينهن اجا به تقسيم ٿي رهي آهي. هن قسم جي تقسيم جو اصول يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۾ ته نهايت ڪاميابيءَ سان ڪامياب ٿي رهيو آهي. اهڙي ڳالهه ڪانگريس جي اجازت کان سواءِ مرحليوار ۽ لڪ چوري ٿي رهي آهي، اهڙيون بي اصوليون يورپ ۽ ايشيا ۾ ڏسجي رهيون آهن.

ري- آرگنائيزيشن بل نيٺ پاس ٿي ويو پر ان ۾ هڪ شرط رکي وئي هئي ته هر قبيلو سيڪريٽ بئلٽ (Secret Ballat) وسيلي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندو ته ڪيس اهو بل منظور آهي يا نه. جيڪي قبيلا هن بل کي منظور ڪندا ته يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سرڪار انهن کي اجازت ڏيندي ته اهي تنظيم سازي ڪري سگهن ٿا. اهڙيءَ ريت کين مڪاني خود حڪومت (Self Government) جي موڪل ملندي، ان کان پوءِ ريفرينڊم وسيلي پاڻ کي سياسي طور منظم ڪندا ۽ هڪ وفاقي ڪارپوريشن وانگي کين تسليم ڪيو ويندو ۽ بعد ۾ هنن کي اقتصادي جاکوڙ ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي. اهڙيءَ ساري قانوني ڪارروائي کان پوءِ يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۽ الاسڪا ۾ رهندڙ سنڌين جي چئن حصن مان ٽن حصن کي مڪاني خود حڪومت (Self Government) جو حق ملي ويو هو. ان سان مشابهت رکندڙ جانسن اومئلي ائڪٽ (John son O’Malley Act) به 1934ع ۾ پاس ٿيو هو، جنهن مطابق رياستن کي وفاقي حق ڏنا ويا هئا. ان کان سواءِ ننڍن علائقن کي به ڪجهه حق ڏنا ويا هئا. ان کان سواءِ

سنڌين جي معاملن تي تحقيق ڪرڻ واسطي ڪن خانگي ايجنسين کي پڻ رجسٽرڊ ڪيو ويو هو ۽ کين مدد لاءِ گرانٽ ان ايڊ به ڏني وئي هئي.

اسيمبليءَ وسيلي پاس ڪيل قانون ۾ مٿي بيان ڪيل اصولن جي آڌار تي انڊين سروس ڪي منصوبا تيار ڪيا هئا جهڙوڪ زمين جو بچاءُ ڪرڻ، چوپائي مال سان لاڳاپيل ڌنڌي جي اوسر ۽ ترقيءَ جو منصوبو تيار ڪرڻ، سنڌي برادرين جي تنظيم ڪاري جي عمل جي ابتدا ڪرڻ، تعليم جي ترقيءَ لاءِ اسڪولن جي تعداد ۾ اضافو ڪرڻ، قرض ڏيڻ لاءِ رٿائون جوڙڻ، صحت لاءِ منصوبه بندي ڪرڻ، سنڌين جي سولين ڪنزرويشن آف ڪراپ (Civilian Conservation of Crops) جي ترقي لاءِ رٿائن جي تياري، فن، هنر ۽ ڌنڌن کي ترقي ڏيڻ لاءِ منصوبا جوڙڻ وغيره. ان کان سواءِ اهڙا ڪم ڪيا ويندا جن سان سنڌي سوسائٽي نئين سر جنم وٺي سگهي. جيڪڏهن اوهان سنڌين کي ڪجهه ڏيڻ چاهيو ٿا ته ان لاءِ طريقو جمهوري هجي ۽ انهن جو ڌيان عملي ضرورتن ڏانهن ڇڪائڻ گهرجي. پر جيڪڏهن اوهان سنڌين کي ڪا شيءِ نه ٿا ڏيڻ چاهيو ته ان جو طريقو به جمهوري هجي. سالن جا سال اسان ڪم ڪندا رهياسون، ڪجهه ناڪاميون ڏسي ڏاڍو ڏکي ٿياسون، ڪن جاين تي اسان ڏٺو ته مڪمل ناڪام ٿي چڪا هئاسون. پر ڪن جڳهن تي ايتري ترقي ڏني وئي آهي جو سيني ناڪامين کي ڍڪي ڇڏيو.

اسان ڏٺو آهي ته سنڌين پاڻ کي نهايت اهل ثابت ڪيو آهي، تنهن ڪري هنن لاءِ يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۾ ڪيتري به قرض جي ضمانت ڏئي سگهجي ٿي. هاڻي سرڪار کين 10300000 ڏهن سالن لاءِ قرض ڏنو آهي. جنهن مان 69000 ڊالر واپس ڪيا آهن. اسان اهو به ڏٺو آهي ته سنڌن چوپايو مال تعداد جي حساب سان 105 فيصد وڌيو آهي. مذڪوره چوپايو مال ساري سوسائٽيءَ جي گڏيل ملڪيت هوندو آهي، اهڙي ريت ان مال مان مختلف قسم جي پيداوار 2300 فيصد وڌي آهي. ان مال جي مختلف قسم جي پيداوار ۾ اضافو مختلف علائقن ۾ مختلف قدمن کڻڻ ڪري ڏسڻ ۾ آيو آهي، پر ٻارهن ساکن کان جانورن جو تعداد وڌي ويو ۽ چراگاهن جو تعداد ساڳيو رهيو آهي تنهن ڪري مال ۾ واڌ گهٽجي وئي هئي. ان جو ڪارڻ اهو هو ته مال ۾ اضافو ٿيو پر چراگاهه ساڳيا رهيا ۽ مال بک وگهي مرڻ لڳو هو. اسان اهو به ڏٺو آهي ته گهڻا قبيلا مال چارڻ جو قديم طريقو ڇڏي نون طريقن ڏانهن ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو آهي. ان

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

ڪان سواءِ هڪ سؤ ڪان وڌيڪ قبيلن ۾ جمهوريت اچي چڪي آهي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ اهي قبيلا جمهوريت جي رڱ سان هلي رهيا آهن، اهي جمهوريتون جڙ تہ سياسي سماجي ۽ صعنتي تبديلي آهن. اسان جي نظر مان هي حقيقتون بہ گذريون آهن تہ سنڌي سماج ۾ گهٽو نظم ۽ ضبط اچي ويو آهي ۽ انهن ڪي جنگ لاءِ فوجي طور ڀرتي ڪري سگهجي ٿو. هنن جا 25000 نوجوان فوج ۾ ڀرتي ٿي چڪا آهن. اهو رضاڪارانہ فوجي ڀرتيءَ جو اهم مثال آهي ۽ ملڪ جي ٻين ماڻهن ايتري رضاڪارانہ فوجي خدمت سرانجام ڪانہ ڪئي آهي. ان ڪان سواءِ اسان هي ڳالهہ بہ ڏٺي آهي تہ سنڌين ۾ موت جي شرح سراسر اڌ گهٽجي وئي آهي، اهو انهيءَ ڪري ٿيو آهي جو هنن لاءِ دوائن ۽ ڊاڪٽرن جي دستيابي آسان بڻائي وئي آهي ۽ وسيع علائقن ۾ پکيڙي وئي آهي. انهيءَ ڪري توقعات ۾ تبديلي اچي وئي هئي. اڳتي موت جو ڀؤ هوندو هو پر هاڻي حياتي لاءِ توقع پيدا ٿي رهي آهي اهڙي ريت مخصوص قسم جي جڳهن تي دنيا جون وڏنڊڙ هوائون گهلي رهيون آهن، هن ڪان سواءِ جمهوريت بہ هنن لاءِ خوشيون آنديون آهن. سندن دلين ۾ هڪ امنگ ۽ اتساهہ ڀرجي ويو آهي، اهوئي ڪارڻ آهي جو سندن موت جي شرح 55 سيڪڙو گهٽجي وئي آهي ۽ اها خوشنما تبديلي ڏهن سالن دوران آئي آهي.

سنڌين جي معاملن ڪي انهيءَ ڪري اهم نہ سمجهڻ گهرجي تہ انهن حيرت انگيز ترقي ڪئي آهي، پر ڪين هن نقطہ نظر سان بہ ڏسڻ گهرجي تہ سندن اها ترقي ڪائنات جي معنيٰ ڪي سمجهڻ لاءِ اخلاقي ليبارٽري آهي. نيو ميڪسيڪو جو ائڪوما (A Coma) پيبلو جو قصو آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ هڪ شهر جو قصو آهي جيڪو ڊهي پٽ ٿي ويو ۽ پٿر جي دؤر وارن جڳهن جي جاءِ تي جديد شهر بڻجي ويو آهي. اهو قصو موجوده دور لاءِ هڪ سبق آهي جيڪو اسان ڪي ياد رکڻ گهرجي.

ٻاويهہ سال اڳ ”انڊين بيورو“ پيبلو مذهب جي اتحادن خلاف ڪانبو ٻڌي ڪڍ لڳي پئي هئي. انهيءَ زماني ۾ اهو سرڪار لاءِ هڪ اهم مسئلو هو جنهن جي خواهش هتي پيبلو جا ڇوڪرا انهن ادارن ڏانهن نہ وڃن جتي ڪين قدرتي رازن ۽ اسرارن جي تعليم ڏني ويندي هئي ۽ اهڙي تعليم پرائي وڏي جوان ٿيندا هئا، ان وقت ائڪوما سوچي رهي هئي تہ اهڙي مسئلي ڪي ڪهڙي طريقي سان منهن ڏجي اهو سوچي اسان ٿي ڇڻا ڪيليفورنيا ڪان ائڪوما ڏانهن روانا

ٿياسون. اسان هڪ پراڻي فورڊ (Ford) گاڏي پاڙي ڪئي ۽ هڪ بيابان مان ڊوڪيندا گورنر سان ملاڻ لاءِ مڪارٿيس (Mc Carthys) شهر ڏانهن وڃڻ لڳاسين.

رستي ۾ اسان کي ائڪوما جو هڪ ڇوڪرو مليو جنهن کي اسان ٻڌايو ته گورنر سان ملڻ وڃي رهيا آهيون. ڇوڪرو اسان جي اها ڳالهه ٻڌي گورنر کي اهڙي اطلاع ڏيڻ لاءِ وٺي ڊوڙ پاتي. اتي پهچي ڪيس معلوم ٿيو ته گورنر پيادل ائڪوميتا (Acamita) ڏانهن وڃي رهيو آهي جيڪو اتان پندرهن ميل اوپر طرف واقع هو. اتي پهچي ڇوڪري ڪيس غلط ٻڌايو ته اسان ساڻس پراڻي ائڪوما ۾ ملڻ چاهيو ٿا جيڪو جبل جي چوٽيءَ تي اڏيل هڪ شهر آهي. هتي اهڙا ٽي شهر آهن جن جو هڪ ٽڪندو آهي ۽ اهي ٽئي شهر هڪ ٻئي کان پندرهن ميل پري آهن.

اسان سج لهڻ کان ٿورو اڳ مڪارٿيس پهتاسون ته پتو پيو ته گورنر ائڪوميتا ۾ موجود آهي، اسان ائڪوميتا پهتاسون ته خبر پئي ته گورنر جنرل پراڻي ائڪوما پهچي چڪو آهي. هو اسان جي آجيان ڪرڻ لاءِ اتي پهتو هو. چاڪاڻ ته ڇوڪري ڪيس غلط اطلاع ڏنو هو. هو ائڪوما ۾ ٿورو وقت ترسيو. هيءُ ڪارليزل (Carlisle) جو گريجوئيٽ هو. سندس عمر سٽر سال هئي.

رات ٿي چڪي هئي پر چانڊوڪي هئي. پراڻي ائڪوما جو شهر جبل جي چوٽيءَ تي هو ۽ اسان انهيءَ شهر ڏانهن وڌڻ لڳاسون جيڪو خوابن جو شهر هو. اسان هڪ اوچي پٽ تي چڙهي اڳتي وڌڻ لڳاسون جنهن جي چوٽي ان جبل جي ڏکين ڏاڪن کي ڇهي رهي هئي، جنهن تي پراڻي ائڪوما جو شهر آباد هو. وچ رستي تي هئاسون جو پتو پيو گورنر اصلي هاڻي مڪارٿي ڏانهن نڪري ويو آهي. چاڪاڻ ڪيس غلط اطلاع جو پتو پئجي ويو هو. ان ڪري اسان اتان ئي موٽي مڪارٿي جو رخ ڪيو. پر پنهنجو رستو وڃائي ويهي رهيا هئاسون. چاڪاڻ ته پراڻي جنهن فورڊ جون اڳيون بتيون روشني ڏيڻ کان بيهي ويون هيون. رات جا چارئي پهر هيڏي هوڏي ڊومائون کائي باک ڦٽيءَ مهل ويل اچي هڪ جابلو رستي تي پهتاسون. ان وقت چاونڊڪي به جهيٽي پئجي وئي هئي. پر ڏکي مُڪي نيٺ وڃي مڪارٿيس پڳاسون. ٿڪ ۾ لڳ لڳ چور هو. اوجاڳي ڪري اکيون ڳاڙهيون ۽ ڳوريون ٿي ويون هيون. گورنر هائوس پهتاسون ته ڏٺوسون ته اتي گورنر اسان جي اوسيئڙي ۾ ويٺو هو. هن جي پرسان سندس


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

سيڪريٽري بہ وينل هوءِ ڪافي ءِ ماني اسان جي انتظار ۾ هئي. گورنر ائڪوما ڪان ائڪوميتا ۽ اتان مڪارٿيس پهتو ءِ ڏينهن ۾ پورا پنجيتاليهہ ميل پنڌ ڪيو هئائين. ڪيس آرام جي ضرورت هئي، پر هو شام تائين اسان سان ويٺو رهيو. ان ڪان پوءِ چيائين تہ هڪ واهہ جي ڪاٺي تي چڪي آهي سو آءٌ اوڏانهن وڃي رهيو آهيان ۽ اوهان اندر وڃي آرام ڪريو.

جڏهن آءٌ پوئين دور سان لاڳاپيل ڳالهين کي ياد ڪندو آهيان تہ ائڪوما جي سارو سين سان هي واقعو بہ ياد اچي ويندو آهي جيڪو هڪ راز ۽ اسرار آهي جنهن سان تعلق رکندڙ ائڪوما جون نزاڪتون ۽ نفاستون بہ هونديون آهن. ائڪوما قدامت سان گڏ جدت بہ موجود آهي. اهي ائڪوما ۾ رهندڙ ماڻهن جي ارادن ۾ موجود آهن. جن لاءِ مستقبل کي بچائي رکڻو پوندو. اها بہ حقيقت آهي تہ ائڪوما سون برنس (Swin Burners) جو هڪ تصوراتي ماڳ آهي، جيڪو مستقبل جي چانديءَ جهڙي سفيد هوا ۾ هيٺان ڦري گهري رهيو آهي. اسان جي روايتي پيَو پولا، اسان جا مڪانوي ۽ خودرو تصور ائڪوما سان لاڳو ٿي ڪونہ ٿا سگهن جنهن اندر گهمڻ ڦرڻ، رسمي ڳالهيون سرانجام ڪرڻ ۽ رات جو جاڳي ڏرمي ناچ ڪرڻ ۾ هڪ گهرو خلوص موجود آهي. معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ حياتيءَ جو وجدان ۽ پنهنجي ڌرتي ان جا محتاج آهن. ائڪوما هڪ اتاهين جبل تي موجود آهي جنهنجا بنياد مضبوط ۽ تحفظ يقين جوڳو آهي. تنهن ڪري هي شهر هر ڳٽيءَ ڳاراٽي ڪان آجو آهي. آلوبخارا (Plum) ۽ شفتالو (Peach) ٻور جهليون بيٺا آهن اتان جو ستر سالن جو جهونڙو گورنر رات ۽ ڏينهن هل هلان ۾ آهي ۽ واهن جي ڪاٺيءَ جي نظرداري بہ پاڻ ڪري ٿو ۽ ان چوڪري کي بہ چڙٻيون ڪونہ ٿو ڏئي جنهن ڪيس غلط اطلاع ڏئي ميلن جا ميل ڏگهو پنڌ ڪرايو هو سو اهو ۽ اهڙو آهي ائڪوما. پر سماجي طور تي ڪابہ علامتي شخصيت موجود ڪانہ آهي. هن ماڳ تي اسڪولن جو هڪ ويڙهو موجود آهي جيڪو شهري رياست (City State) جو صدر مقام بہ آهي جنهن جو جياپو جمهوريت آهي اها شي ٻين وجود ڪان وڌيڪ اهم آهي اهو چڻ قديم دور جي امنگ ۽ اتساهہ کي هڪ جڳهہ تي گڏ ڪرڻ آهي جنهن جي تربيت ۽ تحرڪ کي ادارن جي شڪل ۾ مضبوط بڻائڻو آهي ۽ ان لاءِ ڪم ڪرڻ سان ماڻهوءَ کي روحاني خوشي ٿيندي آهي، ان ڪان سواءِ ٻين ضرورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ سماجي چرپر جو هڪ دائرو موجود هوندو آهي جنهن اندر ٻي

ڏيپيون ۽ بهادر شخصيتون پنهنجو ڪردار ادا ڪنديون آهن.

1933ع ۾ ائڪوما ۾ اٽڪل هڪ هزار ڪن ماڻهو آباد هئا ۽ آدمشماري ڏينهون ڏينهن وڌي رهي هئي. پر ان جي پيٽ ۾ آبپاشي نظام وڌائڻ ممڪن ڪونه هو. تنهن ڪري پوکي راهي واري ايراضيءَ ۾ اضافي جو ڪوبه امڪان موجود ڪونه هو. ان ڪري روڪ رقم حاصل ڪرڻ وارو وسيلو ۽ پيٽ گذر ڪرڻ وارو سولو طريقو رڍون ۽ ٻيو چوپايو مال ڌارڻ هو. سرڪار به ائڪوما جي ماڻهن کي مال ڌارڻ لاءِ همٿائي رهي هئي، ٻئي پاسي کان ائڪوما جي اوسي پاسي واريون زمينون پائجي ۽ ڪاجي رهيون هيون ۽ معلوم ٿي رهيو هو ته جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ زمين ڪاجي رهي هئي. تنهن ڪري اها زمين رڍن جي 8500 ڍڳن (يونٽن) جي گاهه چاري لاءِ مس ڪافي هيون. جڏهن ته ان ايراضيءَ ۾ رڍن جا 33000 ڌڻ (يونٽ) هئا.

اولهه طرف به چراگاهه گهٽ ۽ چوپائي جو تعداد تمام گهڻو آهي. ائڪوما ۾ ته خاص ڪري اجا به چوپايو مال گهڻو ۽ چراگاهه تمام گهٽ آهن ان ڪري هن ماڳ تي چوپائي مال جو گهٽجڻ ته هڪ عام ڳالهه آهي، ان جو ڪارڻ رڳو لالچ ۽ ڪوتاهه نظري ڪري نه پر ماحوليات ۽ سماجي جاڻ نه هئڻ به آهي، ان کان سواءِ اقتصادي ۽ سماجي دٻاءُ به هوندو آهي جن جو اثر گهڻو پوءِ ظاهر ٿيندو آهي. نيو ميڪسيڪو پرسان اسپيني ڳوٺ آباد آهن جن جي اوسي پاسي چراگاهه آهن جن جو استعمال هي ماڻهو ڏاڍي بي رحميءَ سان ڪندا آهن انهن چراگاهن جو غلط استعمال ٿيڻُ به آهي، ڇاڪاڻ ته جن ڳوناڻن کي پنهنجي پيٽ گذر لاءِ به چار ڪن رڍن ۽ ٻڪرين جي پالنا هئي تن کي تجارتي مالوندن ڌڪي ٻاهر ڪيڍي ڇڏيو آهي جڏهن ته اهڙا ڌنار ٻن ٽن نسلن کان وٺي انهيءَ جوءِ کي آباد ڪندا هئا. نواجو قبيلي وارن جا به وسيع ڪيل ميدان وڏا چراگاهه ۽ رک وارا ٻيلا ۽ جهنگل آهن. پر اهي به ڪن حالتن ڪري تباهه پيا ٿين. سرڪار کين منع ڪئي آهي ته هو سال ۾ هڪ فصل کان وڌيڪ آبادي نه ڪن ۽ رڍون ٻڪريون به ڌارن، سندن آدمشماري به وڌندي رهي ٿي. پر ڪانگريس کين منع ڪري ڇڏي آهي ته اهي ضرورت مطابق وڌيڪ زمين آباد نه ڪن ۽ ڪانگريس ته کين هاڻي به وڌيڪ زمين آباد ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏي آهي. آرگنائيزيشن ائڪٽ تحت سنڌين کي منع ڪئي وئي آهي ته هو وڌيڪ زمينون آباد نه ڪن ۽ اهي آباديءَ کان بچيون رهن. پر مناسب اهو لڳي ٿو آباد نه

ڪرڻ لاءِ زور نہ رکيو ويجي، پر جيڪڏهن ايئن ڪرڻ سان سندن ضرورتون پوريون ٿين ٿيون تہ پوءِ بہ ڳالھ آهي.

1933ع ۾ سيني رک وارن چراگاهن ۾ ٻيلن کي هڪ ڳالھ جي نقطہ نظر کان وڌيڪ مضبوط بنايو ويو هو ۽ ان جي انتظام کي انساني ۽ فطري نقطہ نظر کان وڌيڪ سخت رکيو ويو هو. اهو زمين جي رک ڪرڻ وارو ڪم گهڻ پاسائون هو ۽ اهڙو منصوبو گهڻي وقت تائين هلڻو هو. پر هن لاءِ هڪ خاص ڳالھ اها بہ هئي تہ رک ڪرڻ سان زمين کي ويساهي ملي ويندي هئي. ٻج نئين سر ڇٽيو ويندو هو. ساري ايراضيءَ ۾ هر ڪاهيو ويندو هو. بعد ۾ آبپاشي وسيلي گاھ جي نئين سر ڄمڻ ۽ پلي ٿيڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويندين هيون. ان کان سواءِ ڪاهين ۾ گهارن جي صفائي ڪئي ويندي هئي.

انهيءَ طريقي وسيلي هڪ نئين مهم جوئي جهڙو ڪم شروع ٿي ويندو هو ۽ ساڳئي وقت جانورن جي تعداد ۾ بہ اضافو ٿي ويندو هو. اهڙن مالوندن ماڻهو پنهنجي مال کي چارڻ ۽ چاري ڏيڻ جو طريقو ئي تبديل ڪري ڇڏيو هو جن جي پيٽ گذر جو واحد وسيلو چوپايو مال هو. ساڳيءَ ريت انهن جي پيداوار کي وڪڻڻ لاءِ نئين قسم جي مارڪيٽنگ شروع ڪئي هئي ۽ وڌيڪ مهم جوئي منافعي حاصل ڪرڻ لاءِ ڊگهي وقت ۽ ٿوري عرصي واري منصوبہ بندي ڪئي هئي. پر گهڻو ڪري ڊگهي وقت واري منصوبہ بندي ڪئي ويندي هئي. اهڙين ڳالهين ڪري سماجي ۽ فطري نمايان اثر ظاهر ٿيڻ شروع ٿيا هئا. مالوند سماج ۾ جڏهن ٻاڳئي جا ڍور يا رڍيا ٻاڪرا موت جو شڪار ٿي ويندا آهن تہ ان جي سماجي حيثيت تي وڏو اثر پوندو آهي. اقتصادي طور سنئين چوٽي وڃي ڪرندو آهي ۽ ان جا اڳتي وڌڻ جا سندر سپنا ڊانوانڊول ٿي ويندا آهن. ائڪوما ۾ بہ اهڙيون ڳالهيون ظاهر ٿيون هيون. ڇاڪاڻ تہ گاھ چاري اڻ پوري هجڻ ڪري بي انتها مال مري چڪو هو.

دي سائل ڪنزر ويشن سرورس (The Soil Conservation Service) کي ائڪوما جي صحيح حالتن جي پوري ڄاڻ آهي. پر اهڙين ڳالهين جي جواب ڏيڻ جي ذميواري يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سپرينٽيڊنٽ تي آهي جيڪا عورت آهي، هن 1936ع ۾ ائڪوما جي سرڪاري عملدارن کي دعوت ڏئي پاڻ وٽ گهرايو هو. ان ڪانفرنس ۾ ائڪوما جا سڀ ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. ان گڏجاڻي ۾ هوءَ پنهنجي عملي سان گڏ شريڪ ٿي هئي ۽ ان سان گڏ سئائل ڪنرز ويشن

سان لاڳاپيل عملدار به اچي ياڳي پائيوار ٿيا هئا. ان گڏجاڻي ۾ هن راءِ جو اظهار ڪيو ويو هو ته جيڪڏهن زمين جي حفاظت ڪرڻي آهي ته هتي رچن جي 33000 ڏٽن بدران 8500 ڏڻ رکيا وڃن. پر اهو حڪم سرڪار طرفان ڪونه هو نه وري اهڙي منظوري ڪنهن ماڻهوءَ ڏني هئي. ائڪوما فقط اهڙيون ئي حقيقتون مهيا ڪندو آهي.

انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ هن ماڳ ڪي هر قسم جي مدد ڪئي ويندي. اهڙي قسم جون گڏجاڻيون ڪڏهن هفتوءِ ڪڏهن ڪجهه ڏينهن تائين ڪڏهن وري مهيني تائين به هلنديون هيون جيڪي آهستي آهستي هلي وڏيڪ گهرن معاملن تي به ڪوٺايون وينديون هيون. انهيءَ دوران ڪيترن نڪتن تي بحث به ٿيندا رهندا هئا. پر ساري بحث جو مرڪز اهو هوندو هو ته ائڪوما جي اوسي پاسي وارن ميداني زمينن ڪي وڌيڪ زرخيز ڪهڙي طريقي سان بڻائي سگهجي ٿو انهن موضوعن تي بحث ڪندي ائڪوما جي ماضي وارين زمينن ڪي نظر ۾ رکيو ويندوءِ مستقبل تي غور ڪيوءِ ويچاريو ويندو هو ته ائڪوما جي زمينن ڪي ايندڙ وقت لاءِ ڪهڙي طريقي سان بچائي سگهجي ٿو. اهڙي مستقبل جي هر للڪار ڪي منهن ڏيڻ لاءِ سوچيو ويچاريو ويندو هو. مذڪوره حقيقتن ڪي آڏو رکي ائڪوما جي چوپائي مال ۾ گهٽي گهٽتائي آندي وئي هئي جيڪا هڪ وڏي قرباني هئي. اهو سارو منصوبو زمين جي زرخيزي ڪي بچائڻ جو منصوبو هو. اهڙين ڪوشش ڪان پوءِ ائڪوما وارن ڏٺو ته اوسي پاسي وارين زمينن ۾ زرخيزي اچي وئي هئي. هنن ماڻهن اهو به ڏٺو ته سندن رڍون، ٻڪريون ٿلهيون متاريون ٿي ويون هيون جن ۾ گهٽي واڌ به ايندي رهي هئي. انهن رڍن ٻڪرين جو وڪرو به گڏيل ملڪيت وانگي ٿيندو هو جنهن وسيلي گهڻو فائدو ٿيڻ لڳو هو. ائڪوما جي اوسي پاسي وارا اهڙا محفوظ علائقا هزارن جي تعداد ۾ هئا جيڪي ائڪوما وارن جي سوڀ هئي. معلوم هئڻ گهرجي ته اها چڻ اسان جي آمريڪي دنيا جي جمهوريت جي سوڀ هئي. ائڪوما جي پرسان لئگوما (Laguma) نالي هڪ پيلو هو جيڪو نواجو جي حدن ۾ موجود هو جنهن ائڪوما ڪي ڏسي زمين جي رک ڪرڻ شروع ڪئي. هن ماڳ ڪي ڪنهن به گوري ماڻهوءَ مدد ڪانه ڪئي هئي، هن ماڳ جي ماڻهن بي ائڪوما جي ماڻهن وارا اصول ڪم آندا ۽ زمين جي رک ڪري پنهنجي پيداوار وڌائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئا. ڪن ٻين علائقن ۾ ريوگرانڊي درياهه جي


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پاڻيءَ جي ڦوهارن وسيلي چراگاهن جون زمينون بچايون ويون هيون. هن پاسي سڀ ڳوٺ ۽ شهر گورن جا هئا. انهن علائقن ۾ جڏهن ساڳئي مقصد لاءِ زمين کي محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ماڻهو مزاحمت لاءِ ٻاهر نڪري آيا معلوم ائين ٿي رهيو هو ته اها جوءِ ماڻهو جي حياتيءَ جي عرصي کان پوءِ تباهه ٿي ويندي. پر جيڪڏهن ان زمين جي مڪمل تباهه ٿيڻ کان اڳ ان کي بچائڻ لاءِ قدم کنيا وا ته ان کي ناس ٿيڻ کان بچائي سگهجي ٿو. ان لاءِ پهريون قدم اهو کنيو وڃي ته پاڻي جي ڦوهاري کي بند ڪيو وڃي جيڪو اجا تائين بند ٿي ڪونه سگهيو آهي ان کي ڪير به بند ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه آهي. توڙي جو هنن ماڻهن کي سڀ ٽيڪنيڪل ۽ انتظامي رستا معلوم آهن.

مان ائڪوما جي چوڌاري هڪ خالي ۽ وسيع علائقو ڏٺو آهي، اهو به ڏٺو ويو آهي ته تفصيلي ۽ عملي سمجهاڻي مختصر ۽ غيرعملي سمجهاڻيءَ کان وڌيڪ سٺي هوندي آهي. پر حقيقت اها آهي ته اسان اهڙيون ڳالهيون پوئين دور جي تجربن مان حاصل ڪيون اهن. ليڪن مان چاهيان ٿو ته ماڻهن کي ائڪوما کان به وڌيڪ سهوليتون ملڻ گهرجن. مان انهن سنڌين جي به اهڙي مدد ڪرڻ چاهيان ٿو جهڙي مان ائڪوما وارن جي انهيءَ وقت ڪئي آهي. زمين جي رک کي هڪ جمهوريت اصول جيان ڇهڻي پوڻ گهرجي.

جيڪڏهن ڪير ايئن ڪرڻ کان انڪار ڪندو ته زبردستي اختيار ڪانه ڪئي ويندي. پر ان لاءِ اسان صبر ۽ عقلمنديءَ سان انتظار ڪري رهيا آهيون ته جيستائين پبلو جا ماڻهو پاڻ ان ڪم ۾ شريڪ نه ٿيندا ته اهڙي ڪم مان ڪا هڙ حاصل ڪانه ٿيندي. ائڪوما وارن ڪنهن به قسم جو ڪروڌ ڪاوڙ ۽ ڪِرڪِر ڪانه ڪئي هئي پر ان بدران هتي ڪارگرن ۽ ڏاهن ماڻهن اعتماد مهيا ڪيو هو ۽ اتساهه ۽ امنگ اڀاريو هو. پر جيڪڏهن اسان اهو پڪوپهه ڪنداسون ته اجائي استعمال کان زمين کي بچائڻو آهي ته يقين ڪريو ته ايئن اوَس به ڪري سگهنداسون. سرڪار سماجي علم ۽ جمهوري اصول کي ڪتب آڻيندي ڪروڙن ڊالرن، جي خرچ کان بچي وئي آهي، چاڪاڻ ته ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ سکي ورتي آهي، پر هتي اهم ڳالهه اها ٿي آهي جو قديم خيالن ۽ خريد تصورن ۾ ڪنهن به قسم جو ٽڪراءُ موجود ڪونه آهي. معلوم ايئن ٿي رهيو آهي ته نواڻ بذات خود قدامت جي وجود مان ڦٽي باهر نڪتي آهي. انهيءَ ڪري نيون اميدون ۽ نئين زندگي اڀري آئي آهي. ان کان

سواءِ تنظيمن جي تسلسل ۾ فرق جي وار جيتري وٿي موجود ڪانه آهي نه وري قدامت ۽ سائنس ۾ ڪو ڦيٽاڙو ڏسجي ٿو ۽ نه وري دنيا واري نقطه نظر (World Veiw) ۾ به ڪنهن قسم جو فرق آيو آهي تنهن ڪري ائڪوما ڪي اهڙين ڳالهين جي ٽڪراءَ کان جڙ بچائي ورتو آهي.

ائڪوما جي هڪ ٻي شيءِ به منفرد آهي ته هن انهيءَ ڳالهه کي به رد ڪري ڇڏيو آهي ته سنڌي ساري دنيا کان ڪٽيل ۽ محدود آهن ۽ انهن جي مختلف سماجن جو هر هڪ ماڻهو ڏيڍ چانور جي ديگڙي الڳ چاڙهيون وينو آهي، جيڪڏهن هنن ماڻهن جي مختلف سماجن اندر ڦيٽاڙي جون اهڙيون ندوريون ڳالهيون موجود آهن به ته اهي فقط انهن تائين محدود آهن جن مان ٻين ماڻهن لاءِ ڪو ڏچو ڪونه آهي، اهڙيون پڏين ڳالهين جو ڪارڻ ان سماج ۾ بااختيار غلط ماڻهن جي موجودگي ڪري آهي، جيڪڏهن سوچجي ٿو ته ائڪوما جي ماڻهن جون نظرون موجوده دنيا کان گذري مستقبل واري دنيا ۾ پهچي چڪيون آهن. مان زمين جي (Conservation Science) ڏانهن گهڻو زور ڏنو آهي جيڪا گهڻ پاسائين آهي. ۽ اها ماحوليات جي نقطه نظر کان ٻئي سماجي سائنس هٿان حاوي آهي ۽ تقاضا ڪري ٿي ته انسان جو فڪر ۽ اٽل ارادو هر ڪل کان متاهون آهي. يعني هڪ وسيع ڪل کان ۽ اهڙو فڪر ۽ اٽل ارادو گهڻي وقت تائين مسلسل رهڻو آهي مون کي يقين آهي ته ائڪوما جي سنڌين جي شخصيت ۽ انهن جا اٽل ارادا هوپس (Hopes) جي سنڌي ماڻهن جهڙا آهن جيڪي ائڪوما کان 250 ميل اتر ـ اولهه پاسي رهندا آهن. هن قسم جي شخصي بناوٽ ۽ سنڌن اٽل ارادا دور جي نقطه نظر کان ڏاڍا واضح آهن. جيڪڏهن هن وسيع حقيقت فقط هڪ لفظ چئجي ته اهو آهي (Hotistic) يعني اها اهليت جيڪا هر وسيع ڪل کي ڪتب آڻي سگهي ۽ هر وسيع ڪل (Complex Whole) کي مڪمل ۽ مثبت تحرڪ ۾ رکي سگهي. ماڻهو اهڙو اڳوات اندازو فقط تڏهن ڪري سگهندو جڏهن ڪيس پيبلو جي شهري رياست جي قديم روايتن جي ڄاڻ هوندي. اهڙي هلچل لڳاتار هوندي آهي جنهن ۾ ڪٿي وچ تي ڪا وٿي ڪانه هوندي آهي جيڪا هڪ برپٽ بيابان ۾ ۽ رشتن وچ ۾ موجود هوندي آهي ۽ جنهن تي هر طرف کان دشمن جو دٻاءُ هوندو آهي. پر جيڪڏهن بنا سوچڻ جي فيصلا ڪبا ته موت به واقع ٿي سگهي ٿو. اهڙي هلچل کي ٽڪجي ڇڏي ڏيڻو آهي. اها ڳالهه سنڌن اول ۽ آخر واري اعتماد سان لاڳاپيل آهي جنهن جو تعلق اٽل ارادي ۽ شعور سان آهي

جيڪو هڪ فرد يا هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي من ۾ هوندو آهي جيڪو مسلسل ڳولا ۾ رهندو آهي جنهن کي اها ڄاڻ هوندي آهي ته ساري ڪائنات سندس سوچ فڪر ۽ اٽل ارادي سان قائم آهي جن کي فقط امن آتشي ۽ اهنسا سان حاصل ڪري سگهجي ٿو. اهڙي قسم جي شهري رياستن اندر ڪليت کي مڃڻ واري (Holistic) نظريي ۽ فنڪارانه رويي ڏانهن لڙيل هوندو آهي. اهو فڪر اصلي اندروني سچائي هوندي آهي جيڪو جيئڻ جو ڏپ ۽ طاقت جو سرچشمو هوندو آهي. اهو ئي فڪري لاڙو هوندو آهي جيڪو ڌاڙيءَ سولائيءَ سان (Soil Conservation) جي منصوبي واري وسيع ڪل مثان حاوي رهندو آهي.

اسان هوپس جي سنڌي نسل بابت جيڪا دريافت ڪئي آهي، ٿي سگهي ٿو ته اها پيلو جي سيني قبيلن جي اصولن مطابق نه به هجي پر انهيءَ دريافت وسيلي اسان پين قبيلن بابت موجود نقطه نظر ۾ ترميم ڪري سگهون ٿا. اسان ڏسون ٿا ته اهي دور جي گهرجن پويان پيل ڪونه آهن. پر زماني جي ٻوڙ ۾ گهڻو اڳتي آهن، اهي نه رڳو پنهنجي فردن کي تهذيبي سطح ڏانهن ڇڪي رهيا آهن جنهن بابت ملڪ کي فقط اڄ جي خبر آهي پر اهي پنهنجي فردن کي ان تهذيبي سطح ڏانهن به ڇڪي رهيا آهن جيڪا آمريڪا جي موجوده معيار کان تمام گهڻو اڳتي آهي، جيڪڏهن هن قبيلن بابت اسان جو نقطه نظر تبديل ٿي وڃي ٿو يا جيڪڏهن اسان هنن قبيلن کي هن ئي نقطه نظر مطابق ڏسون ٿا ته پوءِ اسان جي انتظاميه، تعليمي نظام، سسٽم ۽ ضرورت مطابق شخصي لياقتن لاءِ هڪ وڏي للڪار هوندي، پر يقين سان اهو به چئي سگهجي ٿو ته انهيءَ للڪار کي منهن ڏيڻ لاءِ به مستقبل جي ”سنڌي سروس“ هوندي. جيڪڏهن مذڪوره صورتحال کي اٽل ارادي ۽ امنگ اتساهه سان منهن نه ڏنو ويو ته ايئن ٿيڻ اٽتر آهي.

معلوم ٿيندو نواجو سنڌي قبيلي جو معاملو بلڪل منفرد آهي جيڪي سيني سنڌي قبيلن ۾ وڌيڪ پرڪشش مزاج جا مالڪ آهن. ڪٽ ڪارسن (Kit Carson) نالي ماڻهو ڪئنيون ڊي چيلي (Canyon De Chelley) واري علائقي مان باغن جا ٽي هزار ڦرتو وڻ وڍائي ڇڏيا ۽ نواجو سنڌي قبيلي کي نيوميڪسيڪو جي اوپر پاسي ڏانهن جلاوطن ڪري ڇڏيو. هي 1863ع جو زمانو هو. ان وقت هن قبيلي جي آدمشماري 12000 ڏانهن جلاوطن هن مقصد سان ڪيو ويو هو ته جيئن سندن گهٽجي وڃي. پر اڄ سندن آدمشماري 55000

آهي. انهن جي آدمشماري ڏچن ۽ ڏکن ڏاکڙن ۾ ٻه فيصدي سال جي شرح سان وڌي آهي، جنهن آمريڪي گورن جو وايون بتال ڪري ڇڏيون آهن. هنن ماڻهن وٽ سورهن ملين ايڪڙ زمين موجود آهي جيڪا بيابان ۽ نيم بيابان آهن. اسان جي آمريڪي دنيا ۾ هن علائقي جهڙو ٻيو خوبصورت علائقو ڪونه آهي. زمين جي مٿاڇري تي هڪ پاسي گجگاهه ٻيلا آهن ته زمين هيٺ وري تيل جا اڪٿ ذخيرا آهن ته ٻئي پاسي ڪان سٺ بلين ٽن ڪوئلو موجود آهي.

هيءُ علائقو قيمتي ڪاٺ ۽ معدنيات ڪري نهايت اهم آهي. پر 5000 گورن جي پيٽ پالڻ لائق ٻه ڪونه آهي، سرڪار ڪيترن ئي سالن ڪان وٺي نواجو قبيلي کي رڍن پالڻ ڏانهن راغب ٿيڻ لاءِ مجبور ڪري رهي آهي. ان جي خواهش آهي ته نواجو وارن وٽ گهٽي ڪان گهٽيون رڍون هجڻ گهرجن. مٿن پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي ته اهي رڍون نه وڪڻن پر رڍن جي بيشمار تي وڃڻ ڪري چراگاهه پيينگ ٿي ويا. ان ڪري بک وگهي سندن مال مرڻ شروع ڪري ڏنو پر وٽن تيل ٻه موجود آهي. انهيءَ ڪري هو ڪيتري ٻه اضافي زمين خريد ڪري سگهن ٿا ۽ هڪ زمين ٽڪري جي خريد لاءِ وڏ ۾ وڏ رقم ٻه ڏئي سگهن ٿا، پر سندن روڪ رقم وفاقي حڪومت وٽ پيل آهي ۽ ڪانگريس جي بجيٽ بيورو وٽ رکيل آهي. اهڙا ادارا اهو ڏسي سهي ڪونه ٿا سگهن ته ناجوا وڏيڪ محصول ادا ڪري زمين خريد ڪري سگهن. تنهن ڪري ڪانگريس ۽ بجيٽ بيورو ڪين پنهنجا پئسا ٻه ادا ڪرڻ لاءِ تيار ڪانه آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو نواجو ڪوبه زمين ٽڪرو خريد ڪري ڪونه ٿا سگهن. آبادي لائق هڪ وسيع ميدان پيو آهي، جيڪڏهن هتي آبپاشي جو نظام متعارف ڪرايو ويو ته هي زمين آباد ٿي سگهي ٿي، پر هن ڪم کي اڳتي ڪرڻ لاءِ سڀ اختيار ڪانگريس وٽ آهن. سنڌين جي معاملي ۾ ڪجهه دلچسپي 1933ع ۾ ورتي وئي هئي، ان زماني ۾ نواجو علائقي ڏانهن هڪ ڪميشن رواني ڪئي وئي هئي. اهڙيءَ ريت نواجو قبيلي جي ڪائونسل جي گڏجاڻي ان سال جي جولاءِ مهيني ۾ منعقد ٿي هئي ۽ ڪميشن نواجو جي قبائلي ڪائونسل کي تيار ڪيل پنهنجي رپورٽ سڌيءَ ريت پيش ڪئي هئي. اها رپورٽ ائڪوما پبلو کي پيش ڪيل 1936ع واري رپورٽ ڪان گهٽي مختلف ڪانه هئي. قبائلي ڪائونسل ڪميشن جي رپورٽ ٻڌي جڻ وائڙي ٿي وئي هئي ۽ ماٺ ڪري ڳوٺ موٽي آئي هئي. ٿوري وقت جي صلاح مشوري ڪان پوءِ موٽي اچي

ڪميشن کي ٻڌايو هو تہ حقيقتون، حقيقتون ٿينديون آهن، ڪائونسل هن ڳالهہ تي زور ڏنو هو تہ چراگاهن کي پيپنگ ٽيڙ کان بچايو وڃي. ايئن ٿيڻ رڍون بڪ وگهي موت جو شڪار ٿي رهيون آهن. ان ڪري ڪين رڍن جي ايتري مناسب تعداد رکڻ جي اجازت ملڻ گهرجي جنهن وسيلي چراگاهہ محفوظ رهن ۽ پسون بہ مرڻ کان بچي وڃن. اهڙيءَ ريت ڏگاهي جي مصيبت کان بچڻ لاءِ رڍن جو تعداد گهٽائڻ لازمي آهي.

اهڙيون ڳنڀير حالتون ٻارهن سال اڳ هيون جيڪي سرڪار نواجو قبيلي جي تباهي لاءِ پاڻ پيدا ڪيون هيون. اڄ نواجو جي رڪ وارين زمينن تي روح رڙي رهيو آهي انهن جي ڏاڍ خلاف هلچل هڪ سال تائين بہ هلي ڪانہ ٿي سگهي جهد ۾ جاڪوڙ وارن ماڻهن جي ڪا ڊگهي قطار موجود ڪانہ آهي. سنڌين جي منجهيل مامرن کي نبيرڻ لاءِ سرڪار (Indian Service) نالي هڪ شعبو قائم ڪيو هو. پر سندس اصلي ڪم سنڌين ۾ سنڌين جي هر چيز ڦٽائي ناس ڪرڻ آهي. هاڻي سرڪار کي ان شعبي کي هلائڻ جي ضرورت ڪانہ هئي، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ شعبي جي ايماندارانہ ڪوشش سان سنڌي اجڙي ناس ٿي چڪا هئا. هاڻي جيڪڏهن اهو سرڪاري شعبو سندن ڪجهہ بگاڙڻ چاهي بہ تہ آخر ڇا بگاڙيندو. نواجو قبيلو پنهنجن زمين تي هنڌين ماڳين پکڙيو پيو آهي جنهن جي ايراضي نيوميڪسيڪو جي ايراضيءَ جو ڇهون حصو ٿيندي. هي قبيلو هاڻي مڪيہ سماجي گروهہ ڪونہ رهيو آهي، هاڻي تہ ٻيا بہ سوين مکيہ سماجي گروهہ ٺهي ويا آهن، سندن گهر بہ هن علائقي جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙيل آهن، هن قبيلي ماضيءَ ۾ پنهنجي نئين تنظيم ڪاري ڪانہ ڪئي آهي، نہ وري سندس تنظيم ۾ تسلسل ئي رهيو آهي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ اهو قبيلو هاڻي بہ قبيلو ئي ڪونہ رهيو آهي، ان جي سياسي سرڪار بہ 1923ع کان قائم آهي. 1933ع تائين هنن جي ها ۾ ها ملائيندڙ حڪومت هئي جنهن کي پنهنجو مٿو کي ڪنهڻ جو بہ اختيار مليل ڪونہ هوندو هو.

هي سرڪار هن وقت تائين نئين غيرمڪمل هئي جنهن جي چوڌاري يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي سرڪار جو ليڪو نڪتل هو ۽ کيس تاڪيد سان چيو ويو تہ ان ليڪي لتاڙڻ هن کي ڪا سگهہ ڪانہ آهي، هن حڪومت کي ”رڍ“ جي تعداد کي ضابطو رکڻ ۾ چراگاهن کي تباهيءَ کان بچائڻ جا اختيار ڏنا ويا هئا. باقي ٻيون ذميواريون ۾ اختيار قبيلائي ڪائونسل جي حوالي ڪيا ويا هئا

جيڪا ساڳئي وقت دوران هن حڪومت سان گڏ ڪم ڪندي هئي جنهن کي مجبور ڪيو ويو هو تہ نئين سر تنظيم ڪاري ڪئي وڃي ۽ ڪائونسل جي ميمبرن جي تعداد کي وڌايو وڃي. سال ڪان ڪجهہ عرصو وڌيڪ پوءِ نواجو قبيلي کي چيو ويو تہ انسان جي عالمگيري حق مطابق کين ڳجهي ووٽ ۾ ريفرينڊم وسيلي انڊين ري آرگنائيزيشن ائڪٽ کي رد ڪرڻو يا ان ائڪٽ کي اختيار ڪرڻو آهي. جيڪڏهن هن قبيلي اهو ائڪٽ قبول ڪيو تہ کين ڪن چراگاهن تي وڪ ڪرڻ جو قانوني عارضي اختيار ملي ويندو جهڙي ريت ٻين قبيلن کي ملي چڪو آهي اهڙي ريت ريفرينڊم جا نتيجا ويهہ اٺويهہ نڪتا ۾ ڪٽڻ هارائڻ جي وچ ۾ فرق بلڪل معمولي هو. اهڙيءَ ريت هنن انڊين ري آرگنائيزيشن ائڪٽ کان انڪار ڪري ڇڏيو ان ڪري کين ڪريڊٽ فنڊ، لينڊ پرچيز فنڊ جي سهوليتن ڏيڻ کان ڏهن سالن تائين انڪار ڪيو ويو هو. ان کان سواءِ هن قبيلي کي اهڙا ڪي سياسي اختيار بہ ڪونہ مليا جيڪي مذڪوره ائڪٽ کي قبول ڪرڻ سان قبيلن کي ملي ويندا آهن.

سرڪاري دستاويز کي ڏسڻ ڪان پوءِ معلوم ٿيو تہ چونڊيل قبائلي ڪائونسل ڪيترن سالن کان وٺي بار بار چراگاهن جي رک ڪرڻ واري منصوبي کي قبول ڪندي آئي آهي. ان کان سواءِ ڪيترن آرڊيننس وسيلي ان منصوبي تي عمل بہ ڪرايو آهي هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ماٺهن گڏجي هلچل بہ هلائي آهي. پر سنڌن اهڙيون جاڪوڙون اينڊڙ چونڊن تائين سوپاريون ثابت ڪونہ ٿيون هيون. اهڙي هلچل فقط هڪ موضوع تي ڪئي وئي هئي تنهن ڪري بحث مباحثا بہ هن اڪيلي موضوع تي ٿيندا رهندا هئا. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هن قبيلي جي سياسي اوسر ختم ٿي وئي هئي. 1940ع ۾ هن قبائلي ڪائونسل ڪنهن ايگزيڪيوٽو ڪميٽي يا اسٽئنڊنگ ڪميٽيءَ کان سواءِ ڪم شروع ڪيو هو.

نواجو جي ارڙهن علائقن مان فقط پنجن علائقن جي ماڻهن چراگاهن جي حساب سان پسون گهٽائي ڇڏيندا هئا. نواجو قبيلي وٽ ”شيپ جينيٽڪس ليبارٽري“ بہ قائم ڪئي وئي هئي. جنهن وسيلي رڍن جي جنس ۾ هڪ نمايان تبديلي اچي وئي هئي. ان جنس جون رڍون جسم ۾ وڏيون هيون جن مان گهڻو گوشت ۽ منفرد قسم جي اُنَ ملندي هئي جنهن کي مختلف ڪمن ۾ استعمال ڪيو ويندو هو. اهڙيءَ ريت چوپائي مال جي استعمال لاءِ پاڻيءَ جو جدا انتظام

قائم ڪيو ويو هو ۽ پوکي راهيءَ لاءِ آبپاشيءَ جي نظام ۾ بہ واڌارا ۽ سڌارا آندا ويا هئا. ان ڪري زراعت جي پيداوار ۾ بہ ايترو اضافو ٿيو جيترو رڍن پالڻ جي سڌريل طريقن وسيلي ٿيو هو. پر آدمشماري ۾ اضافي جي رفتار ٻي ترقياتي اوسر کان وڌيڪ تيز هوندي آهي. نواجو قبيلي کي اهو احساس آهي تہ هنن چراگاهن واري رک جي اصول کي قبول تہ ڪيو آهي. پر ان منصوبن ۾ ڪامياب ٿي ڪونہ سگهيا آهن.

اسان مان گهڻو ڪري سڀ ماڻهو مٿي بيان ڪيل حقيقت کي اهم سمجهندا آهن. پر ”انڊين سروس“ واري شعبي هن کي اڃا تائين اهم ڪونہ سمجهيو آهي. هن اڃا اهڙي ڪا ڪوشش ئي ڪانہ ڪئي آهي جنهن کي نفسيات ۽ عقل محسوس ڪري سگهي ۽ نواجو قبيلي جا ماڻهو بہ ان جي بنيادي اهميت کي سمجهي سگهن. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو خاموشي سان گهر يا پرواري علائقي ڏانهن ويندو آهي تہ ڪٿي بيهي گهڙي ڪن لاءِ هيڏي هوڏي واجهائي ڏسندو آهي تہ ڪيس ڪيترا ئي چراگاهہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هو گهڙي پل لاءِ سوچي ويچاري ٿو. هو هر قسم جي موضوع کي سوچڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. ان کان پوءِ ڪيس ماڻهن ۽ انهن جي زمين بابت مٿس رکيل ذميوارين جو احساس ٿئي ٿو جيڪو گهرو ۽ جذباتي آهي. هتي ٻوليءَ جي بہ روڪ رنڊڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، پر ان کان بہ وڏي رنڊڪ نواجو قبيلي جي ماڻهن جي ڄاڻ ۽ ڏاهپ آهي، انهن جي سوچ سمجهہ ڪٿي ڇا بہ هجي يا انهن جا احساس ڪٿي کهڙا بہ گهرا هجن. پر قبائلي فيصلن ۽ تحرڪ اندر عام ماڻهن جي اتساهن ۽ امنگن جي ترجماني موجود ڪانہ آهي، پر جيتري قدر ”انڊين سروس“ جو تعلق آهي تہ ان شعبي جي منصبي فرضن جي ادائگي ضرورتن مطابق آهي. هن اداري ڪڏهن بہ بہ گهڙبون بيهي ڪنهن حقيقي نڪتي تي سوچڻ ويچارڻ جي جرئت تہ ڪئي آهي ۽ مسئلن کي ڏسي انهن کي حل ڪرڻ جو ڪيس احساس بہ ڪونہ ٿيو آهي تہ مڪاني برادين جي مسئلن کي هڪ هڪ ڪري کهڙي طريقي سان حل ڪري سگهجي ٿو يا کهڙي طريقي سان انڊين سروس ۽ مسئلن کي مڪاني برادرين سان سلهاڙي سگهجي ٿو.

مان نواجو قبيلي جو اهو رڪارڊ پيش ڪرڻ ڪونہ ٿو چاهيان جنهن وسيلي سمجهائي سگهجي تہ جمهوري ڪوششون ڇو ناڪام ثابت ٿيون هيون، جن جي ڪاميابيءَ لاءِ زبردستي ڪتب آندو ويو هو. مان اهو بہ پڇي ڪونہ ٿو

سگهان ته ڇا اهو صحيح ۽ عقلمندانه طريقو هو؟ ڇا رڍن جي تعداد کي گهٽائڻ ۽ چراگاهن کي بچائڻ لاءِ اهي رستا مناسب هئا يا نه؟ ڇا ان مقصد لاءِ ماڻهن مٿان طاقت جو استعمال صحيح هو؟ يا نهن کي ڪليءَ دل سان مسئلي کي سلجهائڻ لازمي هو. پر هتي به اختيارن جو بيجا استعمال ڪيو ويو هو. پر سرڪار هن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سياسي گروهه پيدا ڪيا هئا. ان ڪان سواءِ قبائلي جمهوريت کي ماڻهن مٿان ڏاڍ ڪرڻ لاءِ اتساهيو ۽ اُڪسايو ويو هو. مان ته اهو به پڇي ڪونه ٿو سگهان ته اهڙن ڳنڀير ڳالهين ڪان ڪن لاٽار ڪرڻ صحيح هو يا نه؟ هن ڏڪوئينڊز وايومنڊل بابت هن ڪان اڳ وارين انتظاميه جو ڪن به ڪونه لڌبو هو. رڍن جو تعداد تمام گهڻو وڌي ويو هو جيڪو چراگاهن جي پيٽ ۾ تمام گهڻو وڌيڪ هو جنهن جا نتيجا خطرناڪ نڪرڻ لڳا هئا ۽ رڍون به جهجي انداز ۾ مري رهيون هيون ان صورتحال جي تقاضا هئي ته نواجو قبيلي جي ماڻهن ۾ تنظيم پيدا ڪري انهن کي شعور ڏئي ها ته انهن جون اقتصادي حالتون تباهه ٿيڻ ڪان بچي وڃن ها. انتظاميه کي هن ڳالهه جو بندوبست ڪرڻو هو ته چوپائي مال لاءِ قدرتي وسيلا بچي سگهن. چراگاهن کي محفوظ رکڻ لاءِ سرڪار ماڻهن کي ضروري مالي مدد ڏئي ها. اهڙي بندوبست ڪرڻ جي ٿوري وقت لاءِ ضرورت به هئي. سرڪار کي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ زبردستي ڪرڻ جو حق ڪونه هو. پر ماڻهن کي رڍن، جي تعداد گهٽ رکڻ لاءِ جڏهن ڏنڊي جو استعمال ڪيو ويو ته انهن به مهاڏي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

پر دور انديشي ڪان ڪم وٺڻ سني ڳالهه هوندي آهي، نواجو قبيلي جي ماڻهن چراگاهن کي محفوظ رکڻ واري مقصد ۾ ذري گهٽ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي آهي. ٿوري وقت ڪان پوءِ هن قبيلي جي ماڻهن کي مناسب علائقن ڏانهن لڏائڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ويندو ۽ جلد ئي نواجو علائقي جي اتر_ اوير پاسي سان جئان (San Juan) واري ترائيءَ ۾ آبي نظام جو بندوبست ڪيو ويندو. سمجهڻ کپي ته اها هن ڪم جي ابتدا به آهي ته انتها به آهي، تنهن ڪري هي وقت (نام نهاد) انڊين سروس لاءِ ڪجهه وقت ويهي سوچڻ ويچارڻ جو آهي ۽ ان کي ٻاهر وڃي بنيادي قسم جي برادرين وٽ وڃي ترسڻو آهي. انهيءَ مقصد سان ته جيئن نه رڳو مٿي ٻڌايل ارڙهن علائقن ۾ چراگاهن کي بچائي سگهجي پر نواجو جي سون برادرين جي مفادن جو تحفظ به ڪري

سگهجي.

1933ع ۾ نواجو قبيلي جي ماڻهن ۾ زندگيءَ ۾ حرارت ئي موجود ڪانه هئي، پر اڄ به صورتحال ساڳي آهي، موجوده زماني ۾ اڳئين دؤر جهڙا اڌمن ۾ اتساهن سان ڀريل بهادر ۽ اڳتي وڌندڙ ماڻهو ته منجهن ڪونه رهيا آهن، نظر ايندڙ وڏيون شيون جتي ڪٿي تباهه ٿينديون ڏسجي رهيون آهن جن جي 1933ع ۾ يا ان کان پوءِ ترت طلب محسوس ڪئي وڃي هئي. اهڙي پيداوار ۾ مسلسل هڪ تحرڪ سڌڻ ۾ ايندو هو. ان دور واريون ڳالهيون هاڻي ختم ٿي ويون آهن يا ذري گهٽ ختم ٿيڻ واريون آهن. اڳي علم ۽ تجربي جي دولت هر جڳهه تي نظر ايندي هئي، پر هاڻي اها هڪ جاءِ تي گڏ ٿي رهجي وئي آهي. ٽن سون سنڌي قبيلن جي اخلاقي ليبارٽريءَ ۾ ڪيتريون قيمتي شيون ڏنيون آهن ۽ ليبارٽري مستقبل ۾ به اڻ ملهه قيمتي شيون ڏيندي رهندي. انهن قيمتي شين جو اڳواٽ پتو پئجي ڪونه ٿو سگهي. اها حقيقت به آهي ته اهڙين قيمتي شين جو اڳواٽ پتو پئجي به ڪونه ٿو سگهي. ماڻهن کي مشڪلات سان منهن ڏيڻ لاءِ مدد ڪرڻ جي معنيٰ اها هوندي آهي ته کين ان مشڪل مان آزاد ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن اهي ماڻهو مشڪلات کي منهن ڏيڻ لائق بڻجي ويندا آهن ته سمجهيو ويندو آهي ته انهن ۾ انساني ۽ سماجي تخليق جي طاقت پيدا ٿي وئي آهي. اهڙو اثر ان وقت ڊرامائي محسوس ٿيندو آهي جڏهن اهي آزاد ٿيل ماڻهو آمريڪا جي سنڌين وانگي سون سالن تائين مقدر جي قيد ۾ رهيا هجن. هي دنيا سان لاڳاپيل اهم سوال آهي جيڪو ائڪوما ۽ نواجو قبيلن ۾ موجود فرق کي سمجهڻ وسيلي سکي سگهجي ٿو. معلوم ٿي رهيو آهي ته نواجو جو اعتماد تاريخ ۽ سياست تي آهي، پر يورپ ۽ آمريڪا جي گوري ماڻهوءَ جي مزاج ۾ چرپر ۽ تحرڪ تي ڪونه آهي. ان جي پيٽ ۾ جيڪڏهن انڊين سروس وارا ائڪوما وارن کان زبردستي ڪم وٺن ها ته ان تي عمل ڪرائي ڪونه سگهن ها. پر جيڪڏهن ڪن سؤلن طريقن وسيلي خاص قسم جا عملي نتيجا نڪتا آهن ته اهڙين نتيجن پبلو جي بهترين ادارن کي وڏو نقصان پهچايو آهي. هڪ سٺي جمهوري تحرڪ وسيلي ائڪوما ۾ بهترين ڪاميابيون حاصل ٿيون آهن پر معلوم ٿيندو ته ان تحرڪ ۾ يورپي ۽ آمريڪي روايتي نمونو ڪونه هو.

اهو نگران حڪومت (Guardian Government) جو ڪم هوندو آهي ته محڪوم ماڻهن کي آزاد ڪن. اهڙيون ڳالهيون غير دلچسپ مقصدن لاءِ

سچائي جو طلبگار هونديون آهن، ان سان گڏ گهري ڄاڻ بہ ضروري سمجهي ويندي آهي تہ اهي ماڻهو ڪير آهن اهو خاص احوال ڪهڙو آهي جنهن ۾ اهي ماڻهو رهيا پيا آهن. هن ناتي اها ڄاڻ رکڻ بہ لازمي هوندي آهي تہ اهي ڪهڙي شيءِ حاصل ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اها انساني زندگي لاءِ اهم ڳالھ هوندي آهي، هتي اسان سماجي منصوبہ بندي جي ويجهو اچي پهتا آهيون جنهن جي هاڻي شروعات ٿي رهي آهي تہ انتظاميہ جو علم فن آهي يا سائنس جماعت جيڪڏهن صعنتي ۽ علمي ڄاڻ کان اڳ واري ڪنهن ڪالوني يا يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي طفيلي رياستن (Dependencies) سان ڪاروهنوار لاءِ وٺن وڃبو تہ اتي پهچڻ لاءِ وڏي خبرداري کان ڪم وٺڻو پوندو. هن جو اصل مطلب اهو آهي تہ قابض يا نگران سرڪار مذهبي ۽ سماجي مشينريون ۽ سيڙپ ڪرڻ وارا بئنڪرس بہ اتي اچي گڏ ٿيندا آهن. اهڙيءَ ريت ائڪوما ۽ نواجو قبيلن وٽ هن کان مختلف تاريخون آهن، جيڪي هميشہ آواز اٿاريندا رهندا آهن تہ ڪين علم گهرجي وڏ کان وڏ علم گهرجي. ڏاهپ ۽ دانائي ڪپي ۽ اها بہ وڏ ۾ وڏ ڪپي ۽ ڪاروهنوار ڪرڻ دوران ٽڪڙ ڪرڻ واري خوف کان نجات گهرجي. اهڙي ڪاروهنوار جو بار اسان تي آهي. اهڙو ڪاروهنوار اوسينيا (Oceania) ايشيا، ڪئريبين، آفريڪا ۽ آمريڪا لاءِ ناگزير هوندو آهي، ڪڏهن اهو وقت بہ ايندو جو لکين بلڪ ڪروڙين ماڻهو اهو ساڳيو آواز بلند ڪندا جيڪو هاڻي فقط ائڪوما ۽ نواجو قبيلا اٿاري رهيا آهن.

اهو بہ ناممڪن يا متضاد ڪونہ آهي جو زير ڪفالت علائقن (Dependencies) جا غيرسنجيده ماڻهو ڪن قوتن سان اٽڪي پون، سندن اهو عمل زندگيءَ جو پيداواري ۽ ان کي بچائڻ وارو عمل هجي، وقت گذرڻ سان اهڙيون متضاد ڳالهيون پاڻ هُرتو ختم ٿي وينديون آهن. پر شرط اهو هوندو آهي تہ منتظم، ان سائنس ۽ علم جي اصلي روح سان مخلص ۽ سچو آهي جنهن تي اجا ڪيس عبور حاصل ڪونہ آهي، جڏهن سماج تحرڪ ۾ هوندو آهي تہ ان کان پوءِ پتو پوندو آهي تہ علم هڪ متحرڪ قوت آهي. اٽپورو تحرڪ انسان ۽ سماج لاءِ ان مڪمل تحرڪ کان وڌيڪ پلو آهي جيڪو اجا سردخاني ۾ پيو آهي يا ان تحرڪ جي غلط استعمال سان فائدي بدران نقصان ٿي رهيو آهي جنهن جي ازالي لاءِ هڪ نئين تحرڪ جي ضرورت محسوس ڪئي ويندي آهي جڏهن ماڻهو پنهنجو پاڻ اندر تحرڪ شروع ڪندا آهن تہ


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

اهي تحرڪن جو حصو بڻجي پوندا آهن ۽ غلطين جي اصلاح جي دريافتن ۾ بہ حصيدار هوندا آهن هو تحرڪ دوران غلطيون ضرور ڪندا آهن. پر جڏهن انهن غلطين جي اصلاح ڪندا آهن تہ منجهن هڪ قسم جي طاقت پيدا ٿي پوندي آهي، اعتماد ۽ طاقت وڌي ويندي آهي، تجربن ڪري منجهن ڏاهپ اچي ويندي آهي، ان ڪان پوءِ سندن دلين ۾ جمهوريت جي عزت پيدا ٿي پوندي آهي جيڪا سيني نظرين ۽ اصولن ڪان وڌيڪ طاقتور آهي. سنڌين جي انتظاميہ جو 1933ع ڪان وٺي اهو قائم ڪيل اڳواٽ تصور هو جيڪو تجربن جي آڌار تي قائم ڪيو ويو هو.

ٻيو بہ هڪڙو نقطہ نظر آهي جنهن جو تعلق ذري گهٽ سيني زير ڪفالت علائقن سان آهي جنهن جو واسطو انڊين ري آرگنائيزيشن ائڪٽ سان آهي. حالتن مان معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ ڪانگريس سنڌين جي ساموندي ڪنارن ويجهو آباد زير ڪفالت علائقن تي پوريءَ ريت قابض آهي. پر ”انڊين ري آرگنائيزيشن“ يا اسيمبليءَ ذريعي پاس ڪيل ٻين قانونن مطابق ڪانگريس ڪي ڪجهہ آرڊيننس جاري ڪرڻ جو اختيار مليل آهي. ان ڪان سواءِ انڊين ري آرگنائيزيشن ائڪٽ هڪ اهڙو نرم قسم جو قانوني اختيار آهي جنهن وسيلي اقتدار سرڪار ۽ ڪانگريس معرفت قبيلن ڪي ملي ويندو آهي. جڏهن تہ جانس او مئلي (Johnson O’ Malley) ائڪٽ وسيلي اختيار وفاقي سرڪار ڪان هيٺ اچي ننڍين علائقائي حڪومتن حوالي ٿيندا آهن. ساڳيءَ ريت پبلو لئنڊ ائڪٽ تحت پبلو جي باهمي امداد واري شعبي کي برادرين جي ماتحت رکيو ويو هو. اها هڪ اهم حقيقت آهي مٿي بيان ڪيل ٽئي ائڪٽ سنڌي يا اڻ سڌيءَ ريت وفاق جي ذميواريون قبول ڪن ٿا. پر انهيءَ ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڪونہ ٿو ڏنو وڃي تہ اقتدار جي اهڙي تقسيم ڪيترو وقت هلندي، هنن جو تصور هو تہ انتظاميہ جو اهو واحد گڏيل ادارو گهڻي وقت تائين قائم رهي سگهندو. جيڪو ڪانگريس جي سياست جو تحفظ ۽ تڪميل ڪندو. ساڳئي وقت هو تحفظ ڏيڻ وارو ادارو. ڪانگريس جي سياست تي حملي خلاف سياست جو بچاءُ ڪندو. هنن ائڪٽس مان اها پڻ توقع هئي تہ اهو واحد گڏيل ادارو ضرورت وقت منصبي خدمت سرانجام ڪندو. انڊين ري آرگنائيزن ائڪٽ ۾ ٻيون ڪيئي تعصب جهڙيون ڳالهيون آهن ۽ ڪيترن ئي طاقتور گروهن جي اوسر آڏو رنڊڪ بڻيون بيٺون آهن. تنهن ڪري هن قانون

جي جڙڻ ڪان وٺي هن وقت تائين ڪانگريس جي هن قانون مٿان سخت تنقيد ٿي رهي آهي. ايترين خامين هوندي بہ "ان ائڪٽ مينٽ" ڪٿي بہ ڪمزور بڻائڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي وئي آهي. هن قانون سنڌين کي آزاد ڪري هڪ گهڻ رخي منصوبي ڏانهن متوجهہ ڪيو آهي. هن ائڪٽ جي طريقہ ڪار هيءَ ڳالهہ ثابت ڪئي آهي تہ اهو چراگاهن جي بچاءَ کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ قدم آهي.

1934ع جي اسيمبلي ائڪٽ موجب کي حڪمت عمليون قائم ڪيون ويون هيون تہ خاص رقم جي اجازت لاءِ سرڪاري بل کي عام اسيمبلي آڏو پيش نہ ڪيو وڃي. موجوده دور ۾ بہ ڪانگريس مخصوص قسم جي رقم کي ڳجهي ان ائڪٽ مينٽ وسيلي پاس ڪرايو آهي. "هائوس آف رپريزنٽيشن" ۾ کي سب ڪميٽيون ڪم ڪنديون آهن جيڪي پنهنجي وجود ۾ آزاد هونديون آهن. اهڙي ريت هائوس بلن جي ساليانې ادائگي ڪندو آهي، ڪيترن معاملن ۾ ڪانگريس گهٽي سوچ ويچار ڪانپوءِ پنهنجو فيصلو ٻڌائيندي آهي تہ هيءَ يا هوءَ حڪمت عملي قانوني حيثيت رکي ٿي، تنهن ڪري ان لاءِ مخصوص رقم جي اجازت واسطي مهر هڻڻ جي مقصد سان بلن کي بااختيار قوت ڏانهن موڪليو ويو آهي. جيڪڏهن خاص بلن تي ٺپو نہ لڳو تہ سمجهيو ويندو تہ ان حڪمت عملي کي رد ڪيو ويو آهي.

جيتري قدر سنڌين جي معاملي جو تعلق آهي تہ جڏهن ڪانگريس جي اجازت سان سنڌين لاءِ زمين حاصل ڪئي ويندي آهي تہ ان بل واري خاص رقم کي روڪيو ويندو آهي جنهن کي (Appropriation Bill) جي نالي سڏيو ويندو آهي. هر طريقو بہ (Indian Co_ operative credit System) جيان آهي. ڪانگريس هي قانون پاس ڪيو هو تہ سنڌين جي باهمي امداد وارن ادارن کي اڳتي وڌڻ لاءِ صلاح مشورا ۽ ڇاڻ سان گڏ مالي مدد بہ ڪئي وڃي. پر ائپرو پريئشن ائڪٽ (Apperpreation Act) ڪانگريس جي ان اسيمبلي ائڪٽ کي رد ڪيو هو. يونائيٽيڊ اسٽيٽس الهندي پاسي وارن تيرهن ملڪن سان معاهدو ڪيو هو تہ "نيشنل انڊين انسٽيٽيوٽ" کي بحال رکيو وڃي ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس بہ ٻين جيان اهڙي ضمانت ڏني هئي. پر هائوس سب ڪميٽي گهرو ڪاتي جي اهڙي خاص رقم جي بل کي روڪي يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي ڪيل معاهدي کي ڄڙ رد ڪري ڇڏيو هو. عام طور تي نظر هيءَ حقيقت ايندي آهي


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

تہ جڏهن بہ ڪانگريس سنڌين کي جمهوري آزاديءَ جي ۽ حقن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي يا انڊين سروس کي مالي مدد ڏيڻ جا جتن ڪيا آهن تہ انهن کي روڪڻ جي جاکوڙ ڪئي وئي آهي جنهن لاءِ ائپرو پريئيشن ائڪٽ تي ذميوار رهيو آهي.

ڪانگريس جي هن سسٽم اندر هڪ تعصب موجود آهي جن سنڌين ۽ ٻين زير ڪفالت علائقن کي گهڻو متاثر ڪيو آهي، هي وڏي برائي آهي جيڪا ساري دنيا ۾ موجود آهي، پر اسان کي اهڙين بڇرائين جي اصلاح ڪرڻ گهرجي، پر جيستائين اها موجود آهي تيستائين هڪ ڊيڇاريندڙ پاڇي جيان هر هڪ کي ڊيڇاري رهي آهي. اهڙو ڳنڀير وايومنڊل نہ رڳو سنڌين جو پر الاسڪا، ورجينا آئليندس پورٽو ريڪو (Puerto Rico) جهڙن علائقن ۾ ڏسجي ٿو.

سنڌين جي رڪارڊ مان هيٺيون ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون:

پهرين هڪ جيوت طور نسل يعني اهو انساني نسل جي شڪل ۾ موجود آهي يا نہ. پر اها ڳالهہ عملي طور غير اهم آهي، هي ماڻهو ٻين نسلن اندر ۽ انهن جي اوسي پاسي موجود آهن ۽ هڪ جيوت جي حيثيت ۾ انهن کي ٻين کان الڳ ڪري نٿو سگهجي. اهي گروهن اندر بہ هوندا ۽ گروهن کان ٻاهر بہ هوندا آهن، جن کي مجموعي طور نسل بہ سڏي سگهبو آهي، اهي ڳالهيون سماجي طور ٿينديون آهن ۽ سماجي طور تي اڳتي وڌنديون آهن.

ٻي ڳالهہ اخلاقي معاملن سان لاڳاپيل آهي هي معاملا اهڙا هوندا آهن جن لاءِ حڪومت نفرت جو اظهار ڪندي آهي ۽ ڪڏهن انهن لاءِ راضي هوندي آهي، جڏهن انساني رابطن ۽ رستن جي ميدان ۾ ڪنهن ڪم ۾ سرڪار پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪندي ۽ زبردستي اختيار ڪندي آهي تہ اهڙا ڪم سرڪار لاءِ قابل نفرت هوندا آهن. سنڌين جو قديم رڪارڊ اهڙين ڏاڍاين سان پريو پيو آهي، پر جڏهن سرڪار اخلاقيات تي تحقيق ڪندي ۽ اهڙي هڪ هٽيءَ کي تحقيق جي تڪڙن نتيجن لاءِ ضروري سمجهندي آهي تہ سرڪار ان ڪري گرانٽ ان ائڊ بہ ڏيندي آهي جنهن مان سمجهيو ويندو آهي. مذڪوره ڪم ڪرڻ لاءِ راضي هوندي آهي، اهڙيون ڳالهيون سنڌين جي پوئين دور جي رڪارڊ ۾ موجود آهن. اهڙيون ڳالهيون قومي نقطہ نظر کان اهم هونديون آهن ۽ انهن ۾ اسان جي اولهہ پاسي وارين حڪومتن جو سٺو ڪردار وڏيڪ نمايان ٿي

وچي ٿو. هن مان معلوم ٿيندو تہ اهڙن نسلي گروهن ڪي ترقيءَ جا هڪ جهڙا موقعا ڏنا ويا آهن. اهڙيءَ ريت انهيءَ نسل جا ماڻهو عام پلاٽي جي ڪمن ۾ پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ ڪتب آڻيندا رهندا آهن ساڻن ڪنهن بہ قسم جو فرق ڪونہ رکيو ويندو آهي ۽ هڪ عوامي زندگي ۾ سک پريو ساهہ کڻي سگهندا آهن. انهيءَ مناسب صورتحال اندر ”بل آف رائيٽس“ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جو آئين ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جو چارٽر بہ سولائي سان جڙي سگهندو. هن مان معلوم ٿيندو تہ مختلف حڪومتون يا وفاقي طرز جون حڪومتون هن قسم جي نسلي معاملن ۾ جيڪڏهن گڏجي ڪم ڪنديون تہ بهتر ٿيندو ۽ اهڙو طريقو بهتر هوندو پر خواب نہ هوندو.

ٽين ڳالهہ فرد وڏيڪ سنو اتي لڳندو آهي جتي انساني گروهہ پلوڙ هوندو آهي. هڪ ننڍڙو ٻار بہ هڪ انساني گروهہ جو ميمبر هوندو آهي هڪ گورهہ وڻ هوندو آهي ۽ فرد ان جا ڦل هوندا آهن. جڏهن فرد ڪنهن گروهہ کي ڇڏي ويندا آهن تہ اهو گروهہ ڪمزور يا تباهہ ٿي ويندو آهي. جڏهن گورا ان گروهہ کي اهميت ڏيڻ کان انڪار ڪندا آهن تہ سنڌي فرد تباهہ ٿي ويندا آهن. ڪڏهن گروهہ جو خود اڳواڻ فرد کي اهيمت ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو آهي ۽ دنيا ۾ اهڙيون ڳالهيون ڪڏهن ڪڏهن ٿينديون آهن. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هڪ ئي دور جي گورن ماڻهن جي زندگي مجروح ٿي ويندي آهي ۽ بنيادي سماجي گروهہ ۾ ايئن ڪم ٿي ويندي آهي جهڙي ريت سنڌي گروهہ جي انڪار ڪرڻ تي سنڌي زندگي مجروهہ ٿي ويندي آهي. جيڪڏهن گوري نسل جو هڪ بنيادي گروهہ نئين سر ڪم ڪري ٿو ۽ هڪ وڏي سماجي گروهہ سان گڏجي وڃي ٿو تہ منجهن تخليق جي سگهہ پيدا ٿي وڃي ٿي ۽ ڪيس تحرڪ بہ آهي تہ اهڙيون ڳالهيون بہ ان سنڌي سماج جهڙيون ڇرڪائيندڙ هونديون آهن جيڪي ماٺار کان پوءِ جاڪوڙ ۾ لڳي ونديون آهن.

چوٿين ڳالهہ هيءَ آهي تہ ڪنهن سماجي گروهہ جو تعلق ڏسڻ ۾ هيٺئين طبقي ۾ ايندو آهي. پر امڪان اهو نظر ايندو آهي مٿان سندن تعلق هيٺئين گروهہ سان هجي گهٽ سنڌي گروهن ۾ اهو بہ نظر ايندو آهي تہ سندن ٻارن ۾ تعليم ڪانہ هوندي آهي، پر جيڪڏهن هنن ٻارن کي پنهنجي زبان بدران گورن جي ٻارن سان گورن واري ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيارجي تہ اهي گورن جي ٻارن کان گهٽ اڳتي نڪري ويندا ۽ سندن احساسن ۾ برتري اچي ويندي، جڏهن


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

هنن ٻارن جي وڏن ڀائرن ڪي ٻيءَ عظيم جنگ ۾ نازڪ حالتن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ چيو ويو هو تہ هنن نمايان خدمتون سرانجام ڪري ڏيکاريون هيون. جيتري قدر گوري سماج ۾ هم آهنگي ۽ توازن جو سوال آهي تہ هن معاملي ۾ سنڌي سماج گهڻو اڳتي آهي، ان ڪان سواءِ سنڌي سماج عوامي خدمت ۾ جوش جذبي ۽ زندگي جي خوشين ملهائڻ ۾ بہ گورن ڪان گهڻو اڳتي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان سان گڏ دلجاءِ ۽ دل جو سڪون بہ هو پنهنجي مٿ پاڻ آهن. سندن فطرت ۾ فن ۽ سچائي موجود آهي، تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هنن جون اوچيون ۽ عظمت واريون ڳالهيون ظاهري طور هيناهينءَ ۾ لڪل هونديون آهن. جيستائين اهو گروهہ ڪنهن اهم سماجي حيثيت جي درجي ۽ طاقت واري مرحلي تي نہ پهچندو آهي تيستائين منجهس اهڙي هيناهينءَ نوڙت موجود هوندي آهي ۽ ان ڪان پوءِ سو هيناهين وارو پردو ڦاٽي پوندو آهي. اهڙو اصول انهن نسلي گروهن سان لاڳو ڪيو ويندو آهي جن ڪي سرڪار طرفان رعايتون مليل ڪونہ هونديون آهن. جيڪي پري ڪان ئي پڌرا هوندا آهن. سنڌين ۾ انهن جي سماجي شڪل صورت مان پتو پوي ٿو تہ هنن ماڻهن جو سماجي ورثو ان ڪان وڌيڪ ڍڪيل ڇپيل هوندو، جيترو عام طور تي تصور ڪيو ويندو آهي. هنن جي پيٽ گذر جا وسيلا پلي تنگ هجن، پلي ايترا مختصر هجن جو هو لنگهڻ تي ويٺا هجن. پلي سندن اهڙي زندگي ڪن نسلن ڪان وٺي ايئن گذرندي هجي. پر سندن اميدون آسرا، دنيا بابت سندن نقطہ نظر، سندن اخلاقي قدر ۽ وفاداريون ڪين زندهہ رهڻ لاءِ سدائين اتساهينديون ۽ اڪسائينديون رهنديون آهن. سندن سماجي ملڪيت هنن جي روحاني طاقت آهي جيڪا ماجاوَ (Majave) رڻ پٽ جي پاڙن ۾ ٻجن جيان هو سختي سهي ويندو آهي جتي ڪوبہ سماجي مينهن ڪونہ وهندو آهي پر جڏهن سماجي مينهن جو وسڪارو ٿيندو آهي تہ اهي مذڪوره پاڙن ۾ ٻجن ڏانهن ڏاڍي تيز رفتاريءَ سان ڊوڙندا آهن جو ڏسي اچرج ٿيندو آهي، شايد ڪنهن بہ سماجي گروهہ ايترو مڪمل سچ جو اظهار ڪونہ ڪيو آهي جيترو سنڌي سماج ڪيو آهي اجا حقيقت آهي ڏکن سورن ڪي لڪائڻ واري سندن خاصيت بہ هڪ سچائي آهي جنهن تي دنيا جي اميد ۽ آسرو ٽڪي بيٺي ٿو. اهو معلوم ٿيندو تہ گذريل صديءَ ۾ اسان جي هيءَ دنيا زرد رنگ جي ٿي وئي هئي. ڇاڪاڻ تہ چوڌاري هڪ مطلق العنان حڪومت جو خوف ڇانئجي ويو هو. امڪان آهي تہ رڻ پٽ مان نديون

وري وهي هلن ۽ هن برپٽ جي گسن تي گاهہ ۽ گلزاريون لڳي وڃن. قديم خوشحالي جون يادگيريون اجا بہ زندهہ آهن. سنڌين جو تجربو ۽ رڪارڊ تہ اسان کي ايئن ٻڌائي ٿو.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

باب پندرهون

# سنڌين جي زندگي بابت اترء ڏکڻ آمريڪا جي پهرين ڪانفرنس

1915ع ۾ ڊاڪٽر مئنيويل گاميو (Manuel Gamio) ٽيو ٽيهئا ڪان (Teotihuacan) جي ڪنڊرن جي ٽيندڙن کوٽائي جي نگراني ڪئي هئي.
1917ع ۾ هن تحقيق جي هڪ وڏي پراجيڪٽ تي ڪم ڪرڻ جي ابتدا ڪئي هئي جيڪا الهندي دنيا ۾ هن قسم جي تحقيق جي پهرين ابتدا هئي، هن جو منصوبو ٽيوٽيهئاڪان جي ماڻهن جي آدمشماري اقتصادي ۽ سماجي حالتن تي ڀرپور نمونې تحقيق ڪرڻ جو هو. ڊاڪٽر گاميو فرانربوس (Franar Boas) جو شاگرد هو جنهن کيس ڪولمبيا ۾ پڙهايو هو. هنن ڪنڊرن جي کوٽاين مان ملندڙ قديم آثارن واري لاءِ 1922ع ۾ "لاپوبليڪين ڊيل وئلي ڊي ٽيوٽيهاڪان" (La Poblician Del Valle De Teotihuacan) نالي سان ٽن جلدن تي مشمل هڪ زخيم ڪتاب شايع ڪرايو هو.

هن زخيم تصنيف جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ڊاڪٽر گاميو هڪ ٻيو ڪم هٿ ۾ کنيو هو. هي ڏاهو ماڻهو تحقيق کان پوءِ هن نتيجي تي پهتو هو تہ هي مختلف جزن مان نهيل هڪ مڪمل تعليمي نظام هو. ان تعليم سنڌي سماج تي هڪ "ڪُلَ" (Whole) جيان اثر مرتب ڪيو هو جنهن اندر ساري سماج جي هڪ مڪمل زندگي جي جهلڪ موجود هئي ۽ معاشرو بہ ان اندر هڪ گهريءَ شڪل صورت ۾ موجود هو. اهڙي مڪمل شڪل جيڪا زندگي جي هر ضرورت پوري ڪري رهي هئي.



ڊاڪٽر مئنيوبل گاميو

ميڪسيڪو ۾ اتان جي رهندڙ سنڌين جي روحاني گهرائي ۾ جان جوکي ۾ وجهڻ واري ضرورت هئي. هن ماڻهو ٽيوٽئهاڪان ماٿريءَ ۾ انهيءَ قسم جي تعليم ڏيڻ جي ابتدا ڪئي هئي ٽيون ٻارن کي تعليم به هن منصوبي مطابق سنڌي ٻارن کي ڏني ويندي هئي. پر هن اڳتي وڌي صحت ۾ زراعت جا منصوبا پڻ هٿ ۾ کنيا هئا. ان کان سواءِ هن سنڌين جي قديم فن ۾ هنر کي نئين سر جاري ڪرڻ جو بار به پنهنجي ڪلهن تي کنيو هو. هن قسم جي منصوبن جي همت افزائي صدر آبريگان (Obregon) پاڻ ڪئي هئي. جنهن جي مالي مدد ملندڙ ان في (Fee) وسيلي ڪئي ويندي هئي جيڪا هنن ڪنڊرن کي ڏسڻ لاءِ ايندڙ ماڻهو ادا ڪندا هئا. ڪئلس (Calles) جي صدر ٿيڻ سان سياسي تبديليءَ سان گڏهي ڪم به بند ٿي ويو هو. پر ان وقت تائين اتر ۾ ڏکڻ آمريڪا جي سنڌين کي هن ڪم جي معلومات ملي چڪي هئي.

ڊاڪٽر گاميو طرفان گهڻ رخي تعليم جي شروع ٿيڻ ڪري دنيا جو آمريڪا جي ڏکڻ اولهه وارن پيبلوز ڏانهن ڏيان ڇڪجي ويو هو. ان کان پوءِ هڪ اهڙي هلچل شروع ٿي وئي جنهن جو مقصد هو ته سنڌين جي ادارن ۾ مذهب کي ”انڊين بيورو“ جي موت جي سزا جي فتويٰ کان بچايو وڃي. وڏي جاکوڙ ۾ جتن کان پوءِ انهن ماڻهن کي معلوم ٿيو هو ته سنڌين جي اها گهڻ رُخي تعليم ڇا هئي جيڪا هو پٿر دور کان وٺي موجوده دور تائين جاري رکندا آيا هئا.

يونائيٽيڊ اسٽيٽس جا ڪجهه ماڻهو به سنڌين جي پيبلوز ۾ گهڻي دلچسپي وٺندا هئا ۾ سنڌين جي بهتريءَ لاءِ ڪوششون ڪندا هئا. اهڙن ماڻهن 1931ع ۾ ميڪسيڪو جي انهن ماڻهن سان گڏجي ڪم ڪرڻ لڳا هئا جيڪي سنڌين کي تعليم ڏيڻ لاءِ جاکوڙي رهيا هئا. هنن ٻنهي ڌيهن گڏجي سنڌين لاءِ ملندڙ

حقيقتن کي گڏ ڪرڻ لاءِ هڪ تحقيق گهر (Clearing Home) قائم ڪيو هو جيڪي بين الاقوامي حالتن کان پوريءَ ريت باخبر هئا. اهي هن ڳالهه تي متفق هئا تہ سنڌي قبيلا پنهنجي وجود اندر قومون هئا. تنهن ڪري ادارن ناهڻ جي ڏس ۾ سندن رهنمائي ڪئي وڃي ۽ وٽن ايتري صلاحيت آهي جو هو ادارن کي هلائي بہ سگهن ٿا. ڊاڪٽر ارنيسٽ هربر (Ernest Hurber) هڪ مشهور ائناٽومسٽ هو جنهن جو تعلق جانس هاپڪنس (Johans Hopkins) مان هو. هن پنهنجي زندگي سنڌين جي ڀلائي وارن ڪمن لاءِ ارپي ڇڏي هئي. هن اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ڏاهن ماڻهن جو هڪ گروهہ جوڙيو هو جنهن جو مقصد هو تہ (Third Inter National Eugenic Gongress) آڏو سنڌين جي زندگي جو رڪارڊ پيش ڪيو وڃي. انهيءَ مقصد سان هنن ماڻهن آمريڪا جي قديم اصلي رهاڪن (Native Roes of America) جي آدمشماريءَ سان لاڳاپيل رڪارڊ کي (Graphic Display) جي شڪل ۾ تيار ڪيو هو. هن دستاويز ۾ هيءُ حقيقت ڏيکاري وئي هئي تہ سنڌي ختم ٿي ويندڙ ماڻهو نہ پر هر مصيبت ۽ مانداڻ ۾ جي سگهندڙ ارڏا انسان آهن. ان کان ڪجهہ وقت پوءِ اولهہ جي جمهوري ملڪن ”مونٽيويڊو“ (Montevido) ۽ ”لائيما“ ۾ ويهي سنڌين جي زندگي (First Inter American Confernce) لاءِ بابت تيارين جو هڪ منصوبو جوڙيو هو. هن ڪانفرنس کي منعقد ڪرڻ لاءِ بوليويا (Bolivia) لاءِ بہ سوچيو ويو هو پر اهڙو اعزاز ميڪسيڪو کي ملي ويو هو. اهڙي ڪانفرنس 14 اپريل 1940 تي پاز ڪئارو (Patzcuaro) ۾ منعقد ڪئي وئي هئي. چاڪاڻ تہ چار صديون اڳ ڊون ڪاسڪو ڪئروگا (Don Casco Quiroga) نالي سنن سالن جي هڪ عيسائي پادريءَ سنڌين کي پازڪئارو مان ڪڍي باسپيٽلس (Bospitales) آندو هو. جتي هنن ويهي پنهنجا ڏنڌا ۽ هنر شروع ڪيا هئا. ان کان سواءِ هنن سنڌين اوسي پاسي ۾ پوکي راهي جي بہ ابتدا ڪئي هئي. پازڪئارو هڪ نهايت خوبصورت ڍنڍ جي ڪناري سان آباد هو. جنهن جي پس منظر ۾ واڱڻائي رنگ جو اتاهون جبل موجود هو. هنن باسپيٽلس ۾ مڪاني خود حڪومت ۽ ان سان گڏ ڀهراڙي جي صنعت بہ قائم ڪئي وئي هئي.

اتي اڄ بہ گرجا گهر جا قديم آثار ۽ ڀهرين باسپيٽلس جي چوديوارين جا باقيات موجود اڃا سوڌو موجود آهن. ان چوديواريءَ اندر اڄ اهي زيتون ٻيٽل نظر ايندا جيڪي اڄ کان چار سو سال اڳ پوکيا ويا هئا. اهي جيڪي هاڻي بہ وڻن

وٽن جي شڪل ۾ موجود آهن. ڪئروگا جي لاش ۾ پازڪئارو جي خوبصورت ميوزم ۾ رکيل آهي. هي سنڌين جي ڏنڌي بابت منعقد ڪيل (First Inter American Conference) جو ماحول هو جيڪو هتي بيان ٿي چڪو آهي، جنهن ۾ اٽويهين ملڪن حصو ورتو هو. هن ڪانفرنس ۾ سڀني ملڪن جي انهن ماڻهن کي به شريڪ ڪيو ويو هو جيڪي انٽر آمريڪي ڪانفرنس جي خلاف هئا. هو ملڪ مان سرڪاري وفدن سان گڏ اهي عالم به اچي شريڪ ٿيا هئا جيڪي سنڌين جي زندگيءَ ۾ وڏي دلچسپي وٺي رهيا هئا. ان کان سواءِ هن ڪانفرنس ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۾ بوليويا (Bolivia) جي سنڌين جي وفدن به شرڪت ڪئي هئي. (بوليويا ۾ ته سنڌين جو وڏو تعداد رهندو هو.)

هي ڪانفرنس پورا ڏهه ڏينهن هلي جنهن ۾ ڪيترين ويهڪون رکيون ويون. معلوم ايئن ٿي رهيو هو ته اها ڄڻ چوٿيءَ جي ڪانفرنس آهي ۽ هڪ نئين ۽ تازي دور جي شروعات ٿي چڪي آهي، ان ڪانفرنس ۾ بهتر نتيجن جو پڪوپهه ڪيو ويو هو. هن گڏجاڻي ۾ مخالف قسم جا فلاسفا ۽ سياسي ماحول پيدا ٿي پيو هو تنهن ڪري راءِ جو سگهارو اظهار ٿي ڪونه سگهيو هو ۽ هر نازڪ مسئلي تي ڏي جواب ۽ وٺ جواب وارو ماحول پيدا ٿي ويو هو. پر آخر ۾ اتفاق راءِ جڙي ويو هو.

هن ڪانفرنس کي مکيه چئن حصن ۾ جهڙوڪ ”سماجي- اقتصادي“ اسيمبيلن جي ڪارروايئن، تعليم ۽ سنڌين جي زندگي ۾ ورهايو ويو هو. انهن مکيه چئن حصن کي وري ننڍين حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو هو جيڪي سنڌين جي مختلف ڏنڌن سان لاڳاپيل هئا. مختلف ملڪن کان آيل سنڌين جي وفدن پنهنجا جدا سيشن جاري رکيا هئا ۽ ان سان گڏ ڪانفرنس جي گڏجاڻين ۾ ڀرپور حصو به وٺندا هئا. ڏهن ڏينهن واري سنڌين تي سڏايل هن ڪانفرنس ۾ هڪ هزار هڪ سؤ ڊگها مقالا پڙهيا ويا هئا جيڪي زنده سنڌين جي زندگي تي ڄڻ ”سائيڪلوپيڊيا“ (Cyclopedia) جي حيثيت رکي رهيا هئا. اهڙيءَ ريت (Acta Finil) به 58 صفحن تي مشتمل هئي جنهن ۾ اتفاق راءِ سان رٿائون پاس ڪيون ويون هيون جن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

(1) آمريڪا جون قومون اهڙو طريقو اختيار ڪنديون ۽ سنڌي سماجي گروهن کي پنهنجي اهليت ۽ لياقت ڏيکارڻ لاءِ جوڙيل حڪمت عمليءَ تي سختيءَ سان عمل ڪنديون. انهيءَ مقصد سان نه جيئن سنڌي ثقافت ختم نه ٿئي. پر ان

بدران آمريڪا جي هر قوم اندر يا بين الاقوامي طور سنڌي ثقافت پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري ۽ آمريڪا جي سيني قومن اندر هڪ قومي جز جي حيثيت ۾ پنهنجي ثقافتي قوت جو مظاهرو ڪري سگهي.

(2) جيڪڏهن ڪنهن ملڪ جي زمين ٽڪر تي مالڪي يا قبضي بابت ڇڪتاڻ موجود آهي ۽ سنڌي گروهه کي ان مان نقصان پهچي رهيو آهي تہ ان ملڪ جي حڪومت مٿان هي لازم آهي تہ ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ حق ۽ انصاف کان ڪم ورتو وڃي..... ان لاءِ اسان هيءَ سفارش ڪري رهيا آهيون تہ هر ملڪ اهڙا مناسب قدم کڻي جنهن وسيلي سنڌي ماڻهن جو اقتصادي حالتون سڌري سگهن. کين ضرورت مطابق زمين، پاڻي، قرض جون سهوليتون ۽ ٽيڪنيڪل سهائتا ڏني وڃي.

(I) آمريڪا جي هر حڪومت هڪ اهڙو ادارو يا آفيس قائم ڪندي جنهن جو خاص مقصد سنڌين جي مسئلن کي حل ڪرڻ هوندو ۽ وقت جي شڪار سنڌين جي ضرورتن تي خاص ڌيان ڏيندي.

(II) سنڌين جي معاملن سان لاڳاپيل اهڙن ادارن ۽ آفيسن کي ”انڊين سروس“ جي انتظام ۾ هڪ هٿي ڪتب آڻڻ نہ گهرجي. پر ان جو سارو ڌيان ۽ گيان سنڌين جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ مخصوص هجي. ان کان سواءِ سرڪار جا ۽ مڪاني ذريعا سنڌين جي ڀلي لاءِ ڪم آندا وڃن.

(III) سنڌين جي معاملن بابت سڀ آفيسون اڻ سڌي طريقي سان سنڌين سان گڏجي ڪم ڪنديون رهن. ان مقصد لاءِ سنڌي گروهن کي بہ ڪتب آڻي سگهجي ٿو يا انهن جي ترقي واسطي باهمي امداد وارين تنظيمن کي ڪم آڻي سگهجي ٿو. اها سنڌين جي بچاءَ لاءِ هڪ باهمي امداد بہ آهي.

پازڪئارو جي انهيءَ ڪانفرنس جي خاتمي وقت (جنهن ۾ آمريڪا جون اٺويهہ حڪومتون شامل هيون) عبوري طور 'Inter American Institute of Indians' نالي هڪ ادارو قائم ڪيو هو. ان کان پوءِ ڪانفرنس ۾ موجود حڪومتن هڪ معاهدي تي صحيحون ڪري ان اداري کي يقيني بنائي ڇڏيو هو. مذڪوره معاهدي تي ميڪسيڪو، يونائيٽيڊ اسٽيٽس، هنڊو راس، ايل سلوا ڊور، گوئٽيمالا، پاناما، نڪاراگئا، ڪيوبا، سانتو ڊمينگو ڪولمبيا، بوليويا، پيرو، وينيزولا، پئراگئي صحيحون ڪيون هيون. هن اداري جو پهريون ڊائريڪٽر مئاسز سائنز (Moises Saens) کي مقرر ڪيو ويو هو. جنهن جو

تعلق ميڪسيڪو سان هو. هو ماهر تعليم ۽ هڪ عالم انسان هو جنهن سنڌين جي زندگيءَ تي تمام گهڻو ڪم ڪيو هو. هي ماڻهو اداري جي ڊائريڪٽر هئڻ سان گڏ پيرو ۾ ميڪسيڪو جو سفير به هو جيڪو 1942ع ۾ وفات ڪري ويو. هن جي جاءِ تي مئنيوئل گاميو کي اداري جو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو هو جيڪو اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ سياڻو سچيت ۽ ڪليءَ دل وارو ماڻهو هو. جنهن سنڌين جي زندگيءَ لاءِ پاڻ کي ارپي ڇڏيو هو. مان به هن اداري جي گورننگ باڊي جو مئي 1946ع تائين صدر طور ڪم ڪيو هو. هن وقت به آءٌ هن اداري جي بورڊ ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي نمائندي طور ڪم ڪري رهيو آهيان. هن اداري جي آمريڪا جو هر ملڪ پنهنجي حصي جي رقم ادا ڪري مدد ڪري رهيو آهي. هي نيم آزاد ادارو ۽ (Pan _ American) سسٽم جو حصو آهي.

آمريڪا جي اڻويهن ملڪ جيڪي معاهدي مطابق هر ملڪ پنهنجي ملڪي سرحدن اندر قائم ڪيل (National Institute of Indian) کي سهائتا ڪندو ۽ منظم ڪندو آهي جيڪا (International Institute) جي شاخ آهي، هن وقت سيئي (National Institute) ڪم ڪري رهيا آهن. انهن مان ڪجهه پنهنجي ملڪن لاءِ اهم ادارن جي حيثيت رکن ٿا. يونائيٽيڊ اسٽيٽس به هڪ اهڙو نيشنل انسٽيٽيوٽ جوڙيو آهي. سينيٽ به هن اداري جي مالي مدد لاءِ ووٽ ڪيو آهي ته جيئن بنا ڪنهن روڪ رنڊڪ جي ادارو ڪم ڪندو رهي، پر گهرو ڪاتي جي سب ڪميٽي (House Appropreation Committee) هن خاص مقصد لاءِ رقم ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. جن ملڪن معاهدي تي صحيح ڪئي هئي انهن ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس به شامل آهي، پر هي ملڪ صحيح کان پوءِ ان معاهدي تان ڦري ويو هو. ”پازڪئارو“ واريءَ ڪانفرنس ۾ به ملڪ برازيل ۽ ڪئناڊا شريڪ ڪونه ٿيا هئا نه وري انڊين انسٽيٽيوٽ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيا هئا. ايئن سمجهڻ کپي ته انهن ملڪن مخالفت ڪئي هئي، پر اهي سنڌين جي معاملن ۾ اڳيئي خاص دلچسپي وٺي رهيا هئا.

ابتدائي دور کان وٺي ڪئناڊا جي سنڌين بابت حڪمت عملي اها ساڳئي هئي جيڪا هنن بابت انگلينڊ جي هئي ته سنڌين جي زمينن جي عزت ڪئي وڃي ۽ سنڌي قبيلن ۾ اعتماد رکيو وڃي. انگلينڊ جي حڪمران چارلس (II) 1670ع ۾ هڊسن بي ڪمپني (Hudson Bay Company) جو بنياد رکيو هو جنهن هن علائقي مان نڪرندڙ نئين جي پاڻيءَ وسيلي انهيءَ علائقي ۾ پوکي

راهيءَ جي شروعات ڪئي هئي. ڪمپنيءَ سنڌين ۾ ان جي معاشري جي حياتيءَ جو وڏو بچاءُ ڪيو هو. ان قديم دور سان تعلق رکندڙ هن اداري سنڌين جي مدد سان گورن جي هن نئينءَ دنيا ۾ موجود قدرتي وسيلن جي حفاظت ڪئي هئي، هنن قدرتي وسيلن ۾ هڪ وسيلو جنگلي جانور به هئا جيڪي ماڻهن جي وسندين جي اوسي پاسي گجگاهه ٻيلن ۾ رهندا هئا. يونائيٽيڊ اسٽيٽس واريءَ ڌرتيءَ تي ماڻهن ۾ جانورن کي الڳ ڪيو ويو هو پر ”هڊسن بي“ واري ايراضيءَ ۾ ابتدائي دور ۾ جهنگلي جانورن کي ماري ذري گهٽ ناس ڪيو ويو هو. پر بعد ۾ عقل کان ڪم وٺي ان جهنگلي جيوت جو تحفظ به ڪيو ويو هو ۽ اهو قدرتي ذريعو اڄ به موجود آهي.

ڪئناڊا جي حڪومت سنڌين بابت معاهدا ته ٽورا ڪيا هئا پر انهن جي پيچڪڙي ڪانه ڪئي هئائين، هن ملڪ نه سنڌين جو قتل عام ڪري انهن کي ڊيڄاري ڪيڏانهن ڪڍيو هو نه وري انهن سان ڪڏهن جنگ ڪئي هئائين. ان کان سواءِ ڪئناڊا ٻيو ڪم اهو به ڪيو هو جو عملي ڳالهين مان مختصر ۽ لچڪدار (Canadian Indian Law) نالي هڪ قانون جوڙيو هو جيڪو پنهنجي روح ۾ بهتر عقل سيلم سان لاڳاپيل هو. هن ملڪ ڪڏهن به سنڌين جي زمين تقسيم ڪرڻ کي لازمي قرار ڏنو هو. نه وري سنڌين جي لاءِ مقرر ڪيل فنڊ کي انهن جي انتظامي معاملن ۾ کپايو هو ۽ نه وري هن ڪڏهن انڊين سروس لاءِ ڪم ڪندڙ عملي جي رشوت خوري ۽ ٻين غلطين کي برداشت ڪيو هو. هن ملڪ جي حڪومت سنڌين کي عزت ۽ آبرو وارو مقام ڏنو هو پوءِ اهي پنهنجي انفرادي زندگي گذاريندا هجن يا عام زندگي، پر کين اهڙيءَ ريت مجبور ڪونه ڪيو ويو جهڙيءَ ريت يونائيٽيڊ اسٽيٽس کين مجبور ڪيو ۽ ڪانئن زبردستي زمينون ۽ ٻيون ملڪيتون کسي ورتيون هيون.

معلوم ٿي رهيو آهي ته ڪئناڊا ۾ سنڌين جي اڄ به ساڳي عزت آبرو آهي جيڪا اڳي هئي. پر هن احوال جي خلاف ڪئناڊا ۾ ڪي ٻيون ڳالهيون به موجود آهن. ڪن حوالن مطابق هن حڪومت سنڌين کي هڪ جاءِ تي گهٽي رکيو هو. سنڌين اڳتي وڌڻ لاءِ هڪ تحريڪ هلائي هئي جنهن کي ڪئناڊا روڪي ڇڏيو آهي، جنهن جو اثر ۽ ذڪر آمريڪا تي اثر پئجي رهيو آهي، هن وقت ڪئناڊا جو اهم مقصد هي آهي ته، سنڌي پنهنجي مدد پاڻ ڪن ۽ عيسائي بڻجي وڃن. هن ملڪ سرڪاري طور اهو ڪڏهن به تسليم ڪونه





پروفيسر ڊاسريو ويلوز

ڪيو آهي تہ سنڌين جو ثقافتي ورثو ۽ سنڌي برادريون ڪنهن اهميت جوڳيون آهن. سندن اهڙيون ڳالهيون فقط اتر واري رڻ پٽ ۾ چڱيون لڳن ٿيون جتي منجهن نہ تخليقي قوت آهي نہ وري سندن مزاج ۾ استقلال آهي. هن وقت ڪئناڊا جي حڪمت عملي هيءَ آهي تہ سنڌي عيسائي بڻجي وڃن ۽ سيني قبيلن تي اعتماد رکڻ ۽ سنڌين جو ڪئناڊا جي اقتصادي وايومنڊل ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ حالتون پيدا ڪرڻ آهي.

هتي هڪ بي داغ ڪردار وارو ملڪ بہ موجود آهي پر اهو الهندي دنيا ۾ شامل ڪونہ آهي. هن ڳالهہ کي اٽڪل بہ صديون ٿينديون جو هن ملڪ گرين لئنڊ جي اسڪيموز (Exkimose) جي حقن کي تسليم ڪيو هو. ان سان گڏ هيءَ حقيقت بہ مڃي هئائين تہ اسڪيموز ثقافت کي پنهنجي مستقل حيثيت آهي، تنهن ڪري ڊينمارڪ جي عالمن اسڪيموز جي ٻوليءَ ۾ هڪ لکت فراهم ڪئي هئي ان ملڪ کي ڊينمارڪ يا ٻئي وسيع دنيا کان ڪٽي الڳ ڪونہ ڪيو ويو هو. پر ان کي ڊينمارڪ ۽ ٻئي دنيا سان ڳنڍيو ويو هو. گرين لئنڊ جا هي اسڪيموز پنهنجي ثقافت تي فخر ڪندا آهن.

آمريڪا ۾ هڪ مشهور ملڪ برازيل بہ آهي جتي ڏهہ لک سنڌي رهندا آهن جيڪي ننڍين وڏن جنهگلن ۽ گجگاهہ ٻيلن ۾ رهندا آهن. برازيل ۾ گورن جي اچڻ کان وٺي 1890ع تائين هنن گورن ۽ برازيل جي سنڌين ۾ ڪنهن بہ قسم جو لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو ڪونہ رهيو هو. ان زماني تائين سنڌين کي ڪنهن بہ قسم جو گهٽ۾ حق مليل ڪونہ هوندو هو.

معلوم ٿي رهيو آهي تہ 1896ع کان وٺي برازيل جي ڪن انسان دوست ماڻهن سنڌين لاءِ آواز اٿارڻ شروع ڪيو هو. انهن ماڻهن ۾ سيني کان وڌيڪ


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

آواز پروفيسر ڊاسريو ويلوز (Dario Velloza) جو هو جيڪو ڪيوريٽي با (Curity ba) جو رهاڪو هو. پر هن جي دانهن جو 1910ع تائين ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو هو.

انهيءَ سال صدارتي فرمان وسيلي برازيلين سروس (Brazilian Service) نالي هڪ ادارو قائم ڪيو ويو هو جنهن جو ڪم سنڌين جو بچاءُ ڪرڻ هو. ان اداري جو پهريون ڊائريڪٽر فوجي جنرل رونڊون، ڪانڊيڊو ماريانو ڊي سلوا ريڊونڊو (Rondon Candido Mariano De Silva Redondo) هو. ڪم تہ تمام گهڻو هو جنهن لاءِ ماڻهو تہ عظيم مقرر ڪيو ويو هو. جنرل رونڊون پنهنجي ملڪ جو هڪ وڏو ماڻهو هو جيڪو ڏاڍو ڏاهو بااخلاق نيڪ ۽ جذبن سان ڀرپور هو. هو 1910ع کان اڳ ئي هڪ ڪامياب انسان هو. جيڪو بهترين فوجي سپاهي، انجنيئر، جاگرافيدان ۽ اعليٰ نسلي ماهر هو. کيس ٽيليگراف نصب ڪرڻ جي ذميواري حوالي ڪئي وئي هئي. اهو ڪم کيس جهنگن جبلن وچان هلي پورو ڪرڻو هو. پر هن اها ذميواري سنڌين جي هڪ رت ڦڙي وهائڻ کان سواءِ پوري ڪئي هئي. هن ملڪ جي جهنگلن ۽ گجگاهہ ٻيلن ۾ سنڌي رهندا هئا جيڪي بي ضرر ۽ اهنسا جي اصول جا قائل هئا. هنن سدائين پنهنجي ويجهن کي سدائين گورن کان قتل ٿيندو ۽ رت ڳاڙيندي ڏٺو هو. ان کان پوءِ هو پنهنجي بچاءَ لاءِ چٽي ويڙهہ جا حامي ٿي چڪا هئا. جڏهن جنرل رونڊون ٽيليگراف جي تار وڇائي هئي تہ هن ويڙهاڪ سنڌين کي پنهنجو دوست بڻائي ڇڏيو هو.

جنرل رونڊون ”انڊين سروس“ نالي اداري جو سربراهہ مقرر ڪيو ويو هو تہ هن سنڌين کي تحفظ ڏيڻ جي جيڪا ڪوشش ڪئي هئي انتظامي معاملن جي شاگردن لاءِ چڻ مشعل راهہ آهي، هن جنرل کي جنهگل ۽ ٻيلن ۾ رهندڙ سنڌين جي پوري ڄاڻ هئي، کيس هيءَ بہ پوري ڄاڻ هئي تہ ڪهڙيءَ ريت سنڌين کي سڌيءَ ۽ اڻ سڌيءَ ريت غلام رکيو ويندو آهي جيڪا صدين کان وٺي جاري آهي اهڙيون حقيقتون تجربن ۽ تحقيق وسيلي معلوم ٿيون آهن. هن سنڌين ۽ انهن جي برادرين کي اهڙين اٽاسين ڳالهين کان آجي رکڻ لاءِ عملي منصوبا بہ تيار ڪيا ويا هئا. هن (Indian Posta) نالي آفيسون قائم ڪيون هيون جيڪي جهنگلن ۽ ٻيلن ۾ پري پري تائين موجود هيون جن کي تحقيقي مرڪز طور ڪم آندو ويندو هو ۽ انهن جي ڪڍيل نتيجن کي باقاعدي قلمبند



ڪيو ويندو هو. اهڙي معلومات ”انڊين پوسٽ“ نالي وارا ادارا هڪ ٻئي کي ڏيندا وٺندا هئا ۽ ساڳئي معلومات برازيل جي ماڻهن تائين بہ پهچائي ويندي هئي جيڪا تصويري ۽ تحريري شڪل ۾ هوندي هئي. ان کان سواءِ سنڌين جي مسئلن ۽ انهن کي حل ڪرڻ جي طريقن کي اڏو رکيو ويندو هو. هن قسم جي مهم لاءِ ”انڊين سروس“ لاءِ هڪ وڏو امتحان هو جنهن کي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پهچائڻو ۽ پکيڙڻو هو جنهن جو مقصد سنڌين جي ساري نسل کي غلامي کان نجات ڏيارڻ هو.

جنرل رونڊون سنڌي برادرين کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪرڻ يا الڳ برادرين کي آڻي هڪ جاءِ تي ڪرڻ، انهن کي فردن ۾ ورهائڻ يا انهن کي اجتماعي شڪل ڏيڻ لاءِ ڪو منصوبو ڪونہ هو. پر هوُ هن نقطہ نظر جو حامي هو تہ انساني نسل ۾ ترقي پسند تغير ۽ تبديلي ايندي رهي ۽ اها تبديلي ۽ تغير انهن جو پنهنجو هجي. هن انساني نسل سان اهو سڀ

جنرل رونڊون

ڪجهہ گڏ هجي جيڪو وٽن آهي، ڪيس اها بہ چڱي ڄاڻ هئي تہ آمريڪا جي اصلي رهاڪن سنڌين وٽ اخلاقي قدر ڪهڙا آهن ۽ انهن جو مفهوم ڇا هئڻ گهرجي. هن کي اهو پورو يقين هو ۽ پنهنجي اهڙي راءِ جو واضح نموني سان اظهار بہ ڪندو هو تہ جنهگل ۾ رهندڙ سنڌين کي اهڙي معلومات حاصل ڪرڻ جو پورو حق آهي، جيڪا هو حاصل ڪرڻ گهرن ٿا ۽ انهن جي ”توهين ڪرڻ کان سواءِ“ اهڙو بندوبست ٿيڻ کپي، ان کان سواءِ انهن سان ڏاهپ ۽ عقلمنديءَ واري انداز ۾ گفتگو ڪرڻ گهرجي. پر اهڙيون ذميواريون گورن ماڻهن تي آهن. هنن ماڻهن کي معلومات کان سواءِ ٻيو بہ گهڻو گهرجي ٿو. ساڻن همدردي جي بہ


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

وڏي ضرورت آهي. يعني پنهنجي سوچن ۽ احساسن وسيلي ٻين جي سوچين ۽ احساسن کي محسوس ڪرڻ. اهڙين ڳالهين لاءِ عملي پيار جي ضرورت آهي. رونڊون پنهنجي ساري زندگي گوئٽي (Goethe) جي هن قول مطابق گذاري ڇڏي ته،

”هر معاملي جو حل پيار آهي.“

هن برازيل جي هر نوجوان تخليقڪار ذانهن سنيهو مُڪو هو ته هو پنهنجي صلاحيتن کي اجاگر ڪن ته ساڻن وڏيون رعايتون ڪيون وينديون. ان کان سواءِ ذاهن ذات ڏٽين ۽ اخلاق جي صاحبن ذانهن به ساڳئي قسم جا نياپا موڪليا هئا. هن عدم مرڪزيت واري انتظاميه قائم ڪئي هئي ۽ هو ”انڊين پوسٽ“ برادري ۽ زراعتي مرڪز کي ڪلي آزادي ڏئي ڇڏي هئي ته پنهنجي مسئلن جي نبيري لاءِ پنهنجي منهن سنڌي قبيلن سان لاڳاپا رکن. هر عملدار کي اها پوري پڪ هئي ته عملي طور جيڪي به دريافتون ٿينديون تن بابت برازيل جي ماڻهن کي ڄاڻ ڏني ويندي. 1910ع کان 1930ع تائين رونڊون جي پرڪشش اڳواڻي هيٺ هر ڪم اندر هڪ رابطو ۽ تسلسل موجود هو. پر 1930ع کان پوءِ ملڪي وايومنڊل ڪجهه منڌل رهيو. تنهن ڪري ”انڊين سروس“ کي ملندڙ قومي سهائتا گهٽجي وڃي وظيفي تائين پهتي هئي. ان ڪري انڊين پوسٽ جا ڪيترا عملدار نوڪري ڇڏي وڃي ٻين ڌنڌن سان لڳا هئا ۽ انڊين سروس جا سڀ مامرا سنڌين جي حوالي ڪري ڇڏيا هئائون. پر 1939ع ۾ ڇڳو واءُ گهيلو هو ۽ ملڪي مامرا به سنوان ٿي هليا هئا. ان کان پوءِ انڊين پوسٽ کي قومي سهائتا به ملڻ لڳي هئي. اهو سڀ ڪجهه ”پاليسي بورڊ“ طرفان ٿي رهيو هو جنهن جي اڳواڻ جنرل رونڊون (Rondon) هو. ان جو هڪ ماتحت ڊاڪٽر جوس ماريا ڊي پاولا ”انڊين پروٽيڪٽو سروس“ جو ڊائريڪٽر هو. هاڻي هن اداري کي زراعت جي کاتي ۾ ضم ڪيو ويو آهي. جنرل رونڊون پنهنجي ماتحت عملي کي سدائين چوندو هو ته جيڪڏهن اوهان کي مري جان ڏيڻ جي ضرورت آهي ته ڀلي مري وڃو پر ڪنهن کي ڪڏهن به قتل نه ڪريو.

ڪڏهن ڪڏهن ايئن ٿي به ويندو هو ۽ اهي پنهنجو بچاءُ ڪندي مري به ويندا هئا. ليڪن هنن ڪڏهن به ڪنهن کي قتل ڪونه ڪيو. ٿوري وقت اندر جهنگل ۾ موجود سيني کي اها ڄاڻ ملي وئي هئي ته ڇا ٿي رهيو آهي. ان کانپوءِ اتي رهندڙ سنڌي قبيلا ويجهيءَ انڊين پوسٽ وٽ گڏ ٿيڻ شروع ٿي ويا جن جو

تعداد 106 هو پوءِ اسڪول ۽ اسپتالون ڪلي ويون. ان ڪان سواءِ ڪين زرعي اوزار ملڻ لڳا. ڪين اها بہ ڄاڻ ڏني وئي هئي تہ جهنگلن ۾ ڪهڙي قسم جي پوکي راهي ٿي سگهي ٿي. انڊين پوسٽ جي عملي هنن کي ڪٽڪ، ساريون، وونئڻ، سٽي ۽ مئنيڪو (Manico) جي پوکيءَ بابت معلومات فراهم ڪئي هئي. وايومنڊل جي مناسب ٿيڻ ڪان پوءِ سنڌي قبيلن کي بہ ساٽن پورهئي ۾ اهڙيءَ ريت ڪين چوپائي مال جي صنعت ڪان بہ واقف ڪيو ويو هو. هنن پنهنجو پاڻ زراعت، مڇي ۽ شڪار لاءِ وسيع ايراضي واسطي مقرر حد بڻائي ڇڏي هئي. ساڳئي وقت اهڙي قسم جي جوڙجڪ بہ رکي وئي جو جهنگل ۾ رهڻ واري زندگي هڪدم ڇڏڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي وئي هئي. ان ڪان سواءِ سنڌين تي ڪنهن بہ قسم جو ڪو زور بار ڪونہ رکيو ويو هو. اختيار ڪيل اهو طريقو جمهوري هو جنهن ۾ سرڪار جو ضابطو نالي ماتر هو ۽ ان مان مستقل نوعيت جا بهتر نتيجا نڪري رهيا هئا. اهڙو خرچ سرڪار پاڻ ڀريندي هئي ۽ وسيع ۽ مستقل نتيجا قبيلي جا ماڻهو پاڻ حاصل ڪري سگهندا هئا ۽ ڪم ڪارپوريشن وانگي هلندو هو.

مان سمجهان ٿو تہ برازيل جي سنڌين جي معاملن سان لاڳاپيل (Brazil Indian Service) ڏاڍي ايمانداريءَ سچائي سان ڪم ڪري رهي آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي گنجائش ڪانہ آهي. هي ادارو ٻين ملڪن جي ”انڊين سروس“ وارن ادارن ڪان گهڻو اڳتي آهي جنهن ۾ هر گهربل شيءِ موجود آهي ۽ سنڌين جي خدمت لاءِ پاڻ کي ارپي ڇڏيو آهي، معلوم ايئن ٿي رهيو آهي تہ هن اداري ۾ مجموعي طورتي هڪ اتساهہ ۽ امنگ موجود آهي. ٻيو تہ ان جي پهچ هر ماڻهوءَ تائين آهي، ان ڪان سواءِ هن اداري کي اقتصادي بنيادن تي هلايو ٻيو وڃي ۽ ان ڏاهپ واري اتساهہ امنگ تي حد ڪان وڌيڪ اعتماد ڪرڻ ڪا غلط ڳالهہ ڪانہ آهي. اها ڳالهہ بہ گهٽ نہ آهي تہ هن ڪم ۾ حصي نہ وٺڻ واري تي ڪابہ زبردستي ڪانہ ڪئي ويندي آهي. ان ڪري پاوِلا هي ڳالهہ ڪندي ڪا هبڪ محسوس نٿو ڪري تہ ان نسل کي ڪڏهن ختم ڪري ڪونہ ٿو سگهجي جيڪو پورا چارا سؤ سال جي ڪيس قهر جي ڪات کهاڙن ڪان پوءِ اڄ بہ زنده آهي. هيءُ نسل ان ڪري زندهہ رهجي ويو آهي جو هن کي پنهنجي ثقافت ۽ آزاديءَ تي فخر آهي، هن جي شاندار ۽ باوقار شخصت اندر پنهنجي ڌرتي ماتا سان اڻ مَيو پيار آهي جيڪا سندس جنم

پيومي آمريڪا آهي، هن کي پنهنجي گهرياتين سان پيار آهي ۽ پنهنجي زندگي انهن کي ارپي ڇڏي آهي، هي ماڻهو هڪ اوپري مسافر کي عزت ۽ آبرو ڏين ٿا ۽ ان جي مهمان نوازي ڪن ٿا. اهڙا ماڻهو ڪڏهن به هيٺي ٻولي ڪونه سگهندا. هي ماڻهو جڏهن جنگ لاءِ وڙندا آهن ته موتڻ مِٺو سمجهندا ۽ اڻ هوند تي فخر ڪرڻ وارا ماڻهو آهن. بک پيا مرندا هوندا پر ڪنهن کي اوڳر ڪونه ڏيندا ته ويلن تي وينا آهيون. ان حالت ۾ جيڪڏهن مهمان وٽن لنگهي ويو ته گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ وارا ڏاتار مڙس آهن. ڏچن، ڏکن ۽ ڏاڪڙن ۾ هوندا ته به پريشان ٿيندا ئي ڪونه. تنهن ڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو هي سنڌي نسل دنيا جو مضبوط ۽ ترقي يافته نسل آهي. جيڪڏهن اهي ماڻهو هن انساني نسل کي سمجهن جن آمريڪا کي پهريائين ڪالوني بنايو هو ته معاملو ڪجهه ٻيو هجي ها.

جنرل رونڊبن ۾ سندس ماتحت عملو نه رڳو سنڌين جي سيوا ڪري رهيا آهن پر سندن ثقافت ۽ روح کي به ساري برازيل ۾ پکيڙي رهيا آهن.

پازڪئارو جي ڪانفرنس کان پوءِ سنڌين بابت دلچسپي گهڻي ۽ گهري ٿي وئي آهي ۽ چوطرف پکڙجي وئي آهي اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا جي سرحدن تائين وڃي پهتي آهي هاڻي تازو ايڪئاڊور (Ecuador)، بوليويا، پيرو ۽ گوئيٽمالا ۾ انقلاب شروع ٿي چڪو آهي. هنن ملڪن جي به حصا آدمشماري سنڌي ۽ ٽيون حصو گورا آهن. پر معلوم ٿئي ٿو ته انهن ملڪن جي سنڌي آمدمشماري 2/3 کان به گهڻي ٿيندي. اهڙي ريت ”ال سلوا ڊور“ ۾ به انقلاب اچي چڪو آهي جنهن جي اڌ کان به گهڻي آبادي سنڌي آهي. پر هاڻي صورتحال اها آهي جو هو اڳيئن کان به سياسي اعتبار کان هيٺ لهي ويا آهن. مٿي بيان ڪيل انقلاب اچا تائين سنڌي انقلابي ڪونه آهن پر اهڙن انقلابن جو مقصد سنڌين جي مدد ڪرڻ ۽ کين آزاد ڪرڻ آهي. جيڪڏهن اهي انقلاب ڪامياب نه ٿا ٿين پوءِ اهڙي قسم جا انقلاب ايندا جن ۾ مرڪزي ڪردار سنڌين جو هوندو. گوئٽي مالا به اهڙين حقيقتن کان چڱيءَ ريت باخبر آهي ته مذڪوره انقلابن جي ناڪاميءَ کان پوءِ سنڌي انقلاب ناگزير آهن. هنن ڳالهين کان آنڊين (Andean) وارا ملڪ به واقف آهن. اهڙي ماحول ڪري ٻين انهن ملڪن جي نقطہ نظر کان به واقف ٿي سگهجي ٿو جن ۾ مستقبل قريب ۾ ڪنهن ترت انقلاب جو ڪو امڪان ڪونه آهي. چاڪاڻ ته جيڪڏهن مجموعي صورتحال

جو جائزو وٺجي تہ اهڙن ملڪن جي اقتصاديات، بايوسائيڪولاجي ۽ سياست ڏانهن لاڙو ڪجھ ٻيو آهي. 1940ع کان پوءِ اهڙن لاڙن ۾ مرحليوار هڪ اندروني تبديلي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اهڙيون تبديليون اولھ جي ملڪن کان سواءِ انهن ملڪن ۾ بہ نظر اچن ٿيون جن وٽ سماجي ڪاميابين جا تجربا موجود آهن ۽ اتان جي شخصيتن ۾ ايندڙ اندروني تبديلي کي بہ شامل ڪري سگھجي ٿو.

اهو بہ امڪان هوندو آهي تہ انقلاب جي لوڏي سان ترقي ڪري ڪوشش جو هڪ تسلسل شروع ٿي ويندو آهي. اهڙين حالتن ۾ اهو بہ معلوم ٿي رهيو آهي تہ بنيادي انقلابي ضروري تبديلين واسطي سماجي طبقاتي هلچل کان سواءِ ٻيا بہ طريقا موجود آهن. اهو بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ لئٽن امريڪا جي ملڪن ۾ پرامن تعميراتي جوڙجڪ موجود ڪونہ آهي. تنهن ڪري اتي انقلابي جهٽڪن جو هڪ تسلسل موجود آهي. جيستائين انقلاب ۾ ڪا تخليقي شخصيت موجود نہ آهي تہ ڪيڏيون بہ وڏيون شخصيتون بہ اهڙي مقصد کي حاصل ڪري ڪونہ سگھنديون آهن. اهڙو مثال ڪارڊيناس جي دور ۾ ميڪسيڪو جو آهي اهڙيون حقيقتون لئٽن آمريڪا جي ملڪن جي شعور ۾ بہ موجود آهن. اهي حالتون سماجي انقلاب کي هڪ طاقتور روپ ڏيئي اڳتي وڌائينديون آهن. هنن ملڪن ۾ موجود فرق آدمشماري جو آهي ۽ اهڙو فرق سنڌين سان تعلق رکي ٿو ڇاڪاڻ تہ هنن ملڪن جي گھٽي آدمشماري سنڌين جي آهي هتي اسان بوليويا جو مثال ڏيون ٿا. ارنيسٽ سي مايس (Ernest C. Maes) اسپيني آمريڪي سماجي علم جو ماهر آهي جنهن جو تعلق ميڪسيڪو سان آهي. هي ماڻهو پهريائين يونائيٽيڊ اسٽيٽس (Soil Conservation Service) ۾ ڪم ڪندو هو. بعد ۾ هو يونائيٽيڊ اسٽيٽس موجود "نيشنل انڊين انسٽيٽيوٽ" ۾ ڏکڻ آمريڪا جي سيني ملڪن جي عيوضيءَ طور ڪم ڪري رهيو هو. هن وقت بوليويا جي تعليمي وازارت جي مشير طور ڪم ڪري رهيو آهي. هن ماڻهوءَ کي پنهنجي تجربي جي آڌار تي "انٽر آمريڪن ايجوڪيشنل فائونڊيشن" ۾ رکيو ويو آهي جيڪو بوليويا حڪومت جي ماتحت ڪم ڪري رهيو آهي. هي منصوبو بوليويا جي (Integral Education) جو هڪ تسلسل آهي جيڪو ويھ سال اڳ ٽيوٽئهاڪان (Teoti huacan) جي ماٿريءَ ۾ مائينوئل گاميو شروع ڪيو هو اهو فقط هڪ قبيلي ۾ نہ


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

پر آلٽيپلانو (Altiplano) ۾ ان جي ماٿري اندر ايڪيتاليهن قبيلن اندر ڪم ڪري رهيو آهي. اهڙيءَ ريت ڀهراڙي جي ايڪيتاليهن تعليمي مرڪزن ۾ صحت ۽ زراعت جا استاد مستقل طور مقرر ٿيل آهن جيڪي مذڪوره شعبن ۾ تعليم ڏيندا رهندا آهن. ان ڪان سواءِ هنن شعبن سان لاڳاپيل فلمون بہ ڏيکاريون ويندڀون آهن ۽ ٿيئٽر بہ ڪم ڪندا آهن جيڪي هر ڳوٺ ۾ اهڙو مظاهرو ڪندا رهندا آهن. هيءَ خدمت جنهن سماجي ايڪائي ڪئي هئي سا بہ سنڌي برادري هئي جنهن کي متائي يا خارج ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. هن قسم جي ٿيئٽر ۾ سنڌي سماج جي زندگيءَ سان لاڳاپيل مسئلي تي هڪ ڪل جي شڪل ۾ حملو ڪيو ويندو هو ۽ هڪ ئي گڏيل ڪوشش ۾ ان کي پيش ڪيو ويندو هو. اهڙيءَ ريت مختلف برادرين جي مستقل بنيادي جوڙجڪ کي اسڪولي تناظر ۾ ڏنو ويندو هو جيڪي عام اسڪولن کان معنوي لحاظ کان وڌيڪ وسيع ۽ مختلف هئا.

بوليويا جي لاپاز ۾ 1945ع دوران هڪ اهم سياسي واقعو رونما ٿيو هو جيڪو اَمِتُ ۽ انباس هو. هي اهڙو واقعو جهڙو هن کان اڳ پيرو ۾ بہ رونما ٿي چڪو هو. حقيقت هن ريت آهي تہ بوليويا جي سنڌين پهرين گڏجاڻي ٿي هئي جنهن ۾ 1400 سنڌي وفدن شرڪت ڪئي هئي جيڪي جابلو علائقن ۾ ماٿرين ۽ خط استويٰ جي گرم علائقن مان ڪهي هتي اچي پهتا هئا. هن گڏجاڻي ڪري انڊين نسل جي سنڌين مان احساس ڪمتري ختم ٿي وئي هئي. ساڳئيءَ ريت اندراوان (Indrawan) جي سنڌي ذات مان ٻئي دنيا سان گڏجڻ وارو خيال ختم ٿي ويو. سنڌين جي هن ڪانگريس ڪري ڪيترائي سنڌي قبيلا هڪ ٻئي کان واقف ٿي ويا هئا جيڪي هن گڏجاڻي کان اڳ هڪ ٻئي کي سڃاڻيندا ئي ڪونہ هئا. اهڙيون حقيقتون ان ڪانگريس جي هلندڙ ڪارروائي مان معلوم ڪري سگهجن ٿيون. ڪانگريس جي ختم ٿيڻ تي بوليويا جي صدر ولاروئيل (Villarroel) چار صدارتي فرمان جاري ڪيا هئا. پهريون فرمان مجتا (Mita) جي ختم ڪرڻ بابت هو. ان وسيلي سنڌين کان کاڻين ۾ زبردستي مزدوري ڪرائڻ وارو ڪم بند ٿي ويو هو. ٻيو صدارتي حڪم پونگيا جي (Pongueaje) جو خاتمو ڪرڻ هو. هن مطابق سنڌي مزدور کي مجبور ڪيو ويندو هو تہ هو پنهنجي ڪاڌ خوراڪ واري حصي مان هئسيندا (Hacienda) وارن کي بہ ڪاڌ خوراڪ ڏين. ٽئين حڪم مطابق هئسيندا وارن کي

منع ڪئي وئي هئي تہ سنڌين غلامن جي ٻارن کان بنا پگهار جي گهر جو ڪم نہ وٺن. چوٿين صدارتي فرمان جو واسطو (Agrarian Code) کي وڏيڪ جامع بڻائڻ سان هو.

هتي سنڌين کي پيش ايندڙ 1940ع کان پوءِ وارن واقعن جو ذڪر موجود آهي. مثال طور نڪاراگئا (Ncarague) جي جهنگلن ۾ 20.000 مسڪيٽو (Miskito) ذات جي سنڌي رهندا هئا جن کي بچائڻ لاءِ هن قسم جي مهم جاري ڪئي وئي هئي:

نڪاراگئا جي گذارش ڪرڻ تي (Inter American Indain Institute) يونائيٽيڊ اسٽيٽس جي ساموندي فوج حوالي ڪيو ويو هو. ان کان پوءِ ليفٽيننٽ ڪمانڊر مائيڪل پجون (Michel Pijoan) مسڪيٽو جي سنڌي ذات جي ماڻهن جي صحت بابت جاچ پرک شروع ڪئي, کيس معلوم ٿيو تہ جهنگل ۾ رهندڙ هنن نبل ماڻهن جو 90 فيصد مختلف بيمارين ۾ ورتل آهي. کيس يقين هو تہ اهي بيماريون سنڌي ڏاها بہ سڃاڻي سگهن ٿا ۽ انهن بيمارين جو علاج بہ هنن وٽ موجود آهي جيڪو ڪيو ويو هو.

ڏيهي ڪيوراندبيرو (Curandero) بہ ريجنل اسپتال ۾ اچي گڏ ٿيا هئا. هي عيسائي مشن اسپتال هئي جنهن جي نگراني هڪ ڊاڪٽر ڪندو هو جيڪو سنڌين کي عزت ۽ آبرو جي نظرن سان ڏسندو هو انهن ڪيوراندبيوز کي ٽن مهينن تائين عملي ۾ زباني سکيا ڏني وئي هئي. مذڪوره بيمارين لاءِ دوائون وائيٿ ڊرگ ڪمپني (Wyth Drug Company) مفت ۾ ڏينون هيون. سکيا مڪمل ٿيڻ کان پوءِ اهي ڪيوراندبيروز موٽي پنهنجي ڳوٺن ڏانهن هليا ويا هئا جيڪي ويجهو هئا, ڪن دوائن جا پئسا مريضن يا انهن جا مائٽ ادا ڪندا هئا. وڏيڪ دوائن لاءِ رقم فنڊن مان ادا ڪئي ويندي هئي, مريضن وٽ پهچڻ ۽ دوائن ڏيڻ جو ڪم ڪيوراندوز ڪندا هئا ۽ ان ڪم جو ڪو اجورو ڪونہ وٺندا هئا. جنهن جي نگراني عيسائي مشينري ڪندي هئي, اهڙيءَ ريت مسڪيٽو ذات جي سنڌين جو علاج چڱيءَ ريت ٿيو هو جيڪو هنن پاڻ ڪيو هو. معلوم ايئن ٿي رهيو هو تہ هي ماڻهو لئٽن آمريڪا جي گهڻن ملڪن جي ماڻهن کان صحت جي نقطہ نظر کان گهڻو اڳتي هئا.

اهڙيءَ ريت مسڪيٽو ذات جي سنڌين جو صحت وارو ڪاتو اڄ بہ ڏاڍيءَ چستيءَ سان ڪم ڪري رهيو آهي, نڪاراگئا جي صحت واري ڪاتي کي


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

امنگ ۾ اتساهه ڊاڪٽر وڪٽر هڪ گسٽي (Victor Mc Gusty) ڏنو هو جيڪو ڏڪڻ- اولهه پئسفڪ کان آمريڪا پهتو هو هن هتي جي ماڻهن کي صحت جو اهو طريقو ٻڌايو هو جيڪو فجي (Fiji) ۾ موجود هو. ان ساڳئي طريقي ۾ اتساهه کي هتي (Inter American Institute) ۾ متعارف ڪرايو هو.

گوئٽي مالا ۾ گهڻي ۾ گهڻي آدمشماري سنڌين جي آهي جيڪا جيئن پوءِ تيئن وڌندي رهي ٿي، هن ملڪ ۾ ترقيءَ اوسر سان لاڳاپيل ٻيون به ڳالهيون آهن. هتي ائنٽينيو گائوباد ڪئريرا (Antonio Gouband Carrera) سماجيات جو هڪ مشهور عالم آهي جنهن جي اڳواڻي هيٺ مٿاهين پٽ واري علائقي ۾ موجود هزارن سنڌي برادرين جي مختلف ثقافتي شين کي پاڻ ۾ ملائي هڪ گڏيل سماج جي صورت ڏئي رهيو آهي. هنن برادرين جون گهٽ ۾ گهٽ پندرهن ٻوليون آهن جن جو تعلق ڪولمبس جي حملي کان اڳ واري دور سان آهي. ان کان سواءِ هڪ ٻئي دور جي شروعات ٿي چڪي آهي، جيڪو ٻن زبانن واري تعليمي نظام جي شڪل ۾ متعارف ڪرايو پيو وڃي پازوڪئارو جي گڏجاڻي وقت مختلف قومن هن اهم مسئلي کي تسليم ڪيو هو هن ملڪ جي اسڪولي ڪمن ۾ اسپيني ٻوليءَ سان گڏ هڪ ٻي ٻولي سيکاري پئي وڃي ۽ تعليم انهن ٻن زبانن ۾ ڏني پئي وڃي. ان جو لازمي نتيجو اهو نڪتو آهي جو اُهي سنڌي ٻار يورپي ٻولي سکڻ کان محروم ٿي ويا آهن جن جو تعلق ميڪسيڪو سينٽرل آمريڪا ۽ آنڊين انڊين سان آهي. يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۽ ميڪسيڪو ۾ ننڍڙي پيماني اتان جي ڌرتيءَ جي ٻولي سنڌين کي پڙهائڻ شروع ڪئي وئي هئي جنهن جا نتيجا اميد افزا نڪتا آهن ان ڪري خواندگي جو فيصد ڪجهه وڌيو آهي تعليم پرائڻ جو اهڙو طريقو صدي کن اڳ چيروڪي سنڌي ذات شروع ڪيو هو هي موضوع نهايت اهم آهي ٻن ٻولين ۾ علم پرائڻ وڏيڪ مضبوط سنو طريقو آهي جيڪو سنڌين جي روحن کان الڳ الڳ (Insutary) ڪرڻ کان آجو آهي. ان طريقي اختيار ڪرڻ سان سنڌين ۾ تعليم عام ٿي ويندي. اها سنڌين جي لاءِ علم پرائڻ جي هڪ سٺي شروعات هوندي جيڪا قومن جي ترقيءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿي. چاڪاڻ ته انهيءَ وسيلي ٽڙيل پکڙيل شيون هڪ هنڌ گڏ ٿي وينديون اهڙو باهمي عمل هڪ طاقتور ثقافت کي جنم ڏيندو. پازڪئارو جي گڏجاڻي ۾ سڀني قومن ٻن زبانن وسيلي علم سيکارڻ تي زور ڏنو هو. پر ڪنهن به ملڪ انهيءَ تي عمل ڪونه

ڪيو هو. اسڪولي تعليم ۾ ڪوبہ نظام موجود ڪونہ هو ۽ ڪنهن بہ ملڪ اهڙين ڳالهين لاءِ ڪنهن خاص اصول تي سختيءَ سان عمل ڪونہ ٿي ڪيو.

ڊاڪٽر گائوباد گوئٽي مالا جي نيشنل انڊين انسٽيٽيوٽ ۾ بنگرو ٻولين جي ماهر ڊاڪٽر مارڪ هانا واڪنس جي مدد سان سنڌين جي هن اهم مسئلي تي تحقيق ڪري رهيو آهي. هي ٻين مسئلن جهڙوڪ اقتصاديات، صحت صفائي مختلف سنڌي ذاتين ڪي هلائي هڪ گروھ جي شڪل ڏيڻ ۾ پڻ رڌل رهيو هو. ان ڪان سواءِ هن موجوده نظام جي طريقہ ڪار تي بہ ڪم ڪيو هو جن جو تعلق تعليمي مسئلن سان آهي. گوئٽمالا جا جيڪي بہ ٽيڪنيڪل ذريعا هئا سي سڀ ڊاڪٽر گائوباد آڏو رکيا ويا هئا جن کي مرضي سان استعمال ڪرڻ جو ڪيس اختيار ڏنو ويو هو. جيڪڏهن هن ڏاهي ماڻهوءَ کي مسئلن حل ڪرڻ لاءِ مناسب وقت ڏنو ويو تہ گوئٽيمالا سنڌين جي ثقافتي ترقيءَ جي نقطہ نظر کان گهڻو ملڪن کان اڳتي نڪري ويندو جيڪو ڪلهہ تائين هن معاملي ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪري رهيو هو اهو اسپين فتح ڪان پوءِ واري مايا ڪئچي (Maya Quiche) ثقافت جي هڪ گڏيل شڪل آهي جيڪا مٿاهين علائقن جي سنڌي برادرين جي ثقافت کان الڳ آهي، اها ثقافت قومي ۽ بين الاقوامي طور هڪ بهتر ترقيءَ واري دور ۾ داخل ٿي سگهي ٿي.

**


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

باب سورهون

# اختصار ۽ اڳڪٿي

سنڌين جي پنهنجي زندگي تي ضابطي رکڻ واري حقيقت ۽ سنڌين جي مفادن جي تحفظ لاءِ هن دور جي حڪومتن طرفان شروع ڪيل مهمن ڪي سنڌين جي گروهي زندگيءَ جي ڪاميابي سڏي سگهجي ٿو. هنن ڪاميابين ۾ خود سنڌين جو بهتر مستقبل موجود آهي، ان سان گڏ اها هڪ نئين قوت آهي جيڪا انسانذات لاءِ وڏي فائديمند شيءِ آهي ۽ سنڌي معاشري جي فردن لاءِ به هڪ طاقت جي حيثيت رکي ٿي.

سنڌين پنهنجي گروهي زندگي جي تحفظ واسطي سون سالن کان وٺي پاڻ پتوڙيندا رهيا هئا. پر سندن عملي ڪمن ۾ ڪجهه ٽڏائي موجود هئي، اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ سنڌين جا گهٽ ۾ گهٽ چاليهه هزار گروهه آهن جيڪو پنهنجي ٽڏائي واري عمل ڪري گهڻو سنو آهي، سندن هڪ گروهي ايڪائي ٻين کان ڌار ۽ اڪيلي آهي، هن هلچل ڪري سنڌين جي زندگي ۾ هڪ وڏي اٿل پٿل اچي چڪي آهي. اهڙيون تبديليون ڪنهن مشين جي چرپر وانگر ڪونه هيون، اهڙين تبديلين ۾ ڌرتي جي ورثي تان هٿ کڻڻ ۽ يورپ جي ورثي کي پنهنجو ڪرڻ ڪونه هو. اهو ٻنهي مختلف شين جو هڪ طاقتور سنگم هو جنهن جي ميلاپ مان هڪ نئين شي جڙي پئي هئي.

دنيا اندر اهڙو ظلم جو طريقو موجود ڪونه هو جيڪو هنن سنڌين کي تباهه ڪرڻ لاءِ نه آزمايو ويو هو ۽ سنڌين مان گهڻن تباهه ڪندڙ هن طريقي سان مڙسيءَ سان منهن به ڏنو هو. قانون معرفت به سنڌين جي تباهي ڪئي هئي، انتظاميه وسيلي به هنن کي ماري مُڇَ ڪيو ويو هو هٿيار بند فوجن وسيلي سندن

وڏو قتل عام ڪيو ويو هو. ڪين غلام بڻايو ويو هو. ڪائڻن زبردستي پورهيو ڪرايو ويندو هو هو بنا پگهار جي گورن جون نوڪريون ڪندا هئا. سنڌن سڀ زمينون ضبط ڪري ڪين بيدخل ڪيو ويو هو سنڌن زمينن ڪي شخصي ملڪيت بڻائي ڪائڻن ڪسيون ويون هيون. هنن ڪي پنهنجن ڳوٺن ۽ گهرن مان بي سبب بيدخل ڪيو ويو هو لکن جي تعداد ڪي هڪ ٺئي وقت پنهنجي وطن ڪان جلاوطن ڪيو ويو. ڪين زوري عيسائي بڻايو ويو. سنڌن خلاف نفرت ڀري پروپئگنڊا ڪئي وئي، ڪائڻن سڪيا ستابا علائقا خالي ڪرايا ويا. جنهن ڏرتيءَ جي سياسي اڳواٽيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو هو. ثقافتي روايتن ۽ رسمن مٿان ڏاڍ ڪيو ويو هو. سياسي اڳواٽن ڪي بي حساب رشوتون ڏنيون ويون. دؤر جي حڪومتن پنهنجي طاقت جي بيجا فائدي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سنڌين جي گروهي ۽ سماجي زندگي انهن سيني تباهہ ڪارين کي ڳڙڪائي وئي هئي.

هاڻي ڪن ملڪن ۾ سنڌين سستيءَ ۽ گسر ڪرڻ واريون عادتون تبديل ٿي رهيون آهن ۽ ترقي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيا آهن اڳيون ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ ختم ٿي ويو آهي تہ ختم ٿي رهيو آهي. ڪيتريون قومون اهو تسليم ڪري چڪيون آهن سنڌين جي سماج کي قتل ڪري ختم ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. رونڊون اهو پهريون ماڻهو هو جنهن 1910ع ۾ للڪاريو هو تہ سنڌين کي ظلم سان ختم ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. هن برازيل ۾ سنڌي گروهن جي ترقيءَ ۽ تعمير واسطي ”انڊين سروس“ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو. ميڪسيڪو بہ انقلاب تي اوک ڊوک ڪندي قديم سنڌي قدرن کي تسليم ڪري ورتو هو. 1933ع ڪان پوءِ يونائيٽيڊ اسٽيٽس بہ اهڙي حقيقت کي تسليم ڪري ورتو هو ۽ سنڌي گروهن ۾ هڪ سماجي تحرڪ جي ابتدا ٿي چڪي هئي. جيڪا سنڌين جي پنهنجي مرڪزن ڪان ٿي هئي، بوليويا جي پنهنجن مرڪزن ڪان ٿي هئي، بوليويا، پيرو ۽ ايڪئاڊور ۾ بيشمار ڪميو نيڊاڊس (Comunidades) هئا جن مان فقط پيرو ۾ ٺئي چار هزار هئا. جن کي سماجي خدمت ۽ زراعتي ترقي جي منصوبن ۽ تعليم جي ادارن جي شڪل ۾ شامل ڪيو ويو هو. اهڙي شروعات سست رفتاري سان ٿي هئي پر اها زراعتي انقلاب جي شڪل ۾ اڳتي وڌي رهي هئي. اسان کي سنڌين جي نئين دنيا (Indians New world) جي تناظر ۾ موجوده دور جي نمائنده سنڌي سوسائيٽز کي جاچي ڏسڻ کپي.


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com




بوليويا جي 13000 فوٽ برفاني جابلو چوٽي تي ڪولانا (Collana) جو ڪميونيڊاد موجود آهي جتان بوليويا جي راڄڌاني ڏسي سگهبي آهي جيڪا اٽڪل ارڙهن ميل پري آهي، هتي اهڙا 600 ڪولانا موجود آهن. جن جو سماجي انتظا مي ايلو (Ayllu) جي حوالي آهي جنهن جو تعلق فتح کان اڳ واري دور سان آهي. هن علائقي ۾ هيءَ روايت آهي تہ زمين جا ڪجھ ٽڪرا ڪن خاندانن کي ڏنا ويندا آهن. هتان جو چوپايو مال اهڙن چراگاهن ۾ چرندو آهي جيڪي گڏيل ملڪيت هوندا آهن. فصل جي پوکي ۽ لاٻارو هڪ اداري جي شڪل ۾ ڪيو ويندو آهي. هتي هر سال الڪيڊ (Alcade) ۽ ڪئبنلڊو (Cabildo) ڪائونسل (Council) جي چونڊ ٿيندي آهي. انهيءَ طريقي سان چونڊيل عملدار پيداواري ذريعن کي منظم ڪندا آهن ۽ ماڻهن جا سول ۽ فوجداري معاملا پڌندا آهن. قانون مطابق ڪنهن ٻاهرئين ماڻهوءَ کي ڪولانا ۾ رات رهڻ جي اجازت ڪانہ هوندي آهي. اهو قانون اِنڪا شهنشاهيت واري دور کان يڪو هلندو پيو اچي جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديلي ڪانہ آندي وئي آهي، پر فتح کان پوءِ هن جو بيءَ وسيع سنڌي دنيا سان لاڳاپا ختم ٿي ويا آهن.

پيرو ۾ جائوجا (Jauja) جي پرسان موڪويائويا (Mcqui Yauya) جو ڪميونيڊاڊ آهي جيڪو ڇئن ايلو (Ayllu) جي اتحاد سان ٺاهيو ويو آهي.

انهن ڇئن مان هر هڪ ايلو کي پنهنجو الڳ چونڊيل عملدار هوندو آهي. اهي عملدار هر هفتي ڪائونسل ۾ گڏبا آهن ۽ هن ڪائونسل جي لاءِ ووٽ ويهن سالن جو هر مرد ڏئي سگهندو آهي. ڪائونسل جا عملدار ايئن قرندا گهرندا

رهندا آهن جو مختصر عرصي دوران هر نوجوان کي اهڙي سرڪاري منصب جي ذميواري سنڀالڻي پوندي آهي.

پيرو ۾ وري اهو قانون آهي جو هئسينڊا (Hacienda) يا گرجا جي غير آباد زمين سرڪار پنهنجي تحويل ۾ وٺندي آهي ۽ پوکي راهي لاءِ عام ماڻهن کي وڪرو ڪئي ويندي آهي، هر ”موڪويايو“ ڪاٽين ۾ ڪم ڪرڻ بدلي ملندڙ پگهارن وسيلي اهڙي هزارين ايڪڙ زمين خريد ڪري ڇڏي آهي هنن نين زمينن ۾ گڏيل مختلف ذريعي الفا الفا (Alfa Alfa) جي پوک ڪري زمين کي آباد ڪيو ويو هو. اهڙيءَ ڍهن سالن اندر 70.000 (هڪ سڪو) رقم کي بچايو ويو آهي ۽ هيءَ رقم وري ”مائڊرو اليڪٽرڪ پلانٽ“ ۾ سيڙائي وئي آهي جنهن جي تعمير پڻ گڏيل پورهئي وسيلي مڪمل ڪئي وئي آهي. هي پلانٽ 4400 وولٽ بجلي پيدا ڪندو آهي، هن بجلي جو اڌ ڪميونيڊاڊ کي ۽ اڌ جائو جا شهر کي ڏني ويندي آهي. جيڪو هن پلانٽ کان چار ميل پري آهي، هن بجلي وسيلي ڪميونيڊاڊ جي اٽي جي مشن هلندي آهي، تنهن ڪري عورتون آزاديءَ سان ويٺيون هونديون آهن يا ڪنهن نہ ڪنهن هنر سان لڳيون پيون هونديون آهن. اهڙي ريت موڪويايو گڏيل پورهئي وسيلي هڪ اسڪول تعمير ڪري سرڪار حوالي ڪيو آهي جنهن ۾ 300 ٻار پڙهندا آهن. اهتي انڪا جي دور جو هڪ ميتا (Mita) آهي جنهن کي اسپين وارن باهمي تباهہ ڪري ڇڏيو هو پر ان واقعي کان پوءِ ان کي نهايت شاندار نموني سان جوڙيو ويو آهي پورهئي ڪرڻ لائق هر مردگڏيل ڪم ۾ ضرور شريڪ ٿيندو آهي، ڪڏهن هن ڪم ۾ پنهنجي ڪٽنب جي مردن بدران عورتون بہ اچي شريڪ ٿينديون آهن. برادريءَ جي فنڊ مان عورت کي پٽ ڄڻڻ تي پنج سول (Sole) ۽ ڌيءَ ڄمڻ تي اڍائي سول ملندا آهن. جڏهن ڇوڪرو يا ڇوڪري اسڪولي تعليم پوري ڪري يونيورسٽي ۾ داخل ٿيندي آهي تہ اهو خرچ برادري ڏيندي آهي.

موڪويايو گهڻن ڪميونيڊاڊس مان هڪ آهي جيڪو سنڌين جي برادرين جي مزاحمت جي قوت ڏيکاريندو آهي ان سان گڏ سندن نئينءَ جوڙجڪ ڪرڻ جي اهليت کي واضح ڪندو آهي، ان کان سواءِ اهو ادارو مختلف ڪميونيڊاڊس جو ٻٽيل ۽ باهمي امداد جي آڌار تي هلندو آهي، هن اداري قديم اخلاقي قدرن کي نمايان ڪيو آهي. ان کان سواءِ انسان ۾ فطرت وچ ۾ قديم لاڳاپن ۾ جدت آندي آهي ۽ هن ڳالهہ کي بہ واضح ڪيو آهي تہ

منجهس جدت جي گنجائش موجود آهي.

اهو بہ معلوم ٿيندو تہ گرين لئنڊ جي پڙهيل ايسڪيموز ناول، شاعري، تاريخ ۽ ڊراماڻون لکيا آهن جن تي ڊينمارڪ يورپي اثر موجود آهي. اسان کي هي نظر اچي رهيو آهي تہ الاسڪا ۾ ايسڪيموز برادريون مختلف ڪم باهمي امداد تحت ۽ نهايت جديد طريقن سان ڪنديون آهن ۽ انهن ۾ ڪاميابيون حاصل ڪنديون آهن، پر اهي سماجي طور ۽ شخصي نقطہ نظر کان اڄ بہ ايئن نظر اينديون آهن جيئن هزارين سال اڳ هيون.

جيڪڏهن اسان الاسڪا جي ڏکڻ- اوڀر واري گرم حصي ڏانهن ويندا سون تہ اتي اسان کي ميٽلاڪٽلا (Metla Katla) نسل جا ماڻهو ڏسڻ ۾ ايندا. هن نسل جا ماڻهو الهندي ڪناري سان تعلق رکن ٿا جن کي ڪئناڊا مان هيڏانهن زبردستي ڪڍيو ويو هو. امڪان آهي اهڙيون ڳالهيون ڪئناڊا جي باهن نسل جي ماڻهن سان ڪن جهونڙن کي ياد هونديون. هن نسل جي ماڻهن ۾ سماجي تنظيم موجود آهي. اهڙيءَ ريت هو ڪم بہ گڏجي ڪندا آهن ۽ سندن پيداوار بہ گڏيل يا مشترڪ هوندي آهي. هي انساني معاشرو پنهنجي سوچ فڪر ۾ جديد نظر ايندو آهي، مڇي مارڻ ۽ ان کي محفوظ ڪرڻ وارا ڌنڌا گڏجي ڪندا آهن. هنن ماڻهن کي پنهنجو قديم ماضي ياد آهي. هن کان پوءِ اسان سنڌي نسل جي هوپي (Hopi) برادري جو ذڪر ڪنداسون جيڪي اتر آريزونا واري اوچي علائقي ۾ رهندا آهن. هي رڻ پٽ علائقو ڏاڍو خوبصورت آهي پر ڏکيو بہ ڏاڍو آهي، هن علائقي جي راڪ ميساس (Rock Mesas) واري چوٽي سدائين طوفانن جي ضد ۾ رهندي آهي هيءَ چوٽي ايتري مٿي آهي جو اتان سج، چنڊ ۽ تارا ويجها پيا نظر ايندا آهن. هي انساني نسل بہ زماني جا ڏنجهہ ۽ ڏچا ڏسي چڪو آهي جيڪا ڳاڻاٽي جي لحاظ کان هڪ وڏي برادري آهي ۽ پورن پندرهن سون سالن جي عرصي دوران ڇڳي ٽٽي ڪانہ آهي. هنن ماڻهن کي پنهنجو قديم ماضي وارو زمانو ياد آهي هنن جو ماضي سندس مستقبل کان وڌيڪ سنو آهي، هن قبيلي جو روح سندن فن ۾ موجود آهي ۽ اهڙي فن جو تسلسل اسان کي فن جي اصلي تخليقڪار ڏانهن وٺي ويندو آهي. هنن جي ارادن ۾ هڪ اڻ کٽ تحرڪ موجود آهي. ڪين اهو ويساهہ آهي تہ هن ڪائنات جو وجود هنن جي سماجي تحرڪ ڪري سلامت آهي.

هي ماڻهو پنهنجي کاڌ خوراڪ ۽ پاڻي وڏي مشڪلات سان حاصل ڪري

سگهندا. هن رڻ پٽ علائقي واري ٻر ڏر ڏڪار تہ اڳي ئي رهندو آيو آهي، تنهن ڪري هنن جو جيئڻ ئي جنجال هوندو آهي، پراڻي ڏکن سورن هوندي بہ هن هيپي نسل جي سنڌي ماڻهن بہ سماجي ۽ روحاني مقصد ماڻي ورتا آهن. هن رڻ جي ڏکن ڏاکڙن مان سمجهي ويا هئا تہ ڏڪاري وايومنڊل کي ڪهڙي ريت مڙسيءَ سان منهن ڏئي سگهجي ٿو تنهن ڪري هنن پنهنجي سماجي جوڙجڪ ۾ جمهوري طريقا اختيار ڪيا هئا ۽ انهن انساني قوت کي اجايو ڪونہ وڃايو هو نہ وري ڪنهن پنهنجي شخصي مفادن جي ڳالهہ ڪئي هئي.

جيڪڏهن هنن ماڻهن جي سماجي جوڙجڪ کي ڏسبو تہ هي نسل عملي ڪم ۾ ويساهہ رکندو آهي. هنن جي سماج انسان ۽ فطرت جو ميلاپ آهي جيڪو هزارن سالن کان وٺي قائم ۽ دائم آهي. هي نسل هڪ اداري وانگي فائدو حاصل ڪندو آهي، ان لاءِ هو نوان اوزار ڪم آڻيندا آهن ۽ نوان مقصد حاصل ڪندا آهن ۽ هوپي نسل جي ماڻهن جو اجهو اهو مقدر هوندو آهي. هنن جي اندروني زندگي ڳجهي ۽ محدود ڪانہ هوندي آهي پر ڏاڍي سولي ۽ ڪليل هوندي آهي. سندن دنيا بابت نظريو يا پنهنجو پاڻ کي اڳتي آڻڻ جو نقطہ نظر ماضيءَ کان وڌيڪ مستقبل سان ڳنڍيل هوندو آهي. سندن سيکارڻ جو نمونو ۽ انتظام رکڻ جو طريقو بہ بهتر آهي پر اهڙي اثر ڪري جتن ۽ جاکوڙ بہ وسيع پيماني تي ڪئي ويندي آهي. هوپي ماڻهن جي موجوده دور واري تخليقي سماجي منصوبہ بندي بہ ماضيءَ جهڙي آهي هنن جي جديد سماجي سائنس جا اوزار اسان جي جديد سماجي سائنس جي اوزارن کان گهٽ ڪونہ آهن.

ڪولمبيا جي ائنٽونيو گارشيا جو بيان آهي تہ سنڌي سماج خلاف حملي جي پراڻي طريقي کي ٻن پاسن کان جاچي ڏسڻ کپي جن مان هڪ حصو هي آهي تہ سنڌين جي مختلف سوسائٽيز کي صفا ختم ڪري ڇڏجي ۽ اهو نقطہ نظر عام آهي پر اهو تصور مڪمل طور ناڪام ثابت ٿي چڪو آهي. جڏهن تہ ٻي حقيقت اها هئي تہ سنڌين کي قومي ڌارا کان صفا الڳ ۽ اڪيلو ڪري ڇڏجي، يعني کين ملڪي سياسي اقتدار، اقتصادي ۽ معاشي فائدن ۽ ٽيڪنالاجي جي معلومات کان ڌڪي گهٽو پري ڪري ڇڏجي. پر جيڪڏهن مٿي بيان ڪيل ٻئي حقيقت کان ابتو سوچجي تہ پوءِ ان حالت ۾ سنڌي تمام گهڻو اڳتي وڌي سگهن ٿا ۽ تمام گهڻو حاصل ڪري سگهن ٿا. پر اهڙين ڳالهين سان گڏ هنن حقيقتن ڏانهن بہ ڏسڻو آهي تہ دنيا جي قومن جي تناظر ۾ هنن جي


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

طاقت وڌندي رهندي؟ هي نسل مزاحمتي سگهہ جو مالڪ آهي ۽ منجهن ڏکن ڏاکڙن سهڻ جي صلاحيت آهي تہ ڇا اهڙن ڏکن ڏاکڙن ۾ سندن آدمشماري جي شرح سيڪڙو گهٽجي سگهجي ٿي؟

مان ڪمشنر جي حيثيت ۾ ڪيترائي سال هنن سنڌين سان گڏ رهيو آهيان. تنهن ڪري مان صحيح پيشنگوئي ڪري سگهان ٿو.

مان سمجهان ٿو تہ اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا جون قومون سنڌين جي سماجي گروهن جي سماجي تحرڪ ڪي بنياد بڻائي سنڌين جي ترقيءَ بابت منصوبہ بندي ڪنديون. انهيءَ ڪم ڪي ڏاڍي بهادري ۽ نئين طريقي سان هٿ ۾ ڪنيو ويندو. ڇاڪاڻ تہ ايئن ڪرڻ جا تجربا موجود آهن ۽ اهڙا دستاويز بہ دستياب آهن. اهڙي معلومات مختلف قومون هڪ ٻئي کي ڏينديون رهنديون آهن.

سنڌي برادريون ڪنهن وڏي ڪم ڪي سرانجام ڏيڻ ۾ قديم جمهوري طريقو ڪتب آڻينديون آهن ۽ ضرورت مطابق ڪڏهن اڳيون جمهوري طريقو ڇڏي بہ ڏينديون آهن. اهڙين پيداواري سماجي تنظيمن يا جمهوريتن جو تعداد چاليهہ هزار آهي جن کي اقتصادي ۽ سماجي جمهوريتون بہ سڏي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ اهي فقط سياسي جمهوريتون ڪونہ هونديون آهن. اهي سنڌي سماجي ايڪايون هر قوم يا هر ملڪ ۾ موجود آهن جن کي هڪ وفاقي ۽ بين الاقوامي حيثيت حاصل آهي، انهن سنڌي سماجي ايڪاين جي مختلف ملڪن جي حدن ۾ اچ وڃ ٿيندي رهندي آهي ۽ اتي موجود سنڌ جي سماجي گروهن سان رلڻ ملڻ بہ ٿيندو رهندو آهي. گهڻو ڪري سندن اهو لڳ لاڳاپو عملي پورهئي سان تعلق رکندو آهي. سندن اهڙا تعلقات ڪن تحقيقي ادارن ۽ تنظيمن سان هوندا آهن جن جو تعلق فن سان هوندو آهي. اهي سنڌي سوسائٽيون جديد طريقي واري باهمي امداد کي قديم باهمي امداد واري نموني سان گڏ هلائينديون آهن. باهمي امداد جو هيءُ آمريڪي طريقو جڻ تہ موجوده دور جي سڏريل دنيا جو باهمي امداد جو نمونو آهي.

گهڻ رخي گڏيل تعليمي نظام جي ترقي سان ٻن زبانن (Bi Languat) جي تعليم جو طريقو بہ شامل ڪيو ويو آهي جنهن وسيلي سنڌي معاشري جي دماغي، سياسي ۽ سماجي طاقت جو پتو پئجي وڃي ٿو. انهيءَ طريقي سان هن نسل جي جسماني قوت ۽ اداري جي طاقت جي بہ معلومات ملي وڃي ٿي. هن معاشري جو وڏو تعداد هڪ عام ماڻهو پنهنجي قوم جيان زندگي گذاري

سگهندو ۽ سندن معاشرو به اهم سماجي حيثيت ماڻي سگهندو. پر اهو به معلوم ٿئي ٿو تہ هي ماڻهو پنهنجي ان معاشري کان ڇڄي ڌار ڪونہ ٿيندا جنهن هنن کي سماجي حيثيت ڏني آهي ۽ ٻي اهم معلومات فراهم ڪئي آهي. اهڙيءَ ريت هو ماضيءَ جي تجربن مان سبق سکي دنيا جي مستقبل لاءِ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

سنڌي سوسائٽيون ڇهن صدين کان وٺي هوريان هلنديون اڳتي وڌيون آيون آهن ۽ هاڻي وڏي اعتماد ۽ حوصلي سان گڏ هڪ نئين دور ۾ داخل ٿيون آهن، هنن هاڻي ادب ۽ فن فلاسافي ۽ مذهب ۾ پڻ اڳتي اسرڻ ۽ ترقي حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيون آهن. سنڌي معاشري اندر قديم، جديد انسان ۽ فطرت جي اڻتوٽ لاڳاپي جو هڪ اڻ مٽ ويساھ موجود آهي جيڪو هنن جي شاعري ۽ ڪائناتي علامتي فن جي شڪل ۾ امن امان ۽ اهنسا جي روپ ۾ بہ نظر اچي ٿو.

اهڙو تحرڪ هڪ ئي وقت اندروني ۽ بيروني طور بہ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اندر ۾ قديم دنيا ڦوھ ڪري ڦاٽي پئي هوندي آهي جيڪا ماضيءَ ۾ دفن ٿيل هوندي آهي ۽ ڪڏهن دفن ٿيل نہ بہ هوندي آهي، اهو تحرڪ اسرڻ ۽ اڳتي وڌڻ بہ شروع ڪندو آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌي سوسائٽيون اڃا مري ختم ٿي ڪونہ ويون آهن. ساڳيو تحرڪ ٻاهرئين پاسي کان بہ ڏسبو آهي جنهن کي واقعن ۽ معاملن سان ڀريل دنيا سڏيو ويندو آهي.

هڪ ڏينهن سنڌين جو نمايان ۽ اهم ڪردار دنيا جي قومن آڏو پليريءَ ٻاڪ وانگي نڪري نروار ٿيندو جنهن ۾ ٻن قسمن جون حقيقتون لڪل هونديون هڪ حقيقت اها هوندي تہ هنن جون زمينون پاڻي، گجگاھ ٻيلا، جهنگلي جيوت ۽ زندگيءَ جو سارو تاڃي پيٽو تباھ ٿي رهيو آهي پر هميشہ لاءِ تباھ ٿي رهيو آهي. جڏهن تہ ٻي حقيقت هيءَ آهي تہ هنن معاشرتي يا برادرين واري مڪاني زندگي، مڪاني جمهوريت، سندس اخلاقي قدر ۽ سوسائٽيون جيڪي انساني سونهن ۽ سوپيا ۽ ڏاهپ لاءِ ضروري هونديون آهن هڪ هڪ ٿي ايئن ناس ٿي رهيون آهن جيئن قدرتي وسيلا ناس ڪيا پيا وڃن. جڏهن قومن کي اهڙو شدت سان احساس ٿيندو ۽ اهي سنڌين جي سوسائٽين ڏانهن ڏاڍي تيز رفتاريءَ سان وڌڻ شروع ڪندا ان کان پوءِ اهي ڳجها راز افشان ڪرڻ شروع ڪري ڏينديون.


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

جيڪڏهن اتر ۾ ذڪرڪ آمريڪا جي قومن سنڌين جي ضرورتن ۾ انهن جي طاقت واسطي مهم ۾ تحقيق شروع ڪئي تہ بهتر ڪان بهتر ڳالهيون ظاهر ٿي پونديون. پر جيڪڏهن انهن قومن سنڌين جي اوسر ۾ ترقي واسطي پويان پير ڪيا تہ سنڌي سست رفتاري سان پير پيران ڪري بہ اڳتي ضرور وڌندا. سندن اهڙو وڌڻ فيصلا ڪن هوندو هن ڪان اڳ جيڪا سنڌ جي سوسائٽيز ۾ گسير ۾ سست رفتاري هوندي هئي سا هاڻي ختم ٿي چڪي آهي. هنن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ ڪين تباهہ ڪري ڪونہ ٿو سگهجي ۾ اهي هاڻي دنيا ڏانهن وڌي رهيا آهن.